# جامع سنڌي لغات

جلد ٻيو (ڀ - چ)

بسعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ

زير نگراني

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

مرتب

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**



**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄام شورو سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جامع

# سنڌي لغات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جامع
# سنڌي لغات

[ادبي توڙي عام مروج سنڌي ٻوليءَ جي]

جلد ٻيو (ٻ - چ)

بسعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ
زير نگراني
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مرتب
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو سنڌ
2007ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]


| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | سال 1981ع | تعداد چار هزار |
| ڇاپو ٻيو | سال 2007ع | تعداد هڪ هزار |

هي ڪتاب بورڊ طرفان تيار ڪيل اشاعتي رٿا موجب سنڌ حڪومت جي ساليانه ترقياتي پروگرام تحت خصوصي طور شايع ڪيو پيو وڃي. ڪتاب جي اشاعت لاءِ مالي وسيلا سنڌ حڪومت طرفان مالي سال 07-2006 جي بجيٽ مان فراهم ڪيا ويا.

قيمت: ٽي سؤ پنجاهه رپيا
[ Price Rs. 350-00 ]

خريداريءَ لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)

Email Address: sindhiab@yahoo.com

Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌيڪا اڪيڊمي ڇپيو ۽ اعجاز احمد منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڀ

ڀ: ث. سنڌي 'الف – ب' جو چوٿون اکر. 'ب' ۽ 'ھ' جو گڏيل اُچار. تلفظ "ڀي". ابجد موجب عدد 'ب' جي برابر (٢).

- **ڀا:** ذ. ["ڀاءُ" جو مخفف] ڀاءُ – اَدو "ڪيچ ڪي رات جو چاڙهي جت ويا پنهنجو ڀا" (گل). [ڀُها] جو خام اُچار] قيمت – مُلهه.
- **ڀاپ:** ث. اجائي گفتگو. بَڪ. ٻخي. گوڙ.
- **ڀاڀر:** ذ. ث. آڪڙ – تيکر.
- **ڀاڀرُ:** ذ. گاهه جو هڪ قسم (جنهن مان نوڙيون ٺهن).
- **ڀاڀرا، ڀاڀڙا:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو (جي رهٽي کهٽيءَ ۾ سادا پر پئسي وارا آهن. ۽ گهٽي دولت هوندي به پاڻ کين لَڪائين) "هڪ ڏِ جهلي مينهن، ٻيو ڏِ جهلي ڀاڀڙو" (پهاڪو). جين ڌرم وارن جو فرقو.
- **ڀاڪُر ج ڀاڪُرَ (ت):** ذ. وڏو سوراخ – ٻرگهل – ڀانياڙ.
- – **ڀاڪر ڦاٽڻ:** وڏو سوراخ ٿيڻ – ٻرگهَل لهڻ. پيٽ ڦاٽڻ. عيب ظاهر ٿيڻ – پردو لهڻ. اُگهاڙو ٿيڻ.
- **ڀاڀڙو ج ڀاڀڙا:** ذ. هندن جي "ڀاڀڙا" ذات جو هڪ فرد.
- **ڀاٻڻُ:** مصدر. بي فائدو ڳالهائڻ. واتڻ – بڪڻ (ڀاٻيو – ڀاٻيندو – ڀاٻيل).
- **ڀاٻي ج ڀاٻيُون:** ث. [سن ڀراتر وَڌُوُ ڀراتْري] ڀاءُ جي زال – ڀاڄائي. وڏي ڀاءُ جي زال.
- **ڀات ج ڀاتيُون:** ث. [هہ. ڀانْت] قسم – نمونو – جنس.
- **ڀاتِ ڀاتِ جا:** محاورو. قسمين قسمين – طرح طرح. ڀاتو ڀات.
- **ڀاتيرو ج ڀاتيرا:** ذ. صفت. ڀاتين وارو – نموني نموني جو – طرح طرح جو.
- **ڀاتو:** فعل. [ٻوليءَ جي آڳاٽي سِٽا موجب "ڀائڻ" مصدر جو ماضي] ڀانيو – سمجهيو – ڄاتو.
- **ڀاتي ج ڀاتي:** ذ. [سن.] ڀراتر – ڀاءُ. ڪٽنب جو ماڻهو – گهر جو ماڻهو "گهرجا ڀاتي". ڀتار – مڙس. ڀاڳي ڀائي – ساٿي.
- **ڀاٽُ ج ڀاٽَ:** ذ. [سن. ڀَنڊَ = مسخرو] ڀٽ فقير. ڀينو. ڀٽ قوم جو فرد جيڪو نسب ناما ياد رکي ۽ خاص خاندانن جي ساراهه ۾ شعر چوي.
- **ڀاٽڻُ (ت):** مصدر. [سن. وَنٽن = ورهائڻ؛ هہ. باٽنا] ونڊڻ – ورهائڻ. تاس راند ۾ پَتا ورهائڻ. ڀيهڻ. (ڀاٽيو – ڀاٽيندو – ڀاٽيل).
- **ڀاٽيا:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو. "وهاڻ نہ واڻڪو سهج نہ سونارڪو گپ چپ ڀاٽڪي".
- **ڀاٽيجو ڀاٽيو:** ذ. ڏسو "ڀائٽيو".
- **ڀاٺو ج ڀاٺا:** ذ. لهندڙ وير – آلٽَ ويو. اوٽ. گهٽتائي. ٻاٺو. ڀائٺو.
- **ڀاٺو ڀاٺينگ:** ذ. صفت. وڏن سگن وارو (هرڻ يا ڦاڙهو).
- **ڀاٺي ج ڀاٺيُون:** ث. [سن. ڀَسْترا. ڀَسْتري] ڌوڻي (لوهار جي).
- **ڀاڀڙا:** اسم خاص. ڀاڀڙا.
- **ڀاپڻُ:** مصدر. [هہ. ڀاپنا] تَڪَ تور ڪرڻ. اندازو لڳائڻ. پرکڻ – پروڙڻ. تاڙڻ. (ڀاپيو – ڀاپيندو – ڀاپيل).
- **ڀاڄَ:** ث. [هہ. ڀاجنا. ڀاگنا > ڀاڄ] ڀاڄوڪڙ زال – بدچال عورت – ڇنال "مون ڪي ڀانئي ڀاڄ، ڏير ڏوراهان هليا" (شاهہ).
- **ڀاڄ:** ث. [هہ. ڀاجنا. ڀاگنا > ڀاڄ] ڀڄڻ جي حالت – ڀاڄڙ. شڪست – هار. ڀڄَ – ڏِڪ لَڏ پلاڻ.
- – **ڀاڄَ کائڻ:** شڪست کائڻ – هارائي ڀڄڻ.
- **ڀاڄائي ج ڀاڄايُون:** ث. [سن. ڀراتْرجايا] ڀاءُ جي زال.
- **ڀاڄڙ:** ث. [هہ. ڀاجنا. ڀاگنا] ڀاڄ. ڀڄَ. لَڏ پلاڻ. ڏُڪ ڊوڙ.
- **ڀاڄڙُ ج ڀاڄڙَ:** ذ. صفت. [هہ. ڀاجنا. ڀاگنا] جلد ڀڄندڙ. ڀاڄوڪڙ. ڀڳلو.
- **ڀاڄو ج ڀاڄو:** صفت. ڀڄندڙ شيءِ – بي بقا وٽ "هيڪڙائي هٿ ڪر، ٻيون ڀاڄوءَ جيئن ڀڄ" (شاهہ ڪريم).
- **ڀاڄوڪڙ ج ڀاڄوڪڙَ:** ذ. صفت. ڀڄي ويندڙ. گوسڙو. رولاڪ (ث) ڀاڄوڪڙِ.

• **ڀاڳَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (جي سُومرن جا فقير آهن. سومرن جا فقير 'ڀاڳ' ۽ سمن جا فقير 'ڀان').

• **ڀاڳُ:** اسم خاص. بلوچستان ۾ هڪ شهر جو نالو – ڀاڳناڙي.

• **ڀاڳُ ۽ ڀاڳَ:** ذ. [سن. ڀاڳيَہ] بخت. نصيب – قسمت. طالع. تقدير. [سن. ڀاڳ] ڀاڱو – حصو – ڀتي. باب – فصل.

– **ڀاڳَ ڀائي ٿيڻ:** بخت ۾ شريڪ ٿيڻ. ساڳيو ڀاڳ لڳڻ.

– **ڀاڳَ (کي) ڀر ڏيڻ:** ڀاڳ تي ڀاڙي ويهڻ "مچڻ ڀاڳ ڀرِ ڏيڻ، ڪَتُ ڪنبندي آءُ" (شاهه: ڪاپائتي).

– **ڀاڳ ڀري:** اسم خاص. عورت جو نالو.

– **ڀاڳَ ڀريو ۽ ڀاڳَ ڀريا:** ذ. صفت. ڀاڳ وارو – سڀاڳو – بختاور. (ث) ڀاڳَ ڀري ج ڀاڳَ ڀريون.

– **ڀاڳ ڀريو هُئڻ:** بخت وارو هئڻ – خوشنصيب هئڻ.

– **ڀاڳَ ڀڄائڻ:** بخت جي مدد ٿيڻ – نصيب ورڻ.

– **ڀاڳ ڀليرو ٿيڻ:** بخت بهتر ٿيڻ.

– **ڀاڳَ ڀيٽَ ڪَرڻ:** بخت آزمائڻ. سرتوڙ ڪوشش ڪرڻ – مٿا مونا هڻڻ.

– **ڀاڳ ڀيلو ٿيڻ:** بخت جو زور ٽٽڻ. بد نصيب ٿيڻ. ڏتڙجي وڃڻ – ڪنگال ٿيڻ.

– **ڀاڳُ جاڳڻ:** بخت کلڻ – خوشنصيب ٿيڻ. سکيو ۽ آسودو ٿيڻ.

– **ڀاڳُ کُلڻ:** بخت جاڳڻ – نصيب زور ٿيڻ. مفلسيءَ مان شاهوڪار ٿيڻ.

– **ڀاڳ لڳڻ:** بخت کُلڻ – نصيب ورڻ. سکيو ۽ آسودو ٿيڻ.

– **ڀاڳوانُ:** ذ. صفت. بختاور – خوشنصيب.

– **ڀاڳ ورڻ:** بخت ورڻ – نصيب کلڻ.

– **ڀاڳونتُ:** صفت. ڀاڳوَند.

– **ڀاڳوَندُ ۽ ڀاڳوَندَ:** ذ. صفت. خوشنصيب – چڱي بخت وارو.

– **ڀاڳوَندِ ج ڀاڳوَنديون:** ث. چڱي بخت واري – خوشنصيب. (اسم خاص) عورت جو نالو.

– **ڀاڳي ۽ ڀاڳي:** ذ. صفت. ڀاڳ وارو – بختاور – ڀاڳوان "هٿا ٻانهڻ اصل ڀاڳي، اجهي آيا، اجهي آيا" (خاڪي). شاهوڪار – مالوند. (اسم خاص) عورت جو نالو.

– **ڀاڳيو ۽ ڀاڳيا:** ذ. صفت. جنهن وٽ گهڻو کير ڏيندڙ مال هجي. مالوند. کير ڏهڻ جو وڏو ٿانءُ – ساڙهو.

– **ڀاڳين:** ظرف. ڀاڳ يا بخت جي ڪري – بختين – نصيبين "ٺلاٺي جي ڀاڳين هيءُ ڪم ٿيو".

• **ڀاڳڏيهه:** اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڀاڳنا:** اسم خاص. تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڀاڳناڙي:** اسم خاص. اڳوڻي رياست "قلات" ۽ موجوده قلات ضلعي جي هڪ ڀاڱي جو نالو.

• **ڀاڳو ۽ ڀاڳا:** ذ. صفت. ڀڳل – ٽڪرا ٿيل "ڀاڳو ساجو نہ ٿئي، هڪ موتي ٻيو مَن" (سانوڻ).

• **ڀاڳوَت گيتا:** اسم خاص. [سن. ڀاڳوَت = پاڪ. مقدّس] هندن جي هڪ پوتر ڪتاب جو نالو.

• **ڀاڳو ديرو:** اسم خاص. تعلقي ڪنڌياري ۾ هڪ ديهه جو نالو (ڀاڳو ديرو نمبر ٻهريون ۽ ٻيو).

• **ڀاڳي، ڀاڳيا:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **ڀاڳيرٿي:** اسم خاص. گنگا نديءَ جي هڪ شاخ جو نالو.

• **ڀاڳيسري:** ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

• **ڀاڳيو ۽ ڀاڳيا:** ذ. صفت. [سن. ڀاڳيَوَت] ڀاڳ وارو – بختاور. آسُودو – وَنهيون. جنهن وٽ کير ڏيندڙ جانور هجن – مال وارو. کير ڏهڻ لاءِ ٺڪر جو ٿانءُ. ٺڪر جو ساڙهو.

– **ڀاڳيَن جا ڀاڻ:** ذ. مال وارن جي مال جا ماڳ "ڀاڳين جا ڀاڻ خالي نہ آهن" (چوٽي).

• **ڀاڳيُون:** ث. کير ڏيڻ واريون. ڀاڳ واريون "ڀاڳيون ڀاڻ تي ڀٽن واريون. ڀاڳ واريون "ڀاڳيون ڀاڻ تي ڀٽن سُرهيون" (گل).

• **ڀاڱو ج ڀاڱا:** ذ. [سن. ڀاڳ] حصو – ٻخرو – وانٽو "مون کي ٺائين، ڀيلو ڀاڳي آئيو" (شاهه). اُجورو – انعام (صبر جو). هر ڏيڻ وقت ٻن اوڙين جي وچ ۾ رهيل زمين (ت) – مانجهو.

– **ڀاڱائتو ج ڀاڱائتا:** ذ. صفت. ڀاڱي سان. ڀاڱي وار – حصي سارو. سراسري.

– **ڀاڱو ڇڏائڻ:** پنهنجو حصو يا ٻخرو وٺڻ. هر ڪاهيندي ٻن اوڙين جي وچ ۾ رهيل زمين وري کيڙڻ – مانجهو ڪيڻ.

– **ڀاڱي:** ظرف. ڀاڱي ۾ – حصي ۾. نصيب ۾ – ڀاڳ ۾.

– **ڀاڱي اچڻ:** نصيب ۾ اچڻ – قسمت موجب پلئہ پوڻ "مون کي ٺائين. ڀيلو ڀاڳي آئيو" (شاهه).

– **ڀاڱي ڀائي:** ذ. صفت. حصيدار – ڀتيار. ڀائيوار.

– **ڀاڱي ڀائي ٿيڻ:** حصيدار ٿيڻ – ڀائيوار ٿيڻ.

– **ڀاڱيرو ج ڀاڱيرا:** ذ. صفت. ڀائيوار – حصيدار. (ظرف) ڀتيءَ آهر – حصي سارو (اٽيور جي حسابن ۾). ڀائيواريءَ جو مال وندبيندڙ – ڀاڱا ورهائيندڙ. حصي يا ڀتيءَ طور ڏنل (چوپايو مال).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻيءَ جو آواز. دڙڪي جي هَڪل. ڏمڪي – ٻيڪ. تاب – تجلي – چمڪو.

– **ٻيڪي ڏيڻ چاڙهڻ:** دڙڪو ڏيڻ – تڙي چاڙهڻ.

• **ٻِيُوتُ ج ٻِيُوتَ:** ذ. صفت. (اُهو فقير) جنهن جي جسم کي خاڪ مليل هجي. مِٽي ۽ لَٽ سان ڀريل جسم.

• **ٻِيُوت، ٻِيُوتِي:** ث. [سن. وِڀُوت < وِ = طاقت + ڀُو = ٿيڻ] وڏي طاقت. مرتبو. فوق البشرقوت. ڳَئُونءَ جي ڇيڻي جي رَک (جا هندن جي عقيدي موجب شِوَ مهراج پنهنجي بدن کي سگهاري ڪرڻ لاءِ لائندو آهي، ۽ جا شِوَ جا پوڄاري ساڌو پنهنجي بدن کي مليندا آهن). ڇار – ڦلهيار. مڙهيءَ جي ڏوٽيءَ جي رَک. مٽي – رک "ڪالهه ڳڏيوسين ڪاپڙي، بابُو رنگ ٻِيُوت" (شاهه).

• **ٻِيُوتِجَڻُ:** فعل مجهول. مِٽيءَ يا رَک ۾ ملجڻ. ڪيريءَ يا مِٽيءَ ۾ ٻرجڻ. لَٽ ۾ ٻرَجڻ. ماتا جي داڻن جو هُٻائجي وڃڻ.

• **ٻِئِنِي ج ٻِئِنِيُونْ:** ث. ٺڪرجي گهُگهي – صُراحي – ٻَئِني (ل).

• **ٻِتِ:** ث. [سن. ڀَڪْتِ] ريت – طرح. ٻَر – هَلت – روش (١) "ڀينر يليءَ ٻِت، لِڱمر ٻاڻ ٻروڄ جو"؛ (٢) "ٻاروچو ٻِيءَ ٻِت، جيڪس ڏنو جيڏيين" (شاهه).

– **ٻِتو ٻِتِ، ٻِتون ٻِتَ:** ظرف. طرحين طرحين – قسمين قسمين "سُور ٻِـ ٻِتو ٻِت، هيءُ ڇُٽڪيو ڪينْ ٻيو" (شاهه).

– **ٻِتو ٻِتينْ، ٻِتونْ ٻِتينْ:** ظرف. نموني نموني – گهڻي ٻرينْ "جنينْ سندي ٻوڏ ۾، ٻِتو ٻِتين جيءُ" (شاهه).

– **ٻِتينْ:** ظرف. طرحين – قسمين "گهڻين ٻِتين گهوريان، سندڙي ٻاجهه ٻين" (شاهه).

• **ٻتُ ج ٻتَ:** ذ. [پرا. ٻَت؛ سن. ڀَڪْتَ = رڌل] اوٻاريل يا رڌل چانور. ڪاڄ ۾ آيل مهمانن لاءِ ماني. شاديءَ، ڪڇهريءَ يا ونگار جو ڪاڌو "ٻَتُ فقيرن ڪاڌو اسين سَمَهه وارا" (چوٽي). ٻت برادر.

– **ٻتَ ڀائِي:** ذ. صفت. برادريءَ وارو – شريڪ. راڄ وارو.

– **ٻتُ ٿيڻ:** ڳري ڀِسُ ٿيڻ – پاڻيءَ ۾ ٻُسي ٻَتڙو ٿيڻ.

– **ٻتَ جو سَڏُ:** ذ. شاديءَ جي دعوت.

– **ٻتَ رَڄُ:** ذ. ٻت تيار ڪرڻ جو ٿانْءُ. گهرجي ڪابه ضروري شيءِ.

– **ٻتُ ڪَرڻ:** خوشيءَ جي موقعي تي چانور تيار ڪرڻ. ڪاڄ ۾ ماني ڪرڻ. ٻُسائڻ – ٻِڃائڻ.

– **ٻتُ گهاتو ٿيڻ:** وڏيڪ فائدو پوڻ.

– **ٻتُ گهاتو ڪَرڻ:** بيواجبي نفعو حاصل ڪرڻ.

– **ٻتَ مانْ ڪَيڻ:** ٽالهيئون لاهڻ – برادريءَ يا نيات مان ڪيڻ.

– **ٻتَ ۾ ترارٻون هڻڻ:** اجايو ڪم ڪرڻ.

– **ٻتَ ۾ ڪَڻِرَ:** محاورو. رنڊڪ. رولو. ڪانْجاٺو.

– **ٻتَ ۾ ڪڻِرَ پوڻ:** ٺهيل ٺڪيل ڪم ۾ رولو يا رنڊڪ پوڻ. اجايو رڳڙو پوڻ. ڪَم ڪَرڻ.

– **ٻتَ ۾ ڪَڻِر وجهڻ:** ٺهيل ڪم ۾ رنڊڪ وجهڻ. ڪم ڪارڻ.

• **ٻِتِ (ڪ):** اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

• **ٻِتِ ج ٻِتِيُونْ:** ث. [سن. ڀِتِ] ديوار. عالم پناهه – شهر پناهه. بچاءُ – پناهه – ڪنڌي. ٽيڪ – آڌار – تڪيو – سهارو "ٻيو ڀروسو نه ٻِت، اڪيون اوهان جي آسري" (شاهه).

– **ٻِت ٻِڃڻ:** اندران يا پردي مان ڪڍي ٻاهر ڪرڻ. پرهيز مان ڪڍڻ. شرم لاهڻ "مون ڪي ڪينر ڪڍيو، ٻِڃي منجهان ٻِت" (شاهه). حد دخلي ڪرڻ.

– **ٻِتِ جو ٽِنڊڻُ:** محاورو. غريب سياءُ وارو. نرم طبع.

– **ٻِتِ جو ڇِتُ:** محاورو. ڏسڻ ۾ ٻيڪي وارو پر بلڪل نڪمو. صفا بيڪار – ڏسڻ جو ٺوهُ.

– **ٻِتِ جِي ٻُورِي:** محاورو. شڪل جي سهڻي. مهانڊي جي ڳوري.

– **ٻِتِ سان مُنْهَنْ لڳڻ:** شرمندو ٿيڻ – پشيمان ٿيڻ. ناڪامياب ٿيڻ. پڇتائڻ.

– **ٻِتِ ڪٽڻ:** ديوار جي اوساري ڪرڻ – دؤر ڏيڻ.

– **ٻِتين تان ٻت اُڇلائڻ:** (فقط ڏيکاءَ واسطي) اجايا خرچ ڪرڻ. اجائي سخاوت هلائڻ.

– **ٻِتين کي ٻَڪَ ٻائڻ:** هيڪلو ويهڻ. ڪوڙا ڏوهه ڏَرڻ. اَجائي گهُر ڪرڻ.

– **ٻِتين کي ڪَن هُئڻ:** ڇُغلن جي گهٽائي هئڻ. ڪابه ڳالهه ڳجهي رهي نه سگهڻ.

• **ٻتارُ ج ٻتارَ:** ذ. [سن. ڀَرْ تِرْ، ڀَرْتا = پالينڌڙ، سنڀالينڌڙ، رکپال؛ پرا. ڀَتارو] پالڻهار. بچائينڌڙ. خدا تعاليٰ "جهاز جوهرين جو، تنهن کي ٻوُ نه ڏي ٻَتار" (شاهه). ٻَتي – خاوند – مڙس. گهر ڌڻي – وَرُ "ٻِري ويو ٻَتار، تي آئُي ڏِنْءُ ڏهاڳ جو" (شاهه). ٻوتار – سردار (ت).

• **ٻتاڙِي ج ٻتاڙِيُونْ:** ث. گيهه يا تيل وجهڻ لاءِ چم جي دَٻِي – ڇِيبَ – ڪوڙي.

• **ٻتَسَ ٻتَلَ:** ٺ. ٻُوٽي جو هڪ قسم (جو سيلابي يا آلي زمين تي اُپري ۽ اُن مان اڇو ۽ ڳاڙهو ڪير نڪري، منجهس سُهڻا گلڙا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿين) "جيئن ٿا ٻِتَر ڪَل ٻنَن، تئن آهن سهڻا ڳِل سڄڻين" (مَلار).

• **ٻِتَرُ ج ٻِتَرَ:** ذ. [سن. ٻِدو = ٻَڇڻ، ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ] سُڪل مِٽيءَ جي ٻنوڙي جو ٽڪر – ڍَنڍُ. ڍيرو. ڦوڙ – ڪڙو. وَٽڙو "ٻِتر ٻِتر ڇاڙيُون، سيئي ٿا سهن".

– **ٻِتَر ٻائِي:** ذ. اُهو ماڻهو جو مرڻي وقت فوتيءَ جي جنازي دفنائڻ ۾ شريڪ ٿئي. غميءَ ۾ همدردي ڪندڙ.

– **ٻِتَر ٻِتَر سان ٺِڪَر ٺِڪَر سان هڻڻ:** ڪاوڙ ۾ اچي گهر جا ٿانوَ ۽ سامان ڀڃي زيان ڪرڻ. ٿوريءَ ڳالهه تان گهڻي ڪاوڙ ڇنڊڻ. ننڍي وڏي سان جهيڙو ڪرڻ.

– **ٻِتَر ٻورَڻ:** لائي ڇائي ڪرڻ. چغلي هڻڻ. ٻه ويڙهائڻ. فساد وڌائڻ.

– **ٻِتَر ڪَهَڙي اُجلڻ:** پنهنجي فائدي جي ڳالهه ڪرڻ.

– **ٻِترين لِکڻ:** جهجها سهانگا ٿيڻ – سستا ٿيڻ. سڙيل – ڳريل.

• **ٻِتَلُ:** ث. ڏسو "ٻِتَـرَ".

• **ٻِتو ج ٻِتا:** ذ. [ف. بَسْتَه = بِدَل (خرچ)] گشت ڪندڙ ڪامورن جي گشت جو خرچ. مسافريءَ جو خرچ. مسافريءَ ۾ ڪاڏي جو خرچ ۽ عوض – راهه خرچ. هاريءَ کي ٻنيءَ تي موڪليل ماني (ٿ). ڪاڏي جو مقرر انداز (قيديءَ لاءِ). ڪَلَف – پيڻ (جو ڌوٻي ڪپڙن کي ڏيندا آهن) – ڪانجهِي.

– **ٻِتو ٻاڙو ج ٻِتا ٻاڙا:** ذ. مسافريءَ ۾ ڀاڙي جو خرچ.

– **ٻِتو ڪارائڻ:** سزا ڏيارڻ (جيل جي). جيل موڪلڻ.

• **ٻِتو:** فعل. [مصدر "ٻِڇڻ" مان ماضي] ڀهتو – ڀُڳو. ڪُتو. ٺهڪيو. ٻيڪڙجي قابو ٿيو (هڪ ٻُڙ ٻئي ٻڙ سان، طاق ٻئي طاق سان). تنگ ڪري نقصان وڌو (هڪ ماڻهوءَ ٻئي کي).

• **ٻِتو (ڪ):** اسم مفعول. ورتو – جهليو – ڦاٿو (بيماريءَ ۾، جنّ جي حساب ۾، يا ڪنهن تڪليف ۾). ٻئي جي بيماريءَ مان ورتل.

• **ٻُتو ج ٻُتا:** ذ صفت. جهُونو – ڪُهنو. ڳريل – سڙيل. ڪاڄي ويل ڪاٺ (جو سَٽ نه جهلي سگهي) "سندو ڪاٺ ڪَهُو ٻُتوئي ٻَرُ سَهي" (شاهه ڪريم). بي طاقت – هيڻو – ڪمزور – ضعيف پوڙهو (ڪ). (ٿ) ٻُتِي ج ٻُتيون "مون ٿي ڄيئي ڪانڌ، ٻُتي ٻاڙمَ مڪڙي" (شاهه).

– **ٻُتو ٻاڻ:** ذ. سڙيل ٻاڻُ (اهو ٻاڻ جو گهڻي وقت گذرڻ سببان زمين ۾ ڳري ڪارو ٿي وڃي). ڳري ويل. ٻنهه جهُونو. بيڪار.

– **ٻُتيءَ ٻر تي هُڻڻ:** مرڻ ڪنڌيءَ تي هئڻ – موت کي ويجهو هئڻ.

• **ٻِتو ج ٻِتا:** ذ. [سن. ٻِوَنْتيَه = ٻوانٽي] نشيدار شين جي وڪري جو دڪان – ڪُتو.

– **ٻِتيوال:** ذ. صفت. ڪُتيوال.

• **ٻِتيُون:** ث. [ٻِتِ ج ٻِتيُون] قبر جون ديواريون يا پاسا "ڄمِر وساريين وسرا، ٻِتين جي ٻُلڪار" (شاهه).

– **ٻِتيون ٻيڙَ:** محاورو. قبر جو عذاب. قبر ايڙ. ٻِتن ٻيڙ. ٻَهڄج ٻيرَ ٻَلَڪ ۾" (مدح سرفراز).

• **ٻِٽَ:** اسم خاص. سنڌ جي مسلمانن جي هڪ بيڪاري ذات جو نالو (جي شادي ۽ خوشيءَ جي موقعن تي ڏاڻ وٺن؛ ڪي شجرا ٻه ياد رکن ۽ پڻ ڳائين وڄائين). هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **ٻِٽُ ج ٻِٽَ:** ذ. [سن. سردار] وڏي پڙهيل برهمڻ يا پنڊت جو لقب "ٻَٽ آچاريَه" (= سيني ڪان وڌيڪ پڙهيل، وڏي ۾ وڏو عالم). [سن. ٻَٽْ = ڳالهائڻ] 'ٻَٽ' قوم جو فرد (جو ڳائي وڄائي ۽ ڪيرتُون ڪري). مداح. ڳائڻو. اُهو ماڻهو جنهن کان شاديءَ مراديءَ جي اشتهار جو ڪم ورتو وڃي. ڄاڻ ڪندڙ. هوڪو ڏيندڙ – مشهوري ڪندڙ "ٻَٽ ٻر نه ڀڄجي، ٻَٽ جي ٻَٽائِيءَ ٻَر ڀڄجي" (چوٽي). (ٿ) ٻَٽِڻِي ج ٻَٽڻيُون.

– **ٻَٽائِي ٻَٽَائِي:** ث. ٻَٽڪو ڪم – ٻٽ جو ڌنڌو (پيڙهيون پٽڻ). اڳين جا آنڊا گُونڊا ڪڍي بدنام ڪرڻ.

– **ٻَٽ تي لِکڻ:** ڪم ڪڍڻ لاءِ ڪنهن جي ٻويان ٻَنڊي ٻڌڻ. مَچَڏُو تي لکڻ – ڇچڙ تي چنبڙڻ.

• **ٻِٽَ:** اسم خاص. تعلقي مٽياري ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو – ٻِٽ شاهه (جتي سدا حيات شاعر 'شاهه عبداللطيف رحه' جو مقبرو آهي) "ٻِرَي ٻِٽَ تي آئيو سارنگ سهج مجهان" (شاهه). منهوڙي جي ويجهو هڪ ٻيٽ جو نالو.

• **ٻِٽَ ج ٻِٽُون:** ث. واريءَ جو وڏو دڙو (جو ٽَڪريءَ وانگر ڏيکارجي). ڍِٻه.

– **ٻِٽَ تي ٻُوڙو:** محاورو. مرڻ کي ويجهو (واريءَ جي ٻِٽَ تي ٻُوڙو سانوڻ بعد جلد ئي سُڪي ٻُري ويندو).

– **ٻِٽلو (ٿ):** ذ. صفت. ٻِٽن وارو. وارياسو – ريگستاني – صحرائي.

– **ٻِٽيينْ ٻاڳُ:** محاورو. (ٻِٽُن جو ٻاڳ آهي مِينهن سان، جو ڪڏهن پوي ڪڏهن نه پوي) قسمت جو ڪم. ڪٿي ڪٿي. ڪڏهن ڪڏهن.

• **ٻُٽُ:** ذ. بُٽ. ويرانو – بريٽ. اَنّ جو بوسو – ٿُهي. (صفت) ڦِٽل – ڊٺل – ويران.

• **ٻِٽا:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **پٽا پري ڳنڍ:** ذ. ڳنڍ جو هڪ قسم (جو ڳنڍيا ڳنڍيا ٿئي)_ روڙي ڳنڍ.
• **پٽارَ:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.
• **پٽارو ۽ پٽارا:** ذ. صفت. [سن. پٽارَ. پٽّارَڪ = مانوارو عزتمند، اطاعت جوڳو] ٿلهو متارو (ڳهرو چوپايو جانور). سياڳو – سدورو (ڳهرو جانور). اُٺ، ڍاند وغيره چوپائي ڳهرو جانور لاءِ پيار جو لفظ .پٽاري پاٿو، مرندي سينءِ نہ مٽيو. (شاھ). پلو. پلارو – برڪت وارو. موچارو. سادو – ابوجهہ. (ٿ) پٽاري ۽ پٽارين "مينهون پٽارين"، "پجنديون پٽاريون، وري وٺاڻ آئيون" (شاھ).
• **پٽارو:** ز. پٽڻ وارو هنڌ يا زمين جو ٽڪر. (اسم خاص) بدين، ڏيپلي، ميرپور خاص ۾ ساماري تعلقن ۾ ديهہ جو نالو. ڏگهڙي تعلقي ۾ پراڻ ڪان اوير ۾ پٽڻ واري ايراضيءَ ۾ ديهہ جو نالو "ٻرسي پٽاري، پريا پَٽَ پراڻ جا". تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.
• **پٽارَ ۽ پٽارُون (ٿ):** ٿ. ڪاٺ جو مُترڪو (ٻير جي چوڏي ڪُٽڻ لاءِ).
• **پَٽَ اوڍِڻُ:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **پٽائو:** ذ. سامان سڙو – مال اسباب. آنالو. مُوڙي – راس.
• **پٽائي:** ذ. صفت. پٽ وارو. 'پٽ شاھ' جو رهندڙ "پٽائي پير". (اسم خاص) سنڌ جي سدا حيات شاعر 'شاھ عبداللطيف رحہ' جو عام مشهور لقب "پٽائي گهوٽ".
• **پَٽَ ٻائٽي:** اسم خاص. تعلقي ڪيري ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهہ جو نالو.
• **پَٽَ پَٽَ:** ٿ. [سن. پٽ = ڳالهائڻ] چپن ۾ آهستي ڳالهاءِ – پِڻ پِڻ. اڻ چنو ڳالهاءِ.
– **پَٽَ پَٽَ ڪرڻ:** آهستي چپن ۾ ڳالهائڻ – پڻ پڻ ڪرڻ.
• **پَٽَ ٽَرَو ۽ پَٽَ ٽَرَ (ٿ):** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم. چِپ.
• **پٽجڻُ:** فعل مجهول. ڇُپي پوڻ. پليد ٿيڻ. حيض يا ماهواري اچڻ. (پٽيو – پٽبو – پٽيل).
• **پَٽَ ڏَنو:** اسم خاص. تعلقي شهداد پور ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **پٽرَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو
• **پَٽَ شاھُ:** اسم خاص. [شاھ عبداللطيف جي پٽَ > پٽ شاھ] شاھ عبداللطيف رح جي سڪونت ۽ مرقد جو ماڳ. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **پٽڪائڻُ، پٽِڪائڻُ:** مصدر. ['پٽڻ' وانگر پڙهي، پيغام وغيره لاءِ ڦيرائڻ] رُلائڻ – دربدر ڪرڻ. گمراهہ ڪرڻ. پٽائڻ.
• **پٽڪائڻُ:** مصدر. "پٽڪڻ" مان متعدي بالواسطہ. جوائڻ. گهوٽيتن پاران ڪنواريتن کان سڳ وٺي ڏيڻ جي چٺو جواءِ ڪرائڻ.
• **پٽڪڻُ، پِٽڪڻُ:** مصدر. اجايو گهمڻ – رُلڻ. دربدر ٿيڻ. ڌڪا کائڻ. پٽڻ. ٿلڪڻ. (پٽڪيو – پٽڪندو – پٽڪيل).
– **پِٽڪِڻي:** ٿ. صفت. مائٽيون ڪرائيندڙ عورت – دلالڻ – وچ واري.
• **پٽڪڻُ:** مصدر. [سن. پَٽ = ڳالهائڻ] چپن ۾ ڳالهائڻ – پٽ پٽ ڪرڻ – پڻ پڻ ڪرڻ. (پٽڪيو – پٽڪندو – پٽڪيل).
– **پٽڪو ۽ پٽڪا:** ذ. آهستي ڳالهاءِ – سُريات – پٽڪو.
• **پٽنڙا، پٽونڙا:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (ٺٽي ننگر ۾).
• **پٽڻُ:** مصدر. ناپاڪ ٿيڻ – ڇُپجڻ.
• **پٽو ۽ پٽا:** ذ. [هہ] مڪائيءَ جو سنگ – سِٽو. (اسم خاص) 'پٽا' قوم جو فرد. آرائيڻ – مالهي.
• **پٽو ۽ پٽُو:** ذ. صفت. بيوقوف – پوڪ. هٽ ڦاڙ – خرچائو.
– **پٽڪا ڪم ڪرڻ:** اجايا ڪم ڪرڻ. اُبتا ڪم ڪرڻ. نقصان جهڙا ڪم ڪرڻ.
• **پٽور:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **پٽُوڻ ۽ پٽُوڻُ:** ذ. [سن. وَرِ شُجڪَ = وڄون] زهري جيت جو هڪ قسم – وڄون – ڪُنجارو (ڪ). پکيءَ جو هڪ قسم (تتر کان ننڍو تتر وانگر چِتا ٿينس. فقط واريءَ ۾ رهي).
– **پٽونڙو ۽ پٽونڙا:** ذ. ننڍو وڄون. (ٿ) پٽونڙي ۽ پٽونڙيون.
• **پٽوٽو ۽ پٽوٽا (ٿ):** ذ. پٽوڻ.
• **پٽُوڻ وَلِ (ل):** ٿ. ٻوٽي جو هڪ قسم (نازبو جهڙو).
• **پٽي:** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. ٽنڊي الهيار، شهداد ڪوٽ ۾ سجاول تعلقن ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **پِٽي ۽ پِٽيون:** ٿ. صفت. [مصدر. پِٽڻ > پِٽي] ناپاڪ – پليد (حيض يا حمل سبب).
• **پٽياڻي:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو. "پٽي" مان اسم مونث. تعلقي ڪيري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **پٽيو (ڪ):** ذ. پٽيءَ تي پڌل ٻار (جو چادر ۾ وجهي اُن جو هڪ ڇيڙو ڪلهي تان ۽ ٻيو ڇيڙو پٺن کان ورائي ڇاتيءَ وٽ ڳنڍ ڏيئي ڇڏجي.
• **پٽُ ۽ پٽَ:** ذ. [سن. پِراشتَر] ٻٽ. وڏوچلهو. ڪورو. ٿنورو.
• **پٽي ۽ پٽيون:** پٽي – ڪورو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **پِرَنْدَ:** اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **پِرْنگُ:** ذ. [سن. پْرنگ] پونر – ڪنول گل تي عاشق جيت.
- **پِرَنْگِي:** ث. [سن. پْرَنگي] هڪ قسم جو جيت – ڏکڻهاري – گهريتڙي "جيئن پرنگيءَ ڪيت ڪي جوڙي پرنگ ڪيو" (سامي).
- **پَرَڻُ، پرڻ:** مصدر. [سن. پْرِ = پرڻ] پُر ڪرڻ (پيٽ، ڪَڏ، وغيره). تار ڪرڻ – چڪار ڪرڻ – ڪناتار ڪرڻ (پاڻيءَ وغيره سان ڪو تانءُ). مَٿڻُ – لٿڙڻ (ڪپڙا جسم وغيره آلو ڪرڻ) ماپڻ (انَّ وغيره). وات ۾ وجهڻ (گِرانْهه). پورائي ڪرڻ (نقصان جي). ريشم يا سُٽ جي گلڪاري ڪرڻ (ڪپڙي وغيره تي). پيارڻ (پئسا). ڪٽڻ (پير. قدم) "پر تئون پير پري، ملهايو مسڪين ڪي" (شاهه). پيٽڻ (تڪيا). لکي ڏيڻ (دَستاويز يا هنديءَ جي پُٽ). ڪارتوس وجهڻ (بندوق ۾). تماڪ وجهڻ (توبيءَ ۾). برغلائڻ. ڏيڻ (ڍِل). پڙڪائڻ – خلاف ڪرڻ. ڪنهن جي خلاف ڪنن تي ڳالهيون وجهڻ "ڪَنْ پرڻ". (پريو – پريندو – پريل).
- – **پَرْتِي ج پرتيُون:** ث. پَرڻ جي حالت – پَراٽي. پيٽو (تاجيءَ جو).
- – **پرئي پيٽ هُجڻ:** عورت کي اٺون يا نائون مهينو پيٽ هجڻ.
- – **پرئي کي پرڻ:** ڍاول کي وڏيڪ ڍَئِڻُ.
- – **پريءَ هيرِ ۾ پتَرِ اُجلڻ:** شيءِ واري ڪان شيءِ جي گهُرَ ڪرڻ. ساماٺل ڏيءَ جو سڱ گهُرڻ.
- – **پريا مهينا هُجڻ:** عورت جو وير ڪي ويجهو هئڻ. سنئين مهيني هئڻ.
- – **پريءَ بير هيلان بُکَ مرڻ:** هوندي سوندي بُک مرڻ.
- – **پري پالا هٽڻ:** تَڪي تِيرَ هٽڻ. پري ڪان نفرت ڪرڻ. نفرت سان نهارڻ. بُرو يا بيڪار ڄاڻِي ترڪ ڪرڻ.
- – **پري ڏيڻ:** پَر ڪري ڏيڻ. پورائي ڪرڻ – تلافي ڪرڻ – عوض ادا ڪرڻ.
- – **پري وڃائڻ:** ڍُهل يا ٻئي ڪنهن ساز کي پوريءَ طرح وڄائڻ.
- **پِرَڻُ:** مصدر. [سن. پْرِمْ = ڦرڻ] ڦِرڻ – ڦيرو ڪرڻ. موٽڻ. ورڻ. واپس اچڻ. ٻيهر اچڻ – ڦيرو ڪرڻ "آهيان گهٽو اَچاڻ، پِرُ پليرا سپرين" (شاهه). راضي ٿيڻ. پرچڻ. خوش ٿيڻ "سُک تي ستيون ڪين سي، پِري ساڻ پتار" (شاهه).
- **پُرَڻُ:** مصدر. [سن. پِدُرَ = پُرڻ] سَنها ذرا ذرا ٿيڻ – اٽو ٿيڻ. ٽِڙڪي تڪرا ٿيڻ – پُڪا ٿيڻ. ڏري پوڻ. خرچ ڪرڻ. (پُريو – پُرندو – پُريل).
- – **پُرٽو ج پُرٽا:** ذ. صفت. پڃي ذرا ذرا ٿيندڙ – پُورُو – پُرندڙ. ٽاڪئُون. (ث) پُرٽِي ج پُرٽيُون.
- **پَرْٽو ج پَرْٽا:** ذ. ڪورڪي ڪم جو هڪ اوزار – ڏاڳي ويڙهڻ لاءِ ڪاٺيءَ جي پوري نَلي – نڙو پرت جو ڪم. ڪُنِ مٿان رک سان پريل چمڙي ۾ پاڻيءَ وجهڻ جو ڪم. اڏوڙ کي پاڻيءَ سان پرڻ وارو عمل (ت). جنَّ واري ماڻهوءَ جو آستان (عام وهم موجب اها جاءِ جتي جنَّ ورتل ماڻهو ويهي اڳڪٽيون ڪري). آسيب زده ماڻهوءَ تي پڙهيل ڦيٿو – جاڳر.
- – **پرٽو پرائڻ:** ڦٽيءَ جي گهرن ۾ رِتَ موجب تندون داخل ڪرڻ.
- – **پرٽو وجهائڻ:** جن واري ماڻهوءَ تي سرود يا جاڳر ڪرائڻ. ٽوٽو وجهائڻ. قسمت معلوم ڪرڻ.
- – **پرٽو وِجهَڻ:** (موچين جي اصطلاح ۾) ڪونر وارو پاڻي اڏوڙ ۾ وجهڻ. جنَّ پيل ماڻهوءَ تي جاڳر وجهائڻ.
- **پِرْٽو ج پِرْٽا:** ذ. هَني جو مُنيو – بوُنبو – پِرْڪڻ. اُٺ جي پاڪڙي جي، چوٽي. هني جي وچ وارو چمڙي جو ٽڪر – ڪوچُ (ٽ). نَٽ جي وڏي ڦُلي (ڪ).
- **پُرْٽو:** ذ. پاڻيءَ جي سنهڙن پنن واري گاهه جو هڪ قسم (جو مڇي کائيندي آهي).
- **پَرْتِي ج پَرتيُون:** ث. پرڻ جي حالت. پَرڻ جو هنر – پرت. بدلو – عوض "جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽي".
- **پِرْتِي ج پِرْتيُون:** ث. پَوٽي – ڦِرٽي – چرخي – چڪري.
- **پِرو ج پِرا:** ذ. آسرو – پروسو – وسيلو. پَروٽو – ٿهو – ڍِڳ – ستو. مٽيءَ جو پراءُ. مٿاهين. (ظرف) مرڪب لفظن ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ. جو حرف ظرف سان ڳنڍ جي ويجهڙائيءَ جي معنيٰ ڏيکاري "اڳيرو هيٺ پرو پريرو وغيره".
- **پُرو:** صفت. پريندڙ. صفاتي پڇاڙيءَ طور ڪم ايندڙ "پيٽ پَـرُو پاڻ پَـرْو ڏن پُرو وغيره".
- **پِروٽو ج پِروٽا:** ذ. ٿوري وڏي پَري (ڪاٺين وغيره جي، جا مٿي تي کڻجي).
- – **پِروٽِي ج پِروٽيُون:** ث. ننڍي پَري – پَروٽڙي.
- **پِروٽو ج پِروٽا:** ذ. پِرْونءَ وارو هڏو (اک جي مٿان). ٿُلهو پِرُون.
- **پِرورو:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **پِرْوَسو:** ذ. [سن. پَدْ راشا < پِدْرَ = چڱي + آشا = اميد] اعتبار. آسرو – آسانگو. ڏِڍ – سانگو. پَتِ _ ساک – يقين. ايمان – اعتقاد.
- – **پِرْوسو رکڻ:** آسرو رکڻ. اميد رکڻ. اعتبار رکڻ.
- – **پِرْوسو ڪرڻ:** اعتبار ڪرڻ. اميد رکڻ.
- **پِرُونْ ج پِرُونْ:** ذ. [سن. پْرو: ف. اَبْرُو] اک جي مٿان ڪمان وانگر وارَ – پِر ڪُنِي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **پڙپانگ:** صفت. برباد – پرپاند. رڻ – غيرآباد. ويران – بيابان. سُڃو.
– **پڙپانگ ٿيڻ:** برباد ٿيڻ – سڃ ٿيڻ. ويران ٿيڻ.
• **پڙچ (ک):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **پڙخميز:** اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **پڙڪ:** ث. باهه جي پڙپڙ – پڙڪو. تابش – جوش پيڪو. تجمّل. چالاڪي – ڦڙتي. پيڪ. روشني – چمڪو. ڪاوڙ – غصو. ٺورو تپ – ڪٽُس.
– **پڙڪ ڪرڻ:** باهه جو زور سان ٻرڻ – پڙڪڻ "پنيءَ پڙڪ ڪن، باهيون بيراڳين جون" (شاهه: رامڪلي).
• **پڙڪ:** ث. تڙي – چڙپ. ڏمڪي. هڪل.
• **پڙڪاٽُ ج پڙڪاٽَ:** ذ. پڙڪو – پڙڪاءُ (باهه جو).
• **پڙڪاءُ:** ذ. پڙڪو (باهه جو).
• **پڙڪائڻ:** مصدر. هوا سان باهه کي تيز ڪرڻ. مچ مچائڻ. اُپارڻ. جوش ڏيارڻ. ڪاوڙائڻ. همٿائڻ. پکيءَ کي پڙڪي ڏياري اُڏارڻ. (پڙڪايو – پڙڪائيندو – پڙڪايل).
• **پڙڪائڻ:** مصدر. ڏمڪي چاڙهڻ. ڏمڪائڻ. دبائڻ.
• **پڙڪڻ:** ث. ڏکڻ اولهه جو واءُ – پَرڪڻ.
• **پڙڪڻ، پڙڪڻي:** ث. لغڙ جو هڪ قسم (ک).
• **پڙڪڻُ:** مصدر. باهه جو پڙڪا ڪري ٻرڻ. باهه جون جيبون ڪڍڻ. جوش ۾ اچڻ – چڙڻ – ڪاوڙجڻ. چمڪو يا روشني ڪڍڻ. پيڪو ڪرڻ. اوچتو اُڏامڻ. (پڙڪيو – پڙڪندو – پڙڪيل).
• **پڙڪڻُ:** مصدر. دڙڪو ڏيڻ. ڏيجارڻ – هيسائڻ.
– **پڙڪي وڃڻ:** ڏجي وڃڻ – هيسجي وڃڻ – ڳالهه تان ڦري وڃڻ.
• **پڙڪو ج پڙڪا:** ذ. باهه جو پيڙ – پڙڪاٽُ. باهه جي پڙڪڻ جو آواز. جوش – ڪاوڙ. تاهُ – چرڪ.
– **پڙڪو ڏيڻ. ڪائڻ:** پکيءَ جو کنين جي پرڪي سان اُڏامڻ. جانور جو چرڪ پرڻ – تاهه ڪائڻ. مرد جو جوش ۾ پيڪي سان گفتگو ڪرڻ. باهه جو پيڙ ڪري ٻرڻ.
• **پڙڪي ج پڙڪيون:** ث. [ديسي. پڙڪَ] پيڪي (باهه جي). چمڪاٽ – روشني. پرتاب – جلوو – رونق. ڇيپي. چرڪُ – تاهُ. خنکي – هشناڪي.
– **پڙڪي ڏيارڻ:** جاهُ ڏيارڻ (کنهن کر تي). هُشي ڏيڻ. همٿائڻ.
• **پڙڪي ج پڙڪيون:** ث. ڏمڪي – چڙپ چينب. ڏسو "پڙڪ".
• **پڙڳ ج پڙڳَ:** ذ باهه جو پيڙُ – پنيٽُ – ذڳڙ "موتي مَچ مجازجا، تا پنيءَ پڙڳَ ڪن" (مرزو نوحاڻي). باهه جو چمڪو. اُلي جو سهائو. جيپي.
• **پڙڳُ:** صفت. پڙ – هوشيار. پهلوان – طاقتور – مضبوط.
• **پڙڳ (ل):** صفت. سڪل (ڪائيون).
• **پڙڳائڻُ (ل):** مصدر. پڙڪائڻ.
• **پڙڳو:** ذ. باهه جو پڙڪو.
• **پڙڳي:** ث. پيڪي. پڙڪي. هُشي.
• **پڙنگُ:** صفت. [صفت. [هه] بيوقوف – سادو.
• **پڙنگُ:** صفت. پينگ وارو – سُڄو "ٿيو ڀاڳ پڙنگ".
• **پڙڻُ:** مصدر. پچڻ. مڙڻ. پيڙو ٿيڻ – ڳنڍجڻ – ملڻ "سي وڏي ڀاڳ پڙن، جي کهيا ڪارونبار ڏي" (شاهه: سامونڊي). (جانورن ۽ جيتن جو پاڙ ۾) ڳنڍجڻ – لڳجڻ. پيٽ تي پوڻ. پڄڻ – ٺهڪي ٺهڪي اچڻ. رلمل ٿيڻ – همخيال ٿيڻ. (پڙيو – پڙندو – پڙيل).
• **پڙو:** اسم خاص. سنجهوري، ميرپور خاص، نوشهري ۽ روهڙي تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **پڙو ج پڙا:** ذ. وڏو دڙو. پراڻي ڦٽل شهر. ڦٽل قلعي، قديم قبرستان يا ڊٺل جاءِ جو دڙو "اڄ محل ماڙيون مڙيئي، پانيان پڙا پاڻ" (جانعلي لغاري). ڳنڍ (کپهه ۾ يا سُٽ جي تند ۾) "آگڙي آءِ، مون ڪان پڙا پڳا نه ٿيا" (شاهه).
– **پڙا پجڻ:** سُٽ ۾ رهجي ويل ڳنڍيون ڳوڙها ڪڍڻ.
• **پڙوي پڙئو ج پڙوا:** ذ. [سن. پَٽ = پاڙڻ: هه. پڙوا] بد پيشي عورتن جي ڪمائي تي گذر ڪندڙ – پڙوت ڪندڙ – پاڙيو – ڪُٽڻ – دلو – ڏوتو. ڪڄريءَ جي ڪمائيءَ تي گذاريندڙ. بيغيرت. ڪم همت. (ث) پڙوي، پڙئي.
– **پڙوائي:** ث. پڙوت.
– **پڙوت ج پڙوتون:** پڙوي جو پيشو. ڪسب جي ڪمائي. ڪٽڻپو – دلالي – پاڙ.
• **پڙي:** اسم خاص. ميرپور خاص ۽ ساماري تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **پڙي ج پڙيون:** ث. ننڍڙو پڙو. دڙو. ڏاڳي ۾ رهيل کپهه جي ڳنڍ "لينجهه پڙي ڪڍ چني چاڻي". يڪجاءِ ميڙ – جمعيت – گروه بندي.
– **پڙيارو:** ذ. صفت. ڳنڍ ڳوڙهي وارو. دڙن دڪين وارو.
– **پڙي ٻڌڻ:** اتفاق ڪرڻ. ٻڌي ڪرڻ. هڪٻئي جي مدد ڪرڻ. ڪوشش ڪرڻ. همت ڪرڻ.
• **پڙيتي:** صفت. پاڙو ڏيندڙ – مسواڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(حساب ڪتاب). (واپارين جي اصطلاح ۾) پيل مال ٻڌي اڳهه تي ٻيءَ ڌر کي وڪڻي ڏيڻ. (ڀلايو — ڀلائيندو — ڀلايل).

• **ڀلائڻ:** مصدر. ڀُل ڪرائڻ — غلطي ڪرائڻ — منجهائڻ. ويساهڻ. ڀنيلائڻ — ٺڳڻ — ڍوهڻ. گمراهه ڪرڻ. ڇڏي ڏيڻ. وسارڻ. خيال ڦيرائڻ. (ڀلايو — ڀلائيندو — ڀلايل).

— **ڀلائيتو:** ذ. صفت. ڀُل وارو. غلط نموني ۾.

• **ڀلاٽو:** ذ. ڪنهن کي ٻڪيءَ وغيره کي ڦاسائڻ لاءِ ڏنل ڪاڏو — چُوڻ. پيتي. چڙهو — ڏَنو. لالچ — لَبُ.

• **ڀلائي ج ڀلايون. ڀلائيون:** ث. بهتري — چڱائي. مهرباني. نيڪي "ڀلائيءَ جا پيرَ پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي" (شاهه). احسان — ٿورو. وڙُ — لائق.

— **ڀلائي ڪرڻ:** مهرباني ڪرڻ. احسان ڪرڻ — ٿورو ڪرڻ.

• **ڀلّ ٻُجي:** ث. (رڇَ جي ٻُچ جهڙي) ٻوٽيءَ جو هڪ قسم.

• **ڀلجڻ:** مصدر. چُڪَ ڪرڻ — غلطي ڪرڻ. منجهڻ. گمراهه ٿيڻ. ڀنيلجڻ. ٺڳجڻ — ويساهجڻ. وِسرڻ. ويسر پوڻ. [ڀلو > ڀلڙُ] تمام ڀلو. ڀلهڙُ.

• **ڀلِڙو ج ڀلِڙا:** ذ. صفت. [ڀيلو (=ڦِڪل رنگ) > ڀيلڙو > ڀِلڙو] ڦلهڙو. ڀلڪڙو. شرمگين — ڪومايل — ويچارو. ڪنڙو — نهولڙو (ت).

— **ڀلڙو مُنهن ڪرڻ:** ڦلهڙو مُنهن ڪرڻ. مُنهن سُسائڻ. ڪانئريو ڏيکارڻ.

• **ڀلسرو:** ذ. ڀلي پوک — ڀلو فصل (ل). اُهو زمين جو ٽڪرو جنهن تي جهجها مينهن پون ۽ سُٺي آبادي ٿئي (ل). سُٺي ربع وارو ۽ آباد زمين جو ٽڪر. آباد جوءِ (ڪ).

• **ڀلڪا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ڀلڪارَ:** ث. [ڀُلڻ. ڀُلجڻ > ڀُل > ڀُلڪار] گمراهي — مونجهه. ڏر — خوف — ڌهڪاءُ. سختي — ڌهڪار. "جِم وَارين وِسرا، ڀِتين جي ڀُلڪار" (شاهه). گفتگو — ڀڙڪار (ڪ). وڏي وات ڳالا — ڪُوڙي تهمت (ڪ). چغلي (ڪ). ٽنولي — چٽر (ڪ). حسد جي نظر (ڪ). ڏمر — ڪاوڙ. اوچتي مصيبت "مٿن ڪا ڀلڪار پئي".

• **ڀلڪرَ:** ث. سختي — ڌهڪار — ڀلڪار "آخر اُتي رسيو جتي ڀوَ سندي ڀُلڪر" (حفيظ).

• **ڀلڪِڙو ج ڀلڪِڙا:** ذ. صفت. ڀِلڙو — ڦِلهڙو. ڊنل — هيسيل.

• **ڀلڪڻُ:** مصدر. مَرڪڻ — ٻڏڻ — فخر ڪرڻ.

• **ڀلنامي ڀلناموُ ج ڀلنامان:** ڇُڪن جي فهرست يا ياداشت (جا ڪتاب جي ڇچاڙي يا اڳياڙيءَ ۾ ڏجي).

• **ڀلڻُ:** مصدر. [سن. ڀُرمُ = ڀُلجڻ] ڀُلّ ڪرڻ — چُڪَ ڪرڻ — غلطي ڪرڻ. مُنجهڻ — گمراهه ٿيڻ. رستو وڃائڻ. وِسرڻ. ويساهجڻ — ڀنيلجڻ — ٺَڳجڻ. ڏاڍي جي هيٺي مٿان ڏمر جي نگاهه رکڻ "لهريون لڙ لطيف چئي، ڀيلي تي ڀُلنِ" (شاهه). ڪنهن جو پاڻ کي ڏاڍو ۽ ٻئي کي هيٺو سمجهي، ان هيٺي مٿان (سيکت ڏيڻ خاطر) ڏمر جي گهمڻ "فلاڻو فلاڻي جي مٿان ڀُلي ٿو ڀُلي پيو".

• **ڀلو ج ڀلا:** ذ. صفت. [سن. ڀَدرَ = چڱو] چڱو — سُٺو. تمام سٺو — اوچو. نيڪ — ڀلارو. ٺاهوڪو — سهڻو. نيڪ — سڪر (ماٺهو). تِکو (وهٽ). (ث). ڀِلي ج ڀِليُون.

— **ڀلو ڀلي ڀلوڙي ڀلو:** محاورو. (تحسين خاطر ندائي الفاظ. تحسيني فقرو) واهه واهه!_ آفرين!. (تنبيهه خاطر ندائي الفاظ. تنبيهي فقرو] واهه جو ڪم ڪيئي يا واهه جو ڪم ٿو ڪرين!_ اهڙو ڪم! (يعني تہ اهڙو ڪم ڪرڻ نہ ڪپندو هو ڇاڪاڻ تہ اهو ڪم خراب آهي يا ڪندڙ لاءِ نقصانڪار آهي) "جي تون مڃ نہ موٽيو، ڀلو ڀلو مڃ!" (رسالو).

— **ڀلو سَڳورو ڀلو سُونهارو:** ذ. قرآن شريف.

— **ڀلو سُنهارو کڻڻ:** قسم خاطر قرآن شريف مٿي تي کڻڻ. قرآن شريف هٿن ۾ جهلي قسم کڻڻ.

— **ڀلو ڪمُ:** محاورو. (صفاتي ترڪيب) چڱو خير جهڙو ڪم. (تنبيهي فقرو = 'تو چڱو ڪم ڪيو، ڏِسي رهبو!') چڱو ڏسي رهبو!_ چڱو!. ڪافيءَ کي ڳائڻ وقت (سرهائي ۽ چڱي وائِي جي لحاظ سان) ڀراءَ خاطر استعمال ٿيندڙ فقرو.

— **ڀلونْ ڀل. ڀلئون ڀل:** صفت. چڱي کان چڱو. (ث) ڀَلان ڀلي — ڀلائي جي انتها.

— **ڀلي ٻارَڏي وڃڻ:** عربستان ڏانهن حج ڪرڻ لاءِ روانو ٿيڻ.

— **ڀليرو ج ڀليرا:** صفت. اضافي. وڌيڪ ڀلو — ٻئي کي زياده چڱو "ڪيچان آيو قافلو ڀليرو ڀانيان" (شاهه). ذرا ڀلو — چڱيرو — موچارو. (ث) ڀَليري ج ڀَليريون.

• **ڀلو:** ذ. [سن. ڀَدرَ = چڱو] فائدو — نفعو. چڱائي — ڀلائي "ڀلو ڪر تہ ڀلو ٿئيئي". دال يا گوشت جي رڌل ٽڪي يا ڪوفتو. ڏَهِي ڀيڙو.

— **ڀلو ٿيڻ:** چڱو ڪم ٿيڻ. (ڪنهن جو) فائدو ٿيڻ.

— **ڀلو ٿيو:** محاورو. (ڪم جي پورائي تي پسندگيءَ جي اظهار جو فقرو) 'بيشڪ ڪم ڀلو ٿيو'. (ڪم جي تڪميل تي بلڪل پسندگي نہ بلڪ رضامندي جي اظهار جو فقرو)

• **پِنسارُ ج پِنسارُوَنْ**: ث. [هہ] پيچ پني – پريات.

• **پَنگ ج پَنگون**: ث. [سن. پَنگا؛ ف. بَنگ؛ ع. بَنج] نشيدار ٻُوٽيءَ جو هڪ قِسم "پنگ" ٻُوٽيءَ جو گھوٽيل پاڻي – سائي – سُکو. [سن. پَنج = پچڻ] پَکِ – ٽوٽ – چِنُ – شکستگي "سودي ڏاران سرتيون، ٿيو پتين ۾ پنگ" (شاهہ). اتڪاءُ – رخنو. اٿچڻ – ڦيٽاڙو – ڏڦيڙ. رولو. خوف – هراس "باسي پني پنگ، رڙهي جام رسيون" (شاهہ).

– **پَنگ پَکِڙو ڪرڻ**: فضول خرچ ڪرڻ.

– **پَنگ ٿِيڻُ**: برباد ٿيڻ – پَچڻ.

– **پَنگ پَوَڻُ**: رُخنو پَوڻ.

– **پَنگ وِجھَڻُ**: رُخنو وجھڻ. نفاق وجھڻ. حُڪم جي انحرافي ڪرڻ.

– **پَنگُر**: ذ. صفت. پَچٽو – ترڪيٽو. جَٺاءُ نہ ڪندڙ – پَچي پوندڙ. رنڊڪ وجھندڙ.

– **پَنگورو ج پَنگورا**: ذ. صفت. پَنگ پيئندڙ – نَشائي.

– **پَنگِي ج پَنگِي**: صفت. پنگ پيئندڙ.

• **پَنگَ ج پَنگَ**: ذ. چوري ٿي ويل چوپائي مال جي موٽائڻ جو عيوضو – چوري ٿيل شيءِ موٽائي ڏيڻ جو معاوضو – ڪُري.

• **پَنگا**: اسم خاص. سنڌي مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (رياست خيرپور ۾).

• **پَنگارَ ج پَنگارُوَنْ**: ث. طعام کي داغ ڏيڻ جو هڪ نمونو. طعام کي اوباري، پوءِ جدا گيھہ ۾ بصر يا ثوم تري، ان جي مٿان سڙيل گيھہ وجھي ڏنل داغ. داڳ – رائِي.

• **پَنگارُ ج پَنگارَ**: ذ. ٽامي، شيھي وغيره جي گڏائڻ سان ٺهيل هڪ ڌاتُو – ڪُٽ – ڪنجھو.

– **پَنگارِيْ ج پَنگارِيُوَنْ**: ث. "پنگار" مان ٺهيل ٿالهي – پَنگارِيْ (ل).

• **پِنگارو (ل)**: ذ. ڍورن کي چَڪ هڻندڙ جيت جو هڪ قسم. اڇي رنگ جي وڏي مَک. ڏَنگُ.

• **پَنگارِيْ ج پَنگارِيُوَنْ (ڪ)**: ث. ٿالهي. تغاري.

• **پَنگ پَنگالو**: ذ. ٻارن جي هڪ راند.

• **پَنگَرَ**: اسم خاص. سنڌي مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو. ٺل ۽ گھوڙا ٻاري تعلقن ۾ هڪ ديھہ جو نالو.

• **پَنگَرُ ج پَنگَرَ**: ذ. آگبوٽ ۾ ڪوئلن رکڻ جي ڪوٺي. آگبوٽ جي ڪوري ۾ ٻارڻ لاءِ ڪوئلا، ڪاٺيون وغيره.

• **پَنگَرُ**: اسم خاص. تعلقي خيرپور ناٿن شاهہ ۾ هڪ ديھہ جو نالو.

• **پَنگرا**: اسم خاص. سنڌي مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **پَنگَراجا**: اسم خاص. تعلقي قنبر ۾ هڪ ديھہ جو نالو.

• **پَنگِرو**: ذ. [سن. پرِنگَراجَ] ٻُوٽيءَ جو هڪ قِسم (واهن جي ڪپن تي ٿئي، گُل پيلا ۽ اچا، ۽ ٻج دوائن ۾ ڪتب اچي) – پَنگرِيْ (ث). گاهہ جو هڪ قِسم. گَڏهہ جو هڪ رنگ.

• **پَنگَرِيْ (ل . ث)**: ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (ٻج دوا طور ڪم اچي) – پنگرو.

• **پَنگرِي ج پَنگرِيُوَنْ (ل ث)**: ث. پائيپ (pipe) جي نموني ٺهيل ٺڪرجي سُلفي.

• **پَنگِريا**: اسم خاص. سنڌي مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد، ٺٽي ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾).

• **پَنگَڙُ پينگَ**: صفت. صفا سُچَ.

• **پَنگڙي ج پَنگڙِيُوَنْ**: ث. [ف. بُنگاه، بُنگه] "پُنگيءَ" جو اسم تصغير – ننڍڙو پونگو – پونگڙيْ.

• **پَنگِلي ج پَنگلِيُوَنْ**: ث. [ف. بُنگاه، بُنگه] ننڍڙي پونگي – پونگڙي.

• **پَنگَو**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي فيض گنج (ضلعي خيرپور) ۾ هڪ ديھہ ۽ ڳوٺ جو نالو.

• **پَنگو ج پَنگا**: ذ. [ف. بُنگاه، بُنگَہ] ڪکائون ڪَچو گھر – پُونگو – جھُڳو – جھُوپو "پِٽن پَر هوندا، پَنگا پڙ پتار جا" (شاهہ). (ث). پَنگِي ج پَنگيون.

• **پَنگوئِي پِينگ ٿِيڻُ**: جھڳوئي جھڻ ٿيڻ سڀ ڪجھہ چٽ ٿيڻ.

– **پَنگوئِي پِينگ ڪَرڻُ**: جھُڳوئِي ناس ڪرڻ.

– **پَنگِي ج پَنگِيُوَنْ**: ث. [ف. بُنگاه، بُنگه] پُونگي – ڪکائين جھوپڙي.

– **پَنگِيارو ج پَنگِيارا**: ذ. پَنگيءَ ۾ رهندڙ. غريب – مسڪين.

– **پَنگي پَٽَ سارَڻُ**: اَجھو ڳولڻ – وسيلو جاچڻ.

• **پَنگِي ج پَنگِي**: ذ. هڪ ذات جو نالو (جي صفائيءَ جو ڪم ڪن) – ٻُهاريدار ڪاڪوس صاف ڪندڙ. حلالخور – مهتر.

• **پِنَلُ ج پِنَلَ**: ذ. اسم مفعول. [پِچڻ (پُسڻ) > پِنل] آلو – پِڳَلُ – پُسِيَل – تَر. ٿَڌو – ٺريل. (ث) پِنَل ج پِنلُون.

– **پِنَلُ هُئَڻُ**: پسيل هئڻ ٿڌو هُئڻ – ٺريل هئڻ. ٻاجھارو هئڻ – رحمدل هئڻ.

• **پَنَلُ**: اسم مفعول. [پَجَڻُ (= ترجڻ) > پَنل] پَڳَلُ – تَرَيَلُ – پَچايَلُ. (ث) پَنَل ج پَنَلُونْ.

• **پَنُ ج پَنَ**: ذ. پِتڪو – روج راڙو – ماتام "ڏکيون جان نہ

هڪ فرقو (جو ڀَواني ديويءَ جي پوڄا ڪندو آهي).

- **ڀُوپالُ ج ڀُوپالَ:** ذ. [سن. ڀُو = زمين + پالَ = سنڀاليندڙ] زمين جو رکپال – زميندار. راجا.
- **ڀُوپتُ ج ڀُوپتَ:** ذ. [سن ڀُو = زمين + پَت = مالڪ] رُوءِ زمين جو مالڪ – مهاراجا. (اسم خاص) سنڌي نسب نامي جي روايت موجب 'سَمپَت' ۽ لکپت' جي پاءِ 'سمان' قوم جي وڏي ڏاڏي جو نالو.
- **ڀوپو ج ڀوپا:** ذ. جِنّ ڪيندڙ – جاڳر ڪندڙ. ٽوٽا ٽيٽا ڪندڙ – پاڙهيتو – مانڊي. ڏائڻ – منحوس. (ث) ڀوپِڻِ ج ڀوپيُوڻ.
- **ڀوپِڻ:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ڀوجُ:** ذ. [سن. ڀُوُرج] وڻ جو هڪ قِسم (جنهن جي ڦَل ڪي ڪتوري ۽ ڀهمڻ بہ چوندا آهن. دوا طور دل ۽ دماغ جي ڪمزوريءَ، دستن ۽ ماهواريءَ لاءِ ڪم اچي).

– **ڀوجُ پَتَرُ:** ذ. "ڀوجُ" وڻ جا پَن يا ڇوڏا (جي اڳئين زماني ۾ لکڻ لاءِ ڪاغذ جو ڪم ڏيندا هئا ۽ جن مان حُقن جا نَڙ ناهيا ويندا هئا).

- **ڀوجُ:** ذ. [سن. ڀوجيه] ڀوڄن – ڪاج – ڪاڌو. مهماني. (صفت) ڀوڄن ڪارائيندڙ – داتا – سخي. (اسم خاص) هڪ ناماري هندو راجا جو نالو.
- **ڀوڄتُ (ت):** ذ. رڌو پڪو طعام يا مال.
- **ڀوڄراجُ:** اسم خاص. ٿرپارڪر ۾ رهندڙ سنڌي نَڪرن جي هڪ قبيلي جو نالو (جو سندن وڏي ڏاڏي 'ڀوڄراجُ' جي اولاد تي پيو).
- **ڀوڄرو:** اسم خاص. تعلقي ڏگهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ڀوڄنُ ج ڀوڄن:** ذ. [سن. ڀوڄنَ > ڀُڄ = کائڻ] ڪاڄ – ڪاڌو – طعام.

– **ڀوڄنُ ڪرڻُ:** ڪاڌو کائڻ. کائڻ.

- **ڀُوڄُ ج ڀُوڄَ:** ذ. صفت. ڏِگهن ۽ منجهيل وارن وارو ماڻهو – جهَنڊولو. جهنگلي – وحشي. مسخرو. موڳو مٽر. (ذ) ڏگها منجهيل وارَ. ڪٽڪ يا ٻاجهريءَ جي سنگن تي بيٺل سُوٿا.

– **ڀُوڄائِپ:** ث. بدشڪلائي – بدصورتي.

– **ڀُوڄَڙُ ج ڀُوڄَڙَ:** ذ. صفت. ڏگهن ۽ منجهيل وارن وارو. (ذ) ڪٽڪ يا ٻاجهريءَ جي سنگن تي بيٺل سنها سُوٿا.

- **ڀُوڄِڪ:** ذ. صفت. [سن. ڀِيڄِڪتَ] ڊپ ۾ پريل – هِراسيل. هَڪو ٻَڪو – وائڙو.
- **ڀُوڄو (ت):** ذ. ڪُتي جو هڪ قسم (جنهن جي بدن تي ڏگها وار هجن).
- **ڀوڏَ ج ڀوڏُوڻ:** ث. ڏندن ڀڳل ٻوڙهي زال – تمام پوڙهي زال. پوڙهي (زال. ڳئون. مينهن). خراب ڇانهين يا هِنداڻي (ث).
- **ڀوڏَ ج ڀوڏَ:** ذ. صفت. ڏندن ڀڳو – ڦڏو – ڀڏو. ڪُراڙو – پوڙهو. (ث) ڀوڏَ ج ڀوڏون.
- **ڀوڏرُ:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ڀُوڏَ ڪٽا:** ث. اجايو خرچ – فضول خرچ.

– **ڀُوڏ ڪٽا ڪرڻ:** بلڪل گهٽا ڀَسا خرچ ڪرڻ.

- **ڀُوڏيسَر:** اسم خاص. ننگر پارڪر جي ويجهو هڪ تلاءَ ۽ ڦٽل شهر جو نالو.
- **ڀُوڊِڻ، ڀُوڊِڻِي (ڪ):** ث. مادي سُوئَر. ڏسو "ڀُونڊِڻ".
- **ڀورِ:** ث. ڀوِيَر – ڀَڳ ٽوٽ. (هه) پريات پره ڦٽي – فجر (ث).
- **ڀورُ ج ڀورَ:** ذ. ڀورو – ٽڪر. ڳَيو (مانيءَ جو).

– **ڀورَ ڀورَ:** ذ. ٽڪرا ٽڪرا – ذرا ذرا. ڳيا ڳيا.

- **ڀُورَ:** ث. اڇي رنگ جي ڀُوري مينهن. سُهٽي ڳوري من موهيندڙ زال (ت).

– **ڀُورَ جو ڳاهو ٻنائِڻ (ت):** تعدي ڪرڻ – جُٽ ڪرڻ.

- **ڀُورِ:** ث. صفت. ڀُوري رنگ جي.
- **ڀُورا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **ڀُورا واهُ:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ڀورائِڻُ:** مصدر. "ڀورڻ" مان متعدي بالواسط. ٽڪرا ٽڪرا ڪرائڻ – پرزا ڪرائڻ. ڪُٽي ڪرائڻ.
- **ڀُورائِڻُ:** مصدر. ذرا اڇيرڙو ڏيکارجڻ. ڀُوري رنگ تي ڏسجڻ ۾ اچڻ. اَڇائِڻُ.
- **ڀُورائِي:** ث. صفت. ڀورڙائي – سادگي – موڙڪپائي "مون سان مون پرين، ڀورائيءَ ۾ ڀال ڪيو" (شاه).
- **ڀورِڻي:** تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو (جو "ڀُرٽ" قوم جي بستيءَ ڪري پيو).
- **ڀُورَجو لَڪُ:** اسم خاص. ڪيرٿر جبل ۾ هڪ لَڪ جو نالو.
- **ڀورِڙائِپ:** ث. اڻجاڻائي – بيعقلي. بيوقوفي.
- **ڀَورڙائي:** ث. سادائي. ٻوڳهلائي.
- **ڀورِڙو:** ذ. پکيءَ جو هڪ قِسم – ڀورو.
- **ڀورِڙو ج ڀورِڙا:** ذ. ["ڀورو" جو اسم تصغير. سن. ڀُرم = ڀلجڻ] اٻوجهه – ٻالو ڀولو – ٻوڳهلو – سادو – عقل جو ڀورو سورو. موڳو نادان. ڀُورو. (ث. ڀورڙي ج ڀورڙيُونْ). (ذ) ننڍڙي ڇِڙي – ڪرڪ.
- **ڀورڙي ج ڀورڙيُونْ:** ث. ["ڀوري" جي تصغير] عقل جي سادڙي. موڳڙي. ٻالڙي ڀولڙي. ڳهيلڙي.

# ت

**ت:** ث. [ع. ف] سنڌي "الف – ب" جو پنجون اکر، عربيءَ جو ٽيون ۽ فارسيءَ جو چوٿون اکر. اُچار "تي". ابجد موجب عدد (۴۰۰).

• **تہ:** حرف تفسير. اسم، فعل، صفت، ظرف ۽ حرف جي 'خبر' جو تفسير ڏيکاريندڙ حرف (۱. اسم جي خبر "ماڻهو تہ ڪونہ آيو؛ ڪم تہ ڪونہ ٿيو". ۲. فعل جي خبر "چيائين تہ ايندس؛ پانيم تہ رهندا؛ اچين تہ چڱو". ۳. صفت جي خبر "چڱو تہ هيئن ٿيندو، ٻہ تہ ٻارهن؛ چوٿون تہ سويل اُٿجي". ۴. ظرف جي خبر "جيئن تہ ...؛ تيئن تہ ڪونہ ٿيو؛ اتي تہ ڪونہ هو؛ ڪڏهين تہ راضي؛ تڏهين تہ کيائين". ۵. حرف (استفهام، ناڪاري) جي خبر "ڇو تہ؟ ڇاڪاڻ تہ؟ ڪهڙو تہ؟ نہ تہ ........"). (حرف جملو) سبب ڪري – ان لاءِ – انهيءَ ڪري "هو ويو تہ ڪيس وٺي اچي". بلڪل ان بعد فوراً پوءِ "جهڙ ٿيو تہ مينهن پيو". ساڳئي وقت – ان سان گڏ "اندر پير پاتائين تہ بتي وسامي".

– **تہ بہ تہ پہ:** حرف جملو. تڏهن بہ – تنهن هوندي بہ – تہ پڻ "چيومانس تہ بہ ڪين مڃيائين". ان وقت. انهي حالت ۾.

• **تہ ڳَرَ:** حروف ظرف. ڇڻ تہ. جيڪر تہ. هوند "تہ ڪر ڪيئن سُئي، جي سِير نہ گهڙي سهٽي" (شاهہ).

• **تا:** حرف ظرف. [ف] تائين. (حرف عدد) "يڪتا، دوتا".

– **تابِحَيات:** حياتيءَ تائين.

– **تابِ زِيسْتْ:** جيئڻ تائين – عمر ڀر.

– **تابہ ڪَئِي:** ڪيستائين. ڪڏهين.

– **تاحال:** هن وقت تائين.

– **تاچَنْدْ:** ڪيترا. ڪيتري سان.

– **تادَمِ زِيسْتْ:** حياتيءَ تائين. تا زندگي.

– **تاڪِ:** تان جو. انهيءَ لاءِ تہ.

– **تاڪِ شَوَدْ:** جملو. جڏهين ڪي ٿئي. شايد ٿي ٿئي.

• **تابُ:** ذ. [ف. تاب؛ سن. تاپَ > تَپْ = چمڪڻ. گرمي ڪرڻ] روشني – چلڪو – چمڪو. نور – جلوو. گرمي – تپت. تيزي. هيبت. هراس. ڌهڪاءُ. دهشت – داٻ. دڙڪو – ڌمڪي. تڪليف. پيچ. وٽ. طاقت – مجال.

– **تابانْ:** صفت. [ف] روشن – چمڪندڙ. نوراني ور وڪڙ وارو.

– **تاباني:** ث. روشني – چمڪو – نُور – رونق – تجلو.

– **تابُ جهلڻ:** تيز روشني آڏو منهن مٿي جهلڻ. دڙڪا جهلڻ – ڪاوڙ سهڻ (ٻئي جي).

– **تابدارُ ج تابدارَ:** ذ. صفت. [ف] چمڪندڙ – روشن. ور وڪڙ وارو – پيچدار.

– **تابُ دڙڪو ڪرڻ:** دڙڪو دهمان ڪرڻ. ڌمڪيون ڏيڻ. گهٽ وڌ ڳالهائڻ.

– **تابُ ڏيکارڻ:** ڪاوڙ ڏيکارڻ. جوش ظاهر ڪرڻ.

– **تابُ ڏيڻ:** آڪڙ شوخي، رعب يا ڪاوڙ ڪرڻ.

– **تابُ ڏيڻ:** آڪڙ شوخي، رعب يا ڪاوڙ ڏيکارڻ. وٽڻ (مُچون).

– **تابُ ڪرڻ:** گرمي ڪرڻ. ڪاوڙ ڪرڻ. تنبيهہ ڪرڻ.

– **تابَ ۾ پوڻ:** تڪليف ۾ اچڻ.

– **تابُ ۾ رَکڻ:** دڙڪي ۾ رکڻ. حڪم ۾ هلائڻ.

– **تابُ و تَوانَ:** ث. [ف] طاقت – سگهہ – زور. صبر و قرار – برداشت.

– **تابُ ويهارڻ:** ڌاڪو ڄمائڻ – ڄمت رکڻ.

• **تابانِ:** صفت. تالان – برباد – اُجڙ.

– **تاباني:** ث. ويراني – بربادي.

• **تابِش، تابَشِ ج تابشُونْ:** ث. [ف] گرمي – تؤ – تاءُ. تاوڙي – گرمائش. تيزي – تِکائي. ڪاوڙ. حشمت "تابشون تنين جون، مهميزون مارين".

– **تابَش ڪرڻ:** گرمي ڪرڻ. آڪڙ ڪرڻ. ڪاوڙ ڪرڻ.

• **تابعَ:** ذ. صفت. [ع. تَبِعَ (= فرمانبرداري ڪرڻ) > تابِع (اسم فاعل) = فرمانبرداري ڪندڙ] سرمانبردار – مطيع – پابند. پيروي ڪندڙ – پيرو – معتقد – پوئلڳ. هٽ هيٺ –

حڪم ۾ ـ چوڻ ۾ ـ مڃتا ۾. زيردست. ماتحت.

– **تابِعْدارُ ج تابِعْدارَ:** ذ. صفت. [ع. تابع + ف. دار < داشتن] حڪم جي پيروي ڪندڙ – فرمانبردار.

– **تابِعْدارِي ج تابِعْدارِيُوْن:** اطاعت. فرمانبرداري – ٻانهپ – مڃتا.

– **تابِع ڪرڻ:** حڪم ۾ آڻڻ – هٿ هيٺ ڪرڻ. جيتڻ.

• **تابِعِيْن:** ذ. [ع. تابِعْ > تابِعوْن (جمع) > تابِعِيْن (جمع، حالت مفعولي، جري ۽ اضافي ۾)] پيروي ڪندڙ. اُهي اوائلي مسلمان جن نبي صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي ڪنهن صحابيءَ کي ڏٺو هجي.

• **تابِنْدَهْ:** صفت. [ف] روشن – چمڪندڙ.

• **تابُوتُ ج تابُوتَ:** ذ. [ع] ڪاٺ جي صندوق. لاش رکڻ جي صندوق. ڪاٺ جي مصنوعي تُربت (جا حضرت امام حسين جي شهادت جي يادگيريءَ ۾ ناهي عاشورن جي موقعي تي گهمائيندا آهن) – تعزيو.

– **تابوتُ گَرُ:** ذ. صفت. تابوت ناهيندڙ.

• **تابِيْنو ج تابِينا:** ذ. [ع. ١. تابِيْن = نقش قدم تي هلڻ ٢. تابِع = تابعداري ڪرڻ] ڍل (تابعدار رهڻ جي) – آنڪي. تابعداري – فرمانبرداري "آهي تخت تابِيْني تنهنجي". خدمت – چاڪري.

– **تابِيْنِي:** ظرف. تابع – هٿ هيٺ – حڪم هيٺ – حوالي.

– **تابِيْني ۾ ٻيهڻ:** خدمت ۾ هجڻ – چاڪري ۾ ٻيهڻ.

• **تات، تاتِ ج تاتُوْن:** ث. [ع. طاعَة = فرمانبرداري] خدمت. پرداخت – پرورش – پالنا. پر گهور – سنڀال. پڇار – اُڻ تُڻ. فڪر – ڳڻتي. يادگيري – سار – ساروڻي "تنهنجي تات طلب. ڪانگ اُڏاير ڪاڪ جا" (شاهه).

– **تاتَ تُوتَ:** ث. ڳالهه ٻڇار – ذڪر اذڪار – چؤپڇو. يادگيري – طلب.

– **تاتِ پذيرُ:** ذ. صفت. فرمانروائي قبول ڪندڙ – چيو مڃيندڙ. عبادت گذار.

– **تاتِ پوڻ:** گهرج ٿيڻ – طلب ٿيڻ. ڳڇيءَ پوڻ (ت). پڇار ۾ پوڻ.

– **تاتِ ڪرڻ (ت):** پوئواري ڪرڻ – سنڀال ڪرڻ. يادگيري ڪرڻ.

– **تات مڃائڻ:** وس ۾ آڻڻ – قبضي ۾ آڻڻ.

– **تاتِ مڃڻ:** آڻ مڃڻ – هار قبول ڪرڻ.

– **تاتِيُ ج تاتِيُ:** ذ. صفت. فرمانبردار – آگياوان – چئيوان.

• **تاتارُ:** اسم خاص. ترڪستان جو ملڪ.

– **تاتارِيُ:** ذ. صفت. تاتار جو (رهاڪو). (ذ) جابلو ماڻهن جو چوغو – ڊگهو پهراڻ.

• **تاتِپَرْجُ:** ذ. [سن. تاتپَرْيَہ = مطلب] مطلب – معنيٰ – مقصد – ارٿ – سارُ – خلاصو – تَتُ – اِختيار. تفصيل – وچور.

• **تاتِجَڻُ:** مصدر. "تاتڻ" مان فعل مجهول [ع. طاعة > تات > تاتجڻ] نبجڻ – پلجڻ – وڏو ٿيڻ – پرورش وٺڻ.

• **تاترائِڻُ:** مصدر. [سن. تَترَنْ = چوڳي تي ريجهائڻ] ڏاڏرائڻ – ريجهائڻ – هيرائڻ. (تاتاريو، تاترائيندو تاترايل).

• **تاتِنا:** ث. پالنا جي حالت – پرورش – پرداخت. سنڀال – سارَ. حفاظت – تات.

• **تاتڻُ:** مصدر. [ع. طاعة > تات > تاتڻ] سنڀالڻ – حفاظت ڪرڻ – پرگهور لهڻ. پرداخت ڪرڻ – نباهڻ – پالڻ. ڪارائي ٻياري وڏو ڪرڻ – پرورش ڪرڻ. (تاتيو – تاتيندو – تاتيل).

• **تاتِيندَڙ:** ذ. صفت. سنڀاليندڙ – پر گهور ڪندڙ – پرداخت ڪندڙ.

• **تاتانْ تاتَئُونْ (ت):** ظرف. تنهن جاءِ کان – تـتان.

• **تاتانْهُونْ، تاتانْئُونْ (ت):** ظرف. تنهن جاءِ کان وٺي – تـتانْئُون.

• **تاتَهِينْ تاتَئِينْ (ت):** ظرف. تِـتان. اُتان – هُتي کان – هُن جاءِ کان.

• **تاتِي (ت):** ظرف. [سن. تـتْرِ = تتي] تنهن جاءِ تي – تتي.

• **تاثرُ ج تاثرات:** ذ. [ع. اَثر > پيروي ڪرڻ. نقش قدم تي هلڻ] اثر – اثر پذيري.

• **تاثِيرُ ج تاثِيرَ:** ذ. [ع. اَثّر (= ڪنهن شيءِ تي نشان ڇڏڻ، ڪنهن کي متاثر ڪرڻ) > تاثير = اثر] اَثر. ذائقو. ڪيميائي خاصيت. ڪيميائي ردعمل.

• **تابُ:** ذ. [سن. تَپْ؛ ف. تابْ] تاءُ – سيڪُ. تَپُ.

• **تاپِجَڻُ:** فعل مجهول. [ف. تاب = گرمي؛ سن. تَپْ = گرم ٿيڻ] سيڪجڻ. تپجڻ.

• **تاپِشْ ج تاپِشُونْ:** ث. [ف. تابش] گرمي – تپش – ڏسو "تابش".

• **تاپڻُ:** مصدر. [ف. تابْ (= گرمي، سيڪ) > تابڻ > تاپڻ؛ سن. تَپْ = ڪوسو يا گرم ٿيڻ] گرم ڪرڻ – ڪوسو ڪرڻ. سيڪڻ. (تاپيو – تاپيندو – تاپيل).

• **تاپڙو (ت):** ذ. [سن. تپ؛ ف. تاب] سيڪُ (باهه جو).

• **تاپولِي:** ث. تَپَ جي هلچل ۽ رفتار. موسمي تپ جي شروعات. ڏسو "تپاولي".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **تاپيلو ج تاپيلا:** ذ. تاڻيءَ جو هڪ قسم (ويڪري مُنهن سان، جنهن ۾ طعام رڌجي) — تپيلو. ننڍڙيا ٿامي مان ٺهيل هڪ قسم جو تاڻو (جو ڏاتوءَ کي گارڻ لاءِ ڪم اچي).
- **تاجُ ج تاجَ:** ذ. [ع. ف] بادشاهي دستار — ڇَٽُ _ ...... فاقيري ٽوپي (مٿي چنهنبدار سفيد ٽوپي، جنهن کي "جهوڪ" وارن صوفين بزرگن، توڙي ٻين ڪن صوفين جي رسمي اصطلاح ۾ "تاج" سڏين) — ڪُلاهه. پکيءَ جي چوٽي — موڙُ.
- — **تاجپوشي:** ث. [تاج + ف. پوش < پوشيدن = پهرڻ] بادشاهه کي تاج پهرائڻ جي رسم.
- — **تاجدارُ ج تاجدارَ:** ذ. صفت. [تاج + ف. دار < داشتن = رکڻ، هجڻ] تاج پهريندڙ — تاج وارو. بادشاهه. پڳدار.
- — **تاجداري:** ث. تاجدار هُئڻ واري حالت. بادشاهي. پڳداري.
- — **تاجِ شمعَ:** ذ. ڏئي جي چوٽي — شُعلو.
- — **تاجوَرُ ج تاجوَرَ:** ذ. صفت. تاج وارو — بادشاهه.
- **تاجپُور:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو ('تاجپور' ڪلهوڙن جي امير 'تاجي ليکي' آباد ڪيو ۽ ٽالپوري عهد ۾ 'لغاري' نوابن جو مرڪزي ڳوٺ بڻيو).
- **تاجِرُ ج تاجِرَ:** ذ. صفت. [ع] واپاري — وڻجارو — سوداگر.
- **تاج مَحَلُ:** اسم خاص. [ع. تاج (= ڇَٽ) + محل (= محلات)] شاهه جهان بادشاهه جو پنهنجي راڻي 'ممتاز بيگم' لاءِ ٺهرايل مشهور مقبرو (جو جمنا نديءَ جي ڪناري تي آگري شهر ۾ آهي؛ جنهن جي تعمير ١٦٣٢ع کان شروع ٿي ۽ ١٦٥٠ع ۾ ختم ٿي).
- **تاجڻو ج تاجڻا (ٽ):** ذ. [ف. تازيانه = چهبڪ] چهبڪ.
- **تاجُو ديرو:** اسم خاص. ڳڙهي ياسين ۽ ڳڙهي خيري تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **تاجُو ڪوسو:** اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **تاجِي:** اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **تاجِيڏي:** اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **تاجِي ج تاجِيُونْ:** ث. [ف. تانه < تَنيدَنْ = اُڻڻ] اُڻاوت جي اَڏي ۾ ڊگهين تندن جو پٽو (جنهن ۾ بر ۾ 'پيٽي' جون تندون وجهندا آهن) ڪپڙي جون ڊيگهه واريون تندون — تاڻي (ت).
- **تاجِي پيٽو:** ذ. ڪپڙي جي ڊيگهه ۽ ٻَرُوارا ڌاڳا.
- **تاجِي پيٽو جاچڻ:** ڪنهن جو منجهه ڪڍڻ. راز جاچڻ — ڳُجهه ڳولڻ. اصل حقيقت معلوم ڪرڻ.
- **تاجِي پيٽو ڌار ڪرڻ:** ڦورو ڦولڻ — ڪنهن جا پول پڌرا ڪرڻ. ڪوڙ سچ جدا ڪرڻ.
- **تاجِي پيٽي پٽ هئڻ:** حسب نسب ۾ شريف هئڻ. خانداني نسل مان هئڻ — وڏ گهراڻو هئڻ.
- **تاجِيءَ درو:** ذ. تاجيءَ جو وڪڙ يا ڏوڙ (جنهن ۾ 'ڪانو' وجهجي).
- **تاجِي ڪيڻ:** ڪپڙي جي اُڻاوت لاءِ تاجي پکيڙڻ. گهٽي اڄ وڄ ڪرڻ. ڏري ڏري اچڻ. ڊيگهه ڪرڻ.
- **تاختَ:** ث. [ف] حملو — ڪالهه. لَٽَ — ڦرمار — بربادي — تباهي.
- **تاختو:** ذ. [ف. تاختَہْ = اُڻڻ] سلڪ جو ڪپڙو.
- **تاخَـرُ:** ذ. [ع. آخر > تاخَّر = هن دير ڪئي] دير — اوير.
- **تاخيرُ:** ث. [ع. آخَر > تاخير = دير] دير. ڍر. فرصت.
- **تادِيْ ج تادِيُونْ:** ث. [ع. تَعَدّيْ = حد لتاڙڻ. زيادتي ڪرڻ] جُند. جاڙ.
- **تادِيبَ:** ث. [ع] ادبي سکيا. هيرَ ۽ ڪيڙَ. تنبيه _ چينبِ. اصلاح — سنوار.
- **تاڏَ ج تاڏُونْ (ت):** ث. [سن. تَدّ = پاڻ ڏانهن ڇڪڻ، پري جهلڻ، پوئتي هٽڻ، پاڻ پائڻ] هڪ طرف ڏانهن ڇِڪَ (عضوي جي) — تَڏ. زور (ملهه ۾ پاڻ کان پري جهلڻ لاءِ). [سن. تُرِدّ = ترڇي نظر ڪرڻ] تيڏَ (اک جي). ڏنگُ — وَرُ. بحث — مناظرو (ت). تَوَڏَ — آڪڙ.
- — **تاڏَ ڏيڻ:** تَڏي پري جهلڻ (ملهه ۾). ٽيڪ ڏيڻ (ٿوٽي وغيره سان جاءِ کي). تَڏَ ڏيڻ.
- — **تاڏُونْ ڏيڻ:** آڏا جواب ڏيڻ. اجايا جواب ڏيڻ.
- **تاڏُ:** ذ. صفت. "تاڏو".
- **تاڏانْ، تاڏهانْ (ت):** ظرف. ان طرف ڏانهن — اوڏانهن. تيڏانهن.
- **تاڏانهينْ، تاڏهينْ:** ظرف. اوڏانهن. تيڏانهن.
- **تاڏَنهَنْ (ت):** ظرف. ان طرف ڏانهن — اوڏانهن. تيڏانهن.
- **تاڏَهُونْ، تاڏَئُونْ (ت):** ظرف. ان طرف کان — تيڏاهُون.
- **تاڏِر (ت):** ث. [سن. تَمدّ] آڪڙ — سيٽَ.
- — **تاڏِر ڪرڻ:** اجائي آڪڙ ڪرڻ — ٺَلهي سيٽ ڪرڻ.
- **تاڏَڻُ:** مصدر. [سن. تَدّ = پاڻ ڏانهن ڇڪڻ] ڇڪي هلڻ (وهٽ وغيره کي). گهلڻ. گهلي مارڻ — ڇيڇلائڻ (جيئن ٻلي ڪئي کي). ڇاڇولڻ (ڪپڙن وانگر پاٽيءَ ۾). [سن.

تردَ] ڏنگائي ڪرڻ. گوهي ڪرڻ. (تاڏيو – تاڏيندو – تاڏيل).

• **تاڏو ۽ تاڏا:** ذ. صفت. [سن. ترِدِ] ٽيڏو ڏنگو – ڦڏو "تاڏين انگين، اوڙي تو عشق اولاٽا ڏي". آڏو. ترڇو. وريل. ڏکيو – اهنجو. ٿورو جهَڪو (پَٽ) – هيناهون – جهِميل. گوهرُ (جو گوهِي ڪري بيهي رهي يا پاسا وٺي). اهو توڏو جو رسي جي تاڙ تي هيرائجي. تانگهو (پاڻي) – پير بوڙ. (ذ) پاڻيءَ جو ڪامون – ڇِڍو – ننڍو ڊهو (ل). گهوڙي، اٺ يا گڏهه جو ٻوتاڙو. (ث) تاڏي ۽ تاڏيون.

– **تاڏا جهاڳو:** محاورو. ٽيڏوءِ ڇُنجهو.

– **تاڏو ڊهو (ل):** ذ. پاسيرو يا ڏنگو (ور وڪڙ وارو) پاڻيءَ جو ڪامون (خاص ڪري مِينهن جي پاڻيءَ جو).

– **تاڏو ڪَنڌُ:** محاورو. مغروريءَ سان اُچو ڳاٽُ – سيٽيل ڪنڌ.

– **تاڏو ڪامونْ:** ذ. ڏنگو پاسيرو ڪوٽيل ڪڏو. ننڍو ٻڏو.

– **تاڏو مانهو:** ذ. اٻپورو ماڻهو. اوٺو ماڻُ.

– **تاڏو وَڙُ (ٿ):** ذ. نميل وڻ (جنهن کي اُٺ ٻڪري يا ٻيو ڪوبہ جانور بيني ڪائي سگهي).

– **تاڏو هلڻ:** اڏنگو هلڻ. لاڏ سان هلڻ.

• **تاڏو گل:** اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **تاڏِي ۽ تاڏيُونْ:** ث. 'تاڏوْ' جو مؤنث. ڏنگي. اٽانگي. ترڇِي. ڪپڙن ڌوئڻ جي ڪُوناري (ٿ).

– **تاڏي رَنَ:** ث. سامهان جواب ڏيندڙ زال – آڏيون خوديون ڏيندڙ عورت. بڪواتڻ زال.

– **تاڏي نَظَـرَ:** ث. ترڇي نظر – غمزه. ٽيڏي نظر.

– **تاڏي هَلِـڻي:** ث. پاسيري هلڻي. اڏنگي هلڻي.

– **تاڏيري (ٿ):** ث. صفت. ڪپڙا ڌوئيندڙ عورت.

• **تاڏي (ٿ):** ظرف. تنهن طرف – تيڏانهن – "جاڏي" جو ضد.

• **تارْ:** ث [ف] گهاٽي اونده ـ گهگهہ اونداهي – تاريڪي. ڪاراڻ. (صفت) ڪاري "شبِ تارْ."

• **تارَ:** ث. پرت جو هڪ قسم.

• **تارَ ۽ تارُونْ:** ث. [ف: سن] ڪنهن بہ ڌاتوءَ جي سنهڙي تند. ڌاڳو – سُٽَ جي تند. ڏورو. ساز جي تند. ڌاتوءَ جي تند جنهن جي ذريعي برقي خبر موڪلجي. اها خبر جا بجليءَ رستي جلد موڪلجي – برقي خبر. ڇِڪَ – سِڪَ – لَنْءُ (محبت جي) "تار جنهن کي يار جي، سا ڪيئن ڪندي گهر ٻار جي". اوسيڙو – اونو – ڳڻتي. يادگيري. ڪرڻن جي لاٽ – تِرورن جي لاٽَ. [سن. تال] وڄت. سُرتار.

– **تار برقِي:** ث. بجليءَ رستي موڪلِ ' سياپو.

– **تار بابُو:** ذ. صفت. تار وسيلي خبر موڪليندڙ منشي يا ڪلارڪ.

– **تار تارِ:** صفت. تندو تندو ٽڪرا ٽڪرا.

– **تار تارِ ڪرڻ:** ليڙون ليڙون ڪرڻ – ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ.

– **تارِ عَنْڪبوُتْ:** ث. ڪوريئڙي جي ڄار.

– **تارِ ڦَٽِـي (ٿ):** ث. تاجيءَ جي تندن کي ڦٽيءَ مان لنگهائڻ جو اوزار.

– **تار ڪَرڻ:** تار ذريعي نياپو موڪلڻ – بجليءَ رستي اطلاع ڪرڻ.

– **تار ڪَشُ:** ذ. سون يا چانديءَ جي تند کي ڇڪي سنهڙو ۽ ڊگهو ڪندڙ اوزار.

– **تارڪَشِي:** ث. پرت جو هڪ نمونو – ڪپڙي جي تند ڇڪي گل ڦل بنائڻ جو ڪم (ڪپڙي ۾).

– **تار گهَرُ:** ذ. تار ذريعي پيغام موڪلڻ جي آفيس – تار موڪلڻ جي جاءِ.

– **تار لڳڻ:** اندر ۾ محبت جي لَنْءُ لڳڻ – محبوب جي لڙهہ لڳڻ. محبت ۾ گرفتار ٿيڻ.

– **تار ۾ تارَ لڳڻ:** سِڪ ۾ ڇِڪ لڳڻ – محبت ۾ واڏارو ٿيڻ "لڳم تارَ ۾ تارَ تنهن پار ڏي، ربابي رڳون پيون وڃن يارَ ڏي".

– **تارو پُودْ:** ذ. [ف] تاڃي پيٽو (ڪپڙي جو).

– **تار ويڙهِـي ڪَرِيْ:** ث. جتيءَ جي ڪُـڙي جنهن جي مٿان تار ويڙهيل هجي (تہ جُتي مضبوط ٿئي).

• **تارُ ۽ تارَ:** ذ. [ف. تارْ = چوٽي، مٿو] ماٿهوءَ جي مٿي يا قد کان اونهون پاڻي. اونهون – عميق. پريل – پرپور (درياءَ) "سي ترت لنگهنديون تار، اُڪنڊ اَڳهہ جن سين" (شاهہ)؛ "چاهڪ چري، تار تري، آيون مٿي ڪن" (شاهہ). [سن. تال] ڳائڻ وڄائڻ جو اصطلاح. وڄت جو وقفو يا ٽڪاءُ. سُرتار. [سن. تَلّ = تراڪڙو ٿانْءُ] جنڊ جي ماٽ (جنهن ۾ اٽو پيسجي ڪري ۽ گڏ ٿئي) – ٿارُ (ل).

– **تار تانْگهو جاچڻ:** سڀ انديشا ڪرڻ. اڳ پوءِ جو خيال رکڻ.

– **تار ترڻ:** اونهي اجهاڳ پاڻيءَ مان ترڻ. مشڪل مان پار پوڻ. ڏکيو لانگهو لنگهڻ.

– **تار ٿيڻ:** چوٽيءَ تائين پرجي وڃڻ (تلاءَ، ڪڏ، واهہ جو).

– **گارِ پوڻ:** اونهي اجهاڳ پاڻيءَ ۾ پوڻ. غشيءَ ۾ پوڻ.

– **تار جهَلڻُ:** ساز جي وَڄت ۾ 'پريي' ۽ 'خالي' جو پورو جوڙ

بيهارڻ. ’پريي‘ جو پورو ڏڪ هٽڻ.

— **تارُچڪائڻ:** ساز جي وڄت ۾ ’پريي‘ جو پورو ڏڪ هٽڻ. وڄت جو گـُـر ملائڻ.

— **تارُچڪڻ:** وڄت ۾ ’پريي‘ جو ڏڪ لڳڻ — وڄت جو گـُـرُ ملي وڃڻ.

— **تارڳڻ:** چوٽيءَ تائين پرڻ.

— **تارمان ڪيڻ:** اوڙاهه مان آجو ڪرڻ. مصيبت مان ڪيڻ.

— **تارمڪانُ:** ذ. ڳائڻ جو اصطلاح. ڳائڻ جي آوازءِ آلاپ سان سازجي همنوا وڃڻ. وڄت ۾ ’پريي‘ ’خالي‘ جو پورو ماڻ. وڄت جو هنر. سُرتار.

— **تار ملائڻ:** سازجي تار يا تارن کي ’سرگم‘ جي اصول موجب هم آواز ڪرڻ.

— **تار ۾ پوڻ:** اونهي پاڻيءَ ۾ پوڻ. جهاجهه ۾ پوڻ. بڪ ڪرڻ. هوش ڪان نڪرڻ. وِٺل ۾ پوڻ — وِقلڻ. بيماريءَ جي غشيءَ ۾ هجڻ. اجائي حرص ۾ پوڻ.

— **تار ۾ وجهڻ:** اونهي پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ. مونجهاري ۾ وجهڻ — سوداءَ ۾ وجهڻ.

• **تاراج:** ذ. [ف. تاراج = ڦرلٽ] برٻادي يا تباهي جي حالت. ڦـُرلـُٽ. (صفت) برباد — تباهه — ناس.

— **تاراج ڪرڻ:** برباد ڪرڻ — تباهه ڪرڻ "عمر ساريءَ جي عبادت، تِرهڪ ئي تاراج ڪئي" (مصري شاهه). ڦٽائڻ — ڊاهڻ — بگاڙڻ — خراب ڪرڻ.

• **تاراجي ج تاراجيُون:** ث. تارازي — ساهمي.

• **تارازو ج تارازا:** ذ. [ف. تَرازُو = ساهمي] ساهميءَ جي ٻڙ وارن ڌاڳن مان هڪ ڌاڳو. لغڙ جي ڪمان ۾ ٻڌل ٽڪنبو ڌاڳو.

• **تارازُو ج تارازُو:** ذ. [ف. تَرازُو] ساهمي — تارازي.

• **تارازي ج تارازِيُون:** ث. [ف. تَرازُو] ساهمي — تڪڙي.

• **تاراهه:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تارا هَڏي:** اسم خاص. ڪيري ۽ ٽنڊي الهيار تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تارائي ج تارائي:** ذ. ڳڌهه جو هڪ قسم (چيني بنياد مان. رنگ اڇو. پني ’لاسي‘ ڳڌهه کان ڏِگهي ۽ ٻَت ۾ ’سنڌي‘ ڳڌهه کان ڳرو).

• **تارِچ:** ذ. [سن. تاتپريه (= مطلب) > تاتپرچ > (مخفف) تارچ] پوتاميل — حساب ڪتاب. اختصار.

• **تارِخ:** اسم خاص. [ع] حضرت ابراهيم عليه السلام جي والد (آذر) جو ٻيو نالو.

• **تارِڙا:** اسم خاص. سنڌ جي مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **تارَڪ (ڪ):** ث. [سن. تالَڪ] لَسي ۽ ٿورو ڪـڌ وانگر هيٺاهين زمين (جا پاڻيءَ جي وهڪري سبب ٿي هجي).

• **تارَڪ ج تارَڪُونُ (ل ڪ):** ث. [ف. تارَڪ = چوٽي] گهوڙي جي ٻن ڪنن جي وچ وارو فاصلو. گهوڙي جو ڪاپار "تير گوشا، تارڪ سيليا، ڪُنڊي ڪن قزاق". سرُ — مٿو "وجهي هلنديس هوت ڏي، تارڪ مٿي تاج" (خانُ زئي). ٻن پِرَن جي وچ واري ٽڪري — ترڪٽِي — ترڪٽ. پٽڪو — پڳ (ڪ).

• **تارِڪ ج تارِڪَ:** ذ. صفت. [ع. تَـرَڪ (هن ڇڏيو) > (اسم فاعل) تارِڪ = ڇڏيندڙ] دنيا کي ترڪ ڪندڙ — تياڳي. الله لوڪ. نقير. نقير.

— **تارِڪ الدُّنيا:** ذ. صفت. [ع] جنهن دنيوي معاملات کي ترڪ ڪري ڇڏيو هجي. گوشہءِ نشين. دنيا کان فارغ لاٻال. آجو — آزاد.

• **تارڪو:** اسم خاص. تعلقي ميرواهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تارڪِي:** اسم خاص. ٺٽي ۽ ميربور ساڪري تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تارلِي:** ث. سامونڊي مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **تارڻ:** مصدر. [سن. ١. تُريُ = ترڻ؛ ٢. تَلُ" = تَـرَڻ] پاڻيءَ جي سطح تي هلائڻ يا بيهارڻ (يعني پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ نه ڏيڻ). پار اُڪارڻ (درياءَ، واهه، وغيره جي اونهي پاڻي ۽ وهڪري مان). بچائڻ (مصيبت مان). وصول ڪري ڏيڻ (پئسا، رقم). مٿان مٿان ڪٽڻ (اَنّ يا ٻي ڪا شيءِ جا ڏرَن جي صورت ۾ هجي). صاف ڪرڻ (انّ وغيره. ڇڄ ذريعي) — ڪِلڪائڻ. (تاريو — تاريندو — تاريل).

— **تارڻهارُ:** ذ. صفت. تاريندڙ (ٻڏڻ کان). پار اُڪاريندڙ (مصيبت مان). اوکيءَ ۾ مدد ڪندڙ. بچائڻهار — ڏتي تعاليٰ.

• **تارِنِي ج تارِنِيُون:** ث. درياءَ جي ٻيڙيءَ جو هڪ رسو (جنهن سان ’آڏڻ‘ مٿي ڪجن) — رَسِ. لوهارن جي اصطلاح ۾ ڪنهن لوهي اوزار جي چهنب.

• **تارو:** ذ. هڪ نحس تاري جو نالو (جو چنڊ جي پهرين ۽ ٻي تاريخ اُڀرندي طرف، ٽين ۽ چوٿين تاريخ ڏکڻ طرف، پنجين ۽ ڇهين تاريخ الهندي طرف، ستين ۽ اٺين تاريخ اُتر طرف، نائين تاريخ زمين ۾ ۽ ڏهين تاريخ آسمان ۾ سمجهيو ويندو آهي. عام وهم موجب، جنهن طرف اهو تارو هجي انهيءَ طرف ڪنهن بـه ڪم سان وڃڻ مان سراسر نقصان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندو ٿنهنڪري چوڻي تہ "ترار کي سامهون وڃجي پر تاري کي سامهون نہ وڃجي".)

— **تارو سامهون هجڻ:** نحس تاري جو سامهين رخ تي هجڻ.

— **تاري سامهون وڃڻ:** نحس تاري واري طرف ڪم ڪار سان وڃڻ. ڄاڻي ٻجهي نقصان ۽ ناڪاميابيءَ وارو ڪم ڪرڻ.

• **تارو ج تارا:** ذ. [سن. تارا] چمڪندڙ آسماني جسم (جو عموماً رات جو ڏسبو آهي ۽ ٽمڪندو رهندو آهي. هي جسم خود روشن آهي. بعضي ڏينهن جو بہ ڪو تارو نظر اچي ويندو آهي) — سِتارو — نَجْم (ع) — star. اک جو تارو (اک جي وچ ۾ گول نشان) — پُتلي (اک جي).

— **تارا ڳڻڻ:** انتظار ۾ اوجاڳو ڪرڻ — رات جو انتظار ڪرڻ.

— **تارا ٽِمڪائڻ:** اکيون ٽمڪائڻ (مايوسيءَ سان). نماڻائيءَ سان ڏسڻ.

— **تارا ڇِنڻ:** آپ مان تارا لاهڻ. تمام وڏو ڪم ڪرڻ — ناممڪن کي ممڪن ڪري ڏيکارڻ. تارا ڏيکارڻ.

— **تارا ڏِينهن جو ڏسڻ:** ڪنهن ناممڪن ڪم جي ٿيڻ جو خيال ڪرڻ. حواس باختہ هجڻ.

— **تارا ساوا ٿيڻ:** ڊپ يا هراس ۾ اکيون سايون ٿيڻ. سخت تڪليف هيٺ اچڻ. ڊڄڻ.

— **تارا ڦِرڙائڻ، ڦِرڪائڻ، ڦيرائڻ:** اکين جا دوڏا گهمائڻ. اکيون هيٺ مٿي ڪرڻ ۽ پورڻ پٽڻ (تڪليف يا سڪرات ۾).

— **تارا ڦوٽارڻ، ڪڍڻ:** ڪاوڙ مان اکين جا دوڏا سنوان ڪرڻ. اکيون ڦاڙي نهارڻ — اکيون ڪڍڻ. ڪنهن ڏانهن اکيون پٽي گهور ڪري نهارڻ. ڪاوڙجڻ.

— **تارا گول ٿيڻ:** اکين جو بي نور ٿيڻ. بيمار ٿيڻ.

— **تارا ڳڻڻ:** رات جو انتظار ڪرڻ. ننڊ نہ ڪرڻ. سوچ ويچار ڪرڻ. تارا لاهڻ.

— **تارا مَنڊَلُ:** ذ. تارن ۽ بُرجن جي منڊل ۽ انهن جي آثارن جو حساب ڪتاب. تارن جو ميڙ. آتشبازيءَ جو هڪ قِسم.

— **تارِلُ ج تارِلَ:** ذ. صفت. وڏين اکين وارو — دوڏرُ.

— **تارَن جيتري عمر ٿيڻ:** وڏي حياتي ٿيڻ.

— **تارو ٻليرو ٿيڻ:** بخت جي ستاري جو ڦِري پٺ ڏيڻ. ڀاڳ ڦٽڻ — بدبختي اچڻ.

• **تارُوُ ج تارُوُ:** صفت. جو پاڻيءَ ۾ ترِي سگهي. ترِي ڄاڻندڙ. (ذ) پاڻيءَ جي جيت جو هڪ قسم — تارُوُٽڙو — شَهْتارُو.

• **تارولو (ٿ):** ذ. سئيءَ جو پَرتُ. پرت پريندڙ زالن جو گڏجي هڪ هنڌ ويهي پرت پرڻ.

• **تارُوُنُ ج تارُوُنُ:** ذ. [سن. تالو: ف تارُ = چوٽِي] مٿي جي چوٽي (ميڄالي واري جاءِ جا ننڍڙن ٻارن کي ڇِني ڏسبي آهي، ڇاڪاڻ تہ اُنهيءَ هنڌ تي هڏي جو پوش ٽن سالن بعد ٺهندو آهي) — تالُوُنُ (ل) — تارَڪُ (ڪ). وات جي اندران يا نڙيءَ جي نلي جي مٿان واري چوٽي — ڪاڪڙو. اُٺ جو ڪاڪڙو يا زبان (جا مستيءَ وقت ٻاهر ڪڍي) — دِلِي (ت). هُرلي يا نارجي تڙ جو اُهو پاسو جو نريءَ جي سامهون هجي.

— **تارُون ڪيڻ (ڪ):** اُٺ جو سياري جي مستيءَ وقت گُڙي تارون ڪيڻ.

— **تارُوُنُ ڪلڻ:** (ٻار يا وڏي جو) ڪريل ڪاڪڙو مٿي ڪرڻ (علاج يا ساٽ ذريعي). ڪنجوسي ڏيکارڻ.

— **تارُوُنُ هڻڻ:** اجايو گوڙ ڪرڻ — اجايو مغز هڻڻ. مٿو هڻڻ — ٻڪوات ڪرڻ.

• **تارُوٽڙو ج تارُوٽڙا:** ذ. پاڻيءَ جي سطح تي هڪ قِسم جو ٽڪو ترندڙ جيت (ڪاري رنگ جو. وڏين سنهين ٽنگن سان) — پاڻيءَ ماڪوڙو — تارِيٽڙو — شَهْتارُو.

• **تارِيٽڙو ج تارِيٽڙا:** ذ. تارُوٽڙو — شَهْتارُو.

• **تاري:** ٿ. [تارڻ (= مصيبت مان ڪڍڻ، بچائڻ) > تارِي = بچاءُ] آهَرَ — آڌار. وسيلو — سهارو. پروسو — آسرو. مدد — واهر. ٻاجهہ — مهر "جيڪي منجهہ جهان، سو تاريءَ تکِي تنهنجي" (شاهہ). سِڙهہ جي دامن واري رسي (جنهن جي آڌار تي دامن کي هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائي سڻائي واءُ سامهون ڪجي). پاڻيءَ ۾ ترڻ لاءِ ٻانهن جو لامارو.

— **تاري تڪائڻ:** پنهنجي لطف ۽ مهر سان هلائڻ.

— **تاريءَ تڪڻ:** سهاري تي جيئڻ. آسري تي هلڻ.

• **تاريخَ ج تاريخُوُنَ:** ٿ. [ع. اَرَّخَ (= ڏينهن لکڻ) > تاريخ] مهيني جو هڪ ڏينهن — ڏينهن — روز. مقرر ڪيل ڏينهن. تت. خط يا ٻئي ڪنهن بہ ڪاغذ يا دستاويز تي ڄاڻايل ڏينهن، مهينو يا سال. هڪ واقعي کان ٻئي واقعي تائين مقرر ڪيل مدت. روزانو لکيل احوال. ماضيءَ جي واقعات جي يادداشت. ماضيءَ جي واقعات جي يادداشت بابت لکيل ڪتاب "تاريخ سنڌ". "تاريخ طَبَري". واقعات جي يادداشت جو علم — علم التاريخ — History. بادشاهن ۽

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

واقعن جو تذڪرو.

– **تاريخوار:** ظرف. تاريخ مطابق. روزانو. سلسليوار.

– **تاريخي:** صفت. تاريخ جو – تاريخ سان واسطو رکندڙ.

– **تاريخي يادگار:** ذ. ڪنهن مشهور واقعي جي يادگيريءَ ۾ قائم ٿيل نشان.

• **تاريڪ:** صفت. [ف] اونداهو. ڪارو.

– **تاريڪي ۽ تاريڪيون:** ث. اونداهي. ڪاراڻ – سياهي.

• **تاريل:** ث. پيڙيءَ جو اوزار – سڙهه جي دامن جي ڪاٺي.

• **تاڙ ۽ تاڙون:** ث. [تاڙڻ (= جاچڻ) > تاڙ] جانچ – چڪاس. چوڪسي. نظرداري. [تاڙي، تاڙ = بندش] ڳهٽ – اُپس – مونجهه – اُڪرس. اُٿاڪ. ڪوٽ – ڪمي – گهٽتائي. دروازي جي تاڙي (ت). کجور جي وڻ جو هڪ قسم. کجي. تاڙ.

– **تاڙ تروڙ ڪرڻ:** ڳولا ڦولا ڪرڻ. جانچ جونچ ڪرڻ.

– **تاڙ ڏيڻ ڪاٽڻ:** ڳهٽجڻ – ڪٽڻ.

– **تاڙ ڏيئي وڃڻ، هٽي وڃڻ:** ڪٽي وڃڻ – ڳهٽجي وڃڻ.

– **تاڙ رکڻ:** چوڪسي رکڻ. نظرداري ڪرڻ. خبر رکڻ.

– **تاڙ ڪرڻ:** جانچ ڪرڻ – نظر ڪرڻ. چوڪسي ڪرڻ.

• **تاڙ ۽ تاڙ (ل):** ذ. اُها مهار جا ناڪيليءَ جي بدران اُٺ جي ٻوٽ کي ٻڌي ڪنڌ مان ورائي جهلجي. ٻنا ناڪيليءَ جي اُٺ کي ٻوٽ ۾ ٻڌل مهار. اُٺ کي ٻڌل ٻوتاڙو. ٻوتاڙي جو رسو. تاڙَ. [سن. تل = ٻه شيون ٺهڪائڻ] تاڙي (هٿن جي). جهيڙو – ڳوڙ (تاڙين جو). زالن جو جهيڙو – ٻاٿيتال. طاق. ڪاٺ جي پٽي (جا در جي طاقن بند ڪرڻ جو ڪم ڏئي) – تاڙو.

– **تاڙ ٿيو:** ذ. زنانو جهيڙو. ناچ جو هڪ قسم. تاڙين سان ناچ. هنبوچي.

– **تاڙ چڙهڻ:** ڪنن تي تاڙيون چڙهڻ – ٻوڙاڻ جو اثر ٿيڻ.

– **تاڙ ڏيئي وڃڻ:** تمام تڪڙو نڪري وڃڻ. ڳوهي ڪري وڃڻ. هيڏانهن هوڏانهن ڳوهيون ڪرڻ. اُبتو سبتو پڇڻ.

– **تاڙ ڪاٽڻ:** تيز ڪاٽڻ (بندوق جي ڳولي). ڳسي وڃڻ. وهڪرو ڦيرائڻ (درياءَ جو).

– **تاڙ هڻڻ:** تاڙي هڻڻ (جهيڙي ۾). جهيڙو شروع ڪرڻ. ڳهٽو ڳوڙ ڪرڻ. هڪٻئي کي طعنا مهڻا ڏيڻ. اُٺ کي نڪ جي مضبوط مهار وجهڻ.

• **تاڙَم (ل):** ذ. ملم پٽي (جا ڦٽ کي ٺاري). دوا درمل – علاج.

• **تاڙڻ:** مصدر. ٽيٽ ڪرڻ. تاڻڻ – جاچڻ – تڪڻ. نهارڻ. چڪاسڻ – ووڙڻ. نظر ۾ رکڻ. دروازي کي ڌڪ ڏيڻ – ڌڪ هڻڻ. (تاڙيو – تاڙيندو – تاڙيل).

– **تاڙي چڙهڻ:** جانچي چڙهڻ – ڏسي چڙهڻ.

• **تاڙو:** ذ. گاهه جو هڪ قسم (اڪثر ڍنڍ ۾ تلائن جي ڪپن تي ۽ سارين جي پوک ۾ ٿئي. تندون ڊگهيون ۽ ڳريدار ’ڳاجري‘ وانگر).

• **تاڙو ۽ تاڙا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (هي پکي مينهوڳيءَ جي موسم ۾ ڏسبو آهي. ڪال ڪٽڇيءَ‘ کان سوايو ۽ پڇ ٻه انهيءَ کان ڊگهو. رنگ ڪاريڙو ٻر پاسن ۽ پڇ وارا ڪي ڪنپ ’ڪبر‘ وانگر اڇا. مينهن جي سڄي مند ۾ تنواريندو رهندو آهي) – مينهڻ – پپيهو (هه) "تاڙي جي تنوار مند مڙيئي مينهن جي": "آريون ابر آسري، تاڙا تنوارين" (شاهه). وڏي طاقائين در کي اندران ڪاٺ جو ڪڙو. تالو – جندو – ڪلف. نار جي هڪ ڪاٺي جا ’ڪاڄڻ‘ جي جهَل جو ڪم ڏئي. مهلڙي جهڙي ڪاٺي جنهن سان پچارا. پچڻ جي زهه کي ڏڪ هٽي کپهه پچيندا آهن. پيڙيءَ جي ڪچي کي مضبوط ڪرڻ جي ڪاٺي.

• **تاڙُو ۽ تاڙُو:** ذ. صفت. [تاڙڻ > تاڙُو] ٽيٽيندڙ – جانچيندڙ. [ترڻ > تاڙ] ترڻدڙ (گهوڙن جو).

• **تاڙي ۽ تاڙيون:** ث. [سن. تَل = ڪي ٻه ٻه شيون ٺهڪائڻ] هٿ تي هٿ هڻڻ جو عمل. ٻن هٿن جو ٺڪاءُ. [سن. تالڪَ] در کي بند ڪرڻ واري ڪاٺ جي پٽي (جا اندران ڪڙي بدران ڪم اچي) – تاڙو. طاقي – تختي (دريا دريءَ جي). رنڊڪ – بندش – پردو "تاڙي جي لاهي، ته منجهين مشاهدو ٿئي" (شاهه). [سن. تال] کجيءَ جو رسُ يا کير (جو نشيدار آهي ۽ ماٺو پيئندا آهن). نار ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺي (’شاهه ونگن‘ جي پاسن کان ٻيا ونگ ڳنڍجن ٿا. جن مان ٻاهرين پاسن وارن کي ’جاڙا‘ ۽ اندرئين پاسي وارن کي ’تاڙيون‘ چون). چرخي يا اُيت جي چڪر جي هڪ ڪاٺي. جنڊ جي مٿئين پڙ ۾ پيل ڪاٺي (جا ڪيرَ تي ٻيهي ۽ پڙ کي ڦيرائڻ ۾ مدد ڪري) – مڪڙي. جهرٽي جي چيرل ڪاٺي (ٿ). ٻڪريءَ جي پڳل تنگ کي ٻڌ ڏيڻ جي ڪاٺي (ڪ) – ڇپر. کجيءَ جو ڳوشو.

– **تاڙي جهيڙو (ت):** محاورو. زنانو جهيڙو.

– **تاڙي لڳڻ:** هٿ هٿ تي لڳڻ. جهيڙو ٿيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **تازي هڻڻ:** سودي يا سَٽي ۾ هٿ تي هٿ هڻي وعدو پڪو ڪرڻ. پڪ ڪرڻ. جهيڙو ڪرڻ (زالن يا ڪدڙن جو). هٿ هٿ تي هڻي راند شروع ڪرڻ – ڏارو ڏيڻ. دلال جو سودي ڪرائڻ وقت آخري واڪ ڏيڻ.

– **تازيون لوڪڻ:** نلها هٿ وڃائڻ – هٿين خالي ٿيڻ. بنا ڪنهن ڪم ڪارجي واندو ويٺو رهڻ. تاڙيون وڃائڻ.

– **تاڙيون ڪيڻ:** بند خلاص ڪرڻ – آزاد ڪرڻ.

– **تاڙيون وڃائڻ:** خوشيءَ وچان يا شاباس ڏيڻ وقت تاڙيون وڃائڻ. واهه واهه ڪرڻ. ڪنهن تي ٺوڪ طور خوشي ڪرڻ. خوار ڪرڻ. هلڪڙائي ڏيکارڻ.

• **تاڙيُونْ:** ث. 'تاڙي' جو جمع. ڪجيءَ جا گوشا (جن ۾ ڪجيون پيدا ٿين).

• **تازگي:** ث. [ف] ساوڪ – سبزي. تازائي پاڻهه – سجرائي. طراوت _ مزو – لطف. خوشي – سُرور.

• **تازو ج تازا:** ذ. صفت. [ف. تازه] سائو – سبز. سرسبز _ آلو _ تَر. سَجر. خوش – چڱو ڀلو. (ظرف) ٿوريءَ دير جو – هاڻوڪو. (ث) تازي ج تازيون.

– **تازائي:** ث. تازگي.

– **تازو توانو:** ذ. صفت. چڱو ڀلو – نوبنو. ٺلهو متارو – تندرست.

– **تازو توانو هجڻ:** چڱو ڀلو هجڻ.

– **تازو ڪرڻ:** سجر ڪرڻ. حُقّي کي پُسائڻ ۽ اُن ۾ نئون پاڻي وجهي ڇڪڻ لاءِ تيار ڪرڻ.

– تازہ: صفت. [ف] تازو.

• **تازْهْ:** صفت. [ف] تازو.

– **تازه به تازه:** صفت. تازو ئي تازو. نؤبنو.

– **تازْه تَرِين:** صفت. تَڪ لَٺل. چُست.

– **تازه دَم:** صفت. تَڪ لَٺل. چُست.

– **تازه دم ٿيڻ:** ٿڪ ڀڃي تازو ٿيڻ.

• **تازي ج تازي:** ذ. [ع. ف] گهوڙي جو هڪ قِسم – عربي گهوڙو "تازي طبيلن ۾، گهوڙا گهر گهٽا" (شاهه). ڪُتي جو هڪ قِسم – شڪاري ڪتو (ڊگهين ٽنگن سان. سنهون لاٺيارو جو نهايت تکو ڀڄي). (صِفت) [ف. تاختن (= تکو ڊوڙڻ) > تازي = تکو ڊوڙندڙ] تکو – تيز.

• **تازِيانو ج تازِيانا:** ذ. [ف] چَهبُڪ.

• **تاسَ:** ث. [سن. تْرِشْ = اُڃائجڻ] اُڃَ – تِيهَ. اُساٽ. [ف. تاسه = پيٽ واري زال جي ڪنهن شيءِ کائڻ لاءِ چِڪَ) > تاس] چِڪَ – ڪشش. اُڪير – سِڪَ. باڙَ – نشو. [ع. طاسَ = سنئين ٿالهي] سڌائي – سنوت – هڪجهڙي سطح (ت).

– **تاسارو، تاسِيارو ج تاسارا، تاسِيارا:** ذ. صفت. اُڃايل – ڏوگهيل.

– **تاساري، تاسياري ج تاساريون، تاسياريُون:** ث. اُڃائي – اُڃايل. "تاسياريون تڙن تي ساريو تا ساگين" (شاهه عنايت).

– **تاسِرُ:** ذ. صفت. تاسيارو.

– **تاسَ وٺڻ:** زمين جي سطح سنئين ڪرڻ – سنوت وٺڻ _ سَنْدرَڻ.

– **تاسِي ج تاسِي:** ذ. صفت. اُڃايل.

• **تاسَ ج تاسُوْنْ:** ث. [ع. طاس > ف. تاس = پتا] باونجاهه پتن جو مجموعو – پَتا (٥٢).

• **تاسُ:** ذ. [ع. اَطْلَسْ = ڳُورڙهو ڳاڙهو ريشمي ڪپڙو] ريشمي ڪپڙي جو هڪ قِسم – اَطلش. [ع. طاسُ = ٿالهي] ٽامي يا جست جو ٿالهه (ت). ديگ جو ڍڪ (ت).

• **تاسا (ت):** ذ. [ع. اَطلس > طاسا > تاسا] ڪپڙي جو هڪ قِسم – سلڪ – بوسڪي – تَسريٽ.

• **تاسِجَڻُ:** فعل مجهول. [سن. تْرِشْ = اُڃائجڻ] اُڃائجڻ – ڏوگهجڻ – اُڃو ٿيڻ. (تاسيو – تاسبو – تاسيل).

• **تاسِرو ج تاسِرا:** ذ. [ع. طاسٌ = ٿالهي] ڪنجهي جو لَسي تري وارو تراڪڙو ٿانءُ (خصوصاً وٽو). ويڪرو ۽ پوئتي وريل سگن وارو ڍڳو.

• **تاسِري ج تاسِريُون:** ث. ڪنجهي جي تراڪڙي وَٽِي يا ٿالهي.

• **تاسُفُ:** ذ [ع] افسوس – ارمان – ڏک – رنج – حسرت. پڇتاءُ.

• **تاسِيرو ج تاسِيرا:** ذ. صفت. پاسيرو. لاپڙيو. اُبتو.

– **تاسِيرو ڏَڪُ:** پاسيرو ڏک. تِرڇو ڏک – لاپڙيلو ڏک.

– **تاسيرو ڏيڻ:** ڪُهاڙيءَ جو پاسيرو ڏک هڻڻ.

• **تاسِيس:** ث. [ع] بنياد – پِيڙهه – اِساس.

• **تاسِيلو ج تاسِيلا (ت):** ذ. [١. ع. اَطلس؛ ٢. تَسر > تَسل] ڪپڙي جو هڪ قِسم – سُوسِي – گيگر.

• **تاغيْرُ:** ذ. [ع. 'تَغَيّر' جو بگڙيل اُچار] ڦير ڦار – تبديل.

• **تاشْقَنْدُ:** اسم خاص. [ترڪي] روسي ترڪستان جو هڪ شهر.

• **تافتو:** ذ. [ف. تافتَهْ = ريشم مان اُٺيل ڪپڙو] ريشمي لَسي ڪپڙي جو هڪ قِسم.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

• **تاڪ ج تاڪُون:** ٺ. [ف. تاپُو = ٺڪر جو ٺٺو] لسو تختو. ٺڦيل ويڪري ماني. [ف. تاپه = چيٽو] وڏو چيٽو. [ع. طاق = دري] بيڙيءَ جي ڳن جي جاءِ تي ’ڳڙه‘ وٽ لڳل پٽي – مُناڙو. [ع. طاق = نيلو گنبذ] نيلَ جي جهَل لاءِ ان ۾ پيل سيخ.

• **تاڪڙو ج تاڪڙا (ڪا):** ذ. صفت. [ف. تاپو = ٺڪر جو ٺٺو] ويڪرو – تراڪڙو – واڇرو – موڪرو. (ٺ) تاڪڙي ج تاڪڙيون.

• **تاڪو ج تاڪا:** ذ. [ف. تاپڻ. ع. طاق = دري] هُرلي، نار يا ائٽ جو هڪ عضوو. اُها ڪاٺي جا ڏينگي جي آمهين سامهين ونگڙين کي ڳنڍي ۽ جنهن ۾ تيرَ ڪٽل هجن. اهو تختو جو چڪر جي وچ ۾ پيل هجي (جنهن منجهان ’مُهرو‘ نڪتل هجي). وڏي چڪر ۾ پيل ڪاٺ جي ٿلهي ڦرهي. ڪپڙن سَنڻ جي سونٽي.

• **تاڪَ:** ذ. [ف] انگورن جي ول (واري سبزي) ”باغ جهري جي ڏجي تشبيه جي ميخانه سان. سبزهء خط ڳهت نه آهي دار بست تاڪ ڪان“ (واصف).

• **تاڪَ:** ٺ. [تڪڻ، تاڪڻ > تاڪ – تڪڻ جو عمل – نظر – نگاه – تاڙ – جانچ – تيٽ. موقعو – داءُ. ڳولا تراڳ. لالچ – لوڀ‘.

– **تاڪائو ج تاڪائو:** ذ. صفت. تڪيندڙ. ٻئي جو مال تڪيندڙ. لالچي – حريص – طمعي.

• **تاڪ:** ذ. [ع. طاق = دري] بيڙيءَ جي پاڇيل ۾ لڳل دري (جنهن ۾ سامان رکجي) – جارو. [ع. طاق = ڳولائون خال] تيل يا ڳيهه وجهڻ لاءِ چمڙي جي دٻي – پتاڙي. ڏسو ”تاڪي“.

• **تاڪجڻ (ل):** فعل مجهول. [ع. طاق (= دري) > تاڪي (= دري) > تاڪجڻ = دريءَ جو بند ٿيڻ. پورجڻ] ٽپ ٽرڻ – حيران ٿيڻ. هراسجڻ.

• **تاڪُل:** ذ. [ع] ڪاٺڻ – ڪاڻو.

– **تاڪُل ڪرڻ:** ڪاٺڻ – واپرائڻ.

• **تاڪڻ ج تاڪڻ:** مصدر. [سن. ٽرڪ = ڏسڻ] تڪڻ – جانچڻ. لالچ ڪرڻ – لوڀ ڪرڻ. حرص ڪرڻ. چڏڻ – ترڪ ڪرڻ. (تاڪيو – تاڪيندو – تاڪيل).

• **تاڪڻ:** مصدر. [ع. طاق = دري] در جو طاق بند ڪرڻ – در بند ڪرڻ. تاڪيون ڏيڻ. پورڻ.

• **تاڪو ج تاڪو:** ذ. صفت. تڪيندڙ – تاڪائو. حريص – لوڀي – لالچي – طمعي. شڪار ڪرڻ لاءِ اکيون پائي ويٺل – شڪاري ”موت محب پاهون، تاڪُن تڪي آهيان“ (شاهه).

• **تاڪُون (ت):** ظرف. [ف. تا (= تنهن وقت، تائين) + ڪُون (= ڪؤن)] تڏهن کان – تڏ هانڪر.

– **تاڪُون لاڪُون:** ظرف. کان وٺي – تنهن وقت کان وٺي.

• **تاڪي ج تاڪيُون:** ٺ. [ع. طاق = دري] ننڍو تختو – تختي. دريءَ جو طاق. دري. ڪنهن چؤڪٺ جي پاسي واري پٽي. ڪاٺ جي ڦٽيل ڪاٺ جي مستطيل پٽي. تاڪين جي ٺهيل پيتي. انَ جي انداز لهڻ لاءِ ڪاٺ جي تختي. سليٽ جي پاسي واري پٽي. بيل گاڏيءَ جي منجيءَ ۾ وڏل تختو. پاسي وارو هڏو – پاسراٽي. ٻارو (زمين جو). ڪاٺي ڪرڻ لاءِ زمين جي ماپيل پٽي. ڪاٺي ڪري ڪوٺيل ٻري (ڊگهي مستطيل پٽي). پٽ ۾ ڪليل چورس يا مستطيل ڳڙکي. جارو. تاس جو هڪ پتو. چمر جي دٻي (گيهه يا تيل وجهڻ لاءِ) – پتاڙي ”گيهه تپايو، تاڪين پايو، ڪڍن وسراٽن کي وٽ“ (سانوڻ).

• **تاڪيدُ ج تاڪيدَ:** ذ. [ع] حڪم – فرمان. ورجايل چوڻ – چتاءُ. تنبيهه (ڪم جلدي ڪرڻ، نه ڪرڻ يا ضرور ڪرڻ بابت). تقاضا – زور.

– **تاڪيداً:** ظرف. تاڪيد سان – تنبيهه سان.

– **تاڪيد ڪرڻ:** چتاءُ ڏيڻ. حڪم ڏيڻ. تنبيهه ڪرڻ. وري وري چئي زور وجهڻ.

• **تاڪيد نامون:** ذ. حڪم نامون. منع نامون. دٻ نامون.

• **تاڪيو ج تاڪيا:** ذ. [۱ ع. طاق = اندران تهه ڏنل يا استر ڏنل ڪپڙو؛ ۲. ع. طاق (= دري) > ف. دو طاق (= ٻيڻو)، سه طاق (= ٽيڻو) > تاڪيو = تاڪيون تاڪيون ٿيل، تهه تهه ٿيل؛ ۳. ع. طاق > ف. طاقه = هيڪوٽو ريشمي ڪپڙو] يڪ ٻري اُٺاوت (ڪپڙي يا قالين جي). ڪپڙي جو ٿانُ. [ع. طاق = ڳولائون خال] گيهه يا تيل وجهڻ لاءِ چمر جو دٻو (ل. ٺ) – تاڪ.

• **تاڪ ج تاڪون:** ٺ. صفت. [ع. طاق = تهه ڏنل، استر ڏنل > تاڪ] پختي آزمودگار عورت. پوڙهي زال. واتراڏي رن – جهيڙاڪار عورت. (ٺ) وڏي، ويڪري ۽ ٽانگهي ڪوڏي.

• **تاڪَ (ت):** ذ. صفت. چالاڪ. مشهور.

• **تاڪڻُ (ت):** مصدر. ٻه ٽي ڏڪيون، مينهون ۽ ٻڪريون ڍهي ٿورو کير ڳڏ ڪرڻ – پڙچوئي ڪرڻ.

• **تاڪڙو ج تاڪڙا:** ذ. صفت. تانگهڙو – تراڪڙو. (ٺ) تاڪڙي ج تاڪڙيون.

• **تامَسَ**: ث. ڪاوڙ — ڏمر. ڏسو "تامَش".
— **تامسي**: صفت. ڪاوڙيل — ڏمريل.
• **تامَشَ ج تامَشُون**: ث. [ف. تابَش > تامَشَ] گرمي — تائُڙي. ڪاوڙ — چڙ. ٻيڪي.
• **تامشي**: صفت. ڪاوڙيل.
• **تامُلُ**: ذ. [ع] سوچ — ويچار. غور. انديشو. دير — دِر.
• **تامني**: ث. اُونداهي رات "تُکِي، تهاري، تامني، تَمهن تامَ. تَمسَ" (ڏهسنامي جي تُڪَ جنهن ۾ رات جا مختلف نالا ڳڻيل آهن).
• **تانْ**: ظرف. [ف. تا > تانْ] وقت جي حد تائين — وقت جي پڄاڻي تائين — نيٺ "تان جو رات پنجي وئي"، "تان جو ڳالهه کلي پئي". تيستائين — ايتري تائين "تانْ ڪِي وتن ويهه، جانْ ڪي آهن جُوءِ ۾" (شاهه). تنهن وقت — تنهن ويل (جي معنيٰ ۾) "جانْ ڏسان، تانْ ناهه پرين". انهيءَ وقت "ڊوڙيو تانْ رسيو". [تان = تيئَن] 'تيئَن' جي معنيٰ ۾ 'جانْ' سان گڏ ايندڙ حرف "جان تان ڪري ڪيس مڃايم" (= جيئَن تيئَن ڪري ڪيس مڃايم). (حرف جر) [اُتان (= مٿان. سرِتان. اُتاهين تان. چوٽيءَ تان) > تان (مخفف)] سرِ تان — جي مٿان — مٿان "آنْ تان حرف هرو، مُوراهين معاف ٿيو" (شاهه): "ساهه سڄڻ توتان، گهورڙُون گهور گهمائيان" (سگهڙ). چوٽيءَ اُتان "ڇت تان ڪري پيو"، "ڇت تان لاٿائين". سطح اُتان "پٽ تان ڪنيائين". هنڌان — ماڳان — وٽان (جي معنيٰ ۾) "دُڪان تان ٿي تو اچان". کان (جي معنيٰ ۾) "ان ڳالهه تان هٿي وڃ": "مقدمي تان هٿ ڪنيائين". "پنهنجيءَ تان نه مڙيو". منجهان — مان — وچان (جي معنيٰ ۾) "ڪتاب تان لکيم"، "وات تان موٽي ويو". سببان — جي ڪري — ان ڪر: (جي معنيٰ ۾) "ڇا تان ڪاوڙيو؟" "چوريءَ تان سزا ڪاڏائين"، "ذري تان گُسي ويو". ته (تفسير جي معنيٰ ۾) "مان تان ڪين اُتونِ، هُو ڪجاڙي ڪي ڪيچ ويا!": "تِبر وِيڻ، شاهنواز چئي، مان تان ڪونه ڪَيونِ: "لکِي تان لک ٿئي". (تاڪيد ۽ تمنا جي معنيٰ ۾) "ڪڏ گذاريون ڏينهڙا، قسمت جا ڪي تان" (سگهڙ). (حرف جملو) ته — ته پوءِ "پلاٽي ڪندين، تان پلو تنهنجو ٿيندو". "پڪو تان چئو". ته ٻه — ٻڻ "گهڙو پڪو ته گهوريو پڄي تان نه گهڙي" (شاهه). اڃا ٻه — البت "پڪو آءُ نه چوان، ماريو تان وسهان" (رسالو).
• **تانَ ج تانُونْ**: ث. [ف. تان = وات جو اندريون پاسو] ڳائڻ جي هڪ هُنر جو نالو. راڳڻيءَ مطابق سُرن جي سلسليوار لاهي يا چاڙهي وارو لهردار آواز (نڙي توڙي ساز جو). نڙيءَ يا تارون منجهان هنيل پلٽو. پلٽو. هڪ ڪان وڌيڪ سُرن جي هيٺ مٿي ڳائڻ جي حالت. هيرَ — عادت (ٿ).
— **تانرُ ج تانرَ**: ذ. صفت. تان هڻندڙ. نخريباز.
— **تانَ هڻڻ**: سُرن جي لاهي چاڙهي ڪي لهردار آواز ۾ ادا ڪرڻ. پلٽو هڻڻ.
• **تانتو ج تانتا (ٿ)**: ذ. تڪرار — معاملو.
• **تانتو نه ڇڏڻ**: تڪرار نه ڇڏڻ. جند نه ڇڏڻ.
• **تانڊُورو ج تانڊُورا**: ذ. [سن. تَنتَ] تَنڊُ. تَنڊو. ڌاڳو (سُٽ يا ريشم جو). ڪنهن وڻ، ٻوٽي يا وَل جو ڌاڳي مثل سنهڙو گوشو. سنهڙي ڌاڳي مثل پاڙ.
• **تانڊُوڙو ج تانڊُوڙا**: ذ. تانڊُورو.
• **تانسينْ**: ظرف. تنهن وقت تائين — تيستائين. تنهن هنڌ تائين.
— **تانسِينْ تائِينْ**: ظرف. تيستائين تانسينْ.
• **تانسيْنُ**: اسم خاص. اڪبر بادشاهه جي دربار جي مشهور گَوَيي جو نالو.
• **تانڪُونْ (ت)**: ظرف. تنهن وقت کان — تڏهانڪر.
• **تانگهَ ج تانگهُونْ**: ث. سِڪَ — اُڪير — اُڪنڊ. چِڪَ — ڪَشش — ڪاڍو "دِل هٽي ڪِي ڀَهلا ٻارا تنهنجي ٻاڻ، رات ڏينهان تن ۾ تنهنجي تانگهه تاڻ". گهرج — ضرورت — طلب. لاڙو — رجحان. پرواهه. انتظار. واڌِڻ. رَسِي. نوڙي (پاڻيءَ ماپڻ جِي). [ف. تَگ = پاڻيءَ جو ترو] پاڻيءَ جي تانگهائي — پاڻيءَ جو عُمق — اونهائي "تانگهه نه لڌي تارُئين، مَپُ نه ماٽيئڙن (شاهه). پڄاڙي — پُڄاڻي "مانگهہَ، سياري ڏني تانگهہَ" (چوٽي).
— **تانگهه پلڻ**: سِڪَ پَلڻ. آسرو پلڻ. خيال لاهي ڇڏڻ.
• **تانگهائڻُ**: مصدر. اُڪيرجڻ — اُڪنڊجڻ. ڪنهن طرف تاٽائڻ. واجهائڻ. انتظار ڪرڻ.
• **تانگهڻُ**: مصدر. [ف. تَگ (= ترو. "تگِ دريا" = سمنڊ جو ترو) > تانگهه > تانگهڻ] پاڻيءَ جو ترو لهڻ — پاڻيءَ جو عمق جانچڻ (ڏوريءَ سان يا رسيءَ سان) — ماپ لهڻ. تانگهي پاڻيءَ مان لنگهڻ. ڳولڻ. انتظار ڪرڻ. اُڪنڊجڻ. (تانگهيو — تانگهيندو — تانگهيل).
• **تانگهو ج تانگها**: ذ. [ف. تَگ = ترو] ننڍو پاڻي (ماٿهوءَ جي قد کان ننڍو: "تار" جو ضد).

• **تائڻ:** مصدر. [سن. تَپُ = تپائڻ: ف. تابُ، تاو > تاءِ > تائڻ] تپائڻ. سيڪ ڏيڻ – گرم ڪرڻ. تپائي ڪڍڻ. ستائڻ. تيزيءَ سان ڪنهن کي تاڪيد ڪرڻ. ڪاوڙائڻ. چيڙائڻ. (تايو، تائيو – تائيندو – تايل، تائيل).

• **تائڻ تپائڻ:** ڪڪ ڪرڻ – بيزار ڪرڻ. چيڙائڻ. ڪاوڙائڻ. تڪليف ڏيڻ.

• **تائي تپائي ڪڍڻ:** تنگ ڪرڻ – بيزار ڪرڻ – ڪڪ ڪرڻ.

• **تائي ڏيڻ، ڪڍڻ:** بيزار ڪرڻ. تڪڙ ڪرڻ – اصرار ڪرڻ.

• **تائي (ت):** ث. تاءِ – تائڙي. اُپس – اُتت.

• **تائي لڳڻ:** اُڄ لڳڻ – خشڪي لڳڻ. ٻوڪ کي ٻاڙيءَ جي گهرج ٿيڻ (سوڪ لڳڻ).

• **تائيتُ ج تائيتَ:** ذ. تائتُ.

• **تائيدَ ج تائيدُون:** ث. [ع. تاييدُ پٺڀرائي (نظريي، راءِ، بحث ۾). حمايت ٽيڪو. تصديق.

• **تائيد ڪرڻ:** پٺڀرائي ڪرڻ – ٽيڪو ڏيڻ – حمايت ڪرڻ.

• **تائين:** ظرف. وٽ (انهيءَ هنڌ) – پر ۾ (تنهن جاءِ). توڙي – سوڌو. توڙي. مرڪب ۾ 'حرف جرُ' جي حالت ڏيکاريندڙ "تيستائين. ايستائين".

• **تبُ (ل):** ذ. [ع. طب] طبو – علاج.

• **تہ ٻہ:** ظرف. [ف. تا (تائين) + بہ (= سان)] انهيءَ هوندي – تنهن هوندي. (حرف جملو) تہ پڻ. پر.

• **تباخُ ج تباخَ:** ذ. [ف. طباخ] نِڪرجي ٿالهي. ڏسو "تباڪ".

• **تبادلُ:** ذ. [ع. بَدَلَ > تبادَلَ = مٽائڻ] عيوضو – معاوضو – ڏي وٺ – بدل سدل. ٻي (ملازمت ۾).

• **تبارُ:** ذ. [ف] خاندان – گهراڻو. قوم – ذات. نسل – اولاد. (صفت) سڀاڳو – سڀُورو.

• **تبارڪُ:** صفت. [ع. بَرڪَ > تبارڪَ = برگزيدو پاڪ (ٿي)، وڏنڌڙ] برڪت وارو. پاڪ. برگزيدو. وڏو – بزرگ. برتر (اسم خاص) قرآن شريف جي اوڻٽيهين سيپاري جي پهرين سورة (جنهن جا شروعاتي لفظ "تبارڪ الذي ...... الخ" تان پيل) جو نالو.

• **تباشيرُ:** ذ. [ع. طباشير] پسارڪي وکر جو هڪ قسم (اڇي رنگ جو ۽ ٿورو آسماني رنگ ڏي مائل ٿئي). [ع. تَبشير ج تباشيرُ (= خوش خبريون. سرهائيون) > ف. تباشيرِ صُبح = ٻريات جي روشنائي] صبح ڪاذب جي روشنائي. روشنائي.

• **تباڪُ ج تباڪَ:** ذ. [ع. طبق: ف. طباخ] نڪرجي ٿالهي – تباڪ.

• **تباڪُ ج تباڪَ:** ذ. [ع. طبق: ف. طباخ] نِڪرجي ٿالهي – ٻاٽوڙو – تباڪُ.

• **تباهُ:** صفت. [ف] نابود – برباد – ناس – چٽ. ويران. خراب. پريشان.

• **تباهه حالُ:** ذ. صفت. پريشان حال – ذليل. برباد. ڪنگال.

• **تباهه حالي:** ث. زبون حالي. بي سرو ساماني. مسڪيني – غربت. پريشاني.

• **تباهه ڪُنُ:** ذ. صفت. [ف. تباه + ڪُن = تباهه ڪندڙ] برباد ڪندڙ – ناس ڪندڙ.

• **تباهي ج تباهيون:** ث. [ف] بربادي – ويراني. آفت – مصيبت. ذلت – رسوائي.

• **تبخالُ:** ذ. [ف] تپ جي اوبر (جنهن ۾ چپن تي ڦرڙيون نڪرن ۽ اها تپ جي وڃڻ جي نشاني سمجهي ويندي آهي). وات – لاڪڙو.

• **تبدَلُ:** ذ. [ع. بَدَلَ > تبدّلَ = بدلجڻ] بدل سدل – ڦيرگهير. تبديلي.

• **تبديل، تبديلي ج تبديلون، تبديليون:** ث. [ع. بَدَلَ > بدّلَ. تبديل (= ڦيرائڻ. بدلائڻ) > ف. تبديلي] صورت بدلائڻ. مٽا سٽا. انقلاب. علم نحو جي اصطلاح ۾ هڪڙي ٻوليءَ جي لفظ جي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ اچي اختيار ڪيل صورت. بدلي.

• **تبرَ ج تبرُون:** ث. [ف. تبر = ڪهاڙي] وڏي ڦر واري ڪهاڙي. تکي ڪهاڙي. هڪ قسم جي ننڍي ڪهاڙي (جا فقير ڪڻندا آهن).

• **تبرّا:** ذ. [ع. بَرءَ > تبرّءَ (منُ) = ٻري هجڻ. ڪنهن کان بي واسطي هجڻ] بيزاري – نفرت. گلا. ملامت.

• **تبرڪُ:** ذ. [ع. برڪ > تبرّڪ = دعا جي اميد رکڻ. نيڪ فال وٺڻ. دعا. خير] اُها شيءِ جنهن ۾ برڪت هجڻ جو اعتقاد هجي. ڪنهن بزرگ کان مليل تحفو. پاڪُر. خلعت.

• **تبرڪا:** ظرف. [ع] برڪت طور.

• **تبرڪاتُ:** ذ. [ع. تبرُّڪ ج تبرُّڪات] "تبرُّڪ" جو جمع. بزرگن جا آثار. درويشن کان تحفي طور مليل شيون (جي برڪت طور رکجن).

• **تبريزُ:** اسم خاص. ايران جي هڪ مشهور شهر جو نالو (آذر بائجان علائقي جو مکيہ شهر).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **تَبريزي:** صفت. 'تبريز' شهر جو.

• **تَبَسُّمُ:** ذ. [ع. بَسَمَ > تَبَسُّم = مُرڪڻ] چپن ۾ کلڻ جي حالت — مُرڪ — مُشڪ.

• **تَبصرو تَبصرو ج تَبصرا:** ذ. [ع] بَصَرَ، بَصِرَ (ڏسڻ، سمجهڻ) > تَبَصُّر = خيال، ويچار] ڪنهن مسئلي يا مضمون بابت پنهنجا خيالات ظاهر ڪرڻ. مضمون يا ڪتاب تي ڏنل راءِ.

• **تَبعيد:** ث. [ع. بَعُدَ > تَبعيد = ڏور ڪرڻ] ڏورائي. مفاصلو.

• **تَبلي رَنڊو:** ذ. رَنڊي جو هڪ قسم (گول منهن وارو رنڊو).

• **تَبليغ:** ث. [ع. بَلَغ = پهچائڻ] ڪنهن جڳهِ ڳالهه کي ٻين تائين پهچائڻ. نيڪ ڳالهه جي پڌرائي. ديني نيڪين جي پڌرائي. پهچائڻ (شريعت جو حڪم) تلقين مذهب جي.

• **تَبو ج تَبا:** ذ. [ع. طَبَّ (= علاج ڪرڻ) > طَبو] علاج — دوا — ٻلو. ڏسو "طَبو". ٿَئو (ٿ).

• **تَبُوڪ:** اسم خاص. [ع] مديني شريف ۽ دمشق جي رستي تي هڪ شهر جو نالو (جتي سال نائين هجريءَ ۾ نبي صلي الله عليه و آله وسلم جن جي بنا مقابلي فتح ٿي ۽ حضور جن اُتي ويهه ڏينهن رهي موٽي آيا).

• **تَتُ ج تَتَ:** ذ. [سن. تَتوَ = عناصر جيڪي دنيا جي سيني شين جو بنياد آهن] عُنصرُ — پُوت (هندو فلسفي موجب پنج تَتَ يا پُوت آهن: هوا، پاڻي، باهه، مٽي ۽ آسمان (پولار). ڪي فلسفي صرف ٻهريان چار عناصر تسليم ڪن ٿا "چار تَتَ عالم ٿا سمجهن. پرت پنجون آهي تَتَ"). بنيادي ڳالهه — حقيقت. اختصار — خلاصو — سارُ — تاتپرج. حاصل مطلب. نچوڙ. نتيجو. جوهر — مُولُ. اگهاڙو — نانگو (ٿ).

• **تَت ڪيڻ:** اصل حقيقت معلوم ڪرڻ. اندر ڪيڻ — منجهه ڪيڻ — راز کولڻ. اختصار ڪرڻ.

• **تت:** ظرف. اُتي — تتي — اُن جاءِ تي.

• **تَتاڪ (ڪ):** ث. تاڪورَ — سيڪ.

• **تَتانْ:** ظرف. تنهن هنڌ کان — انهيءَ جاءِ کان. اُتان — اُتانْ ٿي.

• **تَتَبُّع:** ذ. [ع. تَبعَ = پيروي ڪرڻ] پيروي — پوءِ لڳائي. ڪنهن شاعر جي غزل يا نظم جي پيران غزل يا نظم جوڙڻ.

• **تَتِپرُ:** صفت. هٿ جو چُوهو. هوشيار — ڪاريگر. ماهر — چالاڪ.

• **تَترُ ج تَترَ:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (ڳيري جيڏو يا البت وڌيرڙو ۽ سهڻو پکي جنهن جي پنيءَ تي ٽِڪرا ٽِڪرا ٿين. ٽي قسم: ١. ٻَگڙو ٢. ايراني. ٣. ڪارڙو).

• **تتر ڄڏائي وڃڻ:** غفلت سببان ڪو فائدي جهڙو موقعو هٿان وڃائڻ.

• **تتر ڏائو ٿيڻ:** تتر جو ڏائي پاسي ٻولڻ (جو خراب سَوڻ سمجهيو ويندو آهي ۽ ان بدسوڻ سببان ڪوبه ڪم نه ٿئي) "آلا! ٿئي مَ اُن کي، ڏنگر ۾ ڏائو" (شاهه).

• **تتر ڏيڪاري ٻتر ڏيڻ:** وڏو انجام ڪري نه پاڙڻ. ٺڳيءَ جو نمونو هلڻ.

• **تتر ڪَرڙي:** ث. جهڙ جو هڪ نمونو (جنهن ۾ ڪڪرن جا ننڍڙا ننڍڙا ٽڪرا آسمان ۾ ائين چانئجي بيهن جو ڄڻ تتر جي پٺيءَ جا ٽڪرا آهن) — ننڍڙن ڪڪرن جي ميرمير.

• **تتڪال:** ظرف. [سن. تَتِ = اهو + ڪالَ = وقت = انهيءَ وقت، هينئر] جهٽ پٽ — بنادير. [سن. تَتوَ + ڪال = هيءَ عنصري زمانو] زمان حال. زماني جي بي ثباتي. بي بقاءِ زمانو. زماني جي بيوفائي "هي تتڪالي تُومان. سامي جهاڳي سر ٿيا" (سامي).

• **تتڪرو ج تتڪرا:** ذ. [سن. تَتِ = اختصار + ڪَرِيه = نمونو] نالن لکڻ جو مختصر نمونو (جو دڪاندار پنهنجي بندين ۾ فهرست طور لکندا آهن. مثلاً ساڳي بنديءَ ۾ گهڻن ماڻهن جو حساب ڪتاب لکيل آهي ته 'الف — ب' وار لکندا آهن. جيئن ڪلاچند، ڪريم بخش، قادر بخش وغيره سڀ 'ڪ' واري پاڳي ۾ ايندا، ۽ بنديءَ جي فهرست ۾ صرف 'ڪ ڪ ڪ' لکي ان جي سامهون صفحي جو نمبر هڻي ڇڏيندا آهن جيئن نالي ڳولڻ ۾ آساني ٿئي) — حرفي اختصار. حساب ڪتاب جا سرا.

• **تتڪرا ترڻ:** مختلف جنسون هٽ ۾ جهلي تپاسڻ. عيب ويچارڻ.

• **تَتَلُ ج تَتَلَ:** ڪوسو — صفت. گرم. سيڪيل. تپيل — ڪاوڙيل.

• **تتمو ج تتما:** ذ. [ع. تَتِمَّة ج تَتِمّات] خاتمو. تڪميل. آخرين حصو. ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ وڌيل حصو — ضميمو.

• **تَتن تاري:** محاورو. تڪڙي اچ وڃ. جلدائي — تڪڙ. متاڇرو ڪم. جلديءَ ۾ ڪم.

• **تَتن تاري ڪرڻ:** تڪڙ مان متاڇرو ڪم ڪرڻ. جلديءَ مان ڪم ڪرڻ.

• **تَتڻ:** ث. گرمي — تابش — تاتڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **تپ ٻڌڻ:** تپ کي ٻڌي قابو ڪرڻ (ته مريض سان نه وڙهي وڃڙي) – تپ کي ٻڌڻ جو سوڻ ڪرڻ (سوڻ ڪندڙ مُڃ جي نوڙي ڪٺندو ۽ "الم نشرح" سورة پڙهندو هر هڪ "ڪ" تي ڳنڍ ڏيندو ويندو. پوءِ اها نوڙي ڪنهن سائي ڪرڙ يا ٻئي وڻ ۾ ٻڌندو ۽ ٻڌڻ وقت مريض کان پڇندو ويندو ته "تپ ٻڌان" مريض چوندو "ٻڌ" ته هڪ ڳنڍ ڏيندو. اهڙيءَ طرح ٽي دفعا پڇي ٽي ڳنڍيون ڏيندو). (عام وهم موجب) دشمنيءَ سببان ڪنهن مريض ماڻهوءَ جي تپ جو مُدو ٻڌڻ (جيئن انهيءَ مدي تائين تپ ڪيس ٻڌو پيو هجي ۽ پيو تپ لوڙي) – ڪنهن حيلي سان گهڻو ٿڪجي وڃڻ. وڏي نقصان ۾ وڃڻ "ڪنهن جو تپ ٻڌڻ".

• **تپ جا هاڙهه چڙهڻ هُجڻ:** ڏاڍو بخار ٿيڻ – سخت تپ هئڻ.

• **تپ ڇاڙهڻ ڏيڻ:** ٻرو ڏيڻ. ڪنهن حيلي سان ٿڪجي وڃڻ. وڏي نقصان ۾ وڃڻ. ڏاڍي مار ڏيڻ.

• **تپ چڙهڻ:** بخار چڙهڻ – ٻرو چڙهڻ – سستي چڙهڻ. ڊپ وٺڻ.

• **تپ دِقُ:** ذ. [ف. تب دِق] ڦڦڙن جي خرابيءَ کان ٿيندڙ تپ – سلهه جو تپ.

• **تپاچو ج تپاچا:** ذ. [ف. تَمَنْچَهْ] تمنچو – پستول.

• **تپاس:** ث. [ع. تَفَحُص = گهري جانچ. اونهي جانچ] جانچ – چڪاس. معائنو. پُڇا. ويچار – غور. ويچار وارو فيصلو

• **تپاس ڪرڻ:** جانچ ڪرڻ. ويچار ڪرڻ. ويچاري فيصلو ڪرڻ. پُڇا ڳاڇا ڪري دريافت ڪرڻ. تپاسڻ.

• **تپاسڻ:** مصدر. [ع. تَفَحُص > تپاس > تپاسڻ] چڪاسڻ – جاچڻ – ڏسڻ (ڪنهن شيءِ کي چڱيءَ طرح). معائنو ڪرڻ. پرکڻ. ڳالهه کي ويچارڻ. جانچي غور ڪرڻ. (تپاسيو – تپاسيندو – تپاسيل).

• **تپاسو ج تپاسا:** ذ. پتاسو – پتاشو.

• **تپاشو ج تپاشا:** ذ. پتاشو.

• **تپاشيرُ:** ذ. ڏسو "تباشير".

• **تپاڪُ:** ذ. [ف. تپاڪ = بي آرامي] ولولو – گرمجوشي. اُتساهه. اخلاص.

• **تپاولِي ج تپاوليون:** ث. [تَپ (= بخار. ٻرو) > تپاولي] ماڻهن ۾ تپ عام هجڻ جي حالت. تپ جي عام شڪايت ('سرءُ' خاص تپ جي موسم آهي جنهن ۾ 'تپاولي' عام ٿئي).

• **تپائڻُ:** مصدر. [سن. تَپُ (= تپڻ) > تپائڻ] تمام گهڻو گرم ڪرڻ. تاءُ ڏيڻ. ڪاوڙائڻ – تنگ ڪرڻ. تڪليفون ڏيڻ. آزارڻ – ستائڻ. (تپايو – تپائيندو – تپايل).

• **تپائي ڏيڻ. ڪڍڻ:** آزار ٻارڻ – تڪليف ڏيڻ. گهڻو زور پرڻ (ڪنهن ڪم لاءِ) – وري وري چوڻ. بيزار ڪرڻ. ڪڪ ڪرڻ.

• **تپت:** ث. [سن. تَپُ = تپڻ] گرمي – ڪوساڻ. تپش. تاٿڙي.

• **تپجڻُ:** مصدر "تپڻ" مان فعل مجهول. [تَپُ (= بخار. ٻرو) > تپجڻ] تپجي پوڻ – ٻرجي پوڻ. تپڻ.

• **تپدارُ ج تپدارَ:** ذ. صفت. [ف. تَپْ + دار] ڏسو "تپيدار".

• **تپداري ج تپداريون:** ث. تپيداري.

• **تپرسُ:** ذ. اچرج – حيرت. ويچار.

• **تپرس ۾ پوڻ:** عجب ۾ پوڻ – حيرت ۾ پوڻ.

• **تپسيا ج تپسيائون:** ث. [سن] نفس کي مارڻ لاءِ جسماني تڪليف. رياضت.

• **تپسِي:** ذ. صفت. تپسيا ڪندڙ.

• **تپش. تپش:** ث. صفت. [ف. ١. تَپِش = گرمي جي لهس؛ ٢. تَپِش = گرمي. باهه] گرمي – حرارت. سج جو تاءُ. سوزش. بيقراري.

• **تپشا ج تپشائون:** ث. تپسيا – رياضت.

• **تپڻُ:** مصدر. [سن. تَپُ = گرم ٿيڻ] گرم ٿيڻ – ڪوسو ٿيڻ. ڪاوڙجڻ. جوش ۾ اچڻ. (تپيو – تپندو – تپيل).

• **تپڻو:** ذ. صفت. تپي ويندڙ. جلد ڪاوڙجندڙ – چڙندڙ – چيڙاڪ

• **تپڻي ج تپڻيون:** ث. صفت. جلد تپندڙ شيءِ. جلد ڪاوڙجندڙ – زود رنج. (ث) باهه. ڪا خاص تتل شيءِ يا لوهي اوزار جنهن سان ڏنب ڏجن.

• **تپڻي تپائڻ:** ڏنين ڏيڻ لاءِ ڪا خاص لوهي شيءِ تپائڻ. ڪنهن جي پويان باهه ٻارڻ. ڪڪ ڪرڻ – پريشان ڪرڻ. سک ڪرڻ نه ڏيڻ.

• **تپي باهه ٿيڻ:** تمام گهڻو گرم ٿيڻ (ڌاتو وغيره). حد کان زياده گرم ٿيڻ. تمام گهڻو ڪاوڙجڻ.

• **تپي ڳاڙهو ٿيڻ:** ڪنهن ڌاتوءَ جو سخت گرم ٿي لال ٿيڻ. تمام گهڻو تپڻ. تمام گهڻو ڪاوڙجڻ.

• **تپيَل:** اسم مفعول. (صفت طور ڪم ايندڙ) گهڻو گرم ٿيل – تتل.

• **تپي وڃڻ:** سخت گرم ٿي وڃڻ (ڪنهن شيءِ جو). سخت ڪاوڙجڻ.

• **تپو ج تپا:** ذ. [ف. تَپَهْ = زمين ٽڪر] روينيو ڪاتي جي نظام

موجب مخصوص ايراضي (جنهن ۾ هڪ کان زياده ديهون شامل هجن).

• ٽپيدارُ ج ٽپيدارَ: ذ. صفت. [ف. تَپَہ + دار < داشتن = رکڻ] ٽپي جو سنڀاليندڙ – ٽپدار. روينيو کاتي جو هڪ ننڍو ملازم (جو مقرر "ٽپي" جي زمين جي ياد داشت رکي ۽ ٽپي مان فصلن جي ڍل وصول ڪري).

• ٽپِيل: اسم مفعول. ["ٽپڻ" يا "ٽپجڻ" مان اسم مفعول. جو صفت طور پڻ استعمال ٿئي] سخت گرم ٿيل – تتل. بخار ۾ ورتل – ٻريل.

• ٽپيلو ج ٽپيلا: ذ. طعام رڌڻ جي ٿانءُ جو هڪ قسم. ويڪري منهن وارو ديڳڙو.

• ٽپيلِي ج ٽپيليُون: ث. طعام ترڻ ۽ پچڻ لاءِ هڪ قسم جو ٿانءُ (ويڪري منهن، تانگهي تري ۽ پاسي کان ٻن ڪڙن وارو).

• ٽَجَ: ث. دالچيني.

• تِجَ: ث. پسارڪي وکر جو هڪ قِسم (هڪ قسم جي وڻ جو چوڏي رنگ هلڪو ڳاڙهو. ذائقو تِکو. ٿورو مِٺو ۽ اثر گرم خشڪ) – تِيج (ڪاٺي) – سليخه (ع).

• تِجِ (ڪ): ذ. تِج جيترو.

• تُجارُ ج تُجارَ: ذ. [ع. تاجِرُ (= واپاري) ج تُجّار] وڏو واپاري – لکاپتي يا ڪروڙ پتي واپاري. شاهوڪار _ دنيادار – تونگر.

• تُجارَتَ ج تُجارَتُونْ: ث. تونگريءَ واري حالت – دنياداري – تجارپڻو. وڏي ملڪيت – گهڻي مايا. سوداگري – تِجارت.

– تُجارپڻو ج تُجارپڻا: ذ. گهڻو ڌن ۽ دولت – تونگريءَ جي حالت – تُجارت.

– تُجار هئڻ: تونگر هجڻ. تمام سکيو ۽ آسودو هئڻ.

• تِجارَتَ: ث. [ع. تِجارَة = واپار] واپار. خريد فروخت – سوداگر.

– تِجارت گاهه: ذ. واپار جي جاءِ _ مارڪيٽ.

– تِجارتِي: صفت. واپاري. – ڏي وٺ جو – سوداگريءَ جو.

– تِجارتِي هوائُون: ث. جاگرافيءَ جي اصطلاح ۾ سمنڊ جون خاص هوائون (جي سمنڊ ۾ جهازن کي هلڻ ۾ مدد ڪن: انهيءَ موسم ۾ جهاز، غوراب ۽ ٻيڙا آسانيءَ سان آمدرفت جاري رکي سگهندا آهن ۽ سٺائي واءُ سببان سندن آمدرفت ۾ وڏي آساني ٿيندي آهي). Trade winds.

• تَجاوُزُ: ذ. [ع. جاوَز (= حد کان لنگهڻ) > تجاوُز (عَنْ) = حد کان لنگهڻ] حد کان زياده واڌ. زيادتي. واڌارو – اضافو. گستاخي. چڙواڳي.

• تَجاهُلْ: ذ. [ع. جَهِلَ (= اڻڄاڻ ٿيڻ) > تجاهُل = اڻڄاڻ ٿيڻ جو بهانو ڪرڻ] ڄاڻي واڻي اڻڄاڻ بڻجڻ – پاڻ کي بيخبر ظاهر ڪرڻ. ڪن لاٽار.

• تَجاهُل عارفانہ: ذ. علم بديع ۾ معاني جو اصطلاح – ڄاڻ هوندي بہ شاعر جو پنهنجي شعر ۾ پاڻ کي اڻڄاڻ ظاهر ڪرڻ. ڄاڻي ٻجهي نٽائڻ. اڻڄاڻ بڻجڻ. بيخبري جو اظهار ڪرڻ.

• تَجْدِيدَ: ث. [ع] ڪنهن پوئتي پيل ڪم، نظام يا تحريڪ کي وري اُپارڻ. نئين سر جيارڻ.

• تَجَرَ ج تَجَرُونْ: ث. [ف. تَجَرْ = سياري ۾ رهڻ جو گهر. سامان رکڻ جي جاءِ] ناٺي رکڻ لاءِ زمين ۾ کوٽيل چورس کڏ. مردي جو خاڪدان. قبر مٿان کليل اڏاوت. رنگدار چِت واري اڏاوت.

• تَجْرِبو ج تَجْرِبا: ذ. [ع. تَجْرِبَةُ] آزمائش – پرک. امتحان. ڪم جو استعمال – آزمودو. مهارت. بناوت اصول يا اثر معلوم ڪرڻ لاءِ آزمائش.

– تَجربيڪارُ: صفت. [ع. تَجْربَةُ + ف. ڪار] آزمودگار. ماهِر – پَڙ – هوشيار. ڄاڻو.

– تَجْربيڪاري: ث. پوري واقفيت – ڄاڻ. مهارت. هوشياري. آزمودو.

• تَجَرُّدُ: ذ. [ع. تَجَرّدَ = هٿيار جو مياڻ مان نڪرڻ. جدا ٿيڻ. آسانگا ڇڏڻ. اڪيلي سر ٿيڻ] اڪيلو سِر رهڻ واري حالت. اڪيلائي. ڇڙائي. ڪنوارپڻو. دنيا کان پري رهڻ واري حالت.

• تَجْرِيْدَ: ث. [ع. تَجْرِيد = تنهائي، دنياوي معاملات کان ڪناره ڪشي] خلوت – اڪيلائي. ڇڙائي.

• تَجْزِيو ج تَجْزِيا: ذ. [ع. جَزَءَ (= ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ، ورهائڻ) > تَجْزِئَة = ورهاشت، ڇيد. تحليل] ذري پرزي جي جانچ – ورهاست – تقسيم. فيصلو. ڇنڊڇاڻ – ڇيد analysis.

• تَجَسُّسُ: ذ. [ع. جَسسّ (= ڇهڻ، منهن ۾ نظر وجهي نهارڻ) > تجسّس = ڪنهن خبر جي پڪ ڪرڻ، ڪنهن لکل ڳالهه جي جانچ ڪرڻ] تلاش – جستجو. سُونجهہ دريافت – تحقيقات.

• تَجَلُ: اسم خاص. تعلقي ناري ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو.

• تَجْلو ج تَجْلا: ذ. [ع. جَلَوَ جَلاء (= صاف ٿيڻ، چٽو ٿيڻ) > تجلِيٰ، تَجْلِية = چٽائي سان ظاهر ٿيڻ] چمڪو – اُهاءُ. سهائو – روشني.

– تَجْلا ڏيکارڻ: چمڪڻ – چمڪاٽ ڪرڻ. تيزي ڏيکارڻ – هوشياري ڏيکارڻ. حُسن ڏيکارڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**تَجَلِّي تَجلِيُ ج تَجلِيُون:** ث. [ع. جَلَوَ > تَجَلِّي. تَجْلية = الاهي نور جي تجلي ٿيڻ] اِلاهي نور جي روشني. جلوو — نور. روشني — چمڪاٽ "ڏسي تاب حسن جون تڪيون تجليون. ڪوهه طور وجي ٿو جبل جليون" (خير محمد هيسباڻي).

• **تجمّلُ:** ذ. [ع. جَمَلَ > تَجَمَلَ. تَجَمُلُ = سينگارڻ] شان — شوڪت. ٺاٺُ — دٻدٻو. حشمت — رعب. سينگار. ٺاٺ باٺ.

• **تَجْنيسُ ج تَجْنيسُونَ:** ث. [ع. جَنَسَ > جَنَسَ. تَجْنيس = جنسوار ڪرڻ. جنسن ۾ ورهائڻ] هڪجهڙائي — مشابهت. علم بديع جي هڪ صنعت. (جملي ۾ هم شڪل يا هم آواز لفظ استعمال ڪرڻ).

— **تَجْنيسِ تامّ:** ث. نقري يا مصرع ۾ ساڳيءَ صورتخطيءَ ۽ ساڳئي اچار وارن لفظن جي استعمال جي صنعت (انهن لفظن جي معنيٰ پلي ڪٿي مختلف هجي "وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ. ڏيرن وَرُ وڌو ڪيو" (شاهه).

— **تَجْنيسِ حَرْفِي:** ث. شعر جي مصرع ۾ اهڙن لفظن جو استعمال جن جو شروعاتي اکر ساڳيو هجي "تي توڪل ساڻ تقويٰ. ترڪ دنيا ڪي تمام" (حمل).

— **تَجْنيسِ خَطِي:** ث. شعر جي مصرع ۾ هم صورت لفظن جي بدل سدل واري صنعت "ٻين جي ميناڄ محبت قرب ڪان مون ڪي گهٽو. تنهنجي ٻي قربي ۽ محنت جي جفا آهي لذيذ".

— **تَجْنيسِ زائِد:** ث. شعر جي مصرع ۾ اهڙن لفظن جو استعمال جن مان هڪڙي جي اڳ ۾ اکر وڌيل هجي "جيئن وڌيو ڌن. مال. رتبو. شان شاهوڪار جو. تيئن وڌيو دنيا جي باعث زار جي آزار جو".

— **تَجْنيسِ لاحِقْ:** ث. شعر جي مصرع ۾ ٻن هم وزن لفظن جي پهرئين اکر جي تبديل ۽ معنيٰ مختلف هئڻ واري صنعت "پر قبوليندا خوشيءَ سان ڪين پنهنجي بار هار".

— **تَجْنيسِ مُرَکَّب:** ث. شعر ۾ هڪ مفرد ۽ ٻئي مرڪب لفظ کي ڳنڍيل معنيٰ ۾ پيش ڪرڻ واري صنعت "ساهڙ ڇڙي نہ ساهه جي. ساهڙ ساهڙ ري" (شاهه).

— **تَجْنيسِ مُزِيل:** ث. شعر ۾ ٻن هڪ جهڙن لفظن مان هڪڙي جي پويان وڌيل اکر پيش ڪرڻ واري صنعت "ڪين بند ڪر تون خدا يا! هن بنده جو روزگار".

— **تَجْنيسِ مُضارِع:** ث. شعر ۾ ساڳئي آواز ليڪن معنيٰ ۽ صورتخطي مختلف هئڻ واري صنعت "لال لب لعل ڪان ٻڻ لال منا تو ڪان ٿيا".

— **تَجْنيسِ مُطَرَّف:** ث. شعر ۾ ٻن مفرد لفظن جي پوين اکرن ۾ تبديل پيش ڪندڙ صنعت "خار ۾ هن خام چيو. پر ڪين ٿيس مقصد تمام".

— **تَجْنيسِ مُکَرَّر:** ث. شعر ۾ ساڳئي لفظ جي ٻہ دفعا اچڻ واري صنعت "گرچ گل لاءِ پريشان هزار هزار. مون لاءِ مگر هڪ تون نگار نگار".

— **تَجْنيسِ ناقِص:** ث. شعر ۾ اڻپوري هڪجهڙائي پيش ڪندڙ صنعت "ڪري ڪَنُ ڪيترا ڪڙڪا. نہ ڪَنُ تنهن تي ڪرڻ گهرجي".

• **تَجْڻ:** مصدر. [سن. تِيْجَنَ > تَجَّ = هيٺ ڦٽو ڪرڻ] ڪيرائڻ. ڇڏڻ — ڇڏي ڏيڻ. تياڳڻ "توڙي پران تجي. تان پي ڏيان ڌن ۾" (سامي). هٿ ڪڍڻ — دست بردار ٿيڻ. ترڪ ڪرڻ — لاڳاپا لاهڻ (دنيا جا). ڇرڪڻ — ڊڄڻ — خوف ڪائڻ.

• **تَجْويزَ ج تَجْويزُونَ:** ث. [ع. جازَ > جَوَزَ. تَجْوِيز = بنائڻ. جائز ٺهرائڻ. سٽاءَ پوري ڪرڻ] رٿ — تدبير. سٽاءُ — ترڪيب. راءِ. ٺهراءُ. طريقو — نمونو.

— **تجويز پاس ڪرڻ:** ڪنهن مجلس ۾ ڪارِٽَ بحث کان پوءِ قبول ڪرڻ — ٺهراءُ بحال ڪرڻ.

— **تَجْويز ڪرڻ:** رٿ ڪرڻ. تدبير ڪرڻ. سِٽَ سِٽڻ. رٿ ڏيڻ — ٺهراءُ پيش ڪرڻ.

• **تَجْهِيزَ:** ث. [ع. جَهَزَ > جَهَزَ. تَجْهِيز = دفن ڪرڻ. تيار ڪرڻ. ساز سامان مهيا ڪرڻ (جهاز لاءِ)] ميّت لاءِ ڪفن دفن جي تياري. ڪنوار جي شاديءَ جي سامان (ڏاج) جي تياري.

— **تَجْهِيز و تَکْفِين:** ث. [ع] ميّت کي وهنجارڻ سهنجارڻ ۽ سندس ڪفن دفن جي تياري — ڪفن دفن.

• **تُڄڻُ:** مصدر. [سن. تُنَّ = خال پرڻ] تنڻ. بورُ پرڻ (ٽڪيل ڪپڙي جو) — رفو ڪرڻ. (تجيو — تجيندو — تجيل).

— **تُڄَ:** ث. [تڄڻ > تڄ] تُن پرڻ جي حالت. اُٽت. رَفُو.

• **تِڄَ:** ث. ڇِلَ. ڇِتَرُ. تمام ٿورڙي شيءِ — ذري — ذرڙو. (صفت) خسيس — ادنيٰ.

• **تُڄُ:** صفت. [سن. تُڇّ] ٿورو ذرو. ننڍو — ننڍڙو. گهٽ — ڪمتر. معمولي — ادنيٰ — خسيس — هيچ. نڪمو. ناچيز.

• **تِڄڻُ:** مصدر. [سن. تِڪشَڻُ: پرا. تڇڻ] ڪَلَ لاهڻ — ڇلڻ. ترڇڻ — تراشڻ. ڪرچڻ. ڪرڙڻ. وڍڻ — ڪپڻ. ٽڪر ٽڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ. زخمي ڪرڻ. ڦٽڻ. (تڇيو – تڇيندو – تڇيل).

• **تَحاشيُ:** ذ. [ع. حَشي > تَحاشيُ (مِن وعَنْ) = ڪناره ڪشي ڪرڻ، ويجهوئي نہ وڃڻ] ڊپ. پرواهه (اڪثر مرڪب لفظن ۾ 'بي' (سان ڪم اچي "بي تحاشا بي پرواهي سان). اوچتو.

• **تَحائِف:** ذ. [ع. تُحفة ج تَحائف] تحفا.

• **تَحتُ:** ذ. [ع] هيٺيون حصو. اونهائي. تَرو. (ظرف) هيٺ – هيٺان.

– **تَحْتاني:** ذ. هيٺان رکيل. هيٺان ڏنل ٽيڪا – هيٺيان نقطا.

– **تَحْتاني حرف:** ز. اهي حرف جن جي هيٺان نقطا هجن "ٻ، پ، ٻ، ڳ وغيره".

– **تَحْتَ الثَرىٰ:** ذ. زمين جو بلڪل هيٺيون طبقو – پاتالُ. ستن دوزخن مان هڪ دوزخ جو نالو.

– **تَحْتَ اللفظ:** ذ. حرف بحرف لفظي ترجمو. شعر يا مرثيي کي (سُر ۾ نہ، بلڪ) لس پڙهڻ جي حالت.

– **تَحْت ۾:** ظرف. جي هيٺان. حڪم ۾ _ ماتحت.

• **تَحْذيرُ:** ذ. [ع. حَذَرَ. تَحْذيرُ = تنبيهه ڪرڻ. ڊيڄارڻ] خطري جو ڏڄ.

• **تَحَرُڪُ:** ذ. [ع. حَرَڪَ > تَحَرَڪَ = چُرڻ] حرڪت – چُرپر. لرزش – جُنبش – ڏوڏو. وَهڪَ.

– **تَحَرُڪ هلائڻ:** ڪنهن مسئلي يا معاملي بابت عملي طور پرچار ڪرڻ – ڪنهن ڳالهہ کي زور وٺائڻ.

• **تَحْرِيرَ ج تَحْريرُون:** ث. [ع. حَرَرَ. تَحْرير = سهڻي عبارت ۾ لکڻ] ڪتابت. عبارت – مضمون. لکيت. دستاويز – ڪاڳاڙو. لکڻ جو ڍنگ. مضمون نگاريءَ جو طريقو. ڪنهن مسئلي بابت لکيل شرعي فتويٰ. سُرمي جي ليڪ (جا اک لڳ ڪيجي).

• **تحرير اُقليدس:** ث. "اُقليدس" جا لکيل جاميٽريءَ جا اصول.

• **تحرير ڪرڻ:** لکڻ. قلمبند ڪرڻ.

• **تَحْرِيرات:** ث. [ع. تحرير ج تحريرات] لِکيتون – تحريرون. سَنَدون. دستاويز.

• **تَحْرِيضَ:** ث. [ع. حَرَضَ > حَرَضَ (هُ عَلَيْ)، تَحْريض = حرص ڏيارڻ] حرص ڏيارڻ جي ترغيب. ڏُتار. حرص _ لالچ].

• **تَحْرِيفَ:** ث. [ع. حَرَفَ > حَرَفَ. تَحْريف = ڦيرائڻ. بدلائڻ (ڪو لفظ يا ڪتاب)] ڦير ڦار (ڪنهن تحرير ۾ لفظن جي، سڄي عبارت يا مضمون جي). ڪتاب جي تبديل.

• **تَحْرِيفات:** ث. [ع. تَحْريف ج تَحْرِيفات] ڦير ڦاريون (لفظن، عبارتن، مضمونن يا ڪتابن جون).

• **تَحْرِيڪَ ج تَحْرِيڪُونْ:** ث. [ع. حَرَڪَ > حَرَڪَ. تَحْريڪ = چُرپر ۾ آڻڻ. اُڀارڻ. جوش ڏيارڻ] چُرپر – جنبش. ڪنهن ڳالهہ يا ڪم کي شروع ڪرڻ يا زور وٺائڻ جي ترغيب. هلچل. تجويز. ٺهراءُ.

• **تَحْرِيمَ:** ث. [ع. حَرَمَ. حَرِمَ > حَرَمَ. تَحْرِيم = منع ڪرڻ. ناجائز ٺهرائڻ] منع – جو نالو.

• **تَحْسبو ج تَحْسبا:** ذ. [ع. تَعَصُب (= ضد. جوش) > تَعَصُبو. تَحْسبو] ڪنهن جي حمايت خاطر ضد. ضد – جوش. حسد. دشمني – بغض.

• **تَحْسِين:** ث. [ع. حَسَنَ. حَسُنَ > حَسَنَ. تَحْسِين = بهتر بنائڻ. سينگارڻ] تعريف – ساراهہ – واکاڻ. پسنديءَ ۽ خوشيءَ جي اظهار جو لفظ – آفرين – شاباس.

– **تَحْسِين جوڳو:** ذ. صفت. پسنديءَ جهڙو. واکاڻ جوڳو – تعريف لائق.

• **تَحْصِيل:** ث. [ع. حَصَلَ > حَصَلَ. تَحْصِيل = حاصل ڪرڻ (مقصد)، وصول ڪرڻ (پئسا)] پوريءَ طرح حاصل ڪرڻ جي حالت. تعليم جي تڪميل – سکيا حاصلات – نفعو. وصولي (ڍل وغيره جي). ڍَل. محصول. تعلقو.

– **تَحْصيلدارُ:** ذ. زمين جي ڍل وصول ڪندڙ عملدار – مختيارڪار.

– **تَحْصيلداري:** ث. مختيارڪاري. ڍل جي وصولي.

– **تَحْصيل ڪرڻ:** علم (تعليم) جي تڪميل ڪرڻ.

• **تَحْصِين:** ث. [ع. حَصُنَ > حَصَنَ. تَحْصِين = قلعي بندي ڪرڻ] مضبوط حفاظت. قلعي بندي.

• **تَحَفُظُ:** ذ. [ع. حَفِظ > تَحَفُظُ (عَنْ) = بچاءُ ڪرڻ. حفاظت ڪرڻ] بچاءُ – سنڀال – حفاظت.

• **تُحفو ج تُحفا:** ذ. [ع. تُحْفَةٌ = قيمتي سوکڙي] سوکڙي – سوغات. اُها شيءِ جا ڪنهن وٽان سوکڙي، نشاني يا تبرڪ طور ملي.

• **تَحقيرُ:** ث. [ع. حَقَرَ. تَحْقير = ڪنهن ڏانهن حقارت سان نهارڻ] ذلت – حقارت. نفرت.

• **تَحقيق ج تَحقيقُونْ:** ث. [ع. حَقَ > حَقَقَ. تَحْقيق = خاطري ڪرڻ. ثابت ڪرڻ. سرڪاري طور جانچ ڪرڻ] اصليت معلوم ڪرڻ جي حالت (ڪنهن واقعي يا شيءِ جي). دريافت – جانچ – ڳولا. يقين. پڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **تَحْقيق ڪرڻ:** پڪ ڪرڻ. يقين ڪرڻ — جانچ ڪرڻ. اصل واقعات متعلق چند چاڻ ڪرڻ. ثبوت هٿ ڪرڻ.

— **تَحْقيقي ج تَحْقيقي:** صفت. پڪو. ثابت.

• **تَحْقيقات:** ث. [ع. تَحْقيق ج تَحْقيقات] ڪنهن مسئلي يا معاملي بابت جانچ.

— **تَحْقيقات ڪرڻ:** ڪنهن ڏوهه جي جانچ ڪرڻ. سرڪاري طور جانچ ڪرڻ. جانچ ڪرڻ. پڇا ڳاڇا ڪرڻ. اصل ڳالهه معلوم ڪرڻ. صداقت جي ڳولا ڪرڻ. واقعات جي چند چاڻ ڪرڻ.

• **تَحْليل:** ث. [ع. حَلّ (= چِڙو ڪرڻ. ڳارڻ) > تَحْليل] حل ٿيڻ جي حالت. جُزن ملڻ جي حالت. ڪنهن ڌاتوءَ جي ڳرڻ جي حالت. ڳارو — آئٽَ. پيهي يا ڳاري جذب ڪرڻ جي حالت (جيئن جملي شيون پاڻ ۾ ملي جذب ٿي وڃن). هاضمو — ڳارو (کاڌي جو پيٽ ۾). جزا ڪولڻ — ڪنهن شيءِ جي جزن کي ڌار ڌار ڪرڻ جي حالت. حَل — پچڻي. [ع. حَلل. تَحْليلاً = جائز ڪرڻ. حلال ٿيڻ] حلال ٿيڻ جي حالت. ذبح. جائز. حلال. حق. حق جو نالو — حق جو ذڪر "ان جي تندن چيو ٿي تحليل. ذڪرهو ذاتي" (منثار راڄڙ).

— **تَحْليل ڪرڻ:** ڳارڻ. پچائڻ — هضم ڪرڻ. حَل ڪرڻ. ضعيف ڪرڻ. جزن کي جدا جدا ڪرڻ.

• **تَحَمُّل:** ذ. [ع. حَمَلَ > تَحَمَلَ. تَحَمُّلُ = بار کڻڻ. برداشت ڪرڻ] برداشت — سَهپ. ڌيرج — ڪانڌ — صبر. بردباري — وڏ ڪَرِدائي.

— **تَحَمُّل ڪرڻ:** ڌيرج ڪرڻ — صبر ڪرڻ. برداشت ڪرڻ.

• **تَحْويل:** ث. [ع. حالَ > حَوَلَ. تَحْويل = بدلائڻ. سونپڻ. پهچائڻ] تبديل. ڦيرگهير (مڪان يا قبله جي). حوالي يا قبضي ۾ ڏيڻ جي حالت — سپردگي. ڪنهن ستاري جو هڪ برج مان نڪري ٻئي برج ۾ وڃڻ جي حالت.

— **تَحْويلات:** ث. حوالي ڪرڻ جي حالت — سپردگي.

— **تَحْويلات ۾ ڏيڻ:** ڏوهيءَ کي پوليس. ڪورٽ يا جيل جي حوالي ڪرڻ.

• **تَحَيُّر:** ذ. [ع. حارَ > تَحَيَّرَ. تَحَيُّرُ = حيرت ۾ پوڻ] تعجب — حيرت. پريشاني — سراسيمگي.

• **تَختُ ج تَختَ:** ذ. [ف > زند. تُوخَشتَ] بادشاهه جي وهڻ لاءِ اوچي هنڌ تي رکيل خاص مسند. مَسْنَدُ — گادي. بادشاهي — سلطنت — حڪومت. پلنگ — صندل. ٻيڙيءَ جو اڳيون پاسو. نانگ جو هڪ قسم (جنهن کي منهن تي وار ٿين).

— **تَخت تاراج ڪرڻ:** ڦٽائي ناس ڪرڻ.

— **تَخت تان لاهڻ:** گاديءَ تان لاهڻ. بادشاهي کسڻ.

— **تَخت تي ويهارڻ:** گاديءَ تي ويهارڻ. بادشاهي هلائڻ جي اختياري ڏيڻ.

— **تَخت چڙهڻ:** بادشاهي چڙهڻ.

— **تَخْت پوشُ ج تَخْت پوشَ:** ذ. تخت جي مٿان وجهڻ جو غلاف. تخت جي مٿان وڇائڻ جو ڪپڙو.

— **تَخْت رَوانُ:** ذ. بادشاهن جي سواريءَ جو تخت. اُڏند کٽولي.

— **تَخْت سُليمانُ:** ذ. حضرت سليمان عليه السلام جو تخت. اُڏامندڙ تخت. سليمان جبل جي چوٽي.

— **تَخْت طائوسُ:** ا سمر خاص. شاهه جهان بادشاهه جو نهرايل مور جي شڪل جهڙو تخت.

— **تَخْتگاهُ ج تَخْتگاهَ:** ذ. گاديءَ جو هنڌ. دارالحڪومت. راڄڌاني.

— **تَخْت نِشين:** ذ. صفت. [ف] تخت تي ويهندڙ. بادشاهه. حاڪم.

— **تَخْت نِشيني:** ث. [ف] تخت تي ويهڻ جي رسم — تاج پوشي. حڪومت.

— **تَخْت يا تَخْتو:** محاورو. بادشاهه جو مسند يا ميت کي وهنجارڻ لاءِ ڦرهو. فتح يا موت. سوڀ يا هار. بادشاهي يا گدائي.

• **تَخْتو ج تَخْتا:** ذ. [تَخْتَ > تَخْتو] ڪاٺ جو ويڪرو ۽ لسو پاٽيو. ڦرهو (غسل لاءِ). طاق (دروازي لاءِ). ڏَرُ — تاڪُ (ڪپڙي جو) (ث) تَخْتِي ج تَخْتيُوْن.

— **تَخْتا پوشُ ج تَخْتا پوشَ:** ذ. تختن جي نهيل صندل تي وڇائڻ جي چادر. تختن جي نهيل کٽ. تختن جي نهيل ڇت جي تختن تي ٿيل گلڪاري.

— **تَخْتا ڏيڻ:** ظلم ڪرڻ. ناس ڪرڻ. ڪَک ڪرڻ. چوريون ڪرڻ.

— **تَخْتائون ج تَخْتاوانْ:** ذ. صفت. تختن جو — تختن وارو. تختن مان نهيل.

— **تَخْتو اونڌو ڪرڻ.** گاديءَ تان لاهڻ — بادشاهي کسڻ.

— **تَخْتو تَخْتو ڪرڻ:** جدا جدا ڪرڻ. ناس ڪرڻ.

— **تَخْتو تَخْتي ڪي نه لڳڻ:** بلڪل جدا ٿيڻ بلڪل برباد ٿيڻ.

— **تَخْتو ڪيڻ:** پيرن هيٺان ڦرهو ڪيڻ. دغا ڪرڻ — دوکو ڏيڻ. حيران ڪرڻ. پريشان ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏار. تُوڏ – آڪڙ.

– **تڏ ڏيڻ:** زور ڏيئي هڪ طرف جهلڻ. ملهه ۾ آڏي هٿ سان زور ڏيئي مخالف کي پاڻ کان پري جهلڻ. زور ڏيڻ. ڪاٺيءَ کي آڏ ڏيئي جهلڻ.

– **تڏرُ:** ذ. صفت. تڏ ڏيندڙ (ڪوڙا ملهه اڪثر هڪٻئي کي تڏي (پري) جهليندا آهن). آڙي ڪندڙ. آڪڙ ڪندڙ. وڏائي خور. هٺيلو.

– **تڏوُن ڏيڻ:** آڏا زور لائڻ. مخالفت ڪرڻ.

• **تڏ (ت):** ث. تڏي جي ڪنار. ميدان – زمين.

• **تڏ، تڏِ ج تڏوُن، تڏيُون:** ث. جيت جو هڪ قسم. پوڪن، ڪپڙن وغيره کي نقصان رسائيندڙ جيت (هن جيت جا ڪيترائي قسم آهن: ١. گهروُ تڏ، جا اچي رنگ جي ٿئي، ۽ وڏا وار مُڇن وانگر ٽينس ۽ ڪپڙن ۽ ڪاغذن کي ٽڪي؛ ٢. وٽن جي تڏ 'آر'؛ ٣. ٻوڪ جي تڏ' جا سلن کي اپرڻ وقت کائي ۽ ٽپڪيون ڏيئي اُڏامي). مڪڙ (ث). ٻونگ (مڪڙن جي).

– **تڏ ڏيڻ:** لغڙ کي جڳهيءَ طرح اُسرڻ لاءِ آنڇيءَ کي موڙو ڏيڻ.

– **تڏ وانگر ٽپڪڻ (ت):** لڳاتار ڌانهون ڪرڻ.

• **تڏ پڙي ج تڏ پڙيوُن (ل):** ث. تمام ننڍڙي تڏڙي – جيتامڙي. تمام ننڍڙي شيءِ.

• **تڏو ج تڏا:** ذ. ڦيش يا ڪجهيءَ جي ڦڙهن جو نهيل وڇاڻو – پڙچُ – چَٽائي. رهڻ جو هنڌ. گهَرُ. منزل. مرٽي جو پٽر.

– **تڏا ويڙهه:** ث. تڏن ويڙهڻ جي حالت. دَرَ ٻورَ. تباهي.

– **تڏا ويڙهه ڪرڻ:** تڏا ويڙهي پڇڻ. جهڳو ناس ڪرڻ.

– **تڏائِي ج تڏائِي:** ذ. صفت. تڏا ناهيندڙ – تڏن وارو.

– **تڏو پٽائڻ، ڪٽائڻ:** ڪنهن جو گهر پٽائي ڪيس لڏائي ڪيڻ. هميشه لاءِ هڪالي ڪيڻ.

– **تڏو ڪِنو ڪرڻ:** مهمان يا گهر آيل ماڻهوءَ سان خراب هلت هلڻ. پنهنجي ناموس ٻوڙڻ.

– **تڏو لتاڙڻ:** خراب نيت سان ڪنهن جي گهر جي حدن ۾ داخل ٿيڻ. گهر مان چوري ڪرڻ.

– **تڏو وسائڻ:** اباڻو گهر آباد ڪرڻ. وڏن جو ويڙهو وسائڻ. پيءُ ڏاڏي جي روايت کي زنده رکڻ. گهر ۾ ويهي اباڻو ڌنڌو اختيار ڪرڻ. اباڻي ڌنڌي کي پوريءَ طرح هلائڻ.

– **تڏو ويڙهڻ:** جاءِ ڇڏي هليو وڃڻ – لڏي وڃڻ.

– **تڏي اچڻ:** تڏي تي اچڻ. گهر اچڻ. وطن پهچڻ.

– **تڏي تي اَچڻ:** گهر اچڻ. مهمان ٿي اچڻ. روبرو ٿيڻ. معافي وٺڻ خاطر هلي اچڻ.

– **تڏي تي ويهڻ:** عذرخواهي ڪرڻ لاءِ تڏي تي ويهڻ. پٿرتي ويهڻ.

– **تڏي جو ننگ پوڻ:** پنهنجي گهر يا عزازت جو شرم پوڻ. مڙي وڃڻ. لحاظ ڪرڻ.

– **تڏي چڙهڻ:** ڪنهن جي گهر لنگهي وڃڻ (صلح يا معافي لاءِ).

– **تڏي وڃڻ:** عذرخواهيءَ لاءِ وڃڻ. پٿرتي وڃڻ.

– **تڏي ويهڻ:** ڏک سک ۾ شريڪ ٿيڻ.

– **تڏي ويڙهه ٿيڻ:** گهڻا موت ٿيڻ. هڪ ٻه نه بچڻ. گهَر جي سيني ڀاتين جو مرڻ.

• **تڏو ج تڏا:** ذ. جيت جو هڪ قِسم (جو تڏِ جهڙو پر تڏ کان وڏو ٿئي).

• **تڏي جان تڙڪڻ (ت):** بڪواس ڪرڻ. تَرتَر ڪرڻ.

• **تڏهانڪِر، تڏهانڪو:** ظرف. [سن. تَدِيہ = تنهن ڏينهن + آنڪر = وقت جي حد] تنهن ڏينهن جي وقت کان وٺي – تنهن وقت کان وٺي – "جڏهانڪر" جو ضد.

• **تڏهن:** ظرف. [سن. تَدِيہ] تنهن وقت – ان وقت. پوءِ. تڏهين. "جڏهن" جو ضد.

• **تڏهوڪو ج تڏهوڪا:** ذ. صفت. تنهن وقت جو – ان وقت جو. "جڏهوڪو" جو جواب موصول يا ضد.

• **تڏهوُٽڪو ج تڏهوُٽڪا:** ذ. صفت. تڏهوڪو. تڏهوٽو.

• **تڏهوُٽو ج تڏهُوٽا:** ذ. صفت. تڏهوڪو – تڏهوُٽڪو.

• **تڏهين:** ظرف. [سن. تَدِيہ = تنهن ڏينهن] تنهن ڏينهن – تڏهن. تنهن وقت – تنهن ويل. "جڏهين" جو ضد.

• **تڏي ج تڏيون:** ث. ننڍو تڏو. تَوڙ – آڪڙ (ت).

– **تڏي پڇڻ (ت):** آڪڙ پڇڻ – هٺ ٽوڙڻ.

• **تڏِي:** ث. ڪٽڪ جو هڪ قِسم (جنهن جو ڏاڻو ننڍو ۽ سخت ٿئي).

• **تڏِي ج تڏِيُون:** ث. تڏ. تڏو (جو اڪثر پوکن کي نقصان رسائي). هيٺئين ڇپ جي هيٺان وچ تي ڇڏيل وارَ.

• **تَذَبذُبُ:** ذ. [ع. ذَبذَبَ (= لٽڪڻ) > تَذَبذُبَ] ٻڌتر – فڪر ۽ ويچار (تہ ڪيئن ڪجي). بيقراري. تردّد.

• **تَذڪِرو ج تَذڪِرا:** ذ. [ع. ذَڪَرَ. تَذَڪَّرَ (= ياد ڪرڻ) > تَذڪِرَة] ذڪر – بيان. يادگيري. سوانح عمري. يادداشت.

• **تَذلِيل:** ث. [ع. ذَلَّلَ (= بي آبرو ڪرڻ) > تَذلِيل] ذلت. بيعزتي. خواري.

— **تـرونڊڻ:** تر ورهائڻ. خيرات طور منائي يا طعام ورهائڻ.

• **تَرِ ج تَرِيُونَ:** ٿ. اُٺيل ڪپڙي کي ويڙهڻ لاءِ هڪ چورس ڪاٺي (جا ڪڏي جي اڳيان لڳل هوندي آهي ۽ ان تي اُٺيل ڪپڙو ويڙهبو آهي. هيءَ ڪاٺي اٽڪل ڇهه فوٽ ڪن ڊگهي ۽ ٽي انچ هر چورس هوندي آهي).

• **تُرابُ:** ٿ. [ع] مٽي — خاڪ. زمين. (ڪناية) خاڪساري. انڪساري — نياز. نيستي — فنا "سو نہ ڪنهن شيءِ ۾، جيڪين منجهہ تُراب" (شاهہ). (اسم خاص) تعلقي ڊگهڙيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

— **تُرابي:** ذ. صفت. خاڪي — مٽيءَ وارو.

• **تراڄو:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **تَرانَ تَرار ج تَراروُنَ، تَراريُون:** ٿ. [هہ. تَرانْ تَرارْ] تلوار — شمشير.

— **تَرار ڪيڻ:** مياڻ مان ترار ٻاهر ڪڍڻ. وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ.

— **ترار هڻڻ:** تلوار جا ڌڪ هڻڻ. تلوار سان وڙهڻ. جهيڙو ڪرڻ. مڙسي ڏيکارڻ.

— **تَرار هيٺان لنگهائڻ:** مارڻ — قتل ڪرڻ.

• **تَراڙَ ج تَراڙُون:** ٿ. تَرار.

• **تراڙُ (ڪ):** ذ. ڪوبہ سخت تراڪڙو پٽ. ڪجهہ مفاصلي تائين پکڙيل هموار پٽ. ٻن ٽن ميلن ۾ يڪو پٽرن وارو پکڙيل ميدان.

• **تُراڙو ج تُراڙا:** ذ. [سن. تُلْ = تورڻ] تارازي — ساهمي. ساهميءَ جو هڪ پُڙ. وَٽُ — تورو.

• **تَراڙي:** اسم خاص. تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **تُراڙي (ل):** ٿ. [سن. تُلا + ڙي] ساهمي — تارازي. ڪاڃڻ رکڻ لاءِ ننڍڙو ٻيلهنگ.

• **تَرازَ:** ٿ. ڏسو "طراز".

• **تراڙُ ج تَراڙَ:** ذ. ننڍي ٻيڙي — تَراڙَ "تنهنجو اڄ تراڙ، آهي آر اکين ۾" (شاهہ).

• **تَراڙڻُ:** مصدر. ڇلڻ — تَراشڻ. تَـرڻ (مڇي وغيره).

• **تَرازو ج تَرازا:** ذ. [ع. طَرّادُ] ٻيڙيءَ جو هڪ قِسم (هلڪي ۽ تکي ٻيڙي). ٻيڙي — ڪشتي "ترازو تاري، سُتڙ سيپئي ڪري" (شاهہ).

• **تَرازُو:** ٿ. [ف] ساهمِي — تارازي. تارن جو هڪ نکٽ — تيڙُو.

• **تِراسَ:** ٿ. [سن. تِرْشَ = اُڃَ] اُڃَ — پياس — تِيهہَ. [سن. تْراسَهہْ = ڊپ] ڊپ — خوف — ڀؤ.

• **تِراسِجَڻُ:** فعل مجهول. [سن. تِـرشَ = اُڃ] اُڃائجڻ — تاسجڻ. [سن. تْراسَهہ = ڊپ] ڊڄڻ — هراسجڻ.

• **تَراشْ:** صفت. [ف. تَراشِيدَنْ (= ڇلڻ) > تَراش] ڇليندڙ (ڪاٺي وغيره) — تکيندڙ (پٿر وغيره). مرڪب لفظن ۾ پويان اسم فاعل جي نشاني طور ايندڙ "قلم تراش (= قلم گهڙيندڙ چاقو). سنگتراش (= پٿر گهڙيندڙ) وغيره".

• **تَراشَ:** ٿ. [ف. تَراشْ] ڇلڻ ۽ لَسي ڪرڻ جي حالت (ڪاٺ وغيره). رندو هڻڻ جي حالت — رند — ڇِلَ.

• **تَراشِرو:** صفت. [سن. تَلَ = ترو] تراڪڙو — چپٽرو. وينل (زمين). تانگهو.

• **تَراشڻُ:** مصدر. [ف. تَراشِيدَنْ = ڇلڻ] ڇلڻ — ڇلي لسو ڪرڻ (ڪاٺ) — رندڻ. سنئون ڪرڻ — تِرڇڻ. گهڙڻ (قلم) تراڪڙو ڪرڻ. ڪتڻ (وار) (تراشيو — تراشيندو — تراشيل).

— **تَراشو:** ذ. [ف. تَراشْ] ڪاٺيءَ يا قلم کي گهڙڻ مهل لٿل ڪَلون — ڇِلَ.

• **تَراڪِڙو ج تَراڪِڙا:** ذ. صفت. [س. تَلَ = ترو] تاسرو — وينوڙو — چپٽرو. موڪرو (ٿانءُ، جنهن جا ڪَنا اُڀا نہ هجن) — تانگهرو. ويڪرو. وينل ڪنارن وارو. (ٿ) تَراڪڙي ج تَراڪڙيُون.

• **تَرانْگهڙو ج تَرانْگهڙا:** ذ. صفت. تَراڪڙو.

• **تَرانو ج تَرانا:** ذ. [ف. تَرانَهْ] گانو — نغمو — ڳائڻ جو هڪ نمونو (جنهن ۾ 'تانا' 'دَرنا' جا ٻول دُهرايا وڃن). پڪي راڳ جو هڪ گُر. آلاپ. لئي.

• **تَراٽو (ٽ):** ذ. ڪُني يا ديگ جي تري کي ڏنل ليپو.

• **تَراوِيح، تَراوِيحُونْ:** ٿ. [ع. راحَ = آرام يا راحت ڪرڻ] نماز جون ويهہ رڪعتون جي رمضان شريف ۾ عشا نماز جي فرض کان پوءِ پڙهبيون آهن (جيئن تہ هر هڪ چئن رڪعتن بعد ٿورو آرام ونجي ٿو تنهنڪري هن نماز کي تراويح نماز چئجي ٿو).

• **تَراهُ ج تَراهَ (ڪ):** ذ. تلاءُ.

• **تَراهِي ج تَراهيون (ڪ):** ٿ. تَرائي.

• **تَراءُ ج تَراءَ (ڪ):** ذ. تلاءُ. ڍورو. چشمو.

• **تَرائِڻُ:** مصدر. "تَرڻ" مان متعدي بالواسطہ. ڇِلائڻ (ڪاٺي) — رندائڻ. تُڪائڻ (پٿر وغيره) تيل يا گيهہ ۾ پچارائڻ (طعام). (ترايو — ترائيندو — ترايل).

— **تَرائِي ج تَرائِيُونْ:** ٿ. ڇِلائي، ترائڻ جي مزوري.

— **تَرائي تيل ڪرڻ:** ڪنهن شيءِ کي تمام گهڻو ترڻ (ايتري قدر جو اها شيءِ گهٽي تَرڻ سببان ڳري تيل ٿي وڃي).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سخت سيکت ڏيارڻ – سخت سزا ڏيڻ.

• **ترائي:** اسم خاص. روهڙي، شڪارپور، ڳڙهي ياسين، ميرپور ماٿيلي، فيض گنج، ميرپور بٺوري، ميرپور خاص ۽ ڪوٽ غلام محمد (جيمس آباد) تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **ترائي ج ترايُون، ترائيُون:** ث. [سن. تَلَ = ترو] هيٺانهين زمين (جتي سمِ يا برسات جو پاڻي اچي بيهي ۽ سدائين پوسل هجي). درياءَ جي پرواري هيٺاهين زمين. جابلو پاڳي ۾ هيٺاهين پاڳي واري زمين. وادي – ماٿري ـ برسات جي پاڻيءَ کي گڏ ڪرڻ لاءِ هيٺاهون ہنن ٻڌل ميدان (ڪ). ننڍڙو تلاءُ (ل). ڍوري.

• **ترائي ج ترائيُون:** ث. آڏاٽي جو هڪ اوزار – "تنُرُ" کي ڦيرائڻ لاءِ سيخ جو فوت ڪن ٽڪر.

• **ترائي ڇَن:** اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تُربت ج تُربَتُون:** ث. [ع. تَـرَب، تُـرْب، تُراب (= مٽي، زمين) > تُرْبَة = قبر] قبر – لوڙهه – بنِي.

• **تُربَند:** اسم خاص. تعلقي ڪونڊڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تربوز، تَربُوزو ج تَربُوزا:** [ف. تَـرْبُوزَه] چانهين – هنداڻو.

• **تَربيت:** ث. [ع. رَبِّي، تَـرْبِيَة = نپائڻ، پالڻ (پارڻو)، پرورش ڪرڻ] خود کي ۽ ماحول کي سمجهڻ ۽ سنوارڻ لاءِ سکيا. زندگيءَ کي سڦلي ۽ سجائي بنائڻ لاءِ تعليم – سِکيا. پالنا – پرورش. پرداخت – سنڀال. تلقين. سڌارو.

– **تَربيت يافتَہ:** صفت. [ع. تربية + ف. يافته = ورتل] تربيت ورتل – سکيا ورتل. تعليم يافته.

• **تَرْبِنگ:** ذ. صفت. جهَڪيل – نميل – ويٺل.

• **ترپاڻ** ذ. [سن. تَلَ = ترو + پاعنا = سڌ] سڌ سماءُ – خبرچار – حال احوال. آسپاس جي خبرچار. ڪنهن بہ ڏر يا ماڻهوءَ جي اندر (جي خيال) جو اندازو. منجهہ – راز. سودي جو رخ. وکري جو اگهہ.

– **ترپاءِ پوڻ:** سُڌ پوڻ "ڪامڻ کي هو ڪونہ پيو، ان تارن جو ترپاءُ".

– **ترپاءُ لهڻ:** سُڌ سماءُ لهڻ. خبرچار هٿ ڪرڻ.

• **تُرْتَ:** ظرف. [سن. تُورَتَ > تُورَر = تکڙ ڪرڻ] جلدي – سِتت – تهتا – فوراً – جهٽ پٽ – يڪدم. نهہ پهہ. هن وقت – هينئر – سگهو – بنا دير.

• **ترتر:** ث. آنڌ مانڌ – بي آرامي – لوچ پوچ. هڪ هنڌ ٽڪاءُ نہ هجڻ واري حالت – ڦٿڪو – ڇرپر. تکڙو ۽ سنهون ڳالهاءُ – ڇرڇر ڳالهائي.

– **ترتر ڪرڻ:** بيجا ڇرپر ڪرڻ. اجائي تکڙ ڪرڻ. تکڙو ڳالهائڻ.

– **ترتريو ج ترتريا:** ذ. صفت. اجائي اُٿ ويهہ ڪرڻ وارو. تکڙو.

• **ترتِلُ:** ذ. [سن. تُر = تي + تيل] تي تيل (سرنهہ جو چانهي جو ۽ ترن جو). ترن جو تيل. تيلي ٻج.

• **ترتولُ (ڪ):** ذ. هٿ ناٽ. ٺڳيون. فريب. وساهہ گهاتي.

• **تَرتيبُ:** ث. [ع. رَتَّبَ، تَـرتيب = ٺاهي رکڻ. سلسليوار ڪري رکڻ] درجي بدرجي (شين) رکڻ جي حالت. هڪٻئي پٺيان سلسليوار جوڙي رکڻ جو عمل. سٽاءُ. سلسلو. نمونو – سليقو. طريقو. نظام.

– **تَرتيبوار:** صفت. سلسليوار – نمبروار. سجلاٽو – لاڳيتو. باقاعدي.

– **تَرتيبي:** صفت. ترتيبوار. ترتيبوار نموني ۾.

• **تَرٽ ج تَرٽُون:** ث. ڪنهن جي هلڻ ڪري پيرن جي لڳڻ جو اڻ لکو آواز – آهٽ "پيرن جي ترٽ".

• **تَرٽجڻُ:** فعل مجهول. [سن. تُـرتَ] ٿٽي پوڻ. پنڌ ڪري بيزار ٿيڻ. ٿڪجي پوڻ. لٿون پوڻ (پنڌ سبب پيرن ۾). ڪنهن شيءِ سان گسڻ يا لڳڻ سببان ٿورو ڪرندڄڻ. گهڻي پنڌ ڪرڻ سببان پيرن جو هيٺان ٿورو ڇلجڻ.

• **تَرڙڻُ:** مصدر. گاسو ڪري ڇلڻ. (ترڙيو – ترڙيندو – ترڙيل).

• **تُرپُ:** ذ. [انگ. ٽرمپ. trump] پتن جي بيسڪوٽ راند ۾ پهرئين رانديگر طرفان ٻوليل مکيہ رنگ (جنهن کي باقي ٽن رنگن تي فوقيت حاصل رهندي) – حُڪُمُ.

– **تُرپ ٻولڻ:** رنگ نروار ڪرڻ – 'حڪم' ٻڌائڻ.

• **تَرجُمانُ ج تَرجُمانَ:** ذ. صفت. [ع] هڪ ٻوليءَ جو مطلب ٻيءَ ٻوليءَ ۾ سمجهائيندڙ – ترجمو ڪندڙ.

– **تَرجُماني ج تَرجُمانيُون:** ث. هڪ ٻوليءَ جي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ معنيٰ يا سمجهاڻي – ترجمو.

– **تَرجُماني ڪرڻ:** ڪنهن جي ٻولي يا بيان کي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ٻڌائڻ. ڪنهن تحرير يا تقرير کي سولي نموني ۾ پيش ڪرڻ.

• **تَرجُمو ج تَرجُما:** ذ. [ع. تَـرْجمَة = بيان، سوانح عمري] ڪنهن تحرير يا تقرير کي هڪ ٻوليءَ مان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ آڻڻ جو ڪم. اُٿارو.

• **تَرجيحَ:** ث. [ع. رَجَحَ > رَجَحَ، تَـرجِيحَ: ث. [ع. رَجَحَ > رَجَحَ، تَـرجِيح = وڌيڪ وزندار ڪرڻ، وڌيڪ پسند ڪرڻ]

برتري – فوقيت. فضيلت. وڌيڪ قدر. ٻئي کان وڌيڪ پسندي.
– تَـرجيح ڏيڻ: زياده قدر ڪرڻ – برتري ڏيڻ. هڪ ڳالهه کي ٻيءَ تي فوقيت ڏيڻ. تائيد ڪرڻ.
• تَـرجيعَ بَنْدُ: ذ. [ع. تَـرجِيعْ = ورائي ورائي چوڻ. موٽائڻ + ف. بند < بنديدن = ٻڌڻ] شعر جي هڪ صنعت (ڪن مصراعن کي هر بند جي آخر ۾ اهڙيءَ طرح آڻڻ. جو بند جو مضمون انهن مصراعن سان ملي بيهي).
• تَرِجَ ۽ تَرجَ (ڪ): ذ. جبل جي ٽڪرن ۾ تراڪڙيون کڏون (جن ۾ برسات جو پاڻي بيهي جو چوپايو مال پيئي).
• تِرجَ: ٿ. ڇَل – تراش – رَنْدَ. رواتي. ترجائي.
• تِرجڻ: مصدر. ڇلڻ – تراشڻ. چوڏا لاهڻ. رَندڻ. ڪـرڙڻ. (ترجيو – ترجيندو – ترجيل).
• ترجو ۽ ترجا: ذ. صفت. پاسيرو. ڪُنڌائتو. آڏو – ڏنگو. (ٿ) ترجي ۽ ترجيون.
– ترجائي ۽ ترجائيون. ترجايون: ٿ. سڌي نه هجڻ جي حالت – اڻپوري سڌ. ڪُنڌائپ. ذرا ڏنگائي.
• ترجي: اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• تَرَحُمْ: ذ. [ع] رحم – قياس – ڪهل. ٻاجهه. مهرباني – شفقت.
• تَرخانُ: ذ. [ف. تَـرخ] ٻوٽي جو هڪ قِسم (جو آچار ناهڻ ۾ ڪم اچي).
• تَرخانُ ۽ تَرخانَ: ذ. [ف. تَـرخان = مطلق العنان. ڇڙواڳ. بيباڪ] هڪ 'ترڪ' قبيلي "تَـرخان" جو فرد.
– تَـرخان گهراڻو: اسم خاص. سنڌ جو هڪ حڪمران گهراڻو (جنهن سنڌ تي ٣٨ سال ڪن (٩٦٢ – ١٠٠٠ هجري) خودمختار حڪومت ڪئي.
• تَرَدُّدُ: [ع. رَدَ < تَـرَدُد. تَـرَدُ (إلي) = وري وري وڃڻ. هٻڪڻ] ٻڌتَر – سوچ ويچار.
• تُرِدَلُ (ٿ): ذ. ڪاجُ – وهانءُ – شادي.
• تَرِدُوتُ. تَرِدُوڌ: ذ. ٺڳي – مڪر – فريب. دولاب – ڏوڪو.
• تَرديدَ ۽ تَرديدُون: [ع. رَدَ < رَدد. تَـرديد = موٽائڻ] مخالفت ۾ بيان. ڪنهن ڳالهه يا بيان جو انڪار. رد. منسوخي.
– تَرديد ڪرڻ: ڪنهن ڳالهه يا بيان کي رد ڪرڻ. ڪنهن تحرير يا تقرير ۾ ڄاڻايل ڳالهين جو انڪار ڪرڻ.
• تَرڙ (ڪ): ذ. ڳائي مال جو ولر.
• تَرڙ: اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• تَـرڙ ۽ تَـرڙ: ذ. صفت. [سن. تر (= ترو) > تَـرڙ = تَري تائين] تري تائين – ننهن چوٽيءَ تائين – سڄو سارو (ناڪار. بيڪار. نياڳو. چندو) "ترڙ چندو] "ترڙ چندو". "ترڙ نياڳو".
• تَـرڙ واري: اسم خاص. ٺٽن بارڻ' کان ڏکڻ طرف هڪ جبل جو نالو.
• تَـرڙي: اسم خاص. تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• تَـرسُ: ذ. [ف. تَـرس = ڊپ] ڊپ – خوف – ڀؤ. رحم – قياس – ٻاجهه – ڪهل.
– ترس پوڻ: رحم جو خيال دل ۾ پوڻ – رحم ڪائڻ – ٻاجهه پوڻ.
– ترس ڪائڻ: قياس ڪرڻ – رحم ڪائڻ. ڪهل ڪرڻ.
– ترسناڪ: ذ. صفت. خوفائتو – ڀوائتو.
– ترسونڌ: ذ. صفت. رحمدل – ٻاجهارو.
• ترِسُ (ٿ): ٿ. [سن. ترشنا] ٿـهه – اُڃ – پياس.
• ترسيو: ذ. صفت. اُڃايو. اُڃايل.
• تَـرسا: ذ. صفت. [ف] آتش پرست – گبر. عيسائي – نصراني.
• تَـرسائڻ: مصدر. ٽڪائڻ – رهائڻ. پاڻ وٽ روڪڻ. سيڙائڻ. دير ڪرائڻ. (ترسايو – ترسائيندو – ترسايل).
• ترسڻ: مصدر. رهڻ – ٽڪڻ. دير ڪرڻ. سيڙجڻ. ويهڻ. انتظار ڪرڻ – واجهائڻ. [ف. تَـرس] ترس ڪائڻ – رحم ڪرڻ "اڳهائي سگها ٿيا. جي وينا وٽ ويجن – ته ترسي طبيبن. چيني هوند چڱا ڪيا" (شاهه).
• ترسُولُ ۽ ترسُولَ: ذ. [سن. ترِشولَ < ترِ = ٽي + شول = ڪنڊون] هٿيار جو هڪ قسم. ٽن شاخن (ڪُنڊن) وارو ڀالو.
• تُرشُ: صفت. [ف] ڪَٽو (ذائقي ۾). رڪو. بدمزاج. ڪاوڙيل.
– تُرشائي: ٿ. ڪٽاڻ – ڪَٽائي. رنجيدگي.
– تُرش ٿيڻ: ڪَٽو ٿيڻ. رنج ٿيڻ. ڪاوڙجڻ.
– تُرش رُو: ذ. صفت. رڪ مُنهون. بد مزاج. ڪاوڙيل.
– تُرشي: ٿ. ڪٽاڻ. سختي. بدمزاجي سخت ڪلامي.
• تَـرغيبُ: ٿ. [ع. رَغَبَ < رَغَبَ. تَـرغيبُ = آماده ڪرڻ] رغبت. لالچ – حرص. شوق.
– تَـرغيب ڏيڻ: آماده ڪرڻ. لالچائڻ. شوق ڏيارڻ. همٿائڻ.
• تَـرَقيُّ ۽ تَـرَقيون: ٿ. [ع. رَقِيَ (= درجي بدرجي مٿي چڙهڻ. علم ۾ واڌارو ڪرڻ. درجي ۾ اضافو ملڻ] واڌارو – سڌارو. اضافو. چاڙهو. بلندي – اوج.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **تَرڪ ج تَرڪ:** ذ. [ع. تَرڪ = ڇڏي ڏيڻ] پاسو (دنيا کان) — تياڳ. علحدگي. دستبرداري.

— **تَرڪُ ڪرڻ:** دنيا جي وهنوار کي ڇڏي ڏيڻ — دنيوي لاڳاپا ٽوڙڻ. جيئن ڪجهه هجي قربان ڪرڻ.

• **تُرڪَ(ث):** ذري (گونهه جي) — ڀُرڪَ. دست.

• **تُرڪ:** اسم خاص. خوارزم ۽ چين جي وچ ۾ رهندڙ تاتاري قبيلن جو قومي نالو. ترڪستان يا تُرڪيءَ جي قوم. سنڌ جي ’سمن‘ مان هڪ قبيلي جو نالو.

— **تُرڪتاز:** ذ. ترڪن وانگر حملو. بهادر سپاهي. (صفت) لُٽيندڙ. معشوق.

— **تُرڪستان:** اسم خاص. تُرڪن جو ملڪ — وچ ايشيا وارو خطو.

• **تُرڪُ ج تُرڪ:** ذ. تُرڪستان جو رهاڪو. تُرڪ قوم جو فرد. سپاهي. بهادر. (هندي اصطلاح موجب) مسلمان.

— **تُرڪي:** ث. تُرڪن جو ملڪ. تُرڪن جي ٻولي. غرور — وڏائي.

— **تُرڪي به تُرڪي جواب ڏيڻ:** جيئن ڪو چوي تيئن اُن کي جواب ڏيڻ. سخت جواب ڏيڻ. ڪٽو جواب ڏيڻ.

— **تُرڪي تمام ٿيڻ:** وڏائي هلي وڃڻ. آڪڙ ختم ٿي وڃڻ. دعويٰ نه رهڻ.

• **ترڪاري ج ترڪاريون:** ث. [هہ] سائي ڀاڄي. هر قسم جي رڌڻ جي ڀاڄي. ٻوڙ — ڳنڍڻ. ڀاڪرو گوشت (هندن جي اصطلاح ۾).

• **ترڪائڻ:** مصدر. ڪِسڪائڻ. ريڙهڻ. گِسڪائڻ. گِسائڻ. لڪائي ڪڻڻ. گُر ڪرڻ. (ترڪايو — ترڪائيندو — ترڪايل).

— **ترڪائي وڃڻ:** آهستي آهستي لڪائي ڪٽي وڃڻ — ٽِڳائي وڃڻ — ڪِسڪائي وڃڻ.

— **ترڪتالُ ج ترڪتال:** ذ. [ترڪ (< ترڪائڻ = اٽڪل سان ٽِڳائڻ. ڪِسڪائڻ) + تال = اٽڪل. نتاءُ] اٽڪل سٽڪل — لبو ٿبو (ڪر ۾). نت نتاءُ.

— **ترڪتال ڪرڻ:** اٽڪل سٽڪل ڪرڻ. اڙو ڳاٻرو ڪر ڪرڻ. لُبو ٿبو ڪرڻ.

— **ترڪتالي:** ث. مڪر — ڍونگ. اٽڪل.

• **تَرڪَٽُ ج تَرڪَٽ:** ذ. [تر = ترو+ ڪَٽ < ڪٽڻ. وڍڻ] بيخبريءَ ۾ ٺڳي — وساهه گهاتي. ڌوڪو. دولاب — فريب.

• **تَرڪَٽ ڪرڻ:** وساهه گهاتي ڪرڻ. ڌوڪو ڏيڻ. ٺڳي ڪرڻ. ڪپت ڪرڻ.

• **تَرڪَشُ ج تَرڪَش:** ذ. [ف. تَرڪَش] تيرن رکڻ جي ٿيلهي.

• **تَرڪَنڊي:** ث. ٻوٽي جو هڪ قسم TrilenInsalatus.

• **تَرڪڻ:** مصدر. [ع. تَرڪ = ڇڏي ڏيڻ] ڇڏي ڏيڻ — ترڪ ڪرڻ — تياڳڻ. ميسارڻ. ڇڪتو ڪرڻ (ليکو) — ليکو پائڻ (حساب ڪتاب ڪي). (ترڪيو — ترڪيندو — ترڪيل).

• **ترڪڻ. ترڪڻُ ج ترڪڻيون:** ث. اُها ڳپ جنهن ۾ پير رکڻ سان يا هلڻ سان ترڪي پئجي. ڇڪڻ. ڳَپ. (راند طور) گسڪڻ لاءِ لُهوارو تختو.

— **ترڪڻ بازي:** ث. ترڪڻ جي حالت (ڳپ. پاڻيءَ يا لسائي سببان). ترڪي پوڻ جهڙي لسائي. گسڪڻ واري پاراٽي راند. ٻهاني بازي. خطا کائڻ جهڙي حالت ”عشق مجازي ترڪڻ بازي.“

• **ترڪڻ:** مصدر. ترڪي پوڻ (ڳپ ۾). مٿان کان هيٺ تي کسڪڻ. هيناهين تي رڙهڻ. ڦسڪڻ. گسڪڻ. مائل ٿيڻ (دل). گمراهه ٿيڻ. (ترڪيو — ترڪندو — ترڪيل).

— **ترڪڻو ج ترڪڻا:** ذ. صفت. ڪِسڪڻو — ڦسڪڻو. لسو. (ث) ترڪڻي ج ترڪڻيون.

— **ترڪڻي:** ث. ترڪڻ جي حالت. ترڪڻ.

— **ترڪي پوڻ:** ترڪي پوڻ. کسڪي وڃڻ. گسائي وڃڻ.

— **ترڪي وڃڻ:** نڪري وڃڻ (نظر کان). ٿڙي وڃڻ (نظر اک).

• **ترڪو ج ترڪا:** ذ. [ع. تَرڪَ (= ڇڏڻ) > تَرڪَة. تَرڪَة = فوتيءَ جي ملڪيت. ورثو] فوتي ماڻهوءَ جي پويان ڇڏيل ملڪيت — ورثو. اباڻي ملڪيت — ميراث. سامان — اسباب. پروسو — آسرو.

• **ٽِرڪو:** ذ. اُس — ٽڙڪو. چمڪو.

— **ٽرڪيدار:** ذ. صفت. چمڪڻو (هيرو).

• **ٽِرڪولُ ج ٽِرڪول (ث):** ذ. ڏسو ”ٽڙڪول“.

• **تَرڪي (ل):** ث. ڪنهن ڪٽيل دوا جي ڦَڪي ”انجڻين وغيره جي ترڪي هٽڻ“.

• **تُرڪيا (ث):** اسم خاص. ٿر ۾ ميگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.

• **تُرڪيار:** اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تَرڪيبُ ج تَرڪيبون:** ث. [ع. رَڪب > رَڪَبَ. تَرڪيب = موتي جڙڻ. ترتيب ڏيڻ] ملائي جوڙي بيهارڻ جي حالت — جوڙ. بناوت — سٽاءُ. نمونو (ملائڻ جو). تجويز — طريقو. بناوت — سٽاءُ. نمونو (ملائڻ جو). تجويز —

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طريقو. حيلو. اٽڪل. گرامر جو اصطلاح (جنهن موجب هر هڪ لفظ جو قسم ۽ تعلق نروار ڪجي). جملن يا لفظن جي ترتيب.

– تَرڪيب اِضافِي: ث. علم نحو جو اصطلاح – اضافت. ملڪيت يا واسطيداري ڏيکاريندڙ مرڪّب لفظن جي بناوت.

– تَرڪيب بَنْد: ذ. علم عروض جو اصطلاح. بحر ۽ وزن جي تقطيع. شعر جو هڪ قسم (جنهن موجب ڪنهن بحر ۾ ڪي بند جدا جدا قافين سان آڻجن ۽ هر هڪ بند کان پو هڪ مقرر شعر مختلف قافين سان آڻجي).

– تَرڪيب تعدادي: ث. علم نحو جو اصطلاح. عدد شماري ڏيکاريندڙ مرڪّب لفظن جي بناوت.

– تَرڪيب توصيفي: ث. علم نحو جو اصطلاح. صفت جي معنيٰ ڏيکاريندڙ مرڪب لفظن جي بناوت.

– تَرڪيب سان: ظرفي فقرو. خبرداريءَ سان. اٽڪل سان. تجويز سان.

– تَرڪيب ڪرڻ: گرامر موجب جملي ۾ لفظن جي حيثيت ۽ حالت نروار ڪرڻ ۽ هر هڪ لفظ جو ٻين لفظن سان تعلق ٻڌائڻ. اٽڪل ڪرڻ. تجويز سٽڻ.

– تَرڪيبي ج تَرڪيبي: صفت. ترڪيب موجب – ترڪيب مطابق. ترڪيب وارو. اٽڪلي.

• تَرڪاڻُ ج تَرڪاڻ: ذ. ڊڪڻ – واڍو.

• تَرڪَسُ (ذ). تَرڪَس (ث): ڏسو "سرگرس".

• تَرڳا (لس): ذ. گهنبيدار – ڪارا (وار).

• تَرڳاهُ (ل): صفت. [تَر = ترو + گاهه < ڳاهڻ = تري تائين ڳاهجڻ واري حالت] چٽ – نابود.

– تَرڳاهه ٿيڻ: چٽ ٿيڻ. ڪنگال ٿيڻ. بيزار ٿيڻ.

• تُرڪَڻُ: مصدر. پاڻيءَ ۾ گهٽو ترڻ – تَرَڪِڻ.

• تَرل (ڪ): صفت. رس وارو – پاڻياٺو. پڳَلُ.

• تُرمُ ج تُرمَ: ذ. [پورچوگيز. Tronco؛ ف. تُرنگ] قيدخانو – جيلخانو.

– تُرمَ ۾ پوڻ: جيل ۾ پوڻ. قيد ڪاٽڻ. جُنيون سهڻ. خوار خراب ٿيڻ.

• تُرمِتي: ذ. تُرمِجي.

• تُرمِجي ج تُرمِجيُون: ث. عام اصطلاح موجب باز جو هڪ قسم – ڪارين اکين (سياه چشم) ۽ ڊگهن ٻرن وارو تيز اُڏامندڙ شڪاري پکي – 'جِيتِرو' يا 'جَٽِئُو' جي مادي. Red – headed Merlin (Aesalon chicquera).

• تِرمِذي: ذ. شهر 'ترمذ' جو رهاڪو. امام ترمذي جنهن حديث جو ڪتاب لکيو. (امام ترمذي جو لکيل) حديث جو هڪ مشهور ڪتاب.

• تِرمِرائِڻُ: مصدر. ترورا اچڻ – ترورا ڪرڻ (اکين جو).

• تِرمُوري: ث. هندڪو وڏو ڏينهن – وچ سياري ۾ ترن ۽ مُورين گڏي کائڻ جي رسم ملهائڻ جو ڏينهن (انهيءَ ڏينهن کان پوءِ رات ننڍي ٿيڻ شروع ٿيندي آهي ۽ ڏينهن وڏندا آهن).

• تُرميدانُ (ت): ذ. سَرميدان – مقابلو.

• تَرمِيم ج تَرمِيمُون: ث. [ع. ۱. رَمّ، مَرَمّة = مرمت ڪرڻ؛ ۲. تَرمِيمات = گهرن ۽ گهٽين جي مرمت] درستي – اصلاح ـ ڦيرڦار – گهٽ وڌ. ڪنهن ٺهراءُ يا تجويز تي نظرثاني.

• تُرنجُ ج تُرنجَ: ذ. [ف. تُرنج = نارنگي] ميوي جو هڪ قسم (ٻه قسم ٿين. هڪ ننڍو تُرنج جنهن جي وڻ جا پن ڪارا ٿين. ۽ ٻيو وڏو تُرنج جنهن کي 'بالنگ' به چون؛ ٻئي خوشبودار ٿين. سواد ڪڙو ۽ تُرش، مزاج سرد. گُلَ گرم ۽ خشڪ. تخم سرد تر خشڪ ۽ پَن خشڪ ٿين).

– تُرنجِي: ذ. تُرنج جي گُلن مان ٺهيل شراب.

• تُرنجُبِين: ث. [ف. تَرَنگُبِين > ع. تَرَنجُبِين] پساري وکر جو هڪ قسم (جا ماڪَ وانگر ڪنڊن وارن وڻن تي پوي ۽ سُڪي ڪنڊ يا مُستيءَ جي ڳوڙهين وانگر تي پوي؛ ذائقي ۾ مِٺي ٿئي. سنڌ ۾ اڪثر ڪانڊيري جي پنن تي ڳاڙهين ڳوڙهين جي صورت ۾ ٿيندي آهي).

• تَرَنگُ: ذ. [ف. تَرَنگ، تِرَنگ] ساز جي تند جو آواز. [سن. تَرَنگَ] لهَر – موج. امنگ – جذبو. ريجهه – خيال – بودڪي.

– تَرَنگِي: ذ. صفت. لَهري – موجي. جذباتي. پُورالو.

• تُرَنگُ ج تُرَنگَ: ذ. [سن. تُرَنگَمْ < تُرَ = تکو + گَمْ = هلڻ] پلو گهوڙو "تَريا رت تُرنگ. رڻ ۾ راماڻا ڪري" (خليفو نبي بخش)؛ "جن ٿي ڪُوِنتَ کُڏائيا، تازي تيز تُرنگ" (حمل).

• تُرَنگُ ج تُرَنگَ: ذ. [ف. تُرَنگ] تُرمُ ـ جيلخانو.

– تُرنگ ڪاٽڻ: جيل ڪاٽڻ – سزا ڪاٽڻ. ڏکيو وقت ڏسڻ – تڪليفون ڏسڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **تَرَنَمُ:** ذ. [ع. رَنَمَ. تَـرَنَم = منڙيون لاتيون ڪرڻ (پکي)، سُر سان ڳائڻ] سُر — آلاپ. ڳائڻ "جو ترنم ٿو ڪريان. سو ٿو ڪريان مستيءَ ۾".

• **تَرُنِي ج تَرُنِيُوُنْ:** ث. [سن] عورت — سهڻي عورت "سر ڪنڌ ۾ سُرها ڪيا. تَرُني لوئي تَل" (ڪنيان). ڪِنُوَڻُ — وِجُ "تَرنيءَ جانْ تجلو ڪري، پيا پريان جي پاس" (صدرالدين). روشنيءَ جو ڪِرڻو.

• **تَرِڻُ (ل):** ث. نندي ڪُمي.

• **تَرِڻُ:** مصدر. عضون جي چرپر سان پاڻيءَ جي مٿاڇري تي پاڻ جهلڻ — پاڻيءَ جي مٿاڇري تي رهڻ. "ٻُڏڻ" جو ضد. تُرڳڻ. تَري پار ڪرڻ (واهه، درياءَ وغيره). لڙهڻ. پار پهچڻ. وصول ٿيڻ (ٻڏل رقم). تئيءَ ۾ پچائڻ — پُچڻ (پلو مڇي، ترڪاري وغيره گيهه يا تيل ۾). چِلڻ — لسو ڪرڻ (ڪنهن ٿلهي ڪاٺي يا دوڳيءَ ڪي ڪهاڙي سان). چڙهي پوڻ (بيماريءَ مان). زمين ڪي تَرگهمائي سِڌو ڪرڻ. (تَريو — تَريندو — تَريل).

• **تُرڻُ:** مصدر. [سن. تُلْ = تورڻ] تور ٿيڻ — وزن ٿيڻ (ڪنهن شيءِ جو). ڪانٽي يا ساهميءَ تي چڙهڻ. وزن ڪرڻ (پنهنجو). چِيڻ (اکين ۾). (تُريو — تُرندو — تُريل).

• **تَرِٽِي ج تَرِٽِيُوُنْ:** ث. تَرڻ جي حالت. بيڙي. اُهو ٿانءُ جنهن ۾ ڪا شيءِ ترجي — ڪَٽِجي.

• **تَرو ج تَرا:** ذ. [سن. تَلَ = ترو] تَـرُ — ٿاهُ — قَعْر (ع). تَر وارو حصو. هيٺيون پاڱو. بنياد. اونهائي. هيٺيون پاسو (ٻيڙيءَ، جُتيءَ وغيره جو). پچاڙيءَ جي بچت (پنگ وغيره جي) "جيڪي پين تَرو تِن ڪي سور نڪو ٻرو" (موالين جي صدا). ڳُجهه — راز.

– **تَرو ڪَهَرَائِڻُ:** ڪنهن ڪم سببان گهٽا پنڌ ڪرڻ يا ڪرائڻ. منٿون ڪرڻ يا ڪرائڻ.

– **تَرو لِڳائي چِڙڻ:** ڪپائي ڇڏڻ. هڪ هنڌ ٻيهاري ڇڏڻ. شرمندو ڪرڻ. ڪنڌ هيٺ ڪرڻ. مَنُ ڪي مارڻ. طعام ڪي ساڙي ڇڏڻ.

– **تَرو لڳڻ:** طعام جو زياده سيڪ اچڻ سبب تَر ۾ سڙي وڃڻ. ٻيوس ٿيڻ.

– **تَرو هڻڻ:** خدمت ڪرڻ. تمام گهڻي ٽهل ڪرڻ. ٻنا معاوضي سخت محنت ڪرڻ.

– **تَروئِي لَڳِي وڃڻ:** شرمندو ٿيڻ. ذِلَت ڏسڻ. وائڙو ٿيڻ — منجهي پوڻ.

• **تِرو (ت):** ذ. سونارڪي ڪم جو هڪ اوزار. زيورن تي چِٽَن ڪڍڻ جو قالب.

• **تَرو ج تَرا:** ذ. [ع. طُرَهْ > تُرو] طُـرو — پَٽڪي جو ڇيڙو.

• **تَرُوار ج تَرُوارِيُوُنْ:** ث. تَرارِ ـ تلوار.

• **تَرُوَانِي ناهڻ (ت):** ڌوٻين جي اصطلاح ۾ ڪلر جي پاڻيءَ ۾ ڪپڙا ٻوڙڻ.

• **تَرُوَٽ:** ث. ڏسو "تَرهوٽ".

• **تَرُوَرُ:** ذ. [سن] وَڻُ.

• **تِرُوِرُ:** ث. ڏُنڌ مان لنگهندڙ تِکي روشنائي. پاڻيءَ جي مٿان سٽَپ سبب روشنائي جي ڪرڻن جي جهرمر. تِرورا. بي آرامي. بيقاعدي اچ وڃ (ل).

• **تِرُوِرُ:** اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ڳوٺ ۾ ڊنڊ جو نالو.

• **تِروِائِڻُ:** مصدر. پاڻيءَ جي مٿاڇري تي تيل. گيهه وغيره سٽَپ پوڻ سبب سج جي ڪرڻن سان طرحين طرحين رنگ ڏسڻ.

• **تِرُورو ج تِرُورا:** ذ. [سن. تُرسرِيڻ = ترورو] سج جي روشنيءَ جيَ سنهڙي ليڪ — ڪرڻو. اکين آڏو ڦرندڙ ڪارو ٽٻڪو. ڏُنڌ (اکين جو). پاڻي ۾ ترندڙ سٽَپ جو ذرو.

– **تِرورا ڪرڻ:** اکين سان چِٽيءَ طرح شيون نـ ڏسي سگهڻ.

• **تِروڪِڙِي ج تِروڪِڙِيُوُن:** ث. تِروڪڙي — تلوڪڙي.

• **تِروڪِٽِي ج تِروڪِٽِيُوُنْ:** ث. تِروڪڙي.

• **"تارا تروڪٽيون مٽن ڦلڙيون" (شاهه).**

• **تِروڪِڙِي ج تِروڪِڙِيُوُن:** ث. [سن. تِلَ = تِر] جسم ۾ سئيءَ سان زخم ڪري سُرمي يا نيري. رنگ سان پري ناهيل هٽرادُو تِر (جو دائمي نشان جي صورت وٺي ويهي). تلو ڪڙي — ڏينبوڙي.

• **تَـرُوَنْ:** ث. اُٺ جي نَٽ (جا وارن مان ناهجي).

• **تَرُوِيجَ:** ث. [ع. راجَ (= رواج ۾ اچڻ) > رَوَجَ. تَـرُويج = رواج ۾ آڻڻ. رائج ڪرڻ] رواج — رسم. شهرت.

• **تَـرُهاٽَ (ل):** ث. پنڌ سببان پيرن جي تري ۾ زخم واري ڳاٽ (ءِ سُور) — تَـرُهَٽ. (ڪنهن جي اچڻ يا هلڻ سببان) پيرن جو هلڪو آواز — آهٽَ.

• **تَـرُهاٽجَڻُ:** فعل مجهول. پنڌ سبب پيرن جي تري ۾ ڳاٽ ٿيڻ — ڳَسڻ سببان زخمجڻ.

• **تَـرُهَٽَ (ل):** ث. پاڇاريءَ جي هيٺين ڪاٺي — تَـرُهوٽَ. پير ۾ ٿيل زخمدار ڳاٽ (پنڌ سبب).

• **تَـرُهَٽِجَڻُ:** فعل مجهول. تَـرُهاٽجڻ. ٿڪجڻ. عاجز ٿيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **تَسَلُطُ:** ذ. [ع. سَلِطَ (= سخت ٿيڻ) > تَسَلَطَ (عليٰ) = غلبو ڪرڻ، مطيع ڪرڻ] غلبو ضابطو. قبضو.

• **تَسَلْسُلْ:** ذ. [ع] جاري رهڻ جي حالت (ڪم). هڪبئي پٺيان هجڻ جي حالت – سلسلو. لاڳاپو – ڳانڍاپو.

• **تَسِلو ج تَسِلا:** ذ. [ع. طَسّ = پيالو] ڏونگهي ٿالهي (جا گهڻو ڪري هندو ۽ ماڙيچا ڪم آڻين).

• **تَسْلِي ج تَسْلِيُوْن:** ث. [ع. تَسْلِيَة = آٿت، آرام] تَسلا – تَسلائي.

• **تَسَلِي ج تَسَلِيُوْن:** ث. [ع. سَلا. سَلِي > تَسَلِي، تَسَلِيا = آٿت ڏيڻ] دلجاءِ ـ دلداري. خاطري – دلجمعي.

• **تَسْلِيم:** ث. [ع. سَلِمَ > سَلم. تَسْلِيم (بِ) = رضامند ٿيڻ. تابعداري مڃڻ. حوالي ڪرڻ] سپردگي – سونپڻ. رضا – منظوري – قبوليت. تابعداري – مڃتا. نيازمندي. اطمينان بخش.

– **تَسْلِيمات:** [ع. تَسْلِيم ج تسليمات] سلامَ – نيازَ "آداب تَسْلِيمات" (= سلامن جا طريقا يا لوازمات).

• **تُسَمانُ (ٿ):** ذ. دعاگو – سلامتي بخشيندڙ.

• **تَسْمو ج تَسْما:** ذ. [ف. تَسْمَهْ = اڻ رڱيل کَل، ڪچو چمڙو] چَمَ جي سنهي تند. چمڙي جي ڳَهِي (بُوٽ لاءِ) – بُوٽ جو ڏاڳو.

• **تَسْمِيْ:** ث. [ع. تَسْمِيْن = مکڻ جو ته ڏيڻ] ڪيرٽي.

• **تَسْنِيْدْ:** ث. [سِنڌ > سِنْڌ (ع) > تَسْنِيْد (= باب تَفعِيْل = سنڌي صورت ۾ آڻڻ] علم نحو جي اصطلاح ۾ ڪنهن به عربي يا فارسي لفظ (جي صورت) کي بدلائي سنڌيءَ صورت ۾ استعمال ڪرڻ جي حالت "بَصَل > بَصر؛ طَبَقُ > دَبڪِي وغيره".

• **تَسْنِيمُ:** ذ. [ع] بهشت جو هڪ چشمو.

• **تَسْجَڻُ:** مصدر. [سن. تَرْش = اُڃ – اُڃ جهلي وڃڻ ۽ پاڻي نه پيئڻ. اڃائجڻ. ساهه ڇڪجڻ. (تَسيو – تسبو – تسيل).

• **تُسَڻُ:** مصدر. [سن. تُشْ = راضي ٿيڻ] خوش ٿيڻ – راضي ٿيڻ "مون تي ڪر منهنجا پرين، توهه تُسِي تيڏو" (شاهه). سر هو ٿيڻ. ريجهڻ – پرچڻ – پرِڻ. (تُسيو – تُسندو – تُسيل).

• **تَسو ج تَسا:** ذ. [سن. تَرِشْ = اُڃ] اُڃَ – پياس. بُک – فاقيو. جفا – تڪليف – سختي "آءُ ڏورِيندي اُن کي، ڏيئي تَن تَسو" (شاهه).

• **تَسِيو:** ذ. چوپائي مال جي هڪ نه ٻئي ڏينهن پاڻي پيڻ جي حالت (ٿ).

• **تَسُو ج تَسُو:** ذ. [ف. تَسُو = ڇٽن يا ٻن جَوَن جي داڻن جيتري تور؛ ڪنهن وزن، ماپ يا ڏينهن جو چوويهون حصو] ڪنهن به شيءِ جو ٿورو ذرڙو – جَوَ جي مقدار جيترو.

• **تَسْهِيلْ:** ث. [ع. سَهُلَ > سَهَل، تَسْهِيْل = آسان ڪرڻ] آساني – سولائي – سهولت.

• **تَسيو ج تَسِيا:** ذ. [سن. تَرْش = اڃ] اُڃَ – پياس. طلب. بک – فاقو. [ع. طَسّ = پيالو] مائورو – تَسُ (ٿ).

– **تَسيا ڪاٽڻ:** اُڃون سهڻ. بکون ڪاٽڻ.

– **تَسيو ڏيڻ:** بک ڏيڻ. اُڃ بک سهڻ "تن کي تسيو ڏيڻ".

• **تُشُ (ڪ):** ذ. [سن. تُشَ] تُهه (چانور يا جَوَ وغيره جو). ذرڙو – ڪڻو. ٿورڙي شيءِ.

• **تَشابُهُ:** ذ. [ع. شَبَه > تَشابَه، تَشابُه = ملي اچڻ] ساڳيائي – هڪجهڙائي. مناسبت. برابري.

• **تَشْبِيبَ:** ث. [ع. شَبَّ (= جوان ٿيڻ) > شبَبَ، تَشْبِيب] "قصيدي" ۾ ممدوح جي مدح کان اڳ عاشقانه مضمون بابت شعر چوڻ. قصيدي جي شاعرانه تمهيد.

• **تَشْبِيهَ ج تَشْبِيهُوْن:** ث. [ع. شَبَه، شَبَهَ = ڀيٽ ڪرڻ] 'علم بديع ۽ معاني' جو لفظ. ڪنهن شيءِ جي ٻيءَ سان ڀيٽ. مشابهت. مناسبت. هڪجهڙائي. برابري.

• **تَشْخِيصْ:** ث. [ع. شَخَصَ (= ڏسڻ ۾ اچڻ، ظاهر ٿيڻ) > شَخَصَ، تَشْخِيصْ = بيماري.. پروڙڻ] علامتن، حالتن ۽ اسبابن جي جائزي سان بيماريءَ جي پرک – مرض جي سڃاڻپ.

• **تَشَدُدُ:** ذ. [ع. شَدَ (= ڇڪي ٻڌڻ، مضبوط ڪرڻ) > تَشَدَدَ، تَشدُد = مضبوط ٿيڻ، طاقتور ٿيڻ] ڏاڍائي – زور – جبر. زيادتي. مارڪٽ.

• **تَشْديدَ:** ث. [ع] اِملاءَ جي نشاني ( ّ ) جا ڪنهن اکر جي اُچار کي ٻيڻو زوردار ڪري. شد.

• **تَشْرِيْحَ ج تَشْرِيحُوْن:** ث. [ع. شَرَحَ = بيان ڪرڻ، سمجهائڻ] سمجهاڻي – توضيح – وضاحت.

• **تَشْرِيف:** ث. [ع] عزت – شرف. بزرگي. عزت افزائي.

• **تَشْرِيف فَرما ٿيڻ:** ڪنهن معزز شخص جو اچڻ.

• **تَشَفِيْ:** ث. [ع. شَفِيُ، شَفِيَ > تَشَفِّيُ، تَشفِياً = صحتمند ٿيڻ، ڪاوڙ بعد ٺڏو ٿيڻ] شفا ـ تندرستي – صحت – تسلي – دلجمعي – اطمينان خاطري.

• **تَشَنَّجُ:** ذ. [ع] بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ بدن جا عضوا سِيٽجي، چڙهي پون) – Spasmodic contraction of body.

• **تِشْنَگي:** ث. [ف] اُڃَ. خواهش. محبت واري ڪشش

"محبت جن جي من ۾، تن تشنگي تار" (شاهه).

- **تِشنَه:** صفت. [ف] اُڃو – پياسو – اُساٽيل. خواهشمند – مشتاق. سڪايل.
- – **تِشنَہ ڪامُ:** صفت. سُڪل تارُون وارو – اُڃايل. سِڪايل. ناڪام.
- – **تِشنَہ ڪامِي:** ث. اُڃ. سِڪَ. پياس.
- – **تِشنَہ لَبُ:** صفت. اُڃايل – پياسو.
- – **تِشنَہ لَبِي:** ث. اُڃ جي حالت. سِڪَ جي حالت. پياس. سَڌ. سِڪَ.
- **تَشوِيشَ:** ث. [ع. شَوَشَ، تَشوِيش = ڏنڊو ڦٽائڻ. صحت بگاڙڻ. تڪليف ڏيڻ] پريشاني. ڳڻتي – فڪر. اونَ.
- **تَشهِيرُ:** ث. [ع. شَهَرَ. تَشهِير = ڪنهن جا ڳُيا پڌرا ڪرڻ] مشهوري – شهرت. بدنامي – خواري.
- **تَصادُمُ:** ذ. [ع. صَدَمَ > تَصادَمَ، تصادُم = ٽڪرجڻ. جنگ ۾ جوانن جو ٽڪرجڻ] ٽَڪر (ماڻهن يا گاڏين وغيره جو). مقابلو.
- **تَصانِيفُ:** ث. [ع. تَصنِيف ج تَصانيف] جوڙيل ڪتاب. تَصنِيفُون.
- **تَصحِيحَ ج تَصحِيحُون:** ث. [ع. صَحَ > صَحَحَ. تَصحِيح = تصديق ڪرڻ. درست ڪرڻ] درستي (ڪنهن لکيت جي). تصديق.
- **تَصحِيفَ:** ث. [ع] لفظن ۾ زيرن. زبرن جي غلطي (جنهن ڪري اُچار مختلف ٿي پوي).
- **تَصَدُّقُ:** ذ. [ع. صَدَقَ > تَصَدُق = ڪا شيءِ خدا جي راهه ۾ ڏيڻ] صدقو. قرباني. خيرات.
- **تَصدِيقُ ج تَصدِيقُون:** ث. [ع. صَدَقَ > صَدق. تَصدِيق = ڪنهن کي سچو سمجهڻ]. سچي هئڻ جي شاهدي. ثابتي. سچائيءَ جي تائيد. پَڪَ.
- – **تَصدِيق ڪرڻ:** زباني يا لکيت ۾. سچي هئڻ جي پٺڀرائي ڪرڻ. ڪنهن بيان يا ڪم جي سچائيءَ جي خاطري ڏيڻ. ڪنهن بيان يا دستاويز جي برابر هجڻ لاءِ صحيح وجهڻ.
- **تَصَرُفُ:** ذ. [ع. صَرَفَ > تَصَرُف (ف) = ڪنهن بہ ڪم جو اختيار هئڻ. نيڪال ڪرڻ] استعمال. عمل. اختيار. قبضو. خرچ. طاقت. اثر.
- **تَصرِيحَ:** ث. [ع. صَرَحَ > صَرَحَ. تَصرِيح = وضاحت ڪرڻ. سمجهائڻ] وضاحت. سمجهاڻي.
- **تَصرِيفَ:** ث. [ع] تبديل. گرامر جو اصطلاح – گردان – ڦيرو.
- **تَصغِيرَ:** ث. [ع] ننڍائي. گهٽائڻ جي حالت. گرامر جو اصطلاح – اسم تصغير (ننڍڙائپ ڏيکاريندڙ اسم "پاڏو > پاڏڙو = ننڍڙو پاڏو؛ بار > بارڙو؛ گهَر > گهرڙو وغيره").
- **تَصفِيو:** ذ. [ع. صَفا > صفّيٰ، > تَصفِيَة = حساب صاف ڪرڻ] صفائي. فيصلو – نبيرو. صلح.
- **تَصَنُعَ:** [ع] بناوت. ڏيکاءُ. تڪلفَ.
- **تَصنِيفَ ج تَصنِيفُون:** ث. [ع] ناهيل علمي ڪارنامو. ڪتاب (لکڻ). مضمون نويسي – تحرير.
- – **تَصنِيف ڪرڻ:** ڪتاب ناهڻ.
- **تَصَوُرُ ج تَصَوُرَ:** ذ. [ع. تَصَوُرُ ج تَصَوُرات] دل ۾ ويهاريل خيالي تصوير. خيال. فڪر.
- **تَصَوُفُ:** ذ. [ع. صفا (= صاف ٿيڻ. خالص ٿيڻ)> تَصَوُف = صوفي ٿيڻ] نفساني خواهشن کان پاڪائي. نفس جي صفائي جو طريقو. صوفين جو طريقو. علم معرفت.
- **تَصوِيرَ ج تَصوِيرُون:** ث. [ع. تَصوِير ج تَصاوِير] شڪل – صورت. مورت. نقش. خاڪو.
- – **تَصوِير نِهالِي:** ث. [ع. تصوير + ف. نِهال = ٻوٽو] وڻ ٻوٽي جي تصوير. غاليچي جي تصوير.
- **تَضادُ:** [ع] هڪٻئي جي مخالف هئڻ جي حالت – ضد – مخالفت. شاعريءَ جي هڪ صنعت (جنهن ۾ ڪنهن لفظ سان گڏ ٻيو ان جو ابتڙ لفظ آڻجي "ڏينهن رات. سرد گرم").
- **تَضمِينَ:** ث. [ع. ضَمَنَ > ضَمَنَ. تَضمِين = ذمه وار ڪرڻ. شامل ڪرڻ. داخل ڪرڻ] شامل ڪرڻ – ڳنڍڻ. ملائڻ. شموليت. شاعريءَ جي هڪ صنعت (جنهن ۾ ٻئي جو شعر يا مصرع پنهنجي شعر ۾ ڪم آڻجي).
- **تَطابُقُ:** ذ. [ع. طَبَقَ (= لڳڻ) > تَطابُق = موافق هجڻ] هڪجهڙائي – مطابقت – موافقت.
- **تَطاوُلُ:** ذ. [ع] ڏيگهہ. دست درازي. تعدي. ستم.
- **تَطهِيرُ:** ث. [ع. طَهَرَ = پاڪ ڪرڻ] پاڪائي – طهارت – صفائي.
- **تَعارُفُ:** ذ. [ع. عَرَفَ > تَعارُف = هڪٻئي سان سڃاڻپ ٿيڻ. هڪٻئي کي سڃاڻڻ] سڃاڻپ – واقفيت – ڏيٺ.
- – **تَعارُف ڪرائڻ:** سڃاڻپ ڪرائڻ. واقفيت ڪرائڻ.
- **تَعاقُبُ:** ذ. [ع. عَقَبَ > تَعاقُب = هڪٻئي پويان اچڻ. هڪ نہ ٻئي واري ڪرڻ] پُٺ وٺڻ جي حالت. پويان لڳڻ. پويان پوڻ. پُٺ – پيڇو.

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

ڪم. اڏاوت – بناوت (جاءِ جي). اڏاوت جو بنياد. عمارت سازي. مُلڪ جي آبادي ۽ خوشحالي جو انتظام. آبادي.

– **تعميري:** صفت. اڏاوت سان تعلق رکندڙ. آبادي ۽ خوشحالي جي سلسلي جو. بنيادي – شروعاتي (تعمير خاطر).

• **تعميل ج تعميلون:** ث. [ع. عَمِلَ (= ڪم ڪرڻ)، عَمِلَ عَلَيٰ (= ڪنهن ڪم پويان لڳڻ) > تعميل = عمل. پوئواري] پوئواري – بجا آوري. سرانجامي. پيروي.

– **تعميل ڪرڻ:** ڪم جي بجا آوري ڪرڻ. پهچائڻ (سمن، وارنٽ وغيره).

• **تعويذ ج تعويذ:** ذ. [ع. تعويذ ج تعاويذ] بيماريءَ مان ڇٽڻ خاطر لکيل دعا جو ڪاغذ (جو ڏوئي پيئجي يا ڳچيءَ ۾ پائجي) – ٿل – تائيت. خير سلامتي ۽ ڪاميابي خاطر لکيل دعا جو ڪاغذ (جو ڳچيءَ ۾ پائجي يا ٻانهن ۾ ٻڌجي). ڪنهن مطلب پوري ڪرڻ خاطر لکيل دعا جو ڪاغذ (جو ٻانهن ۾ ٻڌجي، ٻيارجي، ساڙجي، پورجي يا کوهه ۾ اُڇلجي) – پڙهيو. مَنڊُ (مَنڊر) – منتر. قبر جي مٿان سرن يا پٿر جي ٻيٺيءَ مثل تعمير. ڳهه جو هڪ قسم (جو ڳچيءَ ۾ پائجي يا ڏونري ۾ ٻڌجي).

– **تعويذ ڪرائڻ، لکارائڻ:** بيمار ماڻهوءَ جي صحت لاءِ دعا جو ڪاغذ لکارائڻ.

– **تعويذ ڪرڻ:** پنهنجي مطلب ڪارڻ يا ڪنهن کي نقصان پهچائڻ خاطر ڏوهه جو تعويذ لکارائڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ. ٽوٽا ڪرڻ – حيلا ڪرڻ.

– **تعويذ وجهڻ:** ڏوهه جو تعويذ ٻيارڻ، پورڻ يا ساڙڻ.

• **تعيَن:** ذ. [ع. عَينَ > تعَيَن (عَليٰ) = مقرر ٿيڻ. سپرد ٿيڻ] مقرري – ٺهراءَ – بحالي.

– **تعيَن ڪرڻ:** مقرر ڪرڻ – بحال ڪرڻ.

• **تغار ج تغارَ:** ذ. [ف. تغارُ = سامان کڻڻ لاءِ هڪ قسم جو ڪرِيو جو گهوڙي جي پٺيءَ تي ٻنهي پاسي لٽڪي بيهي. نِڪر جو پيالو يا تباڪ] وڏي تغاري. وڏو ٿالهه.

• **تغاري ج تغاريون:** ث. [ف. تغارُ] لوهه جي وڏي ڏونگهي ٿالهي (جا گاري وغيره کڻڻ لاءِ رازا ڪم آڻين).

• **تغافل:** ذ. [ع. تغافُل (عَنْ) = نظرانداز ڪرڻ. ڌيان ۾ نه رکڻ] غفلت – بيپرواهي. سُستي – آرس. بيخبري – اڻڄاڻائي.

– **تغافل شعار:** ذ. صفت. غافل. سُست – آرسي. بيپرواهه (معشوق).

• **تُغلَق گهراڻو:** اسم خاص. دهليءَ جي بادشاهن جو هڪ گهراڻو (جنهن ۱۳۲۰ع کان ۱۴۱۳ع تائين حڪمراني ڪئي. ۽ جنهن جي ٻئي نمبر ۽ مشهور بادشاهه محمد بن تغلق سنڌ ۾ ٺٽي تي چڙهائي ڪندي سنہ ۱۳۵۱ع ۾ وفات ڪئي).

• **تغيُر، تغيرات:** ذ. [ع] ڦيرو – تبديلي – انقلاب. ابتري. ڦير گهير.

• **تُف:** ندا. [ف. تُف، ع. تَف] نفرت جي اظهار جو لفظ. لعنت – ملامت. ٿُڪ. (ندا) حيف! – افسوس!.

• **تُفو:** حرف ندا. [ف] نفرت جي اظهار جو لفظ – ملامت – حيف.

• **تفاخُر:** ذ. [ع. فَخَرَ > تفاخُر] فخر – وڏائي. تڪبر – هٺ. غرور.

• **تفاوت ج تفاوت:** ذ. [ع. تفاوُت] دوري – مفاصلو – ويڇو. فرق – ڦير وڇاندر – اختلاف. غلطي – چُڪ.

• **تفاٗل:** ذ. [ع] فال. پيشنگوئي. خوشي جي آگاهي. چڱو سوڻ "ڦالو ٻلي قلب ۾، ٿيو تفاٗل تيئن" (شاهه).

• **تفتيش:** ث. [ع] ڳولا – جستجو – تلاش – جانچ. پڇا ڳاڇا – دريافت – تحقيقات.

• **تفحُص:** ذ. [ع] جستجو. جانچ. پڇا ڳاڇا. ڳولا – جاڪوڙ.

• **تفرقي تفرقو ج تفرقا:** ذ. [ع. تفرقَه] نفاق. انتشار – ڏڦيڙ. جُدائي. فرق – اختلاف. دوري. ڦوٽ – نااتفاقي.

• **تفريح ج تفريحون:** ث. [ع. فَرِحَ > تفريح = خوشي ۾ آڻڻ] ڪل – خوشي. فرحت – آرام – آسائش. ونڊر – مزو. خوشطبعي – سير ـ هواخوري.

• **تفريحاً:** ظرف. تفريح لاءِ ـ چرچي خاطر.

• **تفريد:** ث. [ع] اڪيلائي – خلوت.

• **تفريق:** [ع] علحدگي – جدائي. نفاق. منافقت. ڏڦيڙ – ڦوٽ.

– **تفريق ڪرڻ:** جدا ڪرڻ – ڌار ڪرڻ. ورهاڱو ڪرڻ. ڇيد ڪرڻ (جملن جو).

• **تفسير ج تفسيرَ:** ذ. [ع. فَسَرَ > تفسِير] اهو بيان جو پوري سمجهاڻيءَ سان هجي. تشريح. قرآن شريف جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي.

• **تفصيل ج تفصيل:** ذ. [ع. فَصَّلَ (= جدا ڪرڻ) > تفصيل] وچور – پرچون – فهرست. سربستو احوال. بيان. تشريح.

– **تفصيلوار:** ذ. صفت. مفصل – وچور وار – سربستو – سلسليوار. وضاحت سان.

• **تفضيل:** ذ. [ع] هڪ کي ٻئي تي فضيلت ڏيڻ – ترجيح.

• **تَفضيليَۃ**: اسم خاص. [ع] شيعن جو هڪ فرقو (جو حضرت علي(ع) کي پهرين ٽن خليفن تي فضيلت ڏئي).

• **تَفَڪُر**: ذ. [ع] فڪر — خيال — ويچار. ڳڻتي. انديشو — ڊپ.

• **تُفَنگ ج تُفَنگُون**: ث. [ف] بندوق.

– **تُفنگچي ج تُفنگچي**: ذ. صفت. [ترڪي] بندوق باز. بندوق هڻڻ ۾ هوشيار.

• **تُفنگ ج تُفنگ**: ذ. [ف] ڏاڱن جو ننڍڙو مُچو جنهن ۾ سُئي لڳل هجي (هار راند طور آنڄيءَ ۾ وجهي ڦوڪ ڏيندا آهن ته سُئي گل سميت نشان واري هنڌ تي وڃي لڳندي آهي). آنڄي گل — تُفنگ سوزني (ف). (ذ. صفت) [ف. تفنگ =بر گولو] جوانمرد — پهلوان. باهمت — بهادر.

• **تَفوق**: ذ. [ع] پاڻ کي وڏو سمجهڻ. برتري. فوقيت.

• **تَفويض**: ث. [ع] ڪنهن کي سپرد ڪرڻ واري حالت — سپردگي.

• **تُف**: ث. [ف. تُف =ٿُڪ. بدبوءِ] ڪچرو ـ گندگي — ڊِڦَ. ڳالهائڻ ۾ بيهودگي.

– **تُف ڪرڻ**: بيهودو ڳالهائڻ — گندو ڳالهائڻ.

• **تَفهيم**: ث. [ع] سمجهائي. ڄاڻ — معلومات. سکيا.

• **تَقابُل**: ذ. [ع] سامهون ٿيڻ جي حالت — مقابلو. (ظرف) ڏويڏو — آمهون سامهون.

• **تَقاضا ج تَقاضائُون**: ث. [ع. قَضيٰ (= ڳهر پوري ڪرڻ. حڪم جي بجاآوري ڪرڻ) > تَقاضيٰ = قرض وصول ڪرڻ] طلب. سختيءَ سان ڳهر (قرض جي). زوردار طلب. تاڪيد. ضرورت — حاجت.

– **تَقاضائي ج تَقاضائي**: صفت. تقاضا ڪندڙ. قرض لهڻندڙ. ضرورتمند — گهرجائو.

• **تَقاوَت**: ث. [ع. وَقيٰ (= سنڀالڻ) > تَقيٰ (= خدا جو خوف رکڻ) > تقويٰ. تُقاۃ (= ڏڻيءَ جو خوف. پرهيزگاري) > تَقاوَت (سنڌي)] پرهيزگاري. دينداري. خدا ترسي. عبادت "تکي تقاوت ۾، نکي منجهه رباب" (شاهہ).

• **تَقاوِي ج تَقاوِيُون**: ث. [ع. تَقوِيَۃ ج تَقاوِ = ٻِج. جو غريب هاريءَ کي وٺي ڏجي] زميندار طرفان هاري کي ٻج خرچ لاءِ قرض حسنہ طور اڳواٽ ڏنل رقم. هارين ۽ ننڍن زميندارن کي سرڪار وقتن آباديءَ کي وڌائڻ خاطر اڳواٽ قرض طور ڏنل رقم (جا آسان قسطن ۾ وصول ڪجي ۽ واجبي وياج جي نرخ تي ڏجي). ٻني يا آباديءَ لاءِ ڏنل قرض.

• **تَقدُس**: ذ. [ع] پاڪ ۽ برگزيدي هجڻ واري حالت. برگزيدگي. پاڪائي — پاڪيزگي.

– **تَقدُس مآب**: صفت. برگزيدو — بزرگ — ڀلارو شخص. پرهيزگار.

• **تَقدُم**: ذ. [ع] اڳتي وڌڻ يا اڳتي هئڻ جي حالت. هڪڙي شيءِ جو ٻيءَ شيءِ کان اڳي هئڻ (جيئن: (۱) مڪاني تقدم، جيئن امام جو مقتدي کان اڳ ۾ هئڻ. هن کي رُتبي جو تقدم بہ چون: (۲) زماني جو تقدم، جيئن آدم عليہ السلام جو حضرت نوح عليہ السلام کان اڳ هئڻ: (۳) شرف جو تقدم، جيئن حضور پاڪ جن جو تقدم حضرت آدم ۽ ٻين نبين تي: (۴) سبب جو تقدم، جيئن هٿ جو چُرڻ ڪُنجيءَ جي چُرڻ کان اڳ هئڻ: (۵) طبع جو تقدم، ڪنهن شيءِ جو اڳ ۾ هئڻ انهيءَ حيثيت سان تہ ٻوئين شيءِ ان جي محتاج آهي). ترجيح.

• **تَقدِير ج تَقدِيرُون**: ث. [ع. تَقدِير ج تقادِير] ڌڻيءَ طرفان مقرر ٿيل — ڀاڱو يا حصو. الاهي حڪم. مقدر — لکيو. ڀاڳ — بخت. نصيب — قسمت.

– **تَقدِير اچڻ**: لکيو پرجي اچڻ. بدقسمتي ظاهر ٿيڻ — نحوست آڏو اچڻ.

– **تَقدِير ۾ هجڻ**: لکئي ۾ هجڻ. مقدر ۾ هجڻ. نصيب ۾ هجڻ.

• **تَقدِيس**: ث. [ع] پاڪائي يا نيڪي جو بيان. برگزيدگي. بزرگيءَ جي ساراهہ.

• **تَقدِيم**: ث. [ع] پاڪائي يا نيڪي جو بيان. برگزيدگي. بزرگيءَ جي ساراهہ.

• **تَقدِيم**: ث. [ع] هڪ کي ٻئي کان وڌيڪ سمجهڻ جي حالت — فوقيت — برتري — ترجيح. مقدمو (ڪتاب جو) — مهاڳ.

• **تَقَرُب**: ذ. [ع] ويجهي ٿيڻ جي آرزو (ڌڻي تعاليٰ، نبي يا ڪنهن بزرگ سان). ويجهائي — اوڏائي — نزديڪي.

• **تَقَرُر**: ذ. [ع] مقرر ڪرڻ جي حالت. مقرري (ملازمت ۾ يا ڪنهن ڪم تي). ٻيهڻ — داخلا (نوڪريءَ ۾). نوڪريءَ ۾ پڪو ٿيڻ.

– **تَقَرُري ج تَقَرُريُون**: ث. ڪنهن عهدي يا نوڪريءَ تي مقرري.

• **تَقرِيب ج تَقرِيبُون**: ث. [ع. قَرب = ويجهو ٿيڻ] ويجهو ڪرڻ جي حالت — ويجهائي — اوڏائي — نزديڪي. ريت — رسم (مائٽن جي گڏ ٿيڻ جي. ڪنهن شادي وغيره جي

موقعي تي). مجلس. دعوت. موقعو.

• **تَقرِيباً:** ظرف. [ع. قُربَ = ويجهو ٿيڻ] جي ويجهو – لڳ ڀڳ. اٽڪل روءِ ـ اندازاً – ٿلهي ليکي.

• **تَقرِير ج تَقرِيرُوْن:** ٿ. [ع. تَقرِير = لکيل بيان. دستاويز. شاهد جو بيان] بيان – ليڪچر – وياکيان. ڊگهي گفتگو. وڏو بيان. خطاب.

• **تَقرِيظَ ج تَقرِيظُوْن:** ٿ. [ع. قَرظ. تَقرِيظ = مدح ڪرڻ] ڪنهن ڪتاب بابت راءِ (جنهن ۾ مصنف جي ساراهه مقصود هجي). تبصرو.

• **تَقسِيم:** ٿ. [ع. تَقسِيم = ورهائڻ. ڀاڱا ڪرڻ] ڀاڱيوار ورهاست. ورهاڱو – وَنڊ.

• **تَقصِير:** ٿ. [ع. قَصَر. تَقصِير = گهٽ ٿيڻ. گهٽ ڪرڻ] ڏوهه – قصور. خطا – غلطي. گهٽتائي – ڪمي – ڪوتاهي. غفلت – وسرڀُل – چُڪَ.

• **تَقطِيع:** ٿ. [ع. قَطَعَ > تَقطِيع = ننڍا ننڍا ٽُڪر ڪرڻ] وڍڻ ٽُڪَر ڪرڻ جي حالت. ڀڃ – ٽوڙَ. وڍ ٽُڪَ. ديگهه ۽ ويڪر (ڪاغذ جي). علم عروض جي اصطلاح موجب – شعر جي مصرع کي بحر جي رڪنن موجب وڍڻ ورڇڻ.

• **تَقلِيب:** ٿ. [ع. قَلَبَ. تَقلِيب = اُبتو ڪرڻ] اونڌو يا اُبتو ڪرڻ جي حالت. لفظ جي حرفن جي اُبتي ڦيرگهير (جيئن تہ ڪَڄ > ڄَڪ. ڪيس > سيڪ).

• **تَقلِيدَ ج تَقلِيدُوْن:** ٿ. [ع. تَقلِيد] ڪنهن جي نقش قدم تي هلڻ جي حالت – پيروي. اسلامي فقه ۾. ڪنهن بہ هڪ فقه جي امام جي قائم ڪيل نظرين ۽ اصولن جي پيروي. بنا سوچ ويچار جي ڪنهن ٻئي جي نظرين جي پيروي.

– **تَقلِيدي:** صفت. تقليد ڪندڙ. اکيون ٻوٽي ڪنهن جي پويان لڳندڙ.

• **تَقوىٰ:** ٿ. [ع] خدا جو خوف – خداترسي. گناهن کان بچاءُ ـ پرهيزگاري. زهد – عبادت.

• **تَقوِيت:** ٿ. [ع. قَوِيَ = مضبوط ٿيڻ] مضبوطي – پڪائي. طاقت – قوت – سگهه. پنيرائي. تسلي.

– **تَقوِيت پهچائڻ. ڏيڻ:** مدد ڏيئي مضبوط بنائڻ. پنيرائي ڪري همت ڏيارڻ.

• **تَقوِيم:** ٿ. [ع] سڌي ڪرڻ جو عمل. نهايت سهڻي سناءُ. قيمت جي ڪَٿ. علم نحو موجب سال جو حساب – جنتري.

• **تَڪَ ج تَڪُوْن:** ٿ. [سن. تَرڪَ = نظر ۾ رکڻ: ف. تَڪيدَن = پوريءَ طرح سان نظر مان ڪڍڻ. جانچڻ] نظر – نگاهه. جانچ. ويچار واري جانچ – ڪَٿ جي نگاهه. ڪَٿ – اندازو – ٽل. اٽڪل روءِ تور. اندازي موجب پٽي. خيال – پور. جُوجڪي.

• **تَڪَ تور:** ٿ. اٽڪل روءِ وزن. تخمينو – ڪٿ. پوري ويچار موجب وزن تخمينو – ڪٿ. پوري ويچار موجب وزن يا ورڇ. ڳڻ ڳوت. رٿ پٿ.

– **تَڪَ تور ڪرڻ:** ڳڻ ڳوت ڪرڻ. اڳ پوءِ جانچڻ. ويچار ڪرڻ.

– **تَڪَ ڪرڻ:** اٽڪل روءِ وزن يا ماپ جي ڪَٿ ڪرڻ. اندازو ڪرڻ. نگاهه ڪرڻ. واجهائڻ.

– **تَڪَ ۾ رهڻ:** ڏسندو رهڻ – واٽ نهاريندو رهڻ. انتظار ۾ رهڻ. آسري ۾ رهڻ. ڳڻ ڳوت ڪندو رهڻ.

– **تَڪَ نہ پوڻ (ت):** ڪنهن تي اک نہ ٻُڏڻ. ڪنهن کي هيچ ڪري سمجهڻ.

– **تَڪَ نہ هجڻ (ت):** ڪنهن جي پرواهه نہ هجڻ. پوَ نہ هجڻ.

• **تُڪَ ج تُڪَ:** ذ. [سن. تُڪش = ٽُڪر ڪرڻ: ف. تِڪهَ = ٽڪرو] ڀاڱو – ٽڪر – حصو. ماپَ – ڪَڇ. وِنڊ – ورڇ. ڪپڙي جو ٽُڪرو – ذَرُ. شهر جو ڀاڱو. زمين جو آباد ٽڪر. ٻن ٽن ٽپن جي گڏيل ايراضي. ميمبر يا ميمبر جي چونڊ خاطر مقرر ڪيل آبادي يا ايراضي.

• **تِڪَ:** ٿ. ٻڪيءَ جو هڪ قسم. گاهه جو هڪ قسم Eclipta prostrate.

• **تِڪَ ج تِڪُوْن:** ٿ. [سن. تِڪَ = هيٺ گهلڻ. لهوارو ٿيڻ] ڳيتَ. يڪدم ڳيهڻ جي حالت. يڪساهي ٻيڻ جو نمونو. وڏو ڏِڪ – ٻَٽَ (ت). ٽڪر – ڳِيو – ڳِٽرو "تڪون ڪري تور محبت جي ميدان ۾" (خانه زئي).

• **تُڪَ ج تُڪُوْن:** ٿ. ٻن ڇڻن لفظن جي موزون سٽَ. بيت جي سٽَ. مصرع جو حصو. اهڙا الفاظ جن ۾ وزن ۽ قافيو هجي. شعر يا نثر جا موزون لفظ جي زبان تي چڙهي وڃن.

– **تُڪَ ۾ تُڪَ ملائڻ:** قافيو قافيي ۾ ملائي بيت جي نئين سٽَ يا مصرع جوڙڻ. ساڳئي نموني جي ڳالهه ڪرڻ. ها ۾ ها ملائڻ. تائيد ڪرڻ.

• **تُڪَ ج تُڪَ (ڪ):** ذ. پاڪو (سئيءَ جو) – ڏُڪ.

• **تِڪائڻ:** مصدر. "تِڪَڻ" مان متعدي بالواسطه. تِڪا

ڪرائڻ – تـُڪرا ڪرائڻ – ڳِيا ڪرائڻ. (تِڪايو – تِڪائيندو – تـڪايل).

• **تَڪبُرَ:** ذ. [ع] هَٺ – غرور – گهمنڊ. فخر. وڏائي. آڪڙ – ڦُونڊ.

• **تُڪَ بَنْدي ج تُڪَ بَنْديُونْ:** ث. اِنشاء جي هڪ صنعت، جنهن ۾ (نظم يا نثر ۾) اهڙا لفظ ڪم آندا وڃن، جن جو پهريون اکر ساڳيو هجي "پـِيرُو پـُٽ! پاٿِي پائي ڏي"؛ يا "ربَّ جي رهه رمز ۾، ري ربَّ غافل ڪير گهار" (قاسم). قافيي بندي "اي فقير بي پير مڪاري ۾ ناهي تنهنجو ڪو نظير". بي معنيٰ ۽ بي موقعي قافيه پيمائي. جهڙو تهڙو نظم.

• **تَڪْبِيْرَ ج تَڪْبِيرُونْ:** ث. [ع. تَڪْبِيْر] خدا جي وڏائي جو بيان. خدا تعاليٰ جي وڏائي بيان ڪرڻ جو فقرو "الله اڪبر". نماز ۾ 'الله اڪبر' چوڻ. جانور کي ذبح ڪرڻ وقت 'الله اڪبر' جو فقرو چوڻ – سِيْر.

– **تَڪْبِيرِ اُوليٰ، تَحْرِيْمَه:** ث. نماز جي پهرين تڪبير.

– **تَڪْبِير وجهڻ، وَهائڻ:** 'الله اَڪبر' چئي جانور کي سِيسَر وجهڻ. حلال ڪرڻ – ذبح ڪرڻ.

– **تَڪْبِير هڻڻ:** 'الله اڪبر' چوڻ.

• **تَڪْذِيبَ:** ث. [ع] ڪوڙو ڪرڻ. ڪُوڙو ٺهرائڻ. ڪوڙو سمجهڻ جي حالت. ڪوڙ ڳالهائڻ جو الزام.

• **تَڪْرارُ ج تَڪْرارَ:** ذ. [ع. ڪَرَرَ. تَڪْراراً = وري وري چوڻ] وري وري چوڻ جي حالت. اصرار. حجّت. اعتراض. رَدُ. بحث. سوال جواب. چتاپيتي. ضد. معاملو – جهڳڙو. زباني جهيڙو. دشمني. مخالفت.

– **تَڪرار ٿيڻ:** معاملو ٿيڻ. جهيڙو ٿيڻ. ڦڏو ٿيڻ. دشمني ٿيڻ.

– **تَڪرار ڪرڻ:** جهيڙو ڪرڻ – ڦڏو ڪرڻ.

– **تَڪرارِي ج تَڪرارِي:** ذ. صفت. تڪرار ۾ آيل ڦڏي ۾ پيل (ڳالهه، شيء وغيره). معاملائي. ضدي. بحثي. جهيڙاڪار – فسادي.

• **تَڪْرِيْمَ:** ث. [ع] تعظيم. احترام. عزت. آدرياءَ.

• **تَڪڙِ ج تَڪڙُونْ:** ث. سيگهه – جلدي. شتابي. اُبهرائي. تاهُوت. بي صبري.

– **تَڪڙِ ڀَڪڙِ:** ث. حد کان زياده جلدي. اجائي جلدي. وٺ پڪڙ – هڻ وٺ.

– **تَڪڙو ج تَڪڙا:** ذ. صفت. تڪڙ ڪندڙ – تڪڙ وارو. اُبهرو – اُتاولو. ظرف. تهتا – جلد – سگهو. تکو. (ث) تَڪڙي ج تڪڙيُونْ.

– **تَڪڙو پوڻ:** تـِڪو ڳالهائڻ. اُتاولو ڳالهائڻ. جهيڙي جي نموني ڳالهائڻ. ڳالهائڻ ۾ اڳرائي ڪرڻ.

• **تَڪْفِيْرَ:** ث. [ع] ڪافر سمجهڻ جي حالت. ڪفر جي حالت. ڪفر جو الزام. ڪفر (جي فتويٰ).

• **تَڪْفِيْنَ:** ث. [ع. تَڪْفِين = ڪفن ۾ ويڙهڻ] ڪفن ڏيڻ جي حالت (اڪثر هيءَ لفظ 'تجهيز' سان گڏ ڪم اچي "تَجْهِيز تَڪْفِين" = ڪفن دفن).

• **تُڪَلَ ج تُڪَلُونْ:** ث. ننڍڙو لغڙ – گُڏي. لغڙ جو هڪ قِسم.

– **تُڪَلِ وانگر نچائڻ:** لغڙ وانگر ڏور هٿ ۾ جهلي ڦيريون ڏيارڻ.

• **تَڪَلْتُونُ:** ذ. [ف. تَڪَلْتُو] گهوڙي جي پُنيءَ جي حالت لاءِ هني جي هيٺان رکڻ جو ٿُلهو نود.

• **تَڪَلُف ج تَڪَلُفات:** ذ. [ع] ٻئي کي تڪليف ڏيڻ وقت رسمي ظاهرداري. ظاهري تڪليف. رسمي عمل. بهاني طور عمل.

• **تُڪلو ج تُڪلا:** ذ. تُڪو.

• **تُڪْلِي ج تُڪْلِيُونْ:** ث. ڪپڙي جي ٽُڪري جنهن تي چنبڙندڙ دوا لڳل هجي (جا ڪنهن سُور واري هنڌ تي ٻڌجي) – پلستَر.

• **تَڪْلِيفَ ج تَڪْلِيفُونْ:** ث. [ع. تَڪْلِيف ج تَڪالِيفْ = ڏکيائي، رسمي عمل] ڏکيائي – دشواري. زحمت – دقت. رولڙو. رنج – ڏک. ايذاءُ. آزار. سُور. مصيبت – آفت. نقصان. بيماري. ڪشالو – جاکوڙو.

– **تَڪْلِيف ڏيڻ:** سور ڏيڻ. رنج ڪرڻ. ڪنهن ڪم ڪري ڏيڻ لاءِ چوڻ. تڪليف وٺڻ لاءِ بار رکڻ.

– **تَڪْلِيف گَوارا ڪرڻ:** تڪليف سهڻ – زحمت برداشت ڪرڻ.

– **تَڪْلِيف ۾ وجهڻ:** ڪنهن کي تڪليف واري ڪم ۾ لڳائڻ. تڪليف ڏيڻ.

• **تُڪْمو ج تُڪْما:** ذ. [ترڪي. دُگْمَهْ: ف. تُڪْمَهْ] سُٽ مان ٺهيل ٻيڙو پهراڻ وغيره جو. سَرٽ (ل). ٻُونٻو. ٻُوٽي جو هڪ قسم (جنهن جا گل ڳاڙها ٿين). گل جو هڪ قسم – تُڪمي جو گـُل "تُڪْما تير تَتِيءَ کي، چمن ٿيا چوڏس" (جلال ڪتي). ٽُن پرڻ (ل).

• **تَڪْمِيل:** ث. [ع] پُورائي – سرانجامي. پڄاڙي – انتها.

• **تَڪَڻُ:** مصدر. [سن. تَرَڪْ = نظر ۾ رکڻ. ف. تَڪِيدَن = پوريءَ طرح نظر مان ڪڍڻ. جانچڻ] ڏسڻ – نهارڻ – جاچڻ – چتائڻ. غور سان ڏسڻ. گهُورڻ. جوهه وجهڻ – نظرڻ. اکيون ڦاڙي ڏسڻ. اک رکڻ. اک وجهڻ (پرائي مال ۾). تاڙڻ. سَهِي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **تَلاش ج تَلاشُون:** ث. [ف] ڳولا – جانچ. وڙڻ. پڇا ڳاڇا. جانچ – جاڪوڙ – جستجو. تحقيق.

– **تلاش ڪرڻ:** ڳولا ڪرڻ. جانچ ڪرڻ. پڇا ڳاڇا ڪرڻ.

– **تَلاشِي تَلاشِيُون:** ث. تلاش. گم ٿيل يا چوري ٿيل شيءِ کي هٿ ڪرڻ لاءِ ڪنهن ماڻهوءَ جي بدن يا گهر جو جهاڙو.

– **تلاشي ڏيڻ وٺڻ:** جهاڙو ڏيڻ – جهاڙو وٺڻ.

• **تلاطُم:** ذ. [ع. لَطَمَ. تَلاطُمَ = ٿڦڙ هڻڻ > ف. تلاطمِ اَمواج = لهرين جو ستڪو] زوردار هوا سببان چولين جو ستڪو. پاڻيءَ جو جوشُ. لهرين جو زور. چوليون. طوفان.

• **تَلافِي ج تَلافِيُون:** ث. [ع. تَلافِي = مرمت ڪرڻ. ڳنڍ توپ ڪرڻ] نقصان جي ڀورائي. عوض – بدلو (جيڪو پنهنجي مرضي سان ادا ڪجي). پاداش.

– **تلافي ڪرڻ:** ڪنهن نقصان يا ڪوٽ جو ڀورائو ڪرڻ. عوض ڀري ڏيڻ.

• **تلاميذُ:** ذ. [ع. تِلميذ ج تَلاميذ] شاگرد.

• **تلانبو:** ذ. ڏرو – لَڪ.

• **تلانگهو (ڪ):** اسم خاص. هڪ نئين جو نالو.

• **تلانگهو ج تلانگها (ڪ):** صفت. ويڪرو – موڪرو – خلاصو.

• **تَلَنْ وَلَنْ. تِلَنْ وِلَنْ (ت):** ث. آنڌ مانڌ – هُرڪر. بيقراري – بي آرامي.

• **تِلاوَت ج تِلاوَتُون:** ث. [ع. تِلاوَة = پڙهڻ] پڙهڻ (قرآن مجيد) – دور (قرآن شريف جو).

• **تلاهُ ج تلاهَ:** ذ. [ف. تلاب] تلاءُ.

• **تِلاهُ (لس):** ذ. [ف. تَلَهٔ = سون: ع. طِلا = سون] سون. (صفت) سوني "سوني ساهه. تلاهه تلڪي. تنهن سر موتي مڙهاياس" (شيخ ابراهيم).

• **تُلاهه (لس):** ذ. ڀيرن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه (ڀيرن جي آڱوٺن ۾ پائڻ جو ڳهه) "سوني ساهه. تُلاهه سين تُلڪي. سر موتين مڙهاياس" (شيخ ابراهيم).

• **تلاءُ ج تلاءَ تلاوَ:** ذ. [ف. تلاب] تانگهي پاڻيءَ جي ڪُنڊ. تالاب – حوض.

• **تَلبِيس:** ث. [ع] باهريون لباس ڪرڻ. ارادن کي لڪائڻ. ڀهروپ. ڏوڪو – مڪر – فريب – دغا.

• **تلخ:** صفت. [ف] ڪوڙو. ڪسارو. ڪارو. بد ذائقي. تيز (شراب وغيره). ڪَهرو – تِکو – اٿوتندڙ – رُکو (ڳالهاءُ). ڏکيو – تڪليف وارو – رنج رسائيندڙ (تجربو).

– **تلخاڻ:** ث. ڪَڙائي – ڪڙاڻ. ڪاراڻ. تِکاڻ. تيزي (ڳالهائڻ ۾). رکائي. سختي – تُرشي.

– **تلخ تجربو:** ذ. تڪليف ڏيندڙ ڪم – ڪٺن ڪم.

– **تلخ ڪامي:** ث. ناڪاميابي – ناڪامي – نامرادي. نااميدي – نراسائي.

– **تلخ گو:** ذ. صفت. ڪَهرو ڳالهائيندڙ. اڻنگو ڳالهائيندڙ. تيز مزاج. چيڙاڪ.

– **تلخ مزاج:** ذ. صفت. تيز مزاج. چيڙاڪ – شوخ. بدمزاج.

– **تلخي ج تلخيون:** ث. ڪوڙاڻ – ڪڙائي. تيزي. ڪاراڻ – تلخاڻ.

• **تلخيص:** ث. [ع] خُلاصو – اختصار – تَتُ. حاصل مطلب.

• **تلُر (ت):** ذ. ڳاهه جو هڪ قسم (جو وارياسي پٽ ۾ ٿئي. چوپايو مال وغيره کونه کائيس).

• **تُلسي:** ذ. [سن] ٻوٽي جو هڪ قسم (خوشبودار ٿئي. جنهن کي هندو 'سڳورو ٻوٽو' سمجهن ۽ پائيندن ته 'تلسي ديوي' جي وارن مان پيدا ٿيو آهي. تلسي جو ٻج پسارڪي وکر طور ڪم اچي) – Basil (انگ) – Ocymum sanctum. ڪَتي مهيني جون ٿي تاريخون (١٠، ١١ ۽ ١٢ جن تي هندو ورت رکندا آهن). (اسم خاص) مرد جو نالو – 'تلسيداس' جو مخفف.

• **تُلسيداس:** اسم خاص. هنديءَ جي هڪ مشهور شاعر جو نالو (جو 'همايون' جي وقت ۾ جائو ۽ جهانگير جي وقت ۾ مري ويو. سندس جوڙيل 'رامائڻ' هندي شاعريءَ ۾ هڪ شاهڪار آهي. سندس کي ڏوهيڙا 'شاهه جي رسالي' ۾ سُر 'ٻروو هندي' هيٺ ڏنل آهن ۽ ٻڻ سنڌ ۾ وڏيءَ عمر وارن سگهڙن کي ياد آهن).

• **تِلشڪري:** ث. مٺائيءَ جو هڪ قسم (جا تِرن مان ناهجي) – ترن ۽ مناڻ (ڳڙ يا کنڊ) جي ٽڪي.

• **تَلطُفُ:** ذ. [ع. لَطفَ > تلطفُ] لطف – مهر – ڪرم – عنايت. ٻاجهه – رحم. نرمي. همدردي.

• **تَلَفُ:** صفت. ظرف. [ع. تَلَفٌ = بربادي] برباد – تباهه – نابود – ناس – چٽ – قِتل – اُجڙ – ويران _ ضايع – گُم. بربادي جي حالت.

– **تلف تاراج ڪرڻ:** ناس ڪرڻ – چٽ ڪرڻ – برباد ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **تَلَفُ ڏيڻ (ت):** تپايل لوهه کي سنداڻ تي رکي ويکري ڪرڻ لاءِ ڏاڍي ڏڪ هڻڻ – ٺپڻ.

– **تَلَفُ ڪرڻ:** برباد ڪرڻ – ناس ڪرڻ – نابود ڪرڻ وڃائڻ – ڦِٽائڻ.

• **تَلَفُظ:** ذ. [ع. لَفظ. لَفظَ = وات مان اچلائڻ] اُچار. اکرن ۽ لفظن جو زبان سان صحيح مخرج.

• **تَلقِين:** ث. [ع. لَقَنَ. تلقين = ٻئي کي سمجهائڻ] سکيا – تربيت – هدايت – نصيحت. مرشد جي مريد کي سمجهاڻي يا هدايت. جنازي کي قبر ۾ داخل ڪرڻ وقت، مُردي کي قبر جي پڇاڻي بابت ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ.

– **تلقين ڏيڻ:** مرشد جو مريد کي ذڪر ڏيڻ. نيڪي بابت نصيحت ڪرڻ.

– **تلقين ڪرڻ:** هدايت ڪرڻ. نصيحت ڪرڻ تعليم ڏيڻ.

• **تِلڪُ، تِلِڪُ ج تِلڪَ:** ذ. [سن. تِلَڪَ] نڪ جي مٿان ڀِرُن جي وچ ۾ يا مٿي نراڙ تي ڪيل نشان (جو شادي، تاجپوشي يا ٻيءَ ڌرمي رسم بجا آڻڻ، يا سينگار خاطر ڪيو وڃي) – سينڌر يا چندن جو ٽڪو. هندن ۾ ڌرمي نشان. جانور کي ڦاسائڻ لاءِ ڪوڙڪو (ڪ).

• **تَلڪارَ:** ث. اَڻ ترڻ – جهوري – ڳِٽِتي.

• **تَلڪاري (لس):** ث. ترڻ – چِڪَ. ڪاوڙ. مُنهن سُوٽائي.

• **تِلڪِڙي ج تِلڪِڙيُون:** ث. هيري جو پَڪُ – هيري جو چمڪندڙ پهلُو.

• **تِلڪوڙي ج تِلڪوڙيُون:** ث. جڙ تو سائو نشان (جو مُنهن، هٿن ۽ ٻانهن تي سينگار يا سڃاڻپ خاطر ڪيو وڃي).

• **تلڪڻُ (ت):** مصدر. سيڪڻ.

• **تُلَمُلُ:** صفت. برابر – مَٿو مَٿ – هڪجهڙو.

• **تَلمِيح:** ث. [ع] شعر ۾ ڪنهن آيت، حديث، حڪايت، ڳالهه، قصي يا مشهور واقعي طرف اشارو.

• **تِلمِيذُ:** ذ. [ع] شاگرد – طالب علم – متعلم.

• **تلنگُ:** ذ. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

• **تِلَنگو:** ذ. تِلَنگانا (مدراس جي اترئين پاڳي) جو رهاڪو. (ڪنايةً) ديسي سپاهي (چاڪاڻ تہ انگريزي فوج ۾ اوائلي اهي ماڻهو ڀرتي ٿيا هئا).

• **تَلو:** ذ. [سن. تَلَ = ترو] تَرُ – ترو. ذخيرو. قبضو. ڇَپر (ت). (اسم خاص) تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو

– **تَلو ڪرڻ:** تَرُ ڪرڻ. ملڪيت گڏ ڪرڻ. ڳجهه ڳوهه ۾ پئسا گڏ ڪرڻ.

• **تِلو ج تِلا:** ذ. بازارن جو لفظ. باز جي ٻُت تي رنگ وارا ٽڪا.

• **تَلوارُ ج تَلوارُون:** ث. [سن. تَروارِ] هڪ مشهور هٿيار جو نالو – تَرار – شمشير – سيف – سرواهي.

– **تَلوارڪَٽ:** ث. مُڇن جي سنوارت جو هڪ نمونو (جنهن ۾ مُڇن جون نوڪون تلوارن وانگر جهنبدار بيهن).

– **تَلوار کي ڪُهُنا لڳڻ:** بي طاقت ٿيڻ. زور وارا ڏينهن لنگهي وڃڻ.

• **تَلوارِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهه ۽ حيدرآباد ۾).

• **تَلُورِ ج تَلُوريُون:** ث. [ف. تَذَرَوْ] پکيءَ جو هڪ قسم (ديل جي نموني هڪ وڏو ۽ سهڻو، خاڪي يا ميرانجهڙي رنگ جو ڊگهي ڳچيءَ وارو حلال پکي. جو اڪثر سياري ۾ سنڌ ۾ اچي، ۽ جنهن جو ماڻهو شوق سان شڪار ڪن: اصل ايراني جهنگلي ڪڪڙ) – Bustard.

• **تَلوُنُ:** ذ. [ع. لَوُن (رنگ) > تَلَوُن] رنگ بدلائڻ جي حالت. رنگن جي تبديلي.

– **تَلوُن مِزاج:** ذ. صفت. رنگا رنگ طبيعت وارو. ڦرندڙ گهرندڙ طبيعت وارو. غير مستقل مزاج. بي پروسي. بيوفا.

• **تَلُوٽو ج تَلُوٽا:** ذ. تريل چٽو. پڳل چٽو يا مگ. رڌل چٽو يا مٽر – کُهَرَ (جمع ۾ "تَلُوٽا" زياده استعمال ۾، مثلاً گهورڙئي جو هوڪو "ڪوسا تلوٽا").

• **تلهارَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **تلهارُ:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تلهارُ:** اسم خاص. حيدرآباد ضلعي ۾ هڪ شهر.

• **تَلهائي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **تَلهائي:** ث. سلامتي. ضمانت. سوگهائي.

• **تَلهَرُ ج تَلهَرَ (ڪ):** ذ. چڪر – ڦيرو. بي آرامي.

• **تَلهَڙُ ج تَلهَڙَ:** ذ. سنهون لڪڻ – چَمَڪَ – چَهو.

• **تَلهو:** ذ. [تَلو (= ترو تر ڪري رکيل ملڪيت) > تلهو] تر ڪري رکيل ملڪيت. لڪل ملڪيت – ڳجهي ملڪيت. پورِيل خزانو – لڪل خزانو. (اڪثر 'اَلهو' سان گڏ ايندڙ لفظ "اَلهو تَلهو").

• **تَلهِي ج تَلهِيون:** ث. [سن. تَلَ = ترو] خزاني گڏ. سپ جو پُڙ. سپ جو وات (جنهن مان سنها موتي هارجن). سچي ڪوڏي. پٽ پڳل ڪوڏي.

• **تَلهِي:** ث. گروي رکيل ٿيڙ. ضمانت – ضامنگيريءَ جي

ٻوٽي جو هڪ قسم (جنهن جا سُڪايل پن ۽ ڪاٺيون نشيدار دونهون ڏين: اهي پن ڪُٽي حقي، چلم، سلفي، بيڙين يا سگريٽن ذريعي ڇڪجن يا ناس طور استعمال ٿين).

– **تَماڪي ج تَماڪي:** صفت. تماڪ وڪڻندڙ. گهڻو تماڪ پيئندڙ. (ذ) تماڪ جو فصل.

• **تَمام:** صفت. [ع. تَمَّ (= پورو ٿيڻ) > تمام] سڀ – سارو – سمورو – ڪُل – سڄو. پورو – تيار. مڪمل. ختم – پورو – بس. فنا – نيست – نابود. (ظرف) بلڪل – ڏاڍو. گهڻو – بيحد.

– **تمام ٿيڻ:** پورو ٿيڻ – ختم ٿيڻ.

– **تمام ٿي وڃڻ:** ختم ٿي وڃڻ. هيٺو ٿي وڃڻ – ڇُڪي وڃڻ.

– **تمام ڪرڻ:** ختم ڪرڻ. راس ڪرڻ – پورو ڪرڻ. مات ڪرڻ.

– **تَماميت:** ث. پورائي – تڪميل. پڄاڻي. آخر.

– **تَمامي:** ث. پڄاڻيءَ جي حالت. خاتمو.

• **تَمَتُّع:** ذ. [ع. مَتَعَ > تَمَتُّعَ] فائدو – نفعو. خوشي.

• **تَمثِيل ج تَمثِيلُون:** ث. [ع. مِثلَ = وانگر] مثال – تشبيهه. نمونو – نظير. نقل.

– **تَمثِيلي:** صفت. جي نموني تي – مثالي.

• **تَمَدُّن:** ذ. [مَدَن = شهر ۾ رهڻ] ملي رهڻ جو طريقو – طرز معاشرت – شهري سڌريل زندگيءَ جو طرز عمل – معاشرتي ۽ انتظامي زندگي. شهر جو انتظام.

• **تَمَر:** ث. [ع] کجور – کارڪ – ڪتل. (اسم خاص) ڀِٽائي صاحب جي وڏي راڳائي خليفي جو نالو (جو چون ٿا ته مديني شريف ۾ کجيءَ هيٺ ڄائو. انهيءَ ڪري مٿس 'تمر' نالو رکيائون. تمر فقير 'شاهه جي راڳ' جو پهريون مُک قابل اڳواڻ' شاهه جي بيتن جو وڏو راوي، ۽ پاڻ سالڪ شاعر هو.)

– **تَمرائي:** اسم خاص. تمر فقير راڳائي جا پويان جاءِ نشين. تمر فقير جي اوتاري جا سنڀاليندڙ.

• **تِمَر:** ذ. وڻ جو هڪ قسم (جو سمنڊ جي ڪناري واري ايراضي ۾ گهڻو اُپري. جنهن جا پن چوپايو مال، خاص طرح اُٺ گهڻو کائي). سامونڊي ٻِير – منگرول (ڪ).

• **تَمَس:** ث. [سن] اونداهي رات "تُکِي، تُهاري، تامِني، تَمهَن تامر، تَمَس" (ڏهسنامي جي ٽُڪ).

• **تَمَسخُر:** ذ. [ع. سَخَر = ٺٺولي ڪرڻ] مسخري – ٺٺول – کِل – چِٽَر.

• **تَمَسُّڪ ج تَمَسُّڪات:** ذ. [ع. مَسَڪَ = مضبوط جهلڻ] مضبوطي. هُنڊي – پراميزري نوٽ.

• **تَمغو ج تَمغا:** [ترڪي. تَمغَه] سلطاني مهر. سون يا چانديءَ جو ٻلو (جو ڪنهن نمايان ڪارنامي يا خدمت سببان ڪنهن کي انعام طور ڏنو وڃي). سَنَد. نشان.

• **تَمڪ:** ث. تيزي – تِکائي.

– **تمڪ سان:** ظرف. تيزيءَ سان – تِکو.

• **تُمَن ج تُمَنَ:** ذ. [ف. تُمن = ڏهه هزار: تومن = هڪ سؤ ڳوٺن تي مشتمل اراضي] چانوڻيءَ ۾ رهندڙ فوج – لشڪر. بلوچ قبيلي يا قبيلن جي ڪافي وڏي برادري، جن ۾ رسم و رواج توڙي سردار ساڳيو "لغاري جو تمن" "مزاري جو تمن". اُها جغرافيائي اراضي جنهن تي هڪ وڏو بلوچ قبيلو ۽ ان سان شريڪ ٻيا ننڍا قبيلا آباد هجن. راڄ. گهٽي برادري (ث). سرداري (ث). ماڻهن جو انبوهه – خلق جو وڏو تعداد. ڳجهيءَ طرح (ڪپڙي جي پلاند هيٺ) واپار جي نرخ بندي (ڪن ٻه ٻن ماڻهن جي وچ ۾ سودو ٿاهيندڙ. سودي ٿاهڻ وقت ڪپڙي هيٺان آڱرين جي اشاري ڏيڻ سان ٻڌائيندو آهي: اهو عدد ويهن جي بدران هڪ آڱر جي نشان سان ظاهر ڪيو ويندو آهي). ايراني سِڪو.

– **تُمَندار:** ذ. صفت. سالار – سردار. گهٽيءَ برادريءَ وارو. طاقتوارو – زور وارو.

• **تَمَنّا ج تَمَنّائُون:** ث. [ع. مُنيَةٌ = خواهش] خواهش – سڌ – آرزو. ارادو – مرضي. سِڪ.

• **تَمَنچو ج تَمَنچا:** ذ. [ف. تَمَنچَه] تپاچو.

• **تَموڪَن:** ذ. ڪاوڙ – چڙ – ڏمر – غصو.

– **تَموڪِي:** ذ. صفت. خراب گڻن وارو – بداخلاق. ڪاوڙيل – ڏمريل. (ث) بدتميزي – بداخلاقي.

• **تَمهِيد ج تَمهِيدُون:** ث. [ع. مَهَدَ = برابر پکيڙڻ > مَهَدَ. تَمهِيد = ڪم سنوارڻ. آسان بنائڻ] ڪنهن ڳالهه يا مقصد کي آسان بنائڻ خاطر شروعاتي سمجهاڻي. ديباچو – مُهاڳ – مُنڍ. شروعات. ابتدا. تمهيد – بڌڻ.

• **تَمِي ج تَمِيُون:** ث. [تُنبِي > تمِي] سڪل ڪدو.

• **تُميائي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **تَمِيز ج تَمِيزُون:** ث. [ع. مَيَز. تَميِيز (جدا ڪرڻ. پرکڻ) > تَميز] سڃاڻپ (کري ۽ کوٽي جي) – شناخت. فرق – تفاوت – امتياز. عقل – ڏاهپ. هوش. قاعدو. ادب. ساڃاهه.

– **تَميزسِکڻ:** ادب سِکڻ. فضيلت سکڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **تَميزڪرڻ:** پرک ڪرڻ. ساڃاهه ڪرڻ. هوش ڪرڻ.

• **تَن:** ضمير. [سن. تي: پرا. تانَ] اُنهن.

• **تَنُ ج تَنَ:** ذ. [سن. تَنُ؛ ف. تَنْ] بدن – جسم – سرير – بت. ديهه – قالب.

– **تَن بيتاب هئڻ:** غم ۽ فڪر ۾ گذارڻ. هر وقت بي آرامي هجڻ. ڏاڍي غم ۽ فڪر ۾ گرفتار هئڻ.

– **تَن تارڻ:** اندر اجارڻ – دل روشن ڪرڻ.

– **تَن تنها:** ذ. صفت. [ف] اڪيلو – ڇڙو – هڪڙو. علحده _ جدا.

– **تَن پرور:** ذ. صفت. [ف] فقط پنهنجي تن کي پاليندڙ. آرام طلب.

– **تَن پروري:** ث. [ف] جسم جي پالنا. آرام طلبي. آسايش.

– **تَن دهي:** ث. [ف. تن + دِهي > دادن = ڏيڻ] جانفشاني – محنت. تڪليف. ڪوشش – سعيو.

– **تَنکي تسيو ڏيڻ:** بدن کي تڪليف ڏيڻ. جيءَ کي جفا ڏيڻ.

– **تَن مَن:** ذ. جسم ۽ جان – دل جان – جند جان.

– **تَن مَن تازو ڪرڻ:** جسم ۽ جان کي فرحت ڏيڻ. آرام وٺڻ. خوشي ڪرڻ.

– **تَن مَن تپائي ڏيڻ:** بلڪل بيزار ڪرڻ.

– **تَن مَن مارڻ:** جسم ۽ نفس کي نمائڻ. خواهش کي ضابطي هيٺ آڻڻ. تن و توش.

• **تُن، تُنُ:** ث. ذ [سن. تُنْدَ < تُنَ = خال پرڻ] تنگ – سوراخ. ڪنهن ٿانءَ خصوصاً ڪونري جو سوراخ (جنهن مان پاڻي نڪري) – تُنرو. حقي يا چلم ۾ نڙ وجهڻ جو سوراخ. ٻيڙيءَ جو سوراخ (جنهن مان پاڻي اندر اچي). ڪپڙي جو سوراخ. پرت جو هڪ قسم (ث). [ف. تُنيدَنْ = اُڻڻ > تُنڻ] ڪپڙي جي سوراخ بند ڪرڻ لاءِ گهڙيل ڪاني.

– **تُناٽي ج تُناٽيون:** ث. تُن پراٽي – اُٽاٽي.

– **تُن پرڻ:** خال پرڻ. (ڪپڙي کي) رفو ڪرڻ – بورُ پرڻ.

– **تن وهڻ:** تـنگ وهڻ. دست وهڻ.

• **تَنابَ ج تنابُون:** ڏسو "طناب".

• **تَنازُع:** ذ. [ع. نَـزَعَ > تَنازَع (ف) = اختلاف ڪرڻ. معاملو ڪرڻ] ڇڪتاڻ. معاملو – تڪرار.

• **تَناسُبُ:** ذ. [ع. نَسَبَ > تَناسُبُ = ملي اچڻ. ٺهي اچڻ] مناسب. مشابهت. برابري. موافقت.

• **تَناسُخ:** ذ. [ع] مرڻ بعد روح جو ٻئي قالب ۾ اچڻ جي حالت (ڪن آڳاٽن مذهبن جي عقيدي موجب، روح جو ڪيل عملن مطابق مرڻ کان پوءِ ٻئي جسم ۾ اچڻ جي حالت). مرڻ ۽ جيئڻ جو چڪر – آواگـوَن. حُلول.

• **تَناسِرو:** ذ. [سن. تناشريَ = مغز. ميڃالو. جوهر] جوهر. ڪوبه آلو سَتُ. روغن يا تيل. ڪنهن به ڌاتوءَ جو آلو جوهر. سڪل مِک يا وَهه جا ڇانوَ ۾ سڪائجي. ماکيءَ جو جوهر. زنبوري شڪر. مصريءَ جو جوهر. کنڊ جو هڪ قسم (جا دوا طور ڪم اچي).

– **تَناسِري ڦريل:** ذ. صفت. خشڪ دماغ. حواس باخته.

• **تَناسُل:** ذ. [ع] نسل پيدا ڪرڻ. پيڙهياتي پُري – مسلسل پُري.

• **تِنانْ (ٿ):** ضمير. توکي. اوهان کي.

• **تَناوُل:** ذ. [ع] کاڌو کائڻ – نوش – خورد. حصول – قبولي.

– **تَناول ڪرڻ:** کاڌو کائڻ – نوش ڪرڻ. تناور.

• **تَنايا:** ذ. [ع. ثَنايا] اُهي ٻه سامهان مٿيان ۽ ٻه هيٺيان ڏند جي ٻار کي ٻهريائين نڪرن.

• **تُنبا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر لاڙڪاڻي، حيدرآباد ۽ نوابشاه ضلعن ۾).

• **تُنبارَڻُ:** مصدر. [ف. تُنبِيْدَن = اٽڻ، ڪتڻ، ڦٽي ڏيڻ. سنوارڻ (وار)] تُنبڻ – پيڃڻ. ڪپهه يا اُنَ کي ذرا ذرا ڪرڻ (صاف ڪرڻ لاءِ). سنڻ – ڪُتڻ – مار ڏيڻ – ڪنجڻ.

• **تُبانُ:** ث. تمام ويڪري سلوار.

• **تُنبِراڻي:** اسم خاص. سنڌ جي مسلمانن جي ذات ۽ پاڙن جو نالو.

• **تُنبِڙيو ج تُنبِڙيا:** ذ. صفت. اُهو ماڻهو جو تنبي تي پلاماري.

• **تُنبِڻ:** ذ. ث. شڪاري پکيءَ جو هڪ قسم. باز جو هڪ قسم (لرزانڪ باز جي مادي. رنگ اڇو. ڪارچِٽو. ڇهنب ڏِگهي ۽ ڪاري) – ريکِي. هڪ هلڪو شڪاري پکي (جو اُڏامندي هڪ جاءِ تي کنڀ هڻي بيهي تنبي ۽ ڪوئن وغيره شڪار کي تاڙي پوءِ مٿان لُوهه ڏئي) – ڪُٺامار.

• **تُنبَڻُ:** مصدر. [ف. تُنبِيْدَنْ = ڏڪڻ. لرزڻ] هيٺ مٿي ٿيڻ (هوا ۾). ڏنگـڻُ (ڪنهن نرم شيءِ جهڙوڪ ڪٽ وغيره تي) – ٽپڻ – ڪُڏڻ (احمق وهٽ جيان). ڇُرڻ پُرڻ – سک ڪري نه ويهڻ (ذهين يا ٻلي گهوڙي وانگر). ڦِرڻ (باز جو پنهنجي شڪار مٿان). هوا ۾ ڦٿڪڻ يا هيٺ مٿي ٿيڻ (پکيءَ وانگر). جوش ۾ اچڻ. ڪاوڙجڻ. (تنبيو – تنبيندو – تنبيل).

• **تُنبَڻُ:** مصدر. [ف. تُنبِيْدَن = اٽڻ، ڪتڻ، ڦٽي ڏيڻ] ذرا ذرا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کي ’سينا بند‘ يا ’هيج‘ چون).

• **تـڙي ج تـڙيُون:** ث. [سن. تَڙُ = تاڻڻ] ڇڪَ – تاڻَ – ڪشش. مرضي – تمنّا – خواهش. سڪ – اُڪنڊ – اُڪير ”اديون عبداللطيف چئي، لڳيمر تَن تڙي“ (شاهه). ڳچ جي پيٺ پٺي – ٻَري. ڪنجري جو ڏاڳو (جو ڇڪي پنيءَ ڏانهن ٻڌبو آهي، جنهن جي ڪولڻ سان سينو اگهاڙو ٿئي). سينو – ڇاتي ”ڪولي تن تڙي، دلپت مليا دوست کي“ (دلپت). ٻوٽ جو ڏاڳو – تسمو – ڪشو. نوڙيءَ جي پينگهہ (ٿ). اُٺ کي هَر سان ٻڌڻ جي نوڙي (ٿ). هڪڙي نوڙيءَ جي لوڏ جنهن جي ٻچاڙيءَ ۾ ڪاٺيءَ ٽڪر ٻڌل هجي (ٿ).

• **تو:** ضمير حاضر واحد. [پرا. تئي؛ سن. توُمَر = تون پاڻ؛ ف. تُوْ] ڪنهن ماڻهوءَ سان مخاطب ٿي ڳالهائڻ وقت ’تون‘ جي (١) ماضي جي صيغي ۾ حالت فاعلي (”توڪيو تو ڪاڏو“). (٢) عام صورت ۾ حالت جري (”توڏانهن، تو وٽ، تولاءِ“) ۽ (٣) ڪوهستان ۽ لس ٻيلي جي محاوري ۾ حالت اضافت (”توجي“ = تنهنجي).

• **توتي:** ظرف. تنهنجي مٿان.

• **توڏي:** ظرف. تنهنجي پاسي.

• **تَؤ:** ذ. [سن. تاپُ؛ ف. تاو = سيڪ] گرمي – ڪوساڻ – سيڪ – گرمائش.

– **تَؤ ڏيڻ:** سيڪ ڏيڻ – گرم ڪرڻ.

• **تَؤ ج تَوا:** ذ. [ع. طوا؛ ف. تابہ] مانيءَ پچائڻ لاءِ لوهہ جو گول ٽڪرو.

– **تَؤ ڪُهائڻ:** ڪارو منهن ڪرڻ. خراب ڪم ڪرڻ.

• **تَوّابُ:** ذ. [ع. تاب = توبہ ڪرڻ] توبہ ڪندڙ. پڇتائيندڙ.

– **تَوّاب تات هڻڻ:** توبهہ قبوليندڙ (ڏتي تعاليٰ) جي يادگيري هڻڻ.

• **تَواتُرُ:** ذ. [ع. وَتَـرَ = زه يا ڏاڳو ٻڌڻ] سلسلو – لانڊ.

• **تَوارَ ج تَوارُوْن:** ث. تنوار. آلاپ. واڪي. ڪُوڪار. للڪار. سڏ – پڪار. لاٽ – جهونگار. ڳالهہ – ذڪر. ڳلا. ڳار (ڪ).

– **تَوار ڪرڻ:** تنوار ڪرڻ. لاٽ لنوڻ. (مال کي) سڏ ڪرڻ. ڳار ڏيڻ.

• **تَوارُدُ:** ذ. [ع. وَرَدَ = هو داخل ٿيل] ٻن شخصن طرفان ساڳئي مضمون جو خيال. ٻن شاعرن جو هڪجهڙو خيال. هڪبئي جي خيالن جو ميلاپ.

• **تَوارَڻُ:** مصدر. تنوارڻ. آواز ڪرڻ. ڳالهائڻ. جهونگارڻ. ڳاريون ڏيڻ (ڪ). (تواريو – تواريندو – تواريل).

• **تَوارو (ل):** ذ. پٽا ۽ پاراتا.

• **تَوارِيخَ:** ث. [ع. تاريِخَ ج تواريخ < اَرَخَ] مهيني جا ڏينهن. سنہ يا سالن جو علم. واقعات جو علم. تذڪرو. داستان. اتهاس. اهو ڪتاب جنهن ۾ گذريل وقت جا حالات ۽ واقعات تفصيل سان سنہ وار لکيل هجن.

• **تَوازُنُ:** ذ. [ع. وَزَنَ = تورڻ] وزن – تورَ. برابري.

• **تَواضُعُ:** ذ. [ع. وَضَعَ = رکڻ] خاطر مدارت – مهمانداري – آدر ڀاءُ. نياز نوڙت. مروت. ادب. نهٺائي – حليمائي.

• **تَوامُ:** ذ. [ع] جاڙو (جاول ٻار).

• **تَوانُ:** ث. [ع] طاقت – زور – همت – توانائي.

– **تَوانگَـرُ:** ذ. صفت. طاقت وارو. مالدار – دولتمند – تونگر.

• **تَوانو ج تَوانا:** ذ. صفت. [ف. توان = طاقت] طاقتور – سگهو – چاق – چڱو ڀلو – تندرست – خوش. تازو. مضبوط.

– **تَوانائي:** ث. طاقت – زور – چاقائي – تندرستي. مضبوطي. تازگي.

• **تَوائِي ج تَوائِي:** صفت. گمراهہ – ڀليل – منجهيل. وائڙو – موڳو – حيران. چڙ وچڙ.

– **تَوائِي ٿيڻ:** ڀلجي وڃڻ – گمراهہ ٿيڻ.

• **توبَ ج توبُوْن:** ث. [ف. ترڪي. توپ] هڪ قسم جو بارودي هٿيار – گولو اڇليندڙ ڪَلَ – توپ – توف.

– **توبچِي ج توبچِيُ:** ذ. صفت. [ترڪي] توب وارو. توب ڇوڙيندڙ. بندوق هٽندڙ. گولنداز. نشانہ باز. چيٽـو شڪاري.

– **توبخانو ج توبخانا:** ذ. [توب + ف. خانہ = گهر] توبن رکڻ جي جاءِ.

– **توبڙُن:** ذ. [ف] توب هٽندڙ – توبچي – گولنداز.

– **توبڙنِي:** ث. توفن هڻڻ جي حالت – گولي باري.

• **توبرو ج توبرا:** ذ. [ف. توبره] چمر جي ڳوٿري جنهن ۾ داڻو وجهي گهوڙي جي منهن تي چاڙهي ڇڏجي جيئن گهوڙو آسانيءَ سان داڻو چرندو رهي – پاهورو.

– **توبرا توبرا:** ندا. چڙيل گهوڙي کي توبرو ڏيکاري سڏڻ ۽ بيهارڻ جو آواز.

– **توبرن ۾ ڪاٺڻ:** پوري پني تي راضي رهڻ.

– **توبري تي نہ بيهڻ:** چڙيل گهوڙي جو توبري کي ڏسندي بہ نہ بيهڻ ۽ مستي ڪرڻ. ڪنهن ماڻهوءَ جو آکڙ مان نہ جهلائڻ. ڪنهن جي نہ ٻڌڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **تويِري تي هٿ ٿي نہ ڏيڻ:** ڦوندِ ۾ پرجڻ – مغرور ٿيڻ. ڪنهن تي اعتبار نہ ڪرڻ.

– **تويري جهَلُـو ج تويري جهَلُـو:** ذ. صفت. خدمتگار – نوڪر. پوٺلڳ.

– **تويري جهَلُـو هئڻ:** پوٺلڳ هئڻ. خدمتگار هئڻ.

• **توبَۃ، توبَهہ ج توبَهُونْ:** ث. [ع. تَوْبَة < تابَ = خدا ڏانهن موٽڻ] گناهن کان پڇتاءُ. افسوس. پشيماني – ندامت. بانْ. بُرن ڪمن کان پري رهڻ جو انجام. (اسم خاص) قرآن شريف جي هڪ سورة جو نالو – سورة 'توبة'.

– **توبهہ پرڻ:** جانو پرڻ. بانْ ڪرڻ. پڇتائڻ.

– **توبهہ ڪرڻ:** هميشه لاءِ بس ڪرڻ. پڇتائڻ. بانْ ڪرڻ.

• **توبرو ج توبرا (ت):** ذ. توبرو.

• **توبرو هجڻ (ت):** ٿلهو هجڻ. گهڻ ڪائو هجڻ. هبچي هجڻ.

• **تُوتَ:** ث. تات – طلب – ڳولا "تات تُوت".

• **تُوتُ ج تُوتَ:** ذ. [ع] وڻ جو هڪ قسم (جنهن جي پنن تي پٽ ڪيٺان پاليندا آهن) – توت جو وڻ. توت وڻ جو ميوو – Mulberry. (صفت) تمام سنهون ۽ ڊگهو (ل).

– **تُوتائي ج تُوتائِي:** ذ. صفت. توتن وارو. توت وڪڻندڙ.

• **تُوتاري ج تُوتارِيُونْ:** ث. [سن. تُوريْ] ساز جو هڪ قسم. شرناءِ "وڄي ٿي وحدت جي تن ۾ توتاري" (شاعر). هڪ قسم جو ٻاراڻو رانديڪو (جو وات سان وڄائين). بينسري.

• **توتاڙِيْ ج تُوتاڙِيُون:** ث. ناڙي جي ول جي ڏانديءَ جو ٽڪر جو ٻار وڄائين – ٻارن جي ٺاهيل توتاري. ڦوڪ سان وڄائڻ جو هڪ ساز – شرناءِ. تُوتاري.

• **توتائي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر لاڙڪاڻي ۾).

• **توتِر (ٿ):** ث. اُميد – آسرو.

• **تُوْتَـرُ ج تُـوْتَـرَ:** ذ. ڍونگ – مـڪر – ٽال. مَڪر – فريب. ٻهانو – عذر. ڪُوڙ. ڪنهن کي ڊيڄارڻ لاءِ ڪوڙي ڳالهہ. هڪ قسم جو گاهہ (ڪ). (صفت) تمام ڊگهو ۽ سنهون (ل).

• **توتريا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نوابشاهہ ۽ حيدرآباد ۾).

• **تُوتَـڙُ (ت):** ذ. تُهہَ (سارين جا) "اڄو ڪنڌءِ انّ جان. تاري توتڙ توهہ" (جلال ڪني). پوڪ جا ڪس سنگ (جي انّ ماري ڇڏين). ڇوڏا.

• **تُوتَـڙُ ج تُوتَـڙَ:** ذ ڪوڙي ڳالهہ (جنهن ذريعي ڪنهن ماڻهو کي ڊيڄاري روڪيو وڃي).

• **تُوتَڙويلا (ٿ):** ث. هڪ قسم جي ول ۽ اُن جو ڦَـرُ.

• **تُوتِڙِيْ ج تُوتِڙِيُونْ:** ث. تُوتاڙي.

• **تُوتَڪُ:** ذ. ٻيڙيءَ جو هڪ حصو – اڳ واري ڊڪ جو لَڪُ – آڳيلي – فالڪو.

• **تُوتِڪِيْ ج تُوتِڪِيُونْ (ٿ):** ث. تُوتڙي – تُوتِلي.

• **تُوتِلِيْ ج تُوتِليُونْ (ل):** ث. تُوتڙِي.

• **تُوْتُوْ:** ذ. توتاڙيءَ جو آواز.

• **تُوتِيْ ج تُوتِيُونْ:** ث. سامونڊي مڇيءَ جو هڪ قسم (ٻنا چلرن. ڊيگهہ ٢ کان ۴ انچ. سمنڊ اندر پٿرن ۽ پهاڙن ۾ رهي).

• **تُوْتِيا مارنِي:** ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ ٻوٽيءَ جي پاڙ.

• **تُوتِيو:** ذ. [ع. تُوْتِياءُ] پسارڪي وکر جو هڪ قسم (نيري يا سائي رنگ جو ڌاتو جو ڪاٺين مان ڪوٽي ڪڍيو وڃي، بعضي تيزاب ۾ ٽامو ڳاري بہ ٺاهين: چار قسم ١. سائو توتيو = green vitroil، يا Zinc sulphate ٢. نيرو توتيو = copper sulphate ٣. ڳاڙهو توتيو copper oxide = ۴. توتيو = سرمو). اکين جي اڪسير دوا – Collyrium. ٺـوٺيو – زاجُ (ف).

• **توپُ ج توپُونْ:** ث. [ترڪي] گولا اُڇلائڻ واري مشين. توب – توف.

• **تَوْجُ:** اسم خاص. ٿل ۽ ڪشمور تعلقن ۾ ديهن جو نالو. ڪوهستان ۾ هڪ لَڪ جو نالو.

• **تَوَجُه:** ذ. [ع] ڌيان. خيال. لاڙو – رغبت. مهرباني – عنايت.

• **توجِيهُ:** ث. [ع] تَوَجُه (ڏيارڻ). سبب (بيان ڪرڻ). دليل (ڏيڻ).

• **توجّشاهُ:** اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **توحِيْد:** ث. [ع] خداتعاليٰ کي هڪ ڪري مڃڻ جو عقيدو. وحدانيت – هيڪڙائي.

• **تودرِيْ:** ث. [ف. تُوْدَري] دوا طور ڪم ايندڙ پسارڪي وکر جو هڪ قسم (ٻج سنهڙا داڻا. ڳاڙهي ۽ هيڊي رنگ تي) – هڪ ٻوٽو ۽ ان جو ٻج جو دوا طور ڪم اچي – سُمّاق (ع) > sumach (انگ) – mallow.

• **تُوْدو ج تُـوْدا:** ذ. [ف. تُودَہ] مٽيءَ جو ڍڳ. ڍير – دڙو. زمين جي حد بندي لاءِ ٺاهيل دڙي. پيلپائو.

• **تَوْڏَ، تَوَڏَ:** ث. فخر – گهمنڊ – وڏائو "تـڙج تون تَوڏ تـڪبّر ڪي". ڪاوڙ – رڪائي – هُڏِي. بحث – هوڏَ. ناز سان هلڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– تورَ – لوڏ. سينگار – سنڌاءَ "ڪيچان آيو قافلو، طرح موچاريءَ توڏ" (شاهه).

• **توڏ (ل ٿ):** ٿ. اُٺ _ ڏاچي – توڏي.

• **توڏ ڪيُ ج توڏ ڪيُونْ (ٿ):** ٿ. گـُونـري – توڏِي.

• **توڏڻ:** مصدر. فخر ڪرڻ – هٺ ڪرڻ. ضد ڪرڻ – هوڏ پڌڻ. بحث ڪرڻ. تڪو منو پوڻ. (توڏيو – توڏبو – توڏيل).

• **توڏجڻ:** مصدر. "توڏڻ" مان فعل مجهول. تِڪو منو ڳالهائڻ. ضد پوڻ. هوڏجڻ. بحث ۾ پوڻ.

• **توڏو ج توڏا:** ذ. اُٺ جو ٻچو – گونرو. هڪ سال جي عمر يا گهٽ عمر وارو اُٺ. ٿلهو متارو فقير. (صفت) ڪُوبو – ڪونڌ (جوان). (اسم خاص) مرد جو نالو (توڏو فقير مري، جو شاعر سانوڻ جو صحبتي ۽ راوي هو، ۽ پاڻ به بيتن جو شاعر هو).

• **توڏي:** ٿ. ننڍي مادي اُٺ. هڪ راڳڻيءَ جو نالو – توڙي.

– **توڏِي ڳائڻ:** دل خوش ڪرڻ. خوشي ڪرڻ.

• **تو ڏِي ج توڏِيوْن:** ٿ. ننڍي اُٺ _ گونري. خوبصورت زال – سُهڻي عورت. پيڙيءَ ۾ پوئيءَ جي شيخلي سان جهَل واري رَسي.

• **توڏيو ج توڏيا (ٿ):** ذ. توڏو.

• **تُورَ تُور ج تُورُون. تُوريُونْ:** ٿ. ٻڪيءَ جو هڪ قسم (پاڻيءَ جي ڪنارن تي يا ٻوڪن جي پاڙن ۾ گهمي، تري ڪونه سگهي، ڳچيءَ ۾ ڇهنب ڏکي، اڪثر مڇيءَ تي گذران ڪري. رنگ جو اڇو، ڪونج جهڙو). تُوري (ٿ). سَرنهن جو هڪ قسم (ٿ). گيت جو هڪ قسم (ٿ). گڏهن جي هڪ ذات.

– **تُورَ ڏاڙهيو:** ذ. صفت. ڏکي ڏاڙهيءَ وارو.

• **تُـوْرُ:** صفت. [سن. تُليَه = سمان، جيڏو] جيڏو – برابر – مَٽ. هم عمر – هڪ جيڏو – سَرتو.

• **تُورُ ج تُورَ:** ذ. ساڳي وهي يا ڄمار وارا يار ۽ نوجوان – هڪ تهي. هم سن "منهنجو تُور تَلِن ۾، ڇيها ٿو چاري" (شاهه). مُند يا موسم جا ڪَل. ٻُونگر – ٻُورُ. مَدائتو ۽ ڪچڙو ڦَلُ – ڦَرُ (ولين يا وڻن جي) – ڏورَ. ٻڪين جا ڪنهن موسم ۾ لاٿل آنا. ٻچا. نَسُل – ٻَڻ. آرو (ڪُڪڙ جي). ننڍڙن ڇيلن جو وَلَرُ (ڪ). فصل يا پوک جو وار. ڦيرو – گهمرو (پيڙيءَ وغيره جي) – ٻُورُ. دل تي بارُ (ڪنهن ڏکدائڪ واقعي ڪان). غم – فڪر. وڏو وهاٽو – طول – گاديلو.

– **تُور ڪارڻ:** ڦَـرُ ڏيڻ جي موسم وڃائڻ – مُند ڪارڻ. وَهي وڃائڻ.

• **تُوراةَ. تُوريت:** ذ [ع] حضرت موسيٰ عليه السلام تي نازل ٿيل آسماني ڪتاب.

• **تُورانِي (ڪ):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **تُورانِي ج تُورانِيون (ڪ):** ٿ. ٻڪن واري گهر کي ٻاهرئين پاسي ڪنڌيءَ جي پاڙ ۾ ڏنل مٽيءَ جو ٿنوڙو (جيئن ٻاهريون پاڻي اندر نه اچي سگهي).

• **تُوراڻُ:** مصدر. ڊوڙائڻ – ڊڪائڻ. ٽڪائڻ "شهزادي کي شڪار گهڻو توراڻيو".

• **تُوريِيو:** اسم خاص. [تور (= نسل، اولاد) + پيو (= وارو، جنهن کي اولاد هجي = اولاد وارو، پُٽن وارو] مرد جو نالو. هڪ ڳوٺ جو نالو (ڳوٺ جي باني يا ڏاتي 'توريپي' جي پويان پيل).

• **تُورزَن:** ذ. [انگ. ٽارزن] انگريزي ڪهاڻين جو جهنگل ۾ پليل هڪ روايتي ڪردار. [ف. تَوَرزَن = جنگي تبر جنگي ڪهاڙو] پهلوان – دلير.

– **تُورزن سڏائڻ:** پهلوان سڏائڻ. ڪنهن کي پاڻ جهڙو نه سمجهڻ.

• **تورڻ (ل ٿ):** ٿ. ڪانيءَ مان نهيل ۽ رڱيل، جهرڪين يا ڪن ٻڪين جي شڪلين جو چونڪ (جو شاديءَ وقت دروازي تي هٽبو آهي. انهيءَ لاءِ ته گهوٽ ۽ ڪنوار ان هيٺان لنگهن).

• **تَورڻُ:** مصدر. [هه تولنا > سن. تُلْ = تُرڻ] تور ڪرڻ – وزن ڪرڻ. ماپڻ – ڪٿڻ. پيٽڻ. اندازو ڪرڻ (ڳالهه جي). (توريو – توريندو – توراڻيل).

– **تورَ:** ٿ. ماڻ – وزن. ڪنهن شيءِ (خصوصاً اناج وغيره) جي وزن سان ڪَٿَ.

– **تورائي:** ٿ. تورڻ جو اُجورو.

– **تورائڻ:** مصدر. "تورڻ" مان متعدي بالواسطه. تور ڪرائڻ – وزن ڪرائڻ.

– **تورائيٽي:** ٿ. تورائڻ جي مزوري.

– **تورَتڻ:** پورو وزن ٿيڻ.

– **تورتڪ:** ٿ. وزن ماپ. ڳڻ ڳوت. سوچ ويچار – غور فڪر.

– **تورجڻ:** مصدر. "تورڻ" مان فعل مجهول. تُرڻ.

– **تورڻ تڪڻ:** چڱيءَ طرح تور تڪ ڪرڻ. (ڳالهه کي) هر پهلوءَ کان ڏسڻ. اندازو ڪرڻ. جانچ جونچ ڪرڻ. خبرداريءَ سان جاچڻ. آزمائش وٺڻ.

– **تورِيٽي:** ٿ. تورڻ جو ڪم – تورَ.

– **تورو ج تورا:** ذ. تور لاءِ مقرر ڪيل وزن – وَٽُ. تولي جي وزن جيترو وٽ. تولو. انصاف. عملن جو ليکو (آخرت ۾).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيصلو – نبيرو.

– **تورو ڪرڻ:** طرف ونڻ – پاسو ڪٽڻ. سانگو ڪرڻ. تعريف ڪرڻ.

• **تُورو ج تُورا (ٿ):** ذ. ڍِين جي نوڙيءَ مان اٽيل ڳوٿري. نوڙين جو ٺهيل ڇڪو يا ٻوٽاڙو (جو جانور جي منهن تي چاڙهي ڇڏجي، جيئن گاهه يا انُ نه کائي سگهي). ڪپڙي جو ڪيسو – ڳوندو "چوندين ڳاڳا، ڪرين پاڳا، تورا پريو تان ميان" (ولي محمد). ٺڪريا ڪاشيءَ جي ٿانون کي رنگ ڏيڻ جو قلم.

• **توري ج تورِيُون:** ٿ. ٻلي مڇي مارڻ جي رڇ ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺي (جا 'سَنڌ' سان ٻڌجي).

• **تُورِي ج تُورِيُون:** ٿ. پاڇيءَ جو هڪ قسم. سُٽ مان ٺهيل ڄاري (جا ننڍڙن ڦرن جي منهن تي چاڙهي ڇڏيندا آهن. جيئن هو مٽي نه کائين يا ڏائين نه).

– **تُورِيُ مُورِيُ ڪرڻ (ٿ):** پنهنجي مرضيءَ تي هلڻ. گذر سفر ڪرڻ.

• **تُوريو:** ذ. تيلي ٻج جو هڪ قسم (ڄانبي جي قسم جو. هن مان تيل گهٽيرو نڪري).

• **توڙ:** ذ. ڇيهه – ڏنگ. حد. انتها. پڇاڙي – پڇاڙي – آخر – نهايت. منزل.

– **توڙان:** ظرف. توڙ کان. اصل کان. بلڪل – مور – هرگز. اول کان لوڏي ڪيڏيل.

– **توڙان تڙيل:** ذ. صفت. مُنڍ کان ڌڪاريل. نياڳو. منحوس.

– **توڙ تائين:** ظرف. پڇاڙيءَ تائين – آخر تائين.

– **توڙ جو تـڙيل هئڻ:** ڏرڻون ڌڪيل هئڻ. منحوس هئڻ – نياڳو هئڻ.

– **توڙ نباهڻ:** پڇاڙي ڪرڻ. آخر تائين وفاداري ڪرڻ.

• **تَوَڙِيُ (ل ٿ):** ٿ. سخت اُس تاوڙِيُ – تَپَش. گرمي.

• **توڙي:** حرف جملو. جيتوڻيڪ – اگرچ – توڻي.

• **تُوزُڪ:** ذ. [ترڪي] عملو – اٽالو. ٺاٺ – دٻدٻو. شان شوڪت. ٺاهه ٺوهه – آرائش – سينگار. قانون – آئين. بادشاهه جو روزنامچو (جو هن خود لکيو هجي. جيئن "تُوزُڪ بابري، توزڪ جهانگيري وغيره) – تُـزُڪ.

• **تَوَسُّط:** ذ. [ع. وَسَطَ = وچ ۾ هئڻ] وچ – اعتدال. واسطو. وسيلو – ذريعو.

• **تَوَسُّل:** ذ. [ع. وَسَل = منت ڪرڻ] وسيلو – ذريعو. سفارش – پارت.

• **تَوسَنُ، تُوسَنُ:** ذ. [ف] گهوڙو (جو تکو ۽ اهنڊ هجي). (صفت) بهادر.

• **تُوسو (ل):** ذ. سائو (رنگ).

• **توسِيعُ:** ٿ. [ع. وَسِعَ = ڪشادو ٿيڻ] ڪشادگي – وسعت – ٻکيڙ. زيادتي – واڌارو.

• **توشڪُ:** ذ. [ف] سامان – اسباب. بادشاهه جي قيمتي سامان رکڻ جي جاءِ. اوڇڻ جو هڪ قسم (تمام سنهي ۽ هلڪي پٿراڻي. جنهن ۾ سير ڪن ڪپهه مس هجي).

– **توشڪ خانُه:** ذ. توشا خانو.

– **تُوشڪِيُ، توشڪچِيُ:** ذ. صفت. توشاخاني جو سنڀاليندڙ.

• **توشو ج توشا:** ذ. [ف. توشه] ڏِي – آسرو. ٺمر. مناٽيءَ جو هڪ قسم. ڏسو "توشهٔ". سفر جو سامان. سفر جو ڪاڌو. سامان.

– **توشاخانو:** ذ. بادشاهن جي قيمتي سامان رکڻ جي جاءِ. گهر ۾ سامان سڙو رکڻ لاءِ ڪوٺي.

– **توشو ڪرڻ:** ٺمر ڪرڻ. ڏِي ڪرڻ. آخرت لاءِ نيڪ ڪم ڪرڻ.

• **توشهُ:** ذ. [ف. ترڪي] سامان – اسباب – توشڪ. بادشاهن جو قيمتي سامان (جهڙوڪ. ڪپڙا. هٿيار. هيرا وغيره). اهو سامان يا ڪاڌو جو مسافريءَ جي وقت ۾ پاڻ سان کڻجي – رستي جو ڪاڌو. ٺمر. ڏِيُ – آسرو.

– **توشه خانُه:** ذ. توشاخانو. توشڪ.

– **توشدانُ:** ذ. [ف. توشه + دان] اُها چمڙي جي ٿيلهي. جنهن ۾ سپاهي ڪارتوس ۽ سفر جو ڪاڌو کڻن.

• **تُوصِيفُ:** ٿ. [ع. وَصَفَ = بيان ڪرڻ] واکاڻ – تعريف – صفت – ساراهه.

• **تُوضِيحُ:** ٿ. [ع. وَضَحَ = ظاهر ڪرڻ. صاف ڪرڻ] تشريح – سمجهاڻي – وضاحت.

• **توف ج توفُون:** ٿ. [ترڪي. توپ] بارود. ڏسو "توپ".

– **توف جي مُنهن ۾ ڏيڻ:** ڏوهاريءَ کي توف جي منهن سان ٻڌي گولو ڇوڙڻ. موت جي منهن ۾ ڏيڻ. موت جي سزا ڏيڻ. وڏي مصيبت ۾ وجهڻ.

– **توفخانو:** ذ. [ترڪي. توپ خانه] ڏسو "توپخانو".

• **توفاڪ ج توفاڪُون:** ٿ. بندوق (ڏگهي ناليءَ واري).

• **تَوفِيقُ:** ٿ. [ع] چڱن ڪمن ۾ سببن جو مهيا ٿيڻ خدا جي طرفان رهنمائي. مدد ۽ موافقت. طاقت – سگهه – همت.

• **تَوَقُّف:** ذ. [ع. وَقَفَ = بيهڻ] دير – ڍر – تاخير. ترسڻ جي حالت – وقفو.

• **تَوقِيرُ:** ٿ. [ع. وَقَرَ = عزت ڪرڻ] عزت – تعظيم – ادب.

• **تَوَڪُل:** ٿ. [ع. تَوَڪُل (علي) = ڀروسو ڪرڻ] ڀروسو (خدا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **توهار:** ظرف. [تو + آهار] تو آڏار – تنهنجي آسري. هميشه الله لفظ سان ڪم اچي "الله توهار".

• **توهان، توهين:** ضمير. [پرا. تمُهي] "تون" جو جمع – اوهان – اوهين. عزت سان خطاب ڪرڻ جو لفظ.

• **توهائڻُ:** مصدر. بخشائڻ – بخش ڪرائڻ.

• **توهر:** ث. تنهنجي آسري – تو پروسي (هميشه الله سان گڏ ايندڙ "تاميو نيري تي چڙهيو، ڪري الله توهر") (حفيظ).

• **تُوهَرُ:** ذ. ڏسو "تُوئر".

• **تُوهَرَ(ت):** ث. جوئر جي انَ جا ڪارا تُهَ.

• **توهڻُ:** مصدر. [سن. تُش = خوش ٿيڻ] راضي ڪرڻ – خوش ڪرڻ. بخشڻ – معاف ڪرڻ.

• **توهيا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **توهِيْنَ:** ث. [ع. وَهَنَ، تَوْهِيْن = ڪمزور ڪرڻ] حقارت. بيعزتي. بي آبروئي – ذلت.

• **تي:** حرف جملو. ته به. تنهن هوندي به.

• **تُوئَرَ:** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (جنهن ۾ مٿرن جهڙيون ڦريون ٿين). 'تُوئر' ٻوٽي جو ٻج (جنهن کي ڏري دال طور ڪم آڻين) – تُوهَرَ.

• **تُوئِي ج تُوئِيُونْ (ت):** ث. پيلي رنگ جي سنهي ڪپڙي جي پٽي (جا پڙي جي گهير ۾ ڪم اچي).

• **تويا (ت):** ذ. ڪنڊي جا ڪچا سگَرَ.

• **تَهُ ج تَهَ:** ذ. [ف. تَهہ. تَہ] تَرُ – ترو. پردو. ورق (پني جو) پرت. پوش – ڏڪُ. پڙُ (رلي يا ڪپڙي جو). وراڪو (مٿان). (ظرف) هيٺ.

– **تهائتو:** ذ. صفت. تهن وارو – پردن وارو.

– **ته بہ ته:** ظرف. پڙ مٿان پڙ – ته مٿان ته.

– **ته حرامي:** ذ. صفت. ترِي تائين شرير – دنگ – بدمعاش. بنهہ بدڪار.

– **ته ڪرڻ:** پڙ ڪرڻ. ويڙهڻ – ليپٽڻ.

– **ته نشين:** صفت. ترونڊڙ.

– **ته نشيني:** ث. ترونڊ جي حالت – آتُر (پاڻي جي).

– **ته و بالا ڪرڻ:** هيٺ مٿي ڪرڻ – اُٿلا ئُٿ پٿلائڻ. تباهه ڪرڻ – برباد ڪرڻ. ڊاهي ڇڏڻ.

– **ته وجهڻ:** قابو ڪرڻ (جيئن رليءَ جي ٻن پڙن جي وچ ۾ ڪپهه يا اگهڙيون قابو ڪجن).

• **تِهہ:** ضمير. [آڳاٽي سنڌي جو اُچار] تنهن "تِهہ مُنڌ متوالي ڪي، سنڌي ساءِ سُرڪَ" (شاهه).

• **تُهہ:** ضمير. [آڳاٽي سنڌي جو اُچار] تُنهن.

• **تُهَ ج تُهَ:** ذ. [سن. تُش] انَ جي داڻي جي کَل – تُوتَڙُ – تُهَڙ (ت).

• **تُهار:** ظرف. تنهنجي آڌر – توهار. (ذ) اُٺ چارڻ وقت اوٺيءَ جو آواز (ڪ).

• **تُهار ج تُهارُونْ (ل):** اُها ڏڳي جا ڦر ڏاران ڪير ڏئي ۽ هٿ تي مڙي.

– **تُهارن ڪاچ ٿيڻ (ل):** بي وسيلو ٿيڻ – ننڍڪو ٿيڻ. ڪمزور ۽ هيٺن هٿان مارجڻ.

• **تِهارڻِ ج تِهارڻِيُونْ (ل):** ث. صفت. تيرهن تالي عورت. چالاڪ ۽ لُچي رن. ناظرو عورت. مال جي ڏوڙ ۾ ٽئي حصي واري عورت "ڳڻون ڏائين ڳوٺ جون، تِهارڻ مٿو ڪُٽي" (چوٽي).

• **تُهارڻُ:** مصدر. [سن. تُش =تُهَ] انَ مان تُهہ پاسي ڪرڻ – تارڻ (انَ). (تهاريو – تهاريندو – تهاريل).

• **تهاڙو ج تهاڙا:** ذ. وڏو ڏينهن – ڏهاڙو.

• **تِهان:** ظرف. تنهن کان. اُتان کان. انهيءَ تان. ان وقت کان.

– **تِهان پوءِ ظرف** تنهن کان وٺي – ان کان پوءِ.

– **تهائين:** ظرف. اڃا وڌيڪ – زياده انهي کان وٺي.

• **تُهائڻُ:** مصدر. [سن. تُش = خوش ٿيڻ] خوش ڪرڻ – راضي ڪرڻ. پرچائڻ. صلح ڪرائڻ. هرڪائڻ – وڻائڻ. موهت ڪرڻ "توڏي تُهائين جي، هتهين ڇڏ حرص" (شاهه). وير وجهڻ – سيڙائڻ – ڪوٽي ڪرڻ. ڪوٽي ڪڍڻ. (تهايو – تهائيندو – تهايل).

• **تُهائو ج تُهاوا:** ذ. پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم (جهنب سنهي نندي، تترجيڏو قد، بدڪ جهڙو). تُهَڙُ.

• **تَهَبارُونْ:** ث. [سنڌي. ۱. تَهہ + وار = ذري جهڙو: ۲. تَهہ + وار = سنهي پردي جهڙو لَهہَ (= پراڻيون اگهڙيون ۽ ريڙون) جهڙو. [ف. ته و بالا = هيٺ مٿي، زير و زبر] ذرا – پُرزا. ليڙون – ريڙون. چيهُون.

– **تهبارون ڪيڻ:** سخت مار ڏيڻ – هڏ هڏ پيڄڻ.

– **تهبارون ڪرڻ:** چيهون چيهون ڪرڻ – پرزا پرزا ڪرڻ. ڦاڙي ذرا ڪرڻ (ڪپڙو) – ريڙون ڪرڻ.

• **تَهُبانُ:** ذ. [ف. تاباڻ] ناس – برباد.

• **تهبند:** ث. [ف] منجهلو – گوڏ.
• **تهت، تهتا، تهتئون:** ظرف. [ع. ١. تاءَ تيءِ (ل) = تيار رهڻ. ٢. تحت طلب (جلد گهرڻ) > تهطلب > تهت] ترت – يڪدم – فوراً.
– **تهتڙا:** ظرف. ذرا جلدي – جهٽ پٽ "سهجئون سڪندن کي سڏائي، تهتڙا ۽ ترت تون" (مصري شاهه).
• **تهه تهه:** ث. ڄت جو اُٺن کي هڪلڻ جو آواز.
• **تهجد:** ذ. [ع] پوئين رات جاڳڻ. اڌ رات کان پوءِ ۽ باڪ ڦٽڻ کان اڳ واري نماز.
• **تهجد گذار:** ذ. صفت. تهجد نماز پڙهندڙ. مُتقي.
• **تهجي:** ث. [ع. تَهَجّي = حرف ملائڻ. پد اچارڻ] هجي – هجي. زير زبر سان حرف پڙهڻ جي حالت.
• **تهخانو ج تهخانا:** ذ. [ف. ته + خانه] زمين ۾ اندر ٺهيل گهر. ڪنهن گهر جي هيٺيان زمين ۾ ٺهيل جاءِ ــ ٻُهرو.
• **تهدر:** صفت. [ف. تهدرز = نئون] نئون – ڪورو.
• **تهدل:** ث. [ف] دل جي گهرائي. (ظرف) دل جان سان. پڪ – يقيني.
• **تهديد:** ث. [ع] ڌمڪي – تنبيهه – هدايت.
– **تهذيب ج تهذيبون:** ث. [ع. هَذَبَ = صاف ڪرڻ] صفائي. اصلاح – سڌارو. سهڻائي. پاڪيزگي. خوش اخلاقي. انسانيت.
– **تهذيب يافته:** صفت. بااخلاق. ادب وارو. تربيت يافته. سڌاريل.
• **تهر (ل):** ث. رڇ (مڇي مارڻ جو) اُٺڻ جو هڪ اوزار – ڪاٺيءَ مان ٺهيل هڪ قسم جو سُوئو يا نَڙو.
• **تهرَ (ڪ):** ظرف. تنهن ويرَ – تڏهن – تنهن وقت. ان زماني ۾. پوءِ.
• **تهري ج تهريون:** ث. [طاهري = طاهر جي نالي سان سڏيل. يا طاهر جو ايجاد ڪيل پٽ] ڳڙ يا کنڊ ۾ رڌل چانور – مٺو پٽ – تاهري.
• **تهڙ، تهڙ ج تهڙ:** ذ. ڏانڊي پکيءَ جو هڪ قسم – تهائو.
• **تهڙو، تهڙو ج تهڙا:** ظرف. [١. تنهن + جهڙو > تهڙو ٢. تنهن + روءِ = ان جي مهانڊي] اُن جهڙو – تنهن وانگر. اهڙو. تيئن.
• **تهسب، تهسبو:** ذ. [ع. تَعَصُّب = ضد. پنهنجي تي هٺ] حسد – ساڙ. بغض – ڪينو.
• **تهطلب:** ظرف. [ع. تحت + طلب] جلدي – يڪدم – فوراً – تهت – تهتا.
• **تهڪارڻ (ت):** مصدر. مار ڏيڻ. سزا ڏيڻ.
• **تهل:** ظرف. [تنهن + ويل > تهل] تنهن مهل – اون وقت. تڪڙو – جهٽ پٽ "تان اُنهيءَ تورتهل، ست ڪُتا سوگها ڪيا" (سگهڙ).
• **تهلڪ، تهلڪو:** ذ. [ع. ١. تَهْلُڪَة = نقصان. مصيبت يا موت جو سبب. ٢. تَحَرُڪ = هل چل] هُل – غوغاءُ. ڦڙڦوٽ.
– **تهلڪو مچڻ:** خوف وچان واويلا مچڻ. ڦڙڦوٽ پوڻ.
• **تهلڪ:** ذ. صفت. [ع. تَعَلُق = واسطو. تَحَرُڪ = ڪنهن جي ياران ٻهرو] طرفدار. واسطيدار "فلاڻو فلاڻي جو تهلڪ آهي."
• **تهمت ج تهمتون:** ث. [تهمر (= داغدار ٿيڻ) > تُهْمَة. تُهَمَة = بهتان. شڪ] بهتان – الزام. ڪوڙو بهتان.
– **تهمتي:** ذ. صفت. ملزم – جوابدار.
• **تهمل (ت):** ذ. [ف. ته بند = گوڏ جو ڪپڙو] پٽڪو. ڪوري ڪپڙو.
• **تهموري:** ذ. ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم.
• **تهن:** ضمير متصل. [آڳاٽي سنڌي] تُنهنُ 'جو' ۽ 'جي' سان گڏ ڪم ايندڙ ضميري اڳياڙي.
• **تهنال:** ث. [ف. تَهْ نال = مياڻ جي چوٽيءَ جي اڏاوت] تلوار وغيره جي مياڻ جو هڪ حصو جنهن تي هيرن وغيره جي جڙت ٿيل هجي.
• **تهنبل (ڪ):** ذ. چاهه. تمنا – خواهش.
• **تهنيت:** ث. [ع] مبارڪباد – خوشخبري.
– **تهنيت نامون:** ذ. مبارڪباديءَ جو خط.
• **تهو:** ضمير [آڳاٽي سنڌي] تهڙو – تنهن جهڙو. تنهن وانگر. "جهو" جو جواب موصول.
• **تهوارون.** تهبارُون – چيهون چيهون – پرزا پرزا.
– **تهوارون ٿيڻ:** ليڙون ليڙون ٿيڻ. چيهون چيهون ٿيڻ.
– **تهوارون ڪرڻ:** تهبارُون ڪرڻ. ليڙون ليڙون ڪرڻ.
• **تهوت (ت):** ث. تاهوت – تڪڙ.
– **تهوت ڪرڻ:** تاهوت ڪرڻ – تڪڙ پئڻ.
• **تهور:** ذ. [ع. طَهَر] طُهر.
• **تهون:** ظرف. تهان – ان کان.
• **تهي ج تهيون (ت):** ث. [ف. تَهْ (= تر هيٺ. اندر > تهي = تر واري. هيٺان پيل] تهي – سٽي. ويڙهي. ڳنڍڙي.
– **تهي ڪرڻ:** ڪورين جي اصطلاح ۾ تاڪيو ويڙهي رواجي صورت ۾ آڻڻ.
• **تهي:** صفت. [ف] خالي – سکڻو.
– **تهي دست:** ذ. صفت. [ف] خالي هٿين – ڪنگال – سُڃو.
• **تُهي:** ث. [سن. تُش = تُهه] سنهڙا تُهه – انَ يا ڪنهن ٻج تان لٿل سنهڙيون کلون جيئن "اسپنگر جي تُهي".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **تَهيۂ:** ذ. [ع. هَياء = تيار ڪرڻ] تياري. انتظام. پڪو ارادو.
• **تَهياري:** ث. 'ڍهسنامي' جو لفظ – ٿهارِي – رات.
• **تَهيٽ(ت):** ث. تاهوت – تڪڙ.
– **تَهيٽ مچائڻ:** تاهوت ٻڌڻ.
• **تهيپو(ت):** ذ. سنپال – خيال.
• **تهيں تير (ڪ):** ظرف. تنهن وير – تنهن مهل.
• **تهيري (ڪ):** ث. ڪورڪي ڪم جو هڪ اوزار – نڙو.
• **تهيں، تهيں:** ضمير. اُنهيءَ (ظرف) تنهن لاءِ ـ تيلا نه – اُن سبب – اُن ڪري.
• **تَہُ، تَئو:** ذ. [سن. تَپُ: ف. تابُ = تپڻ] سيڪ. گرمائش. ڪوساڻ.
– **تَہُ لڳڻ:** سيڪ اچڻ. منيان لڳڻ – ڪاوڙ اچڻ.
• **تَئان:** ظرف. تِتان – تنهن هنڌان. تنهن هوندي – تثائين.
• **تَئرو ۽ تئرا:** ذ. تيررو – صيقلگر.
• **تئِن:** ضمير [سن. تَتا] تيئن.
• **تَئنڪي تَئونڪو (ڪ):** ذ. [ع. تَوڪَل] آسرو – پروسو.
• **تئڻ:** مصدر. [سن. تَپُ = تپڻ] تپائڻ – گرم ڪرڻ – سيڪڻ – آزارڻ. (تئيو ـ تئيندو – تئيل).
• **تئو ۽ توا:** ذ. [ف. تاپُو = تئو: سن. تاوِيَہ < تَپُ = تپڻ] مانيءَ پچائڻ لاءِ ڪنيار جو ناهيل ۽ مٽيءَ جو پچايل گول ٿانءُ. يا لوهي گول ٺڪر. بيل گاڏيءَ جي ٿُر ۾ لڳل لوهه جو چورس يا گول ٺڪر.
– **تئو چاڙهڻ:** ماني پچائڻ لاءِ تئو چلهه تي رکڻ. گرمي ڏيکارڻ – تڪليف هيٺ آڻڻ.
– **تئو ڪمائڻ ملڻ:** ڪارو منهن ڪرڻ – ڄٽ ڪرڻ.
– **تئو نه چڙهڻ:** ماني نه پچڻ – دانگي نه چڙهڻ (موت سببان).
• **تئونر ۽ تئونر(ت):** ذ. نِڪر جو ٿالھ (جنهن ۾ جنڊ رکيو وڃي) – تار مات (ماتر).
• **تئونٽِ:** ث. اُڃ پياس. ڪٽس – بوٽ – سنهو تپ.
– **تئونسيل:** ذ. اُڃايل. ٿورو تپيل.
• **تئونڪيو(ت):** ذ. [ف. تڪيَہ] آسرو – آڌار – تئنڪو (ڪ).
• **تئوئي (ت):** ث. ڪک پن ۽ گند ڪچرو (جو ڪنيار آويءَ ۾ وجهن).
• **تئي ۽ تئيون:** ث. [ف. تاپُو = تئو. سن. تاويَہ < تپ = تپڻ] لوهي تپيلي (جنهن ۾ تيل وجهي مڇي يا پڪوڙا وغيره ترجن) – ڪڙي – ڪڙهي. گرمي جو سيڪ. پاڻيءَ جي گهٽتائي سببان پوک کي سوڪ. ظلم – ويل. ڪاوڙ. سختي.
– **تئي پوڻ (ڪ):** مير بحرن جي اصطلاح ۾ واءُ بند تي وڃڻ (واءُ بند ٿي وڃڻ تي سمنڊ جو پاڻي اچو ڏسجڻ ۾ ايندو آهي).
– **تئي ڪرڻ (ت):** پاڻي گهٽ هئڻ سبب پوک جو سُڪڻ.
• **تي:** حرف جر. مثال "ان تي. جنهن تي وغيره".
• **تيا:** ث. تئو – سيڪ. روشني. ڪنوڻ "تيا ڪون تجلو گهڻو. ٻئنسرباني بين" (عالي).
• **تيار تيار:** ظرف. [ف] سنيريل (هلڻ لاءِ سفر تي). حاضر – موجود پورو. مڪمل. آماده ـ مائل.
– **تياري ۽ تياريون:** ث. سنبت. آمادگي. ناھ جوڙ – انتظام.
– **تياريءَ جي موڪل:** سرڪاري ملازمت ۾ بدليءَ واري هنڌ تي پهچڻ لاءِ سنبت خاطر مقرر ڏينهن جي موڪل.
• **تياڪ:** ذ. [ف. تِرياڪ > تياڪ] ترياڪ – علاج "ميڙائي جي مون پرين. ڏنڙي تياڪ طبيعت" (خليفو نبي بخش).
• **تياڳڻ:** مصدر. [سن. تِيَجُ = ڇڏڻ] ڇڏڻ – ترڪ ڪرڻ. علحده ٿيڻ. (تياڳيو – تياڳيندو – تياڳيل).
– **تياڳ:** ذ. ترڪ. علحدگي – جدائي. ويراڳ. فقيري. ڪناره ڪشي – دستبرداري.
– **تياڳي ۽ تياڳي:** صفت. دنيا کي ڇڏيندڙ. تارڪ. لاطمع. ويراڳي.
– **تياڳي ڇڏڻ:** ترڪ ڪرڻ. لوڏي ڇڏڻ.
• **تيان:** ظرف. ان هنڌ کان – اتان "تني کي تيان. لياڪا پائڻ آئيا" (شاهه). تنهن وانگر. تيئن.
• **تيبر:** ظرف. [سن. تيوَر = تکو: ع. تَهَوُر = هوڙهائي. تيزي] تکو – تيز – جلد. ڏاڍو.
• **تيبري ۽ تيبريون:** ث. حرفت – لچائي.
– **تيبريون ٻڌائڻ:** سڌيون ٻڌائڻ.
• **ٽيٽالُ ۽ ٽيٽالَ:** ذ. [سن. تال = نخرو] بهانو – منهن. نخرو. ڍونگ – مڪر. لُچائي. مسخري (ڪ). انڪل – حرفت.
– **ٽيٽال ۽ تيبريون ٻڌائڻ:** مختلف ۽ گهٽ وڌ ڪوڙيون سچيون ڳالهيون سٽائڻ.
– **ٽيٽالر ۽ ٽيٽالڙ:** ذ. صفت. ڍونگي – بهانو بنائيندڙ – ٽيٽالي.
– **ٽيٽالُ ڪرڻ:** پنهنجا ناھ ناهڻ. مسخري ڪرڻ. نخرا ڪرڻ. حرفتون هلائڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **تيتالِڻ ج تيتالِڻيُون (ل)**: ث. ڊونگِڻ – بهانو بنائيندڙ – حرفتڻ.

– **تيتالِي ج تيتالِي (ل)**: ذ. صفت. اٽڪلي – حرفتي – ڊونگي. (ث) تيتالِڻ.

• **تيتَر(ت)**: ظرف. تيسائين.

• **تيتِرو ج تيتِرا**: ظرف. تنهن جيترو – انهيءَ جيترو – اوترو. (صفت) تترجي رنگ جهڙو – چٽڪمرو.

• **تيتِري**: اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تيتري ج تيتري**: ذ. صفت. تِتر ڌاريندڙ. تِتر ڦاسائيندڙ – ماري. تترن جو شڪار ڪندڙ.

• **تيتو ج تيتا**: ذ. زنانو مخصوص عضوو.

• **تيجُ**: ذ. [سن.] چمڪو – تَجلو – روشني. رونق – سوڀيا. ڏَيا – حشمت.

• **تيجوانُ، تيجوَنت**: ذ. صفت. چمڪندڙ – روشن. ٻهڪندڙ.

• **تيجارَ ج تيجارُون (ڪ)**: ث. لٽيل فصل جو ٻيو اوپڙ – اورِ مورِ (ل).

• **تيجَبَلُ**: ذ. وڻ جو هڪ قسم (جنهن جي ڪاٺ مان مُهريون ٺهن).

• **تيڏانهَن**: ظرف. تنهن طرف ڏانهن – تنهن پاسي.

– **تيڏانهون، تيڏانهين**: ظرف. تيڏانهن.

• **تيڏڙو**: صفت. "تيڏو" جو تصغير.

• **تيڏو ج تيڏا**: ذ. صفت. اَن جيڏو – اوڏو. (ث) تيڏي ج تيڏيون.

• **تيرَ ج تيرُون (ت)**: ث. تيڪ – دست.

• **تِيرُ ج تِيرَ**: ذ. [ف. سن] ٻاڻُ – لوهو گز – ڪان. ٽانگي ۾ ڦيٽي ڪي سرائيءَ سان مضبوط ڪرڻ جو ڪِل (ت). هَرلي ۾ ونگن ۽ تاڻن جي وچ ۾ پيل ڪاٺي (ت). ڪاٺيءَ جو هڪ ٽڪر جو سانٺر ۾ نوڙ ٻڌڻ ۾ ڪم اچي (ت).

– **تيرِ انداز**: ذ. صفت. [ف. تير + انداز] تير هڻندڙ – تير اندازي، ث. تيرن هڻڻ جو ڪم.

– **تيرِ بارانُ**: ذ. [ف. تير + باران] تيرن جو مينهن – تيرن جو وسڪارو. تمام تکي تيراندازي.

– **تيرافڪن**: ذ. صفت. [ف. تير + افگب] تيراڇڪلائيندڙ.

– **تيرافڪني**: ث. تيراڇلائڻ جو هنر – تيراندازي.

– **تيربهدف**: ذ. [ف. تير + بہ + هدف] تير جو نشان تي لڳڻ. دعا جي قبوليت.

– **تِيرُ تُڪلِي**: ث. اٽڪل بازي – نِڙڪ نڳي. ڪنجوسائي. رواجي محنت.

– **تير تُڪليءَ تي هلڻ**: ڪنجوسائي سان هلڻ – اٽڪل سٽڪل تي هلڻ. ڏکيو گذران ڪرڻ.

– **تيرڪَش**: ذ. تيرن رکڻ جي ٻَتي. طنبوءَ جي ڪاٺي. دروازي مٿان لڳل سيخن جو چوڪٺ.

– **تيرڪَمان مانُ نِڪرڻ**: ڪوبہ ڪم (تڪڙ مان) ٿي وڃڻ. ڳالهہ هٿان وڃڻ. ڪنهن ڪم ٿيڻ بعد پڇتائڻ.

– **تيرگَر**: ذ. صفت. [ف. تير + گر] تير ٺاهيندڙ.

– **تيرِ گوشُ ج تيرِ گوشَ**: ذ. صفت. [ف. تير + گوش] اهو گهوڙو جنهن جا ڪن تير وانگر سڌا (اڀا) هجن.

– **تير نہ گسڻ**: تير جو پوري نشان تي لڳڻ. ڏڪ نہ گسڻ. سوڀارو ٿيڻ.

– **تير مژگانُ**: [ف. تير + مژگان] پنبڻين جا تير. اکين جا تير – نگاهن جا تير.

• **تيراڪُ**: صفت. تري ڄاڻندڙ – تارو.

• **تيرائڻ (ت)**: مصدر. تيڪائڻ – دست هڻائڻ. هنگائڻ. ٽڪائڻ. (تيرايو – تيرائيندو – تيرايل).

• **تيرِ بتير (ت)، تيرَ پتيري**: ث. سموري – سربستي – مفصّل (خبرچار).

• **تيرَٿُ ج تيرَٿَ**: ذ. [سن. تيرٿَ = نجات ڏيندڙ ڪم يا ماڻهو] مهاتمائن جي رهڻ جي جاءِ. پاڪ جاءِ. هندن جي زيارت جي جاءِ ــ جاترا.

– **تيرَٿ پيٽڻ**: جاترائون ڪرڻ. تڪيا پيٽڻ. تڪليفون ڏسڻ – ڪشالا ڪاٽڻ.

– **تيرَٿ جاترا**: ث. پوِتر آستان جي جاترا.

• **تيرَچو**: ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وکر (جو سُرندي جي گزيءَ جي زهہ کي سخت ۽ سني آواز ڪرڻ لاءِ هڻجي) – صحت ڪُندرُو. مانجهو.

• **تيرَسِ**: ث. [سن. تِرِ = ٽي + دشن = ڏهہ] چنڊ جي تيرهين (تاريخ). پک جو تيرهون ڏينهون.

• **تيرَگي**: ث. [ف] ڪاراڻ – ظلمت. اوندهہ ڪدورت (دِل جي). گدلائي.

• **تيرڻُ (ت)**: مصدر. تيڪڻ – هرهر هنگڻ. ٻوڪ اڇڻ (جانور ڪي). (تيريو – تيريندو – تيريل).

• **تيرو**: ضمير. [ه] تنهنجو.

• **تيروڪُ ج تيروڪَ (ڪ ڪ)**: ذ. صفت. ڊڄڻو – بزدل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **تيشِي ج تيشِيُون:** ٿ. رازڪي ڪم جو هڪ اوزار (جو سِرن وغيره پڄڻ جي ڪم اچي) – تيشو.

• **تيغ ج تيغون:** ٿ. [ف] تلوار – ترار – شمشير.

– **تيغ آزمائي:** ٿ. تلوار هلائڻ جي حالت – تلوار بازي. شمشيرزني.

– **تيغ اَبرُو:** ذ. سنهڙو ۽ سُهڻو ڀرُون (جو تلوار وانگر ڏسجڻ ۾ اچي). معشوق جو ڀرُون.

– **تيغ زبان:** ذ. صفت. رنج جهڙيون يا تلخ ڳالهيون ڪندڙ. تيغ زني.

• **تيغ فَلَڪ:** ذ. مريخ گرهه.

• **تيغاڻي:** اسم خاص. تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تيغو ج تيغا:** ذ. ڇوني يا مٽيءَ جو ڳنڍو (جو پٽ يا دروازي جي وٿي بند ڪرڻ لاءِ ڏجي) رازڪي اصطلاح ۾ اوساريءَ جو هڪ نمونو (ٺ).

• **تيغُون (ل):** ذ. پکيءَ جو هڪ قِسم (اڇي رنگ جو وڏو باز).

• **تيڪ ج تيڪُونَ (ل):** ٿ. رَندي ۾ پيل لوهه جو ڦَرِ ڳَتُ.

• **تيڪَڻُ:** مصدر. دست هڻڻ. هنگي وڃهڻ. ڊوڙي يا ھيو ڪر ڪري ٽڪجي پوڻ – ڊوڙڻ. اتي ڏڪر راند ۾ گهٽي وقت تائين آگ ڏيڻ. (تيڪيو – تيڪندو – تيڪيل).

– **تِيڪ ج تِيڪُون:** ٿ. دست.

– **تِيڪائِڻُ:** مصدر. هنگائڻ. سخت ڪم وٺڻ. اتي ڏڪر راند ۾ ڊوڙائڻ.

– **تِيڪ تروٽ چلڻ:** سدائين بيمار رهڻ. هڪ نه بي بيماري لڳي اچڻ.

– **تِيڪ ڏيڻ:** دست ٿيڻ. تڪڙ لڳڻ. هر هر ڳالهائڻ.

– **تِيڪ ڇُڙڻ:** دست ٿيڻ.

• **تيڪو ج تيڪا (ل):** ذ. ڪاٺ جو ٽڪر. ڪائين جي پٽ (جا ٻاهران گاري سان لِتل هجي. "تيڪي" واري جاءِ = اها جاءِ سڄي ڪائين مان ٺهيل هجي ۽ ٻاهران مٽيءَ جو ليپو آيل هجي).

• **تيڪ، تيڪُ:** ذ. [ف. تيز] تِکائي – تيزي – تيز وَهڪَ. ڌار – تيک (اوزار جي). تؤ تپش.

– **تيڪ ڏيکارڻ:** تيزي ڏيکارڻ. ڪاوڙ ڏيکارڻ – جوش ڏيکارڻ.

• **تيگُ ج تيگُونَ (س):** ٿ. [ف. تيغ] ترار – تلوار.

• **تيلُ ج تيلَ:** ذ [سن. تَيَلَ] روغن (جو ڪنهن تيلي ٻج جهڙوڪ سَرنهه، ڄانبي وغيره مان نڪري). سٽيپ پاٿيٽ – سٽيپ – چڪنائي. معدني پاٿيٽ (جهڙوڪ گاسليٽ، پيٽرول وغيره). هندن ۾ حامله عورت جي نائين مهيني جي موقعي تي تيل ٻارڻ جو هڪ سوڻ.

– **تيلاڻي ج تيلاڻيُون (ل):** ٿ. تيل رکڻ لاءِ ڪاٺ جي پيالي.

– **تيلاڙو تيلاڙئون:** ذ. شاديءَ جي هڪ رسم (شاديءَ کان هڪ رات اڳي ست سهاڳڻيون گڏجي، گهوٽ جي مٿي ۾ خوشبودار تيل وجهن). تيلاڙي جو ساٽ.

– **تيل ترن مان نڪرڻ:** ڪيل خرچ جو عوض اُتان ئي ڪيڻ. جنهن هنڌ ڪَسُ ڪائجي اُتان ئي نقصان جو پورائو ڪرڻ.

– **تيل ترين مان وڃڻ:** فائدو حاصل نه ٿيڻ. جيڪو فائدو ٿيڻ جهڙو هجي سو اُتيئي رهڻ.

– **تيل چڙهڻي لاڏي (ٺ):** ٿ. ڏ ڪ ويڻل ڪنوار.

– **تيل ڏيڻ:** ڇمڙي کي نرم ڪرڻ لاءِ ڪڙو تيل هڻڻ. ڪنهن مشين مثلاً سائيڪل يا سبڻ واري مشين جي پرزن کي تيل ڏيڻ.

– **تيل ڦُليل:** ذ. ڦُل. تيل. عطر. سينڊ سرمو. هار سينگار.

– **تيل مکڻ:** تيل هڻڻ.

– **تيلهوڙي ج تيلهوڙيون (ٺ):** ٿ. تيلاٽي.

– **تيلي ج تيليَ:** ذ. صفت. تيل وارو (ٻج). تيل وڪڻندڙ – چاڪي – گهاڻي وارو. هڪ قسم جو رنگ (جانور جو). ڪاراڻ مائل رنگ.

– **تيلي پَشَمُ (ڪ):** ٿ. پشم جو هڪ قسم – سٽيپي پشم.

– **تيلي راجا:** ذ. هندو فقيرن جو هڪ گروهه (جو ماڻهن کي قسمتون ٻڌائڻ جي عوض پِني، تيل وٺي مٿي ۾ وجهي).

– **تيلي لاسُ:** ٿ. ٻڪريءَ جو هڪ قسم.

– **تيليو تيلو ج تيليا، تيلا:** ذ. صفت. تيل جي رنگ جهڙو. ڪاراڻ تي مائل ڳاڙهي رنگ جو ڍڳو (ڪ). ڳڏهه جو هڪ قسم.

• **تيلُ (ٺ):** ذ. ڏاس مان ٺهيل نوڙي.

– **تيل ٻڌڻ:** شڪارين جي اصطلاح ۾ سوئر کي واڍ سان ٻڌڻ.

• **تيلانُ، تيلهانُ:** ٿ. ڪوڏيءَ جو هڪ قسم (سڄلي ڪوڏي، جنهن جي پُٺ پڳل هجي) – تَلهي.

• **تيلا نُهين تيلاهين:** ظرف. تنهنڪري – انهيءَ سببان – ان ڪري.

• **تيلاهُو:** اسم خاص. تعلقي خيرپور ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.

• **تيلَڻُ:** مصدر. تيل هڻڻ. سٽيپ مکڻ (تيليو – تيليندو – تيليل).

• **تيلوُ ج تيلا:** ذ. گاهه وغيره جو ڪانو. سلو.

– **تِيلائُونُ:** ذ. صفت. تيلن يا تيلين مان ٺهيل (ٽوڪرو وغيره).
• **تيلهه، تيلهانُ:** ظرف. تنهن ويل – تنهن مهل. تڏهن. تنهنکري.
• **تيلِيُ:** ث. بلا جو هڪ قسم.
• **تيلِيُ ج تيلِيُونُ:** ث. ڪنهن ڳاهه يا سلي جو سنهون ڪانو – تيلو. ڪانهن يا سرجي ڪاني جو ٽڪر. ماچيس ۾ ٻيل دارون لڳل سنهڙي ڪاني.
– **تيلِيُ ڏيڻ:** باهه ڏيڻ. جهيڙو جاڳائڻ.
– **تيلِيءَ مان ٽپ ڪرڻ:** ٿوريءَ ڳالهه کي وڏائي وڏو ڪرڻ. نوڙيءَ مان نانگ ڪرڻ. اجايو وڏاءُ ڪرڻ.
– **تيلين جي ٻُوِيُ:** ث. ماچيس – باڪسُ.
– **تيلِيُون تيلِيُون ٿيڻ:** چيٿون چيٿون ٿيڻ. پرزا پرزا ٿيڻ. چُرُ وچُرُ ٿيڻ.
– **تيلين مُڃ ڌار ڪرڻ:** سخت جهيڙو ڪرڻ. نفاق وجهڻ. هڪٻئي ڪان ٻري ڪرڻ.
• **تيمارداري:** ث. [ف] بيمار جي خدمت ۾ همدردي – ٽهل – چاڪري. علاج.
• **تيَمُّ:** ذ. [ع. تَيَمُّم < تَيَمُّ] پاڻي نه ملڻ جي حالت ۾ مٽيءَ سان ڪيل وضو (ڪنهن صاف ميدان يا پٽ وغيره تي هٿ هڻي وضوءَ وانگر هٿن ٻيرن ۽ مُنهن کي هڻڻ).
• **تِين:** صفت. [هه سن. ٽرِ] هڪ عدد – ٽي (٣).
– **تين تيرهن ڪرڻ:** جدا جدا ڪرڻ – الڳ الڳ ڪرڻ.
– **تين ۾ نه تيرهن ۾ هئڻ:** ليکي چوکي ۾ نه هئڻ – ڪنهن به ڳالهه ۾ نه هئڻ.
– **تين واڻ تين واڻ:** ذ. نيلام ۾ ٽي ڀيرا واڪ. نيلام ۾ ڏنل ٽيو واڪ
– **تين واڻ تين واڻ ڪرڻ:** نيلام ڪرڻ وقت ٽيون ڀيرو آواز ڏيڻ. ٿورن پئسن ۾ نيڪال ڪرڻ. وڪڻڻ – نيڪال ڪرڻ.

• **تِينُ ج تِينَ:** ذ. [انگ. ٽِنُ (Tin) = هڪ قسم جو ڌاتو] "ٽنُس" مان ٺهيل ڏٻو. گاسليٽ جو ڏٻو – ٽِينُ.
• **تَيِڻُ ():** مصدر. [سن. تَپُ] تئڻ – تپائڻ – سيڪڻ. پچائڻ.
• **تيڻَ (ث):** ث. کوهه مان پاڻي ڪڍڻ جو ڪوس ۾ ورت. کوهه مان پاڻي ڪڍڻ جو وارو. "آڌي رات عنايت چئي، تيڻن کي تاٿين" (شاهه عنايت).
• **تيورا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **تيورو ج تيورا:** ذ. صفت. صاف ڪندڙ (اوزار يا هٿيار) صيقلگر.
• **تيوَڻُ ج تيوَڻَ:** ذ. [سن. تيمَنَ] گوشت. ڀوڙ. ڀاڄي. ڳنڊڻ.
• **تيوٽا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (جنهن مان شاعر حفيظ تيوٽو ٿيو جنهن مومل راڻي جو قصو جوڙيو).
• **تيُون تيُون ٿيڻ (ث):** آباد زمين جي وچ ۾ ڪٿي ڪٿي ڪلراٺا ٽڪر ظاهر ٿيڻ (جن ۾ سلانه ڄمن).
• **تيهارَڻِ ج تيهارَڻِيُونُ:** (ڪ): ث. اها عورت جنهن جو مال جي ڏهائي ۾ ٽيون حصو هجي. ث. صفت. لچي زال "ڳنئون ڏارائن ڳوٺ جون، تيهارڻ مٿو ڪُٽي" (چوٽي).
• **تيهو ج تيها:** ضمير. اُن جهڙو – تهڙو "جيهو" جو جواب موصول. 'جيهو' سان گڏ استعمال ٿيندڙ "جيهو تيهو". (ث). تيهي ج تيهيون).
• **تيئَن:** ظرف. [سن. تَتا] تهڙيءَ ريت – تهڙيءَ طرح. ظرف 'جيئن' جو مثالي جواب "جيئن جو تيئن ڪر".
• **تيئُو:** ذ. مڇيءَ کي اوپارڻ (يا رڌڻ) جو هڪ نمونو.
• **تيئُو:** ذ. [سن. ٽرَ = ٽي] ٽي. ڪوڏين راند ۾ ٽن جي داءَ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ.

# ٿ

**ٿ:** سنڌي. 'الف – بي' جو ڇهون اکر. 'ت' ۽ 'ٽ' جو گڏيل اُچار. ابجد موجب عدد 'ت' جي برابر (۴۰۰).

• **ٿاٻ (ڪ):** ٿ. جهَلَ – روڪ – اَٽڪ. ڏڪو – ٿاٻو.

• **ٿاٻارِجڻُ (ت):** فعل مجهول. ٿاٻو کائڻ.

• **ٿاٻڙ:** ٿ. هيٺ مٿانهين زمين – ڪڙ ٻڙ. اوجهڙ.

– **ٿاٻڙ ٿوٻڙ:** ٿ. هيٺ مٿانهين زمين – ڪڏون کوٻا – ڪَڙ ٻڙ.

• **ٿاٻڙَڻُ:** مصدر. ٿاٻو کائڻ – آڏيڙو کائڻ – اٽڙڻ – ٻاهُڙڻ. وڃڙي ڪرڻ. ڏڪو کائڻ. (ٿاٻڙيو – ٿاٻڙندو – ٿاٻڙيل).

– **ٿاٻڙائڻُ:** مصدر "ٿاٻڙڻ" مان متعدي بالواسطه. ٿاٻو کارائڻ – اٽڙائڻ.

– **ٿاٻِڙجڻُ:** مصدر "ٿاٻڙڻ" مان فعل مجهول. ٿاٻو کائڻ. اَٽڙجڻ – ٻاهڙجڻ. ڏڪو کائڻ. رنڊجڻ. ڀلجڻ – غلطي ڪرڻ.

• **ٿاٻو ۽ ٿاٻا:** ذ. ڪنهن ڪوبي سبب آيل ڏڪو – آڏيڙو – ڏومو – ٿڏو. اٽڪ – رنڊڪ (هلڻ ۾). گهوڙي جي پنڌ جو عيب – پنڌ ۾ گهوڙي جو اٽڙجڻ يا ٻاهڙجڻ. مال (خصوصاً) (مينهن) کي روزانو مقرر آهر (ڪاڏو) وقت تي نه ملڻ.

– **ٿاٻا اَچڻ:** ڏکا اَچڻ – ٿيلها اچڻ. تڪليفون اچڻ.

– **ٿاٻا ٿڏا کائڻ (ت):** تڪليفون سهڻ.

– **ٿاٻا ٿوٻا کائڻ:** ڏکا کائڻ – ڏکا ڏوما کائڻ.

– **ٿاٻاٿوٽَ:** ذ. ڏکا ڏوما. ڏک ڏاکڙا.

– **ٿاٻا جهَلڻ:** ڏکا کائڻ. اجايو رلڻ تڪليف ۾ وقت گذارڻ.

– **ٿاٻا سَهڻ:** ٿولاڪا سهڻ. ڏک سهڻ. ڏکيا ڏينهن گذارڻ.

– **ٿاٻا کائڻ:** ڏکا کائڻ. اجايو رلڻ.

– **ٿاٻِرُ ۽ ٿاٻِرَ:** صفت. ٿاٻو کائيندڙ (وهٽ). اٽڙندڙ. ڏکا کائيندڙ – رولو.

– **ٿاٻِڙُ ۽ ٿاٻِڙَ:** ذ. صفت. ٿاٻا کائيندڙ.

– **ٿاٻو اَچڻ:** ڏکو اچڻ. پنڌ ۾ هلندي گهوڙي جو ٿاٻو کائڻ. ٻاهُڙڻُ. ڏکيو ٿيڻ – تڪليف سهڻ. ڪم نه ٿيڻ. ناڪامابي ٿيڻ.

– **ٿاٻو ٿوٻو ۽ ٿاٻا ٿوٻا:** ذ. ڏکو ڏومو. آڏيڙو.

– **ٿاٻو ٿيڻ:** وهٽ کي ٿاٻي جو عيب ٿيڻ.

– **ٿاٻو جهلڻ:** ڏک کان بچڻ. گهوڙي کي لغام کان جهلي ڪرڻ کان روڪڻ" مصيبت کان بچڻ.

– **ٿاٻو ڪيڻ:** گهوڙي کي ٿاٻي جي عادت کان روڪڻ. ڏک ڪيڻ – ويساهه گهاتي ڪرڻ. بدڪار ماڻهوءَ مان عيب ڪيڻ.

– **ٿاٻو کائڻ:** ڏکو کائڻ. ناڪام ٿيڻ.

– **ٿاٻي جي ٿوڪَرَ:** محاورو. بڇڙي عادت. علت اُبنه.

• **ٿاٽِي ۽ ٿاٽيُون:** ٿ. ڏسو "ٿاٽي".

• **ٿاٿَر:** ٿ. ڪانهر. بردباري (ت). تسلّي. گَڙ ٻڙ. سوچ (ڪ).

• **ٿاٿِرائڻُ:** مصدر. [سن. ستَّرْ] ترسائڻ – ٿَهرائڻ – دير ڪرائڻ. رنڊائڻ – سيڙائڻ. نٽائڻ. دلاسو ڏيڻ. ڏاڏرائڻ – ريجهائڻ – پرچائڻ. ماٺ ڪرائڻ. صبر ڪرائڻ. (ٿاٿرايو – ٿاٿرائيندو – ٿاٿرايل).

• **ٿاٿُومڻ (ت):** مصدر. گهٽو ڳولڻ. ڪوشش ڪرڻ.

• **ٿاڻِي:** ٿ. [سن. سْٿاپَن] آمانت.

– **ٿاڻِي رکڻ:** آمانت ڪري رکڻ. سانڍي رکڻ – هٿيڪو ڪري رکڻ.

• **ٿاپَ ۽ ٿاپُونْ:** ٿه ٿيڻ جي حالت. ٿپڪي. ٿپيل چيٽو. ٿپڙ – چماٽ (ٿ).

– **ٿاپَ ڪرڻ:** داڦ ڪرڻ. جهڳي هڻڻ – بڪ ڪرڻ.

– **ٿاپَ هڻڻ:** پت کي چيٽو ٿپڻ – داڦ هڻڻ.

• **ٿاپڻُ:** مصدر. [سن. سْٿاپن = قائم ڪرڻ] مقرر ڪرڻ. ويهارڻ (تخت تي). ٿڦڻ (مٽي، چيٽو). راڳو ڏيڻ – ليپو ڏيڻ. پت تي چيٽو هڻڻ. ٿاڦڻ. داڦڻ. (ٿاپيو – ٿاپيندو – ٿاپيل).

• **ٿاپو:** ذ. نار ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺي (ديگهه ۾ سوا وال ڪن ۽ ويڪر ۾ منو فوٽ. چڪر ۾ ٺٺي) – ٿاڦو.

• **ٿاپِڻي ۽ ٿاپِيُون:** ٿ. [سن. سْٿاپَن] ٿانون ٺپڻ لاءِ ڪنڀار جو هڪ اوزار – ٺَپڻِي. مِٽي وغيره ڪٽڻ لاءِ هڪ ٻَٽي. ٿڦ ٿڦ جو آواز.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ٽاجو ج ٽاجا:** ذ. جٿو – ٽولي – جماعت. ڪچهري – مجلس. رفاقت. رهاڻ "ٽاجا ٽر بر جهل، پيون پاڻر وٽ ۾" (رسالو). (صفت) ٺهريَل. پختو ڪٽل.

• **ٽاجڻي (ڪ):** ث. مجلس – ڪچهري.

• **ٽاچو ج ٽاچا (ل):** ذ. روج – پٽڪو.

• **ٽاپڙو ج ٽاپڙا:** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم (بنا چلرن، وات وڏو، ننڍڙيون مُڇون، بت سنهون، ڊيگهه اڌ فوٽ ڪن).

• **ٽاڏل ج ٽاڏليون:** ث. ٺڏڪار "ٽر وُلو ٽاڏل ٿي، وٺا مينهن ڪِڙا". ٺڏڪار وارو هنڌ. ٿڌي پاڻيٺ. هڪ قسم جو ٿڌو شربت (جو باداميون، خسخس ۽ ٻيون ڪي ٿڌيون شيون گهوٽي ٺاهجي؛ ۽ گرميءَ ۾ پيئجي). ٻنگ.

– **ٽاڏل ٿيڻ:** ٺڏڪار ٿيڻ – ٺار ٿيڻ. موسم ٿڌي ٿيڻ.

– **ٽاڏل پاڻي ڪرڻ:** ٽاڏل يا شربت وغيره پيئڻ. نشو پاڻي ڪرڻ. نيرن پاڻي ڪرڻ.

• **ٽارَ (ڪ):** ث. مات. سستي. ٿَڌ.

• **ٽارُ ج ٽارَ:** ذ. ٿالهه. پيتل اٽي ڳڌ ٽيڻ لاءِ جنڊ هيٺان رکيل ٺڪر جو وڏو رڇُ – تارُ – مات. اُهو هنڌ جتي آنا رکي ڪڪڙ کي آرو ڪرائجي.

– **ٽارُ ڪرڻ (ٿ):** هندن ۾ شاديءَ جي هڪ رسم موجب ٿالهه ۾ گهور وجهڻ.

– **ٽارُ گهمائڻ:** شاديءَ ۾ 'ٽارُ' جو ساٺ ڪرڻ (مينديءَ رات ٿالهه ۾ اٽي جا ست ڏيا رکي، گيهه سان ٻاري گهمائڻ).

• **ٽارو:** ذ. اُها ڪڏ جنهن ۾ ڳِڙ ٺاهڻ لاءِ ڪمند جو رَسُ ڪاڙهي ليٽائين. اها جاءِ جتي آري ڪرڻ لاءِ ڪڪڙ جا آنا پيل هجن. لوهه جو پڙچ (جنهن تي کوهه مان ڪڍيل ٻوڪيَ جو پاڻي هارجي). ويڙهو (نانگ جو).

– **ٽارو ڪرڻ:** نانگ وانگر ٿڌيءَ زمين تي سمهڻ. وڪڙ هڻي ويهڻ.

– **ٽارو هڻڻ:** دَت هڻي ويهڻ – ڄپ ماري ويهڻ.

• **ٽارُون:** ذ. جمعي جو ڏينهن.

• **ٽاري ج ٽاريُون:** ث. ٿالهي. ٻُوٽو – نِيهنڊ. گهر گهر ۾ ڏنل شاديءَ جي ماني. ونڊ – حصو (ڪ).

• **ٽاريچو ج ٽاريچا:** ذ. صفت. ٽر جو رهاڪو – ٽَري. (ث) ٽاريچي ج ٽاريچيون.

• **ٽاريلو ج ٽاريلا:** ذ. ٽر جو رهاڪو – ٽاريچي. پکي جو هڪ قسم (ث) ٽاريلي ج ٽاريليُون.

• **ٽاريلي ج ٽاريليُون:** ث. پکيءَ جو هڪ قسم – بلبل.

• **ٽاڪَ ج ٽاڪون:** ث. ويڪري شيءِ. وڏو چيٽو – داڦ. راڳو. بَڪ – جهڳي – يخي.

– **ٽاڪَ ٽڪ:** ث. اجائي بَڪ – واهيات گفتگو.

– **ٽاڪَ ڪرڻ:** بڪ ڪرڻ – يخي هڻڻ.

• **ٽاڦڻُ:** مصدر. [سن. سْٿاپن] ٿاپڻ – مقرر ڪرڻ. ٿڦڻ. اَٽي، مٽيءَ يا ٻيءَ نرم شيءَ کي ٿڦي ويڪرو ڪرڻ يا پکيڙڻ. لِنبڻ. داڦڻ. وڦلڻ. بڪڻ. جهڳي هڻڻ. (ٽاڦيو – ٽاڦيندو – ٽاڦيل).

• **ٽاڦو ج ٽاڦا:** ذ. هُرلي يا نار ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺي. چڪر يا ڦيٿي جو وچون ٿُلهو ڪاٺ – تاڦو. آويءَ جي منهن کي ڍڪڻ لاءِ ٺڪر جو گول ڍڪ – تاڦو – ڪَٺهو. سونارن جي اصطلاح ۾ چاندي پگهاري وجهڻ لاءِ ٺڪر جو ٺانءُ (ت).

• **ٽاڦوڙو ج ٽاڦوڙا:** ذ. ترڻ يا غوطي ڪائڻ وقت پاڻيءَ ۾ هٿ يا پير جو هڻيل ڏَڪُ. پاڻيءَ ۾ اُڇاترن هٿن هڻڻ جو آواز – ڇَپ ڇپ. وڏو چيٽو. اندازو. ڏُڪو. فضول ڪوشش – بيڪار محنت.

– **ٽاڦوڙا هڻڻ:** اڻ تاروءَ جو پاڻيءَ ۾ هٿ پير هڻڻ. هٿن هڻڻ سان ڇپ ڇپ ڪرڻ. ڏُڪا هڻڻ – بي دليل ڳالهه ڳولڻ. اٽڪل سٽڪل ڪرڻ. بيڪار ڪم ڪرڻ.

• **ٽاڦِي ج ٽاڦيُون:** ث. ڪنيارڪي ڪم جو هڪ اوزار – نَپٽي. رازڪي ڪم جو هڪ اوزار – مارو. ننڍو چيٽو.

• **ٽاڪُ ج ٽاڪَ:** ذ. [سن. سْٿا + ڪ] هنڌ – جاءِ ـ ماڳ ـ جُوءِ ـ پَڌُ. ٺاڻو. منزل – ڊاهو. فقيرن جي بيٺڪ ـ آستانو. ڪنهن ملڪ يا علائقي جي حد ڏيکارڻ لاءِ ٺهيل پڪو بُرج يا منارو – چونڪي.

– **ٽاڪائي ج ٽاڪائِي:** ذ. صفت. ٽاڪ وارو – رهاڪو.

– **ٽاڪ بَستي ڪرڻ:** حد بندي ڪرڻ. هر هڪ زميندار جي زمين جي حد مقرر ڪرڻ ۽ ان جي ڍل مقرر ڪرڻ.

– **ٽاڪَ تي اَچڻ:** ماڳ تي اچڻ.

• **ٽاڪڻُ (ڪ):** مصدر. ٽاڪ ڪرڻ. ڊاهو ڪرڻ. ترسڻ. ٿڻن ۾ کير نہ هوندي بہ کير پياڪ ٻچي جو ٿونا هڻڻ يا ٿونا هڻي ڌائڻ. (ٽاڪيو – ٽاڪيندو – ٽاڪيل).

• **ٽاڪوڙو، ٽاڪيڙو:** ذ. ٽَڪُ – ٽڪاوٽ. ماندڪائي.

• **ٽاڪِڻُ، ٽاڪِڙِڻُ (ت):** مصدر. ڏڌل ٻڪريءَ کي وري ڏهڻ.

ڪوشش ڪرڻ.

• **ٿالُ ج ٿال:** ذ. ٿالهه.

• **ٿالارڻُ:** مصدر. وڻ جي چڪي ڪيڻ – ٿَڏارڻ.

• **ٿالهُ ج ٿالهَ:** ذ. [سن. سٿال] پتل، ٽامي يا ٻئي ڪنهن ڌاتوءَ جو گول تراڪڙو ٿانءُ – ٿاڙ. مناٺيءَ جو ٿانءُ. ڪنهن خاص قسم جو ڪاڏو.

– **ٿالهَ ٻرجي اُچڻ:** (ڪنايةً) ڪجهه بہ نہ ملڻ. سڌ سماءُ نہ لهڻ.

– **ٿالهُ ڪرڻ (ٿ):** گهوٽيتن کان 'مهر' جي صورت ۾ رقم وصول ڪرڻ لاءِ جڃ ۾ ڪنجهي جي ٿالهي موڪلڻ.

– **ٿالهِي ج ٿالهِيُونْ:** ٿ. ڪنهن ڌاتوءَ مان ٺهيل ننڍو تراڪڙو ٿانءُ – ٻنڪاري – ٿاري – طشتري. پليٽ.

– **ٿالهي جوڙُ:** ذ. رڪيبن سان ڍڪيل گلاس، ٿانءُ يا پيالو (جنهن ۾ ڪنهن معزز ماڻهوءَ کي پاڻي پيارجي).

– **ٿالهي ڦرڻ:** هڪ هنڌ تمام گهڻا ماڻهو گڏ ٿيڻ.

– **ٿالهي ڦيرائڻ:** بازيگرن جو ڪانيءَ تي ٿالهي ڦيرائڻ جو کيل ڪرڻ.

– **ٿالهيءَ مان ڪيڻ:** برادريءَ مان ڪيڻ.

– **ٿالهي وڄائڻ:** نانگ ڪاڏل جي اڳيان ٿالهيءَ جي آواز سان گڏ منتر پڙهڻ. ٽئين چاول ٻار مان ڏيجڙي ڪيڻ لاءِ ٿالهي وڄائڻ.

– **ٿالهِيئُونْ لاهڻ:** راڄ برادريءَ مان ڪڍي ڇڏڻ – نيات کان ڪيڻ.

• **ٿامِڻُ (ڪ):** مصدر. ترسڻ – دم پٽڻ. صبر ڪرڻ. جهلڻ. ٿانيڪو ڪرڻ. (ٿاميو – ٿاميندو – ٿاميل).

• **ٿانَ ج ٿانَ:** ذ. [سن. سٿانَ: ف. آستان] جاءِ هنڌ – ماڳ – ٺڪاڻو – آستان. حويلي – رهڻ جي جاءِ _ گهَرُ. مڙهي – آستانو. چوپائي مال ٻڌڻ جي جاءِ. گهوڙن ٻڌڻ جي جاءِ _ وٿاڻ. ٿاڪيو (ڪپڙي جو).

– **ٿانائِي:** ٿ. پڪائي – مضبوطي. هڪ هنڌ ويهڪ – بينڪ. (صفت) رهاڪو – ٿانِي.

– **ٿانَ تي اُچڻ:** جاءِ تي اچڻ. پوري پير تي اچڻ – سڌرڻ.

– **ٿانَ جي شوخي:** محاورو. گهر ويٺي جي ڪاوڙ. ٺلهي آڪڙ. گهر جي اڳيان آڪڙ. ڏڏو ڏيڪر.

– **ٿانَ سڃاڻڻ:** پنهنجي اصل جاءِ سڃاڻڻ. وهٽ يا جانور جو پنهنجي مالڪ جو گهر، واڙو يا آهر واري جاءِ سڃاڻڻ. اوقات سڃاڻڻ. اصليت سڃاڻڻ.

– **ٿانَ ۾ اُچڻ:** تڪ لاهڻ لاءِ گهوڙي جو زمين تي ليٽڻ. سامت ۾ اچڻ. بود ۾ اچڻ.

– **ٿانِي ج ٿانِي:** ذ. صفت. ٿانيڪو. ڄائيتو – هنڌائتو. رهواسي – وسنل (ڪ).

– **ٿانِي ٿيڻ:** ڪنهن هنڌ اچي رهڻ – ٿانيڪو ٿيڻ. محفوظ ٿيڻ.

– **ٿانيڪو ج ٿانيڪا:** ذ. صفت. مقرر هنڌ تي – هنڌائتو – ماڳائتو. هٿيڪو – ٻلائتو – محفوظ. آرامي. (ٿ) ٿانيڪِي ج ٿانيڪيون.

• **ٿانْبو (ٿ):** ذ. [سن. سٿَنْب] گاڏيءَ جي ڦيٿي جي وچ ۾ ڪاٺ جو ٽڪر (جنهن ۾ سرائيءَ لاءِ سوراخ هجي) – ٽُمُ. اوپارو (نار يا هرلي جو).

• **ٿانْڪ (ٿ):** ٿ. ٿاڪ جاءِ _ آستان.

• **ٿانْگ (ٿ). ٿانْگُ (ذ):** [هہ] پوري جاءِ. هنڌ – جاءِ. چورن جي لڪڻ جي جاءِ _ ٽُمُ – پاٽاري. وڃايل شيءِ جو پُورو پتو – چوريءَ جو مال.

• **ٿانْگرُ ج ٿانْگرَ:** ذ. ('ڏهسنامي' جو لفظ =) هَرڻ. "ٿانگر ڍِڏن پارڏي، لاس ٽشيڦن ڏار" (جلال ڪٽي).

• **ٿانْوُ (ٿ):** ذ. اُها ڪاٺي جنهن سان مِٽيءَ کي جهوڪي ڏرو مضبوط ڪبو آهي. (صفت) دٻائيندڙ – پچائيندڙ.

– **ٿانْوُ هڻڻ:** جهوڪڻ. گهوچڻ. پِيچائڻ – سوڙهو ڪرڻ.

• **ٿانْوَرُ:** ذ. 'جمعي' جو ڏينهن.

• **ٿانْهَر، ٿانْهر:** ٿ. [سن. سٿَر = قائم] ماڳ – مڪان – جاءِ. جُوءِ _ بينڪ. مال جي ويهڪ جي جاءِ (جتي چانْوَ وغيره هجي). آرام – فرحت. سامت. ساهي. اطمينان. صبر – ڌيرج – تحمل "جنين ٿانْهر تنين واهر" (چوٽي).

– **ٿانْهريو:** ذ. صفت. آراميو. مطمئن. صبر وارو. سانتيڪو. سست.

• **ٿانْهرِيو:** اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٿانْءُ ج ٿانْوَ:** ذ. [سن. سٿان] برتن – باسڻ – رڃ. ڀانڊو – ڍُومڻُ (ڪ).

– **ٿانْوَ ٿِپا:** ذ. گهر جو سامان. ٽڪر ٺوٻر.

– **ٿانْوَ ٿِپا پِڄڻ:** ٽڪر ٺوٻر پڄڻ. گهر جو زيان ڪرڻ.

– **ٿانْءُ ڌارڻ:** بردبار ٿيڻ – ڌيرج ڌارڻ.

– **ٿانْءُ رلي اُچڻ:** صبر سکي اچڻ. ڪنهن درويش وٽان فقيريءَ جو درجو حاصل ڪري اچڻ.

• **ٿانْءُ:** ذ. [سن. سٿانَ] ٿانْ. (ظرف) ٿانْ تي – ماڳائتو.

– **ٿانْءُ ٿِوَ ٿيڻ:** ٿانيڪو ٿيڻ. محفوظ جڳهہ ۾ وڃي رهڻ.

ننڍي جانور جو ٿُوهو.

- **ٿِت**: ث. هميشگي وارو ڪم. عادت. هير. روزانو مقرر ڪم. پابندي. ڪنهن ڪم لاءِ مقرر جاءِ يا وقت. ٿيت. قيام – بيهڪ.
- **ٿِت ٻَڌڻ**: انجام ٻڌڻ – هنڌ مقرر ڪرڻ. ٿيت ٻَڌڻ. ثابت قدمي اختيار ڪرڻ.
- **ٿِت ڪرڻ**: عادت ڪرڻ – ڪو ڪم وري وري ڪرڻ.
- **ٿُتڪارَ**: ث. ٿُوڪار – ٿُوڪارڻ جو آواز – ٿُوٿُو – ڄُٽ – ملامت. ٻارن جي هڪ بيماري. (صفت) ٿُو ٿُو ڪرڻ جهڙي – نالي نہ وٺڻ جهڙي.
- **ٿُتڪار ڪرڻ**: ڄٽ ڦٽ ڪرڻ.
- **ٿُتڪارَڻُ**: مصدر. ٿُوٿُو. ڪرڻ – ٿُوڪارڻ. نفرت ظاهر ڪرڻ. ڌڪارڻ. (ٿتڪاريو – ٿتڪاريندو – ٿتڪاريل).
- **ٿَٽُ ج ٿَٽَ (ڪ)**: ذ. ماڳ – مڪان. مٿاڇرو.
- **ٿَٿانْ ٻِٿانْ. ٿَٿانْ لُٿانْ**: صفت. وائڙو – حيران. پريشان. بتال.

– **ٿَٿانْ ٻِٿانْ ٿيڻ. ٿٿان لُٿانْ ٿيڻ**: وائڙو ٿيڻ – حيران ٿيڻ. بتال ٿيڻ. منجهي پوڻ.

- **ٿَڙائِڻُ. ٿِڙائِڻُ**: مصدر. "ٿڙڻ" مان متعدي بالواسطه. ڏير ڪرائڻ – رنڊائڻ – سيڙائڻ – ترسائڻ. ٽارڻ – نٽائڻ.
- **ٿَڙَڻُ**: مصدر. [سن. سْٿَرْ = قائم ٿيڻ] ترسڻ – بيهڻ. رنڊجڻ. ٽِڪڻ. گِپڻ. (ٿڙيو – ٿڙندو – ٿڙيل).
- **ٿَڙِڻ. ٿِڙَڻُ**: مصدر. ترڪڻ (پير). ڪسڪڻ – ترڪڻ – ٿڙڻ. ڏِڄڻ. (ٿِڙيو – ٿِڙندو – ٿِڙيل).
- **ٿُڻُ مُڻُ (ت)**: ذ. صفت. چُپ – خاموش. متارو. بيدبولو ـ ٿلهو.
- **ٿَڻو ج ٿَڻا (ل. ڪ)**: ذ. صفت. ٻاتو – هَڪڙو.
- **ٿَڪِيَڻُ**: ذ [س] نانگ "ٽانگر ڍڍن پارڌي، لاس ٿتيڦن ڏار" (جلال ڪتي).
- **ٿَڪُ ج ٿَڪَ (ٿه ل)**: ذ. ڪَنْڌِي – پاسو. نَٽ. ٽاڃيءَ جو اندريون پاسو. جبل جو لاهہ.
- **ٿَڪِي (ل)**: ث. ڪٽي جي ڪناري. ڪَٽِي "جنهن کي ٿَڪِي ۾ پَٽِي، سا بہ گهر جي چَٽِي".
- **ٿَپاڙُ ج ٿَپاڙون (ت)**: ث. لَپاٽ – چماٽ.

– **ٿَپاڙَ هڻڻ**: چماٽ هڻڻ. نقصان پهچائڻ.

- **ٿَپِ ٿَپِ**: ث. ٿڦڻ جو آواز. ٿَڦ ٿَڦ. هٿن سان ڌڪن هڻڻ جو آواز. طبلي جو آواز.

– **ٿَپ ٿَپ ڪرڻ**: ٻاٽيءَ يا گپ ۾ هٿ هڻڻ. چيٽا وغيره ٿڦڻ. هٿن سان ڪپڙو سٽڻ. ٻارن کي هلڪو هٿ هڻي سمهارڻ.

- **ٿَپِڙَ ج ٿَپِڙون (ت)**: ث. ٿڦڙ – چماٽ – لَپاٽ.
- **ٿَپِڙُ ج ٿَپِڙَ**: ذ. هٿ سان ڳِل تي هنيل ڌڪ – ٿڦڙ.
- **ٿَپِڙڪو (ٽ)**: ذ. اوچتو آواز. ڊپ جهڙي حالت.
- **ٿَپِڙِي ج ٿَپِڙِيُون**: ث. چماٽ – لَپاٽ.
- **ٿَپِڪَڻُ**: مصدر. آهستي آهستي ڌڪ هڻڻ. ٻارن کي سمهارڻ لاءِ آهستي پٺيءَ تي هٿ هڻڻ. (ٿپڪيو – ٿپڪيندو – ٿپڪيل).
- **ٿَپِڪِي ج ٿَپِڪِيُونْ**: ث. پيار مان پُٺيءَ يا مٿي تي آهستي هٿ هڻڻ جي حالت.

– **ٿَپِڪي هڻڻ**: ننڍڙي ٻار کي ٿپي سمهارڻ.

- **ٿَپِڻُ. ٿِپَڻُ**: مصدر. چيٽا، اٽو مِٽي وغيره هٿ سان تڪڙا ڌڪ هڻي گولائيءَ ۾ وڌائڻ – ٿڦڻ. ٿپڪي هڻڻ. هڻڻ (الزام). مڙهڻ (جوابداري). (ٿپيو – ٿپيندو – ٿپيل).
- **ٿَپيوَ (ت)**: ث. تڪليف. صدمو. سزا. سختي.
- **ٿَڄَڻُ (ٽ)**: مصدر. ڄمڻ – گهاٽو ٿيڻ (گيهہ وغيره).
- **ٿَڃَ. ٿَڃُ**: ث. [سن. سْتَنْرْ = ٿڻ] عورت جو کير.

– **ٿَڃ آڳِرڻُ**: ننڍڙي ٻار جو واتان کير ڪڍڻ.

– **ٿَڃ بَخشائِڻِي**: ث. ڌيءَ يا ڇوڪريءَ جي سڱ تان ورتل پئسا. (مائٽ مرڻ وقت يا جيئري ئي) اولاد جي سندن حقن کان ورتل معافي.

– **ٿَڃ بَخشائڻ**: ماءُ کان سندس حقن جي بجاآوريءَ جي معافي وٺڻ (عموماً ڪنهن مائٽهوءَ جي مرڻ وقت، ان جي ماءُ کي چوندا آهن تہ اولاد کي ٿڃ بخش ڪر، يعني اولاد تي سندس جيڪي حق آهن ۽ پورا نہ ٿي سگهيا آهن، تن جي ڪيس معافي ڏي).

– **ٿَڃ ڀائِي ج ٿَڃَ ڀائِي**: ذ. صفت. اهو ٻار جنهن ٻئي ٻار سان گڏ اُن جي ماءُ جي ٿڃ ڌاتي هجي). گڏ ٿڃ ڌاتل. ڀاءُ.

– **ٿَڃ ڀرجي اچڻ**: اولاد جي محبت ڪري ماءُ جي ڇاتيءَ ۾ کير لهڻ.

– **ٿَڃ پوڻ**: ٻيٽ واريءَ عورت جي ٻُبن ۾ چوٿين مهيني کان پوءِ کير ڀرجي اچڻ.

– **ٿَڃ ڇڏائڻ**: عورت جو پنهنجي ٻار کي کير پيارڻ (ٿڃ ڌارائڻ) بند ڪرڻ.

– **ٿَڃ شَريڪ**: ذ. صفت. ٿڃ ڀائي. گڏ ٿَڃ ڌاتل. ڀاءُ.

– **ٿَڃ لَهَڻُ**: ٻار کي کير پيارڻ وقتَ ماءُ جي ٻُبن ۾ کير ڀرجي اچڻ.

– **ٽِڪڙيو:** ذ. صفت. ٽِڪڙين وارو – اٽِڪِيارو.

• **ٽِڳُ:** ذ. صفت. اَڻ وٽندڙ – اَڪرو "تو اچي ڪم ايريو ڏس ڪيئن ٽِڳُ" (ڳل).

• **ٿَلُ ج ٿَلَ:** ذ. [سن. سٿَلَ] سخت ۽ سڪل زمين – خشڪي. زمين. پٽ. مٿانهين زمين. سٿو – ٿهو. ريگستاني – ٿَرُ. پيڙھ – بنياد. شروعات – منڍ. ڪافيءَ جو منڍ – مَطلع. گهوڙي جو هڪ سنج – ٿڙو.

– **ٿَل ٻڌڻ:** بنياد ٻڌڻ – پيڙھ ٻڌڻ. لالچائڻ – ريبڻ. چَٽ ٻڌڻ.

– **ٿَل چڙهڻ:** ڏک لڳڻ – انبار لڳڻ.

– **ٿَل سان ويهڻ:** پلٽي ماري ويهڻ. آرام سان ويهڻ. بي اَلڪي ويهڻ.

• **ٿَل ٻيڙو:** ذ. لنگر تي بيٺل ٻيڙي. پتڻ. رهڻ جي جاءِ _ گهر گهاٽ. ڏس پتو. وسيلو.

– **ٿَل ٻيڙو لڳڻ:** ڪاميابيءَ جي ڪناري تي پهچڻ. ٺانيڪو ٿيڻ. مَن جي مراد پڄڻ.

– **ٿَل ٻيڙو ملڻ:** پير ڪُرُهڻ اچڻ – پتو پوڻ.

• **ٿُلُ (ت):** ذ. صفت. گهڻو ٿُلهو – ٿُلهڙُ.

• **ٿَلڪُ (ٿ):** ذ. رت جو جميل ڏ ڪُ.

• **ٿَلڪڻُ (ت):** مصدر. لُڏڻ. ڇُلڪڻ. ڏڪڻ – ڪنبڻ. (ٿلڪيو – ٿلڪندو – ٿلڪيل).

• **ٿَلهُ ج ٿَلهَ:** ذ. منڍ – شروعات. ڪافيءَ جي پهرين مصرع (جيڪا هر مصرع پويان ورائي طور ڳائڻ ۾ اچي) – ٿَلُ.

• **ٿَلهُ ٻڌڻ:** مُنڍ ٻڌڻ – ڳالهه جي شروعات ڪرڻ. بنياد ٻڌڻ. راڳ ڳائڻ شروع ڪرڻ.

• **ٿَلها:** [اسم خاص] هڪ ذات جو نالو.

• **ٿُلهڙُ ج ٿُلهڙَ:** ذ. صفت. [سن. سٿُول] گهڻو ٿلهو – ٻُت ۾ تمام گهڻو پريل – اجايو ٿُلهو.

• **ٿُلهرو ج ٿُلهرا:** ذ. [سن. سٿول] ٿُلهو ماڻهو – ٿورو ٻت ۾ پريل. بدن جو هڪ عضوو – گوڏي کان مٿي ٽنگ جو حصو – رانَ.

• **ٿَلهو ج ٿَلها:** ذ. [سن. سٿَل] مٽيءَ جو ڍِڳ. دڙو. ويهڻ لاءِ مٽيءَ جو پٽريل ڍِڳ – هٽراڏو مٿانهون پڌر – گهر جو مٿانهون اڱڻ. آڳنڌ. آگرُ – آڳڙ. پڌرُ – اوٽو (ل). (اسم خاص) ڪڪڙ ۽ ڪشمور ۾ ٽپي ۽ ديهه جو نالو.

• **ٿُلهو ج ٿُلها:** ذ. صفت. [سن. سٿول. ع. ثله] ٻت ۾ پريل. موٽو. سوڪو. ڏندو مُٽو – ڏنبو – متارو. بي ڏولو. (ٿ. ٿُلهي ج ٿُلهيون).

– **ٿُلهو ٻهڙُ:** سادو ڪپڙو پائڻ.

– **ٿُلهو ڪڻڻ:** اڏنگا ڪم ڪرڻ. آخرت لاءِ توشو نہ ٺاهڻ.

– **ٿُلهو ڪائڻ:** سادو کائڻ. سادو گذران ڪرڻ.

– **ٿُلهو ڳالهائڻ:** ڏاڍيان ڳالهائڻ. سچ ڳالهائڻ. اهڙو ڳالهائڻ جنهن ۾ خوشامد ۽ رياءُ نہ هجي.

– **ٿُلهو هنڊائڻ:** سادو ڪپڙو پائڻ. سادگيءَ سان هلڻ.

– **ٿُلهو ٽنيرو:** صفت. ٿلهو ج ٿلها ٽنيرا. ڏٿو مٽو. متارو. چگو پلو – پڙ. سکيو – آسودو. (ٿ. ٿُلهي ٽنيري ج ٿُلهيون ٽنيريو).

– **ٿُلهو متارو ج ٿُلها متارا:** ذ. صفت. تندرست – (ٿ. ٿُلهي متاري ج ٿُلهيون متاريون).

– **ٿُلهيرو ج ٿُلهيرا:** ذ. صفت. ٿورو ٿُلهو.

– **ٿلهي ليکي:** ظرف. اٽڪل رُوءِ _ تخميناً – عَلَي الحساب – دوم شوم.

• **ٿَرُ ج ٿَرَ:** ذ. [سن. سٿَنِين = پَرڻُ] گهاٽا وڻ. وڻن جو جهڳٽو. ڳجهي جاءِ. لِڪڻ جي جاءِ. تمام اٿانگو ۽ لڪل هنڌ. چورن جو ٺاڪ. ڊيرو. مِرن جي لڪڻ جي جاءِ. گهوڙي جي ٻڌڻ جي جاءِ. اجهو – پناهہ. روڪ – رنڊڪ. گهوڙي کي ڏنب ڏيڻ مهل چون "ٿَر".

– **ٿَرُ جو مرون:** ذ. خوفناڪ سُوئر. بيحيا ۽ خطرناڪ ماڻهو.

– **ٿَرُ ٿيڻ:** ڪنهن لڪل هنڌ پناهہ وٺڻ. سر لڪائڻ. محفوظ ٿيڻ (چوري جو مال).

– **ٿَرُ ڇڏائڻ:** شڪار جي اصطلاح ۾ سُوئر کي جهنگ مان ٻاهر ڪڍڻ.

– **ٿَرُ ڪرڻ:** چوريءَ جو مال لڪائڻ.

• **ٿَمائڻ:** مصدر. [سن. سٿَنِين = پَرڻُ] زور ڏيئي پِرڻ. ڏٽي پِرڻ. چوريءَ جو مال لڪائڻ. هنڌائتو ڪرڻ. هٽيڪو ڪرڻ. قابو ڪرڻ. ڦبائڻ – هضم ڪرڻ. بيهارڻ. روڪڻ – رنڊڻ. ترسائڻ. مروڻ کي هڪ هنڌ تاڙڻ.

• **ٿَمبُ، ٿَمبُ، ٿَرمبُ:** اسم خاص. مڪران ۾ هڪ شهر.

• **ٿَمجڻُ:** مصدر. "ٿمڻ" مان فعل مجهول. [سن. سٿَنِيَن] لڪڻ – قابو ٿيڻ.

• **ٿَمرُ ج ٿَمرَ:** ذ. صفت. لڪل. ٿَر ڪندڙ. لڪائيندڙ.

• **ٿَمڻُ:** مصدر. [سن. سٿَنِيَن = پَرڻُ] جهلي بيهڻ. زور ڏيئي پِرڻ – دٻي پرڻ. پُورڻ. ڍَڪڻ. لڪائڻ. (چوريءَ جو مال) قابو ڪرڻ. ڦبائڻ – هضم ڪرڻ. روڪڻ – رنڊڻ. بيهارڻ. شڪار جي جانور کي تاڙي هٽيڪو ڪري ويهارڻ. چپ ٿيڻ –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ٺئي ڪرڻ (ت):** ٿوري وقت لاءِ راند بند ڪرڻ – ٿوڪا ڪرڻ.

• **ٺَئي ٺَئي:** ث. ناچ جو تارُ – ڏسو "ٺيانْ ٺيان".

• **ٺئيٽَر ج ٺئيٽَر:** ذ. [انگ. Theatre] ناٽڪ جي جاءِ. ناٽڪ گھر.

• **ٺَئيمُورَ (ڪ):** ذ. هڪ ذات جو نالو.

• **ٺَيانْ ٺَيانْ:** ذ. ناچ جو تارُ ناچ جي ٻول جا الفاظ. ناچ. "ٺَيا ٺَيا ڪر يارَ تساڏي عشق نچايا هي" (بُلا شاهه).

• **ٺيبا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي حيدرآباد، ٽپي مولان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٺيبانه:** ث. اسم خاص. ضلعي دادو تعلقي ڪوٽڙي، ٽپي لڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٺيبڪي:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار، ٽپي ڏاسوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٺيپَري:** اسم خاص. ضلعي ٿرپارڪر، تعلقي عمرڪوٽ، ٽپي چوڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٺيتِ ج ٺيتِيُون:** ث. [سن. تِٿ] روزاني خريداري وهنوار يا ڏي وٺ جي مقرري. مقرر گراهڪي – ٻانڌاڻ. تِٿ. آهت. مقرر ڪيل وقت. هڪڙن واپارين جو مال ٻين ڪي اُڌوري تي ڏيڻ جو هنڌ. روُئداري – واقفيت – ڏيٺ.

• **ٺيت رکڻ:** ڪنهن واپاريءَ ڪان مال وٺڻ جو سلسلو جاري رکڻ. روزاني خريد فروخت جي ڏائي ٻڌائڻ.

• **ٺيتِي ج ٺيتِي:** صفت. ڏيتي ليتيءَ جو ٻانڌاڻ ٻڌل ماڻهو. انجامي. روزانو گراهڪ. ٻڌل خريدار. دلال – واقفڪار.

• **ٺيپَ:** ث. منائيءَ جو هڪ قسم. مارَ – ٺَپڪو.

• **ٺيڏو ج ٺيڏا (ڪ):** ذ. ٺُونو – ٺَڪَرُ – ڏيهه.

• **ٺيرُ ج ٺيرَ:** ذ. نَرُ ٻَڪَرُ. سانُ. (صفت) اڙدو. پهلوان (ل). مستُ. چريو.

– **ٺيرُ وجهَڻُ:** فساد ڪرائڻ. جهيڙو مچائڻ.

• **ٺيراٺو ج ٺيراٺا (ڪ):** ذ. ڇيلو (عمر هڪ سال ڪن جو).

• **ٺيري ج ٺيرِيُون:** ث. مٺي جي مڇيءَ جو هڪ قسم – ٺيلهِي مڇي.

• **ٺيڙُ ج ٺيڙَ:** ذ. ٺَپُ. ٺاپو – آڏيڙو. ڏِڪو. لوڏو. ڪُوڙو آسرو – ٺارڻ – دلاسو ڏيڻ. ڪجيءَ جي ٻاڙ ڪان ڪَجهه مٺيرو نڪتل ٻچو (ت).

– **ٺيڙُ ڏيڻ:** غلط ڏس ڏيڻ. ڪوڙو دلاسو ڏيڻ. گسُو هٽڻ.

– **ٺيڙُ کائڻ:** اُٿل کائڻ. پنهنجيءَ ڳالهه ڪان ڦرڻ. انجام شڪني ڪرڻ.

– **ٺيڙَ کائڻ:** ٺابا کائڻ – رُلڻ – دربدر ٿيڻ.

• **ٺيڙائڻ:** مصدر. ٻاهڙائڻ – آٽڙائڻ. ٽڙڪائڻ. ٻاڙ ڪان لوڏڻ – اُکوڙڻ. ٻلائڻ – ٻلائڻ – گمراهه ڪرڻ.

• **ٺيڙو ج ٺيڙا:** ذ. صفت. ٺيڙڻ وارو. مخالف.

• **ٺيڙڻ:** مصدر. رِيڙهڻ – چورڻ – سيرڻ. هٽائڻ – اُکيڙڻ. ڦٽائڻ. لوڏڻ. ٺُڏڻ. ڏِکَڻُ. انجام ڪيل ڳالهه ڪان ڦيرائڻ. گمراهه ڪرڻ. (ٺيڙيو – ٺيڙيندو – ٺيڙيل).

• **ٺيڪَ ج ٺيڪون:** ث. [سن. سْتَڪ = هٽائڻ] ترار جي مياڻ – ڪپ.

• **ٺيڪائڻ:** مصدر. "ٺيڪڻ" مان متعدي بالواسطه. مياڻ ۾ ترار وجهائڻ. جهيڙو ٽارڻ. مخالف کي وڙهڻ کان بس ڪرائڻ.

• **ٺيڪِڻُ:** مصدر. [سن. ستڪ = هٽائڻ] ترار ڪِپ ۾ وجهڻ. مياڻ ۾ وجهڻ. سندرو ڇوڙي ويهڻ. معاهدو پڄڻ. ڪم بند ڪرڻ.

• **ٺيگَ (ت):** ث. هڪ قسم جي ٻاڄيءَ جو ٻجُ.

• **ٺِيَل ج ٺِيَل:** ذ. صفت. ٻڻِيَلُ – ٺهيل. بيٺل.

• **ٺِيَلُ ٺاپَلُ:** ذ. صفت. پُورو ڪيل. سرانجام ڪيل. ٺهيل ٺڪيل.

• **ٺيلُ ج ٺيل:** ذ. ٺيلهو – ٺيلهو – ڏِڪو.

• **ٺيلڻُ (ل):** مصدر. ڏسو "ٺيلهڻ".

• **ٺيلو ج ٺيلا:** ذ. ڪپڙي – يا چمڙي جي ڳوٿري – ٺيلهو. ڏِڪو. (ث. ٺيلي ج ٺيليون).

• **ٺيلِي ج ٺيلِيُون:** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم – ٺيلهِي ٺيري.

• **ٺيلهَ ج ٺيلهُون:** ث. ٺيلهڻ جي حالت يا عمل – ڏِڪ. ريڙهه.

– **ٺيلها ٺيلهِي:** ث. ٺِڪَ ڏوڙ – گهَ پِيهه.

– **ٺيلها ٺيلهي ڪرڻ:** ڏِڪي بازي ڪرڻ.

• **ٺيلهڻ:** مصدر. ٺيلهڻ. ڏِڪڻ. ريڙهڻ – هيرڻ – چورڻ. لوڏڻ. ڏِڪارڻ. هٽائڻ.

• **ٺيلهو ج ٺيلها:** ذ. ڏِڪو – ٺاپو – لوڏو.

– **ٺيلهو ڏيڻ:** ڏِڪو ڏيڻ. پري هٽائڻ لاءِ زور سان ڏِڪ ڏيڻ.

• **ٺيلهو ج ٺيلَها:** ذ. چمڙي يا ڪپڙي جو ڳوٿرو. ٻجڪو – ٻستو – ماري ماري سجائي چڙهڻ.

– **ٺيلهو ڪري چڙهڻ:** هڏيون ڀاسريون ڀڃي چڙهڻ.

● **ٽيلهي ج ٽيلهيون:** ث. [سن. ٽتل] ڪبڙي يا چمر جي ڳوٺري – ٻجڪلي. مِٺي جي مٽي جو هڪ قسم – ٽيري.

– **ٽيلهي بردارُ:** [ٽيلهي + ف. بردار =ڪندڙ] صفت. رُپين جي ٽيلهي ڪڻي گڏ هلڻ وارو. خزانچي.

– **ٽيلهيءَ جو منهن ڪولڻُ:** تمام گهڻو خرچ ڪرڻ. ڏاڍي سخا ڏيکارڻ.

– **ٽيلهيون چاڙهڻ:** انگور يا ڪارڪن وغيره جي ڇڳن تي پکين جي بچاءَ ڪان ٽيلهيون ٻڌڻ.

● **ٽيڻُ:** مصدر. وجهڻ وڌڻ – وجود ۾ اچڻ. هٽڻ – هجڻ (ڪم). نهڻ – راس ٽيڻ – مڪمل ٽيڻ. جُڙڻ – زير تڪميل هئڻ. (ٽيو – ٽيندو – ٽيل).

● **ٽيوو ج ٽيوا:** ذ. مُندي‌ءَ جي ٽڪ – ٻڙو – نگينو.

● **ٽيوري ج ٽيوريون:** ث. [انگ. Theory] اُصول. مَتو.

– **ٽِہ رقمي**: ث. ٽن رقمن وارو حساب (جنهن ۾ ٻن مليل رقمن جي مدد سان ٽين رقم جواب طور ڪيجي).
– **ٽِہ سالو ج ٽِہ سالا**: ذ. صفت. ٽن سالن جي عمر وارو.
– **ٽِہ سانگ ج ٽِہ سانگو**: ث. ٽي شاخون. وڻ ۾ ٽن شاخن جي ڦٽڻ جو هنڌ.
– **ٽِہ سانگُ ج ٽِہ سانگو**: ذ. ٽن شاخن يا ٽن آنگهن وارو هٿيار – ٽِسانگو. ٽن انگن واري ٽوٽي.
– **ٽِہ سَرِ**: ث. تاس راند ۾ مختلف رنگن مان هڪجهڙن ٽن پتن جو جوڙ – ٽِپيري. ٽن سَرُن واري ڌهري.
– **ٽِہ سو (ٿ)**: ذ. ٽن سون ڌاڳن واري تاجي مان نهيل ڪپڙو. ٽيهن ڌاڳن مان تيار ڪيل ڪپڙو. ڪپڙي جي ٽن ڏرن کي ملائي ناهيل چادَر. (صفت) چڏو – ٽُسو.
– **ٽِہ سُول ج ٽِہ سُول**: ذ. ٽن ڏندن وارو هٿيار – ترشول. ٽن واٽن جي ملڻ وارو هنڌ – ٽِواٽو.
– **ٽِہ سيِ، ٽِہ سيو**: ذ. (ت). ث. ٽن سَون تندن جي تاجيءَ وارو ڪپڙو.
– **ٽِہ ڦَلو**: ذ. [هہ ترقلا: ع. اطريفل] ٽن ڦُلن يعني هريڙن، ۽ ٻهيڙن جو مرڪب. (جو دوا طور ڪم اچي).
– **ٽِہ ڦٽي، ٽِڦٽِي ج ٽِہ ڦٽيُون**: ث. ٽن ڪُندن واري لوهہ جي ڪُرپي (جنهن سان ٽئي تان ماني وغيره اُٿلائجي) – چيتِ (ت). وراٿي.
– **ٽِہ ڦٽيءَ جهڙو مُنهن ڪرڻ**: مايوس منهن ڪرڻ. ملول ٿيڻ.
– **ٽِہ ڦيٽي ج ٽِڦيٽيُون**: ث. ٽن ڦيٽن واري گاڏي، سائيڪل وغيرهہ
– **ٽِہ ڪالي ج ٽِہ ڪالي**: ث. تور جي وڏي ڪانٽي ٽنگڻ جي لاءِ ٽن ڪائين جي مخروط اڏاوت.
– **ٽِہ ڪارُ**: ذ. صفت. ٽن ڪارَن داغن وارو. (جانور: ڍڳو، گهوڙو) نياڳو – چَندو.
– **ٽِ ڪُٽِي ج ٽِہ ڪُٽيون**: ث. ٽن قسمن جو طعام. نڪ جي مٿان ڀِرُن جي وچ وارو هنڌ.
– **ٽِہ ڪُپڙي**: ث. ٽن ڪپڙن پائڻ جي عمر کي پهتل ڇوڪري. بالغ ٿيڻ جي ويجهو ڇوڪري.
– **ٽِہ ڪَنٽي (ٿ)**: ث. گاهہ جو هڪ قسم – ٽڪَنڊي.
– **ٽِڪُنڊو ج ٽِڪُنڊا**: ذ. جاميٽريءَ ۾ ٽن ڪُنڊن ۽ ٽن پاسن واري بند شڪل – مثلث الاضلاع. (مختلف ٽڪنڊا: اٽپور پاسو ٽڪنڊو، ٻہ پور پاسو ٽڪنڊو – ٽہ پور پاسو ٽڪنڊو)
– **ٽِہ ڪُنڊيارو ج ٽِہ ڪنڊيارا**: ذ. صفت. ٽن ڪُنڊن وارو.
– **ٽِہ ڪنڊي**: ث. گاهہ جو هڪ قسم (جنهن جو ٻج ٽن ڪنڊن وارو ٽئي ۽ ول وانگر پٽ تي پکڙجي) – ٽِہ ڪَنٽي (ٿ).
– **ٽِڪَٽو ج ٽِڪٽا**: ذ. صفت. ٽن ڪٽن وارو.
– **ٽِڪورو ج ٽِڪورا (ت)**: ذ. (ٽن ڪورن يا پاسن وارو) لوهار کي ڪم جو هڪ اوزار، جنهن سان لوهہ يا ڪاٺ جي مٿاڇري کي رهڙڻ يا گسائڻ جو ڪم وٺجي. ٽن پاسن يا ڪندن واري روات. (ث) ٽِڪوري ج ٽِڪوريون.
– **ٽِڪَڙِي (ڪ)**: ث. ٽن پٿرن سان کيڏڻ واري هڪ راند – ٽِہ ٽٽي.
– **ٽِڪُڻُ (ڪ)**: ذ. ٽن ڪٽن واري – ڀرت جو هڪ نمونو.
– **ٽِڪَلو**: ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن تي ٽن گلن وارو ڇاپو ٿئي)
– **ٽِڳو ج ٽِڳا**: ذ. ٽن سالن جي عمر وارو ڍڳو.
– **ٽِڳهَڙو ج ٽِڳهڙا**: ذ. سال جي شروع وارا ٽي ڏينهن. (جيڪي ڪورين جي ڪپڙي سبڻ يا اُٽڻ لاءِ منحوس ڏينهن ليکيا ويندا آهن).
– **ٽِلِ، ٽِلهَ ج ٽِلون، ٽِلهُون**: ث. ٽن ٽٽن واري مينهن يا ڍڳي.
– **ٽِلڙهہ**: ث. ٽن لغڙن جو پيچ.
– **ٽِلَڙهو ج ٽِلڙها**: ذ. صفت. ٽن لَڙهن وارو هار. ٽِہ سَرو.
– **ٽِمارَ ج ٽِمارون**: ث. هڪبئي جي مٿان ٽن طبقن واري جاءِ ـ ٽن منزلن واري جاءِ.
– **ٽِماسو ج ٽِماسا**: ذ. ٽن مهينن جي مند.
– **ٽِماهو ج ٽِماها**: ذ. صفت. ٽن مهينن وارو. (ذ) ڪنهن جي مرڻ بعد ٽن مهينن واري خيرات. ٽِپَڪو.
– **ٽِماهي ج ٽِماهيون**: ث. ٽن مهينن جو عرصو – سِماهي.
– **ٽِمُکو ج ٽِمُکا (ٿ)**: ذ. ٽِمُنهون يا ٽن مُنهن وارو ڏيئو. ٽِواٽو – ٽِسُول.
– **ٽِمُنهين**: ث. گلا – غيبت.
– **ٽِمُنهون ج ٽِمُنهان**: ذ. صفت. ٽن مُنهن وارو هر – ٽِمُکو. واهہ مان ٽن شاخن ڦٽڻ واري جاءِ.
– **ٽِمُني ج ٽِمُنيون**: ث. ڪاڄڻ کي جهلڻ واري ٽلهي ڪاٺي.
– **ٽِمٽو ج ٽِمٽا**: صفت. ٽن مٽن جي تور وارو.
– **ٽِمُورتي**: ث. هندن جي ٽن ديوتائن (برهمو، شو ۽ وشنو) جي گڏيل مورت – ٽِمونهين.
– **ٽِمونهين**: ث. ڏسو "ٽِمورتي".
– **ٽِواٽو ج ٽِواٽا**: ذ. ٽن رستن يا واٽن جي ڦٽڻ يا گڏجڻ وارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيءِ (گرم پٿر) سان ڏمَ – سيڪ – ٽاٽارَ.

• **ٽاڪوڙو ج ٽاڪوڙا:** ذ. ٽاھ – چرڪ – خوف – هراسان – پاڇ. حراس ۾ ڀڄڻ – ڀڄ ڀڄاڻ هُل – مارڪٽ – ٻاڪرڪٽو.

– **ٽاڪوڙو پوڻ:** ڀاڄڙ پوڻ. ڀڄڻ جو آواز ٿيڻ. مانڌاڻ مچڻ.

– **ٽاڪوڙو وجھڻ:** هراس پيدا ڪرڻ. ڪُتڪر وجھڻ. ڀڄائڻ. مارڪٽ ڪرڻ.

• **ٽاڪُئون ج ٽاڪُئان:** ذ. صفت. ڏسو "ٽاڪائون".

• **ٽاڪُونْ ج ٽاڪُونْ:** ذ. صفت. جلد ڀڄي پوندڙ. جلد ڏکندڙ. ڏسو "ٽاڪائون. ٽاڪُئون".

• **ٽاڪي:** ث. هڪ قسم جي بيماري – آتشڪ.

– **ٽاڪي نڪرڻ:** آتشڪ جي بيماري ٿيڻ. ناسور ٿيڻ. لا علاج بيماري ٿيڻ.

• **ٽاڱ ج ٽاڱَ (ل):** ذ. ڏاڱو. ڏورو. سُٽ جو ڦورو.

• **ٽاڱو ج ٽاڱا (ٿ):** ذ. وقت – ٽاڻو – ويل – مهل.

• **ٽاڱو ڪرڻ (ٿ):** ترسڻ – ساهي ڪرڻ.

• **ٽاڳ (ل):** ث. چوپاين جا ڦَرَ. ماڻھن جا ڳھٽا ٻارَ.

• **ٽال ج ٽالون (ٿ):** ث. صفا ڪُوڙيل مٿو. ٽوڙھ – گَنجِ.

• **ٽال مٽول:** ث. بهاني بازي – انڪار لاءِ بهانا ۽ عذر.

• **ٽالپُرَ:** اسم خاص. ميرن جي ذات جا ٨ پاڙا: پُرڳڙي، ٻاگراڻي، ڪور ڪاڻي، ڪَبڙي، نظاماڻي، شهداداڻي، شهواڻي، ٽارا، مَزاري بلوچن جو هڪ قبيلو. تعلقي ڪوٽ ڏيجي، ضلعي خيرپور ۾ هڪ ديھ ۽ ڳوٺ جو نالو.

• **ٽالو:** ذ. جوڙو – ڀيلهَ. قطار – سَنگهر – ٽَلو.

• **ٽارو** – ٽَناءُ – پاسو – ڪُساءُ. قدرتي گَنجو (ٿ). ڪَرَ جو وڻ.

– **ٽالو ڪرڻ:** ٽارو ڪرڻ – ٽري وڃڻ – پاسو ڪرڻ. ڇڏو رهڻ. پرهيز ڪرڻ. نفرت ڪرڻ. قطار ڪرڻ.

• **ٽالهہَ:** ث. گھٽائي. گھٽا (ڏاندن جا جوڙا). ڏاڍو (سيءُ يا ٿَڌِ).

• **ٽالهو:** ذ. صفت. شانَ وارو – عزت وارو – مانَ وارو. (اسم خاص) ضلعي بدين، تعلقي ماتلي، ٽپي ڪڇر ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **ٽالهي ج ٽالهيون:** ث. شيشم جي وڻ جو هڪ قسم – ٽالي – ٽاري (ت). (اسم خاص) سنڌ جي گھڻن جدا جدا هنڌن جي ٽپن جا نالا.

• **ٽالهياري:** اسم خاص. ضلعي بدين، تعلقي ماتلي، ٽپي ڦليجاڻيءَ ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **ٽالي ج ٽاليون:** ث. ٽالهي – ٽاريءَ (وڻ). جوئارين جي اصطلاح ۾ اُنن آنن جو سڪو – آڏيو.

• **ٽامَ ج ٽامُون:** ث. وڻ جي ننڍي ٽاري – لامَ.

• **ٽامڙِ ج ٽامڙيون:** ث. [سن. تامر]. ديگڙي. (صفت) باھ جھڙي تتل – سخت گرم.

• **ٽامڙو ج ٽامڙا:** ذ. [سن. تامر] ٽامي جو ديگڙو – ٽامي جي هنڊي. اڳاٽي وقت جو ٽامي مان ٺهيل سڪو.

– **ٽامڙو ڳاڙهو:** ذ. اڇي پيٽ ۽ ڳاڙهي پٺي وارو (گڏهہ).

• **ٽامڻي ج ٽامڻيون:** ث. [سن. تامر] ٽامي جو برتن. سج جي سخت تپش. گرميءَ ڪان ڳاڙهي ٿيل شيءِ. چڙ. سخت ڪاوڙ. ڪاوڙ ڪان جهري جي ڳاڙهاڻ.

– **ٽامڻي ڦَٽَڻ:** جَوْشُ ۾ اچڻ. ڏاڍو گرم ٿيڻ – تَپي تَپي ڳاڙهو ٿيڻ. ڏاڍو ڳاڙهو ٿيڻ (ڪاوڙ ۾)

• **ٽامو:** ذ. [سن. تامر] پِتَل ۽ لوھ جي ملاوت مان ٺهيل هڪ ڌاتو. (صفت) ٽامي جي رنگ وارو.

• **ٽانبَر ٽامبر ٽامبُرُ ج ٽانبَرَ:** ذ. سنهو تارو. لَڪڻ. ڇَهو سنهون سُڪل ماٿهو.

• **ٽانبو (ٿ):** ذ. ٽامو.

• **ٽانْهيڙو ج ٽانْهيڙا (ٿ):** ذ. ٽامي جي گھاگهَرِ.

• **ٽانْٽُ (لس):** ذ. گاھ جو هڪ قسم (جيڪو اُٺ کائين).

• **ٽانٽُ ج ٽانٽَ (ل):** ذ. صفت. [انگ. Tight = پختو] ڏسو "ٽاٽُ"

• **ٽانْٽارُ:** ذ. گوڙ. ڏسو "ٽان ٽان".

• **ٽانْٽِيو ج ٽانْٽِيا (ٿ):** ذ. اُٺ جي پاکڙي جي ڪائين کي قابو ڪرڻ لاءِ لوھَ جي ٺڪر جي جهَلَ.

• **ٽانْٽِيڻو ج ٽانْٽِيڻا (ٿ):** ذ. گوڏو. ٽَنگَ.

• **ٽانپَڙُ ج ٽانپَڙَ (ٿ):** ذ. ڍِينگر – ڍِنگهر.

• **ٽانڊاڻو ج ٽانڊاڻا:** ذ. اُڌامندڙ ۽ چمڪات ڪندڙ هڪ قسم جو جيت – ڪُڙڪُٻِيتو (ل) – ڪُهي ڪڌِ (ت).

• **ٽانڊو ج ٽانڊا:** ذ. ٻرندڙ آڱَرُ – جاڳِتو (ل) – باهِہ. حَسد. ڪاوڙ.

– **ٽانڊو ٽوپي بند ڪرڻ:** نِياتِ مان ڪڍڻ – پاڻيچاري مان ڪڍڻ. ڪُرَم مان ڪڍڻ.

– **ٽانڊو ٽوپي ڪَرڻ:** خدمت چاڪري ڪرڻ. ٽهل ٽڪور ڪرڻ. اڳ ڀوءِ ڪرڻ. چاپلوسي ڪرڻ.

– **ٽانڊي چاڙهٽو (ٿ):** ذ. ٽانڊن ڪڍڻ لاءِ لوھ جو اوزار – چمٽو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مخفي جاءِ.

• **ٽڪڙ ج ٽڪڙيون (ت):** ث. چيلهه – پڌر ـ ڍهي.

• **ٽڪڙو ج ٽڪڙا:** ذ. [سن. تلڪَ] نراڙ تي سينڌر يا زعفران جو نشان (هندو لوڪن جي رسم) ڳهه جو هڪ قسم (نراڙ تي پڌڻ جو). ننڍڙو گول شيشو. ڌرمي ڪتابن تي هَنيلُ زَعفرانُ جو چَندو – گهوڙي يا ڪنهن ٻئي جانور جي پيشانيءَ تي نشان.

• **ٽُڪڙو ج ٽُڪڙا:** ذ. هڪ هنڌ تي گڏ ٿيل فقيرن جي ٽولي.

• **ٽَڪڙي ج ٽَڪڙيون:** ث. سون يا قيمتي پسارڪي وکر تورڻ لاءِ ننڍڙي ساهمي. ڪَني شيءِ (ت).

• **ٽڪڙي ج ٽڪڙيون:** ث. پيشانيءَ تي اڇي نشان واري ڳئون يا ٻڪري.

• **ٽڪڙيلُ ج ٽڪڙيل:** ذ. صفت. پيشانيءَ تي لڳل داغ وارو. چندو – نياڳو.

• **ٽڪس ج ٽڪسون:** ث. [انگ. Ticket] ٽڪيٽ. جو بگڙيل اُچار. ٽڪيٽ.

• **ٽڪسارُ (ت):** ذ. وچ ۾ اٽڪيل ڪم – اڌ ۾ رنڊيل ڪم. اٽڪل بازي.

• **ٽڪسالُ:** ث. [سن. ٽَنڪَڪ شالا] سِڪن ٺهڻ جي جاءِ ـ ضرب خانو.

– **ٽڪسالي زبان:** ث. فَصيح ٻولي – مَڃيل ۽ مُسْتَند ٻولي.

• **ٽَڪسُور:** اسم خاص. بُگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **ٽَڪَڪُ ج ٽَڪَڪَ:** صفت. [سن. ٽنڪ] ٻن پيسن جي قيمت وارو رواجي. خسيس. ڪمينو.

• **ٽَڪڪي:** ث. واپار جي اصطلاح ۾ هڪ رپئي تي ٻه پئسا دلالي جو حساب.

• **ٽَڪلو ج ٽَڪلا (ت):** ذ. صفت. تمام سنهو – ضعيف (ث. ٽڪلڙي ج ٽڪلڙيون).

• **ٽَڪلي ج ٽَڪليون:** ث. ٽَڪلو – لوهي سيخ.

• **ٽڪلو ج ٽڪلا (ت):** ذ. ننڍي ماني – ننڍو لولو. رواتي – ٽڪوري.

• **ٽڪلو ٽڪلو:** ث. بلبل جو آواز يا ٻولي.

• **ٽَڪلي (ت):** ث. نسرڻ تي تيار ٻوڪ.

• **ٽڪلي ج ٽڪليون:** ث. [انگ. Ticket] خط پٽ تي هڻڻ لاءِ حڪومت جي طرفان مقرر ڪيل خاص نشان واري مهر لڳل ڪاغذ جي ننڍڙي ٽڪري (جنهن تي قيمت به لکيل هجي) چڪ جي ڪُنڊن تي لڳل ڄر جون ٽُڪريون (ت) – ڳههَ ۾ ترڻل ڪٽڪ يا ٻاجهريءَ جي ماني (ث).

• **ٽڪڻُ:** مصدر. [سن. ٽشت] رهڻ – جمي ويهڻ. ڪپڻ. ترسڻ. (مهمان) قائم رهڻ – جتاءِ ڪرڻ.

• **ٽڪڻ ج ٽڪڻيون:** ث. ٺوڙهه – روڙ – گنج – ٽپڻ.

• **ٽَڪي ٽور هلڻ:** آهستي آهستي هلڻ – ناز نخري سان هلڻ – ٽلڻ.

• **ٽَڪو (ٽَرڪو) ج ٽَڪا (ٽَرڪا):** ذ. صفت. گدلو – گندو – ڪِنو – ميرو. بدبودار. بدماش. بد افعال – بي لڄڻ. (ث. ٽَڪي ج ٽَڪيون).

• **ٽڪو (ٽرڪو) ج ٽڪا (ٽرڪا):** ذ. [سن. ترُ] گڏ – ٽن جو مجموعو. تاس ۾ ٽن عددن وارو پتو. چَنر راند ۾ ڪوڏين جي هڪ ويهڪ. ڍهل وغيره جي وڄت ۾ ٽي پيرا (سر) ٽي پهچڻ واري حالت.

– **ٽڪا ڪيڻ:** ڍهل جي هڪ خاص نموني ۾ وڄائڻ.

– **ٽڪو پنجو:** ذ. اٽڪل – چالاڪي – حرفت – لَٻو ٿٻو – اَٽڪل سٽڪل – اَٽڪلَ سَٽڪلَ جو گذران – ڏُکيو گذرُ.

– **ٽڪو پنجو ڪرڻ:** اٽڪل سٽڪل سان ڪم ڪرڻ – بي دليو ڪم ڪرڻ – سادي نموني وقت گذارڻ – حيلي سان گذران ڪرڻ ـ حيلو ڪرڻ – ڪوشش ڪرڻ – اَٽڪل کان ڪم وٺڻ – چالاڪي ڪرڻ.

• **ٽڪو ج ٽڪا:** ذ. [سن. تِلڪ] داغ – نشان – چِٽو – ڪَلنڪ – بدنامي جو نشان. ڳهه جو هڪ قسم. (نَرڙَ تي پڌڻ جو هڪ ڳهه) – ٽڪڙو. وَٽُ – اِسْتنجو.

• **ٽڪو پوڻ (ڪ):** ڪَڪورجڻ (ڦل) ساڪ ڏيڻ.

• **ٽڪو ڪرڻ (ت):** پٿر سان سُڪائڻ. وَٽُ – اِسْتنجا ڪرڻ.

• **ٽڪو لائڻ:** داغ لائڻ – ڪَلنڪ لائڻ – عيبدار ڪرڻ. بدنام ڪرڻ.

• **ٽڪو ج ٽُڪا:** ذ. چيرُ – چيهُ – ٽُڪُ – وَڍُ. ٻنيءَ ۾ پاڻي وهائڻ لاءِ ٻاري کي ڏنل وَڍُ. بيماري (ماتا وغيره) کان بچاءُ لاءِ ٻانهن کي چيرُ ڏيئي دوا داخل ڪرڻ.

• **ٽڪا ڏيڻ:** ماتا وغيره کان بچاءُ لاءِ ٻانهن ۾ وڍ ڏيئي دوا داخل ڪرڻ.

• **ٽڪا ٻڌڻ:** زمين جي ٻارن جو پاڻي بند ڪرڻ.

• **ٽُڪو ڏيڻ:** پاڻي وَهائڻ لاءِ ڪَسي يا واهيءَ کي ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنڌان ڇيهه ڏيڻ.

• **ٽڪور ڪرڻ:** ٽڪور ڏيڻ. پاڻي وهائڻ لاءِ ٻاري کي ڪُنڊ ڪرڻ.

• **ٽَڪورَ ج ٽَڪورُون:** ٿ. سور واري جاءِ مٿان گرم ڪپڙي يا ٻي شيءِ سان سيڪ – ڪوسي لپريءَ جي ڏم – خدمت چاڪري.

• **ٽڪورَ ج ٽِڪورُون (ٿ):** ٿ. دهل يا نغاري تي ڏونڪي جو ڌڪ.

• **ٽَڪورا:** اسم خاص. ڪاري طرف رهندڙ هڪ ذات جو نالو.

• **ٽڪوڙي ج ٽڪوڙيون (ٿ):** ٿ. ٻڪريءَ جو هڪ قسم.

• **ٽَڪولڙو ج ٽَڪولڙا:** ذ. صفت. سنهڙو.

• **ٽَڪئو ج ٽڪئا:** ٽَڪلو.

• **ٽَڪي ج ٽَڪيُون:** ٿ. ٻن پئسن جو چوڪور سِڪو (اڳ ۾ رائج)

• **ٽِڪي ج ٽِڪيُون:** ٿ. ماني – لولو – مٺائيءَ جو هڪ قسم. چڪي. (صابڻ جي) – ٻڙي (چَنبڙ يا سَج جي). آڳ (راند ۾ پَٻڻَ جي ٽِڪي – پاٻوڙو.

– **ٽِڪي اُتو ڏيڻ:** ٿورو حصيدار بنائڻ. مستي لاهڻ – خراب رَوش کان باز آڻڻ – ڪَڍي ڇڏڻ – جدا ڪرڻ.

– **ٽِڪي اُتو ڏيئي اُماڻڻ:** زال کي طلاق ڏيڻ.

– **ٽِڪي چڙهڻ:** هار کائڻ – ڪنهن ڳالهه کي مَڃڻ – لَنڊ اچڻ.

– **ٽِڪيءَ موڙ ج ٽِڪيءَ موڙ:** ذ. لَڙيل موڙ وارو ڪُڪڙ.

• **ٽِڪي (ترڪي) ج ٽِڪيُون (ترڪي):** ٿ. تاس ۾ ٽن داڻن وارو پتو – ٽِڪ (ترڪ).

• **ٽِڪياري ج ٽِڪيارِيُون (ڪ – ڪ):** ٿ. پيشانيءَ تي اُڇي ٽِڪي واري ڳئون.

• **ٽِڪيٽ ج ٽِڪيٽون:** ٿ. [انگ. Ticket] ريل گاڏيءَ ۾ مسافري ڪرڻ لاءِ پائي مان ٺهيل پاڙي جو چِٺو. سئنيما وغيره ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اجازت نامو.

• **ٽِڪيٽ وٺائڻ:** ڪيڍي ڇڏڻ – تڙي ڪڍڻ – نوڪريءَ کان رخصت ڏيڻ.

• **ٽِڪَر ج ٽِڪَرَ (ل):** ذ. [سن. ترٽي] ٽن ڏينَ کان پوءِ جايل پَٽ – ٽَڪڙ.

• **ٽِڪَر، ٽِڪڙ:** ٿ. ٻيڙيءَ جي پٽڻ جي ٽڪندي ايراضي واري جوءِ. (اسم خاص) ضلعي حيدرآباد، تعلقي ٽنڊي محمد خان. ٽپي ڪاتياري ۾ هڪ ديهه جو نالو. ديهه ٽڪڙ ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

• **ٽَڪڙ ج ٽِڪڙون:** ٿ. جسم ۾ ٻانهن ۽ ڪنڌي جي ملڻ وارو هنڌ.

• **ٽِڪڙ:** ذ. [سن. ترٽي] ٽن لاڳيتين ڏينَ کان پوءِ جايل پٽ.

• **ٽِڪڙ:** ذ. ٽن لاڳيتن پٽن جي مٿان جايل ڌيءَ.

– **ٽڪڙ ٻار ڄمڻ:** بد سُڳڻ ٿيڻ (چوندا ته گهر ۾ ٽڪڙ ٻار ٿيا ڳ آڻيندو).

• **ٽڪو:** ٿ. جانور کي اڳين ۽ پوئين پيرن ۾ ڏنل ڏاوڻ.

• **ٽَڪُرُ ج ٽڪرُون:** ٿ. آڌوڙ ٽنگڻ لاءِ ٽن ٽوٽين جي مخروطي اڏاوت.

• **ٽڪرڻ (ڪ):** ذ. چوپائي مال جي پيرن ۾ ڏانوڻ وجهڻ.

• **ٽڪلُ ج ٽڪلُ:** ذ. اونهاري ۾ سُمهڻ لاءِ ڪاٺين مان ٺهيل ڪَٽ وانگر ٽي چار فوٽ اوچو مَنهُن – ٽندي پيهي.

• **ٽڪلڻ (ت):** مصدر ٽَرڻ – ڦرڻ – خراب ٿيڻ.

• **ٽَڪو ج ٽَڪا (ل):** ذ. وَرُڻ جي تاري ڪاٺ جي داڻن واري مالها (هندو لوڪ ڪم آڻين).

• **ٽِڪوش ج ٽِڪوش:** ذ. آبي پکي جو هڪ قسم (حلال پکي رنگ اڇو، پاسا ڪارا، اکيون ڳاڙهيون، مُنڍي ڪاري ۽ ڳچي ٻين پکين کان وڏي).

• **ٽَڳ ج ٽَڳون (ل):** ٿ. سنهڙو ڏکهو وڻ.

• **ٽَڳ:** اسم خاص. ضلعي سکر، تعلقي اوٻاوڙي، ٽپي وسطي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٽَڳ ج ٽَڳَ.** صفت. بلوغت کي ويجهو – بالغ.

• **ٽِڳ ج ٽِڳُون (ل):** ٿ. وڻ جي ڏکهي ۽ اڪيلي ٽاري ڏاڙهيءَ جي بجايل ٽڏ ي.

• **ٽِڳ ج ٽِڳُون (ڪ):** ٿ. وڏو گراهه – ڳِتو.

• **ٽَڳَ ج ٽَڳون:** ٿ. پَٽَ – ڪوهه – ٽنڳ.

• **ٽَڳ ڪيڻ:** ٿڪي رقم حاصل ڪرڻ – گهٽو مال هٿ ڪرڻ.

• **ٽڳا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. ضلعي ۽ تعلقي دادو ٽپي رب ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٽڳجڻ (ت):** فعل مجهول. ٽِجڻ – ٽنگجڻ – ڪوهجڻ – لُٽجڻ.

• **ٽَڳَر:** اسم خاص. هڪ ذات – ضلعي لاڙڪاڻي، تعلقي ڏوڪري، ٽپي ويهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٽَڳَر:** اسم خاص. هڪ ذات – ضلعي لاڙڪاڻي، تعلقي ڏوڪري، ٽپي ويهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٽَڳڙو:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو – ضلعي لاڙڪاڻي. تعلقي ڏوڪري، ٽپي آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٽڳڙو ج ٽڳڙو:** ذ. وڏو پٽڪو – ڦيڙهه (ل). ڦاٽل ڪپڙا (ت).

• **ٽڳڙو باغبان (ت):** اسم خاص. هڪ شهر جو نالو.

• ٽَنبَڻُ (ٽُرنبَڻُ): مصدر. سَنهين ڪاٺين سان ڳوٺين جو مُنهن بند ڪرڻ (ت).

• ٽَنبَلُ (ل): ث. پلڙن ۾ ڪنڊن سان رهڻ واري هڪ ٻاراڻي راند. (ٻہرجي پلڙن ۾ ڪَنڊا ٺُنبي آلي مِٽي ۾ اَٽڪائي ٻين ڪَنڊَن لڳل پلڙن سان ڏَڪُ هڻڻ واري راند) ڇُهنبَ واري.

• ٽَنبَلُ ڏاڙهي: ث. سَنئين سِڌي ڇُنهُبياري ڏاڙهي.

– ٽَنبِجَڻُ (ٽُرنبِجَڻُ): فعل مجهول. سنهي ڪاٺيءَ سان سِبجَڻ – ٽُنبجَڻ.

• ٽَنباڻُ (ٽُرنبائِڻ): مصدر. ڪاٺي آڙائڻ. "ٽنبڻ" مان متعدي بالواسطه.

• ٽُنبُ: ث. گهيڙائڻ وارو عمل. چوڳَ. مداخلت. حَرڪَت – چور پچور.

– ٽنبِجَڻ: زور سان اندر پيهي وڃڻ – گهڙڻ – گهڙي وڃڻ.

• ٽنباڻُ: مصدر. چوڪاڻ. ٽوپاڻ (ٽروپاڻ).

– ٽَنبُ (ٽُرنبُ) (ت): ث. سنهڙي ڪاٺي. چينيو. سنهڙو سڪل ماٿو – اپرو ماٿو چِپر. ٽوڪ – چٽر. طعنو – مهٽو.

• ٽَنبُ (ٽُرنبُ) هڻڻ: ننڍڙي ڪاٺيءَ سان ڪنهن ڳوڻ يا ڳوٿريءَ کي بند ڪرڻ. طعنو هڻڻ.

• ٽَنبيڻُ (ل): مصدر. آهستي آهستي هلڻ (بيمار جو).

• ٽَنبيِڙي: ث. پکي جو هڪ قسم (شڪري جي قسم جو هڪ پکي).

• ٽَنٽو ج ٽَنٽا: . ذ. دنگو. جهيڙو ـ جهڳڙو – گوڙ – تڪرار – فساد – ڪِروڌ. مناظرو – بحث.

• ٽَنٽو ڪرڻ: تڪرار ڪرڻ – جهيڙو ڪرڻ.

• ٽَنجڻُ (ل): ث. گهٽائي – گوڙُ – بارُ.

• ٽَنجڻُ (ٽُرنجَڻُ) (ل): مصدر. ٽُنبڻُ – سُٽ کي ٽيٽو ڪري وَٽڻ. ڪپڙي جي ٽن ڏَرن کي ملائڻ لاءِ ڏرن کي ڪيرَڏيڻ. وارن جي ڳُتِ ناهڻ لاءِ وارن جي ٽن چَڳَن کي ملائي ڳُنڍڻ – چوٽي ڪرڻ.

• ٽَنجُ (ل): ث. تمام ٿورو سُٽُ – ٽيٽو ڪري وَٽيل سُٽُ.

• ٽنڊ باز: صفت. آڪڙ باز. وڏائي خور. نخري وارو.

• ٽَنڊ تي ٽوپي رکڻ: آڪڙ ڪرڻ – ڦونڊ ۾ پرجڻ. مغروري ڏيکارڻ.

• ٽَنڊ ڪرڻ: وڏائي ڪرڻ. آڪڙ ڪرڻ. شوق ڪرڻ – نخرو ڪرڻ.

• ٽَنڊي ج ٽَنڊيِ: صفت. مغرور – وڏائي وارو – آڪڙ باز.

• ٽَنڊرُ ج ٽَنڊرَ: ذ. صفت. اجائي وڏائي ڏيکاريندڙ. ترڙو – هلڪي طبيعت وارو.

• ٽَنڊيلو ج ٽَنڊيلا: ذ. صفت. وڏائي خور. شوقين. سينگار ڪندڙ.

• ٽِنڊِ: ث. مِرونءَ جا ٻچا – ڪِنڊِ گهٽا ٻار ٻچا – وڏي آکهِ.

• ٽُنڊُ: صفت. هٿن ٻانهن کان مَعذُور (ٽُنڊو ج ٽنڊي).

• ٽُنڊو ج ٽُنڊڙا: "ٽُنڊو" جو اسم تَصغير.

• ٽُنڊائڻ: مصدر. هَٿن کان جَڏو ٿيڻ. ٽنڊن وانگر ڪم ڪرڻ. سُستيءَ سان ڪم ڪرڻ.

• ٽُنڊائي ج ٽُنڊائيُون (ت): ث. هٿن کان معذور هئڻ واري حالت – لُولائي – سُستي – ڪاهلي.

• ٽُنڊَرُ (ت): ذ. هڪ ٻَڪرين جي بيماري.

• ٽِنڊرڻ (ٿہ ل): مصدر. ٽانءِ ۾ پَرجڻ – وڏائي ڪرڻ – هلڪڙي طبيعت وارو.

• ٽِنڊڙَڻ: مصدر. چنبڙڻ – چُهٽڻ. لڙڪڻ – لٽڪڻ (وڻ ۾). (ٽنڊڙيو – ٽنڊڙندو – ٽنڊڙيل)

• ٽَنڊَسُ ج ٽَنڊَسَ (ل): ذ. ميڙُ. ڳاهت.

• ٽِنڊَسُ ج ٽِنڊَسَ: ذ. ڪَدوءَ جو هڪ قسم ٽُنبو – ميهو (ڪ).

• ٽِنڊ سُو ج ٽَنڊَسا (ل): ذ. اوبڙ جو هڪ قسم (جيڪو ڀاڄي طور ڪم اچي) ميهو.

• ٽُنڊڪڻ (ٽرنڊِڪڻ): مصدر. ڪاوڙجڻ.

• ٽَنڊِڪو: ذ. اجائي وِنڌَ – ٻئي جي ڪم ۾ دَخَلُ.

• ٽِنڊِڻُ ج ٽِنڊِڻ: ذ. جيت جو هڪ قسم ـ عام طرح ڪچين پتين ۾ ڏرڙ ٺاهي. رهي. (ڪارو رنگ. ٻہ قسم هڪ ڪَنين سان ٻيو بنا ڪَنين جي) – پَمرِي (ٿ).

• ٽَنڊو ج ٽَنڊا: ذ. [بلوچي. توده ـ ڪَلَن يا اُنَ ۾ ڏاس مان ٺهيل وڏو طنبو] بلوچي قبيلي يا ڪٽنب جي رهائش واري جوءِ. بلوچ ڪٽنب جي اڏيل بستي. ڳوٺ. بلوچ قبيلي جي ڪنهن مکيہ ماڻهوءَ جو ٻڌايل ڳوٺ (انهي ماڻهوءَ جي نالي سان) – ننڍو شهر.

• ٽَنڊيلُ ج ٽَنڊيل: ذ. [انگ. Tuneul جو بگڙيل اُچار] واهن جي مورين ۾ ڪَرن تي سنڀال ڪندڙ سرڪاري ملازم.

– ٽَنگَ اَٽڪائڻ: ڪنهن معاملي يا سودي ۾ هٿ وجهڻ – ڦَڏو ڪرڻ. اعتراض ڪرڻ. رڪاوٽ وجهڻ.

– ٽَنگا ٽوليِ: ث. ماڻهوءَ کي ٽَنگن ۽ ٻانهن کان جهلي لَڙڪائي کڻڻ واري حالت. زوري ٽنگن ٻانهن کان جهلي کڻڻ جي حالت.

– ٽَنگا ٽوليِ ڪرڻ: ماڻهوءَ کي ٽَنگن ۽ ٻانهن کان جهَلي لڙڪائي کڻڻ. زوري کڻڻ.

مُنهَنُ ۾) – ٽيپو – ڦڙو. هڪ ڳرانهه جيترو پيٽ يا چاٽو. ڏنگو – ڦڏو – آڏو. بد مزاج.

• **ٽيڙن ٽنگو:** (جڻ ته) عضوا پڳل هجن. معذور. جڏو. ذ. صفت. سست – آلسي – ٽوٽي.

• **ٽيِس (ٿ):** صفت. هڪ عدد – ٽيهه.

• **ٽيڙو (ٽريڙو):** ذ. آسمان جا ٽي تارا. هڪ ٽي سڌي ليڪ ۾ بيٺل – ٽيلهو (ت) هڪ نڪت جو نالو.

– **ٽيس مارُ ج ٽيس مارَ:** ذ صفت. ٽيس مار – ٻٽاڪي – ڊاڙون هڻندڙ.

• **ٽيسو ج ٽيسا (ڪ):** ذ. هٽ – وڏائي – غرور.

• **ٽيسٽ (ل):** ٿ. [انگ. Taste] مزو – لذت. لئي. موج.

• **ٽيسٽ:** ٿ. آڪڙ – سيٽ – ڦونڊ. موجارائي (ڪپڙي لئي ۾). ٽوري ڏڪ لڳڻ سان ڪري پوڻ جي حالت (ڪ).

• **ٽيشن ج ٽيشنون:** ٿ. [انگ. Station] ڏسو "اسٽيشن"

• **ٽيڪ ڏيڻ:** پُٺي يا پاسو لڳائي ويهڻ (ڪنهن شئي سان) – مدد ڪرڻ – آڏ ڏيڻ – آڌر ڏيڻ – همت ڏيارڻ.

– **ٽيڪون ٽوڪون ڏيڻ:** همدردي ڪرڻ – همت افزائي ڪرڻ.

• **ٽيڪا:** ٿ. [سن. ٽيڪا] شرح – معني – سمجهاڻي – وياکياڻ – پاشيه. مٿي ٽيڪڻ جو عمل – پوڃا.

– **ٽيڪا ٽپڻي:** ٿ. نڪته چيني – تبصرو – تنقيد.

– **ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ:** تبصرو ڪرڻ – نڪته چيني ڪرڻ – تنقيد ڪرڻ.

– **ٽيڪا ڪرڻ:** شرح ڪرڻ – تنقيد ڪرڻ.

• **ٽيڪَر ج ٽيڪَرُون:** ٿ. هُشي – ڄُرڄ – ٿُلي ٻنيرائي – چاڙهي.

– **ٽيڪَر ڏيڻ:** همت ڏيارڻ – لاڳ ڏيڻ – ڄُرڄ ڏيڻ – هُشي ڏيڻ. زور وٺائڻ – تائيد ڪرڻ – ٽيڪو ڏيڻ – ڪوڙي ساراهه ڪرڻ – ڀڙائڻ.

• **ٽيڪَرُ ج ٽيڪَرَ:** ذ. [سن. ٽنڪاري – ٽيرَ] ٽير – ٻاڻ ڪانُ – ٽينڪَرُ – ڏانڊي پکيءَ جو هڪ قسم (مڇي ماري کائيندڙ).

• **ٽيڪرو ج ٽيڪرا (ت):** ذ ڏڙي – مٿاهين زمين. آڪڙ – وڏائي.

• **ٽيڪڙ ج ٽيڪڙون:** ٿ. ڄُونءِ – ڄُٽي.

• **ٽيڪُوُ (ٽريڪُوُ) ج ٽيڪُوَ (ٽريڪُوَ):** ذ. اُپاءُ – حيلو – ٻلو. بندوست. ڏاهي جو ڏس. علاج – ٻُڪي. لُپري ٽاڪوڙ (ت).

– **ٽيڪُوُ ڪرڻ:** حيلو ڪرڻ. ٻلو ڪرڻ. لُپري ٻڌڻ – ڏمڻ (ت).

• **ٽيڪُو ٻيڪُوَ:** ٿ. گهوڙي جو پَنڌُ – مُن ۾ گهوڙي جي هلڻ جو آواز.

• **ٽيڪرو ج ٽيڪرا (ت):** ذ. درگاهه.

• **ٽيڪرو (ٽريڪرو):** ذ. ڪِهرين جو آواز – زالن جو جهيڙو – مُنجهيل ڳالهه يا دليل – ڪوڙ (زالن جو).

– **ٽيڪرو ڪرڻ:** اجايون ڳالهيون ڪرڻ – ڪوڙ ڪرڻ.

– **ٽيڪرو مچائڻ:** ڪوڙ ڪرڻ لڙُ ڪرڻ.

• **ٽيڪسٽ بُڪ ج ٽيڪسٽ بُڪَ:** ذ. [انگ – Text Book] درسي ڪتاب.

• **ٽيڪسٽ بُڪ ڪاميٽي:** ٿ. [انگ. Text Book Committee] – درسي ڪتابن ٺاهڻ ۽ مقرر ڪرڻ واري جماعت.

• **ٽيڪُرُ ج ٽيڪُرَ:** ذ. زمين کوٽڻ لاءِ هڪ لوهه جو اوزار – ڄنجور.

• **ٽيڪلي (ٿ):** ٿ. ڦرهيريءَ جي اُٽڪ لاءِ هڪ ٽيڪ.

• **ٽيڪو ج ٽيڪا:** ذ. مدد – پٺڀرائي – ٽيڪ – آڌر – آسرو – اجهو.

– **ٽيڪو ڏيڻ:** پٺڀرائي ڪرڻ – تائيد ڪرڻ.

• **ٽيڪڻ:** مصدر. رٺڻ (ٻار جو). ڏانهون ڪرڻ. گهوڙا گهوڙا ڪرڻ – ڏانهون ڪوڪون ڪرڻ. هُل ڪرڻ زباني جهيڙو ڪرڻ. (ٽيڪو – ٽيڪندو – ٽيڪيل)

• **ٽيڪ ٻٽيڪو:** ذ. هل فساد. (زالن جو) – تاڙ تپو. جهيڙو (زالن جو) تاڙي ٺوڪ – زباني جهيڙو.

– **ٽيڪو (ٽريڪو) ج ٽيڪا (ٽريڪا):** ذ. ڪوڙ – فساد – ڇَر ٻُر. ڪِهرين جو آواز.

– **ٽيڪو تاڙي (ڪ):** ٿ. زباني جهيڙو زالُن جو – ٻٽيڪو.

• **ٽيڪي ج ٽيڪيُ (ت):** ذ. مغرور – بي پرواهه – عياش. (ذ) ڇُڪي جو هڪ قسم.

• **ٽيڪَر ج ٽيڪَرون:** ٿ. وڏائي – آڪڙ – ڦُونڊ – سيٽ – ٺُوڪ شُوڪ – مغروري – بي پرواهي – مستي. هُشي چاڙهه.

• **ٽيگلي ج ٽيگليُون (ل):** ٿ. مڪڻ جي ننڍي ڦٽي.

• **ٽيل ج ٽيلُون (ت):** ٿ. آبي پکي جو هڪ قسم – ميرانجهڙو ۽ ناسي رنگ جو.

• **ٽيلاسو ج ٽيلاسا (ت):** ذ. اُٺ تي چڙهيل ٽي ماڻهو – ٽيلهه.

• **ٽيلرُ ج ٽيلرَ:** ذ. [انگ. Tailor] ڪپڙا سبندڙ – درزي.

• **ٽيلري ج ٽيلريُون (ت):** ٿ. هندو زالن جي نرڙ تي چنبڙيل هڪ قسم جو ٽڪو.

– **ٽيلاٽي ج ٽيلاٽيُون:** ٿ. شانداري – تجمل – رُعب تاب. حشمت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٺ

• ٺ: ث. سنڌي "الف بي" جو اٺون اکر. اُچار 'ٺي' ابجد جي حساب موجب عدد 'ٺ' جي برابر (۴۰۰).

• ٺَا: ذ. [آواز] ٻن سخت شين جي ٽڪرجڻ جو آواز. ٺڪاءُ. ٺڪاڪي جو آواز. بندوق، پستول وغيره جو آواز. ڌڪ جو آواز. "سيني تي عاشق جي لڳا، ٺا ٺ، ٺاٺ ٺا".

• ٺَاٻُ (ت): ذ. ٺڪر جو ٿانءُ – ٺِڪر – ٺِڪر جو ٽُڪر.

• ٺَاٺُ ج ٺَاٺَ: ذ. – ڏسو "ٺاٺُ"

– ٺَاٺِي ج ٺَاٺِيُ: ذ. صفت. ٺٺ وارو – ٺٺ ڪندڙ.

• ٺَاٺَ: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• ٺَاٺ ج ٺَاٺوُنْ (ڪ): ث. ٺڪر جي ٻاٺِ. ٿالهه – ٻاٺوڙو.

• ٺاٺ وِچڻ ٺِڪر اَچڻُ: ڪا سُٺي شيءِ ڏيئي بيڪار شيءِ حاصل ڪرڻ – نيڪيءَ جو بدلو بدِ ي مِلڻ.

– ٺاٺُ ٻَاٺُ: ذ. ٺاهه ٺوهه. شان شوڪت ـ ظاهري بناوت.

– ٺَاٺَ ٻَاٺ سان رهڻ: دٻدٻي سان رهڻ – شان شوڪت سان رهڻ. تجمّل سان رهڻ.

– ٺَاٺُ ٻَرانِيُ (ت): صفت. قرآن شريف جا ڪوڙا قسم کڻندڙ. ڪوڙا قسم کڻندڙ – ڏاڍو ڪوڙو.

– ٺَاٺُ وٺائِڻُ: رونق وٺائڻ – سينگار ڪرائڻ – ظاهري زيب وڏائڻ. موج ڪرائڻ.

– ٺَاٺِي ج ٺَاٺِيُ: ذ. صفت. ٺاٺ وارو – ڏيک وارو – ڪوڙا بهانا ڪندڙ.

• ٺَاٺَا: ذ. [آواز] ڌَڪن جو لاڳيتو آواز. بندوق يا ٺڪاڪن ڇُٽڻ جو آواز. ٺڪا ٺڪ.

– ٺَاٺَا ڪرڻ: بندوق وغيره سان لاڳيتا ڌَڪ هڻڻ. آواز ڪرڻ.

– ٺاٺا ماٺا ڪرڻ: ث. چرچا گهبا. خوش طبعي. "مارِ ڪَلا سِر منڪر دي، وت ڪهڙي ٺاٺا ماٺا" (ٺانڪ فقير).

• ٺاٺارا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• ٺاٺارِڪِي: ث. ٺاٺاري واري هلت. ڌاتوءَ مان ٿانوَن ٺاهڻ جو پيشو. هنيوچيءَ ناچ جو هڪ نمونو.

– ٺَاٺَارِڪِي ٻلِي: محاورو: ٺاٺارن جي دڪان ۾ ٻليل ٻلي. ڪنهن بہ دليل ڏانهن ڌيان نہ ڏيندڙ ماڻهو. ٺٺر – ضدي. ڪابہ ڳالهہ نہ سمجهندڙ ماڻهو. بي پتو.

– ٺاٺارِڪي ٻلِي هُئڻ: ٺِٺر هُئڻ. بي شرم هئڻ. ٺُڪ ٻُجي تي هرِي ويل هئڻ.

• ٺَاٺارو ج ٺاٺارا: ذ. [سن. تَسْتَا = برتن بنائڻ وارو] ڌاتوءَ مان ٿانوَ ٺاهي – ڪاريگر. ڪانڪُنو (پڪي).

• ٺَاٺَرائِي: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– ٺاٺو ٺِٽائڻ: جهڳو ناس ڪرڻ – گهر برباد ڪرڻ – گهر ۾ اَٽبٽت پيدا ڪرڻ. اصليت گم ڪرڻ. ٺهيل ڪم ٺٽائڻ.

• ٺاٺوڪَڻُ (ت): مصدر. ٺاهي ٺوڪي ڏسڻ. چڱيءَ طرح پرکڻ. جاچڻ – چڪاس. آزمائڻ – (ڌڪ اُلاري) ڏيچارڻ – چرڪائڻ. (ٺاٺوڪيو – ٺاٺوڪيندو – ٺاٺوڪيل).

– ٺَاٺوڪ: ث. ٺاهي ٺوڪي ڏسڻ جي حالت – جاچ جوچ. آزمائش – چِرڪُ.

– ٺاٺوڪ ڏيڻ: ٺاٺوڪڻ. آزمائڻ. چڪاس وٺڻ. دٻاءُ رکڻ – هيسائڻ.

• ٺَاٺولَ (ت): ث. ڏسو "ٺٺولَ".

• ٺَاٺُوهڻ۲(ت): مصدر. ڳولڻ – وِوڙڻ. ڪوشش ڪرڻ – هٿ پير هڻڻ.

• ٺاٺِي، ٺَاٺلِي (ٺ): ث. صفت. ڳپ نہ جهليندڙ (ڏاچي) – ٺنڊ – ڦُنڊي.

• ٺاپَ (ڪ): ث. ٻيڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺي.

– ٺاپَڙ اَچڻ: ماٺ ٿيڻ. قرار اچڻ آرام اچڻ. فرحت اچڻ – ٿورو وقت ٺري وڃڻ. (معاملو). ڪَمِي اچڻ (گوڙ شور ۾).

• ٺَاپَڙڻُ: مصدر. ٺاپڙ ڪرڻ – سانت ڪرڻ – ماٺ ڪرڻ – خاموش ٿيڻ. آرام ڪرڻ – فرحت ڪرڻ. ٿڌو ٿيڻ. ٺاپڙ ۾

اچڻ. ٽپڻ. (پٽي) – ٽپڪڻ.

– **ٽاپ:** ٿ. ٽاپڻ جي حالت – ٽَپ. ٽپڪي (پٽن کي) ٽاپي. ٽپ. مارَ – ڪُٽَ. سيکت – سزا.

– **ٽاپائڻ:** مصدر. 'ٽاپڻ' متعدي بالواسطه. ٽپائڻ.

– **ٽاپ ڏيڻ:** تاس کي ٽپڻ – ٽاپي ڏيڻ.

– **ٽاپڻو ع ٽاپڻا:** ذ. صفت. ٽپيندڙ – ٽَپ ڏيندڙ.

– **ٽاپڻي ع ٽاپڻيون:** ٿ. ڪنيار جو اوزار (ٿانون کي ٽپڻ لاءِ ڪاٺيءَ جي پٽي). ڏسو "ٽپڻي".

– **ٽاپي ع ٽاپيون:** ٿ. ٽپڪي – پٽن تي هٿ هڻڻ جو آواز. چڙ رچڙ. پٽن کي ملائڻ – ٽَپ.

– **ٽاپي ڏيڻ:** بار کي ٽپي ماٺ ڪرائڻ. پٽن جي تاس کي هيٺ مٿي ڪرڻ – ٽاپ ڏيڻ. پيسڪوٽ راند ۾ ڪنهن خاص پتي کي اشاري طور زور سان هڻڻ.

• **ٽاپڻي ع ٽاپڻيون (ڪ):** ٿ. ڏاس کي سَٽڻ لاءِ سنهون ڇهو.

• **ٽاراڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. جتن جي هڪ اوڙڪ جو نالو.

– **ٽارائڻ:** مصدر. 'ٽارڻ' مان متعدي بالواسطه. ٽڌو ڪرائڻ (طعام وغيره) لهرائڻ (ڪاوڙ) – هموار ڪرائڻ (زمين).

– **ٽار ٿيڻ:** ٽڌڪار ٿيڻ. سيءُ ٿيڻ. امن امان ٿيڻ – ٽاپر ٿيڻ – گوڙ فساد جهڪو ٿيڻ.

– **ٽار ڪرڻ:** سيءُ ڪرڻ – ٽڌڪار ڪرڻ – زمين کي سندرڻ – هموار ڪرڻ – سنوت ۾ آڻڻ.

– **ٽارو ٽارو:** ذ. صفت. ٽاريندڙ – ٽڌو ڪندڙ – ٽارُ.

– **ٽاري ڏيڻ:** ٽڌو ڪري ڏيڻ (ڪاڏو) (ذ). ٽاهي جوڙي ڏيڻ (ماني). (تنبيه طور) نه ڏيڻ. جٽ ڪرڻ جو دڙڪو ڏيڻ.

– **ٽاري رکڻ:** ڏاڍو راضي ڪرڻ – بلڪل خوش ڪرڻ – دل کي فرحت ڏيڻ – دل وٺان ڪم ڪرڻ.

• **ٽارو:** ذ. هندن جو هڪ ڏڻ.

• **ٽارو اُنڙ:** اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٽاروشاهُ:** اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٽارو وڏو:** اسم خاص. تعلقي ميروخان ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو (جنهن تي 'وڏا' قوم جي گهٽائي ڪري نالو پيو).

• **ٽاري، ٽاهري (ڪڇ):** ٿ. هڪ مهيني جو نالو – ٽاهري.

• **ٽاسُ ع ٽاسَ:** ذ. ڏسو "ٽات". مردنگ ساز کي وڄائڻ جو هڪ طريقو.

– **ٽاسي ع ٽاسِيُ:** ذ. صفت. ٽات وارو – رعبدار – دٻدٻي وارو.

• **ٽاش ٽوش ع ٽاش پوش:** ٿ. ٽاهه ٽوهه. ٽٽ ٽانگر. ٻٽاڪ سٽاڪ آڪڙ ساڪڙ.

• **ٽاشو ع ٽاشا (ت):** ذ. ٺٺول. کل مسخري. افواهه

– **ٽاشا ماشا:** ذ. چرچو پوڳ. کل پوڳ – چرچا گهٻا.

– **ٽاشو ٽاهڻ (ت):** افواهه اُٿارڻ – ڪوڙُ هڻڻ – ٽاهُه ٽاهڻ.

• **ٽاڪبست:** ٿ. جاگيرن جي حدن جي مقرري. زمينداريءَ واري زمين جي حد بندي. زمين جي ٻاهرين حد (ڪ).

• **ٽاڪرُ:** اسم خاص. راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو. ڏسو "ٽڪرُ".

• **ٽاڪرُ ع ٽاڪرَ:** ذ. [سن. ٺڪرهه] _ ديوتا. مالڪ – سائين – ڌڻي – سوامي. سردار. زميندار. راجاءَ ۽ ٺڪر لاءِ عزت وارو لقب.

– **ٽاڪرائو ع ٽاڪرائا:** ذ. صفت. ٺڪر جو. هارين کان ٺڪرُ کي مليل ٻنڌاڻ.

– **ٽاڪرُ ٽارُ ٽارو:** ذ. ٻتن رکڻ جي جاءِ _ ٻتخانو. مندر.

• **ٽالجڻُ، ٽالهجڻُ:** مصدر. "ٽالڻ" مان فعل مجهول. ٽڌجڻ (سيءَ ۾) – ٺري پوڻ (سيءَ ۾) ٽڌو ۾ سُڪي پوڻ – ٺنيجڻ سرديءَ جي جهبٽ اچڻ (ٽاليو – ٽالبو – ٽاليل).

• **ٽالڻ:** مصدر [سن. سٽرَ = قائم] ٺرڻُ – ٺنيڻ – (سرديءَ ۾). بي سَتو ٿيڻ (جسم) ٽڌو ڪرڻ. (ٽاليو – ٽاليندو – ٽاليل).

• **ٽالو ع ٽالا:** ذ. گهٽا چوپايا – گهٽا ماڻهو. گهٽا ڪُڪڙ (جن کي پير ٻڌي لٺ ۾ وجهي لڙڪائي ڪٺجي).

• **ٽالوڙ (ل):** ذ. ٻنا ڳڙ ميوو. (جنهن ميوي ۾ ڳڙ نه ٿئي).

• **ٽالهه (ت):** ٿ. دلن جي گهٽائي. هڪ هنڌ تي گهٽا رکيل گهڙا يا دلا.

• **ٽالهجڻ:** فعل مجهول. ٽڌجڻ – ٺنيجڻ.

• **ٽالهجي پوڻ:** ٽڌجي پوڻ – ٺنيجي پوڻ. ٺَڌِ جي سَٽَ اچڻ – سردي لڳڻ – ٺري پوڻ.

• **ٽالهڻ، ٽالهڻ:** مصدر. روڪڻ – رنڌڻ – منع ڪرڻ – بندش وجهڻ.

• **ٽالهو ع ٽالها:** ذ. گهٽائي – ڍڳ – دڙو – انبار – ڪوڙ. مينهن وسندي هوا جو زور سان جوهو.

– **ٽالهو ڪرڻ:** ڍڳ ڪرڻ – انبار ڪرڻ – ڪوڙ ڪرڻ – ڍير ڪرڻ.

– **ٽالهي ڀڏا:** ذ. صفت. گهٽائيءَ ۾ _ تمام گهٽا (رپيا).

– **ٽالهي ڀڏا ٽڪا، ڏوڪڙ:** ذ. محاورو. تمام گهٽا پئسا. وڏي ٻڌي رقم – سلامتي واري رقم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **ٽالهڻ ٻڌا ٽڪا ڏيڻ:** گهٽا پئسا ڏيڻ – وڏي رقم گڏي ڏيڻ.
• **ٽامُ ۽ ٽامَ:** ذ. [سن. سٿانُ] ماٺ – سانت – چُپ – آرام. ڳڏجاڻيءَ جي جاءِ ـ ميلاپ جو هنڌ. مضبوط شيءِ (ت).
– **ٽامُ ٽڪاڻو:** ذ. مقرر جاءِ. وعدي وارو هنڌ. رهڻ جي جاءِ ـ پڪي رهايش جو هنڌ.
• **ٽامَرَ:** ث. ٺهمر – ماٺ.
• **ٽامولِيو ۽ ٽاموليا (ٿ):** ذ. ننڍو ٿانءُ.
• **ٽانُٽ ۽ ٽانُٽيوُنْ:** ث. [سن. سٿالَر. سٿال + ڪر = ٿالهي] ٿالهي. ٽڪر جي پاٽ (ڪ). لوهہ جي تغاري (ٿ).
• **ٽانُلو ۽ ٽانُلا:** ذ. ڏسو "ٽانو" پورو يا ٽلهو ٿانءُ (جنهن سان وڏو آواز نڪري) – ڏانڊو. جهڳو. بيل گاڏيءَ جو ڏانچو. (صفت). سڪڻو – ٽلهو – خالي.
– **ٽانُلو ٽڪائڻ:** ٽهيل ٽڪيل ڪم خراب ڪرڻ. جهڳو ٽڪائڻ – گهر ۾ اٿبٽت پيدا ڪرڻ.
• **ٽانُلوڪڻُ (ٿ):** مصدر. ڏسو "ٽانوڪڻ".
• **ٽانُلِي ۽ ٽانُليوُنْ (ٿ):** ث. ڏسو "ٽاني".
• **ٽانُسِيو (ٿ):** ذ. جنڊو (جُتيءَ جو).
• **ٽانُشو ۽ ٽانُشا (ل):** ذ. ڳهيتلي جي منهن يا پٽ ۾ چمڙي جو ڳنڍ ۽ ٽويا.
• **ٽانُڪاهُ:** اسم خاص. تعلقي ڏڳهڙيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **ٽانُڪَرُ ۽ ٽانُڪَرَ:** ذ. ٽڪر جي ٿانوَ جو ڀڳل ٽڪر. ٽڪر جو اُنهو ٿانءُ. بيڪار ٽڪرُ. بيڪار ماڻهو. (صفت) خالي – سڪڻو.
– **ٽانُڪَرُ تي وڃڻ:** ڏاڍو هيٺو تي وڃڻ – ڏٻرو ٿيڻ – ڪمزور ٿيڻ – ڳري هڏا تي وڃڻ.
– **ٽانُڪَرُ ٽوٻِرو:** ذ. ٽڪر ٽوبر. ڀڳل ٽٽل ٿانون جا ٽڪر – بيڪار ٿانوَ.
• **ٽانُڪلو ۽ ٽانُڪلا (ٿ):** ذ. تغاري.
• **ٽانءُ ۽ ٽانءَ:** ذ. [سن. سٿانُ = جاءِ] گهوڙن جي ٻڌڻ جو هنڌ – ڪُرهہ – ٿان – طنبيلو – اُصطبل.
– **ٽانءُ ڏيڻُ (ٿ):** گهوڙيءَ جو ويامڻ.
– **ٽانءُ سيرَ (ٿ):** ث. ڏُڪي گهوڙي.
• **ٽانو ٽانا:** ذ. [سن. سٿان] جاءِ ـ هنڌ – ٽڪاڻو. استان. ڏس – پتو.
• **ٽاهَ (ٿ):** ث. ڪورڪي ڪم ۾ ٽاڃيءَ کي چڪيل رکڻ لاءِ رسو.
– **ٽاهَ ڪڻي ڪرڻ:** ٽاڃيءَ کي چڪڻ.
– **ٽاهَ ڍري ڪرڻ:** ٽاڃي ڍري ڪرڻ.

– **ٽاهَ:** ث. مصدر. "ٽاهڻ". اسم. ٽاهپ. بناوت. جوڙ سنوار. – انتظام – بندوبست.
– **ٽاهَ ٽُڪَ:** ث. ٽاهَ ٽوهَ.
– **ٽاهَ ٽوهَ:** ث. بندوبست – انتظام – جوڙجڪ. زيب زينت – هار سينگار – سينڌ سُرمو. چنڊ ڦوڪ.
– **ٽاهڻ ٽوهڻ:** بنائڻ – ٽاهڻ – زيبائتو ڪرڻ. چنڊڻ ڦوڪڻ.
– **ٽاهُو ۽ ٽاهُوَ:** ذ. صفت. ٽاهيندڙ – ٽاهہ ڪرائيندڙ – صلح ڪرائيندڙ – ڄڳائتو – ڄڳائيندڙ. صلاح ڪار. نيڪ – لائق (ت).
• **ٽاهُوڪو ۽ ٽاهُوڪا:** ذ. صفت. ٽاهہ وارو. ٽهندڙ – سهڻي بناوت وارو – وڻندڙ – سيبائيندڙ – ڄڳائتو – سنو. مَلوڪ – حَسين. (ٿ) ٽاهوڪي ۽ ٽاهوڪيون.
• **ٽاهِي ۽ ٽاهِيوُنْ:** ث. دروازي جو ڄُوبو (جو چانئٺ ۾ پوي جنهن تي دروازو ڦري).
• **ٽپ (ت):** ث. ڳهپ – ڏنگ – چپ – (ٿانءُ ۾).
• **ٽپائڻُ:** مصدر. "ٽپڻ" مان متعدي بالواسطہ. چپو ڪرڻ – ڪپو ٿيڻ. (چيلهہ ڪان) ڏنگو ڪرائڻ.
• **ٽپڻُ:** مصدر. نمڻُ – نوڙڻُ – ڏوندڙو ٿيڻ – ڪپو ٿيڻ.
• **ٽَٽ ۽ ٽَٽيوُنْ:** ث. [سن. تٽ = ڪنارو] وڏي واهہ يا درياءَ جي ڪپ تي اڏيل ننڍڙو ڳوٺڙو (جتان پتڻ اُڪري پار ٿجي) – واهڻُ.
• **ٽَٽُ ۽ ٽَٽَ:** ذ. ميڙُ (ماڻهن جو) – ڍڳ (شين جو). وٿاڻُ (چوپاين جو).
• **ٽٽو:** اسم خاص. سنڌ جي هڪ جهوني تاريخي شهر جو نالو (جو سمن جي دور ۾ سنڌ جي گادي جو هنڌ هو). صوبي سنڌ جي هڪ ضلعي، تعلقي ۽ ديهہ جو نالو.
– **ٽٽو مالهٽو:** اسم خاص. تعلقي گهوڙيڪيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **ٽٽونگر:** اسم خاص. ٽٽو شهر.
• **ٽَٽِي:** اسم خاص. لَڪِي. ڪوٽڙي ۽ گمبٽ تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **ٽَٽِي ۽ ٽَٽيوُن:** ث. (ماڻهن جو) ميڙ. پسگردائي – گرد و نواح (ت). ڪِل مسخري – ٽٽول (ل).
• **ٽپيارَ:** اسم خاص. جتن جي هڪ ذات جو نالو (ٻڪرين جا ڌڻ ڌارين. جاتيءَ طرف گهٽي تعداد ۾ رهن ٿا). ڪڇ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راجا کي پوک يا گيهہ جي پيدائش مان حصو ڏيندڙ رعيتي.

• **نَٽُ ج نَٽَ:** ذ. [سن. سْٿاتْرُ] ماڻهن جو ميڙ – ٺَٽُ ـ دبدبو – رعب تاب – پيڪو – ٺاٺُ. ڌوم ڌام. آرايش – سينگار.

– **نَٽُ نَانگَرَ:** ذ. ان مان. پيڪو. ڏيک ويک. شان شوڪت – ٺاٺُ باٺُ – سجاوٽ.

– **نَٽُ ٺُونڊ:** ٺينْ ڦُونْ. سيٺَ ڦُوڪ. ناز نخرو.

– **نَٽُ ڪرڻ:** رونق ڪرڻ. سينگار ڪرڻ. شان شوڪت ڏيکارڻ. وڏو اَڊمْبَر ڪرڻ. لئي ڪرڻ.

– **ٽَٽ:** ث. کل مسخري – مذاق – چرچو. گهبو. حرڪت.

– **ٽِٽ مَچائڻ:** گوڙ ڪرڻ – مسخري مچائڻ. کِلَ مسخري ڪرڻ – ڪيچل ڪرڻ.

– **ٽِٽ مَسخِرِيْ:** ث. چرچو گهَبو. ٽرڙيائي – کِل مَسخري – مذاق.

• **ٽٽِ (ڪ):** ث. مڪڙن جي ٻاچَ – ڳَهہ.

• **ٽٽُ ج ٽٽَ:** ذ. اهو فصل، جنهن جا سنگ نڪتائي نہ هجن يا ٽِبي ويا هجن (ت). (صفت) شودو – بدمعاش. رولو – رولاڪ. ادنگو. ضرورت کان وڌيڪ وڏو – بي ڊول. بي وقوف. چريو – مست – سُڪل – ٽوٽُ.

– **ٽٽُ مُلِڙِيو ج ٽٽَ مُلِڙِيا:** ذ. صفت. بي پهچ – بيوس – لاچار – موهِو – وائڙو. بي فائدو. جنهن مان ڪنهن لاڀ يا حيلي وسيلي جي اميد نہ هجي.

• **ٽَلَرُ ٽَلَرَ(ٿ):** ذ. پوٽو – ميدان – سخت زمين.

• **ٽِلِرو ج ٽِلِرا (ل):** ذ. ڀِڳل ٿانءُ – ٺانٺو. پُراڻي شيءِ. ٺلهو ڏيکاءُ.

• **ٽَلِرِي، ٽِلِرِيْ:** ث. مسخري – چرچي بازي – ٽرڙيائي. کِل چرچو. هَل – گوڙ.

– **ٽِلِرِي مچائڻ:** گوڙ ڪرڻ. کِل چرچو ڪرڻ – مسخري ڪرڻ – مذاق ڪرڻ.

• **ٽَٽَرو ج ٽٽرا (ڪ – ڪ):** ذ. ڪُوئو.

• **ٽِلڪاريو(ٿ):** ذ. پاراتو – پِٽڻو. پاراتي طور ڪم ايندڙ لفظ.

• **ٽَلَڻُ:** مصدر. ڌڪ هڻڻ.

• **ٽَلو ج ٽَلا:** ذ. مسخري – مذاق – ٺهڪو ڦهڪو – کِل ڀوڳ – چِٽر – ٽوڪ – ٽٺول. چم جي ڏبِي جو اڌ (ٿ).

• **ٽَلِيْ ج ٽَليُون (ل):** ث. ٺٺوِ ٺوٺ. چِٽر – ٽوڪ کِل – مسخري.

• **ٽَلِيْ ج ٽليُونْ (ڪ):** ث. وَلَ جو هڪ قسم.

• **ٽَلِنگُ ج ٽَلِينگَ (ت):** ذ. صفت. وڏي ٺاٺ وارو. دبدبي وارو. هلندي چلندي وارو. شاهوڪار.

• **ٽَپ:** ث. ٽپڻ جي حالت. ڪنهن اوزار کي متڪي سان ڌڪ هڻي سِڌو لسو يا تکو ڪرڻ جي حالت. تاس جي پٽن کي هيٺ مٿي ڪري ملائڻ جي حالت – ٺاپَ.

– **ٽَپ ڏيڻ:** اوزار کي ٽپي سِڌو ڪرڻ. مٿيءَ کي ڪوڏر جي پٺيءَ سان ڌڪ هڻي جمائڻ ۽ سِڌو ڪرڻ – تاس جي پٽن کي هيٺ مٿي ڪري ملائڻ. دوکو ڏيڻ – ڊِڪ چاڙهڻ.

• **ٽَپُ ٽَپ:** ذ. زخم – گهاءُ – وَڍُ. ڦَٽُ. ڏنڀ جو. داغ. چٽو – مُهر يا ٽپي جو نشان. ٻَنْڊُ (ڳجهارت جو). نبض جو ڌڪ. "ٻٽن مٿي ٽپ، ڏين ڏنڀ ساري ڏيل تي". چقمق پٿر، رڪ جو ٽڪرِ ڪپهہ وغيره (ڪ).

– **ٽَپ نارڻ:** ڦَٽ نارڻ – زخم ميٽڻ. مات ڪرائي ڇڏڻ – وائڙو ڪري ڇڏڻ. حواس خطا ڪرڻ.

– **ٽَپ ٽَرڻ:** گهاءُ ميٽجڻ. ڦَٽ چُٽڻ. دل ٺرڻ – راضي ٿيڻ. مات ۾ اچڻ. حواس خطا ٿيڻ. لاجواب ٿيڻ. شرمندو ٿيڻ – حيران ٿيڻ.

– **ٽَپُ ٻوڙ (ڪ):** نااُميد ٿيڻ – دل ڀڄڻ.

– **ٽَپُ هڻَڻُ:** ڌُڪو هڻڻ – اندازو لڳائڻ.

• **ٽُپْ، ٽِپُ:** ظرف. صفا – بِنهہ – ٻَٽ – اُڦٽ – بلڪل – جهٽ پٽ – هڪدم – ٽَڙ ٽِپُ.

– **ٽُپُ جواب ڏيڻ:** صفا جواب ڏيڻ – ڪورو جواب ڏيڻ. صفا انڪار ڪرڻ.

– **ٽَپُ ڪَرڻُ:** مٿان ثابت ڪرڻ (چوري وغيره).

• **ٽَپائِڻُ:** مصدر. 'ٽَپَڻُ' مان متعدي بالواسط. مُڏي اوزار (ڪوڏر، رنبي وغيره کي) لوها رڪان ٽپائي تکو ڪرڻ (ٽپايو – ٽپائيندو – ٽپايل).

– **ٽَپرائڻُ:** مصدر. 'ٽِپَرڻُ' مان متعدي بالواسط.

• **ٽِپرِيْ مارڻ (ت):** ضد ڪري وِهَڻُ. ٽٽيي هٽي ويهي رهڻ.

• **ٽَپِڪو ج ٽَپِڪا:** ذ. هٿ سان ڌڪ جو آواز. ڌڪ. سزا – سيڪت – تنبيهہ – چينپ. الزام – حرف.

– **ٽپڪو اَچڻ:** الزام لڳڻ – حرف اچڻ – نقصان پهچڻ (عهدي يا ڌنڌي کي).

– **ٽَپڪو ڏيڻ:** سيڪت ڏيڻ – ڪجهہ سزا ڏيڻ – ڊَپ ڪڍڻ – نقصان پهچائڻ.

– **ٽَپِڙِيْ ج ٽَپِڙيُونْ:** ث. ٽپڻ جي حالت – ٽَپَ. ڇاپَ – ڇُرُ (ڪپڙي تي). ڪنيارن وٽ ٿانوَن ٽپڻ لاءِ ڪاٺ، جي ڦَرهي.

• ٺوهيو ج ٺوهيا: ذ. صفت. سچو – پينگيو.
• ٺَهَ: ٿ. [آواز] ڏڪ جو آواز.
• ٺَهُ: مُعاهدو – قبوليت.
• ٺَهائِڻُ: متعدي معروف. ناهه ڪرائڻ – پرچاءِ ڪرائڻ – صلح ڪرائڻ. ڪنهن فيصلي تي بيهارڻ – قبول ڪرائڻ. تيار ڪرائڻ. ٺهرائڻ. درست ڪرائڻ. (ٺهائيو – ٺهائيندو – ٺهايل).
• ٺَهاءُ: ذ. ناهه – معاهدو – صلح. قبوليت. انتظام. دُرستي.
– ٺَهائِتو ج ٺَهائِتا: ظرف. صلح جهڙو – ناهه جوڳو. جُڳائيندو – سُهائيندو. ٺولائتو – وٺندڙ.
• ٺَهَتَ، ٺَهَت: ٿ. ناهه – معاهدو – صلح. پرچاءُ. بناوت – اڏاوت – درستي.
• ٺَهَت: اسم خاص. تعلقي ميرپور بٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• ٺَهَپَ، ٺَوَپَ: ظرف. ٺهپهه – تُرت – جهٽ پٽ – تنهي تاءِ – يڪدم – ٺڏي تي – اُتي جو اُتي.
• ٺَهَ ٺَهَ: ٿ. ٺڪاءَ جو لاڳيتو آواز – ٺڪاٺوڪي.
• ٺَهَپ: ٿ. ٺهڻ جي حالت يا نمونو. ناهُ.
• ٺَهَبَرَ ج ٺَهَبرُون: ٿ. ٺاپُر – ماٺ _ چُپ _ سانت – خاموشي.
• ٺَهه پهه، ٺَهه ٺُهه: ظرف. جهٽ پٽ – هڪدم – تُرت – اُتي جو اُتي – تڙي ڪڙي.
• ٺَهراءُ ج ٺَهراءَ ٺَهراوَ: ذ. [سن. سٿر = بيهڻ] بيهڪ. ايستادگي. صُلح. پرچاءُ – راضي نامو. تجويز – رٿ. فيصلو. قصد – ارادو.
– ٺَهراءُ پاس ڪرڻ: تجويز يا رٿ بحال ڪرڻ.
• ٺَهرَڻُ: مصدر. [سن. سٿر = قائم] ترسڻ – بيهڻ. ساهي کڻڻ. آرام ڪرڻ. ٽڪڻ. ماٺ ۾ رهڻ – صبر ڪرڻ – ڌيرج ڪرڻ. ماٺار اچڻ (پاڻي ۾). (ٺهرايو – ٺهريو – ٺهريل).
– ٺَهرَ: ٿ. ماٺ – سانت – چُپ. ڍرائي – آهستگي – ڌيرج – تحمل. آرام – سُڪون.
– ٺَهرائتو: ذ. مِٺدو _ ڌيرج وارو – صبر وارو – دور انديش.
– ٺَهريل: صفت. ترسيل. ٽڪيل. بيٺل (پاڻي وغيره) آنريل.
• ٺَهرو ج ٺَهرا: ذ. صلح – ٺڏي – ميلاپ – اتحاد.
– ٺَهرو پڄڻ: مصدر. صلح ٽوڙڻ – اتفاق ڇڏي ڏيڻ.
• ٺِهرِي ج ٺِهرِيُون (ت): ٿ. ترسڻ جي جاءِ. منزل. اوتارو – ايڪو – ٺڏي.
• ٺَهْٺُهْ (ل): ظرف. ڏسو "ٺهه پهه".
• ٺَهڪَڻ: ٿ. نار يا هُرلي جي ڏينگي کي ابتي ڦرڻ کان روڪڻ لاءِ ڪاٺ – ويساهيڻ (ل).
– ٺهڪڻو ج ٺهڪڻا: ذ. ٺهڪي ايندڙ – پڄي ايندڙ.
– ٺَهڪڻو ٺُهڪڻو: ذ. صفت. چالاڪ. خوشمزاج. خوش طبع – جرجائي.
– ٺَهڪِي اَچڻ: پڄي اچڻ – ملي اچڻ – برابر ٿي اچڻ.
• ٺَهڪو ج ٺَهڪا: ذ. ڪن شين جي ٽڪرجڻ جو آواز – ٺڪاءُ.
• ٺَهڪو ٺُهڪو: ذ. چرچو پوڳ – کِل مسخري.
• ٺهندو: ظرف. جڳائيندو – موزون. وٺندڙ. مناسب. وس آهر. شاناڻتو.
• ٺهندي: صفت. ٺهيل. رهائيندي (شرع موجب) (ٿ) ٺهيل ڪر. سُهائيندي ريت. سهٺي ڳالهه.
• ٺَهنْڪارَ (ٿ): ٿ. چوپائي مال جي کنگهه.
• ٺُهنگو ج ٺهنگا (ت): ذ. ٺورڙو ڏڪ ڏسو "ٺُونگو".
• ٺُهو ج ٺُها: ذ. ڪوهه کوٽڻ يا کاتي کڻڻ ۾ ڪوڏر جي چئن پنجن لپن جيتري ڪڍيل مٽيءَ جو انداز (ل). گهمرو – پيرو – وارو (ڪ).
• ٺَهوڙ: ٿ. بناوت. ٺهپ.
• ٺَهوڙَڻُ (ل): مصدر. ڏوهڻ – روڪڻ.
• ٺُنْبَرُ ج ٺُنْبرَ (ڪ): ذ. ٻن ڏنبن جو ٽڪرُ.
• ٺِيْبَرُ ج ٺِيبرَ: ذ. ٺندو ٿاڻ (ل). پڳل ڏلي جو اڌ ٽڪر (ٿ).
• ٺيهڪُ ج ٺيهڪَ (ل): ذ. سَٽڻ جو ورُ – گهنج – سَرَ.
• ٺيتَ ج ٺيتُون: ٿ. مقرر جاءِ _ ٺٽ. ترسڻ جي جاءِ. آستانو – ٺڪاڻو. پاٿاري. بچاءُ – حفاظت. جاچ – چڪاس.
• ٺيٽ: اسم خاص. تعلقي واره ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• ٺيٺ: صفت. [هندي] خالص – نج – اصل. سخت. خشڪ. آخر – پڇاڙي (ٿ).
• ٺيلو ج ٺيلا: ذ. رس پريل ميوو. پورو ڪاٺ. مڇيءَ جو هڪ قسم (ويڪرو منهن. ٿلهي ڏڏرءِ پُڇ سنهون).
• ٺيلي (ٿ): ٿ. اڌوهي لڳل ڪاٺي. اڌوهي لڳل ڪاٺيءَ جي مٽي.
• ٺِيپُ (ڪ): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• ٺيپ: ٿ. مٺائيءَ جو هڪ قسم – ٿلي ٺڏي. (بيماريءَ جي واڌاري ۾) گهٽتائي – ٺاپُر. ڏڪُ – مارَ – چوٽ.
• ٺيپُ ج ٺيپَ (ڪ): ذ. ٽڪرُ (گهيٽي جو). ڦيرو – گهمرو – پيرو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• ٽيبوڪُ ج ٽيبوڪَ (ڪ): ذ. صفت. مار کائڻ کان پوءِ بہ ڪم نہ ڪندڙ – ڪٺو – نٺر – ضدي.

• ٽيري ٽيريُون: ث. ڇڏو. بلور. ڳوڙهي.

• ٽيرو ج ٽيرا (ٿ): ذ. ڳنڍو (مٽيءَ وغيره جو) – ڳوڙهو. (ٿ) ٽيڙي ج ٽيڙيُون.

• ٽيڙهي: اسم خاص. تعلقي خيرپور ميرس ۾ هڪ ديهہ ۽ ڳوٺ جو نالو. سيوهڻ تعلقي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

– ٽيڙهي ڪارَڪَ: ث. "ٽيڙهيءَ" ۾ ٿيندڙ ڪارڪن جو هڪ قسم – ڳرم پاڻيءَ ۾ پڪل ڪارَڪَ – ڇهارو.

• ٽيڙهي ج ٽيڙهيُون: ث. پٿر جي ننڍي گولي – ٽيٽي. بلور – ڇڏو. ڪٺل جي سخت ڳِڙي – وڏائي – آڪڙ – سيٽَ – ٽيڙي.

– ٽيڙهي ٿيڻ (ٿ): سُسي سوڙهو ٿيڻ. بيمار ٿيڻ. ڪنهن تڪليف ۾ اچڻ.

• ٽيس (ٿ): ث. ٿورو ڏکُ.

• ٽيش: ث. آڪڙ – سيٽَ – وڏائي – ٽيش – ٽيڳرَ.

• ٽيشو (ڪ): ذ. ٿورو ڏکُ – ٽونسو.

• ٽيڪُ: صفت [سن. شٽا = لهڻ] صحيح – درست، پورو – برابر. ڪَب. تيار. جوڳو – مناسب. سُهائيندو.

– ٽيڪ ٺاڪ: صفت. هر طرح درست. ٺهيل ٺڪيل.

• ٽيڪرانو: ذ. ٽڪر جي پڪل ٽانوَن جا ٽڪر – ٽڪرانو. ٽڪراڻي واري ايراضي. پراڻو ٽڪل (جتي عموماً پڪل ٽانوَن جا ٽڪر پکڙيل هوندا آهن). تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• ٽيڪري: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• ٽيڪري ج ٽيڪريُون: ذ. صفت. ٽڪر جا ٽانوَ وڪڻندڙ. جو ٽانءُ (دلو) ڪڻي پنندڙ (فقير).

• ٽيڪلو (ٿ): ذ. وڻائل رڍ، ٻڪري، ڳانءِ يا مينهن. ٻهرين ڏينهن وارو ڪَڙهيل کيرُ – پِسُ – ڪَڙُ.

• ٽيڪو ج ٽيڪا: ذ. ڏڪڙ يا پکواز جي تار ۾ ڳَت جي پڪائي.

• ٽيڪو ج ٽيڪا: ذ. ٻول جو ڪم – اجارو – مُقاطعو.

– ٽيڪيدارُ ج ٽيڪيدارَ: ذ. صفت. مقاطع دار – اجاره دار – ٻول جو ڪم ڪندڙ. ٽيڪا ڪٽندڙ.

– ٽيڪيداري ج ٽيڪيداريُون: ث. ٻول جو ڪم – مقاطعو – ٽيڪو. اجاري داري. وَنگڙي – ونگُ. بيل گاڏيءَ جي چاڪ ۾ ارن کي جهليندڙ گول ڪائي.

• ٽيڳر، ٽيڳر: ث. وڏائي – آڪڙ – سيٽَ – ٽيڳر.

– ٽيڳر لاهڻ: سيٽ پچڻ. سيڪت ڏيڻ.

• ٽيڳرجڻُ: فعل مجهول. مغروريءَ ۾ پرچي وڃڻ – آڪڙجڻ – ٽيڳرجڻ (ٽيڳريو – ٽيڳربو – ٽيڳريل).

• ٽيلهڻُ: مصدر. ٽيلها ڏيڻ – ڌڪي اڳتي ڪرڻ – ٽيلهڻ – ريڙهڻ – ڌڪڻ – اڳتي هلائڻ. سيرڻ – چورڻ. هٽائڻ – پري ڪرڻ. لوڏڻ. (ماڻهوءَ کي). (ٽيلهيو – ٽيلهيندو – ٽيلهيل).

– ٽيلهه: ث. ٽيلهڻ جي حالت – ڌڪَ – ريڙهَ.

– ٽيلهائڻ: مصدر. 'ٽيلهڻ' مان متعدي بالواسطہ. ٽيلهائڻ. لوڏائڻ.

– ٽيلهه ٽيلهان: ث. ڌڪ ڌڪان – ٽيلهہ ٽيلهان.

– ٽيلهجڻُ: مصدر. 'ٽيلهڻ' مان فعل مجهول. ٽيلهجڻ. ڌڪجڻ – لوڏجڻ.

– ٽيلهو ج ٽيلها: ذ. ڌڪو – ٽيلهو. صدمو. نقصان. ريل جي پٽي تي هلندڙ ننڍو گاڏو (جنهن کي ماڻهو ڌڪا ڏئي هلائڻ).

– ٽيلهو ڏيڻ: ٽيلهو ڏيڻ. ڌڪو ڏيڻ. نقصان رسائڻ.

– ٽيلهي مارڻ: دربدر ڪرڻ – رُلائي مارڻ. اٽڪل سان ڌڪ ڪيڻ. چالاڪي سان نقصان رسائڻ.

• ٽيمُ (ٿ): ذ. صفت. وڏو ماڻهو.

• ٽينڊَرُ (ٿ): ذ. پراڻي پڪل شيءِ.

• ٽينپاڙُ ج ٽينپاڙَ: ذ. پڳڙَ.

• ٽينبَر ج ٽينبِرُوُن (ل): ث. ٽونو – ڏيهہ – ڏيهڙ.

• ٽينڊو ج ٽينڊا: ذ. ڏانڊي پکيءَ جو هڪ قسم (رنگ اڇو. ننڍڙن ٽنگون ڏگهيون. ٽيٽڻي جي قسم جو).

• ٽينڊا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• ٽينڊو ج ٽينڊا: ذ. ٽُنگُ – سوراخ (ٽڪر يا ڌاتوءَ جي ٽانءُ کي). پڪل ٽانءُ جو سوراخ. سانگهيڙو.

– ٽينڊرُ ج ٽينڊرَ: ذ. صفت. تنگ وارو – سوراخ دار. (ٽانءُ).

– ٽينڊي ج ٽينڊيُون: ث. مَٽ، دلي يا ٽانءُ ۾ سنهڙو سوراخ – سانگهيڙي.

– ٽنڊي ڪري وهڻ: لار ڪري وهڻ (رت. پاڻي وغيره) – ڌارَ وانگر وهڻ (پڪل ٽانءُ).

• ٽينڪُ ج ٽينڪَ (ٿ): ذ. ٽينگُ.

• ٽينڪلو (ٿ): ذ. ٻهرئين ڏينهن جو پِسُ يا ڪَڙُ (جو ڳهانو ٿئي ۽ ڪاڙهڻ سان ٽڪي ٿئي) – ٽيڪلو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ث

ث: ث [ع.ف] عربي "الف – بي" جو چوٿون اکر فارسيءَ "الف – بي" جو پنجون اکر ۽ سنڌي "الف – بي" جو ڇاٺون اکر – ابجد موجب عدد (٥٠٠).

• ثاب: ظرف. [ع. ثَابَ – بدلو ڏيڻ] قبول – منظور. عموماً "پوڻ" يا "ٿيڻ" سان گڏ اصطلاح طور ڪم ايندڙ لفظ.

• ثاب پوڻ: قبول پوڻ. منظور ٿيڻ (ڪم). ثواب جي لائق ٿيڻ.

• ثابت: صفت. [ع. ثَبَتَ = قائم رهيو] برقرار – محڪم – مضبوط. صحيح – سلامت. سچو – سارو – پورو.

– ثابتُ ٿيڻ: مضبوط ٿيڻ. سچو ٿيڻ – ثبوت ملي وڃڻ. تصديق ملي وڃڻ. پڪو ٿيڻ (دليل. الزام. ڏوهه).

• ثابتُ قدم: ذ. صفت. هڪ ڳالهه تي بيهندڙ. ارادي جو پڪو – مستقل مزاج. مضبوط.

• ثابت قَدَمِي: ث. مضبوطي – بيهڪ – اِستقلال.

• ثابتُ ڪرڻ: سچو ڪرڻ. تصديق ڪرڻ. دليل سان ظاهر ڪرڻ. ڄِتو ڪرڻ (الزام).

• ثابِتي ج ثابتيُون: ث. مضبوطي. پختگي (الزام يا دليل جي). تصديق. گواهي – شاهدي – ساک. نشان – اهڃاڻ. شَگُ. پڪي نشاني.

• ثبُوت: صفت. "ثابت". [ثابت مان بگڙيل لفظ] "سندرو ثابوت. منزل آسان" (چوڻي).

• ثاقبُ ج ثواقِبُ: صفت. [ع. ثَقَبَ = چمڪيو] چمڪندڙ – روشن – مُنَوّرُ (تارو).

• ثَلابُ: ث. [ع. ثَعْلَب] دوا طور ڪم ايندڙ. هڪ ٻوٽيءَ جو نالو. (مصر ۾ گهڻي ٿئي ٿي ان ڪري ان کي 'ثعلب مصري' چئبو آهي).

• ثالثُ: عدد قطاري يا شماري [ع] ٽيون. ٽياڪر – امين. وچولو.

• ثالث – بِالْخَيْر: ذ. ٻي ريا امين – فيصلي ۾ رعايت نه ڪندڙ امين. ٻنهي ڌرين جو خير چاهيندڙ ٽياڪر.

• ثالثُ تَحصِري: ذ. اهو امين جنهن تي ٻنهي ڌرين جو ڀروسو هجي ۽ ان جي فيصلي تي مقدمي جو مدار هجي.

• ثالث نامو: ذ. اهو ڪاغذ جنهن موجب لِکَتِ ۾ ٻنهي ڌرين ڪنهن کي امين ڪرڻ جو اقرار ڪيو هجي.

• ثالثِي: ث. ٻن ڌرين جي وچ ۾ فيصلي جي ٽياڪرائي – امانت ٽياڪرائي. صلح

• ثَامِنُ: [ع. ثَمَانِيَةٌ – اَٺ] اَٺون.

• ثانَوِي: صفت [ع. ثَنَي = ٻيڻو ڪيائين. ورڏنائين] ٻيو ـ ٻئي درجي وارو – اول درجي کان گهٽ حيثيت وارو. (ذ) ٻيو ڏاڪو – ابتدائي ڏاڪي کان ٻيو مٿيون ڏاڪو. ٻيو نمبر حيثيت.

• ثانَوِي تَعْلِيم: ث. ٻئي نمبر جي تعليم – موجوده تعليم نظام موجب ـ هاءِ اسڪول جي تعليم.

• ثَانِي: صفت. [ع. ثَنَي – ٻيڻو ڪرڻ] ٻيو. جهڙو – مثل. همسر – مقابل – جوڙ – مَٽُ.

• ثَانِياً: ظرف. ٻئي دفعي – ٻيو ته – ٻي صورت ۾.

• ثَانِي شَرِيڪ: صفت. جوڙ جيسُ. برابري وارو (حيثيت ۾) شادي غمي ۾ شريڪ ٿيندڙ.

• ثَانِي لوءِ: اسم خاص. تعلقي اوٻاڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• ثَانِيَہ: ذ. [ع] سيڪنڊ – دقيقو – لَحظو. پَلُ – ڪَنِ پَلَڪَ – اک ڇنڀ.

• ثَبَاتُ: ذ. [ع. ثَبَتَ = قائم رهيو] پائداري – جٽاءَ – مضبوطي – قرار – بيهڪ.

• ثَبَاتِ راءِ: ث. پڪي راءِ. پڪو ارادو.

• ثَبْتُ: صفت [ع. ثَبَتَ = پڪو ٿيڻ] قائم. لکيل. پڪو پُختو – مهر ٿيل. نقش ٿيل.

• ثَبْتِ ڪرڻ: هڻڻ (مُهر). نقش ڪرڻ. قائم ڪرڻ (يادگار).

• ثُبُوتُ ج ثُبُوتَ: ذ. [ع. ثابت جو جمع] قيام – پائداري. هميشگي. مقرري. ثابتي. نشان. شاهدي – گواهي. دليل.

• ثُبُوتِ اِستِحْقَاقُ: ذ حقدار هجڻ جو ثبوت پنهنجي حق جي ثابتي.

• ثُبُوتُ ضِمْنِيُ: ذ. ڪنهن ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ اشاري

يا ڪنايه طور پيش ڪيل ثابتي (دليل شاهدي يا نشاني).

• **ثُبُوتِ لِساني:** ذ. زباني ثابتي. شاهدي.

• **ثبوتي:** ذ. [ع] ثابت. قائم — پڪو پختو دليل.

• **ثَروَت:** ث. [ع. ثَرآ = دولت وڌڻ] مال جي گهڻائي. دولت. تونگري — شاهوڪاري — آسودگي.

• **ثَرِيٰ:** ث. [ع] زمين جي هيٺان واري مِٽي. آلي مِٽي. آلاڻ. هڪ نکٽ جو نالو.

• **ثُريّا:** ث. [ع] ڪَتيُونْ (تارن جو مشهور ميڙ) تمام اوچي منزل.

• **ثُريّا جاهُ:** ذ. صفت. بلند مرتبي وارو — عالي مرتبه. وڏي شان شوڪت وارو.

• **ثُعْبان:** ذ. [ع] تمام وڏو ۽ ٿلهو نانگ — اژدها.

• **ثَعْلَبُ. ثُعلب:** ث. [ع] لومڙي. پسارڪي وکر جو هڪ قسم. (ٻن قسمن جو ٿئي: ثَعلب پنجو. ثَعلب مصري).

• **ثِقالُ:** ث. [ع. ثِقل = ڳرو ٿيڻ] ٿلهي عورت.

• **ثَقالَت:** ث. [ع] ڳراڻ — ڳوراڻي — بارُ. خمار. بدهضمي.

• **ثِقل:** ث. [ع] ڳوراڻ — ڪشش ثقل (زمين جي مرڪز جي ڇِڪَ).

• **ثِقْلُ:** ذ. [ع] بار. وزن. ڳوراڻ.

• **ثَقلان. ثَقلَيْن:** ذ. [ع] ٻه گره. (وڏي ڳَري جمعيت وارا، يعني جِنَ ۽ انسان) — ٻه ڳَريون شيون.

• **ثِقَه:** ذ. صفت. [ع. وَثِق = اعتماد هئڻ] معتبر — پروسي جهڙو — اعتماد رکڻ جهڙو — جنهن تي پورو پروسو ڪجي.

• **ثِقَه بَدْمعاش:** ذ. صفت. پرهيزگارن جي شڪل بڻائي بدمعاشي ڪندڙ — ويساه ڏيئي ڪم ڪندڙ.

• **ثَقيلُ:** ذ. صفت. [ع. ثَقُلَ — هو وزني ٿيو] ڳورو — وزندار.

• **ثَلاثُ:** صفت. [ع. ثَلَثَ = ٽيون ٿيڻ] ٽي (٣).

• **ثُلاثِي:** صفت. [ع] علم نَحو جي اصطلاح ۾ ٽن اصلي اکرن وارو لفظ (جهڙوڪ هوش. طرز. جلد وغيره).

• **ثُلُثُ:** ذ. صفت. [ع] ٽيون حصو.

• **ثَمَّ:** ظرف. [ع] پوءِ ــ وري — پوءِ وري.

• **ثَمَرُ:** ذ. [ع] ميوو — ڦَلُ — ڦَرُ — پيداوار — حاصلات. نتيجو. عوض.

• **ثَمَردار:** ذ. صفت. ميوه دار (وڻ). ڦلدار.

• **ثَمَر سارُ ڪرڻ:** سامان سڙو سنڀالي ڪٽڻ.

• **ثَمَرَهُ:** ذ. ڦَلُ. نتيجو — انجام — پڇاڙي.

• **ثَمَنُ:** ذ. [ع. ثَمَنَ = قيمتي ٿيڻ] قيمت — مُلهه — آگهه.

• **ثَمُودُ:** اسم خاص. [ع] حضرت نوح عليه السلام جي نسل مان چوٿين پيڙهي ۾ هڪ ماڻهوءَ جو نالو. هڪ قبيلي جو نالو جنهن تي حضرت صالح عليه السلام کي نبي ڪري موڪليو ويو پر انهن ماڻهن سندس معجزي واري ڏاچيءَ جون ڪُچُون وڍي ڇڏيون ۽ مٿن عذاب نازل ٿيو.

• **ثَمِيْن:** صفت. [ع] قيمت — مهانگو.

• **ثَنا ج ثَنائُونْ:** ث. [ع. آثني — ان ثنا ڪئي] تعريف — واکاڻ — مدح — ساراهه.

• **ثَناخوان:** ذ. صفت. ع. ثن + فدا خوان] تعريف ڪندڙ — مدح خوان — ساراهيندڙ.

• **ثَناخواني:** ث. واکاڻ ۾ ڪجهه چوڻ — تعريف ڪرڻ.

• **ثَناگَر. ثناگو:** ذ. صفت [ع. ثنا + ف. گر. گو] ثناخوان — ساراهه ڪندڙ. مداحون پڙهندڙ — گهڻي تعريف ڪرڻ وارو.

• **ثَنائي:** صفت. [ع] ثنا ڪندڙ — تعريف ڪندڙ.

• **ثَنائي:** اسم خاص. لاڙڪاڻي ضلعي جي هڪ "مولوي ثناء الله" جو تخلص.

• **ثُنائي:** ذ. [ع. ثَني = ٻيڻو ڪرڻ] علم نحو جي اصطلاح ۾ ٻن بنيادي اکرن وارو لفظ (بد. در. من. دل وغيره).

• **ثَوابُ ج ثوابَ:** ذ. [ع. ثابَ = بدلو ڏيڻ] چڱو ڪم. نيڪي — چڱائي. بدلو — اَجر — عوض — جزا. الله پاڪ وٽان ملندڙ چڱي ڪم جو بدلو.

• **ثَوابُ ڪَئڻ:** نيڪ ڪم ڪرڻ. چڱي ڪم ڪرڻ سان ڪو اجورو حاصل ڪرڻ. محتاج جي حاج پوري ڪرڻ.

• **ثَوّابُ:** ذ. صفت [ع. ثَوبُ = ڪپڙو] ڪپڙو وڪڻندڙ — بزازي.

• **ثَوابِتُ:** ذ. ["ثابت" جو جمع. ع. ثَبَتَ = هڪ جاءِ تي رهڻ] غير متحرڪ تارا — ڪَتل تارا — (جيڪي گردش نٿا ڪن بلڪ هڪ هنڌ ڪَتا بيٺا آهن.)

• **ثَوابُ:** ذ. [ع] ڪپڙو — لباس.

• **ثَوْرُ:** ذ. [ع] ڏڳو. هڪ بُرج جو نالو. (اسم خاص) مَڪي شريف جي ويجهو هڪ جبل جو نالو.

• **ثَورُ:** اسم خاص. [ع] حضرت سُفيان ثوري جي قبيلي جي وڏي سردار جو نالو. ٿُنْهَنْ جي پاڙ ۾ گڏ ٿيل مِٽي. (صفت). احمق — نادان.

• **ثُومَرُ:** ث. [ع] ثُومَرَ.

• **ثَيِّبَه:** ث. [ع. ثَيِّبَةُ — مڙس کان جدا ٿيل] مڙس کان جدا ٿيل عورت (طلاق يا مڙس جي موت سبب). رن زال.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# پ

پ: ث. [سن. ف]سنڌي "الف – بي" جو ڏهون ۽ فارسي جو ٽيون اکر. ابجد موجب ان جو عدد "ب" جي برابر (٢). هي اکر فارسي ۾ "ب" ۽ "ف" سان تبديل ٿئي "پادشاه > بادشاه. پيل > فيل. سپيد > سفيد".

● پہ: حرف جملو. بہ – پِيْ. پُڻ.

● پا: ذ. [ف. پاءِ(ي) جو مخفف] پير.

– پا اُفتادُ: صفت. [ف. پا + اُفتاد] مصيبت ۾ ڦاٿل. بيوس – لاچار – عاجز.

– پا اَنْدازُ: ذ. [ف. پا + انداز] ڦيٿ وغيره مان ٺهيل بُوجري تپڙي (جيڪا دروازي تي پيرن صاف ڪرڻ لاءِ رکيل هجي يا گاڏيءَ ۾ پيرن رکڻ واري جاءِ تي رکجي).

– پابَجُولاَن: ظرف. [ف. پا + بہ + جولان] پيرن ٻڌل. (قيدي) پير ڪڙين پيل (قيدي). گرفتار.

– پابَرڪابُ. پا دررڪاب: ظرف. [ف. پا + بہ + رڪار] پير رڪاب ۾ – گهوڙي تي چڙهڻ لاءِ تيار – وڃڻ لاءِ تيار – رواني ٿيڻ وارو.

– پا بَرَهْنَہ: ظرف. [ف. پا + برهنہ] پيرين اُگهاڙو.

– پا بَہ زَنْجِيْر: ظرف. [ف. پا + بہ + زنجير] پيرن ۾ زنجير پيل – قيد ٿيل – ڦابو – گرفتار.

– پابگِل: ظرف. [ف. پا + بہ + گِل] پير گپ ۾ گتل – چِڪَڻَ ۾ ڦاٿل – پُڄڻ کان رد – لاچار – بيوس.

– پابَنْدُ: صفت. [ف. پا + بند] پيرن ٻڌل – گرفتار – قيد – مجبور – محڪوم. نوڪر. (ذ) ڪنهن جانور کي پيرن ۾ وجهي ٻڌي ڇڏڻ لاءِ زنجير.

– پابَنْد ٿيڻ: ٻڌل ٿيڻ (انجام موجب). ٻڌل رهڻ (نوڪري يا ڪنهن عمل جي)

– پابَنْد هئڻ: ٻڌل هئڻ (فرض ادائي لاءِ) – مجبور هئڻ (حڪم يا عادت سبب) – پورو يا قائم هئڻ (وقت يا نوڪريءَ جو).

– پابَنْدِيْ ج پابَنْدِيُوْن: ث. [ف. پا + بندي] ٻڌل رهڻ جي حالت. بندش. فرمانبرداري – اطاعت. پانهپ – غُلامِيْ. نوڪري. مجبوري – لاچاري.

– پابوس: ذ. صفت. [ف. پا + بوس] پيرچُمندڙ. فرمانبْردار.

– پابوسِي: ث. پيرن چمڻ جي حالت – قدمبوسِي. وڏن جي ملاقات. تعظيم.

– پاپوش: [ف. پا + پوش] پيرن کي ڍڪيندڙ. [ث] جُتي – پيزار.

– پاپيادَہْ: ظرف. [ف. پا + پياده] پيرين پنڌ – سواريءَ کان سواءِ.

– پازيبُ ج پازيبَ: ذ. [ف. پا + زيب] پيرن ۾ پائڻ جو هڪ گِہَہُ.

– پاشِڪَسْتَہ: صفت. [ف. پا+ شڪستہ] پيرن پِڳل. هلڻ کان لاچار. معذور – هيڻو – ضعيف.

– پاشُوئي پاشوئہ: ذ. [ف. پا + شويدن] پير ڌوئڻ. طب جي اصطلاح ۾ پاڻيءَ سان پريل ڪُونڙَ ۾ پيروجهي ويهڻ.

– پاشُوئہ ڪرڻ: پير ڌوئڻ. پاڻيءَ ۾ ڪجهہ وقت پير وجهي ويهڻ.

– پاڪوبِيْ: ث. [ف. پا + ڪوفتن] پيرن سان مار – ٿڏا – پيرَ ڪُٽڻ

– پامال: صفت. [ف. پا + ماليدن] لتاڙيل. زبون. برباد. ڏسو "پائمال".

– پاياب: صفت. [ف. پا + يافتن] پيرَبوڙ – تانگهو (پاڻي).

● پاپِٽي: اسم خاص. ديري محبت (ماتلي) ۽ ڏگهڙي تعلقن ۾ ديهہ جو نالو.

● پاٻو: ذ. سُرمون "پاڻ آيو پرين پاٻو پائي" (اميد علي شاهہ).

● پاٻو ج پاٻا (ٿ): ذ. واڄو – باجو.

● پاٻورو: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● پاٻُوري: اسم خاص. تعلقي ڏوڪري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● **پاهوڙو ج پاهوڙا:** ذ. [سن. پدمر] پبڻ وَل جو وڏو پن. پَبڻ ول جو ڦرُ. اڪ جو پَنُ. اڪ جو انبُ – اڪنٽرو، ڪانياٽيءَ جو پَبُ (جنهن ۾ ڳوڙهو رکجي).

– **پاهوڙي ج پاهوڙيون (ل):** ث. پَبڻ جو ٻجُ – پَبٽي – ڏوڏو.

● **پاهوهڻ، پاهوڻُ:** مصدر. [سن. پَرَسُونُ] مُرڪڻ – مُشڪڻ – ٽڙڻُ – خوش ٿيڻ – پيار ڪرڻ. اُڪير ٿيڻ. (پاهوهيو – پاهوهيندو – پاهوهيل). "پاهوهڻ پرين لڳا، ڪر ڪنٺهار ڪڙيا" (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي).

– **پاهوهُ، پاهوڻ:** ث. مُرڪَ – مُشڪَ – پيار، سِڪُ – اُڪير – اُتساهه. رفتار. "آولِي ۽ چانولِي آ پرينءَ جي پاهوهه" (جلال).

– **پاهوهجڻُ:** مصدر. 'پاهوهڻ' مان فعل مجهول. ڪِلڻ. ٽِڙڻ.

– **پاهوهه ڏيڻ:** پيار ڏيڻ.

– **پاهوهِي ج پاهوهيون (ل):** ث پيار، سِڪَ –اُڪير. سڪايل عورت

● **پاهِه:** ث. سجرائي – تازگي – تازائي. نرمي – ڪوملتا. نفاست – نزاڪت. نَئين قَتَلَ ساوڪ.

● **پاهِي ج پاهِيُون:** ث. ونگي جو هڪ قسم – ونگي – بادرنگ. (ف) دوا طور استعمال ٿيندڙ هڪ قسم جو ٻج.

● **پاهيو ج پاهِيا:** ذ. [سن. وَيپهَ] ٻڪيءَ جو هڪ قسم (ث) – تارو. (صفت) سُهڻو – حَسين (ت).

● **پاهِي ج پاهِي (ت):** ذ. صفت. بهادر – دلير. لائق. چالاڪ – هوشيار. مکيہ ماڻهو – وڏو ماڻهو. سَخِي.

● **پاتِ ج پاتيُون:** ث. [سن. پاتُ] پَٽ – پڪ – پنت – فرقو. اها جماعت جيڪا ڪنهن مرشد جي پيروي ڪري. هي لفظ اڪثر "ذات" سان گڏ ڪم ۾ اچي "ذات پات".

● **پاتُ ج پاتَ:** ذ. [سن. پَترَ] پَنُ – پَتو. وڻ جو پَنُ (جنهن مان دونا يا پاتلون ٺهن). پاتل. ڪجيءَ جي ڦرهن مان ٺهيل ڇبو (ڪجور وجهڻ لاءِ) – پِنڊو.

● **پاتا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **پاتارُ:** ذ. [سن. پاتال] زمين جو هيٺاهون طبقو – درياء يا سمنڊ جو ترو. تَرُ. اونهون پاڻي. اوڙاهُ – عُمَق. (صفت) اونهون – عميق – اُتاهُ.

– **پاتاريانُ، پاتاريانُ:** ظرف. پاتار ڪان. درياه ڪان. "تون پاتارئان پانڌي، اسان پنڌ پرين ڏي" (شاهه).

– **پاتاري:** ذ. صفت. پاتار وارو. بنيادي – مضبوط.

– **پاتارِيو ج پاتارِيا:** ذ. صفت. پاتار وارو. (ذ) ٽر جو اهو ڪوهه جنهن جو تَڙُ جَرَ سان مليل هجي – اُجهاڳ پاڻي وارو ڪوهه (ريجائون جو ضد).

● **پاتاري ج پاتاريُون:** ث. [سن. پٽڪا = تختي] ٻيڙي هاڪارڻ ۾ ڪم ايندڙ هڪ تختو (جهُڪيل پاسي کي متي ڪرڻ لاءِ مخالف پاسي تختو رکي ان تي ملاح ويهي ٻيڙيءَ کي سنوت ۾ آڻي).

● **پاتاريا (ث):** اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات.

● **پاتاريو ج پاتاريا:** ذ. ٽوٽي – ڳريو.

● **پاتالُ:** ذ. [سن. پاتال پٽ] زمين جو هيٺيون طبقو – پاتارُ (هندن جي عقيدي موجب زمين جا ست طبقا آهن: ١. اَتَل، ٢. دَتَل، ٣. سَتَل، ۴. تلاتَل، ۵. مَهاتَل، ٦. نَتَل ۽ ٧. رَساتَل. آخرين طبقي ۾ نانگ رهن ٿا.) تحت الثريٰ. نرڳ – جهنم. درياه يا سمنڊ جو ترو. (صفت) اونهو – عميق – اوڙاهه. ڏسو "پاتار".

– **پاتال ديش:** ذ. هيٺاهون مُلڪ – امريڪا.

● **پاتائي، پاتاهو ج پاتاوا، پاتاها:** ذ. جُتيءَ جي اندران ترِي ۾ پَراءِ لاءِ وِڌل چمڙي جو ٽڪر.

● **پاتِرُ ج پاتِرون (ٿ):** ث. [سن. پاتِر] ٺڪرجي پات ٿانءُ. لوٽو.

– **پاترپيٽي:** ث. صفت. سنهي چيلهه واري – سنهي (عورت).

● **پاتِرُ ج پاتِرَ:** صفت. [سن. پاتر] لائق – موزون – قابل (ماڻهو). پورو – ٺيڪ – برابر – صحيح. پورڙو.

● **پاتِرجڻُ:** فعل مجهول [سن. پاتر] پلجڻ – ڇڪ ڪرڻ.

● **پاتِرڻ (ٿ):** ث. صفت. رنڊي – وئيشا.

● **پاتِرو ج پاتِرا (ٿ):** ذ. صفت. [سن. پاتر] ويڪرو – تانگهڙو – تراڪڙو (ٿانءُ، ميدان). پالو پولو – پورڙو (ت). (ث. پاترِي ج پاترِيُون).

● **پاتِرِي ج پاتِرِيُون (ٿ):** ث. [سن. پاتر] پات. پتل جي (هندي).

● **پاتِشاهُ ج پاتِشاهَ:** ذ. [ف] بادشاهه.

– **پاتشاهي ج پاتِشاهِيون:** ث. بادشاهي.

● **پاتڪُ ج پاتڪَ:** ذ. [سن. پاتَڪ] نقصان يا تنزل جو سبب. گناهه – پاپ – خطا – ڏوهه. چڪ – ڀُل – غلطي – سَهوَ. پليدي – ناپاڪي. ويرِ جي گندگي. فوتيءَ جو ڇوپ.

– **پاتڪِي ج پاتڪِي:** ذ. صفت. گنهگار – پاپي – بدڪار. گندگي هاٿو. گندو – پليت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **پاڃي ج پاڃيُون:** ث. [سن. پَشْچَاتْ = پوءِ] بَچت – بقايا – رَهت. توشو – ثمر. ملڪيت. رياضيءَ ۾ وند ڪرڻ بعد بچيل انگ. (ظرف) باقي – بچت ۾ _ رهيل.

– **پاڃي پوڻُ:** باقي رهڻ – بچي پوڻ. ڪمائيءَ منجهان خرچ ڪرڻ ڪان پوءِ رقم بچڻ.

– **پاڃي ڪرڻ:** بچت ڪرڻ – پوءِ لاءِ رکڻ – آئنده لاءِ ڪجهه بچائڻ.

– **پاڃيَلُ:** صفت. بچت ڪيل.

• **پاڃيرو ج پاڃيرا:** ذ. چوپائي مال جو ٻيو دفعو پاڻي پيئڻ جي حالت.

• **پاڃيل ج پاڃيلُونْ:** ث. [سن. پَشْچَاتْ = پوءِ] ٻيڙيءَ جو پويون حصو – پَاڇَلِ ("آڳيل" جو ضد).

– **پاڃيلي تختُ:** ذ. ٻيڙيءَ جي پاڃيل جي تري وارو تختو.

– **پاڃيلي لَڪُ:** ذ. ٻيڙيءَ جي اندر هيٺ وارو تختو.

– **پاڃيلي مُهرو:** ذ. ٻيڙيءَ جو پاڃيل وارو مُهرو.

• **پاڃيلو ج پاڃيلا:** ذ. صفت. پٺيان ايندڙ – ڍلو. سُست – ٽوٽي.

• **پاڃينْدو(ث):** ذ. پُٺِ جو خيال – ٻارن ٻچنَ جو فڪر.

• **پاخانو ج پاخانا:** ذ. [ف. پائخانہ < پايہ = پير + خانہ = جاءِ] پيرن تي اوڪڙو ويهڻ واري جاءِ. ڪاڪوس – ٻُٺِي.

• **پاداشِ:** ث. [ف] سزا. بدلو – عوض.

• **پادَرُ ج پادَرَ:** ذ. [سن. پَادْ = پير] جُتيءَ جو هڪڙو پيرُ. موچڙو – گَلو – لتَرُ – جُوتو.

– **پادَرُ اُونْڌو ڪرڻ:** تماشو مَچائڻ – مسخري وجهڻ – جهيڙو مچائڻ.

– **پادر چَڪَ ۾ ڪرڻ:** وات ۾ موچڙو جهلڻ (معافيءَ وٺڻ جو هڪ نمونو). معافي وٺڻ. آڻ مڃڻ.

– **پادر سنگهائڻ:** مِرگهيءَ واري مريض جو ترت علاج ڪرڻ لاءِ موچڙو نڪ تي رکڻ. علاج ڪرڻ.

– **پادرسنگهڻ:** ڪُتي جهڙيون وصفون اختيار ڪرڻ. ڪميڻو ٿيڻ.

– **پادرَ کائڻ:** موچڙا کائڻ – جُوتا جهلڻ. جُٺ ٿيڻ. بي عزتي ٿيڻ.

– **پادر ۾ پير پائڻ:** ڪلهو هڻڻ – برابري ڪرڻ – همسري ڪرڻ – برميچڻ.

– **پادرن جو ڪوڙ:** محاورو. جنهن تي پادرن جو اثر نہ ٿئي – موچڙن جو ڏاڍو – ٺَرڊُ – ٺَـٺَرُ.

– **پادرَن کي سڌَ ڪَرڻ:** گهُري موچڙا وٺڻ. جڏا ڪم ڪرڻ. اڍنگي روش اختيار ڪرڻ – سزا جهڙو ڪم ڪرڻ.

– **پادر هڻڻ:** موچڙا هڻڻ – سيڪت ڏيڻ – مار ڪيڻ. لوڏي ڪيڻ – ڏڪارڻ.

• **پادرِيْ ج پادرِي:** ذ. [لاطيني. پئٽر] "فادر" جو بگڙيل لفظ. عيسائين ۾ مذهبي رسمون ادا ڪندڙ ۽ سکيا ڏيندڙ عالم.

• **پادِشاهُ ج پادشاهَ:** ذ. [ف. پاتشاه] بادشاه

• **پادِشاهتَ:** ث. بادشاهت.

• **پادِشاهِي:** ث. بادشاهي.

• **پاڏَارَڻُ:** مصدر. [پَڏَ = پير + ڏارَڻ] روانو ڪرڻ – اُسهائڻ – اُهرائڻ. پڌرو ڪرڻ. ڏسو "پڌارڻ".

• **پاڏرَ:** ث. لفظ 'اوڏر' سان گڏ استعمال ٿيندڙ لفظ "اوڏر پاڏر".

• **پاڏرِ:** ث. [سن. پْرَ سِڌَّ] سنئون پَٽُ – اَجو پَٽُ – ڪليل ميدان – پرنو. جاءِ جي اڳيان ڪليل ميدان – آڳنڌ – اڱڻ. (اسم خاص) تعلقي ديري محبت (ماتلي) ۾ هڪ ديهہ جو تعلقي ڳونيءَ (ٽنڊي محمد خان) ۾ هڪ ديهہ ۽ ڳوٺ جو نالو.

• **پاڏ:** ظرف. پاسي – ڏانهن "پُٺيءَ پاڏ = پُٺيءَ طرف".

• **پاڏارڻُ (ل):** مصدر. ڏسو "پڌارڻ". پڌرو ڪرڻ – پاڏارڻ. "ڪري پيڪ پنهونءَ سين پاڏاريائين پاڻ". (شاهہ). (پاڏاريو – پاڏاريندو – پاڏاريل). ث.

• **پاڏ ڪِي ج پاڏ ڪِيُونْ (ٿ):** تنيڙي. پَاڏي. وچ.

• **پاڏَنْهَنْ. پاڏَهَنْ (ت):** ظرف. ڏسو (پاڏ).

• **پاڏو ج پاڏا:** ذ. [سن. وَتْسَهْ] ماهي مال جو نَرُ ٻچو – ڪُونهونْ. اڌامندڙ جيت جو قسم (ڀؤنر جهڙو رنگ ڪارو). ڇيٽي جو ٽِنبڻُ. (صفت) ٿلهو متارو. سگهارو – جانئو. (ث) پاڏي ج پاڏيون.

– **پاڏا پِيهڻ:** خار کائڻ – ڪاوڙ کائڻ.

– **پاڏو ٿيڻ:** ٿُلهو ٿيڻ – متارو ٿيڻ – مَڇِي پوڻ.

– **پاڏيو ج پاڏِيا (ٿ):** ذ. پاڏو. پَاڏِيئو ج پاڏِيئا (ٿ): ذ. آڪَ جي وڻ جو انب – آڪَنَڙو.

• **پاڙِ (ت):** ذ. صفت. وڏي پيٽ وارو. گهڻ کائُو – پيٽي.

• **پاڻ. پاڻڻُ:** مصدر. چوپائي ڪي ٽنگ ۾ ڊگهو رسو ٻڌي ٻنيءَ ۾ چيڪَ چڏڻ (جيئن اُهو جانور ڪُجِ حصي ۾ گهمي ڦِري گاهہ کائي سگهي) چيڪ چڏڻ. ٿلهڻُ. اَٽرُ ڪرڻ. (پاڻيو – پاڻيندو – پاڻيل).

• **پار:** ظرف. [ف] گذريل – پويون.

– **پارسال:** ذ. گذريل سال – پَرُ.

• **پارَ:** ذ. [سنڌي. پارَ ج پارَ] هي لفظ هميشه جمع ۾ ڪم اچي. نشان (سڃاڻپ لاءِ) – اهِڃاڻ. ڪم – افعال – لڇڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳريل گوشت. ”گوشت ڪاڌي وڌي پاسُ. انّ ڪاڌي وڌي اوجهري. ڪير پيتي وڌي رتُ. گيهه ڪاڌي وڌي ڪوپري“.

• **پاسات:** ظرف. [سن. پارشو = پاسو] ڏانهن – طرف. (ذ) هندو واپارين جي اصطلاح ۾ بلن ۽ هنڊين ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ. يعني بل جنهن ماڻهو ڏانهن پاسات هوندو ادائگي انهيءَ کي ڪرڻي آهي].

• **پاسارا:** ذ. [بلوچي] دشمن تي اوچتو حملو – شبخون ”پرين ڪيا پاسارا“ (ن – ب).

• **پاسارو ج پاسارا:** ظرف. [سن. پارشوَ] پاسيرو. هڪ طرفو – پريرو – پري. (ث) پاساري ج پاساريُون.

• **پاساري ج پاساريُون:** ث. پاسري – پاسراٽي. ”ڪانُ ڪرنگهي ڪپيو. پاساريون پئي“ (شاهه).

• **پاساري ج پاساري:** ذ. صفت. [سن. پڻيَہ = وڪري جو مال + ساز < سُرِ = پکيڙڻ]. پسارڪو وکر رکندڙ. دڪاندار – پساري.

• **پاسارو ج پاسارا (ٿ):** ذ. [سن. پارشوَ] پيٽ جو هڪ پاسو. ”ميها موگر تَلئين. پيئون پاسارن“. (خليفو نبي بخش).

• **پاساڪو (ٿ):** ث. ڪوهه ۾ لهڻ واري ماڻهوءَ کي بچاءُ لاءِ ڏنل ٻي رسي (هڪ رسيءَ تي ماڻهو ويهي ۽ ٻيءَ کي مدد طور جهلي هيٺ لهندو وڃي).

• **پاسبانُ ج پاسبانَ:** ذ. [ف. پاس + بان] پهريدارُ – نگهبان – محافظ.

– **پاسباني:** ث. نگهباني – چوڪيداري – سنڀال. حفاظت.

• **پاستان:** صفت. [ف] پراڻو – جهونو – آڳاٽو – قديم – ڪُهنو.

• **پاسخ:** ذ. [ف] جواب.

• **پاس خاطر:** ث. [ف. پاس + خاطر] حمايت – طرفداري. لحاظ – مروت.

– **پاس خاطري:** ث. آدر ڀاءُ. مرحبا. خاطرداري. خوشامد. طرفداري. لحاظ – مروت. رعايت.

• **پاسداري:** ذ. [ف. پاس + دار] نگهبان. پاسبان. طرفدار. لحاظ رکندڙ.

• **پاسداري:** ث. لحاظ. مروت. نگهباني. طرفداري.

• **پاسرُ ج پاسرَ (ڪ):** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم (چلرن سان. پيٽ اڇو پٺي ڪاري ۽ ڊيگهه ڇهن ڪان پنجن انچن تائين).

• **پاسرو ج پاسرا:** ذ. [سن. پارشوَ = پاسو] جاءِ جي ڇت ۾ پاسي ڪان پيل ورو.

• **پاسري ج پاسريُون:** ث. [سن. پرشڪا] ڇاتيءَ جي پاسن وارين هڏين مان هڪ هڏي (جا سنهي ۽ چيڙري ٿئي ۽ تاڪي ۽ ڪرنگهي کي ڳنڍي) – پاسراٽي. بيل ڳاڏيءَ جي پاسي واري ڪاٺي (ت).

– **پاسريءَ وارو هئڻ:** ڪنهن وڏي ماڻهوءَ سان لاڳاپو هئڻ. پُشت وارو هئڻ – چڱي خاندان مان هئڻ.

– **پاسريُون پڇڻ:** سخت سزا ڏيڻ – هَڏ ڳَنڍ پڇڻ.

• **پاسڙي ج پاسڙيُون:** ث. بدن جو پاسو.

• **پاسنجر:** ذ. [انگ] مسافر. مسافر گاڏي.

• **پاسنگُ:** ذ. [ف] ساهميءَ جي ڪاڻ لاهڻ لاءِ نڪي ۾ ٻڌل وزن – ڪاڻ. ساهميءَ جي پڙن کي برابر ڪرڻ لاءِ ٻڌل وزن. (صفت) برابر. هڪ جهڙو. هموزن – سنئين ڪاني – تور ۾ برابر.

• **پاسڻ (ٿ):** مصدر. ڇمڙي يا چوڙي تان وار لاهڻ لاءِ چوڙي کي ڪونر ۾ وجهڻ.

– **پاساپلو:** ذ. آس پاس – اوسا پاسا. ڪُندون پاڳا – پلاند پوچڙ (ڪپڙي جا). تعلقات.

– **پاسا ڪرڻ:** پري ٿيڻ – پاهريان پاسا وٺڻ. ڪناره ڪشي ڪرڻ. ٽنائڻ. لڪڻ.

– **پاسا ڪوٺڻ:** پلاند سوڙها ڪرڻ – وَرَ ڳنجڻ. پڇي وڃڻ جي ڪوشش ڪرڻ. اُٿي وڃڻ يا نڪري وڃڻ جي تياري ڪرڻ.

– **پاسا وَرائڻ:** ننڊ نه اچڻ جي حالت ۾ اُٿلڻ پٿلڻ. بي آرامي ٿيڻ.

– **پاسا هڻڻ:** ٿيلها ڏيڻ. حرڪت ڪرڻ. (باراٽي بيماريءَ ۾) ڪُکن وارا هنڌ هيٺ مٿي ٿيڻ.

– **پاسو اَتڪائڻ:** ڪجهه قبضو ڪرڻ. ڪُلهو هڻڻ (سوڙهه ۾ وهڻ لاءِ). ٿورڙيءَ جاءِ ۾ ويهي رهڻ.

– **پاسو ٻڌڻ:** طرفداري ڪرڻ – حمايت ڪرڻ. لغڙ کي ڪَني ٻڌڻ. پاسو جهلڻ طرفداري ڪرڻ. حمايت ڪرڻ.

– **پاسو ڇڏڻ:** ڌار ٿيڻ – جدا ٿيڻ. جند ڇڏڻ. طرفداري ڇڏڻ.

– **پاسو ڏيڻ:** ويجهو اچڻ. پَر وٺڻ. (اميد يا لالچ رکي) ويجهو ٿيڻ. رستي وغيره جو ڪَپ وٺڻ. اثر وجهڻ – اثر هيٺ آڻڻ.

– **پاسو ڪرڻ:** پاسو ڏيڻ – هڪ پاسيرو ٿيڻ. پري پڄڻ – پري هٽڻ. ٽري وڃڻ – پرهيز ڪرڻ.

– **پاسو ڪارائڻ:** لغڙ کي پاسي تي موڙڻ.

– **پاسو ڪڻڻ:** طرف وٺڻ – حمايت ڪرڻ – مدد ڪرڻ.

– **پاسو ڪوڙڻ:** ٿورو آرام ڪرڻ. ڪري پوڻ – ڍَهي پوڻ. بيمار ٿيڻ. مري وڃڻ. ڏيوالو ڪڍڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **پاسو ڳَرو ٿيڻ:** طاقتور ٿيڻ. (طرف يا ڌُر). مدد ملڻ سبب هٿيي اچڻ.
– **پاسو وٺڻ:** پاسو ڪرڻ – هڪ پاسيرو ٿيڻ – پري ٿيڻ. طرف ڪٽڻ – طرفداري ڪرڻ – حمايت ڪرڻ. پاسو جهلڻ.
– **پاسو هڻڻ:** ڪُلهو هلڻ – ٽيلهو ڏيڻ. برابري ڪرڻ.
– **پاسي:** ظرف. طرف طرف ڏانهن. هڪ طرف. پري – پريرو. جُدا – علحده.
– **پاسي پر:** ظرف. هڪ پاسي تي – پاسيرو.
– **پاسي پوٺو ج پاسي پوٺا:** ذ. صفت. ڏبرو – ضعيف – هيڻو – ٽڪل.
– **پاسي پوٺي (ت):** ث. صفت. دشمنياڻي. ٻهاڄ.
– **پاسي وارو هڻڻ:** پٺ وارو هڻڻ. هلنديءَ وارو هڻڻ. پاس وارو هڻڻ.
• **پاسواڻ:** ث. ڏارين مان شادي ڪري آندل چوڪري. (ڏاڏي پوٽيءَ جو ضد).
• **پاسوڙٿل (ل):** ث. ويم ڪان اڳ ڪير. ٿڃ آيل عورت.
• **پاسي ج پاسيون (ل):** ث. ڪاهڙين جي اصطلاح ۾ (ڪاتيءَ لاٿل واهه جو هڪ پاسو.
– **پاسي پٽڻ:** ڪاتيءَ ۾ واهه يا ڪڙئي جو پاسو پٽڻ.
• **پاسيات:** ظرف. [سن. پارُشوَ] ڏسو "پاسات".
– **پاسيرو ٿيڻ:** ڏ نگو ٿيڻ. پريرو ٿيڻ. لِڪي وڃڻ. رُخ بدلائڻ.
– **پاسيرو پوڻ، ڪرڻ:** هڪ پاسي تي ڪرڻ – پاسي پر ڪرڻ. ڪم ڪان نڪائڻ.
• **پاسيلُ (ت):** ذ. وارلٿل چمڙو.
• **پاسينجَر، پاسينگَرُ:** ذ. [انگ. Passenger] مسافر.
• **پاش ج پاشا:** ذ. [سن. پاش = ڦاهو] ڦاهو – ڦاهي – ڦاسي.
• **پاش:** ذ. [ف. پاشيدن = ٽڪر ٽڪر ڪرڻ – ڇٽڪڻ – ٻُرڪڻ] ٽڪر – ذرو – ڦِيو. ڇنڪار. ٻُرڪڻ. هي لفظ اڪثر مرڪب لفظن جي پڇاڙي ۾ ڪم اچي "جگرپاش. نمڪ پاش وغيره".
– **پاش پاش:** ذ. ٽڪر ٽڪر – ذرا ذرا.
– **پاش پاش ڪرڻ:** ٽڪر ٽڪر ڪرڻ – ذرا ذرا ڪرڻ. نيست نابود ڪرڻ.
– **پاشي:** ث. ڇٽڪار – ٻرڪ – هيءُ لفظ. عموماً مرڪب لفظن جي پڇاڙي ۾ ڪم اچي ٿو. "نمڪ پاشي. آب پاشي وغيره".
• **پاشا ج پاشا:** ذ. [ف] تُرڪستان ۽ مصر ۾ سردارن جو لقب. سردار – امير.
• **پاشوت (ڪ):** ذ. ڍؤ – پورت.
– **پاشوت ڪرڻ:** ڍؤ ڪرڻ – پورت ڪرڻ. اَجهاب ڪرڻ. وهٽ جو ڍؤ ڪرڻ بعد مٽيءَ ۾ ليٽڙڻ ۽ آرام ڪرڻ.

• **پاڪائي ج پاڪائيون:** ث. صفائي – پوترتائي. اُجتائي – نِرملتا. سنائي.
– **پاڪبازُ ج پاڪبازَ:** صفت. [ف. پاڪ + بازيدن] پاڪائي رکندڙ. صاف دل – پاڪدامن. نيڪ دل. خاڪسارن جي هڪ گروه جو سپاهي.
– **پاڪدامنُ ج پاڪدامنَ:** صفت. [ف. پاڪ + دامن] پرهيزگار – باعصمت – گناهن کان آجو.
– **پاڪن پاڪ (ت):** ذ. الله تعاليٰ جي پاڪائي بيان ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظ. نهايت پاڪ.
– **پاڪي:** ث. پاڪائي – پاڪيزگي – پاڪدامني – پرهيزگاري.
– **پاڪيڙو ج پاڪيڙا (لس):** ذ. صفت. پاڪ – پاڪائي وارو.
– **پاڪيزگي:** ث. پاڪائي – صفائي.
– **پاڪيزه:** صفت. پاڪ – صاف.
• **پاڪستان:** اسم خاص [ف] ايشيا کنڊ ۾ مسلمانن جو هڪ جمهوري ملڪ (۱۴_ آگسٽ ۱۹۴۷ع تي برطانيه کان آزادي حاصل ڪيائين. پهريون گورنر جنرل قائدِ اعظم محمد علي جناح هو).
• **پاڪ سنگهارُ:** ث. اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **پاڪوڙو ج پاڪوڙا:** ذ. ڪوڙي تهمت – غلط الزام. (صفت) ڏوهاري – الزام رکندڙ – غلط دعويٰ ڪندڙ.
• **پاڪوڙو وجهڻ:** ڪوڙي تهمت مڙهڻ. ڪوڙو الزام رکڻ.
• **پاڪي ج پاڪي:** ذ. وارن ڪوڙڻ جو هڪ خاص اوزار – اُسترو.
– **پاڪي پچارڻ (ت):** پاڪيءَ مان ڪکر ڪڍڻ لاءِ ڪپڙي تي هٿي ماٿ ڏيڻ.
– **پاڪي ڳهمائڻ:** متو ڪوڙڻ. انڪل سان نگڻ.
– **پاڪي لائڻ:** پاڪيءَ کي روهيءَ تي تکو ڪرڻ. نگيءَ جي نيت ڪرڻ. وڏيڪ مُلهه وٺڻ.
– **پاڪي مانڻ:** پاڪيءَ لائڻ کان پوءِ چمڙي يا ڪائيءَ تي هٿي ڪهراڻ لاهڻ. پاڪيءَ کي ٿپڻ.
– **پاڪي مارُ ج پاڪي مارَ (ت):** ذ. صفت. شوم. بخيل. ڪنجوس.
• **پاڪيٽُ ج پاڪيٽَ:** ذ. [انگ. Pocket] کيسو – ٻٽون. [ڊاڪي] پوڙهو اُٺ.

• **پانيرو:** ذ. [انگ Paneero].

• **پانيلُ ج پانيل:** ذ. فينسي دَرَن، درين ۽ ڪَبَٽَنِ جي طاقن ۾ ڪم ايندڙ لوهه يا ڪاٺ جا پٽڙ.

• **پانيلي:** ث. گاهه جو هڪ قسم (ٿ). (اسم خاص). تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پاڻ:** ضمير. مشترڪ. خود — پنڊ.

• **پاڻِ (ٿ):** ث. چانورن جي پيچِي — پيڻ — پائڻ (ت) — ڪَلفُ.

• **پاڻُ ج پاڻ (ل):** ضمير. [سن. آتما] خود — پنڊ. ڏاڍي — تڪبر. خودي. هستي. هَٺُ — غرور. "پاڻُ مَ ڪڍج پاڻ سين، وسيلا وڃاءِ" (شاهه).

— **پاڻ، پاڻان:** ظرف. پاڻ ڪان — پاڻون — پاڻهين. پاڻمرادو. پنهنجي خيال مان — پنهنجي هَٿَ مان. هڏان هڙان. "پاڻان ُچوندءِ پيءُ، پري جام جنت جو" (شاهه).

— **پاڻا جاڻي، پاڻان جاڻي:** ظرف. جاڻي واڻي — جاڻي ٻجهي. خود بخود — پاڻهين. پنهنجي ارادي يا پنهنجي خوشيءَ سان.

— **پاڻا پاسي هئڻ:** پنهنجي خبر به نه هئڻ. هوش مان نڪتل هئڻ. سخت بيمار هئڻ. وسيلو هئڻ. نفس کي ماري ڇڏڻ — وڏي مصيبت ۾ مبتلا هئڻ.

— **پاڻا ڏيڻ:** پنهنجي هڙ مان ڏيڻ — هڏان ڏيڻ.

— **پاڻ ارپڻ:** پاڻ حوالي ڪرڻ.

— **پاڻ پائڻ:** وڏائي ڪرڻ — فخر ڪرڻ.

— **پاڻ پرائي:** ث. پاڻ تي پاڙڻ جي حالت. خود اعتمادي. ڇڳيلائي.

— **پاڻ پرو ج پاڻ پرا:** ذ. صفت. پاڻ تي پاڙيندڙ. ڏندين ڏاند — پنهنجي مڙسيءَ وارو — پاڻ زورو — خود مختيار — تورو ڇڳو پلو — ساهه ستو.

— **پاڻ پرو ٿيڻ:** خود مختار ٿيڻ — طاقت وارو ٿيڻ. شاهوڪار ٿيڻ.

— **پاڻ پرو ج پاڻ پرا:** ذ. صفت. پنهنجو پيٽ پريندڙ — خود غرض — خود مطلبي.

— **پاڻ پيري:** ذ. پنهنجي ڪم وقت.

— **پاڻ پلاڻڻ:** پنهنجو پاڻ موڪڻ. ڪنهن تي احسان ڪرڻ — ٻئي تي ڇڳائي ڏسڻ ڪان سواءِ پلائي ڪرڻ.

— **پاڻت ۾:** ظرف. پاڻ ۾. پنهنجائيءَ ۾ ـ پنهنجن مٽن مائٽن ۾ ـ پنهنجي سنگت ساٿ ۾.

— **پاڻ تي وسائڻ:** ٻئي کي ڇڏي پاڻ تي جوابداري کڻڻ. ذميداري کڻڻ. جوکم کڻڻ.

— **پاڻ پتوڙڻ:** مٿا ڪٽ ڪرڻ ـ تمام گهڻي محنت ڪرڻ.

— **پاڻ پچائڻ:** پنهنجي جسم کي سختيون ڏيڻ — من مارڻ. خواهشن تي ضابطو رکڻ.

— **پاڻ پَرُوُ ج پاڻ پَرُوُ:** ذ. صفت. رڳو پنهنجو پيٽ پريندڙ — خود مطلبي. ڏسو "پاڻ پَرُوُ".

— **پاڻ پڻو:** ذ. خودي — هستي — انانيّت. آپو. هٺ — تڪبّر.

— **پاڻ پِيئڻ:** من تي قبضو رکڻ. ڪاوڙ مارڻ. برداشت ڪرڻ.

— **پاڻُ جاڻائڻ:** پاڻ سڃاڻائڻ — پنهنجي واقفيت ڪرائڻ. پاڻ کي ظاهر ڪرڻ.

— **پاڻُ جهلڻ:** پنهنجي من کي وس ۾ رکڻ. سَڌُون روڪڻ. دنيوي خواهشن ڪان آزاد رهڻ.

— **پاڻُ جهلي نه سگهڻ:** بي اختيار ٿيڻ — بيوس ٿيڻ.

— **پاڻ سَرتو ج پاڻ سرتا:** ذ. صفت. هڪجيڏو — هم عمر. دوست — يار — سنگتي.

— **پاڻ سنڀالڻ:** پاڻ کي روڪڻ — ڪنهن نقصان واري ڪم ڪان پاڻ کي بچائڻ — پنهنجا پير جهلڻ. پنهنجو هوش رکڻ — عقل ياد اچڻ.

— **پاڻُ ڪَڍائڻ:** ڪنهن ڪم جي جوابداريءَ مان پاڻ کي بچائي وڃڻ. ڪنهن ڪم ڪرڻ ڪان ٽڻائڻ لاءِ بهانا ڪرڻ — ذميواري نه کڻڻ.

— **پاڻُ ڪڍي وڃڻ:** پنهنجي جند ڇڏائي وڃڻ. ڪنهن تڪليف واري ڪم مان نڪري وڃڻ. اٽڪل سان پاڻ کي بچائڻ.

— **پاڻ ڪان ٻاهر نِڪرڻ:** گهڻي ڪاوڙ يا گهڻي خوشيءَ ڪري آپي ڪان ٻاهر نڪرڻ. وس ڪان نڪري وڃڻ. ڏاڍي ڪاوڙ ڪرڻ. سخت غصي ۾ اچي وڃڻ. هوش حواس نه رهڻ.

— **پاڻُ کڻڻ:** ساهه پٽڻ — بدن ۾ ڪجهه طاقت اچڻ. پنهنجن پيرن تي بيهڻ. ٻيائي ڪرڻ. زور وٺڻ — خود مختار ٿيڻ.

— **پاڻ کي ڇڪڻ:** غرور ڪرڻ — هٺ ڪرڻ — وڏائي ڪرڻ.

— **پاڻ ڳڻائڻ:** نالي ماتر ڪنهن ڪم ۾ حصو وٺڻ. رڳو نالو ڪرائڻ. لوڻ ڳڌي پٽ پائيوار ٿيڻ. تمام ٿوري مدد ڪرڻ. ڪنهن ڪم ۾ پنهنجو نالو ڳڻيڻ.

— **پاڻُ گَرِي:** ظرف. پاڻ وٽ. "من ٻريان نيئي، پکيهيو پاڻ ڳري" (شاهه).

— **پاڻُ گهُرائي:** ث. خود غرضي — خود مطلبي — خودپسندي.

— **پاڻُ گهُرو ج پاڻ گهُرا:** ذ صفت. مطلبي — خودغرض — خود مطلب

– **پاڻ ڳهرو ٿيڻ:** خود مطلبي ٿيڻ – خود غرض ٿيڻ.
– **پاڻ مارڻ:** نفس مارڻ. هٺ وڃائڻ. نوڙت ڪرڻ – نياز ڪرڻ.
– **پاڻ ماري ڪم ڪيڻ:** نورت سان ڪم ڪيڻ. هيناهينءَ سان ڪم ڪيڻ.
– **پاڻ مرادو ج پاڻ مرادا:** ظرف پنهنجي مُنهن مهاڙ. پنهنجي رُوءِ سُوءِ. پاڻهين – خود بخود – پاڻون جاتي. پنهنجي مرضيءَ سان – خود خيال – پاڻ مهاڙو.
– **پاڻ ملهائڻ:** نمايان ڪم ڪرڻ. چڱيءَ طرح فرض ادا ڪرڻ. ساراهه جوڳو ڪم ڪرڻ. سرخرو ٿيڻ. سوڀ ڪٽڻ. پاڻ موکڻ – چڱو ڪم ڪري ڏيکارڻ.
– **پاڻ موکڻ:** پاڻ ملهائڻ – سوڀارو ٿيڻ – احسان جو بدلو ڏيڻ. ڪاميابي حاصل ڪرڻ. پنهنجي لياقت ۽ حيثيت مطابق ڪم ڪري ڏيکارڻ.
– **پاڻ مهاڙو ج پاڻ مهاڙا:** ذ. صفت. پاڻ مرادو. پنهنجي منهن سِر – خود خيال – ازخود.
– **پاڻ ۾:** ظرف. پنهنجي وچ ۾ – هڪٻئي سان.
– **پاڻ ۾ آڪي ويري هئڻ (ڪ):** پاڻ ۾ سخت دشمني هئڻ – هڪٻئي جي جان جا ويري هئڻ.
– **پاڻ ۾ پوڻ:** پنهنجن ۾ ئي تڪرار ٿيڻ. ڦوٽ پوڻ – اٽڪٽ ٿي پوڻ.
– **پاڻ ۾ راڄ ٿيڻ:** ٻرچي پوڻ. صلح ٿيڻ. ايڪو ٻڌي ڪرڻ – ناهه ٿيڻ.
– **پاڻ ۾ لڳڻ:** پاڻ ۾ دشمني ٿيڻ يا ڦوٽ پوڻ – پنهنجائي ۾ اٽڪٽ پيدا ٿيڻ.
– **پاڻ وسارڻ:** هٺ وڃائڻ. تڪبر وڃائڻ. نوڙت اختيار ڪرڻ.
– **پاڻ ولوڙڻ:** ڏاڍي محنت ڪرڻ – پاڻ پتوڙڻ – سيڪجهه پنهنجي سر ڪرڻ.
– **پاڻون:** ظرف. پاڻ ڪان – پاڻ وٽان – پنهنجي طرفان – هَڏان – هُتان.
– **پاڻون جاتي:** ظرف. پاڻ مرادو – پنهنجي مُنهن – جاتي واتي – ڏسي وائسي – پاڻهين.
– **پاڻ وٺدي ج پاڻ وٺديون:** ث. پاڻ کي وڻندڙ يا پسند ايندڙ ڪم – وڻندڙ ڳالهيون.
– **پاڻو وٽي:** ظرف. پنهنجي منهن يا خيال ۾. جاتي واتي – پاڻهين. ڏار ڏار.
– **پاڻ وهيٽو ج پاڻ وهيٽا:** ذ. صفت. پنهنجي وس – خودمختار – پاڻ زورو – خودخيال – آزاد – ڇڙواڳ. (ث) پاڻ وهيٽي ج پاڻ وهيٽيون. "واڳ ڏني تنهنجي وس، آءُ ڪا پاڻ وهيٽي." (شاهه).
– **پاڻ هُرتيو ج پاڻ هُرتيا:** ذ. صفت. پنهنجي منهن سر – خود خيال – پنهنجي مرضيءَ وارو – هوڏي – هُوڙهو.
– **پاڻهي، پاڻهين:** ظرف. خود بخود – پاڻ مرادو – پاڻون. جاتي – جاتي واتي.
– **پاڻهي (پاڻهين) پنهنجي پيرتي ڪهاڙو هڻڻ:** پنهنجي هٿن سان پنهنجو نقصان ڪرڻ. جاتي واتي مصيبت سِر تي ڪٽڻ.
– **پاڻهي پوڻ:** پاڻمرادو ڪنهن ڪم جو دل ۾ خيال پوڻ – پنهنجي خود خيال ڪنهن ڪم جو ارادو ڪرڻ. "جنهن کي پاڻهي نه پيئي، تنهن کي ڪٿي ڪٽبو ڪيترو." (چوڻ).
– **پاڻهي خبر پوڻ:** تجربو حاصل ٿيڻ – پاڻ ئي تڪليف محسوس ڪرڻ – نتيجو اکين سان ڏسڻ.
• **پاڻس (ٿ):** ث. اُٽ جو چاري کائڻ بعد بدن ۾ پريل ڏسڻ ۾ اچڻ واري حالت.
• **پاڻمو ج پاڻما (ٿ):** ذ. ڪورڪي ڪم جو هڪ اوزار (جنهن سان پيڻ آيل تاجيءَ کي سنوارجي) – سونهارو (ل).
– **پاڻمو ڪرڻ:** ٽٿيل تاجيءَ کي گهوڙين تي ڏگهو ڪري سُونهارو گهمائڻ. (انهيءَ لاءِ ته هر هڪ تند جدا ٿي بيهي ۽ سُڪڻ بعد مضبوط ٿئي).
• **پاڻو ج پاڻا:** ذ. [سن. پِرياڻ. پِرَ = اڳتي + يا = وڃڻ] مسافريءَ جي منزل – ڏاهو "پهروئي پاڻو، سڙو ڪرين سات ڪي." (شاهه). جهوڪ – ٿاڪ – ٺاٺو. "اچي ڪاڪ ڪنڌين ۾ برچي ڏي پاڻا." (شاهه). مانجهاندو (ل). ڪنهن رستي جي مقرر مفاصلي جو نشان ڏيکاريندڙ پٿر (ٿ).
– **پاڻو ڪرڻ:** منزل ڪرڻ. ڏاهو ڪرڻ.
– **پاڻيارو ج پاڻيارا:** ذ. صفت. پاڻيءَ وارو. پاڻيءَ جو. پاڻيءَ ۾ رهندڙ. آلو – پُسيل. (ذ) نارجي سامان اڏاري وٺڻ جي حالت ۾ نار جو معاوضو يا مسواڙ – پاڻيءَ جو حق – حقابو – پاڻيالو. پاڻيءَ رکڻ جي مَنجهي (ڪ).
– **پاڻياڪ، پاڻياڪي:** ث. چدي – پَٽڙي – پاڻيءَ جهڙي (لسي).
– **پاڻيالو ج پاڻيالا:** ذ.صفت. پاڻيءَ ڪم آڻڻ جو عيوضو.
– **پاڻي اونڌڻ:** دلي. مٽ وغيره کي اونڌو ڪري پاڻي هارڻ.
– **پاڻي ڀرڻ:** گهڻو ظلم ٿيڻ – ناحق ٿيڻ – قهر ٿيڻ. ڳالهه جو امڪان ۾ اچڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **پاڻي ڀرڻ:** خدمت ڪرڻ. غلامي ڪرڻ. نوڙت ڪرڻ.
— **پاڻيءَ تي چٽ اُڪرڻ:** اجائي ڪوشش ڪرڻ. بيسود ڪم ڪرڻ.
— **پاڻي تي چٽ هئڻ:** بي بنياد هئڻ – بي بقا هجڻ. ڳالهه جو وجود ئي نه هئڻ.
— **پاڻيءَ تي ليڪو:** محاورو. بي بقا – بي بنياد. بي جتاءُ.
— **پاڻيءَ تي ليڪو ڪيڻ:** بي بنياد ڳالهه ڪرڻ – اڻ جتائدار ڪم ڪرڻ. انجام يا ڳالهه تان ڦرڻ. ڪوڙو دلاسو ڏيڻ.
— **پاڻي ٿيڻ:** پاڻي جهڙو پتڙو ٿيڻ. ڳرڻ. ٿڌو ٿيڻ. پگهر ۾ شل ٿيڻ. شرمسار ٿيڻ – شرمندو ٿيڻ.
— **پاڻي ٿي پوڻ:** پتڙو ٿي وڃڻ. تمام نرم ٿي وڃڻ.
— **پاڻيٺ:** ث. پاڻيءَ جهڙي شيءِ. سيال ماده – پتڙي شيءِ. آلاڻ – پوسل – گهم – تري.
— **پاڻي پاڻي ٿيڻ:** پگهر ۾ شل ٿيڻ. شرم ۾ ٻڏي وڃڻ. پشيمان ٿيڻ.
— **پاڻيءَ پوٽڙو هجڻ:** وهنجڻ جو شوقين هجڻ.
— **پاڻي پياڪ:** ذ. پيئڻ جهڙو پاڻي (اهڙو پاڻي جو پلي پاڙو يا ڪارو هجي پر پيئڻ جهڙو هجي).
— **پاڻي پيارڻ:** اُڃايل کي پيئڻ لاءِ پاڻي ڏيڻ. سبيل جاري ڪرڻ. خير جو ڪم ڪرڻ. چاڙهڻا (اوزارن تي) – آبدار ڪرڻ. "پياري پاڻي، تيشون ڪندا تکيون." (شاهه).
— **پاڻيءَ جو ڦوٽو:** محاورو. ناپائدار شيءِ – بي بنياد شيءِ – جلد فنا ٿي وڃڻ واري شيءِ.
— **پاڻي جوراڻ:** ڦٽ يا زخم جو پاڻي جذب ڪرڻ (جنهن ڪري زخم وڌيڪ خراب ٿي پوندو آهي).
— **پاڻي چاڙهي پيئڻ:** ٻولي ڪم ڪرڻ – معاوضي جو اول فيصلو ڪري پوءِ ڪم ۾ هٿ وجهڻ – ڏيتي ليتيءَ جا شرط شروط باقاعدي غور ۾ آڻڻ.
— **پاڻي ڇيڙڻ:** شاديءَ ۾ ہڪيءَ واري ڏينهن دليءَ ۾ ترار وجهي مٿانئس پاڻي هارڻ واري رسم ادا ڪرڻ.
— **پاڻي ڏوڙ (ث):** هٿن سان پاڻي اُڇلڻ. پاڻي اُڇلائي ٻوڪ کي ڏيڻ. مٿانهين زمين کي ڪوڏر وغيره سان ڏُنوي پاڻي ڏيڻ.
— **پاڻي ڏيڻ:** پاڻي پهچائڻ – پاڻي رسائڻ. پاڻي چاڙهڻ (اوزار يا هٿيار کي) – آب ڏيڻ. پاڻي پيارڻ (ٻوڪ کي). ملمع ڪرڻ (ڳهڻ تي). انجام پاڙڻ – وعدو پورو ڪرڻ.
— **پاڻيءَ ڏڪ ۾ ٻڏي مرڻ:** بي عزتي سان مرڻ. شرمساري ۾ ٻڏي وڃڻ – بي مروتي ۽ بي حيائي وارو ڪم ڪرڻ.
— **پاڻيءَ ڊورو (ث):** ذ. برسات جي پاڻيءَ جو پٽن تا وَهي اچڻ وارو گس يا وهڪرو.
— **پاڻيَرُ ۽ پاڻيَرَ:** ذ. صفت. پاڻيءَ جو – آبي. پاڻيءَ جهڙو – ڇڊو – پاڪو – ڪنگهو – ڦنگهو.
— **پاڻيرو:** ذ. صفت. پاڻيءَ وارو – پاڻيءَ جهڙو.
— **پاڻي ڦيرڻ:** چٽ ڪرڻ (نهيل ڪم) ڪَٽي ڪمائي ڪٽ ڪرڻ – اجايو وڃائڻ – بي فائدو ضايع ڪرڻ. نا اميد ڪرڻ.
— **پاڻي ڪڇڻ:** اندر جو ڀيد لهڻ – اندازو لڳائڻ.
— **پاڻيءَ ڪان اڳ ۾ ڪپڙا لاهڻ:** اجائي تکڙ ڪرڻ – اڳهرائي ڪرڻ. ٿيندڙ ڪم کان اڳي ئي وهلور وڃڻ. بيزار ٿيڻ – بنا سوچ ويچار جي موڙڪپائي ڪرڻ. بي وقوفي ظاهر ڪرڻ.
— **پاڻيءَ ڪان ڪيڻ:** هوش مان ڪيڻ – سخت ڪاوڙائڻ – چيڙائي بيزار ڪرڻ.
— **پاڻيءَ ڪان نڪرڻ:** هوش مان نڪرڻ – سخت ڪاوڙجڻ. ڪاوڙ ۾ اچي وڪڻ – اُبتو سُبتو ڳالهائڻ.
— **پاڻي لڳائڻ:** پاڻي چاڙهڻ (اوزار يا هٿيار تپائي پاڻيءَ ۾ وجهڻ) – تکو ڪرڻ (اوزار).
— **پاڻي لڳڻ:** آب هوا ياڻءِ پوڻ – موافق اچڻ. آب هوا جي اثر کان صحتمند ٿيڻ.
— **پاڻيءَ ماپڻ:** ذ. پاڻي ماپڻ جو اوزار – واٽر گيج.
— **پاڻيءَ مان ڪيڻ:** بيزار ڪرڻ – ڏاڍو ڪاوڙائڻ.
— **پاڻيءَ مان نڪرڻ:** ڪاوڙ ۾ هوش مان نڪرڻ – سخت ڪاوڙجڻ.
— **پاڻي مُنهن ۾ اچڻ:** مُنهن تي رونق ۽ تازگي اچڻ – سرهائي ٿيڻ – بيماريءَ کان پوءِ جسماني حالت جو سُڌرڻ.
— **پاڻيءَ ۾ اچڻ:** هوش ۾ اچڻ – عقل جاءِ اچڻ. ٻود ۾ اچڻ. (غصو يا چڙ لهي وڃڻ کان پوءِ).
— **پاڻيءَ ۾ مُنهن پائڻ:** پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ – اندر ۾ ليو پائڻ. "هيڏي هوڏي نه ڏسين، مُنهن پاڻيءَ ۾ پاءِ." (سچل). آئيني ۾ پنهنجي منهن جي حالت پرکڻ.
— **پاڻي نه ڏيڻ:** انجام نه پاڙڻ – قول پورو نه ڪرڻ.
— **پاڻي واتريو ۽ پاڻي واتريا:** ذ. جيت جو هڪ قسم. (جيڪو پاڻي جي مٿان تڪڙو هلي) شه تارو – تارُوتڙو. بيماريءَ جو هڪ قسم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **پاڻي وَرائڻ:** ٻنيءَ کي پاڻي ڏيڻ – وهندڙ پاڻيءَ کي ٻڌي، مرضيءَ مطابق ٻارن ۾ آڻڻ.

– **پاڻي ورائُو ٿيڻ:** ڳالهائڻ ۾ مدد ڪرڻ – پٺيرائي ڪرڻ – ٽيڪو ڏيڻ – تائيد ڪرڻ.

– **پاڻي وِلوڙڻ:** اجائي ڪوشش ڪرڻ – اجايو ڳالهائڻ – بيسود ڪم ڪرڻ. بي فائدو ڪم ڪرڻ.

– **پاڻيهارِي ج پاڻيِهاريون:** ث. پاڻي ڀريندڙ (جيڪا دلا ڪٽي کوهه يا تڙ تان پاڻي ڀري اچي).

– **پاڻيٺُ ج پاڻيٺَ:** ذ. صفت. [پرا. پاڻيِرَ. سن. پانِيَمَ] پاڻيءَ وارو – آبدار (موتي) – جوهر وارو. چڱي حسب نسب وارو. (ذ) موتي.

– **پاڻيرو (ڪ):** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم.

• **پاوا:** ذ. [پائو ج پاوا < ف. پَايَہ] هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. ٻڪريءَ وغيره جا گوڏن تائين کُرَ (هن مان خاص قسم جو ٻوڙ تيار ٿيندو آهي) – پايا. ڦوڪ سان وڄائڻ – جا مشهور ساز (جي ٻه ٽين ءِ هڪ ئي وقت ڦوڪ سان وڄائجن) – الغوزا – ٻينُون.

• **پاواٽو ج پاواٽا (ڪ):** ذ. [مصدر. پوڻ < پاواٽو = پاٽو] منزل. رستو. پيچاڙي. ڏسو "پاٽو".

• **پاوَرُ ج پاوَرَ:** ذ. [انگ. Power] قُوَت – طاقت – زور. ٻانُور – هَٺُ. حڪم. اختيار.

– **پاوَر هائُوس:** ذ. بجلي پيدا ٿيڻ واري جاءِ – بجلي گهرُ.

• **پاوڙو:** اسم خاص. تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پاوڙو ج پاوڙا (لس):** ذ. رڪيب – پاگڙ. "پير پنهنجي پاوڙي، جاچي رک جوان." (شيخ ابراهيم). ڪوڏر جو هڪ قسم (گهٽو ڪري اوڏ ڪم آڻين).

• **پاوڙِي ج پاوڙِيُونْ (ٿ):** ث. ڪورڪي ڪم جو هڪ اوزار – پيرڙي.

– **پاوڙي ڪائڻ:** پوئين پيرين پڇڻ.

• **پاوَڪَ:** ث. درياءَ جي ڪناري کي اندران ئي اندران پاڻيءَ جي ڪاڏ.

• **پاوَڪُ:** ذ. صفت. [سن. پاوَ = چوٿون حصو سير جو. پاءُ جيترو (ماپو).

• **پاوَنِ:** ث. [سن. پاوَنْ < پُو = صاف ڪرڻ] پاڪ – صاف – پوتر.

– **پاوَن ڪرڻ:** پاڪ ڪرڻ – پوتر ڪرڻ. سُڌارڻ.

• **پاونگُ ج پاوَنگَ:** ذ. صفت. [سن. پانڊَو] بهادر – پهلوان – سورهيه. "پوءِ رميا انهيءَ رُخ سان، پاونگ پنڌ پيلي." (مولا بخش سومرو). (ذ) سواريءَ لاءِ وهٽ (گهوڙو).

• **پاهَ (ت):** پاڻ طور ڪم ايندڙ. رڍن يا ٻڪرين جون ڦولهڙيون.

– **پاهَ ٿيڻ:** چڱيءَ طرح رجهي وڃڻ – ڳري وڃڻ. ماندو ٿيڻ (ٻڪ ۾).

– **پاهه ڪرڻ:** ڳاري ڇڏڻ (گوشت کي). بلڪل رڌي ڇڏڻ. ٻڪ ڏيئي ساٽو ڪرڻ. ڇٽي ڇڏڻ.

– **پاهُ وجهڻ:** ڪنهن بيمار جانور کي خاص قسم جي دوا وجهڻ اُٺ جي گَرَ جو علاج ڪرڻ (ڪٽڙ جي ڇار تيل ۾ ملائي گرواري هنڌ تي هٿبي آهي).

• **پاهانْ:** ظرف. پنيان – پوئتان – پويان. ڏسو "پاهون."

– **پاهان پڳ ڏيڻ:** پويان پير ڪرڻ – پٺتي موٽڻ.

• **پاهتُ ج پاهتَ:** ذ. موافقت – ميل – ٺاهُ – صلاح – مصلحت. "چوري پاهت ڳجهه سين، پڌرناهِ اَرَٽ" (شاهه ڪريم). پَرَت. پُوئُو. خيال – پُورُ – ڏسو "پهتِ".

– **پاهتُ پائڻ:** ڪاڄ جي موقعي تي رسم طور ڪجهه پئسا ڏيڻ. پُوئُو ڏيڻ.

– **پاهتُ پوڻ:** خيال اچڻ – مرضي ٿيڻ – پُور پوڻ.

• **پاهرُو ج پاهرُو (ٿ):** ذ. جانور. ڏسو "پَهرو".

• **پاهڙُ ج پاهڙَ:** ذ. جبل – پهاڙ.

• **پاهُڙِي ج پاهُڙيُون:** ث. ڏسو "پاهوڙي".

• **پاهڻُ ج پاهڻَ:** ذ. [سن. پاشانُ] جبل جو پٿر. پهڻ.

• **پاهڻُ:** مصدر. گَرَ جي بيماريءَ ۾ ورتل اُٺ کي دوا طور لائيءَ جي ڪار يا ڪبڙ جي ڦلهيار تيل ۾ ملائي هڻڻ. (پاهيو – پاهيندو – پاهيل).

• **پاهو ج پاها:** ذ. [سن. پَشْچَاتِ = پُٺِ] ڪنهن بہ شيءِ جو پُٺيون پاسو. ڪوڏر يا ڪُهاڙي وغيره جو پُٺ وارو حصو (جنهن ۾ ڳِن وجهڻ لاءِ سوراخ ٿئي). ڳِن وجهڻ وارو ٽُنگ. ڳجهارت جو پائو (ت).

– **پاهو ٻڌائڻُ (ت):** (ڳجهارت ڀنجڻ لاءِ) ڪو اشارو يا حوالو ڏيڻ – (پرولي پڇڻ لاءِ) آساني پيدا ڪرڻ.

– **پاهو لَهڻ (ت):** حقيقت هٿ ڪرڻ. اصليت کان واقف ٿيڻ. ڳجهارت جو ٿورو واءُ معلوم ڪرڻ.

• **پاهوٽڻُ ج پاهوٽڻَ (ل):** ذ. لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار (ڪُهاڙين، ڪوڏرن وغيره جي پاهي ٺاهڻ ۾ ڪم ايندڙ).

• **پاهورو ج پاهورا (ل):** ذ. گهوڙي جي ڏاڻي وارو ڳوٽرو (جنهن ۾ ان وجهي ڪنڌ ۾ لٽڪائي ڏجي) توبرو. "جن ڪاڏو آهورن ۾، سي ڪيئن ڪائيندا پاهورن ۾" (چوٽي).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **پاهوري ج پاهوريُون:** ننڍو پاهورو.

• **پاهوڙو ج پاهوڙا:** ذ. پاڻ يا گند ڪچري ميڙڻ لاءِ ڪاٺ جو ڪوڏر جهڙو اوزار ـ سونهڙن جي ڪم جي اوزارن رکڻ جو ڳوٿرو (ٿ). (ٿ) پاهوڙي ج پاهوڙيون.

• **پاهونُ (ل):** ظرف. [سن. پَشچات = پوءِ] "اڳاهون" جو ضد. پنيان پوئتي – پٺتي. "آڳاهون" جو ضد. "موت محب پاهون، تاڪن تڪي آهيان." (شاهہ).

– **پاهون پگ ڪرڻ:** پويان پير ڪرڻ – پوئتي موٽڻ – پٺتي قدم ڏرڻ. وري اچڻ.

– **پاهون رهڻ:** پٺتي رهڻ – پٺتي رهجي وڃڻ.

• **پاهي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ ذات ۽ پاڙي جو نالو.

• **پاهي ج پاهيُون:** ٿ. صفت. پتڙي – چدي (لسي) – پاڪي. ريڊي يا پاڪري لسي. "پاهي پاڪي پتڙي، برين ساڻ پيان" (شاهہ).

• **پاهيڙي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پاهين:** ظرف. [سن. پشچات = پوءِ] پوئتان – پٺتي – پوئتي.

– **پاهين ڏيڻ:** پٺي ڏيڻ – پوئتي موٽڻ.

• **پاءِ:** ذ. [ف. پاي. سن. پادُ] پيرُ – پگ – قدم. پايو – پيڙهہ – بنياد.

– **پائيبندُ ج پائيبندَ:** ذ. صفت. ڏسو "پابندُ".

– **پائبندي:** ٿ. پابندي – بندش – روڪَ – منع – جهل.

– **پائبوسي:** ٿ. [ف. پاءِ + بوسي] ڏسو "پابوسي". پيرن چمڻ جي حالت (بزرگن ۽ وڏن جي).

– **پاءِ تخت:** ذ. صفت. پايہ تخت – تخت گاهہ – گاديءَ جو هنڌ.

– **پائجامو ج پائجاما:** ذ. ڏسو "پاجامو".

– **پائخانو ج پائخانا:** ذ. ڪاڪوس. ڏسو "پاخانو".

– **پائدارُ ج پائدارَ:** ذ. صفت. [ف. پائي + دار = پڪو پختو] جتاءُ دار – جهالو – هَنڍُو – مضبوط. پڪي بنياد وارو – پڪو پختو.

– **پائداري:** ٿ. بقاءُ – جتاءُ – قرار. مضبوطي.

– **پائگاهہ:** ذ. [ف. پائي + گاهہ = جاءِ] مرتبو – درجو – منزل.

– **پائمالُ:** ذ. صفت. چتيل. پڪڙيل. تباهہ – برباد – ناس – چٽ.

– **پائمال ڪرڻ:** لتاڙي چڏڻ – نابود ڪرڻ – ذرا ذرا ڪري چڏڻ.

– **پائمالي:** ٿ. لتڙ. بربادي. تباهي.

• **پاءُ ج پاءَ. پاوَ:** ذ. [سن. پادُ] چوٿين پتي – چوٿون حصو – چوٿو. سير جو چوٿون حصو. پاءُ تور جو ماپو يا وزن.

• **پائٺ (ل):** ٿ. خبرَ – جاڻ – سُڌ.

• **پائٺو ج پائٺا (ل ڪ):** ذ. هُرلي يا نار جو هڪ عضوو.

• **پائڙي ج پائڙيُون:** ٿ. وال جو چوٿون حصو – چاڙڪي. لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار.

• **پائلو ج پائلا:** ذ. گدام – پاندو – وَکار – انبارخانو – سامان جي ڪوٺي – سارين گڏ ڪري رکڻ جو هنڌ (ڪ).

• **پائلي، پائيلي ج پائليُون:** ٿ. [سن. پادُ + "لي" پچاڙي] هڪ ريٽي جو چوٿون حصو – چَوانِي – چئن آنن يا پنجويهن پئسن جو سِڪو. پيتلي دلو. گهاگهر.

• **پائندُ:** صفت. [ف] جتاءُدار – جهالُو – پائدار. قائم ـ پڪو. پختو – مضبوط.

– **پائندُ باد:** جملو. "هميشه قائم هجي شال".

• **پائڻ ج پائٽيونُ:** ٿ. [سن. پادُ] چئن آنن يا پنجويهن پئسن جو سِڪو. پائلي.

– **پائڻ پاچي پارجو:** ذ. انڪل روءِ چار آنا. حصو. ڪنهن شيءِ جو ڪو ٿورو حصو. (چوٿين پتيءَ جي لڳ پڳ).

• **پائڻ، پائڻُ (ٽ):** ٿ. رذل چانورن جو پاٽي. پيچي "ڏسو "پيڻ".

• **پائڻُ:** مصدر. [سن. 1. پراپڻ. پر = چوڏاري + اپ = حاصل ڪرڻ. پراپت = آمدني > پرا = اڳتي + آپ = حاصل ڪرڻ] وٺڻ – حاصل ڪرڻ. لوڙڻ (ڪيتو) – پوڳڻ (نتيجو "جو ڪري سو پائي". لاهڻ – اوتڻ (ٿانءَ ۾ پاڻي). وڌائڻ (طعام). ڏيڻ – بند ڪرڻ (دروازو). پهرڻ – ڍڪڻ – اوڍڻ (ڪپڙو وغيرہ). وجهڻ (ڳَنهُ). "پنڙو پائين ڪينڪي، ڪن ساهيڙيون سڳا". ڪائڻ (درياءَ جو ڪپڻ ڪي) – ڪاڏ ڪرڻ. دشمني. ويرُ. ڪيڻ (ليڪو). ڪُهڻ – ذبح ڪرڻ (پهرو).

– **پائي ڪڻ:** دشمني رکي تنگ ڪرڻ. وير وجهڻ ڪُونسڻ – ستائڻ – آزارڻ. تپائي ڏيڻ.

– **پائيندڙ:** صفت. ڍڪيندڙ – اوڍيندڙ. ڪائيندڙ – (ندي). دشمني رکندڙ.

– **پائيندڙ تي لڳڻ:** دشمن تي لڳڻ – هَٿَ ڌوئي پنيان پوڻ – کڏون کوٽڻ – ڳجهيءَ طرح پير ڪيندو رهڻ – ڳجهو نقصان پهچائڻ.

– **پائيندڙ پائي ڏيڻ:** نقصان پهچائڻ جي هر طرح ڪوشش ڪندو رهڻ.

• **پائٽو ج پائٽا (ٿ):** ذ. وڻ جي سنهڙي ڪاٺيءَ جو ڇهبڪ – ڇهو – لَڪڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **پائو ج پاوا:** ذ. [ف. پايہ: سن. پادَ = پير] پيرُ. ڪُرُ (چوپائي جو). پايو – پاڳو (کٽ. ميز. ڪرسي وغيره جو). ٻٽئيءَ جو هڪ طريقو (جنهن ۾ پيدائش جي چوٿين پتي هاريءَ کي ملي). ڳجهارت جو ٿَپُ. ساز جو هڪ قسم (جمع پاوا) (صفت) پيرن وارو "تہ پائو. چوپائو وغيره".
– **پائو ڀي پوڻ:** سڀ بار پنهنجي سِر تي سهڻ. ٽيڪ يا ڀروسو ڏيڻ.
– **پائي ٽنگڻ:** نتيجو لوڙڻ – پنهنجي سِر بدلو ڏيڻ – سزا ڀوڳڻ. پنهنجي ڪيئي جي سزا ملڻ. "سيڪا ڀڪري پنهنجي پائي ٽنگبي" (چوڻي).
• **پائوڊرُ ج پائوڊَرَ:** ذ. [انگ. Powder] سنهو. پيڻل ٻورو. سفوف. خوشبودار. سنهو ميدو. جهڙو اٽو (جيڪو مُنهن ۽ بدن تي پکهر کان بچڻ لاءِ هڻجي).
• **پائولو ج پائولا (ڪ):** ذ. کجور جو پاتَ – ڪارڪن جي ڇِبي.
• **پائونڊَ ج پائونڊَ:** ذ. [انگ. Pound] انگريزي سِڪي جو هڪ قسم. اڌ سير جي وزن جو انگريزي وَٽُ.
• **پائي ج پائيون. پايُون:** ٿ. [سن. پادِڪا] اڳاٽي وقت جو هڪ سِڪو. (هڪ رپئي ۾ ۱۹۲ پايون هيون). ۲۴ سيرن اَنَ جو هڪ ماڻ. (ٿ).
• **پائيپُ ج پائيپَ:** ذ. [انگ. Pipe] لوهي نلي – نَلَ. سُلفي.
• **پائين:** ظرف. [ف] هيٺ – هيٺاهون.
• **پاياب (ف):** ذ. صفت. [ف. پايہ + آب] پير ٻوڙ (پاڻي). تانگهو (دريا. واهہ وغيره) درياءَ جي تري وارو پاڻي (جنهن منجهان ماڻهو پيدل هليو وڃي).
• **پايانُ:** ذ. [ف] طاقت – توانائي. انتها – پڄاڻي. پڇاڙي. خاتمون. آخرين حد.
• **پايہ:** ذ. [ف] پير. ٿنڀ.
• **پايدارُ:** ذ. صفت. ڏسو "پائدار".
• **پايگاهُ:** ذ. [ف. پايہ + گاهہ] مرتبو – رتبو – درجو. درگاهہ – آستانو.
• **پايو ج پايا:** ذ. [ف. پايہ: سن. پاد = پير] پير – پڳ. ٽنگ (ميز. کٽ وغيره جي) – پاڳو – پائو. ٿنڀ. پيڙهہ. رتبو – درجو. لياقت – قابليت – حيثيت.
• **پٻ (ٿ):** ٿ. ڄَٽ – ڏاڏر – ٻَبي.
– **پٻ ڏوڪي ٻڌڻ:** ڄَٽ بہ ٻَڌڻ ۽ لَٽ بہ ڏيکارڻ – متاڇري هاها ماشا ڪرڻ.
– **پٻيون رکڻ:** ملهہ ۾ بچاءَ لاءِ داءَ هڻڻ.

• **پٻُ:** اسم خاص. هالار جبلن جي ڏاکڻي قطار جو نالو. "ڇڪي ڇنائين. پنڌ مڙوئي پٻ جو." (شاهہ).
– **پٻ جو پهلوان:** اسم خاص. درويش شاهہ بلال رحہ جو لقب (جو لاهوت لامڪان کان ڏيڍ ڪوهہ پري پٻ جبل جي ايراضيءَ ۾ مدفون آهي.)
• **پٻُ ج پٻَ:** ذ. [سن. پادُ = پير] پير جو مُهڙ وارو حصو. جُتيءَ جي پادر جو اڳيون پاڳو (جنهن ۾ پير جي پٻ وارو حصو رهي). ڪانپاٽيءَ يا ڳَنڍيل جو ڪپ (جنهن ۾ ڳوڙهو رکجي).
– **پٻن تي نچائڻ:** پورو قبضو ڪرڻ. سولائيءَ سان ڪم ڪڍڻ.
– **پٻن تي هلڻ:** هوريان هوريان هلڻ – ڇُپ ڇُپ ڪري هلڻ.
– **پٻو ج پٻو:** ذ. صفت. پٻن تي هلندڙ.
• **پٻا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **پٻجو:** اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **پٻڪڻُ:** مصدر. ڪِلڻُ – خوش ٿيڻ. "اڄي ٻرين ٻبڪيا. ڪر ٻابيهو جيئن مورا" (شاهہ). (پٻڪيو – پٻڪندو – پٻڪيل).
• **پٻلُ (ٿ):** ٿ. ناز – نخرو – انگلُ – لاڏ.
• **پٻلائڻ (ٿ):** فعل متعدي. ناز نخرا ڪرڻ – انگل آرا ڪرڻ.
• **پٻڻ:** ٿ. [سَن. پَدُمَ] تلائن ۽ ڍنڍن ۾ ٿيندڙ ول جو هڪ قسم (جنهن جي چوٽيءَ ۾ پابوڙو ٿئي ۽ اُن جون پاڙون ٻهہَ ٿين). (اسم خاص) ڪپري. ڊگهڙي ۽ جاتي تعلقن ۾ ديهہ جو نالو.
– **پٻڻي ج پٻڻيون:** ٿ. پَٻڻ جو ٻجُ (جو پابوڙي ۾ ٿئي) – پٻڻ جي ڏوڏي.
• **پٻو ج پٻا:** ذ. اهو ماڻهو جنهن کي ڏَند نہ هجن. نڪري ويا هجن. ڦدو – پڏو – ڀڦ. (ٿ) پٻي ج پٻيون.
• **پٻي ج پٻيُون:** ٿ. ڄَٽَ – ڏاڏر – هُشي. خوشامد. دلبو ٻَبي – ڏنو. باراٽي راند جو هڪ قسم (جنهن ۾ پُٺن ۾ لِڪي مُڪَ هڻبي آهي).
– **پٻي ٻَڌڻ:** ڄَٽ ٻَڌڻ – ڏنو ڏيڻ – ٻَبي ٻَڌڻ. ٻارن جو پاڻ ۾ مُڪ هڻڻ واري راند جو اقرار ڪرڻ.
– **پٻيون ٻڌڻ. ملائڻ:** ڄَنون ٻڌڻ – ڏنا ٻڌڻ – گشاهڻ – دلبا ڏيڻ. هيٺيون مٿيون ٻڌائڻ. ڪوڙا آسرا ۽ دلاسا ڏيڻ.
• **پت:** ٿ. [سن. پرَتيَيَ. پُرَت = وري + اِٿ = وڃڻ] اعتبار – ڀروسو – ويساهہ – يقين. ساک – سچائي. آبرو – عزت – مانُ. "پُوري ٿئي مون پت. پريئءَ سان پرت جي." (فتح فقير). عِصمت. ڀرم – لڄ. ڳَرٽ يا ڪنڌ جي ڳهاٽي جاش –

رَبَ ـ قوام. ٻاجهري: ترن ۽ ڳُـڙ مان ٺهيل رَب.

– **پتائتو ج پتائتا:** ذ. صفت. پت وارو – پت جوڳو – ڀروسي جوڳو. پوري نشان پتي وارو – پڪي ڏسُ پتي وارو.

– **پتَ پجڻ:** اعتبار پجڻ – ويساهه وڃائڻ.

– **پتِ پريو ج پت پريا:** ذ. صفت. پت وارو – ايماندار.

– **پتِ پاڙڻ:** انجام پاڙڻ – وفاداري ڪرڻ. اعتماد يا ڀروسو قائم رکڻ.

– **پتِ پرتيتَ:** ٿ ساک. پت. عزت – ناموس. سچائي. انجام جي پڪائي. ڏيتي ليتي جو اعتماد. ڌنڌي ۾ ويساهه يا ڀروسي واري حالت.

– **پتِ ڏوبي وڃڻ:** ويساهه ختم ٿي وڃڻ. آبرو گهٽجڻ – عزت وڃائڻ. ڏيوالو ڪڍڻ.

– **پتِ ڏيڻ:** ويساهه ڏيڻ يا اعتبار ڏيڻ. ساک ڏيڻ – قسم کڻڻ. ڀروسو ڏيڻ.

– **پتِ رکڻ:** آبرو رکڻ – عزت رکڻ. انجام پورو ڪرڻ. ڏيتي ليتي ۾ وعدو پورو ڪندو رهڻ.

– **پتِ رهجي اچڻ:** عزت رهجي اچڻ – آبرو رهجي اچڻ – ساک قائم رهڻ. واپار ۾ ويساهه قائم رهڻ.

– **پتِ سانت ۾ اچڻ:** آرام ملڻ.

– **پتِ ڪرڻ:** اعتبار ڪرڻ – ويساهه ڪرڻ – ڇڏو ڪرڻ (ڪاڏي ڪي). ملڻ (آسرو).

– **پتِ کوهڻ:** ويساهه وڃائي ڇڏڻ. پت وڃائڻ – بي اعتبار ٿيڻ. واپار ۾ ويساهه وڃائي ويهڻ.

– **پتِ گنوائڻ:** ساکَ وڃائڻ. آبرو وڃائڻ – بي عزت ٿيڻ. اعتماد يا ڀروسو ختم ڪري ڇڏڻ.

– **پتِ لاجَ:** ٿ. عزت آبرو – ساک پت – لڄ شرم.

– **پتوارُ (لس):** ذ. صفت. ساکَ پت وارو. سچو دوست. ڀروسي وارو.

– **پتِ وارو:** ذ. صفت. اعتبار وارو – ويساهه وارو.

– **پتِ وائکي ٿيڻ:** نڳي ظاهر ٿيڻ – خراب ڪمن سبب اعتبار هليو وڃڻ – بدنام ٿيڻ – پترپڌرا ٿيڻ – کوٽُ ظاهر ٿيڻ.

– **پتِ وڃائڻ:** ويساهه وڃائڻ – اعتبار وڃائڻ – عزت وڃائڻ.

– **پت ونتُ، پتِ وندُ:** ذ.صفت. پتِ وارو – ساک وارو – عزت وارو. ايماندار. معتبر. ڀروسي رکڻ جهڙو.

– **پتِ ويچارڻ:** عيب اُگهاڙڻ – نڪته چيني ڪرڻ.

– **پتِ هجڻ:** ڀروسو هجڻ – اِعتبار هجڻ – ساک هجڻ – عزت هجڻ.

– **پتيائتو ج پتيائتا:** ذ. صفت. مانائتو – آبرو وارو – معتبر.

– **پتيُون پيڻ (ت):** ويساهه رکڻ – اعتبار ڪرڻ – ڀروسو رکڻ.

• **پتُ:** ٿ. [سن. پتْ گرميءَ سبب نڪتل داڻا. آرايون پتي جو رَسُ] مٺلو.

• **پتا ج پتا:** ذ. [سن. پِتْر] پيءُ – ابو – والد – پدر – آبو.

• **پتارُ پوٽا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر ۾).

• **پتارَ:** ٿ. ڏسو "پتوڙ".

• **پتارڻ:** مصدر. ڏسو "پتوڙڻ".

• **پتاشرو:** ذ. جوئر جو هڪ قسم. ٻرت جو هڪ قسم.

• **پتاشو ج پتاشا:** ذ. [سن. ۱. واتاسهَ. واتَ = هوا ۲. "پت + آش (= چاش)" وارو] کنڊ جي چاش مان ٺهيل گول ٽڪي (مٺاڻ وانگر ڪم اچي). انب جو هڪ قسم. ڪجيءَ جو هڪ قسم (ڏونڪو زرد، ڇڙيون ننڍيون).

• **پتاشا ورهائڻ:** وات مٺو ڪرائڻ. بيماريءَ مان اٿڻ مهل يا ڪنهن خوشيءَ جي معمولي موقعي تي پتاشا خيرات ۾ ڏيڻ يا عزيزن دوستن ۾ ورهائڻ.

• **پتاشڙو ڪُلفُ:** پتاشي جهڙو سنهون ۽ ننڍڙو تالو.

• **پتافي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر گهوٽڪي ۽ ٻني عاقل تعلقن ۾ ۽ ڪراچي طرف رهن ٿا).

• **پتائڻُ:** فعل متعدي. اُڪلائڻ (ڪم ڪي). جلد پورو ڪرڻ. نالي ماتر ڪرڻ – ترڪ تال سان ڪم ٽپائڻ. واپارين جي اصطلاح ۾ رکيل مال وڪڻڻ. ٻنيلائڻ. برغلائڻ. ٺڳڻ. (پتايو – پتائيندو – پتايل).

• **پتِتُ ج پتِتَ:** ذ. صفت. [سن. پَتِتْ پَتْ = ڪرڻ] ڪريل – نيچ. ناپاڪ – پليتُ. پاپي – گُنهگار. بد چال – بدڪار. بي دين.

– **پتِتُ ٿيڻ:** ناپاڪ ٿيڻ – پليد ٿيڻ – پنهنجي عصمت برباد ڪرڻ.

– **پتِتَ پاوَنُ:** ذ. صفت. گُناهه بخشيندڙ – معاف ڪندڙ (هندڪي عقيدي موجب سيتارام).

– **پتَ پاپڙو:** ز. دوا طور ڪم ايندڙ پسارڪي وکر جو هڪ قسم.

• **پتجڻُ:** فعل مجهول. اعتبار اچڻ – ويساهجڻ. دلبي ۾ اچي وڃڻ – دوکي ۾ اچڻ – ٺڳجڻ. (پتيو – پتبو – پتيل).

• **پترُ ج پترَ:** ذ. [سن. پَترَ] خط – چٺي. اخبار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **پٽليون پڙهائڻ:** ڳالهين ۾ ٺڳڻ – پنيلائڻ. ٺڳيون سيکارڻ – چالاڪ ۽ حرفتي بڻائڻ.

— **پٽليون وجهڻ:** پٽلين جو کيل ڪرڻ.

● **پٽني ج پٽنيون:** ث. [سن. پٽني] زال – زوجه – جوءِ ـ گهرواري.

● **پٽڻ:** مصدر. اعتبار ڪرڻ – ويساهه ڪرڻ پنجڻ. (پٽيو – پٽبو – پٽيل).

● **پٽڻ ج پٽڻ:** ذ. درياء يا نهر جو گهيڙ (جتان ماڻهو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي پار اڪرن). تڙ. درياءَ ۾ هڪ ڪپ کان ٻئي ڪپ ڏانهن نيندڙ ٻيڙي. ٻيڙيءَ ۾ درياء جي ٻيءَ پر اُڪارڻ جو ڀاڙو. اُن جا داڻا (جي هندو مردي جي پرسان ضامن طور رکندا آهن ۽ مسلمان وري دفن ڪرڻ بعد فقيرن کي ڏيندا آهن).

— **پٽڻ پهچڻ:** پار اُڪرڻ – منزل رسڻ – ڪامياب ٿيڻ. (ڪنهن ڪم ۾) مراد حاصل ٿيڻ.

— **پٽڻ چڙهڻ:** پراڙ وجهڻ لاءِ ٻيڙيءَ ۾ چڙهڻ – وارو ملڻ – موقعو ملڻ.

— **پٽڻ ڏيڻ:** پار اُڪرڻ جو اُجورو ڏيڻ. سفر جو توشو ڏيڻ – زاد راهه ڏيڻ.

— **پٽڻ هٿ نه اچڻ:** وسيلي يا منزل تائين نه رسڻ. مشڪلات درپيش اچڻ. چونڪاري جو ذريعو مُيسر نه ٿيڻ.

● **پٽو ج پٽا:** ذ. [سن. پٽرڪ] ڏسُ – سرنامو – ائڊريس. [سن. پٽر =پن] پن (وڻ جو). پٽو – تاڪي (ت). پٽن جي تاس.

— **پٽائتو:** ذ. صفت. نشان وارو – ڏس وارو. هنڌائتو – هٿيڪو – ٻڪي ٻختي نشان وارو. ٿانيڪو.

— **پٽو پوڻ:** خبر پوڻ – سُڌ پوڻ. سيڪت اچڻ.

— **پٽو ڏيڻ:** ڏس ڏيڻ – خبر ڏيڻ – سرنامو ڏيڻ. پٽن راند ۾ گهربل پٽولهڻ. سبق سيکاري ڇڏڻ.

— **پٽو ڪيڻ:** ڳولا ڪرڻ – ڏس هٿ ڪرڻ – ڳولي هٿ ڪرڻ. خبر لهڻ – ٺڪاڻو. معلوم ڪرڻ.

— **پٽو لڳائڻ:** ڳولا ڪرڻ – تلاش ڪرڻ – خبر رکڻ. ٺڪاڻو معلوم ڪرڻ.

— **پٽي بازُ ج پٽي باز:** ذ. صفت. جواري – پٽائي. چالاڪ – حرفتي. ٺڳ – فريبي – دوکيباز.

● **پٽو ج پِٽا:** ذ. [سن. پٽڪ] جسم ۾ پِتُ ٺاهڻ جو هڪ اندروني عضوو. معدي ۾ جيري جي پرسان ننڍڙي ڳوٿري. جنهن ۾ سائي رنگ جي هڪ پاڻيٺ ٿئي). پِتائي ڳجر ۽ انب جو اندريون ڳَپُ وَل جو ڪجو قَرُ (خصوصاً ونگو، ريڙي. ڳدرو چانهين. ميهو) ڄڻ جو ڪجو پِتُرُ. حياء – شرم – لڄ. همّت – جرائت. غيرت.

— **پِتائي ج پِتائي:** ذ. صفت. پِتي وارو.

— **پِتائي ڳَجَرَ ج پِتائي ڳَجَرُون:** ث. ڳجرن جو هڪ قسم (پِتي واري ڳجر) – سنڌي ڳَجر.

— **پِتو پاڻي ٿيڻ:** ڪهل اچڻ – قياس اچڻ – رحم اچڻ. ڊپ کان ست نه سارڻ – هيسجي وڃڻ.

— **پِتو پڌرو ڪرڻ:** بنياد پڌرو ڪرڻ – پِتر پڌرا ڪرڻ – عيب اُگهاڙڻ – اصل نسل ظاهر ڪرڻ.

— **پِتو ڌارڻ:** غيرت ڌارڻ. همت ڌارڻ – جرائت رکڻ. لَڄ ڌارڻ – شرم ڪرڻ.

— **پِتو ساڙي ڇڏڻ:** سخت صدمو ڏيڻ. بي غيرتيءَ جهڙو ڪم ڪرڻ. سخت شرمسار ڪرڻ.

— **پِتو ڦسڻ:** بيحيائي ظاهر ٿيڻ. بي شرم ٿيڻ.

— **پِتو ڪيڻ:** ڪاوڙائڻ. غُصو ڏيارڻ – رنج ڪرڻ. سزا ڏيڻ.

— **پِتو مارڻ:** ڪاوڙ مارڻ – چِڙ مارڻ – غصو پِي وڃڻ.

— **پِتي تي پوڻ:** دل تي اثر ڪرڻ (نصيحت) – دل ۾ ڄُمي وڃڻ – دل سان لڳڻ.

— **پِتي پاڄارو ڪرڻ:** پاڻيءَ مان ڪڍڻ. تنگ ڪرڻ – پريشان ڪرڻ – بي حال ڪرڻ.

— **پِتي وارو ج پِتي وارا:** ذ. صفت. غيرت وارو – جوشيلو. بي حيائيءَ جي ڪمن کان سخت نفرت وارو.

● **پِتُوجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. لاڙڪاڻي ضلعي جو هڪ ڳوٺ (جتي اها ذات رهندي آهي).

● **پِتوَرَتا:** ث. [سن. پَتِ = مڙس + وْرَتا] مڙس جي حق ۾ رهڻ واري زال – سَتُر واري زال – پاڪدامن عورت.

● **پِتوڙڻُ. پِتوڙڻُ:** فعل متعدي. سخت محنت ۽ ڪوشش ڪرڻ. ڳيندارڻ – جهاڳڻ – چاچولڻ – مَنارڻ – ڳِهلڻ – تڪليف وٺڻ – محنت ڪرڻ – ڪشالو ڪرڻ – هلاڪ ٿيڻ.

— **پِتوڙ:** ث. ڳِهِلَ – ڳيندارَ. مَنارَ. ڪشالو – جَتَنُ – تڪليف – هلاڪي.

● **پِتوڪِڙو ج پِتوڪِڙا (ل):** ذ. صفت. ڏسو "پِتڪڙو".

● **پِتوڪو ج پِتوڪا:** ذ. ڳوڏ جو ڪپڙو. ڳوڏ.

● **پِتوئي (ڪ):** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم (رنگ ڪارو. قد اڌ انچ کان ڏيڍ انچ).

● **پِتي:** اسم خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مصيبت نازل ٿيڻ. بڇڙي عادت پئجي وڃڻ.

– **پٽ وجهڻ:** ماتم ڪرڻ – پِٽڪو وجهڻ – روڄ مچائڻ.

– **پٽ هڻڻ:** بد دعا ڏيڻ – سراپ ڏيڻ – پاراتو ڏيڻ.

• **پُٽ ج پُٽَ:** ذ. [سن. پُترَ] ننڍو ٻار – نرينو اولاد – پِسر ـ ڇوڪرو.

– **پُٽاٺو ج پُٽاٺا:** ذ. صفت. پُٽ جو پٽ وارو. (ذ) پُٽ ڄمڻ جو شادمانو.

– **پُٽائي:** ث. پُٽ ڄمڻ جي وقت ڏنل گهور يا خيرات.

– **پُٽن پيءُ ٿيڻ:** بي اُلڪو ٿيڻ – اُڃنت ٿيڻ – بيفڪر ٿيڻ. پُورو پُورو پروسو هئڻ – مطمئن رهڻ.

– **پُٽيتو ج پُٽيتا:** ذ. صفت. پُٽن وارو "سَت پُٽيتو".

– **پُٽيلو ج پُٽيلا:** ذ. صفت. پُٽ جهڙو – اولاد وانگر. پُٽ ڪري نپايل (ٻئي ڪنهن جو ٻار).

• **پٽا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پٽارڻ:** مصدر. پکيڙڻ – پسارڻ. (پٽاريو – پٽاريندو – پٽاريل).

• **پٽاٽو ج پٽاٽا:** ذ. [انگ. Pottato] اوبڙ جو هڪ قسم (جيڪو پاڄيءَ طور ڪم اچي) – آلُو.

• **پٽاپٽي ج پٽاپٽيون:** ث. صفت. [سن. پَٽ] پٽن وارو – ليڪن وارو – رنگارنگي پٽن وارو (ڪپڙو لغا)

• **پٽاڙ ج پٽاڙون:** ث. [سن. پاٽ] ڊيگهه – لانڍَ – اينگهه (ڳالهه ۾). ڊگهي ڳالهه. بَڪَ. پَنهڙ. اڳَٽُ (ڪ. ٿ).

– **پٽاڙ ڪرڻ:** اينگهه ڪرڻ (ڳالهه ۾) – ڊيگهه ڪرڻ. بڪواس ڪرڻ. وڌائڻ (معاملو).

• **پٽاسُ ج پٽاس:** ذ. واڍڪي ڪم جو هڪ اوزار (رنبي جهڙو گهٽو ڪري سل ڪڍڻ جي ڪم اچي). ڪاري جي ڳانگٽ جو هڪ قسم (ڪارن پٽن سان. ميرانجهڙو قد تي انچ ڪن).

– **پٽاسِي ج پٽاسيون (ت):** ث. پٽاس جي قسم جو ننڍڙو اوزار.

• **پٽاڪ ج پٽاڪون (ل):** ث ڌڪ ڌوڙ – پيچ ڌڪ پٽ ڪونڊ – پَٽ ڪوهَ.

• **پٽاڪَن ۾ اچڻ:** ڌڪ ڌوڙ ۾ اچڻ. پٽ ڪونڊ ۾ اچڻ.

• **پٽاڪي پٽانگو (ڪ):** ذ. ڏسو "پٽالو".

• **پٽالو ج پٽالا:** ذ ڪَن يا نڪ ٽوپڻ بعد ڪجهه وقت لاءِ پاتل ڌاڳو.

• **پٽالو ج پٽالا (ل. ڪ):** ذ. ڪپهه سان پيريل رنگين ڪپڙي جي ٽِڪنڊي ڳوٿري – جنهن جي ڪنارن کي ڪڄ ڪوڏيون ٽانڪي زالون ٻار جي پينگهي مٿان ٻڌي ڇڏينديون آهن. ته جيئن ٻارُ سُتي سُتي انهيءَ ڳوٿريءَ سان راند ڪري). ٻکي ۾ سونهن خاطر ٻڌن. مرشد جي درگاه تي ٻه (باس طور ٽنگي ڇڏين) – ڇتون. (ث) پٽالي ج پٽاليون.

• **پٽانڌر:** ظرف. [سن. پَرِيتنتر] موجب – وانگيان – وانگر. مطابق.

• **پٽائي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (نوابشاهه ۽ حيدرآباد ضلعن ۾).

• **پٽاهڙ ج پٽاهڙون:** ث. پٽاڙ. پٽهڙ (اڳٽ). تنگُ (گهوڙي جو).

• **پٽ پُور:** ث. پٽڻ ۽ پُورڻ جي حالت. (دروازو). چنبِ (اکين جي).

– **پٽ پُور ڪرڻ:** کولڻ ۽ بند ڪرڻ. چنبڻ (اکيون).

• **پٽجڻ:** مصدر. 'پٽڻ' مان فعل مجهول. ڪلڻ. (پٽيو – پٽبو – پٽيل).

• **پٽرو ج پٽرا:** ذ. صفت. [سن. پٽرل] پاٽيءَ جهڙو – پترو – ڇدو – ڪنگهو. نرم – ڪُنئرو. (ث) پٽڙي ج پٽڙيون.

• **پٽراڻ. پٽرائي:** ث. پاٽيٽ. پتراڻ – ڇداڻ.

– **پٽڙي ج پٽڙيون:** ث. [سن. پَترَ > پَٽ] ننڍي لوهي پٽي. رستي جي پاسي وارو پيچرو – سنهو رستو.

• **پٽڙيون:** ث. هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. پيرن ۾ پائڻ جو ڳُهه (ت) – پٽيون. اُٺ جي نڪ ۾ وڌيل هڏيون (ل).

• **پٽ سَٽ:** ث. پٽڻ ۽ ڪُونڊڻ جي حالت. اوڌر باڌر. اوگڙ – پڻ سڻ. اوچتي ڪمائي. ڪمائي جو غير مقرر ذريعو.

– **پٽ سَٽ ڪرڻ:** اوڌر پاڌر وٺي پورت ڪرڻ. قوڙي ڪرڻ. قرض ڪڻڻ.

• **پِٽَڪ ج پِٽَڪون (ڪ):** ذري. پِٽَڪ.

• **پٽ ڪم:** ذ. سونارن جي اصطلاح ۾ چانديءَ کي مائي ڪرڻ لاءِ اُن ۾ ملايل مَٽُ.

• **پٽڪو ج پٽڪا:** ذ. [سن. پٽڪا < پَٽ = ڪپڙو + "ڪ" اسم تصغيرجي نشاني] پڳ – دستار – پاڳ – ڦينٽو.

– **پٽڪو لاهڻ:** بي عزتي ڪرڻ – آبرو لاهڻ.

– **پٽڪو لاهي هٿ ۾ ڪرڻ:** پنهنجي عزت وڃائي ٻئي جي عزت تي حملو ڪرڻ.

– **پٽڪو وڌائڻ:** (ادب ۽ عزت جو محاورو) پٽڪو مٿي تان لاهي ٿانيڪو رکڻ.

– **پٽڪي ج پٽڪيون:** ث. ننڍو پٽڪو.

– **پٽڪي رُلائڻ:** پڳ لاهي بي مانو ڪرڻ – عزت خراب ڪرڻ.

– **پٽڪي لٽو:** ذ. صفت. مٿي اگهاڙو – بي عزتو – بي مانو. بي حياءُ – بي شرم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– پارت. هلندي پڄندي – رُسوخ.

– **پٽ پرائي ج پٽ پرائيون:** ث. همت افزائي – مدد – حمايت – تائيد – ٽيڪو – طرفداري.

– **پٽ پرائي ڪرڻ:** ث. همت افزائي ڪرڻ – دل ٻڌرائڻ. مدد ڪرڻ. ڳالھ ۾ شامل ٿيڻ – ٽيڪو ڏيڻ – تائيد ڪرڻ. ساڳي راءِ ڏيڻ – طرفداري ڪرڻ.

– **پٽ پرجڻ:** اولاد ٿيڻ – پيڙهي قائم ٿيڻ.

– **پٽ پرڻ:** همت ٻڌائڻ. مدد ڪرڻ. ٽيڪو ڏيڻ – پاسو کڻڻ. سفارش ڪرڻ. ڏيهي حساب جي اصطلاح موجب. هُنڊي جي قبولي رقم ادا ڪرڻ ۽ هنڊيءَ جي ٻئي پاسي تي قبوليت لکڻ.

– **پٽ پرو:** ظرف. ٺوروپٺتي – پوٺتي.

– **پٽ پرو ج پٽ پرو:** ذ. صفت. پٽ پرائي ڪندڙ. مددگار – حمايتي. پُشت پناھ – پرجهلو.

– **پٽ تي، پٺتي:** ظرف. پوٺتي – پويان – پوئين پاسي.

– **پٺتي پوڻ:** پوٺتي رهڻ – زواليت ڏانهن وڃڻ – ڪوتاهي ڪرڻ (فرض ادائي ڪرڻ ۾).

– **پٺتي ڏسڻ:** نتيجي جو خيال ڪرڻ – عاقبت انديشي ڪرڻ.

– **پٽ ٺپرڻ، ٺپرڻ:** پٺي ٺپرڻ – همت افزائي ڪرڻ. دلاسو ڏيڻ – همدردي ڪرڻ – دُعا ڪرڻ. آفرين ڏيڻ. شاباس چوڻ – همٿائڻ.

– **پٽ ڄڏري ٿيڻ:** پٽ ڄمڻ – اولاد ٿيڻ – اولاد وارو ٿيڻ.

– **پٽ جهلو:** ذ. صفت. پٽ پرو – پُشت پناھ. حامي – مددگار.

– **پٽ ڏيڻ:** پٺي ڏيڻ. پوٺتي موٽڻ. موٽڻ. پٺجي وڃڻ. پڄڻ. هارائڻ. ڳيدي ٿيڻ. مُنهن موڙڻ. انجام ڪان ڦرڻ. بيزار ٿيڻ. انڪار ڪرڻ – طب جي اصطلاح ۾ ڪڪ مارڻ وقت ٻوٽيءَ جي رس سان ڪنهن ٻئي ڏاتوءَ جو ٻورو ملائڻ.

– **پٽرو ج پٽرا (ل):** ذ. چولي جي پٽ ۾ ڪُلهن وٽان ڪپڙي جي ٽڪري (جيئن چولو جلد نہ ڦاٽي).

– **پٽ وارو:** ذ. صفت. جنهن کي ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي مدد هجي. رُسوخ وارو. هلندي وارو. سفارشي. (ظرف) پٺيون – پويون.

– **پٽ وڻڻ:** پٺيءَ لڳڻ – پٺيان اچڻ – ڪڍ پوڻ – پيڇو ڪرڻ – پوٺتان پوڻ.

– **پٽ ورائي ڏسڻ:** پنهنجا عيب ڏسڻ. پنهنجون خاميون ۽ ڪمزوريون ڏسڻ. پاڻ کي جاچڻ. گذريل وقت ياد ڪرڻ. مستقبل جي خبر لهڻ – آئنده جو فڪر وغيره ڪرڻ. "پنهنجي پٽ ورائي ڪنهن ڪاڻ ڏني آهي" (چوڻي).

– **پٺياتو ج پٺياتا:** ذ. صفت. پيڙهيءَ وارو – خانداني. پيڙهائتو – اصل نسل. شريف (ماڻهو). چڱي نسل وارو.

– **پٺيانْ:** ظرف. پٺئين پاسي کان – پوئتان. کان پوءِ – بعد ۾. پڇاڙي. آخر ۾.

– **پٺيانْ پٺيانْ:** ظرف. پويان پويان – پوئتان. پٽ کان – ٻنهہ پوئتان. پيرويءَ ۾.

– **پٺيان پوڻ، لڳڻ:** پٽ وڻڻ – پٺيان وڃڻ. نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

– **پٺيان وڃڻ:** پيڇو ڪرڻ. ڳولا ۾ وڃڻ.

– **پٺيون:** صفت. پٽ جو – پٽ وارو.

• **پٺا:** ذ. [سن. پُرشٽ: پرا. پٺئو = پُشت] هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. بدن جو پٺيون حصو. پٽ – پٺي.

– **پٺا چڙهڻ، چڙهي پوڻ:** ڏاڍا ڏڪ لڳڻ سبب پٺن ۾ سُور ٿيڻ. پٺاڙا سُڄي پوڻ.

– **پٺاڙو:** ذ. ڏسو "پٺا".

– **پٺا سيڪڻ:** پٺن کي آڌي سُور يا ٿڪُ لاهڻ. (ڪنايہ) مار کڍڻ – ٿتاٿوڙي ڪرڻ.

– **پٺا ڪيڻ، ڪيڻي وڃڻ:** ڳري بار سبب ڏاڍو ٿڪ ٿيڻ. تمام ڳرو بار يا بوجهہ هڻڻ.

– **پٺارڪ ج پٺارڪون:** ث. [سن. پُرشٽ. ف. پُشتارَه = پٽ] اها پري جا پٺن تي کڻجي. ڪپڙي جي چيڙي ۾ ٻڌل ڳنڍ جنهن جو هيو چيڙو ڪُلهي تان ورائي ڪڇَ ۾ هڻجي. پٺن تي کڻڻ جيترو ڳاهُ يا هيو سامان. پري – هڙَ.

• **پٺارو:** اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **پٺاڻ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. هڪ قوم جو نالو (قبيلا: ۱. علام زئي، ۲. دوراني). (پاڙا. محمد زئي، توپالزئي (Topolzai)، ۳. گلزئي، ۴. ڪاڪڙ (Kakar)، ۵. پرانگ، ٦. شيراني (پاڙا. بابر، اُستراني)، ۷. ترين Tarin).

• **پٺاڻ:** اسم خاص. تعلقي شهداد ڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **پٺاڻ ج پٺاڻ:** ذ. پٺاڻ قوم جو ماڻهو – افغانستان جو رهاڪو – افغان – لالو.

– **پٺاڻڪو:** صفت. پٺاڻ جو – افغاني. (ذ) ڳدهہ جو هڪ قسم (خراساني ڳدهہ جهڙو ٿلهو پر قد ۾ اُن کان گهٽ ۽ بار جو پهلوان ٿئي).

• **پٺڻ:** مصدر. [سن. پُرسٿاپَن] موڪلڻ – روانو ڪرڻ –

اُماڻڻ. (مال) ڀهرائڻ.

- **پٺو:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديھ جو نالو.
- **پٺو ج پٺا (ت):** ذ. [سن. پٺرڪ] سوڪو جانور. نو عمر – نوجوان. جانور يا انسان جو ننڍو ٻچو. اهو ڪُڪڙ جنهن کي اڃا ڪڙهون نہ نڪتيون هجن. ننڍو يا اڏيڪ تِتر. جانورن جي هڪ بيماري. تماڪ جو ڳوٿو. (صفت) ٿُلهو – متارو (ت). حَسِين – سُهڻو – وڻندڙ.
- **پٺُس پِٺُو ج پٺُن پِٺُو:** ذ. صفت. خوشامدڙيو – چاپلوس. چيلو – چاڙتو – پوءِ لَڳُ.
- **پُٺو ج پُٺا:** ذ. [پرا. پُٺِئو؛ سن. پُرشٺَ + ڪ] ڪتاب جو پانو – دفتري – جلد. ڪرنگهي جي هڪ طرف وارو (پُٺيءَ جو) پاسو. رڍ ٻڪري، اُٺ جي هڪ سال جي ڪَتريل اُن. ڏاس يا مِلس. نڪرين جي ٻوري جو تَهُہ (جو ڪوٺاريءَ کي ٻاهہ تي رکڻ وقت چاڙهجي). ڪنهن سٽيي ٿانءَ جي ڪاري تيل تَرَ تي چڙهيل مِٽيءَ جو تَهُہ. شراب کي تيز ڪرڻ لاءِ اُن ۾ وِڌل انگور جو رَسُ. شين کي سراسري اگهہ ۾ ٻيهارڻ واري حالت. مَلَهہ جو انگُ. ڏانداريءَ جو اهو حصو جنهن ۾ ڏندا پون (ت).
- **پٺِي ج پٺيُون:** ث. ٽَڏي – چِٽري – بڙڇي. وڏو ٽڏو – نُکَ (ڪ). نو عمر سهڻي ڇوڪري. نوجوان عورت.
- **پُٺِي ج پُٺِيُون:** ث. [سن. پُرشٺَ + ڪَهہ. پرا. پُٺئو. ف. پُشت = پُٺ] پُٺ – پُٺا – پشت. جانور جي چم جو مٿيون حصو. رڍ، ٻڪري، اُٺ جي جسم جا ڪتريل وار.

– **پُٺِيءَ ۾ پوڻ، ڪرڻ:** سنئين چوٽيءَ ۾ ڪرڻ يا سمهڻ. ڪمزور ٿيڻ. تڪليف ۾ پوڻ. سُجو ٿيڻ.

– **پُٺِي ٽپائڻ:** هَرهَر چوڻ – بيزار ڪَرڻ. ڪَڪ ڪري ڇڏڻ.

– **پُٺِيءَ تي اُڇلڻ، اُڇلائي ڇڏڻ:** ڌيان نہ ڏيڻ (ڪنهن ڳالهہ تي) – پرواهہ نہ ڪرڻ – ڪا وقعت نہ ڏيڻ.

– **پُٺيءَ تي باهيون ٻارڻ:** ٽپائڻ – تاڪيد ڪرڻ. سجاڳ ڪرڻ. بار بار هوشيار ڪندو رهڻ.

– **پُٺيءَ تي ڪَنُ وجهڻ (ڪ):** ٻُڌو اَڻ ٻُڌو ڪَرڻ – ڌيان نہ ڏيڻ.

– **پُٺِي ٺپرڻ:** پُٺن تي ٺپڪي هڻڻ. ڪاميابي لاءِ دُعا ڪرڻ. دلاسو ڏيڻ. همت افزائي ڪرڻ. شاباس ڏيڻ. همٿائڻ.

– **پُٺيءَ ڀاڙو اُڇلائڻ، ڪيڻ:** ٻُڌو اڻ ٻُڌو ڪرڻ – نظرانداز ڪرڻ. وِساري ڇڏڻ – ڪا پرواهہ نہ ڪرڻ.

– **پُٺيءَ پوڻ:** پُٺيان پوڻ. پِيڇو ڪرڻ. دشمن ٿي لڳڻ. نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو رهڻ.

– **پُٺِي ڏيڻ:** پُٺ ڏيڻ. پٺ ڏيئي هلڻ. ڪاوڙجي مُنهن ٻئي پاسي ڪرڻ. مُنهن موڙڻ – رُخ مٽائڻ. انڪار ڪرڻ. رڍ جو اُنَ ڏيڻ. "پالـُر ڏنيون پٺيون، ننڍن نوراپن." (شاهہ).

– **پُٺِيرو ج پُٺِيرا:** ظرف. پُٺِي ڏيئي ويٺل يا بيٺل. پٺيان – پويان. بي دليو. بيزارُ: (ث) پُٺِيري ج پُٺِيريُون.

– **پُٺِيرو ٿيڻ:** پُٺي ڏيڻ – مُنهن موڙڻ. ناراض ٿيڻ. انڪار ڪرڻ. مخالفت ڪرڻ. ابتڙ هلڻ.

– **پُٺِيري ٿيڻ (ت):** ڏهائيندڙ جانور جو کير گهٽائڻ يا وِهڪي وڃڻ. کير وارو عرصو پورو ٿيڻ تي اچڻ.

– **پُٺيءَ لڳڻ:** پويان لڳڻ – پُٺيان پوڻ. ڪَڍَ پوڻ – پِيڇو ڪرڻ. پيروي ڪرڻ – تابعداري ڪرڻ. چيلو ٿي گذارڻ. پروسو رکڻ.

- **پُٺيو ج پُٺيا:** ذ. چيلهہ تائين ايندڙ چولو. ڪڙتو – صدري. انگرکو (ٿ).
- **پَپَ (ت):** ث. دٻاءُ – زور – چِپَ.
- **پِپ:** ذ. ڏهسنامي جو لفظ. چَنبُ. "پَپِن ڪان پري وڃي اليهرا اولي ٿيا." (ڪنيار).
- **پِپَ:** ذ. گهاٽو سائو رنگ. ڇهڄ سائو.
- **پِپَ ج پِپُونْ:** ث. نَڪَ جو پوپو. ڏسو "پِپُونْ."
- **پِپانْ (ٿ):** ث. هڪ ٻوٽي جو ڦَر (جو صبح وقت ڪٽاڻ مائل ٿئي ۽ شام جو ڦِڪو ٿئي) – پِپُونْ.
- **پِپرَ، پِپُرُ ج پِپِرَ پِپُرَ:** ذ. [پرا. پِپّل، س. پِپّلَ] وڻ جو هڪ قسم. پسارڪي وکر جو هڪ قسم. "پِپرُ پِپلڙيْ، ڦودنو، ڏاڙهون چڱا ڏار".
- **پِپرا مُوْرُ:** ذ. ڊگهي مرچ جي وڻ جي پاڙ (جا دوا طور ڪم اچي).
- **پِپرو، پِپريو ج پِپرا، پِپريا:** ذ. ترار جي ڇهنب جو پويون (مُڏو) حصو. ترار جو ڦَرُ.
- **پِپْرِي:** اسم خاص. ميرپور ماٿيلي، دادو ۽ ميهڙ تعلقن ۾ ديھ جو نالو.
- **پِپرِي ج پِپريون:** ث. [سن. پِپّلي] پسارڪي وکر جو هڪ قسم (ڪارن مرچن جهڙا ڊگها داڻا. سواد تکو ۽ ڪوڙو. طبيعت گرم خشڪ. ف. دراز؛ ع. دارفلفل). پپر جو ننڍو وڻ.
- **پِپرِيُونْ:** ث. [سن. پَپّلِي] پسارڪي وکر جو هڪ قسم (مرگهہ ۽ جيکوا ۾ گهڻي انداز ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ ول. پن پان جي پنن وانگر، ڦري ڪاري، سخت. ڊگهي ۽ ذائقي ۾ ڪَوڙي ٿئي).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **پپڙ (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **پپَلُ ج پپِلَ:** ذ. ڏسو "پپرُ."
— **پپَل پَنُ (ت):** ذ. صفت. تمام سنهو. ايرو.
- **پپِلڙِي ج پپِلڙِيُون:** ث. پسارڪي وکر جو هڪ قسم. "پپر، پپلڙي، ڦودنو ڏاڙهونءَ چگا ڏار".
- **پپَنُ ج پپَنَ:** ذ. صفت. پيارو — مِٺڙو — مِٺُڻُ — جاني. لَڏَڻُ — دِلبرُ — نازنين.
- **پپَنُ پِري، پِرينُ:** ذ. صفت. مِٺڙو دلبر — پيارو جاني.
- **پپو:** صفت. زردو — سائو. (ذ) گاهه جو هڪ قسم (ت).
- **پپوٽو ج پپوٽا:** ذ. ڦوٽو.
- **پپُون (ت):** ث. ڏت جو هڪ قسم (هڪ گاهه جون ڏانديون. ڄوکي وانگر ڪائڻ ۾ ڪتيون ٿين).
- **پپوهَلُ ج پپوهَلَ:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم [سن. وَپِيَہَ] پپيهو — تاڙو.
- **پپي ج پپيُونْ:** ث. پائي.
- **پپيتو ج پپيتا:** ذ. ميوي جو هڪ قسم (گدري جهڙو سائي پيلي رنگ تي) — ڪاٺ گدرو.
- **پپيهَلُ ج پپيهَلَ:** پَپِيهو (پکي). ڏهسنامي جو لفظ — پِستان.
- **پَڄَ:** ث. چِڪتاڻ.
- **پَڄَ:** ث. پيجي (چانورن جي).
- **پَڄارَڻُ:** فعل متعدي. [سن. پْرَجْوَلَنَ < پْرَ = گهڻو + جولَنَ = جَلڻ] بارڻ (باهه) ڏگهائڻ (ڪوئلا). جلائڻ — ساڙڻ. (پڄاريو — پڄاريندو — پڄاريل).
— **پڄارو:** ذ. جِيي — جَرَ (باهه جي). ساڙُ — حسد. رِيس — رشڪ. دشمني.
- **پُڄاڻا، پُڄاڻان:** ظرف. پوءِ ـ ڪان پوءِ ـ بعد.
- **پُڄاڻو ج پُڄاڻا** ذ. ڇيهه — انتها — دنگ — پُڄاڻي. پڇاڙي.
- **پُڄاڻي ج پُڄاڻِيُون:** ث. ڇيهه — دنگ — انتها — پڇاڙي — آخر — انت — خاتمو. توڙ ڪرڻ — پڇاڙي ڪرڻ — انتها ڪرڻ. حد ڪرڻ — ڇيهه ڪرڻ.
— **پُڄاڻي ڪرڻ:** گهڻي ڪوشش ڪرڻ. وس آهر ڪين گهٽائڻ.
- **پُڄائڻ:** فعل متعدي. رسائڻ — پڄائڻ — ڪٽي ڏيئي اچڻ. دنگ ڪرڻ — ڇيهه ڪرڻ — پڇاڙي ڪرڻ. ختم ڪرڻ. پورو ڪرڻ (ڪم) پوري ڪرڻ — مطلب يا مراد. نبيرڻ (معاملو). مقابلو ڪرائڻ — پيٽ ڪرائڻ. حصو وٺڻ.

- **پُڄتَ ج پُڄتُونْ:** ث. پهچ — رسائي — پڄندي. زور — طاقت — وت.
- **پڄرڻُ:** مصدر. [سن. پْرَجْوَلَڻَ < پْرَ = گهڻو + جْوَلَنَ = جَلڻ]. ڏکڻ — ڏکِڻ (ڪوئلا، ڪاٺيون). سَڙڻ — ٻَرڻ — ڪامڻ. جلڻ (اندر ۾). ساڙ ڪائڻ — خار ڪائڻ. ڪاوڙجڻ (پڄريو. پڄرندو پڄريل).
— **پڄَرَ ج پڄَرُونْ:** ث. ساڙُ — ڪامُ — جَلَ — پَچُ — باهه — جَر
— **پڄرائڻُ:** مصدر. 'پڄرڻ' مان متعدي بالواسطه. ڏکارائڻ — ڏکارائڻ — ساڙائڻ — ٻارائڻ — ساڙ ڪارائڻ. (پڄرايو. پڄرائيندو پڄرايل).
— **پڄرجڻُ:** مصدر. 'پڄرڻ' مان فعل مجهول. جلڻ — ڪامڻ. سڙي وڃڻ. ساڙ ڪائڻ. (پڄريو — پڄربو — پڄريل).
- **پڄلڻُ (ل):** مصدر. ڏسو "پڄرڻ".
- **پُڄَندِي ج پُڄَندِيُونْ:** ث. پهچ — طاقت — وس — پڄت — همت — سگهه. رسوخ — اثر — هلندي.
— **پُڄَندِيءَ وارو:** ذ. صفت. پهچ وارو — هلنديءَ وارو. ٻِيئل ماڻهو — سَرَند ِياتُ.
- **پڄڻُ (لس):** مصدر. پڄرڻ. (پڄيو — پڄندو — پڄيل).
— **پُڄٽاتُ، پُڄٽياتُ:** ذ. صفت. پَڄڻ جوڳو — پُڄي ايندڙ. پهچ وارو — سَرَند — توفيق وارو — طاقتور.
— **پُڄٽاتِي، پُڄٽياتِي:** ث. طاقت — زور — سگهه — پهچ. سَرَندِي — پُڄندي.
— **پُڄي اچڻ:** پُورو ٿيڻ — ختم ٿيڻ. پرچي اچڻ (ڏينهن يا مُدو). پُورا ٿيڻ (حياتيءَ جا ڏينهن).
— **پُڄي سگهڻ:** پهچي سگهڻ — رسي سگهڻ. مقابلو ڪري سگهڻ. بدلو وٺي سگهڻ.
— **پُڄي وڃڻ:** رَسي وڃڻ — پهچي وڃڻ. ختم ٿيڻ. سُجو ٿي وڃڻ.
- **پِڄَ:** ث. 'پِڄڻ' جي حالت يا ڪم — تُنب. ڪُٽ — ماز. ڏاڍي مار — سٽ — جهڪور. هَڏ ڳَنڍ پڄي چڏڻ جي حالت.
— **پِڄَ اچڻ نڪرڻ:** ڏاڍي مار ملڻ. سيڪت اچڻ. هَڏ ڳَنڍ پڄڻ. تُنبجي وڃڻ.
— **پِڄَ ڏيڻ، ڪيڻ:** ڏاڍي مار ڏيڻ يا ڪيڻ. سخت سيڪت ڏيڻ. ڏاڍي ڪُٽَ ڪيڻ.
— **پِڄَ وِجهڻ:** سَنڪو لاٿڻ — مارڪُٽ ڪرڻ — سَٽي هَڏ ڳَنڍ پڄي چڏڻ.
- **پُڄُ ج پُڄَ:** ذ. [سن. پُنَيْہ < پُو = پاڪ ٿيڻ] دان — خيرات —

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پُنُ. خير جو ڪم — ثواب جو ڪم. نيڪي — ثواب. پلو — چڱائي. ڏؤ.

— **پُج آتِما:** ذ. صفت. سخي — نيڪ.

— **پُجائِتو ج پُجائِتا:** ذ. صفت. پُج وارو — دان وارو. ثواب وارو. نيڪ — سخي مرد.

— **پُجُ ڪرڻ:** دان ڪرڻ — خيرات ڪرڻ. خيرجو ڪم ڪرڻ.

— **پُجَ ڪري ڇڏڻ:** تمام گهڻو مال هٿ ڪرڻ — مفت جو مال گهڻو ميڙڻ.

— **پُجِي ج پُجِي:** ذ. صفت. نيڪ — سخي — فيّاض. خير جو ڪم ڪندڙ.

• **پِجارا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (جيڪي ڪپهہ جو ڪم ڪن).

• **پِجارو ج پِجارا:** ذ. صفت. [سن. پِچِجَ + ڪار] ڪپهہ پِجڻ وارو.

• **پُجاٿا:** ظرف. پُجاٿا.

• **پِجائي، پِجائِي:** ث. [سن. پِجَ = ڏڪ هڻڻ] ڪپهہ پِجڻ جي اُجرت — تُنبائي — تُنبائِي.

• **پِجائِڻُ:** فعل متعدي. تُنبائڻ (ڪپهہ). پِج ڪڍائڻ — سيڪت ڏيارڻ. (پجائبو — پجائيندو — پجايل).

• **پِڃَرُ ج پِڃَرَ:** ذ. [ف. پِنجرَ] اڏاوتي ڇت ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺي (جيڪا ڀت ۾ ڪاٺن ۽ پٽين جي وچ ۾ توڻن ۽ پکن کي جهلي). دريءَ جي آڏو ڪاٺ جي ڇڄهري — پڃري.

• **پِڃرڻُ:** مصدر. ڇت ۾ پڃر وجهڻ.

• **پِڃرو ج پِڃرا:** ذ. [پرا. پنجرَ: سن. پِنجَر < پِنجْ = آواز ڪرڻ يا رهڻ، جنهن ۾ پکي ٻولين ٿا يا رهن ٿا] جهنگلي جانورن کي بند ڪرڻ لاءِ ٿلهين سيخن مان ٺهيل اڏاوت. پکين کي ويهارڻ يا بند ڪرڻ لاءِ تيلين يا تارن مان ٺهيل ڪوڪو — قفس. ڪٽهڙو (ڪورٽ ۾ جوابدار، فريادي يا شاهدن جي بيهڻ لاءِ). ڇپر لاءِ ڪاٺين جي اڏاوت. بدن جي هڏن جو ڍانچو. هڏن جو بوتو.

— **پِڃرانئون:** ذ. صفت. پڃري جو. پِڃري جهڙو. ڇاريدار (اڏاوت).

• **پِڃري ج پِڃريُون:** ث. پٿر يا ڪاٺ جو وزنائتو ٽڪر (جنهن ۾ مُٺ وجهڻ لاءِ هٿيو ٺهيل هجي ۽ ماڻهو ورزش يا وزن آزمائي خاطر کڻن).

— **پِڃري کڻڻ:** ورزش لاءِ پٿر يا ڪاٺ جو خاص وزن کڻڻ. زور آزمائڻ لاءِ بار کڻڻ.

• **پِڃَڻ ج پِڃِڻيون:** ث. ڪپهہ پِجڻ لاءِ ڪمان وانگر خاص اوزار.

• **پِڃَڻُ:** مصدر. [سن. پِنجَ] تُنبَڻُ (ڪپهہ). ڪپهہ کي پُجڻُ سان ذرا ذرا ڪري صاف ڪرڻ. پِج ڪڍڻ. (پِجيو — پجندو — پجيل).

— **پِجي ڇڏڻ:** سخت مارڪٽ ڪرڻ. هڏ گڏ پِجي ڇڏڻ.

• **پِجِڻِي ج پِجڻيون:** ث. ڪپهہ پجڻ جو اوزار — پِڃَڻ.

• **پچولو:** ذ. ول جو هڪ قسم (وڻ تي چڙهندڙ ۽ سڄو سال سائو رهندڙ. (اُن لاءِ بهترين ڪاڏو ٻہ قسم ٿئي، هڪ "پچولو" ۽ ٻيو "آسوٽو" جو پوري رنگ تي ٿئي).

• **پچ:** ذ. جَلُ — ڪامَ — ساڙُ. پَچَرَ — باهہ. حسد — ڪينو. اندر جو ساڙ.

— **پچْباز، پچْبازُ (ل):** ذ. صفت. اهو ماڻهو جنهن جو هاضمو گهٽ هجي يا ڪاڏي تي دل نہ ٽڪيس. اگهو — عليل — بيمار.

— **پچِڪو:** ذ. جَلُ — ڪامَ — ساڙ. حسد — بغض.

• **پچ (ت):** ث. ٿوري ذري — لِچ. ٽڪ اچلائڻ جو آواز — پِچِڪ.

— **پچ پچ:** ث. ذَري ذَري — ٽُڪ ٽُڪ.

— **پِچِڪڙو:** ذ. ٿورو ذرو — پِتڪڙو — ذرڙو. (ث) پِچِڪڙِي ج پِچِڪڙِيُون.

• **پچ ج پِچِيُون:** ث. اکين ۾ جميل گندُ. پچي. نڪ جي جميل مَرُ.

— **پِچِڙُ، پِچِيَرُ:** ذ. صفت. جنهن جي اکين ۾ هميشه پِچيون پيون هجن.

• **پُچُ ج پُچَّ (ڪ. ڪ):** ذ. ڪپڙو — ڳريل ڪپڙو. ڪپڙي جو ننڍڙو ٽڪر.

• **پُچُ پوتي ج پُچَ پوتيون:** ث. ڪپڙولٽو — گندي ڪپڙو. پراڻو سراڻو لٽو.

• **پچارَڻُ:** مصدر. [سن. پْرَچارَ < پْرَ = چوڌاري + چَـرَ = وڃڻ = جو چوڌاري وڃي] ڳالهہ ڪرڻ — بيان ڪرڻ — ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ. ياد ڪرڻ. وري وري چوڻ. گلا ڪرڻ — نندا ڪرڻ.

— **پچارَ ج پچارُون:** ث. ڳالهہ — ذڪر. تات ـ پَچَرَ — يادگيري. بيان. عادت. گلا — نندا.

— **پچارَ ڇڏي ڏيڻ:** ڪابہ ڳالهہ نہ ڪرڻ. ڪو بيان نہ ڪري سگهڻ.

— **پچارَ ڪرڻ:** ذڪر ڪرڻ — ڳالهہ ڪرڻ — يادگيري ڪرڻ. گِلا ڪرڻ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

• **پَچيرڻ (ڪ):** ث. ڪپڙي جا ٻہ پلاند ٻڌي بار کڻڻ لاءِ ناهيل جهولي – ڪانبو. "پُٽ پَچيرڻ ۾، ابو رڙي آچار". (چوڻي).

• **پَچيرو ج پَچيرا (لس):** ذ. ٻانڌڻيءَ جو هڪ قسم (جو گهوٽ مٿي سان ٻَڌي يا ڪُلهن تي ڪري).

• **پَخالَ ج پَخالُون:** ٺ [سن. پَيَسْ + کَلّ. پَيَہ = پاڻي + کَل > پخال] پاڻي پرڻ لاءِ چمڙي جي وڏي سانداري. ساندارو – مَشڪ. پکيءَ جي تِيڪ واري وڻ ڳِجھ جي وِٽ – وڏي پکڙيل وِڻ ڇِنِي.

– **پَخالِي ج پَخالي:** ذ. صفت. پخال وارو – پخال کڻندڙ – پخال سان پاڻي پريندڙ – بهشتي. (مونث) پَخالِڻ ج پَخالِڻيُونْ.

• **پَخالِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پَخانُو ج پَخانا:** ذ. نارَ ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺي (اُها ٻسانگي ڪاٺي جنهن تي ڪاڄڻ جو ٻيو پاسو رکجي).

• **پُختِائي ج پُختائِيُون:** ث. [ف. پخت] پَڪائي – مضبوطي. ثابت قدمي. هوشياري – ڏاهپ – سياڻپ.

– **پُختائي رکڻ، ڪرڻ:** هوشياري رکڻ – سجيتائي ڪرڻ. خبرداري ڪرڻ. ڏاهپ ڪرڻ. پکي سنڀال ڪرڻ.

– **پُختو ڪرڻ:** پکو ڪرڻ – ڏاڍو ڪرڻ. مضبوط ڪرڻ (ارادو). سيکاري پکو ڪرڻ. سوگهو ڪرڻ.

• **پُختَہ:** صفت. [ف] رڌل پَڪل – پکو. ڏسو "پختو".

– **پُختَگِي:** ث. پُختائي – پکائي. ڏاڍائي. مضبوطي. خبرداري.

– **پختہ ڪار:** ذ. صفت. تجربيڪار – آزموده گار – ڪم جي ڪچائي پکائي ڄاڻندڙ. وڏي آزمودي وارو. زماني جي لاهن چاڙهن ڪان واقف.

– **پختہ ڪاري:** ث. تجربيڪاري – آزمودگاري – زماني شناسي.

– **پُختَہ مَغزُ:** ذ. صفت. سالم دماغ – روشن دماغ. عقلمند – ڏاهو – هوشيار. آزمودگار – تجربيڪار.

• **پَدُ ج پَدَ:** ذ. [سن. پَدْ] پير – قدم – پڳ. پير جو نشان – پيرو. مرتبو – درجو – رتبو – عهدو. منزل. بيت جي سِٽ جو هڪ ڀاڱو. هڪڙي اکر ۽ ان جي حرڪت منجهان نهيل "آواز". ڀاڱو – حصو. (ت). سج جي اها منزل جنهن تي ڏينهن رات هڪ جيڏا ٿين (هڪ آهَر پَدُ = اعتدال ربيعي، ٢٣ مارچ ۽ ٻيو وِشْوَ پَدُ = اعتدال خريفي، ٢١ سيپٽمبر).

• **پَدناس:** ذ. جوڳ جي منزل (جنهن ۾ سالڪ کي ڪاٻہ آس نہ هجي).

– **پَدْوِي:** ث. [سن. پَدَوي] درجو – منزل – رتبو. شانُ – عهدو.

– **پَدارَٿَ:** ث. [سن. پَدارْٿَ > پَدَ = آواز. لفظ + اَرْٿ مطلب] شيءِ – وٿ – وَسْتوُ – چيز – ٽوڪ. عنصر. ملڪيت – ناڻو – دنيا. برڪت. نيڪي. معنيٰ – مطلب. سمجهاڻي – تفسير. بيان. غرض – مقصد.

– **پدارٿ وارو:** ذ. صفت. ناڻي وارو – ملڪيت وارو – شاهوڪار – هوند وارو.

– **پَدارٿ وِدْيا:** ث. سائنس. علم طبعيات.

• **پَدامَ (ڪ):** ذ. نِرڙ جا گهُنج.

• **پِدَرْ:** ذ. [ف] پيءُ – والد – ابو – بابو.

– **پِدرانہ:** صفت. پيءَ جهڙي – پيءَ وانگر.

– **پِدري:** صفت. پيءُ جي – آبائي. موروثي.

• **پَدَمُ ج پَدَمَ:** ذ. [پرا. پَئُمَ: سن. پدمَ] ڪنول جو گل – نيلوفر. پير جي ترِيءَ وارو ليڪو (جو آڱوٺي ۽ آڱر جي وچ مان شروع ٿي هيٺ ڪُڙيءَ طرف وڃي ۽ سڀاڳ جو نشان سمجهيو وڃي). نراڙ جو گهنج. نانگ جو هڪ قسم (زهريلو، اُڏامندڙ، ڪنڌ ۽ پڇيءَ تي ڀُوري رنگ جا وار ۽ ڏيگهہ ۾ ٻن فوٽن تائين ٿئي). (صفت) عدد شماري ڳَڻپ جي ڏاڪن مان چوڏهون ڏاڪو (ايڪا، ڏهاڪا، سو، هزار، ڏهہ هزار، لک، ڏهہ لک، ڪروڙ، ڏهہ ڪروڙ، ارب، ڏهہ ارب، ڪرب، ڏهہ ڪرب، سنک، ڏهہ سنک، پدم). "جنهن جي قيمت مُلُهہ پدم سو ماٽ مڙيائون اڳري."

• **پَدمِڙِي ج پَدمِڙِيون:** ث. ڏسو "پدمڻي".

• **پَدمِڻِي ج پَدمِڻيونْ:** ث. [پرا. پَئُمِڻِي: سن. پَدْمِنِي = ڪنول گل جهڙي] ڪَنوَل جي گل جهڙي نازڪ عورت. تمام نازڪ ۽ حسين عورت. عورت جي چئن قسمن مان هڪ قسم. آير ويدڪ طبيبن جي اصطلاح ۾ (پَدْمَڻِي، چِتَرْڻِي، سَنْکَڻِي ۽ هَسْتَڻِيْ).

• **پَدْمَڪُ (ت):** ذ. پساري وکر جو هڪ قسم.

• **پَرَنْگ:** ذ. بلا جو هڪ قسم.

• **پَدِيْد، پَدِيْدار:** ظرف. [ف] کليو – ظاهر – آشڪار – عيان. چِٽو – پڌرو.

• **پَڌارِجَڻُ:** مصدر. "پَڌارڻُ" مان فعل مجهول. اُسهجڻ – روانو ٿيڻ. فوت ٿيڻ.

• **پَڌارَڻُ:** مصدر. [پرا. پاڏارَ، سن. پَدَ = پير + ڌَرَڻُ = رکڻ] اچڻ (مرشد يا گُروءَ جو) – پير گهمائڻ – تشريف فرما ٿيڻ. روانو ٿيڻ – اُسهڻ. (پڌاريو – پڌاريندو – پڌاريل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **پڏِيرُ:** صفت. [ف] اثر وٺندڙ – اثر قبول ڪندڙ. هميشه مرڪب لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ "دلِ پذير، اثر پذير وغيره".

– **پڏِيرائي:** ث. قبوليت – منظوري. وڏائي – زور (ت).

– **پڏيرائي ڏيڪارڻ (ت):** پنهنجي مقبوليت ڏيڪارڻ. طاقت ڏيڪارڻ. پاڻ ڦُنڊائڻ. وڏائي ڏيڪارڻ.

– **پڏِيري:** ث. دل کي وٺڻ يا اثر ڪرڻ جي حالت.

• **پڏِيرڻُ:** مصدر. [ف. پذيرفتن = اثر قبول ڪرڻ] وٺڻ (دل کي) – اثر ڪرڻ. قبولڻ (اثر، خاصيت).

• **پَرَ:** ذ. گهوڙي جي هڪ بيماري (جنهن ۾ گهوڙي کي اکين ۾ ڪڪرن وانگر غدود ٿين. جيڪي وِڌبا آهن)

• **پَرَ پر:** حرف جملو. [سن. پَرْ] مگر – ليڪن. شرطيہ عمل جو اظهار ڪندڙ لفظ.

• **پَرَ (ڪ):** ث. بلا جو هڪ قسم (سنهڙي، ۽ ميرانجهڙو رنگ) – ٿَڪلو. (ل).

• **پَرِ ج پَريُونْ:** ث. [سن. پال] ريت – رسم – رواج – دستور. هلي چلي – عام رواج. هلت – عادت – لڇڻ. نمونو. طرح.

– **پَرِ پارڻ:** رسم پوري ڪرڻ.

– **پَرِ ڪرڻ:** رسم ڪرڻ – ريت ڪرڻ.

– **پَرَ ۾:** ظرف. ريت ۾ ـ نموني سان. لِڪ ۾ ـ ڳجهيءَ طرح.

– **پَرُ:** ظرف. [سن. پَرْ؛ ف. "پار" جو مخفف] گذريل – گذري ويل – گذشتہ (سال).

• **پرسالُ:** ذ. گذريل سال.

• **پروڪو ج پروڪا:** ذ. صفت. پر سال وارو – گذريل سال جو. (ضد) هيلوڪو ج هيلوڪا.

• **پَرُ:** ظرف. [سن. پَرْ] پري – ڏُور – پرانهون. (صفت) ٻاهريون – پرديسي. ڌاريو – اوپرو – اوڌمو. "توڙي لک لنئاءِ، تہ بہ پَرُ پنهنجو نہ ٿئي" (چوٽي).

– **پَرَاُپڪار:** ذ. [سن. پَرَ = ٻيو + اُپڪارَ = ڀلائي] ٻين سان ڀلائي. سخاوت – نيڪي.

– **پَرَاُپڪاري:** ذ. صفت. ڀلائي ڪندڙ. نيڪ – سخي. پراوا ڪم ڪندڙ. ٻين کي فائدو پهچائيندڙ.

– **پَراڌين:** ذ. صفت. [سن. پَراڌِينَ < پَرَ = ڌاريو + آڌِينَ = وَسَ ۾] ٻئي تي ڀاڙڻ وارو. ٻئي جي مدد جو محتاج. حڪم جو ٻندو – پَروس. ٻين جي آسري تي هلڻ وارو. ٻوڻلڳ.

– **پَرِاِستري:** ث. پرائي عورت – ڌاري زال.

– **پَرِپرو:** ظرف. ٿورو پري. ڪجهہ پرانهون.

– **پَريُونْ:** ث. پرانهين زمين. پرديس. ڌاريو مُلڪ.

– **پَرْتانْهُونْ. پَرتاهُون:** ظرف. پري پنڌ تي. ٿوري پنڌ تي. پري وارو (مُلڪ). پريون.

– **پَرتي:** ظرف. پري – پريرو – ٿورو پري.

– **پر پانئِٺ:** ث. هندو واپارين جي اصطلاح ۾ "پانئٺ" جو ٻيو فرد ۽ هنديءَ جو ٽيو فرد.

– **پرپُٺ:** ظرف. ٻئي جي غير موجودگي ۾ ـ پويان – پٺيان – غائبانہ

– **پرپُٺِيرو:** ظرف. غير موجودگي ۾ ـ پٺيان – غائبانہ.

– **پرپچارَ:** ث. پرايو ذڪر. پرائي گِلا.

– **پرڏَرُ:** صفت. پري کان ڊيڄاريندڙ (ماڻهو). سخت مزاج وارو – ڪرڙو. وڏو ماڻهو. حاڪم. پهلوان.

– **پرڏيهُ:** ذ. پرانهون ملڪ. ڌاريو ديس. پرديس.

– **پرڏيهي:** ذ. صفت. پَرديسي.

– **پرذات:** ث. ٻي ذات – ڌاري قوم. "راهو تنهنجي ريت، پرڪندين پڌري." (شاھ).

– **پرگهارُ. گهارڻُو گهارو:** ذ. صفت. پراين گهرن ۾ گذاريندڙ. رولُو. بدڪارُ. ڌارئي گهر ۾ رهندڙ.

– **پرگهُرَ:** ث. ٻئي جي سنڀال ۽ مدد – پر گهور.

– **پرمارڻ:** پري جي چوري ڪرڻ. ڌارين کي ڦُرڻ.

– **پُرنار. پرناري:** ث. پرائي زال – ڌاري عورت.

– **پرننگ. ننگو:** صفت. ٻئي جي ٻارن لڄي ٿيندڙ.

– **پرواسَ:** ذ. صفت. پرديسي – پرڏيهي. مسافر.

– **پروَسِ:** ذ. صفت. پرائي وس ۾. ٻئي جي هٿ هيٺ – ماتحت – زيردست. لاچار – مجبور.

– **پروَس ٿيڻ:** پرائي وَس ٿيڻ – بيوس ٿيڻ – مجبور ٿيڻ.

– **پرهو (ٿ):** ظرف. پري – ڏور. پرتي – پريان.

• **پَرُ ج پَرَ:** ذ. [ف. پَر] کنيڙاٽي (پکيءَ جي، جنهن سان اُڏامي) کَنڀُ – پَکُ – بازُو.

– **پَرُ ڀڃي ڇڏڻ:** زور ڀڃڻ. طاقت ٽوڙي ڇڏڻ. ڪمزور ڪري ڇڏڻ. بي طاقت ڪري ڇڏڻ.

– **پرپائڻ:** وڏو ماڻهو بنجڻ – طاقت وٺڻ – زور آور ٿيڻ.

– **پرچَنڊڻ:** کنيڙاٽيون هڻڻ. کنڀ ڇاڻڻ. بيزاري ڏيکارڻ – پلؤ آجا ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاثير – گُڻ. شان – شوڪت. خدائي طاقت يا ذات. حوصلو – دليري. جوش – اُتساهه. فطرت – سڀاءُ. ريت – رسم – رواج.

• **پريت:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (ڳجهه جي قسم مان. رنگ ڪارو ۽ ڪجهه خاڪي) – ڪانبارُ.

• **پرچڻ، پرچڻ:** مصدر. – سرچڻ – ريجهڻ – راضي ٿيڻ. پرچڻ. سانت ڪرڻ. وندر (ٻار). (پرچيو – پرچندو – پرچيل).

– **پرچ:** ث. پرچڻ جي حالت. سرچاءُ ـ ريجهه. راضپو – خوشي – وندر.

– **پرچائڻ:** فعل متعدي. ريجهائڻ – خوش ڪرڻ – پرچائڻ – سرچائڻ. وندرائڻ. لالچ ڏيئي چُپ ڪرائڻ. (ٻار کي). (پرچايو – پرچائيندو – پرچايل).

– **پرچائي ڇڏڻ:** راضي ڪري ڇڏڻ. پرچائي ڇڏڻ. لالچ ڏيئي ماٺ ڪرائي ڇڏڻ.

– **پرچجڻ:** مصدر. 'پرچڻ' مان فعل مجهول. پرچڻ – ريجهڻ – راضي ٿيڻ. وندرڻ. (پرچيو – پرچو – پرچيل).

• **پرِيُو:** ذ. [سن. پَريُو < پَر = ڳهٽو + يُو = هٽڻ] سڀ کان مٿاهون. برتر – فائق – حاڪم – سردار. مالڪ – خدا – ڌڻي. آقا.

• **پرت (ڪ):** ظرف. پري – ڏور.

• **پرتَ ج پرتَ:** ذ. [سن] تَهه – پڙ (ڪپڙي، پني وغيره جو). پنو – ورق. چلڪو – ڪَلَ.

• **پِرت:** ث. [سن. پريتَ] پريت جو مخفف. پريت – محبت – قرب – پيار. عشق. سِڪ – اُڪير – چاهه.

– **پِرت پارڻ:** پريت نباهڻ – نينهن نڀائڻ – دوستي نڀائڻ.

– **پِرت پائڻ:** پيار محبت جو رستو رکڻ. دوستي ڳنڍڻ – ياري رکڻ.

– **پِرت جو پهه پائڻ:** عشق ۾ محبت جي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ. سِڪ جو سودو ڪرڻ.

– **پرتابي ج پرتابي:** ذ. صفت. پرتاب وارو – روشن – منوّر. جلويدار – دٻدٻي وارو. وڏو فياض.

• **پرتارڻ (ت):** مصدر. پڙتال ڪرڻ. جاچ ڪرڻ. تحقيقات ڪرڻ.

• **پر تار:** ث. پڙتال – جاچ – تحقيقات.

• **پرتالَ ج پرتالون:** ث. [سن. پَرتالَ] زرعي زمين جي چڪاس ۽ ڏورو. چڪاس – جاچ – جائزو. ڪاتيءَ جي حساب ڪتاب جي جاچ. آباد ڪيل زمين جي ٻيهر چڪاس.

• **پرتان (ل ڪ):** ظرف. پُٺ تان – پنيان.

• **پرتڪالو ج پرتڪالا:** ذ. ڪدو – ايرائون.

• **پرتڪ:** صفت. [سن. پرتڪش] اکين اڳيان – ظاهر – پڌرو – عيان.

• **پرتگيا:** ذ. [سن. پرتگيا] اقرار – انجام – ٻول – قولَ – وچن. قبوليت. پڪو ارادو.

• **پرتلو ج پرتلا:** ذ. چمڙي جو ٿيلهو. ڪلهي ۾ لٽڪائڻ لاءِ چمڙي جو ٿيلهو.

• **پرتما:** ذ. [سن. پرتِما] مورتي. بُت – مُجسمو. تصوير.

• **پرتو ج پرتا:** مصدر. 'پرچڻ' مان ماضي جو صيغو. راضي ٿيو – خوش ٿيو – ريڌو – سرچيو. پرچيو. حوالي ٿيو – آڙيو.

• **پرتو ڪرڻ:** حوالي ڪرڻ – سونپڻ – سپرد ڪرڻ.

– **پرتو ج پرتا:** ذ. تماشو – کيل. ڪرشمو. – حيرت ۾ وجهندڙ "هٿن تي پرتا ڪرڻ. (محاورو).

– **پرتا ڪرڻ:** ڪرشما ڏيکارڻ. هٿ نات ڪرڻ.

• **پرتوو:** ذ. [ف] روشني. شعاع. ڏئو – تجلو. عڪس – پاچو.

– **پرتوو پوڻ:** اُهاءُ پوڻ. تجلو پوڻ – ڏئو پوڻ – شعاع پوڻ – اولڙو پوڻ – اثر پوڻ (صحبت جو). سايو پوڻ – (ڪنهن بزرگ جو). رهبري حاصل ٿيڻ.

• **پرتيا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پرتيت:** ث. [سن. پرتيت] بصيرت. سمجهه. نظريو – واضح خيال. پوري واقفيت يا تحقيق. علم. تجربو. يقين – عقيدو. ويساهه – ڀروسو – اعتبار – ساک. شهرت – مشهوري. (صفت) ڳنڍيل – اڳوٽو. ثابت ٿيل. معتبر – ڀروسي جوڳو. مشهور.

• **پرٿم:** ذ. صفت. [سن. پرٿم] پهريون – ابتدائي – اڳيون – مُنڍ وارو. آڳاٽو. تمام پراڻو. اصلي – ڳنڍيل. وڏو. اُچو – عمدو. افضل.

• **پرٿما:** ث. [سن. پرٿما = ابتدائي] ويڪر – پکيڙ – وسعت. وڏائي.

• **پرٿمي:** ث. [سن] پرٿوي – ڌرتي.

• **پرٿي ج پرٿيون:** ث. پرٿوي – ڌرتي.

• **پرٿو ج پرٿا (ڪ):** ذ. پلٽو – ڦيرو – ورندي – جواب. حجت. بهاني بازي. نٽاءُ. ڪُوڙ. اُهلَ – چٽر.

• **پرٿوي:** ث. [سن. پر ٿوي] ڌرتي – زمين – پوڻءِ – پرٿي. جڳت – دنيا. جهان.

• **پرٿي ج پرٿيون:** ث. ڏسو "پرٿوي".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— دوستي ٿـئـڻ — قرب وجائڻ. "جو وينو ماٺهو پنهنجي پڙڇهَ وجائي" (چوڻي).

• پڙڇَ: ث. ڪاڏي جي ٿالهي (جا ڪنهن موقعي تي فقير ڏانهن موڪلجي.)

• پڙڇُ ج پڙڇَ: ذ. ڏسو "پاڙ ڇ".

• پڙخاش: ث. [ف] جهڳڙو — جهيڙو. ضد — دشمني. ڪُدورت — ڪينو. رنج. بي اتفاقي — اٽيٽـت ـ بگيڙو.

• پڙدُ ج پڙدَ: ذ. تَهُ — پَرتُ. پوش.

— پڙدَ پڌرا ڪرڻ: عيب اُگهاڙڻ. راز ظاهر ڪرڻ. پوشيده ڳالهيون پڌريون ڪرڻ.

• پڙداخت: ث. [ف. مصدر. پرداختن] پالنا — پروش. خبر گيري — سنڀال — حفاظت. درستي — آراستگي.

• پڙدارُ ج پڙدارَ: ذ. صفت. قاصر — رهبارو.

• پڙداز: صفت. [ف. مصدر. پرداختن] پالنا ڪندڙ — سنڀاليندڙ. مرڪب لفظن جي آخر ۾ ايندڙ لفظ جيئن "افسانہ پرداز، وغيره".

• پڙدگي ج پردگيون: ث. [ف] پردي ۾ رهڻ جي حالت — پرده نشيني.

• پڙدو ج پڙدا: ذ. [ف. پَرده] پوش — ڍَڪ — ڪنهن شيءِ کي ڍڪڻ يا لڪائڻ جو ڪپڙو وغيره. نقاب — گهونگهٽ — اوٽ — آڏ — دروازي جي اڳيان ڏنل آڏ (جيئن ٻاهران گهر ۾ نظر نہ پئجي سگهي). ڏيڍِي — پڙويلو — ڪَل — دروازي تي ٽنگيل پالُ — ناٽڪ جو پردو —برقعو — پرهيز — پناهہ — بچاءُ — حفاظت — غلاف.

— پردا چڙهڻ (اکين تي): انڌو ٿيڻ — بي حيا ٿيڻ — بي شرم ٿيڻ.

— پردو پناهہ جو ڏيڻ: حفاظت ۾ رکڻ — پناهہ ڏيڻ — عزت بچائڻ.

— پردو رکڻ: ڍَڪُ ڍڪڻ — عيب لڪائڻ — ڀَرم رکڻ. ستيا رکڻ. عزت رکڻ — عصمت بچائڻ.

— پردو فاش ڪرڻ: عيب ظاهر ڪرڻ. راز ظاهر ڪرڻ. ڪارناما پڌرا ڪرڻ.

— پردو کڄڻ: ظاهر ٿيڻ. راز کُلڻ. خواري ٿيڻ.

— پردو لاهڻ: ڍڪ لاهڻ. ظاهر ڪرڻ. اُگهاڙو ڪرڻ. ڳجهہ پڌرو ڪرڻ — راز ظاهر ڪرڻ. پرهيز نہ ڪرڻ. مُنهن اگهاڙو ڪرڻ. خوار ڪرڻ. عيب ثواب کولڻ.

— پردو لهڻ: عيب ظاهر ٿيڻ. بي آبروئي ٿيڻ.

— پردو وجهڻ: لِڪائڻ — ڍَڪڻ — پوش وجهڻ. عيب ڍڪڻ. ڳجهہ لڪائڻ — راز لڪائڻ. چشم پوشي ڪرڻ. لئي مِٽي ڪرڻ.

— پردي پوش: صفت. پرده دار (عورت). پرهيز ڪندڙ (عورت) ڍڪ ڍڪيندڙ. عيب ڍڪيندڙ.

— پردي پوشي: ث. پرده داري — پرهيز.

— پردي داري: ن. پردي ڪرڻ جي حالت. پردي جي پابندي. لڪَ — رازداري.

— پردي مان ڪيڏڻ: ظاهر ڪرڻ — پڌرو ڪرڻ. خوار ڪرڻ. ڳلارو ڪرڻ. بدنام ڪرڻ.

— پردي نشين: صفت. پردي ۾ وهندڙ. پرهيز ۾ ويٺل (عورت). پردي جي پابند (عورت).

• پڙدَهُ: ذ. [ف] پردو — ڍَڪُ — غلاف.

— پرده پوش: ذ. پردو ڪندڙ (عورت).

— پرده پوشي ث. پردي ڪرڻ جي حالت.

— پردهٔ دار: صفت. پردو ڪندڙ. پردي دار.

— پرده داري: ث. پردي داري.

— پرده عصمت: ذ. ناموس. عزت — پاڪدامني.

— پرده ظُلمت: ذ. اونداهيءَ جو پڙدو. گمراهي. جهالت.

— پرده غيب: ذ. غيب جو پردو. الـهي اسرار.

— پرده نشين: صفت. پردي نشين. پردي جي پابند (عورت).

— پرده نيلگون: ذ. نيلي رنگ جو پردو. آسمان.

• پڙدي ج پڙديون: ث. [ف. پرده] سنهون پردو. تختن جي پِٽ. سنهي پِٽ (اڏائي انجن ڪان پنجن انجن تائين ٿلهي).

• پڙديسُ ج پڙديس: ذ. [سن. پـرديش > پر = ڌاريو + ديش = ملڪ] پرانهون ملڪ — پرڏيهہ — ڏيساور — ڌاريو. غير ملڪ. پرايو ملڪ.

— پرديس پوڻ: ڌاريءَ ملڪ ۾ رهائش اختيار ڪرڻ. سفر جون تڪليفون سهڻ. مسافريءَ گذارڻ.

— پڙديسي ج پڙديسي: ذ. صفت. ٻئي مُلڪ جو رهاڪو. مسافر. اُجنبي. ڌاريو.

• پڙڏ ج پڙڏ: ذ. ڏسو "پَرد".

— پڙڏ پڌرا ڪرڻ: پَرد پڌرا ڪرڻ. راز کولڻ.

• پڙڏانُ ج پڙڏانَ: صفت. [سن. پـرڌان] مکيہ. سربراهہ. وڏو — سردار. اعليٰ. صدر. مير مجلس — سڀاپتي.

• پڙڏو: مصدر. 'پُرجهڻ' مان ماضي. سمجهيو — جاتو. پرجهيو.

• پڙڏڪِنا: ث. [سن. پـرد ڪشڻ] هڪ ڌرمي رسم موجب ڪنهن شيءِ جي چوڌاري اهڙي نموني سان ڦرڻ جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **پُرسَنُ، پُرسَنُ:** ذ. صفت. [سن. پُرَسَنَ] تازو توانو – تندرست. خوش – سرهو – آباد.

– **پرسَنتا، پرسَنتائي:** ث. خوش. چڱيلائي – تندرستي – تازو توانو رهڻ واري حالت.

• **پُرسو:** [ف. پُرسن > پرسيدن = پڇڻ] فوتيءَ تي هٿ فاتح. عذرخواهي. پرچائي. ماتم پرسي جي رسم.

• **پرسوڻُ (ث):** مصدر. آلي ڪاٺي کي سيڪ ڏيئي وڙُ ڪيڻ. سنئين ڪرڻ.

• **پُرسِيان:** ذ. [ف. پَرسِياوَشان] ٻوٽي جو هڪ قسم. (دوا طور ڪم اچي).

• **پُرسِيڻُ، پُرسِيڻُ (ڪ):** ذ. جانورن جي هڪ بيماري (جنهن ۾ جانورن کي سنگهه گهٽي ٿئي. خصوصاً ٻڪري، رڍ ۽ گهوڙي کي).

• **پُرشُ ج پُرشَ:** ذ. [پرا. پُرس: سن. پُرش] آدمي – ماڻهو – مرد – مڙس – پرس.

• **پُرشادُ ج پرشادَ:** ذ. ديوتائن تي چاڙهيل نذر – تبرڪ. اُستاد يا مرشد جي اوٻر. ڪاڏو – طعام. ڏسو "پرساد".

• **پُرشارٿ:** ذ. نَصبُ العين. [سن. پُرشارٿَ. < پُرش = ماڻهو + اَرٿَ = مطلب] انسان جو مقصد.

• **پُرشن:** ذ. [سن. پَرشنَ] سُڱن يا (قسمت متعلق برهمڻ کان پڇيل) سوال.

– **پُرشن اُتَرُ:** ذ. سوال جواب.

• **پُرشوتَمُ:** ذ. [سن. پُرشوتَمُ < پُرش = ماڻهو + اُتَم = وڏو = وڏي شخصيت] وشنو اوتار جو هڪ نالو. سنبت سال ۾ ڳنڍيل وڌيڪ هڪ مهينو. اڌڪُ – لُندُ.

• **پُرڪ ج پُرڪُون:** ث. عاج يا ڪاٺيءَ جي ڳن ۾ سنهي سوراخ ڪرڻ جي سُئي. تمام ٿورڙي شيءِ.

• **پُرڪَ:** ث. ذرو – ٿورو. چوپائي مال کي ٽيڪ جو مرض.

– **پُرڪ پُرڪَ:** ث. ذرو ذرو.

• **پُرڪارَ ج پُرڪارُون:** ث. [ف. پرگار] جاميٽري ۾ گول ڪيڻ جو هڪ اوزار. پلڪار.

• **پرڪارُ ج پرڪارَ:** ذ. [سن. پُرَڪار < پَرَ = گهڻو + ڪَرُ = ڪرڻ] نمونو – دستور – ڍنگ – طرز – افعال – ارڪان. لڇڻ – ڪم – عادتون – فعل.

• **پُرُڪارُ:** صفت. [ف] جسم ۾ ماده وارو – ٿلهو – متارو. سٽيو – تيار. هوشيار – وڏو چالاڪ – عيّار.

• **پُرڪاسُ:** ذ. [سن] ڏسو پَرڪاش.

• **پُرڪاسي ج پُرڪاسي:** صفت. ڏسو "پرڪاشي".

• **پُرڪالو ج پُرڪالا:** ذ. [ف. پرڪاله = ڪپڙي جو ٽڪر] ٽُڪرو – حصو. ڇتي. (ڪپڙي جي).

• **پُرڪاٽي:** اسم خاص. درڪاٽي بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **پُرڪِرتي:** ث. [سن. پُرڪِرت = عادت] ڪائنات يا دنيا کي وجود ڏيندڙ مادو. قدرت. فطرت جو قاعدو. مادي علت – سرشت – خمير. اصليت. سڀاءُ.

• **پُرڪرما:** ذ. [سن. پَرڪرما] چوڌاري ڦرڻ جي حالت (پاڪ جاءِ، مندر وغيره کي) – گول چڪر ڪاٽڻ – طواف. هندڪي رسم موجب ڪنهن شيءِ جي پاهران اهڙيءَ طرح جو ڦيرو جو سڄو پاسو انهيءَ شيءِ ڏانهن رهي. پرڏکٽا.

• **پُرڪرڻُ:** ذ. [سن. پُرڪَرَڻ] باب – سبق.

• **پُرڪڻُ (ث):** مصدر. پِرڪ پِرڪ ڪري ڏُهڻ. ولوڙڻ – آهستي آهستي جهُڪڻ.

• **پُرڪٽو ج پُرڪٽا:** ذ. ڦلٽو – ڦلوڪٽو – "ڇلان منجهه نه چاڪ، پران پُونم پرڪٽا" (شاهه).

• **پُرڪو (ث):** صفت. بي سواد – ڦڪو.

• **پُرڪوڻُ (ث):** مصدر. لالچائڻ – هرڪائڻ.

• **پُرڪُ ج پُرڪَ:** ذ. [سن. پَرُش] پتي – خاوند – مڙس. آدمي – ماڻهو – پُوش.

• **پُرڪا رٿُ:** ذ. [سن. پَرُشارٿ. پَرُش = ماڻهو + آرٿَ = مطلب] نصبُ العين – غرض – مقصد – مول متو.

– **پُرڪارٿ ڪرڻ:** مقصد خاطر جدوجهد ڪرڻ. مڙسي ڪرڻ – ڪوشش ڪرڻ.

• **پَرڪَنڊُ ج پُرڪَنڊَ:** ذ. [سن. پرکنڊ < پَرَ = ڏاريو + کنڊ = ڏيهه] ڏاريو مُلڪ – پرايو. پرانهون مُلڪ – پرڏيهه.

– **پُرڪا ج پُرڪائُون:** ث. پَرک – آزمايش. تجربو.

– **پُرڪائي:** ث. پرکڻ جي اُجرت – ڇڪاس جي اُجرت. پرکڻ جي حالت – آزمايش.

– **پَرڪائڻُ:** مصدر. پُرکڻُ مان متعدي بالواسطه. آزمايش ڪرائڻ – جاچرائڻ – تميز ڪرائڻ.

– **پَرکيات:** ذ. صفت. جاچيندڙ – ڇڪاسيندڙ. امتحان وٺندڙ.

• **پَرڪيلُ ج پَرڪيلَ (ڪ):** ذ. بيڙيءَ جو هڪ رسو (سڙهه جي پٺئين پاسي وارو).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **پرڳٽ (ٿ)**: ذ. سنهڙين ڪاٺين جي پورِ ـ پورِ ۾ ڪٽو — چينيا — پرڪٽ.

• **پرڳڻو پرڳڻي ج پرڳڻا**: ذ. [ف. پرگنہ = ضلعي جو ڪجهه حصو] ملڪ جو هڪ ڀاڱو. صوبو — علائقو — پرانت.

— **پرڳڻا پنائڻ**: هلاڪ ڪرڻ — ڏاڍو رُلائڻ. دربدر ڪرڻ. مُلڪ گهمائڻ پريشان ڪرڻ.

• **پرگهٽڻ**: مصدر. [سن. پرڪٽ < پر = گهڻو + ڪٽ = پاسو] ظاهر ٿيڻ — پڌرو ٿيڻ. پيدا ٿيڻ. نمودار ٿيڻ. نازل ٿيڻ. اوچتو اچي ظاهر ٿيڻ.

— **پرگهٽ**: صفت. (پرگهٽيو — پرگهٽيو — پرگهٽيل) پڌرو — آشڪار — مشهور. پيدا. عيان.

— **پرگهٽائڻ**: مصدر. 'پرگهٽڻ' مان فعل متعدي. ظاهر ڪرڻ — پڌرو ڪرڻ. نازل ڪرڻ.

— **پرگهٽ ٿيڻ**: ظاهر ٿيڻ — نظاري چڙهڻ — نمودار ٿيڻ — نمايان ٿيڻ. اوچتو اچي ڪڙڪڻ.

— **پرگهٽجڻ**: مصدر. "پرگهٽڻ" مان فعل مجهول ظاهر ٿيڻ — پڌرو ٿيڻ. مشهور ٿيڻ. نازل ٿيڻ. مٿان اچي ڪڙڪڻ.

— **پرگهور ڪرڻ، لهڻ**: پوءِ واري ڪرڻ — خبرچار لهڻ — سنڀال ڪرڻ — جاچ جوچ ڪرڻ. پرورش ڪرڻ.

• **پرلڪ**: ذ. سوماطرا جو اتريون چوٽيءَ وارو علائقو جتي ١٣ـ صدي عيسويءَ ۾ مسلمانن جي پهرين رياست قائم ٿي. پرلڪ شهر گاديءَ جو هنڌ ۽ واپار جو مرڪز. سنڌ جا وڻجارا. پرلڪ ڪان ٻه اجان اڳتي واپار لاءِ ويندا هئا.

• **پرلڪان**: پرلڪ شهر ۽ ملڪ کان. "پرلڪان پري ٿئا، جنهه جا پتار" (ميون شاه عنات).

• **پرلوڪ**: ذ. [سن. پرلوڪ < پر = ٻيو + لوڪ = جهان] ٻيو جهان — آخرت. موت کان پوءِ وارو جهان — عالم بالا.

— **پرلوڪ پڌارڻ، سڌارڻ**: ٻئي جهان ڏي وڃڻ. لاڏائو ڪرڻ — انتقال ڪرڻ — وفات ڪرڻ — مري وڃڻ.

• **پرلي**: ث. [سن. پرلئي < پر = جوڏاري + لي = ڳرڻ] دنيا جو موٽي اصلوڪي حالت ۾ بدلجڻ جي حالت. دنيا جو خاتمو — فنا — قيامت.

• **پرم**: صفت. [سن] اعليٰ — اوچو — اُتم — مکيہ. افضل — برتر. مڪمل. بي حد. وڏو. پهريون — اول.

— **پرماتما**: اسم ذات. [سن. پرم = اعليٰ + آتما = روح] سڀ کان اوّل ۽ اعليٰ هستي — سڀ کان اُتم. ايشور — ڀڳوان.

— **پرمارٿ**: ذ. [سن. پرم + ارٿ] اُتم خواهش — اعليٰ مقصد. اعليٰ سچائي. صداقت. نيڪي. ڀلائي — خيرانديشي. فيّاضي — خيرخواهي.

— **پرمانند**: ذ. [سن. پرم + آنند] وڏو سُک — ڪامل. فرحت — وڏو آنند — وڏي خوشي. (اسم خاص) هندن ۾ مرد جو نالو.

— **پرم پد**: ذ. اعليٰ درجو — اُتم منزل. وڏي ۾ وڏي حد.

— **پرم گت**: ث. دائمي سُک — دائمي خوشي — فرحت.

— **پرم گيان**: ذ. علم معرفت.

• **پرماتو(ت)**: ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم.

• **پرمار**: اسم خاص. سوڍن راجپوتن جي هڪ ذات.

• **پرمار ج پرمار**: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم. باز جو هڪ قسم (جو ٻين پکين کان شڪار ڪسي کائي). شڪاري باز. (ڪانية) ڦورو ماڻهو. پرايو مال هڙپ ڪندڙ. ٻئي جو کٽيو کائيندڙ.

• **پرماڻ ج پرماڻ**: ذ. [پرا. پرماڻ: سن. پرماڻ. پر = گهڻو + ما = ماپڻ] ماڻ — ماپ — ماپو. تور — وزن انداز — مقدار. قاعدو — قانون. رسم — رواج. دليل — حجّت. ساک. ثابتي. حوالو. سَنَد. (صفت) درست — صحيح. مُباح — روا. (ذ) ٻيڙيءَ جي هڪ ڪاٺيءَ جو نالو (ڪاري جي ٻيڙيءَ جي وڏي سڙهه واري ڪاٺي، جنهن کي درياءَ جي ٻيڙيءَ ۾ 'آڏ' چون).

• **پرماڻو، پرماڻو ج پرماڻ، پرماڻا**: ذ. [سن. پرماڻ = ثبوت] آخر وارو ذرڙو (جنهن جا ڀاڱا ٿي نہ سگهن). آلجبرا جي اصطلاح ۾ ڪنهن ٻول جا اُهي ڀاڱا جي (+ ۽ ـ) واڌو ۽ ڪاٽو نشانين سان ڳنڍيل هجن. آئي جو هڪ حصو — ائٽم (Atom). ذرو — ذرڙو (عنصر جو).

• **پرمت ج پرمتيون**: ث. [سن. پر = ٻيو + مت = عقل] پرائي مت. ٻئي جي مت ـ ٻئي جو عقل. ٻئي جي صلاح. ٻئي جي چور. ڳهيلائي — ناداني — بيوقوفي.

— **پرمتيو ج پرمتيا**: ذ. صفت. پرائي مت تي هلندڙ. بي عقل. نادان — بيوقوف. ڳهيلو. ٻوگهلو. ٻورڙو.

• **پرمٽ ج پرمٽون**: ث. [انگ. Permit] اجازت نامو — منظوري — راهداري — پروانو.

• **پرمِڊ**: ذ. مصر جا قديم مخروطي منارا — جيڪي دنيا جي هڪ عجائبات ۾ شمار ٿين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• پرمَلُ: ذ. جانورن جو هڪ قسم.
• پرمَلُ ج پرمَلَ: ذ. صفت. [سن. پَرِ مَل < پَر = ٻيو + مَلُ = ملڻ] ٻين سان لهه وچڙ رکڻ وارو – رلڻو ملڻو – خوش خلق.
• پرمَڙ: ذ. ڪمان جو طوق – ڏانڊ.
• پرميسر: اسم ذات. [سن. پرميشور] ڏسو "پرميشور".
• پرميشور: اسم ذات. [سن. پَرميشوَر < پَرَمُ = اُتم، اعليٰ + اِيشوَر = ڏڻي < اِيش = حڪومت ڪرڻ] وشنو اوتار جو هڪ صفاتي نالو – ايشور.
• پرميلُ: ذ. [پرا. پميهُ. سن. پرميهُ < پَرُ = جوڙاري، گهڻو + ميهُ = آلو ٿيڻ. ف. پرميوه] وچڙندڙ بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ پيشاب جي جاءِ ۾ اندر ڦٽ ٿي پوي). سوزاڪ – آتشڪ.
– پرميلي ج پرميليُ: صفت. پرميل جي مرض وارو – سوزاڪي.
• پرنَ: ث. مصدر. 'پرنڻ' مان اسم. سونپ – سُپردگي. پارت.
• پرن: ذ. صرافن وٽ تور لاءِ خاص وٽ يا تورا.
• پرنُ، پرڻُ ج پرڻ، پرڻَ: ذ. [سن. پرڻ] انجام – اقرار – وچن – ٻول – وعدو. قسم – سُنهن – پرتگيا.
• پرنُ ڪرڻ: وچن ڪرڻ – انجام ڪرڻ – پڪو وعدو ڪرڻ – قسم کڻڻ – پرتگيا ڪرڻ.
• پرنارُ ج پرنارَ (ل): ذ. ماس جو تهه.
– پرنار چڙهڻ: بدن تي ماس وڌڻ. تمام متارو ٿيڻ.
• پرنامُ، پرڻامُ، پرنامَ، پرڻامَ: ذ. [سن. پرڻام] وڏيءَ عزت سان جهڪي ڪيل سلام – نمسڪار.
• پرنانو: ذ. ناني جو پيءُ. پڙنانو.
• پرند: ذ. [ف. پرنده جو مخفف] پکي – پرندو.
• پرندو ج پرندا: ذ. [ف. پرنده] پکي – طيرُ.
• پرنده: ذ. [ف] پکي – طيرُ.
• پرنڍ ج پرنڍَ (ت): ذ. رسيءَ ٽڪر.
• پرنسپال: ذ. [انگ. Principal] ڪاليج جو سنڀاليندڙ اعليٰ تعليمي اداري جو ناظم.
• پرنگُ (ل): صفت. سهڻو – مَلوڪ (چوپايو). ڪودو (لس).
• پرنڻُ: مصدر. سونپڻ – حوالي ڪرڻ – ارپڻ. سفارش ڪرڻ – پارت ڪرڻ. (پرنو – پرنيل).
• پرنهن: ظرف. سڀاڻي کان ٻيو ڏينهن. پرينهن.
– پرنهڪو: صفت. پرينهڪو.
• پرنڻ، پرنڻُ ج پرنڻ: ذ. آٽي يا سنهي اناج ڇاڻڻ لاءِ لوهي اوزار – ڇاڻي.
• پرڻُ ج پرڻَ: قول – وچن. ڏسو "پرن".
• پرڻ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي موري ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.
• پرڻُ: مصدر. پنڌ ڪرڻ – هلڻ – ڪاهڻ – وڃڻ – اڳتي هلڻ.
• پرٺڻُ: مصدر. [سن. اَرپڻ = پيش ڪرڻ] حوالي ڪرڻ – سپرد ڪرڻ – پاڻ کي حوالي ڪرڻ. "ترڪو ڪريو تدبير کي، پرٺيو پاڻ خُدا" (گرهوڙي).
– پرٺيجاءُ: مصدر. "پرٺڻ" مان امر پرتو ڪجانءِ "تون پرتين رب کي مون رب پرٺيجاءُ" (عثمان ڪلهوڙو).
– پرٺائڻ: مصدر. 'پرٺڻ' مان فعل متعدي معروف شادي ڪرائڻ – وهانءُ ڪرائڻ. (پرٺايو – پرٺائيندو – پرٺايل).
– پرٺجڻ: مصدر. 'پرٺڻ' مان فعل مجهول. شادي ٿيڻ – وهانءُ ٿيڻ. (پرٺيو – پرٺبو – پرٺيل).
– پرو ج پرا: ذ. نشان. ڏسُ – پتو – اهڃاڻ – پس. "پري پين پرو نات ڏنائون نانهه ۾" (روحل). دنگ – ڇيهه – انت – ڇيڙو. "خالق تنهنجي ڪانڌ جو، پرو پاند نه ڪوءِ". (شاهه). سُڌ – خبر. "پرو پيڙم پاڻ، مون پينرڙي، منهنجو ٻول پگهو" (سچل). هوا ۾ اُڏامڻ وقت پکين جي قطار – ولر – ارو (تانگي جي ڦيٽي جو). بنا اُجوري مال کي پاڻي پيارڻ (ت).
– پرو پٽڻ: پکين جو قطار ڪري اُڏامڻ. حلقو يا گول چڪر ناهڻ.
– پرو پاندُ: ذ. حد حساب. منڍ ۽ ڇيڙو. حد ڇيڙو – دنگ.
– پرو جهلڻ. ڪڻ (ت): شڪار جي اصطلاح ۾ آواز ڪري تترن کي جهنگ مان اُٿارڻ. سانو ڪندي قطار ۾ هلڻ.
• پرو (ڪ): ذ. اُٺ جو هڪ رنگ (نه سائو نه ڳاڙهو پرو ڇٽرو).
• پروارُ: ذ. [سن. پَريوار] خاندان – قبيلو – ڪٽنب – عيال. مٽي مائٽي. دوست يار. دستور. هلي جلي (صفت). پڌرو – ظاهر.
• پروازُ: ذ. [ف] اُڏامڻ جي حالت – اُڏامڪ – اُڏاري. (فاعل اُڏامندڙ. مرڪب لفظن جي آخر ۾ ڪم ايندڙ لفظ "بلند پرواز وغيره".
– پرواز ڪرڻ: اُڏامڻ. نڪري وڃڻ (ساهه). ڊوڙڻ (خيال).
• پرواس (ت): ڪوڻ – وچ. چمڪات (وچ جو).
• پروانُ، پرواڻُ: ذ. صفت. [سن. پرماڻ] مڃڻ جوڳو – قبول ڪرڻ جهڙو. قبول. وڻندڙ. ڪامياب.

• **پـَروانگي:** ث. [ف] اجازت – موڪل – اِذنُ. لکيل منظوري – اجازت نامو. راهداري.

• **پـَروانو ج پـَروانا:** ذ. [ف. پَروانَ] لکيل حڪم – اجازت نامو. منظوري – اجازت. سَنَدَ. راهداري. بندوق وغيره جو ليسن. حڪم – فرمان. جيت جو هڪ قسم (جو روشنيءَ، جهڙوڪ بتي وغيره جي چوڌاري اُڏامي اُڏامي آخروجي اُن ۾ پوندو). پتنگ. (مجازاً) عاشق.

• **پروانه:** [ف] ڏسو "پروانو".

• **پـَرواهَ:** ث. [ف. پَرواه] خواهش – چاهه. ضرورت – ڪاڻ – گهرج – حاجت – غرض. ڳڻتي – فڪر – خيال. خوف – ڊپ – ڊاءُ "بي پرواهه".

• **پـَرواهُ:** ذ. [سن. پـَرواهُ] وهڪرو – وهڪ. درياءُ – ندي. چال – هلت.

• **پـَرواهڪُ:** ذ. صفت. وَهائيندڙ (پاڻي). هلائيندڙ (ڪاروبار).

• **پـَروتُ ج پـَروتَ (لس):** ذ. [سن. پـَروَت] پربت – وڏي آفت. جبل. اُت.

• **پروتِجَڻُ:** فعل مجهول. ڏڪوئجڻ – غمگين ٿيڻ. اُداس ٿيڻ. دلگير ٿيڻ. (پروتيو – پروتبو – پروتيل).

• **پـَرونو ج پـَرونا:** ذ. صفت. پهلوان – بهادر.

• **پروپيگنڊا:** ث. [انگ. Propaganda] پرچار – ڦهلاءُ.

• **پروپوزلُ:** ذ. [انگ. Proposal] رٿ – تجويز – ٺهراءُ.

• **پروجَنُ:** ذ. [سن. پـَريو جَنُ > پـَرَ = گهڻو + يُجَ = ملائڻ] مراد – مقصد. لاڳاپو – واسطو – تعلق.

• **پـَروجهَڻُ، پَروجهَڻُ:** مصدر. ڏسو "پُرجهَڻُ".

• **پـَرورُ ج پـَرورَ:** صفت. [ف. پـَروَرْ > مصدر. پـَروَرْدَنْ = پالڻ] پالڻ وارو – پالڻهار – پاليندڙ. مرڪب لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ "بنده پرور، غريب پرور وغيره." (اسم خاص) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

– **پـَروَرْدگارُ:** صفت. پالڻهار. پاليندڙ. مالڪ. خدا تعاليٰ.

– **پـَروَرْدَهُ:** صفت. پاليل – نپايل.

– **پـَرورِشَ:** ث. پالنا. تربيت.

– **پـَروَرِي:** ث. صفت. پالنا. نوازش. مرڪب لفظن جي آخر ۾ ڪم ايندڙ "بنده پروري" وغيره.

• **پـَروَرْتا:** ث. [سن. پَرُوَرْت] وهنوار – مشغولي.

• **پـَروَرْتي:** ث. سُپاءُ. ڍنگ. لاڙو – رغبت. ڏسو "پرورتا".

• **پـَروزُ:** ث. اسم خاص. ساماري ۽ تندي باڳي تعلقي ۾ ديهه جو نالو.

• **پروزُ (ٿ):** ث. مُعَزَزُ ذڪرن جي حويلي يا جاءِ.

• **پـَروڙُ:** ث. ڄاڻ – سمجهه – پرڪ. پڇاڻ. سڃاڻپ.

• **پـَروڙ پوڻ:** خبر پوڻ – ڄاڻ پوڻ. پتو پوڻ. سمجهه ۾ اچڻ.

• **پـَروڙَڻُ:** مصدر. سمجهڻ – ڄاڻڻ. پُرجهَڻ. سُڃاڻڻ. پرکڻ. (پروڙيو – پروڙيندو – پروڙيل).

• **پروڙِي:** ث. ڳاهه جو هڪ قسم (سنڌن وٽ سنهڙا پن. جي اُت ۽ ٻڪريون کائين ۽ سنهڙا داڻا ٿين جي جهرڪيون کائين. انهيءَ ڪري ڪيس چونئي "چڙين جا ڪيتَ").

• **پروسَڻُ:** مصدر. وڌائڻ (ماني) – پائڻ (ٿالهين ۾) ورهائڻ (طعام). ڪارائڻ (ڪاڏو) (پروسيو – پروسيندو – پروسيل).

• **پـَروفُ ج پـَروفَ:** ذ. [انگ. Proof] ثابتي – شاهدي. ڇپرين دفعو ڇپيل مسودو. ڪچو ڇپيل ورق يا پنو.

• **پروفيسرُ ج پروفيسرَ:** ذ. [انگ. Professor] ڪاليج جو استاد. ڪنهن مضمون جو ماهر استاد.

• **پروڪو ج پروڪا:** ظرف. [سن. پَرت] پَرُ وارو – گذريل سال وارو.

• **پروڪَڻ (ٿ):** مصدر. هندن ۾ شاديءَ جي هڪ رسم موجب ڏونري مان آگريون ٻوڙي گهوٽ جي نراڙ تي هڻڻ.

• **پروگرامُ ج پروگرامَ:** ذ. [انگ. Programme] سِٺاءُ – ترتيب. رٿا – تجويز. ڪم ڪرڻ جو نمونو. طرزِ عمل. ڪم جو مقرر ڪيل وقت.

• **پرولُ ج پرولَ:** ذ. صفت. تيز – چالاڪ.

• **پرولي ج پروليُونَ:** ث. [سن. پـَرَ هيلڪا] ڳجهارت – ٻجهارت. ڪنهن چيز بابت لفظن ۾ لڪل اهڃاڻ.

– **پرولي پَجڻ:** ڳجهي ڳالهه سمجهڻ. مطلب سهي ڪرڻ. منجهيل ڳالهه کي سُلجهائڻ. ڀيد معلوم ڪرڻ.

• **پروموشَنُ:** ذ. [انگ. Promotion] اِضافو – ترقي – واڌارو.

• **پـَرُوَنُ:** ذ. هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. نشانيون – آثار – اُهڃاڻ.

• **پـَرُوَنُ پوڻ:** نشانين مان محسوس ٿيڻ. اهڃاڻ لڳڻ. سوڻن مان سهي ڪرڻ.

• **پروندڙي، پرونڊٽِي (ٿ):** ث. [ڊاٽڪي] مڪڙيءَ کي (نيتي) سان قابو ڪرڻ لاءِ رَسي.

• **پـَرُوڻُ ج پـَرُوڻَ:** ذ. اني وغيره ڇاڻڻ لاءِ ڇاڻي – ٻرڻ – ڳيچڻُ.

• **پـَرُوڻ تي وڃڻ:** ڳري ٽـنـگَ ٽـنـگَ تي وڃڻ. سخت زخمي ٿيڻ. (تيرن، گولين سان).

- **پـرُوٽِي ج پـرُوٽِيُونْ (ل):** ث. لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار (اُهو نَٽُ جنهن تي لوهه رکي سُنبي سان سَلُ ڪبو آهي).
- **پروهِتَ (ٽ):** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
- **پروهِتُ ج پروهِتَ:** ذ. [سن. پُروهِت. پُـرَسْ = اڳ ۾ + هِتْ = ڏرمي ڪمن ۾ اڳ ۾] ڪنهن ڪٽنب جو مقرر ڪيل ٻائو (جو انهيءَ ڪٽنب جا سڀئي ڏڻ وار ۽ سانَ سُڳَنَ پورا ڪرائي) — ڪُل گُـرو. خانداني برهمڻ.
- **پَروِڙا (ٽ):** ث. اڱڻ جي اڳيان زمين جو ٽڪُر (جو ڏور ڏڳي ٻَڌڻ يا شادي مراڍي جي رڌ پچاءُ لاءِ ڪم اچي).
- **پَرْوِيْنَ پَرْوِيْشَ:** ث. رسم رواج — ريت — رَوش. هلي چلي.
- **پـرْوِيزُ:** اسم خاص. [ف] شاه ايران خسروثانيءَ جو لقب (جيڪو هرمز ابن نوشيروان جو پٽ ۽ مَلڪ شيرين جو مڙس هو). (صفت) سوڀارو — سڀاڳو. قيمتي.
- **پَرويسُ:** ذ. دخول — واسو.
- **پـرْوِيشُ:** ذ. [سن. پُرويش < پْرَ = گهڻو. وِش = اندر پيهڻ] لنگهه — دروازو. اجازت — چوٽ _ موڪل.
- **پرويشْنِي:** ث. [ف. پرورش] پالنا — پرورش — خبر گيري. مهرباني — پلائي.
- **پـرْوِيْنِ:** ذ. [ف] ستن تارن جو ميڙ — ڪَتِي — ثريّا. جهُمرڪو (هندي). چنڊ جي ٽئين منزل.
- **پِرِهُ:** ث. [سن. پُورْ ويدْيُش] پرڀات — باک ڦٽي. فجر.
- — **پِرِهَ پِياڪ:** ذ. صفت. صبح جو سوير نشي پيئڻ جو هيراڪ. سويرماني کائڻ جو هيراڪ. آسودو — خوشحال — عيّاش.
- — **پِرِهَ ڦُٽڻُ:** باکَ ڦُٽڻ — صبح صادق جي سفيدي ظاهر ٿيڻ. صبح ٿيڻ — ڏينهن ٿيڻ.
- — **پِرِهَ ڦُٽي:** ث. باک ڦٽي — پرڀات — صبح صادق — ڏِڪي — فجر.
- — **پِرهوڙَ (ٽ):** ث. پِرِهَ. پرڀات — باکَ.
- — **پِرهوڙيو تارو:** ذ. وِهائو تارو.
- **پُرِهُ ج پُرِهَ:** ذ. [سن. پُرُش. مرد] ماڻهو جي قد جيتري ماپَ — آدم قد. کُوهن جي سنوت ۾ ٻيهاريل ٻانهن جي ماپ (هڪ هٿ کان ٻئي هٿ تائين. جا گهٽو ڪري انهيءَ ماڻهوءَ جي قد جيتري ٿئي ۽ عام طرح پنجن فوٽن جي ماپ ٿئي. هيءَ ماپ اڪثر پاڻيءَ يا کوهه ماپڻ جي ڪم اچي). سمنڊ جي پاڻي کڄڻ لاءِ وام (ڪ).
- — **پُرهاڙو (ڪ):** ذ. مُڙسالو — مرد ماڻهو.
- **پـرْهارَ (ٽ):** اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.
- **پـرْهماڻِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **پـرَهڻُ:** مصدر. [پرا. پَرِهاڻ: سن. پَرِ ڏان پَرِ = چوڌاري + ڏا = ڀائڻ] ڀَهرڻ — ڍِڪڻ — پائڻ — اوڍِڻُ. (ڪپڙا. پوشاڪ).
- — **پـرْهائِي ج پـرْهائِيُونْ:** ث. ڪپڙو پهرائڻ جي هڪ رسم. مائٽي ڪرڻ بعد ڪنواريتن طرفان گهوٽيتن کي ڪپڙي پهرائڻ جي رسم (ٽ). اوڍائي. پوشاڪ — خلعت — وڳو.
- — **پـرْهائِڻُ:** مصدر. 'پرهڻ' مان فعل متعدي پهرائڻ — ڍڪائڻ — پارائڻ (ڪپڙا) اوڍائڻ. (پوشاڪ).
- **پـرَهڻُ ج پَرَهڻَ:** ذ. ڀَهرڻُ جو ڪپڙو. پهرياڻ — ڪپڙو. پوشاڪ — وڳو. "ڪُـٽِي پُرائي ڪيسري، پَـرهڻ پرائا" (هارون).
- — **پـرْهيائِي (ٽ):** ث. هندن جي هڪ رسم. گهوٽ ۽ سندس اهنر کي ڪنواريتن جي طرف کان مليل پٽڪو ۽ چادر.
- **پِرْهولِي ج پِرْهولِيُونْ:** ث. پِرولِي.
- **پِرهِيارَ. پـرْهِياڙَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **پـرْهيزَ:** ث. [ف] منع ڪيل شيءِ کان بچاءُ. بيماريءَ ۾. نقصانڪار شيءِ کان پاسو. حفاظت. ڪِرِي — جَڳَتِ _ رکَ. سنڀال — احتياط — حذر. تقويٰ — زهد.
- — **پرهيز گارُ:** صفت. پرهيز وارو — ڪِريءَ وارو — ڪِرِيائتو _ جُڳتي — منع ڪيل شين کان دور رهڻ وارو — ڊِڄڻ وارو (نافرماني کان). پاڻ پَلـو. بدعت کان پاسي. مُتَّقي.
- — **پرهيزگارِي:** ث. ڪِرِي — رَکَ — پرهيز. تقويٰ. نافرمانيءَ جو ڊپ يا خوف.
- — **پْرهيزِي:** ث. ڪِرِي — رَکَ. سنڀال. مرڪب لفظن ۾ ڪم ايندڙ لفظ "بد پرهيزي".
- **پَري:** ظرف. [سن. پْرَ] دُور — ڏُور — ڏورانهون — مفاصلي تي. اڳتي. ڇڊو — وٿيرڪو.
- — **پَرِيان:** ظرف. ٿورو پريرو. پري کان — دور کان.
- — **پَريچو:** ذ. صفت. پرائو ماڻهو — ڌاريو. اجنبي. پرديسي — پرڏيهي.
- — **پري رهڻ:** ڏور رهڻ — دور گذارڻ. پرهيز ڪرڻ — ڪِرِي ڪرڻ. پاسو ڪرڻ — پاڻ بچائڻ.
- — **پَرِيونْ:** ظرف. پري وارو — پرانهون. پريرو — ٿورو پري. هُن پَرجو.
- **پَري ج پـرْيُونْ:** ث. [ف] هڪ خيالي عورت (جنهن متعلق چَيو ويندو آهي تہ ان کي کنڀ ٿين جن سان هوءَ اڏامي سگهي ٿي. تمام خوبصورت عورت جيڪا لوڪ ڪهاڻين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ هڪ ڪردار طور اچي ٿي). اَپڇَرا – اَپسَرا. خوبصورت – حُورَ – سهڻي – حسين (صفت) مڇيءَ جو هڪ قسم. (ڇلرن سان، رنگ ڪارو وڏا پک، قد اڌ فوٽ ڪان هڪ فوٽ تائين).

• **پرياٺي ج پرياٺيوڻ:** ث. پرِي – اپڇرا. پريزادي.

– **پرِيْ پيڪَرْ:** صفت. پرِي جهڙي – پري جي شڪل جهڙي خوصبورت – سهڻي.

– **پرِي جَمالُ:** صفت. پريءَ جي سونهن واري. سُهڻي – حسين. خوبصورت.

– **پرِي چَهْرِه:** صفت. جنهن جو منهن پَريءَ جي منهن جهڙو هجي. نهايت حسين.

– **پرِي زادوج پري زادا:** ذ. صفت. پري جو ٻچڙو. نهايت حسين. پري زادي ج پَرِيْ زاديُون.

– **پرِي وَش:** صفت. پريءَ جهڙو.

– **پريڙِي:** ث. 'پَرِي' جو تصغير. محبوبڙي.

• **پرِيْ:** صفت. [سن. پْرَيَ] پيارو – پرِين – دوست – يار.

– **پرياٽو:** ذ. پيار – قرب. عشق. دوستي. گڏجاڻي. (صفت) پرِيت وارو – سِڪ وارو.

• **پُرِي (ٿ):** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **پُرِي:** ث. [ف] پَرڻ يا ڀَور ڪرڻ جي حالت. مرڪّب لفظن جي آخر ۾ ڪم ايندڙ "شڪر پُري، خانه پُري".

• **پُرِي ج پُرِيُونْ:** ث. [سن. پُرِيْ] شهر. بستي. ڳوٺ.

• **پِـْريا:** ذ. [سن. پريو ج پريا] هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. اڇا وارَ. (اسم خاص) ذات جو نالو. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **پِـْريا اَچِڻ:** ذ. وار اڇا ٿيڻ. متي ۾ اڇا پوڻ. پوڙهو ٿيڻ.

– **پِريا پڌرا ڪرڻ:** عيب ظاهر ڪرڻ. راز کولڻ. سڀ عيب ثواب ٻڌائڻ.

– **پِريا پوڻ:** وار اڇا ٿيڻ لڳڻ – پوڙهو ٿيڻ. وڏيءَ عمر وارو ٿيڻ.

– **پِريا ڏُوٽِڻ، ڏوٽِڻ:** افعال ظاهر ڪرڻ. پيريءَ ۾ ڪم ڪرڻ. پيريءَ ۾ جواني وارا ڪم ڪرڻ.

– **پِـْرياٽو:** ذ. صفت. پوڙهپڻ وارو. وڏپڻ جو – پيريءَ جو.

• **پِرْيا لوءِ:** اسم خاص. [سن. پْرِيَ + لوڪ] تعلقي خيرپور ميرس ۾ هڪ ديهه ۽ شهر جو نالو (جتي سنڌ جي هڪ وڏي ولي ۽ عالم مخدوم اسماعيل جي مزار آهي).

• **پِريانُ (ت):** ذ. زور – طاقت – همت. مستي.

– **پِريان پُڄي وڃڻ:** زور ڇڏي وڃڻ – مستي ڍري ٿيڻ.

• **پَرِيانُ ج پَريانَ:** ذ. [سن. پَرِياڻ < پْرَ = اڳتي + يا = وڃڻ] پَهُ – رِٿ – ارادو. "بيبي خديجه خواب ۾ پروڙيس پرياڻ" (گل حسن شر). ويچار – خيال. نصيحت. انجام – ٻانڌاڻُ. "سُپڪ جو سيد چئي پجي نه پرياڻ. (شاهه). نشان – اهڃاڻ. "تني جا پرياڻ، پنهون جام پروڙيا" (زئي).

• **پَرِياٽو:** ذ. پَرياڻُ.

• **پَرِياڻُ:** مصدر. [سن. پْرَجّجاڻ] صلاح ڪرڻ. ڳالهه ڳُنڻ. حال اورڻ. اهڃاڻ سهي ڪرڻ (پرياٺيو – پرياٺيندو – پرياٺيل).

• **پَرِيا:** ذ. [سن. پَرِيَايَ < پَرِ = چوڌاري + اِڻْ = وڃڻ] پهه – ويچار – خيال – ارادو – رٿا. پاڇو – پَرتو. ريت. پرڪار. دستور. ڏسو "پرياڻ".

• **پَرْياٺِڻُ:** مصدر. پوڙهو ٿيڻ – ٻڍو ٿيڻ. وار اَڇا ٿيڻ – اَڇا پوڻ.

– **پَرياٺِتو ج پرياٺِتا:** ذ. صفت. پوڙهو – ڪُراڙو – اَڇن وارن وارو. پوڙهن وانگر.

– **پَرْياٺِي:** ث. پِيري – ٻڍاپڻ – ڪُراڙپ.

• **پِرِيتِ:** ث. [سن. پْرِيت < پْرِي = پيار ڪرڻ] محبت – پيار – قرب. نينهن – پريم. عشق. دوستي – ياراني. ٻڌي – اتفاق.

– **پِرِيتَمُ:** ذ. صفت. [سن. پْرِ يَتَم < پْرِيَ = پيارو + تَمْ] نهايت پيارو. دل گهُريو. پيارو ـ پرين – محبوب – دلدار. مڙس – پتي. دوست – يار.

– **پِرِيتَڙو ج پِرِيتَڙا:** ذ. [سن. پْرِيتْوَن] پريت – پيار – محبت. عشق. ياراڻي. "پَراها ٻاري، پورو ڪج پريتڙو" (خان زئي).

– **پِرِيتَوانُ ج پِرِيتَوانَ:** ذ. صفت. محبت ڪندڙ – دل وارو. دوست – يار – سنگتي.

– **پِرِيتُ ج پِرِيتَ:** (سن. پْرِيت) مري ويل ماڻهوءَ جو روح. ڀُوت – ڏينارو – غيبات. جِنُ.

• **پَرِيتُ ج پَرِيتَ:** ذ. [سن. پَرِ = چوڌاري + آتْ = گهمڻ] ڌوٻي – ڪتي. "پريتن جي پاڙي، جاڙ گذاريم جيڏيون" (شاهه).

• **پَرِيجَ:** ث. فقير ڏانهن موڪليل ڪاڏي جي ٿالهي.

• **پَرِيڇا:** ث. [سن. پَرِيڪْشا] قسمت ٻڌائڻ جو طريقو يا ڍنگ – فال. چڪاس – جاچ. پرک – آزمايش. ڏسو "پرک".

• **پَريڊ ج پَريڊُونْ:** ث. [انگ. Parade] فوجي سکيا – قواعد.

• **پِريَرڻُ:** مصدر. [سن. پْرِيرَڻ] زور رکڻ – مجبور ڪرڻ. ليلائڻ – منٿون ڪرڻ. تاڪيد ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **پريتڙا:** ث. زور – مجبوري.

• **پريزِيڊنٽُ:** ذ. [انگ. President] ڪنهن جماعت جو مُک – صدر. حڪومت جو اڳواڻ.

• **پرِيس ج پريسُونْ:** ث. [انگ. Press] ڇاپڻ جي مشين – ڇاپ خانو. زور – دابُ.

• **پريشانَ، پريشانُ:** ظرف. [ف. پَريشان] ڇڙوڇڙ – ٽڙيل پکڙيل – بي ترتيب. صفت. حيران – فڪرمند – گهبرايل – منجهيل.

– **پريشان حال:** صفت. تنگ حال – محتاج – مفلس – مصيبت زده.

– **پريشان حالي:** ث. تنگ حالي – مفلسي. حيراني – اِنتشار.

– **پريشان خاطِرُ:** صفت. فڪرمند – اُداس – مايوس.

– **پرِيشاني ج پريشانيون:** ذ. حيراني – گهبراهٽ – بي آرامي – تڪليف. مصيبت – انتشار.

• **پرِيڪيا:** ث. [سن. پَريڪشا] آزمائش – امتحان. اڳڪٿي – پيشنگوئي.

• **پريمُ:** ذ. [سن. پْريمْ] پيار – قرب – الفت – پريت – محبت. دوستي. حُب – سِڪَ ـ مهرباني – ڪَرمُ – اخلاص. اتحاد.

– **پريم ڀڳتُ:** ذ. صفت. محبت جو پوڄاري – عاشق.

– **پريمي ج پريمِي:** ذ. صفت. پريم وارو – محبتي – پريتوان – عاشقِ. چاهيندڙ – شائق. محبوب.

• **پرِين:** ظرف. پرانهينْ – پري واري – هُوءَ.

– **پرِينْ پرِ:** ث. هُن پار – ٻئي پَر (درياه جي). پار – پراڙ.

• **پرِينْ ج پرِينْ:** صفت. [پرا. پِيَّ. سن. پرِيَہ] پيارو – پريمي – محبوب – معشوق – دلبر – يارُ – دل گهريو.

• **پرِينِ ڪچارو ٿيڻ (ت):** دوستن وٽ لڄي ٿيڻ. شرمسار ٿيڻ. مياري ٿيڻ.

• **پرِيندي:** ظرف. پريان ئي – شروع کان ئي – ڏريان ئي "پرِيندي پاڻ ويو. زلف ڪيس زاف" (شاهه).

• **پرِينهَنْ. پرِيهَن:** ظرف. سياڻي کان پوءِ وارو ڏينهن.

• **پريو:** ذ. ٻوٽيءَ جو هڪ قسم (خوشبودار ٿئي ۽ دوا طور ڪم اچي). (اسم خاص) ماڻهو جو نالو.

• **پُريو پاڻڙي:** ث. خوشبودار ٻوٽيءَ جو هڪ قسم.

• **پرِيو ج پرِيا:** ذ. اڄو وار (هي لفظ واحد طور ڪم نہ ايندو آهي. ڏسو "پريا".) (صفت) پريو مڙس اڇن وارن وارو – پوڙهو – ٻڍو – پيرسن (ذ) جيت جو هڪ قسم (جو ڪاٺ کي کائي ڪمزور ۽ ڪچو ڪري ڇڏي).

– **پرِيو مڙسُ ج پريا مڙسَ:** ذ. وڏيءَ عمر وارو ماڻهو. پوڙهو ماڻهو – چڱو مڙس – راڄ جو سگهڙ ماڻهو.

• **پرْيوجَنِ:** ذ. [سن. پْرَيوجَنْ < پْر = گهڻو + يُجْ = ملائڻ] مراد – مطلب – ارٿ – مقصد – غرض.

• **پريوگُ ج پريوگَ:** ذ [سن. پْرَيوگ] ميلاپ. صورت. علم نحو موجب فعل جي اها تقسيم جنهن مان خبر پوي تہ فعل، فاعل سان ٺهڪي ٿو مٺجي يا مفعول سان يا ڪنهن سان بہ نہ. جيڪڏهن فعل فاعل سان مٺجي تہ "ڪَرْتريْ پريوگ" چئبو. جيڪڏهن مفعول سان مٺجي تہ "ڪَرْمڻِي پريوگ" ۽ جيڪڏهن نہ فاعل سان ۽ نہ مفعول سان تہ "ڀاوِيْ پريوگ" سڏبو.

• **پڙَ پڙِ:** ث. وَس – زور – قبضو. حاصلات. جوابداري – ذميداري. اعتبار – ويساهه. "اَڙَ لَڙَ" سان گڏ ڪم ايندڙ مهمل ۽ تابع لفظ "اڙ پڙ. لَڙيڙ = وهنوار."

– **پڙَ پوڻ:** هٿ اچڻ – حاصل ٿيڻ – پڙڻ.

– **پڙَ ڪٽڻ:** بار ڪٽڻ – ذمو ڪڻڻ. "هجي جو حال ۾ حيران پنهنجي. ڪٽي ڪيئن پاڻ ڏاران ٻئي سندي پڙَ" (قاسم).

– **پڙِ:** صفت. [سن. پَرَ = پرانهون. پويون. وڏو. هي لفظ فقط عزازت ڏيکاريندڙ لفظن جي اڳيان ڪم اچي. پڙڏاڏو. پڙنانو وغيره.

• **پڙُ ج پڙَ:** ذ. [سن. پَٽَ] چادر يا ڪپڙو جو ڪنهن قبر مٿان وجهجي. غلاف – پردو. سنهون پردو جنهن ۾ ماءَ. پيٽان پارُ ويڙهجي نڪري.

– **پڙ باسڻ:** اميد پوري ٿيڻ لاءِ ڪنهن قبر تي پڙ چاڙهڻ جي نيت ڪرڻ. پڙ چاڙهڻ جي باس باسڻ.

– **پڙُ چاڙهڻ:** اميد پوري ٿيڻ تي اعتقاد واري بزرگ جي قبر تي غلاف چاڙهڻ. (اها رسم ڳائي وڄائي ادا ڪندا آهن).

• **پِڙُ ج پِڙَ:** ذ. [سن. پِنڊَ – گول ٿلهو) ميدان. وڏو ميدان. گولائي ۾ زمين جو ٽڪر (جو ملاکڙي، تماشي، راندين وغيره ۾ استعمال ڪيو وڃي). اُهو هنڌ جتي انگاس ڪُٽل هجي ۽ عاشورن ۾ ماتم ڪيو وڃي. (جيئن حيدرآباد شهر ۾ فقير جو پڙ. واڍن جو پڙ. ڪورين جو پڙ وغيره). مڪان. اوتارو. عاشورن ۾ ماتمين جو جلوس (جن سان سينگاريل گهوڙو. سيج. تابوت وغيره هجي). چنڊ جو حلقو – هالو.

– **پڙ اٿلائڻ:** ڏاند جي وَهڻ ڪري پڙ ۾ ٿيل کڏ کي سنئون ڪرڻ.

– **پِڙائي ج پِڙائي:** ذ. صفت. عاشورن ۾ پِڙ ڪندڙ. پِڙَ (امام

بارگاھ) جو سنياليندڙ.

– **پڙُ ٻڌڻ:** ملاکڙي جي ميدان جي چوڌاري ويهي وڃڻ. چنڊ جي چوڌاري غبار يا روشنيءَ سبب دائرو ٺهڻ. هرلي جي تڙ جي پاسن کان دنريءَ تي ڪاٺ رکي مٿان مٽي وجهي وهٽ جي وهڻ لاءِ جاءِ ناهڻ.

– **پڙ پاڪ ڪرڻ:** ميدان صاف ڪرڻ. ڪک بہ نہ ڇڏڻ.

– **پڙ پالھو ڪرڻ:** ميدان ٺلهو ڪرڻ. هڙئي چٽ ڪرڻ. ساري رقم خرچ ڪري ڇڏڻ – گھر جا پاتي ڪڍي ڇڏڻ.

– **پڙ پائڻ:** ٽڪڙو ٽڪڙو گول ڦرڻ.

– **پڙ پڌرو ڪرڻ:** راز کولڻ. اصل ڳالھ ظاهر ڪرڻ.

– **پڙ جو سک هئڻ:** رهڻ جي سهولت هئڻ.

– **پڙ ڏيڻ (ت):** تکو پنڌ ڪرائڻ – ڊوڙائڻ (وهٽ کي).

– **پڙ ڪڍي ويهڻ:** صفا انڪار ڪرڻ – ناٻري واري ويهڻ. ضد ڪري ويهڻ. کپ کوڙي ويهي رهڻ.

– **پڙ ڪرڻ:** (پڙ ٻڌڻ) فيصلي واري رقم مقرر ڪرڻ. پائيواريءَ جي شيءِ جو اگھ ٺهرائي پائيوار کي مکيار ڇڏڻ (يا تہ اڌ قيمت ڏيئي مال ڪٽي وڃي، يا اڌ قيمت وٺي مال ڇڏي وڃي).

– **پڙ کٽڻ:** ميدان مارڻ – سوڀ ڪرڻ.

– **پڙُ گھڙڻ:** زمين کي سنڌري سڌو ڪرڻ.

– **پڙُهئڻ:** ذ. چنڊ جو دائرو ٻڌڻ.

• **پـڙُ ج پڙَ:** ذ. [سن. پَٽ] تَھُ – پرتُ. رليءَ جو مٿيون يا هيٺيون تَھُ. مانيءَ جو تَھُ. ڏِڪُ – ڏِڪَڻُ (ٿانءِ، ڏاڪون، دلي، ٻيتيءَ وغيره جو). چنڊ جو هڪڙو پڙُ. ساهميءَ (ترازوءَ) جو هڪ پاسو.

• **پڙائي ج پڙائيون:** ث. هرلي جي پڙ ناهڻ ۾ ڪم ايندڙ ڪاٺين مان هڪ ڪاٺي (پڙائيون عموماً ڇهہ ٿين).

• **پڙاڏو:** ذ. [سن. پرتِرَوَ > پُرت = اُبتو + رُ = آواز ڪرڻ]. اهو آواز جو موٽي ٻڌجي. سڏ جو آواز (جو ڪنهن اڏ سان ٽڪرجڻ کان پوءِ موٽي ٻڌڻ ۾ اچي – گونج. پڙلاءُ. آواز. صدا. اعلان.

– **پڙاڏو پٽ ڪرڻ:** اصلوڪي آواز تي آٽي بيهارڻ. بيائي ڪيڻ.

– **پڙاڏو پوڻ:** آواز گونجڻ. مشهور ٿيڻ.

• **پڙالي پڙاندو:** ذ. پڙاڏو. پڙلاءُ. هنگامو – غوغاءُ.

• **پڙانگَ (ت):** ذ. سارين جو هڪ قسم. (سگداسي جي جنس).

• **پڙاءُ:** ذ. [هندي] لشڪر جي منزل گاھ. ڏاپو – منزل. "سو وهٽ ورائي آئيو، پسي پرين پڙاءُ" (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي).

• **پڙائي ج پڙايون (ڪ):** ث. چوپائي کي پير ۾ ٻڌڻ لاءِ رسي مان ٺهيل سرڪڻِ.

• **پڙائي خوجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. اثنا عشري خواجا (جيڪي سر آغا خان جي مريدي ڇڏي اثنا عشري ٿيا). پر اهي خواجا جيڪي سر آغا خان جا مريد رهيا تن کي پينجيپائي چوندا آهن. ٽي پاڙا (مومناڻي، پيرواني، تيجاڻي).

• **پـڙِباٽ ج پـڙِباٽون:** ث. ٻناڪ – لاف – ڏاڙ – زٽُ – ٻٽُ.

– **پـڙِباٽ هڻڻ:** ٻناڪ هڻڻ – ڏاڙ ڇڪڻ – لاف هڻڻ – زَٽُ ٻڌڻ – هٽ جي ناهي ٻڌائڻ.

– **پـڙِباٽي ج پڙِباٽي:** ذ. صفت. ڪوڙيون ڳالهيون ٻڌائيندڙ. زٽلي. ٻناڪي – ڏاڙي.

• **پـڙِبي (ت):** ث. ڪوڙو دٻاءُ – هاها.

– **پڙبي ٻڌڻ:** ڪوڙو دٻاءُ رکڻ – هاها ڪرڻ.

• **پڙتالَ ج پـڙتالون:** ث. جاچ – چڪاس. معائنو. گھومَ – چَڪر – سيرُ. مٿئين آفيسر جي ٻيو دفعو نمبر شماري. ڏسو "پرتال".

• **پڙتو ج پڙتا:** ذ. تلوار بازي – پلٽو. جهيڙو – جهگڙو. هٿين گنديجڻ. "پڙتو پاڙي واريءَ سين. اي ڪميٽيءَ جو ڪم" (جام مراد علي خان).

• **پڙپڙ:** ث. ٽِپنُ ٽِپنُ – ڪرڪر – جهُرجهُر.

• **پڙِپڻُ:** مصدر. [پُرا. پٽي] حاصل ٿيڻ – پلئہ پوڻ. (پڙپيو – پڙپندو – پڙپيل).

• **پـڙِپوٽو ج پـڙِپوٽا:** ذ. پوٽي جو پٽ (ث) پڙ پوٽي ج پڙپوٽيون.

• **پڙجڻُ:** مصدر. مان فعل مجهول. بدنام ٿيڻ. گلا ٿيڻ (وڏن جي). ڏسو "پڙجڻ" (پُڙيو – پڙجندو – پڙبل).

• **پڙ ڄڄ ج پـڙڄڄون:** ث. شاديءَ جي هڪ رسم (گھوٽيتا جڏهن ڄڃ وٺي ڪنواريتن ڏانهن اچن تہ ڪنواريتا مذاق خاطر لٺيون وغيره کڻي اچي گھوٽيتن کي گھٽ وڌ ڳالهائين ۽ وڙهڻ لاءِ هوڪارين. آخر ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ مصنوعي جنگ ٿئي، پر جلدي پاڻ ۾ گڏجي ڪل مسخريون ڪري هڪٻئي جي آجيان ڪن).

• **پـڙچُ ج پـڙچَ:** ذ. [سن. پٽرُ] تڏو – نَڪ. ڏاتوءَ جي چادر. لوهہ جو چيرو. نار يا هرلي جي پانديءَ ۾ لوٽن مان پاڻي ڪيڻ لاءِ رکيل نارو – پاڙچُ.

• **پـڙچڻُ:** مصدر. ڏسو "پرچَڻُ".

• **پـڙچي ج پـڙچيون (ث):** ث. گھوڙي جو هڪ سنج – تَلُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **پڙهڻي ج پڙهڻيون:** ث. پڙهڻ جو طريقو يا ڍنگ. دور – پيرو. ٻي پڙهڻي "ٻيو پيرو پڙهڻ. ٽي پڙهڻي "ٽيو پيرو پڙهڻ"
– **پڙهيا:** ذ. (پڙهيو ج پڙهيا) اهي شيون جن تي ڪي ڦيٽا ٽوٽا يا ڪامڻ دَم ڪيل هجن. تعويذ. ڪامڻ. ڊوهه.
– **پڙهيا وجهڻ:** ڪامڻ يا تعويذ ڪرڻ – جادو. مَنتر جو اثر وجهڻ. ڊوهه ڪرڻ.
– **پڙهيل:** صفت. تعليم ورتل. قابل – پڙُ. هوشيار – ڏاهو.
– **پڙهيل ڳڙهيل:** صفت. پڙهي پختو ٿيل.
• **پڙهو اُچڻ:** ڍنڍورو اچڻ – منادي ٿيڻ. اعلان ٿيڻ. مشهور ٿيڻ. عام پڌرائي ٿيڻ. هوڪو اچڻ.
– **پڙهو ڏيارڻ، ڪهمائڻ:** ڍنڍورو ڏيارڻ – منادي ڪرائڻ. اعلان ڪرائڻ. مشهور ڪرائڻ – عام پڌرائي ڪرائڻ. اطلاع ڪرائڻ.
– **پڙهو ڏيڻ:** ڍنڍورو ڏيڻ – مَنادي ڪرائڻ. اعلان ڪرڻ. ڳالهه پڌري ڪرڻ – مشهور ڪرڻ.
– **پڙهو ڏيئي ٻڌائڻ:** وڏي واڪي ٻڌائڻ. زور سان ٻڌائڻ. عَلَي اَلاعلان چوڻ.
– **پڙهو ڪهمائڻ:** پڙهو ڏيارڻ. مشهور ڪرڻ.
– **پڙهيوارو:** ذ. صفت. پڙهو ڏيندڙ – ڍنڍورو ڏيندڙ.
• **پڙهي پڙهوڏو:** ذ. پڙهاڏو – ڪوهاڏو.
• **پڙهيار:** اسم خاص. مسلمانن ۾ هڪ ذات جو نالو. ٽر ۾ مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.
• **پڙهيارڪي:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **پڙهيارو:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **پڙي لاڻائڻ:** بي عزتي ڪرائڻ – بي آبروئي ڪرائڻ. عزت لهرائڻ.
• **پڙي ٻڌڻ:** پاٿاري ناهڻ (وڪري لاءِ). ويهي رهڻ. ڪپ ڪوڙي ويهڻ. حَلقو ٻڌڻ (چنڊ جو).
– **پڙيءَ تي ڇٽ ڪرڻ:** ٿڏي تي ڇٽ ڪرڻ – اُتي جو اتي ختم ڪرڻ.
– **پڙيو ج پڙيا:** ذ. صفت. پڙيءَ وارو – پڙيءَ تي ويهي وڪرو ڪندڙ.
• **پڙي ج پڙيون:** ث. [سن. پُٽِڪا] ننڍو پُڙو – ڪاغذ جي ويڙهي (جنهن ۾ ڪا شيءِ ويڙهيل هجي). دوا جي پُڙي. سُتي. زهر. ڪپڙن کي ڏيڻ جو رنگ. سُرهاڻ جي موڙي. جَنڊَ جو هيٺيون پُڙُ (ت).
– **پڙي ڏيڻ:** زهر ڏيڻ – وِهُ ڏيڻ. زهر ڏيئي مارڻ. ڇٽ ڪرڻ. ختم ڪرڻ. گم ڪرڻ – لِڪائڻ.
– **پڙ يڪو ج پڙيڪا:** ذ. ننڍو پُڙو (جنهن ۾ ڪي شيون ويڙهيل هجن) – پُڙِي.
• **پڙينگ ج پڙينگ (ل):** ذ صفت. تمام ڍِگهو – لابت.
• **پڙيئو ج پڙيٺا (ٿ):** ذ. گيهه مٺڻ لاءِ ٺپريءَ جيڏو اٽڪل هڪ تولي وزن جو ٽانءُ.
• **پُرَزڻ (ڪ):** مصدر. بگڙڻ – ڪاوڙجڻ. (پرزيو – پُرزندو – پُرزيل).
• **پِزو ج پِزا (ڪ):** ذ. تازي ويايل چوپائيءَ جو پهريون کير – پسُ – کَڙُ (ل).
• **پسپا:** صفت. [پس +پا] پويان پير – پوئين پيرين – پوئتي هٽيل. ڀاڄ کاڌل – شڪست کاڌل.
– **پسپا ڪرڻ:** پوئتي هٽائڻ. شڪست ڏيڻ.
– **پسپائي:** ث. پويان پير ڪرڻ جي حالت. شڪست – ڀاڄ.
– **پسْ پيش:** ظرف. اڳي پوءِ ـ آخرڪار – نيٺ.
– **پسگردائي:** ث. آسپاس. چوڌاري – چوگرد. اوسو پاسو.
– **پسماند:** ث. بچت – پاڇي.
– **پسماندهَ:** صفت. پوئتي رهيل. باقي رهيل. بچيل – پويون. پويان (اولاد. مائٽ وغيره). پٺ تي پيل – غريب.
– **پسْ و پيشُ:** ظرف. اڳي پوءِ ـ نيٺ – آخر. (ذ) اڳ پوءِ جو خيال ـ ويچار. نتائڻ جي حالت – گَس گَساءَ – بهاني بازي.
– **پسين:** صفت. پويون – آخري. جهونو.
• **پِسُ ج پِسَ:** ذ. [سن. پيُوشُ] تازي ويايل ڳئون، مينهن، ٻڪريءَ وغيره (حلال مال) جو پهرئين ڏينهن وارو کير (جو ڪاڙهڻ سان ڄمي پوندو آهي) – کَڙُ (ل).:
• **پِسُ ٿيڻ:** رڌ جي نرم ٿيڻ – رڌ جي وڃڻ. گهٽي ٻارڻ ڪري رڌجي ڳري وڃڻ.
• **پساچُ ج پساچَ:** ذ. صفت. [سن. پشاچَ] شيطاني ڪم ڪندڙ. ڏسو "پشاچ".
• **پسارُ:** ذ. [سن. پٽيَہ + سار] دوا طور ڪم ايندڙ سڪل ٻوٽيون، پَنَ، گُلَ، ٻِجَ وغيره.
– **پسارُ پسارڻُ:** سڀ سامان کولي رکڻ – سامان پکيڙي ويهڻ. سيڪجهه ظاهر ڪري رکڻ.
– **پساري ج پساري:** ذ. صفت. پسار جو سامان وڪڻندڙ دڪاندار. جڙيون ٻوٽيون وڪڻندڙ (دڪاندار).
• **پسارُ:** ذ. [سن. پُرسارَ] گهومَ – ڦيلُ. سيرُ – چَڪر – چهل قدمي – گشت.

– **پسارُ ڪرڻ:** گهمڻ خاطر آهستي آهستي هلڻ – چهل قدمي ڪرڻ. ٽهلڻ. شيل ڪرڻ – چڪر هڻڻ. هواخوري ڪرڻ.

• **پسارڻُ:** مصدر. [سن. پْرسارَڻَ] پکيڙڻ – ڪِنڊيرڻ – ٽيڙڻ – ڦهلائڻ. وِڇائڻ. اُپٽار ڪرڻ. ڊگهو ڪرڻ (ٽَنگن ڪي) وڌائڻ (ڳالهه).

• **پُساڻ ج پُسائُونْ (ل):** ث. گو ڏِ. (پساريو – پسارِيندو – پساريل).

• **پُساٽو ج پُساٽا:** ذ. دير. رنڊڪ – پُڄاٽو.

– **پُساٽو وجهڻ:** دير ڪرائڻ. سيڙپ ڪرائڻ. رنڊڪ وجهڻ.

• **پسارو ج پسارا:** ذ. [سن. پْرسار] وِستارُ – اُپٽار. ديگهه – وَڌاءُ (ڳالهه ۾). پکيڙ – ڪِنڊير. واڌارو. مفاصلو. مانڊاڻو. ڏيک – مشاهدو – نظارو. ميڙ – اجتما ع. آبادي – بستي. سامان.

– **پسارا ڪرڻ:** ڊگهيون ڳالهيون ڪرڻ.

– **پسارو ڪرڻ:** مشهور ٿيڻ – نالو ڪڍڻ.

• **پساوِڙو:** ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم. پسارڪين شين مان ٺهيل جلاب. جلاب جو هڪ قسم.

• **پساهُ ج پساهَ ذ** [پرا. سَاسُو: سن. شْواسْ] ساهه – دَمُ – پِراڻ. پوريون ساهه – پوريون دَمُ.

– **پساهُ ڪڻڻ:** ساهه ڪڻڻ – تَڳَڻ "پيئي ڪٽي پساهه. پسڻ خاطر پرين جي" (شاهه). چانورن رڌڻ جو هڪ طريقو.

• **پساءُ:** ڏيکاءُ – ديدارُ. چانورن رڌڻ جو هڪ نمونو – پساهُ.

• **پُسايا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پِسْت:** صفت. [ف] هيٺ. هيٺ وارو – تَري وارو –هيٺاهون. گهَٽ – خسيس – نِيچ.

– **پِسْت خيالُ:** ذ. صفت. نيچ خيالن وارو – ڪميڻو. گهٽ همٿ وارو.

– **پِسْت خيالِي:** ث. نيچ خيالي – ڪميڻپ. ڪَمتريءَ جو احساس.

– **پِسْت فِطرت:** ذ. صفت. نيچ سڀاءَ وارو – ڪميڻي طبيعت وارو – رذيل – ڪرِيل ذهنيت وارو.

– **پست قَدُ:** ذ. صفت. ننڍي قد وارو –بندو.

– **پِسْت وَبُلَنْد بالا:** ظرف. هيٺ مٿي.

– **پست وبالا.** ظرف. اعليٰ ادنيٰ.

– **پِست هِمت:** ذ. صفت. ڪم همت – بزدل – ڊڄڻو.

– **پِسْتِي ج پِستيُون ٿه** هيٺاهين. ڪريل درجو – تنزل. رذالت – ڪميڻپ.

• **پُسْتِ:** ث. [ف. پوست] هڪ قسم جي پوک جو ڦَرُ. (جنهن جي شڪل وَٺونڻ جي گوگڙي جي اُ ٿئي. ان جي رس مان آفيم ٺهي) – ڏوڏِي. ڏوڏيءَ جي پوک – گل لالا جي پوک. (انگ. Poppy).

– **پُستَ جي ڪَڻِ:** ث. پُست جو ٻجُ – ڏوڏيءَ جو ٻج – خَس خَس.

• **پِسْتا:** ذ. [ف. پِسْتَہ] سُڪل ميوي جو هڪ قسم. (هي لفظ هميشه جمع ۾ ڪم اچي). (انگ. Pistachio Nul).

– **پِستائي ج پِستائي:** صفت. پستن وارو. پستن مان ٺهيل پستن پيل. پستن جي رنگ جهڙو (سائو) هلڪي سائي رنگ وارو.

• **پُسْتاڙُ ج پُسْتاڙَ (ت):** ث. اِٽَ – لَت – اِني.

– **پُسْتاڙَ مارڻ:** اِٺون هڻڻ. جانورن جون پويون لتون هڻڻ. آڪڙ ڪرڻ – مستي ڏيکارڻ.

• **پِسْتانُ ج پِسْتانَ:** ذ. [ف] اُرَهُ – ٻُبو – ٿَڻُ – ڇاتي.

• **پُسْتَڪُ ج پُسْتَڪَ:** ذ. [سن. پُسْتَڪَ] ڪتاب. هندن جي ڌرمي ڪتاب (پوٿي، گرنٿ وغيره).

• **پُسْتَڪندِي:** ث. مَنائيءَ جو هڪ قسم.

• **پُسْتَنْگُ ج پُسْتَنْگَ:** ذ. گهوڙي جو هڪ سَنجُ. هني جي مٿان وري آيل تنگ جو ٽُڪرو. (جنهن سان تنگ جو هيٺيون پاسو ٻڌجي).

• **پِسْتو ج پِسْتا:** ذ. [ف. پِسْتَه] سُڪل ميوي جو هڪ قسم (ڏسو "پستا"). (صفت) ننڍي قد وارو – بندرو.

– **پِسْتو ڪُتو:** ذ. ڪتي جو هڪ قسم (وٺندڙ ننڍي قد وارو. (وڏي ڪوپراڻي، اوچي پيشاني، ڪن لٽڪيل).

– **پُستي هڻڻ:** پٽ ڪي پاڙ ۾ وڏيڪ مٽي يا سرون هڻي مضبوط ڪرڻ. لت هڻڻ – ٽونٽي هڻڻ. احسان جي بدران برائي ڪرڻ.

– **پُستيِون هڻڻ:** اِٺون هڻڻ. مستي ڪرڻ – ڇاڳلايون ڪرڻ.

• **پِسْچِمانُ:** ذ. ڳائي مال جو هڪ مرض (جنهن ۾ هوا سان پيٽ ڦوڪجي وڃي).

• **پسَر ج پسَرُونْ:** ث. پاڪڙي جي پاسي واري ڪاٺي.

– **پسرائڻ:** مصدر. 'پسرڻ' مان متعدي بالواسطه. پکيڙڻ – وڌائڻ. ڪاوڙائڻ – چيڙائڻ. (پسرايو – پسرائيندو – پسرايل).

– **پسرِجڻُ:** مصدر. 'پسرڻ' مان فعل مجهول. وڌڻ – پکڙجڻ. وِگهرجڻ. ڪاوڙجڻ – چڙڻ. (پسريو – پسربو – پسريل).

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

– **پِشپ ڪوش:** ذ. اُهي پن. جن ۾ مُڪڙي بند هوندي آهي.
– **پِشپ مُڪُ:** ذ. گل جا ورق.
• **پشچات:** ظرف. [سن] پوءِ.
• **پشڪ ج پشڪ (ڪ):** ذ. [بلوچڪي] ڳُهگهو.
• **پشڪرڻ (ت):** اسم خاص. برهمڻ جي هڪ ذات جو نالو.
• **پشلو ج پشلا (ڪ):** ذ. گهر جي وچئين ٿنڀ ۾، وهاڻ وقت زالن جو سوڻ طور ٻڌل گل.
• **پشم:** ث. [ف] اُنَ (ذوتل ۽ صاف ڪيل نرم وار – سنها باريڪ وار.
– **پشمي:** صفت. اُنَ جو – اوني.
– **پشمين:** صفت. پشمي – پشم جو – اُنَ جو.
– **پشمينو:** ذ. پشم مان ٺهيل ڪپڙو – اوني ڪپڙو.
• **پشن:** اسم خاص. بلوچستان ۾ ڪوئيٽہ جي ويجهو هڪ تعلقي جو نالو.
• **پشنگ ج پشنگ:** ذ. رازڪي ڪم جو هڪ اوزار (پٽ ۾ سوراخ ڪرڻ جو اوزار).
• **پشنبُ:** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.
• **پشواز ج پشواز:** ذ. [ف] هڪ خاص قسم جو پَڙو (جو ڪنجريون ناچ وقت پائين).
• **پشوري:** ذ. جانورن جو هڪ قسم. ڪڪڙ جي هڪ ذات (رنگ پيلو، قد بندرو، ڪڙهون وڏيون ۽ دم پکو ٿئي).
• **پشي ج پشيون:** ث. ٻلي. (ٻارن جي ٻوليءَ ۾) پيشاب.
• **پشيمان، پشيمان:** صفت. [ف] پڇتائيندڙ. شرمسار.
– **پشيمان ٿيڻ:** پنهنجي ڪئي تي افسوس ڪرڻ – شرمسار ٿيڻ.
– **پشيماني:** ث. پڇتاءَ – افسوس – ارمان. شرمندگي – ندامت.
• **پطرس:** اسم خاص. حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي هڪ حواريءَ جو نالو – شمعونُ (انطاڪيہ جو بشپ (Bishop) مقرر ٿيو. پوءِ روم ڏي هليو ويو. جتي اُن کي سوليءَ تي چاڙهيو ويو. رومن ڪئٿلڪ جا ماڻهو ان کي پوپ تا ڳڻين).
• **پُٺاتُ (پُٺاتُن) ج پُٺاتُ (پُٺاتُن):** ذ. پٺيءَ جو پٽ. (ث) پُٺات ج پُٺاتيون.
• **پُٺانُ، پُٺانو ج پُٺان، پُٺانا:** ذ. هندڪي هڪ رسم موجب شاديءَ وقت ڪانن جو ناهيل چوڪنڊو. جو سرگس وقت گهوٽ جو ويجهو عزيز يا آهنر ڪٽي هلي – اُٿاوانو.
• **پُٺُوُ ج پُٺُوَ:** ذ. پٺيءَ جو مڙس.
• **پُٺو ج پُٺا:** ذ. پُٺو.
• **پُٺي ج پُٺيون:** ث. [سن. پرِشٽ سوَسا < پرِشٽ = پٺيءَ + سوَسا = پيٺ] پٺيءَ جي پيٺ.
• **پڪ ج پڪون:** ث. [سن. پڪ = پڄڻ] پڪائي. (واعدي جي يقين – خاطري – دلجاءِ. (ظرف) خاطريءَ سان – برابر – يقيني.
– **پڪ پچائڻ:** پڪي صلاح ڪرڻ – پڪي رٿ ٻڌڻ. يقيني ارادو ڪرڻ.
– **پڪ پڪان ڪرڻ:** خاطري ڪرڻ. يقين ڪرڻ. وري وري ڏسي وائسي ڳالهائي ٻولهائي پڪ ڪرڻ.
– **پڪ ڪرڻ:** خاطري ڪرڻ – يقين ڪرڻ – دلجاءِ ڪرڻ. انجام ٻڌڻ.
• **پڪ ج پڪون (ت):** ث. پوري بلبل جو هڪ قسم (جنهن جي ناسن جي ٻنهي پاسن کان ڳاڙها وار هجن).
– **پڪداني ج پڪدانيون:** ث. ٿڪن اڇلائڻ جو ٿانءُ – ٿُڪو – اُگالدان.
– **پڪ لائڻ، مڪڻ، هڻڻ:** ٿُڪَ جو ذرو هڻڻ. ننڍڙي ٻار کي نظر کان بچاءَ لاءِ سوڻ طور پڪ مڪڻ.
• **پڪا:** ذ. [پڪو ج پڪا] هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. ڪرڙ جو سڪل ڦر – پڪل ڏونرا.
– **پُڪار ج پُڪارون:** ث. رڙ – ڪوڪ – دانهن. واڪو. فرياد. سڏ – ڪوٽ. صدا – آواز.
– **پُڪارو:** ذ. پُڪار – واڪو – رڙ – سڏُ.
• **پڪانُ ج پڪان:** ذ. ڏسو "پکوان".
• **پڪاوٽ:** ذ. [سن. پچ = پڄڻ] ڪاڙهو (دوا جو) سُتي.
• **پڪائي ج پڪائيون:** ث. [سن. پڄّ] ڏاڍائي – مضبوطي – پختائي. ميوي وغيره جي پڄڻ جي حالت. خبرداري – هوشياري – سياڻپ – (خريد و فروخت ۾) ڪنجوسائي – مرجوتائي.
• **پڪٽُ ج پڪٽ (ل):** ذ. صفت. ڪنجوس – مرجوت. سياڻو – ڏاهو. (خريد فروخت ۾). خرچ نہ ڪندڙ.
• **پڪٽيرو ج پڪٽيرا (ت):** صفت. ڏسو "پڪٽ".
• **پڪبتُ (ت):** ذ. ڦٽ ڦرڙيون – ملو.
• **پڪراس ج پڪراسون (ل):** ث. اُٺ کي اڳين ۽ پوئين ٽنگ جي گوڏن مٿان ڏاڻ طور ٻڌڻ لاءِ رسو.
• **پڪرما:** ذ. ڏسو "پرڪرما".
• **پڪڙڻ، پڪرڻ:** مصدر. ڪم اچڻ. مدد ٿيڻ (ڏکئي وقت ۾).

– **پلتو ج پلتا:** ذ. موٽ – ڦيرو – اٿل.
– **پلتو کائڻ:** ڦيرو کائڻ – ڦري وڃڻ. موٽڻ.
– **پلتو هڻڻ:** تانَ هڻڻ. ابتي ڳالهه ڪرڻ.
• **پلپل:** ظرف. گهڙيءَ گهڙيءَ ـ ذري ذري – هر هر – پلڪَ پلڪَ ۾.
• **پِلپِلُ:** ذ. [ف] فلفل – مرچ.
• **پلپل:** صفت. نرم – ڪُنرو – نُهولڙو.
• **پلجڻ:** مصدر. 'پلڻ' مان فعل مجهول. نپجڻ. پرورش ۾ ٿيڻ. تربيت ملڻ. هٿي وڃڻ. (پليو – پلبو – پليل).
• **پلَر، پلرُ:** ذ. [سن. پَلوَلَ] مينهن جي پاڻيءَ جو تلاءُ. مينهَن جو پاڻي.
• **پلرُ:** گاهه جو هڪ قسم.
• **پلرڻُ (.ڪ):** مصدر. ڳرڻ (پاڻيءَ ۾). پڪڙڻ.
• **پلڙو ج پلڙا:** ذ. ٻيرجي وڻ جي ڦري. 'پلو' جو اسم تصغير – ننڍڙو پلو. (صفت) سنهڙو – اُپرو.
– **پلڙا ڄونڊائڻ:** حقير ڪم وٺڻ. بدحواس ڪرڻ.
• **پلستر ج پلسترَ:** ذ. [انگ. Plaster] ليپُ – ملر وغيره لڳل ڪپڙو. ليپو – راڳو. (صفت) لُڄُ – بدمعاش.
• **پلشاهي:** ذ. شاهي بَندُ – بَنڌرُ.
• **پلڪُ، پلڪُ ج پلڪَ، پلڪَ:** ذ. اک جو ڇپرُ – ڇپرُ – پنبڻي. اک ڇنڀ جو وقت – پَلُ – ڪَنُ. رباب جي ڏير جو ڪپڙي مان ٺهيل ڏڪُ (ڪ) – چولِي (ل).
• **پلڪار ج پلڪارون:** ث. [ف. پرگار] جاميٽري جو هڪ اوزار (ٻن قسمن جي ٿئي. هڪ وندڻي پلڪار ۽ ٻي گول ڪڍڻ جي ڪم اچي). جَنڊيءَ جي ڪم جو هڪ اوزار.
• **پلنگُ ج پلنگَ:** ذ. [سن. پرينڪ] کٽ جو هڪ قسم – وڏي کٽ – ڇپر کٽ. [ف] شينهن جو هڪ قسم – چيتو.
– **پلنگ توڙ:** ذ. صفت. اُهو ماڻهو جو گهر ۾ سُست ٿيو پيو هجي. ڪاهل – ٽوٽي. امساڪ جي هڪ دوا.
– **پلنگُ پوشُ:** ذ. پلنگ تي وڇائڻ جي چادر.
• **پلنگُ:** ذ. [سن. پلنگ] مذڪر (جنس).
• **پلنگو:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **پلڻُ (ٿ):** مصدر. هلڻ (ناز سان). موهڻ.
• **پلڻ ج پلڻَ (ت):** ذ. ڏسو "پالڻ".
• **پلو ج پلا:** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم (سمنڊ يا ڪاري جي واهُڙن جي مڇي جا آبڪلاڻيءَ ۾ درياءَ ۾ چڙهي ۽ مٺي پاڻيءَ ۾ اچڻ ڪان پوءِ نهايت لذيذ ٿئي. ٻـ قسم ٿين: هڪ ڪيرو ٻيو آنيارو). ٻُهه يا انَ رکڻ لاءِ تڏن مان ٺهيل گُنديءَ جهڙي جاءِ.
– **پلوڪانڊڻُ:** پلي ڪي سُئي سان مارڻ.
• **پلوَ (ٿ):** ذ. ٻيڙ جا سڪل پن (اُٺ جي چاري لاءِ ڪم اچن).
• **پلوار:** ظرف. جلدي – جهٽپٽ. "وصل ۾ آهي وسوارو نـ هلندو زور حاڪم سان. مگر اُن جي اڳيان 'احمد' پلوءُ پلوار پايو ٿي" (احمد ملاح).
• **پلوترُ:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **پلور (ل ت):** ذ. ڍؤ – سيري – پيٽ پرڻ جي حالت.
– **پلور ڪرڻ:** ڍؤ ڪرڻ – پيٽ پرڻ. ضرورت جيترو حاصل ڪرڻ.
• **پلوڙ ج پلوڙ (ت):** صفت. پاليل – هٽالو. هيرايل. متارو – ٿُلهو.
• **پلونڊرو ج پلونڊرا (ڪ):** صفت. اُلٽو – اُبتو. (ذ) ڏپُ.
• **پلونگڙو ج پلونگڙا:** ذ. پليءَ جو ٻچو – ٻلونگڙو.
• **پلوهڻُ (ڪ):** مصدر. ڪوئي اچڻ – سڏي اچڻ – پاڻ سان وٺي اچڻ. سنيرائي آڻڻ. (پلوهيو – پلوهيندو – پلوهيل).
– **پلويڙو ڏيڻ:** گهر يا ڇت جي جوڙاري پٽ ڏيڻ. گاڏيءَ جي پاهران پردي لاءِ ڪپڙو ٻڌڻ.
• **پلهه:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي خيرپور ميرس ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.
• **پلـهه (ل):** ذ. ڪاهار جو رسو.
• **پلها:** اسم خاص. تعلقي دادوءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **پلهار (ٿ):** ڪتر (ڳيهه) – وسناڻ – آڪر.
• **پلهاٿو ج پلهاٿا:** ذ. ڳيچ جو هڪ قسم (جو ڪنهن ڪم يا خاص وقت تي ڳائجي. جيئن هاري ان ڳاهيندي جهونگاريندا تـ "هلر هلي، هلي ملهي". يا ڪجين پرڇائڻ وقت باغائي پرڇاٽي ڏيڻ ۾ جيڪي ٻول چون. ٻارن جي ڪن خاص سائن سوٽن وقت ڙالون جيڪي ٻول چون.
• **پلهرُ ج پلهرَ:** ذ. مينهن جي پاڻيءَ سان ڀريل تلاءُ. پَلرُ ڏسو "پلر".
• **پلهَنُ ج پلهَنُ (ڪ):** ذ. ڪاهار يا رسي جو ويڙهو.
• **پلڌ، پلڏ، پلئو ج پلوَ:** ذ. [سن. پَلوَ] ڪپڙي جي ڪنار – پاندُ – پلاندُ. ڇيڙو – ڇوڇڙُ (ڪپڙي جو). جهولي – دامن. پڙُ (سامهي جو). پاسو – طرف. عوض – بدلو. ڪورين جي اصطلاح ۾ اٽيل ٽان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **پلوَ آجا ڪرڻ:** جند ڇڏائڻ. آزاد ٿيڻ. ليکو صاف ڪرڻ. تعلق ٽوڙڻ. معاملي يا وهنوار مان جان آجي ٿيڻ.

— **پلَ ۾ پلوُ اٽڪائڻ:** پاند اٽڪائڻ — واسطو رکڻ. سڱابندي ڪرڻ. حصيداري ڪرڻ. وهنوار ۾ گڏجڻ.

— **پل ۾ پلوُ اَٽڪڻ، آڙڻ:** پلاند اٽڪڻ — هٿ اٽڪڻ. تعلق ۾ اچڻ. مٽي مائٽي ٿيڻ.

— **پلَ ۾ پلوُ ٻڌڻ:** شاديءَ جي هڪ رسم ۾ گهوٽ جي ريتي ۽ ڪنوار جي پوتيءَ جا پلاند هڪٻئي ۾ ٻڌڻ.

— **پلَ ۾ پلوُ پالهارڻ:** پلاند خالي ڪرڻ — هڙَ ڇنڊڻ. پلاند آجا ڪرڻ.

— **پلَ ۾ پلوُ پالهو ڪرڻ:** پاند آجو ڪرڻ — آزاد ٿيڻ. جند ڇڏائڻ.

— **پلَ ۾ پلوُ پائڻ:** جهولي جهلڻ (ڪجهه گهرڻ لاءِ) ڪپڙو جهلڻ. سوال ڪرڻ — خيرات گهرڻ. پلاند وجهڻ. عاجزي ڪرڻ — منٿ ڪرڻ. آسيس ڪرڻ. قسم کڻڻ.

— **پلَ ۾ پلوُ جهلڻ:** پلاند جهلڻ — جهولي جهلڻ. منٿ ڪرڻ. سوال ڪرڻ.

— **پلوَ چيرا وجهڻ:** پلاند وجهڻ. تنگ واسطا وجهڻ. منٿون ڪرڻ — عاجزي ڪرڻ.

— **پلَ ۾ پلوُ ڏيڻ:** پلاند ڏيڻ — عوض ڏيڻ — بدلو ڏيڻ. حساب ڏيڻ — وهنوار ڏيڻ. ملهه جي اصطلاح ۾ هڪڙي ملهه ماريل پهلوان سان ٻي ملهه ڪرڻ. (شاديءَ جي هڪ رسم يا پيڙ جو گهوٽ ڪي گنديءَ سان ڏکڻ. رن زال جو پرڄڻ. ڏير ڪي پلوءُ ڏيڻ — ڏير سان نڪاح ڪرڻ (ت).

— **پلَ ۾ پلوُ ڪرڻ:** پلاند ڪرڻ. رهيل حساب چڪائڻ. ٻي مَلهه ڪرڻ.

— **پلَ ۾ پلوُ لاهڻ:** ڪورين جي اصطلاح ۾ سڄي تاڃي (۳ تاڪيا) اُتي لاهڻ.

— **پلَ ۾ پلوُ لڳڻ:** پلاند رهيل هئڻ. وهنوار لڳڻ. حساب ڪتاب باقي هئڻ. سامر پوڻ. حقّ يا حصيداري هئڻ.

— **پلَ ۾ پلوُ وٺڻ:** پلاند ڪان جهلڻ — دامن جهلڻ. عوض وٺڻ — بدلو وٺڻ. ويرُ وٺڻ. وهنوار ۾ رهيل حساب چڪائڻ.

— **پلَ ۾ پلوُ هئڻ:** ڪڄيءَ جي اصطلاح موجب وڻ مان ڏونڪا لاهي ڪپڙي ۾ صاف ڪرڻ.

• **پلَ ۾ پلِءُ، پلَئي، پلي:** ظرف. پلَءَ ۾. جهوليءَ ۾. حوالي — ذمي.

— **پلَءِ، پلئي، پلي پوڻ:** پلَءُ پوڻ. جهوليءَ ۾ پوڻ. هٿ اچڻ. حاصل ٿيڻ. حصي ۾ اچي وڃڻ.

— **پلَءِ لڳڻ:** زالن جو هڪٻئي کي پاڪر وجهي روئڻ (ڪنهن عزيز جي وفات تي).

— **پلَءِ وجهڻ:** پناري وجهڻ. سامر ۾ ڏيڻ — اجهي ۾ ڏيڻ — حوالي ڪرڻ. وٺي ڏيڻ (حق).

• **پلي:** ث. مٽرن جي وَل. ڇٽن يا مٽرن جا پن (جي ڀاڄي طور استعمال ٿين. اهي پن سڪائي ٻه رکيا ويندا آهن). (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پلي ج پليُون:** ث. اَنّ رکڻ لاءِ ٺوئي مان ٺهيل گنديءَ جهڙي وڏي جاءِ. ڪاري جي مڇيءَ جو هڪ قسم (چلرن سان. رنگ اڇو. پلي وانگر چمڪندڙ. قد ۱ — ۴ انچ). ڪڇيءَ جي ڦرهي جي ٻُجڙي (ڪ).

• **پلي ج پليُون:** ث. [انگ. Pullay] ڪپي — ٻوڙ ـ چرخي.

• **پليتُ:** صفت. [ف. پليد] ناپاڪ — نجس — اَبوتر. گندو — ڪنو — خراب — ڇَٽيَل.

— **پليتائي، پليتي:** ث. ناپاڪائي — نجاست — گندگي. چوڀ.

• **پليتو ج پليتا:** ذ. [ف. پليتَہ، پليتَه = ڏيئي جي وَٽ: ع. فَتيلَة < فتلَ = وَٽڻ] وَٽ (ڪاغذ يا ڪپڙي جي. ڪاغذ تي لکيل تعويذ يا دعا (جا جنّ ڀوت ڪڍڻ ۽ نُحوست ٽارڻ لاءِ ساڙبي آهي). آتشبازيءَ جو هڪ قسم. بندوق جو لتو — بارود ڀريل ٽوپي (جا بندوق جي مَڪوءَ تي رکبي آهي) — جامڪي. "توفون ۽ گرزا گرزيا. ڪي پليتن پاهه" (راڃن شاهه).

— **پليتو لائڻ:** باهه ٻارڻ — جهيڙو مچائڻ. فساد برپا ڪرڻ.

• **پليتڻُ:** ذ. سُڪل اٽو (جو ماني پچائڻ وقت ڳوهيل اٽي کي ٽانڊ سان لڳڻ کان بچائي) — اٽڻُ.

• **پليٽ ج پليٽون:** ث. [انگ. Plate] ٿالهي — رڪيبي — ٻنگاري.

• **پليٽ فارمُ:** ذ. [انگ. Platform] ٿلهو (جو تقريرن وغيره لاءِ ڪم اچي). مٿاهين جاءِ. ريلوي اسٽيشن جو وڏو ويڪرو ٿلهو. (جنهن جي ڀرسان گاڏي اچي بيهي). خاص ٽڪيٽ.

• **پليپوتا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پليجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. گمبٽ ۽ ڳڙهي ياسين تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پليجاڻي:** اسم خاص. هالاءِ ميرپور ساڪري تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پليدُ:** صفت. [ف] ناپاڪ — نَجسُ — اَبوتر — پليتُ. گندو. ڪنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **پٽبو ڪيڏي ويهڻ:** ڏيڻ کان صفا جواب ڏيڻ (قرض). انڪار ڪرڻ.

– **پٽبو ڪرڻ:** ڦري وڃڻ – سُڃو ڪرڻ – پالهو ڪرڻ.

– **پَنبَهہ (ت):** ث. هنيوڇي – پَنبِي – ٺينگ ٽَپا – خوشيءَ مان ناچ.

– **پنبهہ هڻڻ:** نچڻ ٽپڻ – هنيوڇي هڻڻ. اجايو وقت وڃائڻ – پنبي هڻڻ. ٺينگ ٽپا ڏيڻ –بَغليون هڻڻ.

• **پَنْبهِي ۽ پَنْبَهْيُوْنْ:** ث. ٽپو – ٺينگ (ناچ ۾). هنبوڇي – پَنبهہ – پنبِي.

– **پَنْبَهِي، پَنْبَهْيُون هڻڻ:** تمام گهڻو خوش ٿيڻ – بَغليون ٺوڪڻ – ڪڪِيون هڻڻ. ٺينگ ٽپا ڏيڻ.

• **پَنْبِي ۽ پَنْبِيُون:** ث. ناچ جو هڪ قسم – پنبهي. مارَ – جهڳور (ت). سنگ تي اچي ٻُهي (ت).

– **پَنْبيون هڻڻ:** ٻارڙي جو خوشيءَ وچان ٻانهون هڻڻ. تمام گهڻي خوشي ڪرڻ.

• **پَنْبِي:** اسم خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **پَنْٿُ ۽ پَنْٿَ:** ذ. [سن. پَنْٿ < پَٿ = وڃڻ] واٽ – رستو – دڳ – مارڳ. طريقو –سليڪو. ڪنهن ڌرمي اڳواڻ جو اختيار ڪيل عبادت يا پوڄا پاٺ جو خاص طريقو. ڪنهن خاص ڌرمي طريقي جو پوئلڳن جو گروهہ.

• **پَنْجَ:** عدد. [سن. پنچ؛ ف. پَنْج] هڪ عدد – چار ۽ هڪ (٥).

– **پَنْجادو پنجادُوئي:** ث. بٽئي جو هڪ نمونو (جنهن ۾ راهڪي پاڻدي جو ورهاڱو ٿيندو آهي. زميندار کي ٢ حصا ۽ هاريءَ کي ٣ حصا ملندا آهن) – پنج سمي (ت).

– **پنجَ ارڪانَ:** ذ. اسلام جا پنج بنيادي اصول (ڪلمو، نماز، روزو، حج، زڪواة).

– **پنج اَشناني:** ث. پنجن عضون کي ڌوئڻ. (جنهن ۾ مُنهَن، ٻہ هٿ، ٻہ پير ڌوئجن).

– **پنج اشناني ڪرڻ:** هٿ مُنهَن ڌوئڻ.

– **پنج آڱرو ۽ پنج آڱَرا:** ذ. پنجن سالن جي عمر جو سُوئَر (جنهن جا وَڄَ پنجن آڱرين جي ماپ جا هجن).

– **پنج انگُشت:** ث. پنج آڱريون.

– **پنجَت:** ث. پنجن ڄڻن جي ٽولي – پنجايت.

– **پنج تَتَّ:** ذ. پنج شيون – پنج عناصر (هوا، باهہ، پاڻي، مٽي، آڪاس).

– **پنج تَنْ:** ذ. پنج متبرڪ هستيون (حضور پاڪ ص، حضرت علي ڪرم الله وجهہ، حضرت بيبي فاطمہ (ع)، حضرت حسن (ع)، ۽ حضرت حسين (ع).

– **پنجتُولُ، پَنجَ تُورُ:** ذ. پنجن قسمن جي نشيدار شين مليل. گهوٽيل پنگ. نغارن يا نوبت جو واڄو جنهن ۾ پنجن چالن جو واڄو وڄي.

– **پنجپايُ:** ذ. ڪيڪٽرو (جنهن کي پنج پير ٿين).

– **پنجپٽِي:** ذ. صفت. پنجن پٽَن وارو پٽاپٽي ڪپڙو (زَنانين سُٿڻن لاءِ ڪم اچي).

– **پنجَ پنجُوءِ وارا ڪَنائي رهڻ:** پنجوءَ جا پنج روپيا هميشہ ڪَٽَل هجڻ. سدائين پئسي جي ڪوٽ هئڻ – هميشہ تنگ دستي هئڻ.

– **پنجلو پنجلُئي:** ذ. ڏسو "پنجادُو". پنجن منجهان ٻہ حصا زميندار کي ڏيڻ واري بٽئي.

– **پنج رَقمِي:** ث. رياضي جو هڪ اصول (جنهن ۾ پنج رقمون مليل هجن ۽ انهن جي ذريعي ڇهين رقم ڪڍي وڃي).

– **پنج روزہ:** ذ. صفت. پنجن ڏينهن جي مدت وارو. ٿورن ڏينهن وارو – عارضي. بي بقا – فاني.

– **پَنْجڙي:** ث. ڊاري راند ۾ ڪٽيل پنج داڻا.

– **پنج سالُ پنج سالو:** ذ. صفت. پنجن سالن عمر وارو (گهوڙو).

– **پنجَ سَرِي ۽ پنجَ سَرِيُوْنْ:** ث. پنجن سَرُن واري ڌُهري.

– **پنجَ سَمِي (ت):** ث. ڏسو "پنجادو".

– **پنج سَناني:** ث. مُنهن، هٿَ، پيرَ ڌوئڻ جو ڪم. مختصر وهنجڻ.

– **پنجَ سَنْجِي:** ث. گهوڙي کي سنجڻ جو سامان. گهوڙي جا چاندي يا سون جا پنج سنج ۽ ڳهہ: (سينا بند، جهاڳي سان طوق، طوق جي پرسان ڳاني (سنهو پٽو)، مُڇي ۽ ڏُنبڇي).

– **پَنْجَسو:** ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن جي تاڃي ۾ ٥٠٠ ڌاڳا هجن).

– **پَنْجَڪَ، پنجڪَ:** ذ. نکٽ جا پويان پنج تارا (جن متعلق چيو وڃي ٿو تہ جيڪڏهن اهي تارا ڪنهن جي گرهہ سان شمال هجن تہ ان جي قسمت ڪوٽي سمجهي ويندي). اناويهن نکٽن مان پويان پنج نکٽ (ريواتي، اُترا ڦالگني، رابدار پد، رشاڌا ۽ ڌنش – جي منحوس ليکبا آهن).

– **پنج ڪليان:** ذ. اهو گهوڙو جنهن جا چارئي پير اڇا هجن ۽ مُنهن تي ٻانو يا ٻولهہُ يعني اڇو نشان هجيس.

– **پنج ڪُنْڊو ۽ پنج ڪُنڊا:** ذ. جاميٽري جي اصطلاح موجب پنجن ڪُنڊن واري شڪل (جنهن جا پنج پاسا ۽ پنج ڪنڊون هجن).

ڪم جي سرانجامي ڪرڻ.

• **پنو ۽ پنا:** ذ. [سن. پَرڻُ = پن] ڪاغذ – ڪاڳر. ڪتاب جو ورق. پَنُ (تماڪ جو). ڳهه کي ڳنڍڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ سون يا چانديءَ کي ڳنڍڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ سون يا چانديءَ جي ٽڪري. اوزار جي ڌار يا مُنهن. تيزي (هٿيار جي). مُنهَن (ڪهاڙيءَ وغيره جو). رنگ – رونق. مُنهن جي] – ڏيا. جُتيءَ جو اڳ وارو چمڙو. هيري جو هڪ قسم.

– **پنا ڪپڻ:** چمڙي مان جُتيءَ جا اڳ وارا چمڙا ڪپڻ.

– **پنائي ۽ پنائي:** ذ. صفت. ڪاغذي. پنا وڪڻندڙ.

– **پنوتري:** ث. فهرست. وهي يا ڪتاب جي مُنڍ ۾ ٽتڪرو.

• **پنو:** مصدر. "پڄڻ" مان ماضي. پُڳو – پهتو – رسيو. پورو ٿيو. (ث) پني ۽ پُنيون.

• **پنوارِي:** اسم خاص. تعلقي خيرپور ميرس ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.

• **پنوائِي:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **پنوباعيد:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ ديهن جو نالو (پنو باعيد جاگير، پنو باعيد رعيتي).

• **پنوخالصو:** اسم خاص. تعلقي گهوٽڪي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پِنوڙو ۽ پِنوڙا:** ذ. [سن. پِنڊ = ڳنڍيو] آلي مٽيءَ جو ڳنڍيو – ڳوهيل مٽيءَ جو] لَپوڙو. ڳرو ڏڪ – پڃَرَ جو ڏڪ (ڪ).

• **پنو عاقِل:** اسم خاص. ضلعي سکر ۾ هڪ تعلقي، تپي ۽ ديهه جو نالو.

• **پنو عُثمان:** اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پنو غلام علي:** اسم خاص. تعلقي پني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پنو نوراني:** اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پنو نٿون:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پنْوَهارُ ۽ پنْوَهارَ:** ذ. صفت. [سن. پَشُهُ] رڍون يا ٻڪريون چاريندڙ – ريڍار – ٻڪرار.

• **پنْوَهرَ:** ذ. هڪ ذات جو نالو.

• **پنْوَهرڪي:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پنِهانْ:** ظرف. [ف] لِڪل – ڳجهو – مخفي – پوشيده.

• **پنهَچَرڻُ:** ذ. ڪنهن غلط ڪم يا نحوست تارڻ جو اُجورو – ڪنارو. ڏنڊ – جرمانو.

• **پنْهَنجو پنْهِنجو ۽ پنْهنْجا:** ضمير (مالڪي ڏيکاريندڙ لفظ) خود جو – سندو – آپ جو "منهنجو پنهنجو، هن جو پنهنجو، تنهن جو پنهنجو".

– **پنهنجا پٽائڻ:** وڏن کي خوار ڪرڻ ـ مائٽن کي بدنام ڪرڻ – وڏن جي بي عزتي ڪرائڻ.

– **پنهنجا پيرَ چڏائڻ:** پنهنجي جند ڇڏائڻ – پاڻ کي آجو ڪرائڻ. تمام زور سان ڀڄڻ – ٽڪڙو ڊوڙڻ.

– **پنهنجا سنڀارڻ:** عزيز يا مِٽ مائٽ ياد ڪرڻ. ويم جو وقت اچڻ (ت).

– **پنهنجا مهِينا ٿيڻ:** ويم جو وقت اچڻ – حمل جو ٽائون ۽ ڏهون مهينو ٿيڻ.

– **پنهنجا هجڻ:** عزيز هجڻ – مائٽ هجڻ. پَريا مهينا هئڻ – حمل جا ڏينهن پورا هجڻ.

– **پنهنجائِپ:** ث. ڏسو "پنهنجائي".

– **پنهنجو پاڻُ:** ضمير. پنهنجي سِر – پاڻ – خود. (ظرف) خود بخود – آپي آپ.

– **پنهنجو پرائي پرايو ۽ پنهنجا پراوا، پرايا:** محاورو. ڪنهن جو ٻـ. ڏاريو ۽ ڌُرِ وارو. دوست دشمن – يار اغيار.

– **پنهنجو دڳ وٺڻ:** پنهنجو رستو وٺڻ. پنهنجي نموني سان ڪم ڪرڻ. پنهنجي مرضي موجب هلڻ. جدا ٿيڻ.

– **پنهنجو ڪرڻ:** پنهنجو بنائڻ. دوست بنائڻ. همدرد بنائڻ. پنهنجي نالي ڪرڻ. سنگابندي ڪرڻ – مائٽي ڳنڍڻ.

– **پنهنجو مَٽُ پاڻ هئڻ:** يڪتا هئڻ – يگانو هئڻ (ڪنهن فن ۾). نالي وارو هئڻ. نامي گرامي هئڻ.

– **پنهنجي پاڇي کان ڇرڻ:** هر وقت ڊڄندو رهڻ. حد کان زياده ڊپ ڪرڻ (هر عمل ۾). پاسيرو رهڻ. احتياط کان ڪم وٺڻ.

– **پنهنجي پڳهَرَ ۾ هڏڻ:** پنهنجا عيب ڏسي شرمسار ٿيڻ.

– **پنهنجي پڳهَرَ ۾ پورو هُئڻ:** پنهنجي پريشانين ۾ گرفتار هئڻ – مشڪلاتن ۾ مبتلا هئڻ. پنهنجون مشڪلاتون ڪافي هئڻ.

– **پنهنجي پيرن تي بِيهڻُ:** پنهنجي ڪمائيءَ وارو ٿيڻ. وڏو ٿيڻ – سمجهو ٿيڻ. پنهنجو ڏنڌو يا گهرٻار آساني ۽ سلامتيءَ سان هلائي سگهڻ.

– **پنهنجي پير تي ڪُهاڙو هڻڻ:** پنهنجو پاڻ نقصان ڪرڻ. جو ڪائنو ڪم پاڻ کان ٿي وڃڻ.

– **پنهنجي حق ۾:** محاورو. پنهنجي واسطي – پاڻ لاءِ ـ

قد ڏيڊ انچ).

- **پَنٿائي ج پَنٿائيون:** ٿ. ڏسو "پُوارڙي" ۽ "پاوڙي".
- **پنٿُو:** ٿ. [سن. پاد = چوٿون حصو + اُوڻ = گهٽ] منو حصو – پوڻو حصو.

– **پنٿُوڻو:** ذ. صفت. پَوڻو. مُنو.

– **پنٿُوڻو پوڻ:** بيمار جو وڌيڪ ضعيف ٿيڻ – طبيعت هارجي وڃڻ.

- **پَني:** ٿ. پَنِ ول (ل). (ول) جو پَن. ٻُوٽي جي ٻج ڦٽڻ وقت ظاهر ٿيل ٻه پَن (ڪ).
- **پَني ج پَنِيُون ٿه** [سن. پَرْڻ = پن] قلعي جو ورق (جو عموماً سگريٽن جي پاڪيٽن ۾ ويڙهيل هوندو آهي). ڪنهن ڌاتوءَ مان ٺهيل چلڪندڙ پنو. سنهڙي لوهي پٽري جا چوڪنڊيارا يا گول رنگين ٽڪرا (جي دوڪانن کي سينگار ۽ پرت وغيره ۾ ڪم اچن). سامونڊي پاڻيءَ جي ٻاري سُڪڻ تي ٺهيل لوڻ جو تهُ – ڦُلي. تماڪ جي ڏانڊي. جُوار وغيره جا سَلا جي ڦٽڻ کان پوءِ پَن ڪڍي ٻيهن. ٽالپوري حڪومت ۾ ٻيج جي لحاظ سان لاٻ ۾ ڏکڻي ايراضي (تخميناً ۲۵ _ ۴۰ ايڪڙ).
- **پِني:** ٿ. هندن ۾ هڪ رسم موجب فوتي کان پوءِ ڏهن ڏينهن تائين سندس وارثن طرفان ماتم.

– **پِني پائڻ:** مري ويل جو ڪرياڪرم ڪرڻ ۽ ڏهن ڏينهن تائين ماتم ڪرڻ.

- **پِني ج پِنْيُونْ:** ٿ. [سن. پِندَ] ٽَنگ جي نَرِيءَ وارو گوشت – ٻڪي. اک جي ڇپر جو اندريون پاسو "جهڙي ڇالي تهڙي پني" (چوڻي). ڪي پسارڪيونْ شيون ملائي ٺاهيل لُپري (جا سوڄ وغيره واري هنڌ ٻڌجي). ٽارونءَ تي چاڙهيل ڇيڙي. ٻُڪي. ميندي وغيره جو تهه. ساڳ جو موڻو (ت).

– **پِني ھوڙ:** ظرف. پنيءَ يا ٻُڪيءَ تائين ايندڙ (پاڻي). ٽانگهو – ننيو (پاڻي). "پاڻي پنيءَ ھوڙ سهڻي ليکي سير ۾" (شاھ).

- **پنْيارو (ت):** ذ. ڪم آندل شيءِ جي مسواڙ.
- **پَنياري:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **پَنيتُ ج پَنيتَ:** ذ. پَنُ. مصيبت. نقصان. ڏنڊ – ڇَٽي.
- **پَنيرُ:** ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم (پنيرِ ٻوٽي جو ڦَل. ننڍي ٻير جيڏا داڻا دوائن ۾ ڪم اچن). ٻوٽي جو هڪ قسم. صاف آٿريل پاڻي. "مون جيڏيون ملير ۾ ٿيون پين پاڪ پنير" (لٽو). سُڪل ڏونرو. [ف] مائو.
- **پَنيرَ ڦوٽا:** ذ. پنير ٻوٽي جو ڦَرُ (ٻير جيڏا داڻا جيڪي دوا طور استعمال ٿين).
- **پَنيرو:** اسم خاص. فيض گنج. خيرپور ميرس ماتلي تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
- **پَنيري:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **پَنيگهَ (ت):** ٿ. [سن. پاتيَ < پا = پيئڻ] ماڳَ – ماڻَ – شَبنَم.
- **پَنيهر:** اسم خاص. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **پَنيڙو:** اسم خاص. ڏاڙهياري جبل جي هڪ شاخ جو نالو.
- **پڻُ ج پڻَ (ت):** ذ. اَنَ مَئڻ جو هڪ ماڻُ. پٽڪيءَ جو چوٿون حصو. (اڳ ئي رواج موجب اَن جو ماپو. "چوٿائي" کان عمق ۾ گهٽو ۽ اڌ پاٽيءَ جي برابر هو).
- **پِڻ پُڻ:** حرف جملو. ٻه ۽ . پر – ليڪن – مگر. اِجا – ٻيو – وڌيڪ.
- **پٽاٽ (ل):** صفت. ٿُلهو.
- **پٽانْگَ (ت):** ذ. ڏسو "پِڙانگ".
- **پٽائِڻُ:** فعل متعدي. ڦوندا ڦوندا ڪرائڻ – پٽائڻ (ڪپهه). عيب ظاهر ڪرائڻ – گهٽ وڌ چوائڻ. پلو پرُو چوائڻ – فعل ڪرڻ – بدنام ڪرائڻ (مائٽن کي) "ٻُچڙو ڪتو ڏٽي پٽائي". (چوڻي). (پٽيو – پٽائيندو – پٽايل).
- **پٽيچ (ت):** ٿ. ڏسو "پَٽڪ".
- **پِٽڪي ج پِٽڪيُون (ت):** ٿ. [سن. پَڻَ + ڪَ < پَڻَ = واپار ڪرڻ. جنهن سان ڳنهجي] اَنَ پرڻ جو هڪ ماپو (جنهن ۾ ڏيڍ سيران پوي) – پاٽي.
- **پِٽڪَ ج پِٽڪُون:** ٿ. ڪورڪي ڪم جو هڪ اوزار اُٽيل ڪپڙي جي ٻَرَ کي ڇِڪي جهلڻ لاءِ ڪمان جهڙي ڪاٺي.
- **پٽگهَٽُ (ت):** ذ. [ھ ٽِنگهٽ] کوھ تان پاڻيءَ پرڻ جو هنڌ – تڙُ.
- **پِٽَنگُ ج پِٽَنگَ:** ذ. ڏِڳر – ڏاند. پهلوان – بانڪو.
- **پِٽَنگُ ج پِٽَنگَ:** صفت. پيارو.
- **پِٽَنگ ج پِٽَنگُون (ڪ):** ٿ. ڇنبو – ڦٽنگ.
- **پٽڻُ:** مصدر. پِٽڻُ. گهٽ وڌ ڳالهائڻ. عيب کولڻ. گلارو ڪرڻ. (پٽيو – پٽندو – پٽيل).
- **پٽهارو (ٿ):** ذ. پاڻي رکڻ جي جاءِ.
- **پٽهاري، پٽهاريُونْ (ٿ):** ٿ. صفت. پاڻي پرڻ واري (عورت).
- **پٽِي ٿه** مٽي – خاڪ. دز – ڌوڙ – رٽي "پٽي جا پيرن جي

- **پوٺو:** اسم خاص. ٽنڊي باگي، ساماري، جيمس آباد، ڏگهڙي، ڪپري، جوهي ۽ وارهہ تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
- **پوٺو ج پوٺا:** ذ. صاف مٿاهون ميدان. غيرآباد زمين (جا مٿي هئڻ سبب آباد نہ ٿي سگهي). ميدان — سنئون پَٽُ.

— **پوٺو ڪرڻ:** ميدان ڪرڻ. برباد ڪرڻ.

- **پوٺو اِبراهيمُ:** اسم خاص: تعلقي قنبر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **پوٺو نارُ:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **پوٺي ج پوٺي:** ذ. صفت. [سن. پُرشْٺَ = پُٺي] بار ڍوئيندڙ (جانور) — باربردار — لاڏُو (وَهٽُ).

— **پوٺي ڪرڻ:** وَهو ڪرڻ. مَڄو ڪرڻ — مُطِيع ڪرڻ. جڙ جانورن کي وهو ڪرڻ لاءِ هيرائِڻ.

- **پوٺي ج پوٺيُون:** ٿ. ببيڙياتن جي اصطلاح ۾ ڪُوهي جي چوٽيءَ تائين ويندڙ رَسي.
- **پوٺيڙو، پوٺيو، پوٺيٺو (ٿ):** ذ. صفت. بار برداري تي هِريَل (جانور) — پوٺي.
- **پوٺِيو ج پوٺِيا:** ذ. تماڪ جو بارُ (جو عموماً پنجن مڻن تائين ٿئي).
- **پوپُ ج پوپَ:** ذ. [انگ. Pope] عيسائين جو مذهبي رهنما.
- **پُوپِ (ل):** ذ. صفت. تمام ڏگهو.
- **پُوپاٽِيلُ (ل):** صفت. ٿَگَلُ.
- **پُوپانْ:** ٿ. ڇوڪرِي يا عورت کي چرچي طور چوڻ جو لفظ. بيوقوف عورت. نخريلڻ. ڪِل پوڳ ڪندڙ عورت.
- **پوپٽُ:** اسم خاص. تعلقي ڏگهڙيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **پوپٽُ ج پوپٽَ:** ذ. جيت جو هڪ قسم (عموماً گُلن مٿان اُڏامي، سهڻن ۽ رنگين کنين سان، ڪيترن ئي قسمن جو ٿئي. بهار جي موسم ۾ پيدا ٿئي). پَرت جو هڪ قسم. ڪُنير جو ٽانوَ تي ڪڍيل هڪ قسم جو چِٽُ.

— **پوپٽ بيهارڻ، ٺاهڻ، ڇڏڻ، رکڻ:** ڏاڙهيءَ کي صافي ڏيئي، باقي ڪن جي پرسان ڪجهہ وارَ هڪ ڪَنپَ جي نموني ڇڏڻ.

— **پوپٽِي ج پوپٽِيُون (ل):** ٿ. اُڏامندڙ جيت جو هڪ قسم.

— **پوپٽي پڙهائڻ:** چالاڪِي يا لِچائِيءَ سان شڪست ڏيڻ. حڪمت عملي سان مغلوب ڪرڻ. تڪليفون ڏيڻ. عاجز ڪرڻ. جُنيون ڪرڻ.

— **پوپٽي هڻڻ:** ناچ ڪرڻ وقت چپن مان هڪ خاص قسم جو آواز ڪڍڻ.

- **پوپٽِيُون (ڪ):** ٿ. پرت جو هڪ قسم.
- **پوپِرو ج پوپِرا:** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم (سفيد چِلُرن سان. ست پَرَٽينس، وات ننڍڙو قد اڌ فوٽ ڪن).
- **پوپِري:** ٿ. ڪٽڪ جو هڪ قسم هڪ لوڪ گيت.
- **پوپِري ج پوپِريُونْ:** ٿ. سهڻي عورت. سهڻي ڇوڪري. گُڏي. پُتلِي. (جنهن سان ٻارَ وغيره تماشو ڪندا آهن). آڳڙين يا اٽي مان ٺهيل بوتو (جو ڏوهہ ڪرڻ لاءِ ٺاهيو ويندو آهي. جنهن ماڻهوءَ کي ڪامڻ جي زور تي مارڻو هوندو پوپا اُن جو بوتو ٺاهي ان کي ڪوڪو وغيره هڻي انهيءَ ماڻهوءَ جي گهر ۾ پوري ڇڏيندا آهن). مڇيءَ جو هڪ قسم (رنگ اڇو ۽ چِلڪِڻي. سَنَهَن چِلرَن سان. مُنهَن سَنهون. پيٽ ويڪرو ڊيگهہ ۾ اڌ فوٽ کان فوٽ تائين ۽ تور ۾ اٽڪل پاءُ ٿئي).
- **پوپو ج پوپا:** ذ. ڪاغذ جي ويڙهيل وَٽِ. پورو ڪانو. ڪاني يا بيد جي مٿين ڪَلَ. ڪاني جو ڳَپَ. ڪاني جو ٽڪرو. جوئر جي ڪانيءَ جي چليل ڳَري. مڇي مارڻ جي ڏور ۾ ٻڌل ڪانو. ويڙهيلْ ڪاغذ جو ذرو يا سنهون ڪانيءَ جو ٽڪر (جو نڪ يا ڪن جي ٽوپيَل سوراخ ۾ وجهي ڇڏجي، جيئن سوراخ پُورجي نہ وڃي). ويڙهيل سيڙهيل ڪاغذ (باهہ ۾ ٻارڻ لاءِ). نِم جا رَڌل پَن (جي ڪنهن عضوِي جي مُڙي پوڻ يا سوڄ تي ٻڌڻ ۾ ڪم اچن). پَگِل پَنگَ (آلي پنگ اڳڙيءَ ۾ ويڙهي باهہ ۾ پُرِڙي ڇڏبي آهي. پَچڻ بعد نشو تمام گهٽو ڪري).

— **پوپو ڪرڻ:** پنگ يا نم کي آليءَ اڳڙيءَ ۾ ويڙهي ڪيرِ ۾ پچائڻ.

- **پُو پُوريْ ج پُوپوريُونْ:** ٿ. توتاري — شرناءِ. سَنگَ نڪرڻ جي جاءِ.
- **پُوج :** صفت. [هہ] عزت وارو — مانوارو. بزرگ.
- **پُوجُ:** ذ. گهوڙي جي ٻوٽ جي ڇوڏاري ٻڌل پٽو (جو گهوڙي کي اعتدال ۾ هلائڻ جو ڪم ڏئي) — ٻوٽارو.
- **پُوجا:** ٿ. [هہ] ڏسو "پوڄا".

— **پوجا پاٽ :** ٿ. پاٽ پُوجا.

- **پُوجِڻُ:** مصدر. [پرا. پُجَّڻ. سن. پُوجَنَ < پُوجْ = بندگي ڪرڻ] پُوجِڻ — بندگي ڪرڻ.
- **پُوڄُ:** [سن. پُنْج] گهٽو — ججهو — جام — مُڙُو — بي انداز. "پِيَنِ پُوڄُ پنهوارِيُون، ڪتا مَڪڻ ڪير" (اشرف).
- **پُوڄَڻُ، پُوڄِڻُ:** مصدر. [پرا پُجَّڻَ: سن. پُوڄَنُ < پُوج =

بندگي ڪرڻ] پوڄا ڪرڻ – بندگي ڪرڻ – پرستش ڪرڻ. مڃڻ – عقيدت رکڻ. دل سان چاهڻ. عزت ڏيڻ. پيار ڪرڻ. (پوڄيو – پوڄيندو – پوڄيل).

– **پُوڄ:** صفت. پوڄا جي لائق. عزت وارو – مانوارو. عام طور پيءُ ڏاڏي يا بزرگ جي نالي سان عزت طور ڪم ايندڙ لفظ. بندگي. عزت. پيار – محبت.

– **پُوڄا پاٺ:** ذ. ڌرمي ڪِريا ڪَرَم. بندگي.

– **پُوڄا ڏيڻ:** سزا ڏيڻ – سيڪت ڏيڻ.

– **پُوڄارو ج پُوڄارا:** ذ. صفت. پوڄا ڪندڙ – پوڄيندڙ. پرستش ڪندڙ.

– **پُوڄاري ج پُوڄاري:** ذ. صفت. پوڄا ڪندڙ – پوڄارو. پيروي ڪندڙ. چاهيندڙ. معتقد.

• **پوڇو (ل):** ذ. اٽَ جي پير ۾ نڪتل ڳوڙهو. (صف) ڏنگو – ڪوتو.

• **پوڇاڙي ج پوڇاڙيون:** ث. وڃين جو وقت – پوياڙي – نماشام – سانجهي. ”پوڇاڙيءَ پٽن تي جونگارين چڙا“ (شاهه).

• **پوءِ:** ظرف. بعد ۾. آخر ۾ ـ پڇاڙي جو. اڳي پوءِ ـ آخرڪار – آئنده لاءِ.

– **پوءِ پرينهَ:** ظرف. اڳي پوءِ ـ نيٺ – آخرڪار.

– **پوءِ جو پهرُ:** ذ. پڇاڙيءَ جو وقت – پيرِي. عمر جو آخري وقت.

• **پوڇَ:** ث. [سن. پَشْچاتَ = پويان] پونيَر – وياءُ ـ اولاد – پيڙهي – نسل.

• **پُوڇَ:** ث. موتين وغيره جي پوئڻ جي حالت. مڇيءَ جا تمام سنهڙا ڪَندا.

• **پوڇُ:** ذ. صفت. خسيس – نيچ. هلڪڙو – ڪميڻو. حقير. اجايو.

• **پوڇارڻُ (ڪ):** مصدر. سنڀال ڪرڻ – خبر لهڻ. پالنا ڪرڻ. دلاسو ڏيڻ. ٻوڙڻ (ماس ۾) ڳپائي ڪڍڻ (چاقون وغيره). (پوڇاريو – پوڇاريندو – پوڇاريل).

• **پوڇارُ:** ث. سنڀال. دلاسو. خبرداري.

– **پوڇارو ج پوڇارا:** ذ. دلاسو – تسلي ”وينو ڏي ڏکين کي پنهون جام پوڇارا“ (شاهه).

• **پُوڇـرُ (ٿ):** ذ. صفت. چٽُ – ٻُوزانُ.

• **پوڄڻُ:** فعل مجهول پوئجڻُ (موتي وغيره) (پوڄيو – پوڄبو – پوڄيل).

• **پوچو ج پوچا:** ذ. [سن. پُسْتَر = پلستر لڳائڻ. صاف ڪرڻ] ليپو – راڳو – پوچو. سفيدي – پوچي – چونو. ليپي ڏيڻ لاءِ ڪپڙي جو موئو. انگوچو. ننڍڙي گوڏ.

– **پوچو ڏيڻ:** ليپو ڏيڻ – هلڪو راڳو ڏيڻ. لي مٽي ڪري ڇڏڻ. سچين ڳالهين کي لڪائڻ.

• **پُوچو ج پُوچا:** ذ. صفت. [ف. پُوچ] ڏنگو – ڦڏو. ڪوجهو. ”ڏکڻ مٽي ڏول جا پُوچا ڏئم پير“ (شاهه). خراب. نرم، آهستي – اڻلڪو (ٿ).

• **پوچي ج پوچيون:** ث. چُن جو راڳو – سفيديءَ جو پلستر – سيڙهيءَ جو هٿ. پيشُ يا سُجاتي جي مُوڙي (جنهن سان پوچي ڏجي).

– **پوچي ڦيرڻ:** صفا ڪرڻ – چلڪائڻ. نقش ميٽڻ – اکر ڍاهڻ. ڪئي ڪمائي ڪٽ ڪرڻ. نهيل ڪم ڦٽائڻ.

• **پُوچارُ:** ذ. گاهه جو هڪ قسم.

• **پوڇاندو ج پوڇاندا (ل):** ذ. پُڇَ – پُڇڙي. چادر يا رَئي جو پنيان پيرن تائين لڙڪندڙ پلاند. پٽَ جي پنئين پاڳي جو اهو ڇيڙو جنهن تي سجَ اڀرڻ سان اُسَ جو تڙڪو پوي (ٿ).

• **پوڇرو:** ذ. گاهه جو هڪ قسم.

• **پوڇـڙُ ج پوڇـڙَ:** ذ. [سن. پُڇْڇ = پُڇ] پُڇَڙُ – پڇ وارو حصو. پڇاڙيءَ وارو حصو. ڪنهن بہ شيءِ جو پڇاڙيءَ وارو حصو. ڪانياٺيءَ جي رسي وغيره جو ڇيڙو. ڪمند جو مٿيون حصوَ. رَڇَ جو هڪ حصو. درياءَ جو تانگهي پاٺيءَ وارو پاسو.

• **پوڇڙو ج پوڇڙا (ٿ):** ذ. رَسي جو پُوڇَـڙُ. ڇيڙو.

• **پوڇڙِي ج پوڇڙِيُون (ل):** ث. پڇاڙي وارو حصو. پُڇڙِي مڇيءَ جي پڇ وارو حصو. واهه يا ڪَڙئي جي پڇاڙيءَ وارو حصو. ننڍو پڇ. نانگ بلا جو پڇ وارو پاڱو.

• **پُوڇَنْڊُ (ل):** ذ. پوڇـڙُ – ڇيڙو پُڇڙِي.

• **پُوڇڻُ:** مصدر. [پرا پُڇْڇئِي؛ سن پْرِڇْڇت] اُگهڻ – صفا ڪرڻ. پڇڻ – سوال ڪرڻ.

• **پُوڇو ج پُوڇا (ڪ):** ذ. تڏو – پَڙڇُ. ٽونرِي.

• **پُودِيْنَہ:** ذ. [ف] مصالحي طور ڪم ايندڙ خوشبودار ٻوٽي جو هڪ قسم. ڦودنو.

• **پوڏو ج پوڏا:** ذ. صفت. تندرست – سگهو. ٿلهو – متارو. هي لفظ هميشه ”پڪو“ جي تابع ٿي ڪم اچي ”پڪو پوڏو“.

• **پوڏائي پوڏايو ج پوڏاوا، پوڏايا:** ذ. صفت. پوءِ ڏاول. نئين مان ملڪيت وارو ٿيل. تند مزاج. آجائي وڏائيءَ وارو. هلڪي طبيعت وارو. ”پوڏائي کان قرض نہ ڪڄجي، توڙي لُٽائي لَکَ“. (چوڻي).

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

• **پوڄڻ (ث):** مصدر. آرام ڪرڻ. ليٽڻ – سمهڻ.

• **پور(ٿ):** ذ. ڪچا ۽ ننڍا گدرا وغيره.

• **پور (ٿ):** ظرف. گذريل سال – پَر.

– **پوروڪو:** ظرف – پَروڪو – گذريل سال وارو.

• **پُور ع پوڙ:** ذ. [سن. پول] خالُ. پولاڻ. وڏو سوراخ (ڪاٺ وغيره ۾). ڄـر جو ٿپو – ڇاپو. ڪاٺ تي اڪريل ڇٽ (جن سان ڪپڙي تي ڇٽ ڪيجن). آڳر جي ٽن حصن مان هڪ حصو. گـُڏَهَ يا گهوڙي جو ڪـرُ (ٿ).

• **پور گـَر:** صفت. [ف. پور + گـَر] پور ناهيندڙ. ڪپڙن تي ڇاپو هڻندڙ. ڇرڻ ۽ ڇٽڻ جا ٺپا ناهڻ وارو.

• **پُور:** صفت. "پُورو" جو مُخفف. پورو. هڪ جيترو – هڪ جيڏو. برابر. عموماً مرڪب لفظن جي اڳيان يا پويان ڪم اچي "پور وچوٽي". پرپور وغيره.

– **پُور پاسڪُ:** صفت. هڪ جيڏن پاسن وارو – برابر پاسن وارو (ـتڪندو، چوڪُندو يا گهڻ ڪُندو).

– **پُور وِچوٽ:** صفت. پوري وچوٽيءَ تي هڪ جيتري مفاصلي تي (ليڪون. جن جي ٻانهُن ڪي ڪيترو به وڌائجي تہ ٻاڻ ۾ نہ گڏجن. هميشه ساڳئي مفاصلي تي رهن).

• **پُوڙ:** ذ. [ف] پُوران ـ پُٽ – فرزند.

• **پُور ، پُورُ:** ث. [سن. پُر = شهر] ڳوٺ. ڪن ڳوٺن ۽ شهرن جي نالن سان گڏ ڪم ايندڙ لفظ. شهدادپور. خيرپور. ميرپور". ڏسو "پُر".

• **پُوڙ:** صفت. [ف. پُر] پريل – تار – ٿُپ – لبالب. ڏسو "پُر"

– **پُورارو:** ذ. صفت. پنهنجي خيال وارو. جوجڪائي. پُورالو.

– **پُورالو ع پُورالا:** ذ. صفت. پُورن وارو – ريچڪائي – جوجڪائي – مؤجي. سودائي. گهُوجائي. وهمي. غير مستقل مزاج.

– **پُورالي:** ث. پُورن واري. پنهنجي رُخَ واري. سنڌونديءَ جو هڪ صفاتي نالو (جيڪا هر وقت جدا جدا طرفن ڏي پنهنجو وهڪرو بدلائيندي رهي ٿي).(اسم خاص). لس ٻيلي ۾ هڪ نديءَ جو نالو.

– **پُورائتو:** ذ. صفت. ڏسو "پورالو".

– **پُورَ پرائڻ:** ڳتيون پرائڻ. ويچارن ۾ پوڻ. سورَ پرائڻ. "برايائين پُورَ اڳئين ڪان جي اڳرو" (شاهه).

– **پُورَ پوڻ:** خيال پوڻ – ويچار اچڻ. وهم پوڻ. جوجڪيون اچڻ. اڏما اٿڻ. ٻن مِينهُن جي سِڱن جو ٻاڻ ۾ اٽڪي پوڻ. دشمني ٿيڻ. جهيڙو ٿيڻ. ضد پوڻ.

– **پُورَ ڄمائڻ:** ڌيان لڳائڻ – خيال ڪرڻ. خيال پڪو ڪرڻ.

– **پُورَ ڪُنڍي ع پُورَ ڪُنڍيُون:** ث. سُهڻن ۾ گول وَريلَ سِڱن واري مينهن.

– **پُور وجهڻ:** جهيڙو ڪرڻ. ضد وجهڻ. اجايو ستائڻ.

– **پُوري ع پُوري:** ذ. صفت. پُورالو – پُورن وارو – پنهنجن خيالن وارو.

• **پوراٽ:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پوراڇو:** اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پورارو پورارڙو (ل):** ذ. آبي پکيءَ جو هڪ قسم (ڇهنب ڏکـي اڏائي انچ ڪن. سنهي ڪمان وانگر وريل. درياهه جي ڪَپَ تي ويهي ڪاڏو حاصل ڪري. وڻ تي ڪونہ ويهي).

• **پوراٽ ع پورافُون:** ث. ٽن سالن جي اُٺ. جَوان ڏاچي. وَڏي اُٺ. تمام وڏي عمر جي عورت.

• **پوراڻ:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پورائڻُ (ڪ):** فعل متعدي. ٻيڙيءَ کي اڳتي هلائڻ – هاڪارڻ. مصدر. "پورڻ" مان فعل متعدي بالواسطه. دفن ڪرائڻ. لَتائڻ. (پورايو – پورائيندو – پورايل). بند ڪرائڻ (در وغيره).

• **پورائُو:** ڪوٽ يا ڪمي جي پورت – پورائي. تڪميل. سرانجامي.

– **پورائو ڪرڻ:** پورت ڪرڻ – ڪوٽ پرڻ. سرانجامي ڪرڻ.

• **پورائي:** ث. پُورَت – پورائو. ڪفايت (خرچ ۾). سالميت. تڪميل.

– **پورائي سُورائي:** ث. ڇڪي تاڻي ڪوٽ جي پورائي. آمدني ۽ خرچ مَس مَس پورو ڪرڻ. پورت سورت. ڪفايت شعاري.

• **پُورَبُ:** ذ. [سن. پُورْو] اوڀر – اڀرندو – مَشرِق. اُڀرندي وارو ملڪ. اوڀر جو واءُ. ڀارت ۾ ڪانپور کان بهار تائين علائقو. (صفت) اصلي – قديم. پهريون اَوائلي.

• **پُوربي ع پُوربي:** ذ. صفت. اڀرندي وارو – مَشرقي. اڀرندي جو رهاڪو. پورب جو رهاڪو. اصلي – آدي – قديم. (اسم خاص) فقيرن جو هڪ گروه.

– **پُوربي ڏوريو:** ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم – سنهون ڏوريو. ململ.

– **پُوربيو ع پوربيا:** ذ. صفت. پورب جو رهاڪو. پوربي.

• **پُورَبُ، پُوربي:** ث. "سريراڳ" جي هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

• **پوربي:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **پُورَتَ ج پورَتُونْ:** ث. [سن. پُورتِ] پُورائي – تڪميل. ڪوٽ پرڻ جي حالت. اهڙي حالت جنهن ۾ زندگيءَ جون ضرورتون پوريون ٿي سگهن – ڪفايت.

– **پُورَت سُورَتِ:** ث. چڪي تائي ڪوٽ پوري ڪرڻ جي حالت – پُورائي سورائي.

– **پُورت ڪرڻ:** پورائي ڪرڻ – ڪوٽ پرڻ. سرانجامي ڪرڻ. ڪفايت شعاري ڪرڻ.

• **پُورَسَ (ٿ):** ث. خوشي. بانْوَرُ. حرص.

• **پورس:** اسم خاص. پنجاب جو هڪ مشهور راجا (جنهن سڪندر يوناني سان جنگ ڪئي هئي).

• **پُورَنِ، پُورڻَ:** صفت. [سن. پُورْڻ] پورو – ثابت – سارو – سڄو – ڪامل. پهتل پرش – وياپڪ. هندن جي هڪ ديوتا جو نالو.

– **پُورَنْتا، پُورَڻتا:** ث. سڄائي – مڪمل يا ثابت هئڻ جي حالت – سالميت.

– **پُورَنماسِي، پُورَنماشِي، پورَڻماسِي:** ث. چنڊ جي مڪمل هئڻ جي حالت. چنڊ جي چوڏهين رات.

• **پُورن ڀڳتُ:** اسم خاص. هندن جو هڪ مشهور فقير (جنهن تي سندس ماتيجي ماءُ بهُتان مڙهي جلاوطن ڪرايو هو).

• **پُورَپِتَ:** ث. پورڻ ۽ پٽجڻ جي حالت. چِنيَ (اکين جي). اکين تمڪائڻ جي حالت.

– **پُورَ پُورانْ:** ث. دَٻالَتَ – دَٻي دٻي پُورڻ يا بند ڪرڻ.

– **پُورَجڻُ:** مصدر. ”پورڻ“ مان فعل مجهول. بند ٿيڻ. بندجڻ. دفن ٿيڻ. قيد ٿيڻ. زمين يا ڪنهن ٻيءَ جاءِ ۾ بند ٿيڻ (پوريو – پوريو – پوريل).

• **پُورِٽو ج پُورِٽا:** ذ. ڪَنگير – لوهو ڏوٽلو. واريءَ منجهان ٺهيل تختي تي ليڪن ڪيڻ لاءِ ڇِهنبدار ڪاٺي. اکرن لکڻ جو هڪ نمونو.

• **پورو ج پورا:** ذ. صفت. [سن. پُليَہ] اهو جسم جنهن جي اندرئين حصي ۾ خال هجي. پولو – خالي – ڪوڪو – ڍانڊو. ”ٺهرو“ جو ضد. (ث) پوري ج پوريُونْ.

• **پوراڻِ، پورائِي:** ث. پولائي – پوري هئڻ جي حالت. خالُ – پورُ.

– **پورو هڏو:** صفت. ضعيف – اپرو.

• **پُورا مَهِينا:** محاورو. حَمل جو نائُون ۽ ڏهون مهينو – وِيَمَ جو وقت ويجهو هئڻ جي حالت.

– **پُورَنِ ڏينهن جو:** محاورو. نهايت چالاڪ – وڏو حرفتي. لُچ – بدمعاش.

– **پورو ٿيڻ:** مڪمّل ٿيڻ – سڄو ٿِي راس ٿيڻ. ختم ٿيڻ – بس ٿيڻ. چٽ ٿيڻ – ناس ٿيڻ. مري وڃڻ. پُڄڻ (خاتمي تي) پِڄي اچڻ – ڪُپ ٿيڻ – ٺهڪڻ – ٺيڪ ٿيڻ. ڪافي ٿيڻ. ڪَمِي پوري ٿيڻ.

– **پُورو پانو (ٿ):** ذ. مُدي تي چاوِل قَـرُ – مقرر وقت تي چاوَلُ.

– **پُورو پَتو ج پورا پَتا:** ذ. صفت. وچولو – مُعتَدِل – مناسب – واجبي. گهُرج جيترو. (ث) پُوري پَتِي ج پوُريون پتيون.

– **پُورو پَتو ڪمربند:** ذ. دنيا جو پوري پتي آبهوا وارو طبعي پاڱو. دنيا جي پنجن طبعي حصن مان هڪ حصو. ٻه ڪمربند آهن. ١. اُتر پورو پتو ڪمربند، ٢. ڏکڻ پورو پتو ڪمر بند – منْطَقَہُ مُعْتَدِلَہ.

– **پُورودَمُ:** ذ. تحرير ۾ جملي جي خاتمي تي آيل. بيهڪ جي نشاني – Full stop.

– **پُورو سارو:** ذ. صفت. پُورو سُورو. (ث) پوري ساري.

– **پُورو سُورو ج پُورا سُورا:** ذ. صفت. مَس پورت جيترو. مُشڪل سان پورو ٿيندڙ – چڪي تائي پورو ٿيندڙ.

– **پُورو ڪرڻ:** راس ڪرڻ – ختم ڪرڻ – مُڪمّل ڪرڻ. ٺهڪائڻ. برابر ڪرڻ. ماري ڇڏڻ.

– **پُورِنْ مهيني:** ظرف. حمل جي آخرين مهيني ۾. ويم ڪي ويجهي.

– **پُورِيونْ ڪرڻ:** سڀ طرح ڪوششون ڪرڻ. سڀ حيلا هلائڻ. تمام گهڻي ڪوشش ڪرڻ. دنگ ڪرڻ (چالاڪين ۾). تڪليف پهچائڻ ۾ ڪا ڪَسَر نہ ڇڏڻ.

• **پورهِيَتُ ج پورهِيَتَ:** ذ. صفت. پورهيو ڪندڙ – ڪاسبي. پيٽ گذر لاءِ محنت مزوري ڪندڙ. ڪمي – مزور. (ث) پورهيتِ ج پورهيَتُون.

– **پورهِيَتي:** ذ. صفت. پورهيو ڪندڙ – محنتي – جفاڪش. مزدور.

• **پورهِيو ج پورهِيا:** ذ. پيشو – ڪَمُ – ڪَسَبُ. محنت – مزدوري. ڪشالو – جَتَنُ.

– **پورهيو ڪارهيو:** ذ. ڌنڌو ڌاڙي – ڪم ڪار – محنت مزوري.

• **پُوري ج پُورِيُونْ:** ث. گيهه يا تيل ۾ تريل ميدي جو ننڍڙو ڦلڪو (جيڪي دال، ڀاڄي، سيري وغيره سان کائجي). مِڃيءَ جو هڪ قسم.

• **پُوريا:** ث. [ه] هندول راڳ جي هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

• ٻوڙُ ج ٻوڙَ (ت): ذ. مينهن کي پيرن ۾ ٻڌڻ جو رَسو (’پَکڙ‘ جي واڳِي يا پڇاڙي) جانورن ڦاسائڻ جي ڪَنڌ. سُنبُ (ٿ).
• ٻوڙائي ج ٻوڙائيُون (ت): ث. ڏسو ”ڦوڙائي“.
• ٻوڙڻُ (ت): مصدر. ٽُنبڻ. ”تيزا گهمائي نينهن جا، اچي پاڻ پرين پوڙيا“ (عبدالله فقير ڪاتيار).
• ٻوڙهو ج ٻوڙها: ذ. صفت. پرا. پوڏ؛ سن. پُروڏ > پَر = گهٽو + اَڏَ = ڪنيل] وڏي عمر وارو – ڪُراڙو – ٻُڍو – پيرسن – عمر رسيده. جهُور. جهونو. (ث) پوڙهي ج پوڙهيُون.
• ٻوڙهائي: ث. ٻُڍاپڻ – پِيري – ڪُراڙپ. هِيڻائي – ڪمزوري.
• ٻوڙي ج ٻوڙيُون: ث. [سن. پاد = پير] ڏاڪڻ تي پير رکي چڙهڻ لاءِ لڳل ڪاٺيءَ يا تختو ڏاڪو – زينو. ٻيڙيءَ تان لهي ڪناري تي پهچڻ لاءِ تختو. مصرع جي هڪ ٽُڪَ. مينهن جي پير ۾ ٻڌڻ لاءِ ٻِٽِي رسِي – پينجهوڙي (ل). گهوڙي کي ٻڌڻ لاءِ چم جِي ڪڙي واري رسِي (ٿ).
• ٻُوزُ ج ٻُوزَ: ذ. [ف] واتُ. مُنهُنْ (خاص طرح گهوڙي جو) دُمچي – پوزي. مَستي. ٽِٽُ (ڪ).
– ٻُوزُ بند ڪرڻ: وات بند ڪرڻ. سوڙهو گهُٽڻُ. وايون بطال ڪرڻ. ٽِٽُ منجهائڻ. سيکت ڏيڻ. بڪواس بند ڪرائي ڇڏڻ.
– ٻُوزُ چاڙهڻ: سيکت ڏيڻ. تنگ ڪرڻ. سخت تنبيهہ ڪرڻ. وڏي تهمت ٻَڌي ويهڻ.
– ٻُوزُ ڏيڻ: تنگ ڪرڻ – سوڙهو گهٽڻ. سيکت ڏيڻ. هلاڪ ڪرڻ. هيڪُوڙِ جي ٻِيڻ ٻَڌَڻ. ٻَڌ ٻَڌي ويهڻ.
– ٻُوزمالُ: ذ. نَعلُ هڻڻ وقت گهوڙي جي مُنهَن کي ٻَڌڻ جي رسي.
• ٻوزاني: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو (نئَن بارڻ ڪان اُتر طرف).
• ٻُوزَتَ (ت): ث. آڪڙ – وڏائي. مستي. ٻتاڪ.
• ٻُوزِر (ل ڪ): ث. ٻوڙ. وڏائي. مستي.
– ٻُوزِر ڪرڻ: وڏائي ڪرڻ. مستي ڪرڻ.
• ٻُوزِڻُ (ڪ): مصدر. ڪاوڙجڻ. وار ڪاندارجڻ. سيسراٽيون نڪرڻ.
• ٻُوزِڪِي ج ٻُوزِڪيُون (ڪ): ث. دلاسو. ڏٽو. ڪوڙو دلاسو.
– ٻُوزِڪِيون ڏيڻ: ڏَٽا ڏيڻ _ ڪوڙا دلاسا ڏيڻ.
• ٻُوزو ج ٻُوزا (ڪ): ذ. اُٺ کي پير ۾ ٿيندڙ هڪ مرض (بيماريءَ سبب اٺ جو تلهو ٿيل اڳيون پير).
• ٻُوزِي ج ٻوزِيُونْ: ث. دُمچي. ٽُونٽي – لَتَ. وڏائي. ڪجيءَ ۽ جوئر جو سُنڊِو.
– ٻُوزِي هڻڻ: لت هڻڻ – ٽَونٽي هڻڻ.

– ٻُوزِيُون چلڻ: لتون هڻڻ. ٽينگ ٽپا ڏيڻ.
• پوزِيشَنَ: ث. [انگ] حيثيت. بيهڪ. درجو. حالت.
• پوسا: ث. ڪٽڪ جو هڪ قسم.
• پوسْتَ: ث. [ف] کَلَ – چَمڙي. پُسْتَ جي ڏوڏِي.
– پوسْتِي ج پوسْتي: صفت. ڏوڏي پيئندڙ. نشئي.
• پوسْتِينَ ج پوسِتينون: ث. [ف] وارن واري کل مان ٺهيل ڪوٽُ. (جنهن کي وارن وارو پاسو اندر ٿئي).
• پوسْتَ ج پوسٽون: ث. [انگ. Post] ٽپال – ڊاڪ – خط پٽ. جڳهہ – عهدو – چونڪي.
– پوسْتَ آفيس: ث. ٽپال آفيس – ٽپال گهر – ڊاڪجانو.
– پوسٽ ماسٽر: ذ. پوسٽ آفيس جو وڏو عملدار.
– پوسٽ مَيْنُ: ذ. ٽپالي.
• پوسْٽَر ج پوسْٽَرَ: ذ. [انگ. Poster] وڏو اشتهار (جيڪو عام طرح پٽين تي لڳايو وڃي).
• پوسَرْڪو: اسم خاص. تعلقي مِٺيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
– پوسَرِ: ث. ساڙُ – ٻَچُ – جَلُ – ڪامَ. حسد – خارش (زخم يا ڦٽ ۾)
– پوسِراتُ: ذ. حسد – ساڙ. بغض.
– پوسِرائِڻُ: مصدر. ”پوسرڻ“ مان متعدي بالواسطه. ساڙ ڏيارڻ – جلائڻ. ڪاوڙائڻ – اندر ساڙڻ. (پوسرايو – پوسرائيندو – پوسرايل).
– پوسِرَڻُ: مصدر. ”پوسِرَڻُ“ مان فعل مجهول. سڙڻ – پچڻ. حسد ڪرڻ. (پوسريو – پوسريو – پوسريل).
– پوسِلو: ذ. پوسلِ. گپ جهڙي زمين.
– پوسِلي: ذ. پوسل واري زمين تي رهڻ ڪري ٿيل بُخار.
• پوسَڻُ: مصدر. [سن. پوشَڻ] پرورش ڪرڻ. نِپائڻ – تاتڻ. هي لفظ هميشہ ”پالڻ“ جو تابع ٿي ڪم اچي ”پالڻ پوسڻ“
• پوسو: ذ. پاڻيءَ جو زيان – هارَ وِيَر. پيهو. گاهہ لاءِ پاڻي ڇڏيل زمين. فصل کي زياده پاڻي ڏيڻ جي حالت.
• پوشِ: ندا. [ف. بہ + هوش = خبرداريءَ سان] خبردار! – هوشيار! – پَري، چتاءَ جو آواز (تہ ”پري ٿيو“).
– پوش پوش: ندا. پاسي پاسي! پري پري! پري ٿيو! هٽي وڃو!
• پوشُ ج پوشَ: ذ. [ف]. ڍَڪُ – غِلافُ. حِجاب – پردو – نقاب. لباس. پَرت پريل ڪپڙو (جو غلاف طور ڪم اچي). ڪتاب مٿان ڏنل ڍَڪُ (ڪپڙي يا ڪاغذ جو). (صفت)

ڍڪيندڙ. "پرده پوش، پاپوش وغيره".

– **پوشِي:** ث. ڍڪڻ جي حالت. مرڪب لفظن جي آخر ۾ ڪم ايندڙ لفظ "پرده پوشي، چشم پوشي وغيره".

– **پوشِيَلُ:** صفت. پوش چڙهيل – ڍڪيل.

• **پوشاڪَ ج پوشاڪُون:** ث. [ف] وڳو – لباس – ڪپڙا (پائڻ جا).

– **پوشاڪِي ج پوشاڪِي:** ذ. صفت. پوشاڪ وارو، سٺا ڪپڙا پائيندڙ – ڪپڙي لٽي اُجڪُ – خوش پوشاڪ وارو.

• **پوشِيدو ج پوشيدا:** صفت. [ف. پوشيده] ڍڪيل. لِڪل – مخفِي. صاف. سٺو – نِرمل – اُجرو. زيبدار – عمدو – سهڻو – ٺاهوڪو. نازڪ – نفيس. ڏاهو – سياڻو. دانا.

– **پوشيدائي:** ث. صَفائي. سُٺائي. اڄائي. اجرائي. نرملائي. نزاڪت. نفاست (عادتن توڙي ڪپڙي لٽي ۾).

• **پوڪ ج پوڪُون (ٿ):** ث. واڙ (ٻڪرين جي).

• **پوڪَ پوڪُون:** ث. آبادي – زراعت – راهه – فصل. فصل بينل زمين – ٻني.

– **پوڪائي:** ث. پوکڻ جو اُجورو.

– **پوڪائِڻُ:** مصدر. "پوکڻ" مان متعدي بالواسطه. آباد ڪرائڻ (زمين) – پوڪ ڪرائڻ.

– **پوڪ پوکڻ:** نيڪيءَ جو ڪم ڪرڻ. ڪنهن سان چڱو قدم کڻڻ. ڪنهن سان اثر رسوخ پيدا ڪرڻ. نيڪ يا بدعمل ڪرڻ.

– **پوکَجڻُ:** مصدر. "پوکڻ" مان فعل مجهول. آباد ٿيڻ.

– **پوڪَ ڪرڻ:** آبادي ڪرڻ – فصل پوکڻ – ٻني ڪرڻ.

– **پوڪَ لڻڻَ:** نتيجو پوڳڻ "جيڪا پوڪ ڪو پوکيندو اهائي لڻندو".

– **پوکِئي:** ث. پوکڻ جو نمونو.

• **پوڳرالُ (ٿ):** ذ. گاهه جو هڪ قسم.

• **پولَ ج پولَ:** ذ. [سن. پُلْ] پورُ – خال – خَلا – سوراخ – تُنگ – ٻِر کَهَلُ. راز – ڳجهه. عيب – وِڏَ. [سن. پُشچات = پوءِ] پڇاڙي – آخر. ڪنهن بہ شيءِ جو پويون حصو. ڏَڙَ جو پويون حصو – ڏُونگري – پولُه. بيل گاڏيءَ جي وچين ڪاٺي. گهوڙي گاڏيءَ جي اڳ وارين ٻن ڪاٺين مان هڪ ڪاٺي. [انگ – Pole] ٿنيو.

– **پولَ پڌرا ڪرڻ:** راز ظاهر ڪرڻ. ڳُجهه پڌرا ڪرڻ. عيب کولڻ. ٻئي جا ڪُڌا ڪَمَ ظاهر ڪرڻ.

– **پولَ سيڙهِي (ٿ):** ث. نرم ٿڻن واري ٻڪري (جا ٿوري زور تي ڏهي سگهجي).

• **پولادُ:** ذ. [ف] فولاد – رڪ.

• **پولارُ ج پولارَ:** ذ. [سن. پُلْ] پورُ – خال – پولُ. پنجن عناصرن مان هڪ عنصر (هوا، باهه، پاڻي، مٽي، پولار). زمين ۽ آسمان جو درمياني فاصلو.

• **پولِري (ٿ):** ث. پيرن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه.

• **پولِڙو، پولِٽو ج پولِڙا، پولِٽا (ل):** ذ. ليڏوٽو (اُن جو). اُٺ ۽ گڏهه جي فضلي جو هڪ گهولڙو.

• **پولِڙِي، پولِٽِي ج پولِڙيون، پولِٽيون (ل):** ث. ڦولِڙِي، ٻڪريءَ، رڍ وغيره جي فضلي جي هڪ ڳوڙهي.

– **پولِڙيون، پولِٽيون کَڻائڻ (ڪ):** بي عزتيءَ جهڙو ڪم وٺڻ. تڪليف ڏيڻ. هيسائڻ – دٻاءُ رکڻ.

• **پولو:** ذ. جنڊ جي صفائيءَ جو ڪپڙو – ٽاٽو. ٽورو – گونهه. [انگ] راند جو هڪ قسم. (جيڪا گهوڙن تي چڙهي ڪندا آهن).

• **پولو ج پولا:** ذ. صفت. پورو – سڪٺو – ٿلهو. نرم – ڪُنئرو.

• **پولهه ج پولهه (ل):** ذ. پنيون پچ وارو حصو. ڏسو "پولُ".

– **پولهُ اوڳَرَ:** ث. تيڪَ جو مرض – اَسي ڦلي – پُرڪَ.

• **پولِيُ ج پوليُونْ (ت):** ث. تيلَو (ڪٽڪ جو).

• **پُولِيسَ ج پُولِيسُونْ:** ث. [انگ. Police] ڏوهن بند ڪرڻ ۽ امن قائم رکڻ جو کاتو – شهر راکا – سپاهي. شهر جي حفاظت وارو شهري (Civil) عملو.

– **پُوليسَ ٿاڻو:** ذ. پوليس جي رهڻ جو هنڌ. ٿاڻو – گهاٽ – چونڪي.

• **پَوَنِ:** ث. [سن. پَوَنْ] هوا – واءُ. هيرَ.

• **پُوناري ج پُوناريُونْ (ڪ):** ث. اوچو ڪاڏو. سَٺَ رَچِي.

• **پُونْبِرِي:** اسم خاص. تعلقي ميرپورساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پُونْبِرِي:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پُونْبِلو ج پُونْبِلا (ڪ):** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم (بنا ڇلرن، گَوشت نرم، قد ۴ کان ٦ انچ. بہ قسم: هڪ اڇو ۽ ٻيو ڪارو).

• **پونْٽُ ج پونْٽَ (ت):** ذ. ڪوڙُ – ٻَناڪَ.

– **پُونْٽو ج پونْٽا:** ذ. صفت. ڪوڙو – ٻَناڪِي.

– **پونْٽ هڻڻ:** ڪوڙَ هڻڻ – ٻَناڪون هڻڻ.

• **پُونْڄَ ج پُونْڄون (ٿ):** ث. پُڇڙي – پُڇ. ڇيلهه (جانور جي).

• **پُونْجارَ ج پُونْجارُون:** ث. پُڇڙي – ٻوٽي. "ڪيرن جا بہ خمار، پيهن جي پونجار تي". (سچل).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُهڻ لاءِ بيهاريو وڃي. (جهڙوڪ رڍ. ڇيلو. ٻڪري وغيره).

— **ڀهرو پائڻ، وجهڻ:** ٻڪري، ڇيلو وغيره. ڪُهڻ (گوشت جي وڪري لاءِ).

— **ڀهرون ج ڀهرون:** ذ. ڀَهرو.

• **ڀهرونو ج ڀهرونا (ل):** ڀهريون جاول ٻار — ڀهرات.

— **ڀهرون (ث):** ذ. تر جي هڪڙي پاسي جيترو اُٺيل ڪپڙو.

• **ڀهرون وراڻڻ:** اُٺيل ڪپڙو تر تي ويڙهڻ.

• **ڀهريات، ڀهريائت:** ث. ڀهرئين ويمر واري.

• **ڀهريائين، ڀهريائين:** ظرف. ڀهرين.

• **ڀهريلي:** ذ. ڀهريون جاول ٻار — ڀهريون جاول ڦَر.

• **ڀهرين، ڀهرين:** ظرف. [سن. پُرتَمُ] ڀهريائين — شروع ۾ ـ مُنڍ ۾.

— **ڀهرينديءَ:** ظرف. اوّل —شروع ۾. ايندي — هڪدم.

— **ڀهرينديءَ شرط:** ظرف. ايندي شرط — اچڻ سان ئي. اوّل اوّل — ڀهريائين ڀهريائين — سڀ کان اول.

• **ڀهريون ج ڀهريان:** صفت. ظرف [سن. پُرتَمُ] اوائلي — مُنڍوارو. شروع وارو — اڳيون — ابتدائي. قطار ۾ مُنڍ وارو.

— **ڀهريون ڀهر:** ذ. صبح جو وقت — صبح جو ڀهريون وقت.

— **ڀهريون ڏس:** ذ. اڌ رات جو ڪُڪڙن جو ڀهريون ٻانگون. اڌ رات — وڏو اَسر. شادي وغيره جي موقعي تي ڏهل شرنايون وڄائڻ جي ڀهرئين محفل.

• **ڀهرائڻ (ت):** مصدر. ڪير ڏيندڙ چوپائي کي مرڻ کان تاهڻ.

• **ڀهرجڻ:** فعل مجهول. چوپائيءَ جو نہ مرڻ — ڪير ڏيڻ کان نٽائڻ.

• **ڀهرڻ (ت):** مصدر. ڪير ڏيندڙ جانور جو نہ مرڻ.

• **ڀهس، ڀهس:** ظرف. [سن. پُرسَهيَ] تڪڙو — تيز — جلد. زور سان "اي ڪامل ڪم نہ سندوءِ، جيئن ڀهس ڀڄاڙئين پوتئين" (شاهہ). هڪدم — اوچتو. "تنهين جاءِ جوان. هڪ ڀهس اچي پيدا ٿيو". (مولا بخش سومرو).

• **ڀهڪ ج ڀهڪ:** ذ. پاند. پلو — دامن. پڳ جو هڪڙو وڪڙ.

— **ڀهل پيارڻ:** سڪ ٻنائڻ. ڇيلو ٻنائڻ.

• **ڀهلاڙ، ڀهلر (ت):** ظرف. ڀهرئين.

• **ڀهلو:** صفت. پالهو — نلهو — سُڃو — خالي.

— **ڀهلو ٿيڻ:** پالهو ٿيڻ — خالي ٿيڻ. "اهو دؤر درس. پڙهہ. تہ پهلو نہ ٿئين" (خان زئي).

• **پهلو ج پهلا:** ظرف. ڀهريون.

— **پهلوتهي:** ث. پاسو — پرهيز. ڪناره ڪشي. نٽاءُ.

— **پهلوتهي ڪرڻ:** پاسو ڪرڻ — پرهيز ڪرڻ. جدائي اختيار ڪرڻ. واسطو نہ رکڻ.

• **پهلوان، پهلوان ج پهلوانَ:** ذ. صفت. [ف. پهلوان] بهادر — دلير — سورهيہ — وير — سُورمو — ڏاڍو مڙس — سگهارو. ملهہ وڙهندڙ. ڪشتي وڙهندڙ. ڪشتي يا ملهہ جي فن جو ماهر.

— **پهلواني:** ث. بهادري — دليري — سورهيائي — شجاعت. ورزش. طاقت — سگهہ. ڏاڍ مڙسي.

— **پهلواني ڏيکارڻ:** سورهيائي ڏيکارڻ — دليري ڏيکارڻ. بهادري جو ڪو نمايان ڪم ڪرڻ.

• **پهلانو:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **پهلومل:** اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ڀهمڪ ج ڀهمڪون:** ث. هڪ قسم جي پريل ريشمي يا ڪلابتن جي پٽي (جا ڪپڙن کي سونهن لاءِ هڻبي آهي).

• **ڀهمونڊو (ل):** ذ. ٻَٽِي ڪرڻ کان اڳ هاريءَ جو گڏيل حصي مان ڪنيل سارين جو حصو.

• **ڀهڻ ج ڀهڻ (ڪ):** ث. رڍ. ٻڪري "جيڪو پسو ڪير ڀَهڻ ۾ تہ موڪل مون پارا" (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي).

• **ڀهنائي:** ث. [ف] ويڪر ـ چوڙائي — ڪشادگي.

• **ڀهنجي ج ڀهنجيون:** ث. ڳِڪَهہ جو هڪ قسم — پونجي.

• **ڀهڻ:** مصدر. پرچڻ — راضي ٿيڻ — ريجهڻ.

• **ڀهنوار ج ڀهنوار:** ذ. صفت. [پرا. ڀهو. سن. پشو = رڍ. ٻڪري + آر] رڍون ٻڪريون چاريندڙ — ٻڪرار يا ريڍار.

• **ڀهنور:** ذ. ڏسو "پنهنوار". (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

• **ڀهڻ:** مصدر. [سن. پشيَہ] خيال ڪرڻ — ڀهہ ٻڌائڻ. ارادو ڪرڻ. قصد ڪرڻ. صلاح ڪرڻ. "تڏهن ويهي سات وارن ٻاڻ ۾ ڀهيو ٻريائا" (مخدوم غلام محمد بگائي). فيصلو ڪرڻ. ٺهڻ — سرجڻ — نبرڻ. (ڀهيو — ڀهندو — ڀهيل).

• **ڀهڻ ج ڀهڻ:** ذ. [سن. پاشاڻ] پٿر — پاهڻ. "هي گسي هي گس، هي ڀهڻ هي پيچرو" (شاهہ).

— **ڀهڻ تي ليڪو:** محاورو. پڪي پختي ڳالهہ (جيڪا سولائيءَ سان ميٽجي يا بدلجي نہ سگهي).

— **ڀهٽي ج ڀهٽيون:** ث. ننڍو ڀهڻ. پٿري — ڪڪري. ڀهڻ جو ٽڪر (جنهن تي چڪ ڦري).

— **ڀهٽيار:** ذ. صفت. ڀهٽن وارو — پٿرائون — ڪڪرالو.

- **ٻي ج ٻي:** ذ. صفت. مڙس — ڪانڌ. پيارو.
- **ٻي ج ٻي:** ذ. [سن. پَتِ = مڙس] مڙس. دوست — محبوب — پريتم.
- **ٻيا ج ٻيا:** صفت. [سن. پْرِيَہ = پيارو] پيارو. سڄڻ — دوست. محبوب. مڙس — ڪانڌ — ورُ.
- **پيَاڃ (ت):** ث. تلاش — ڳولا.
- **پيَادِ:** صفت. [پيادو ج پيادا ج پيادِ] پيرن تي پنڌ ڪرڻ وارو — پيادو (لشڪر) "سُوارَ" جو ضِدّ.)
- **پيَادَلُ:** ذ. صفت. [ف. پايہ = پير + "آده" نسبت جي نشاني. سن. پادات] پيادو — پيرين پنڌ. پيدل.
- **پيادو ج پيادا:** ذ. صفت. [ف. پياده] پنڌ هلندڙ — پيادل. سپاهي. پانڌي — قاصد. شطرنج راند جي هڪ ساري.
- **پيَادَہ:** صفت. [ف] پيادو.
- **پياده پا:** صفت. پيرين پنڌ — پيدل.
- **پيارُ ج پيارَ:** ذ. [سن. پْرِيَہ + آلَ = پيار، محبت] محبت — پريت — پريم — قُرب. چاهه. سِڪَ. سنگت — سُبَنڌُ. مهرباني. ٻاجهه. لاڏ — ڪوڏ.

— **پيارَپُ:** ذ. پيارُ — چاهه. راضپو — حُبُ.

— **پيارُ ڪرڻ:** قرب ڏيڻ — محبت ڪرڻ. چُمي ڏيڻ — ڳَراٽِي پائڻ.

— **پيارو ج پيارا:** ذ. صفت. مُحب — پرينُ — پريتم. لاڏلو — سڪيلڌو. دِلِ گهُريو — وڻندڙ. دوست — سنگتي. (ث) پِياري ج پياريُون.

— **پيارا ڪُهائڻ:** دين جي ڪم ۾ عزيزَ ٻچا قربان ڪرڻ.

— **پيارو لڳڻ:** وَڻڻ — پسند اچڻ.

— **پيارو ڪرڻ:** پسند ڪرڻ. چاهڻ — پائڻ. وڻندڙ هئڻ. ڪنهن شيءِ کان جدا ٿيڻ نہ چاهڻ.

- **پيارڻ:** مصدر. ڏيڻ (پاڻي، ساهواري، پوک، ٻوٽي وغيره کي). اُڃ لاهڻ (ٻئي جي). پاڻي چاڙهڻ (ڪنهن هٿيار تي "پياري پاڻي، تيغون ڪندا تکيون". (شاهه) ادا ڪرڻ (رقم). ڇِڪائڻ (ٻِيڙي، چِلَم وغيره).
- **پِيازُ ج پِيازَ:** ذ. [ف] بَصَرُ.

— **پيازِي ج پيازي:** ذ. صفت. بصرن جو — بصرن وارو. بصر جي رنگ جهڙو — ڳوڙهو گلابي — قِرمچي.

- **پِياسَ:** ث. [پرا. پِئاسا. سن. پِپاسا. پا = پيئڻ] اُڃَ — اُساٽ — تَهہَ. طلب — خواهش — تمنا — شوق. پريت. اُڪير — اُڪَنڊ. سِڪ.

— **پِياسَ لڳڻ:** اُڃ لڳڻ — تِهہ لڳڻ. سِڪ لڳڻ. گهُرج محسوس ٿيڻ. (ٻيڙيءَ جي) ٻاڙَ لڳڻ.

— **پياسو ج پياسا:** ذ. صفت. اُڃايل — اُساٽيل — اُڃو. طالب. عاشق — سِڪايل.

— **پياسِي ج پياسِي:** ذ. صفت. پياسو — اُڃايل. چاهيندڙ. پريت وارو.

- **پياسڻُ:** مصدر. [پرا. پِيْ آسا، پِواسَا. سن. پياسا = اُڃ جي خواهش] اُڃائجڻ — اُڃَ لڳڻ (پياسيو — پياسيل).
- **پياسِجَڻُ:** فعل مجهول. اُڃائجڻ. پياس لڳڻ. (پياسيو — پياسبو — پياسل).
- **پياشو:** ذ. گاهه جو هڪ قسم (ڏندڻ ۾ ٿئي ۽ مڇي ڪائيس).
- **پياڪُ، پياڪُو ج پياڪَ، پياڪُو:** ذ. صفت. پيڻ وارو — پيئندڙ. پيئڻ جو عادي. "عاشق زهر پياڪَ، وِهہَ ڏسي وِهسَن گهڻو (شاهه). ڇڪيندڙ (ٻيڙي وغيره). هيراڪُ (نشي جو) — ٻانڌاڻي.
- **پيالُ:** ذ. [سن. پَاتَالْ] پاتال ـ ترو. پاڙَ.
- **پيالو:** اسم خاص. تعلقي گمبٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **پِيالو ج پيالا:** ذ. [ف. پِيالَہ] ٿانءَ جو هڪ قسم. ترَاڪڙو وٽو — ڪَٽورو. جَمن ڪيرلسي وغيره لاءِ شيشي چيني وغيره مان ٺهيل وِڪري مُنهن وارو خاص قسم جو هڪ ٿانءُ.

— **پيالا:** (هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ) اصطلاحاً فقيرن وٽ فقيرن جي دعوت. پيئڻ کائڻ جي دعوت.

— **پيالا چاڙهڻ:** تمام گهڻي ڀنگ يا گهڻو شراب واپرائڻ. ڏاڍا نشا ڪرڻ. گهڻو پيئڻ.

— **پيالو پيئڻُ:** شراب پيئڻ — مريد ٿيڻ. فقيرن ۽ رندن جي صحبت ۾ رهڻ. (درويشن بزرگن جي وفات وقت چئبو آهي). وفات ڪرڻ — فوت ٿيڻ.

— **پيالو کڻڻ:** پِنَڻ. پِنَڻ جو ڪم اختيار ڪرڻ.

— **پيالي ڀائي:** ذ. گڏ پيئندڙ. دوست — سنگتي — صُحبتي. گڏ کائڻ پيئڻ وارو. همراز — همدم.

— **پيالي جو ڀرجڻ:** عمر جي خاتمي تي اچڻ. حياتيءَ جا ڏينهن پورا ٿيڻ.

— **پيالِي ج پياليُون:** ث. ننڍو پيالو. وَٽِي — جَمِني.

- **پيامُ ج پيامَ:** ذ. [ف] نياپو — سَنيهو — پيغام. مائٽِي ڪرڻ جون ڳالهيون. مائٽي جي گهُر.

— **پيامبَرُ ج پيامبَرَ:** ذ. صفت. نياپو کڻي ايندڙ. قاصد —

ايلچي. نبي – پيغمبر.

– **پيامي ج پيامي:** ذ. صفت. نياپو آڻيندڙ يا ڪٺي ويندڙ – پيامبر.

• **پيانو ج پيانا:** ذ. [انگ. Piano باجو] ساز جو هڪ قسم – هارمونيم جي قسم جو هڪ انگريزي ساز.

• **پيائو:** ذ. پاڻي واري منزل. مال کي پاڻي پيارڻ واري منزل.

• **پيائين (ت):** ث. صفت. اها پوک جنهن کي پچڻ تائين پاڻي ڏيندو رهجي. درياه جي پاڻي واري پوک.

• **پِيْتَ:** ث. [سن. پْرِيْت] پريت – پيار – محبت _ سچي محبّت – دلي پيار. دوستي.

• **پِيْتَمُ:** ذ. صفت. پيارو – محبوب – دوست. سجڻ. پريتم.

• **پيٽَ پاپڙ:** ذ. ٻج جو هڪ قسم.

• **پِيْتَلُ:** ذ. صفت. نشو واپرايل (ماڻهو) – ڇور (نشي ۾) – مخمور.

• **پِيْتلي ج پيتلي:** ذ. صفت. پِتَلَ: جو – پِتَلَ مان ٺهيل.

• **پيتَمبَرَ:** ذ. [سن. پِيْتَامْبَرَ = شري ڪرشن جي پوشاڪ] ڪرشن ۽ وشنو اوتارن جو هڪ نالو. (صفت) پيلا ڪپڙا پهريل – زردپوش.

• **پيتو ج پيتا (ل):** ذ. ڪرڪٽو – ڪوڏُ.

• **پيتي ج پيتيون:** ث. [سن. پيٽ + اِڪا = پيتي] صندوق. بيل گاڏيءَ جي ٽانڻي هيٺان لڳل ڪاٺي (جنهن ۾ ڏوري پوي). لَحد – سامي (قبر جي). بدن – ديهي. سُٽ جي پنجن سيرن جو بنڊل.

• **پيٽُ ج پيٽَ:** ذ. [سن. پيٽ. پِٽ = ڳڏ ڪرڻ] بدن جو هڪ پاڱو (جنهن ۾ آنڊا اوجهري وغيره ٿين) – شڪم – معدو – گَرْڀُ – حَمل. وياءُ – ڄَمُ – ڀائي – نَسلُ – اولاد. درياءَ يا واهه جو تَرو. وچڪر. اندر – منجهه. ڳجهه – راز. توب جو اهو حصو جتي گولو رکيو وڃي.

– **پيٽُ اچڻ:** ڪاڪوس اچڻ.

– **پيٽارڻي:** ذ. صفت. ڳهڻ کائو – پيٽيرُ.

– **پيٽارو ج پيٽارا:** ذ. صفت. پيٽ وارو – وڏي پيٽ وارو. (ذ) پيٽ وارو حصو. ٻِلي' جو پيٽ.

– **پيٽُ ٻَڌڻ:** بکيو رهڻ. بُکَ جي هيٺائي سببان پيٽ کي پٽو ٻَڌڻ.

– **پيٽَ پرائي:** ث. ڍئو جي حالت. آسودگي. بي پرواهي. ٿُونڊ – آڪڙ. وڏائي.

– **پيٽُ پُرجڻ:** ڍئجڻ – ڍؤ ٿيڻ. گهڻي ملڪيت ڳڏ ٿيڻ. سڀ ضرورتون پوريون ٿيڻ. آڪڙجڻ. مغرور ٿيڻ.

– **پيٽُ پرجي وڃڻ:** غرور ۾ اچي وڃڻ.

– **پيٽُ پَرڻُ:** ڍئو ڪرڻ. دل جا مطلب سڀ پورا ڪرڻ. پنهنجي ضرورت پوري ڪرڻ.

– **پيٽُ تَپڻ:** گرم شين کائڻ سبب پيٽ ۾ باهه ٿيڻ.

– **پيٽ تي بيهارڻ:** ڪنهن نوڪر وغيره کي رڳو ٽن ويلن کاڌي يا وَرْءُ تي مقرر ڪرڻ.

– **پيٽ تي پٿر (ڪاٺ) ٻڌڻ:** لنگهڻ ڪاٽڻ – بکون ڪاٽڻ.

– **پيٽ تي مهانگو هئڻ:** ڪنهن بہ ڪم جو نہ هئڻ (مزور، ماڻهو وغيره) رڳو ماني‌ءَ جي اُجرت تي بہ نوڪري جي لائق نہ هجڻ.

– **پيٽُ ٿيڻ:** پيٽ ۾ بار سرجڻ – حمل ٿيڻ.

– **پيٽُ ٺَرڻ:** فرحت اچڻ – اندر ٺرڻ. خوشي ٿيڻ. تورو اچڻ سبب پيٽ جي باهه لهي وڃڻ.

– **پيٽُ پالڻُ:** گذران ڪرڻ – روزي ڪمائڻ. گذر سفر ڪرڻ. پيٽ لاءِ کاڌ خوراڪ مهيا ڪرڻ.

– **پيٽ پائڻ:** ٿُلهو ٿيڻ – پيٽ وڌي وڃڻ.

– **پيٽ پُٺيءَ سان لڳڻ:** نهايت ڏٻرو ٿيڻ – اُپرو ٿيڻ. بُکن سبب ڪمزور ٿيڻ.

– **پيٽ پرُو ج پيٽ پرُوَ:** ذ. صفت. رڳو پنهنجو پيٽ پاليندڙ – پيٽرُ. لالچي – هَبچي. اهو ماڻهو جو فقط پنهنجو پيٽ پالي ۽ ٻارن ٻچن جي سار نہ لهي.

– **پيٽُ پوڻ:** عادت پوڻ. سِيبائڻ – پاڻ‌ءِ پوڻ – طبيعت تي ٺهي وڃڻ. پيٽ تي پئجي وڃڻ.

– **پيٽَ جو سُورُ:** ذ. اصطلاح. لالچ – حرص – طمع. حَسد – ساڙُ.

– **پيٽَ جو سُورُ هُئڻُ:** اصطلاح لالچ هئڻ – حرص ۽ طمع جو غالب هئڻ.

– **پيٽَ جو سُورُ مارڻ:** خواهش پوري ڪرڻ – تمنا پوري ڪرڻ. طمع پوري ڪرڻ.

– **پيٽَ جو سُورُ لاهڻ:** (رشوت ڏيئي) گهُرَ پوري ڪرڻ.

– **پيٽَ جو هلڪو ٿيڻ:** دل جو هَلڪڙو ٿيڻ – راز جي ڳالهه جهٽ پٽ کولي ظاهر ڪرڻ.

– **پيٽَ جي ڳالهه:** ث. راز جي ڳالهه – ڀيدُ. دل جي ڳالهه.

– **پيٽَ جي مارُ ڏيڻ:** روزگار بند ڪرڻ. روزيءَ تي لَت ڏيڻ.

– **پيٽَ چَٽيو ج پيٽَ چَٽيا:** ذ. صفت. چَٽو ڪندڙ – چَٽرُ. جيڪي ڪمائي سو کائي ڇڏيندڙ. ڇگي چوڪي کائڻ جو هيراڪ. هَبچي – پيٽوڙي.

– **پيٽ ڏوئي ويهڻ:** کاڌي کائڻ لاءِ تيار ٿي وِيهڻُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **پيتارو پيتاڙو:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙي جي هڪ ديهه ۽ ريلوي اسٽيشن جو نالو — پيٿهڙو.

• **پيٿَهڙو:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙي ۾ هڪ ديهه ۽ ريلوي اسٽيشن جو نالو.

• **پيتائُو ج پيتائُو:** ذ. صفت. پٽيندڙ. بدخواه. ناظرو.

• **پيٽ ڦـَاٽـَا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پيٽ:** ث. مصدر. "پيٽڻ" مان امر. پيٽَ — پلٽَ.

— **پيٽائڻُ:** مصدر. "پيٽڻ" مان فعل متعدي. اُٿلائڻ. اوتڻ — هارڻ.

— **پيٽجَڻُ:** مصدر. "پيٽڻ" مان فعل مجهول. اوتجڻ. هارجڻ. پلٽجڻ. (ٻريل ٿانءُ).

• **پيٽو:** ذ. [سن. پيٽڪَ]. ڪپڙي جي ٻَرَ يا ويڪر وارا ڏاڳا (تاڃيءَ جو ضد). ڪانياٺيءَ جي پَٻُ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ وٽيل ڏور. حساب ڪتاب جي بندي يا ڪاتو. بنديءَ ۾ اهو خانو جنهن ۾ رقمن جو وِچورُ سندن ملهه سميت لکيل هجي.

• **پيٽ ڦٽڙو:** ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم (هڪ ٻوٽي جو ٻج ٿئي).

• **پيٽِي ج پيٽِيُون:** ث. [سن. پِيٽَ + اِڪا] پيٽي — صندوق. چولِيءَ جو دامَنُ (جو پيٽ جي مٿان پوي). سَماٽڪو چولو (جنهن جو صرف اڳيون حصو ڍڪي بيهي). ڪَنجِري ۾ اُرهه کان هيٺ جو ڪپڙو. چمڙي جو پَٽو جو ڪنهن وهٽ (گَڏهه. گهوڙي. اُٺ وغيره) جي پيٽ کان وَرائي ٻڌجي. اُٺ جي پالاڻ جو هڪ ساز "جامان جوڙا جتن جا آهن پيٽيون پٽ پلاڻ" (جيوڻ جت). پوريءَ کي چيلهه ۾ ٻڌڻ جو ڏورو. رَڇ جي هڪ ٿُلهي نوڙِي جا گهائيءَ ۽ چَنْيَڙُ کي پاڻ ۾ ملائي. چڪمدوزي يا ڀرت ۾ ڪپڙي جي وچ تي ڀريل گل.

— **پيٽِي چاڙهڻ:** چار جي چَنْيَڙ ۽ گهائيءَ کي پاڻ ۾ ملائڻ. پوريءَ کي چيلهه ۾ ڏور وجهڻ.

— **پيٽِي ڪوٽُ:** ذ. چولي، گهاگهري وغيره اندر پائڻ جي چولِي.

• **پيٺِ (ل):** ث. [سن. پِيٺَ]. جاءِ ـ هنڌ — مرڪز. سهارو — آڌار.

• **پيٺِ:** ث. بها — اگهه — نرخ. بازار جو اگهه. مال جي آمد. مال جي آمد ۽ روانگي. قرض. اوڌر. (ڪارخاني تي، هن ۾ ڏراوت به اچي وڃي ٿي). ملاوت (ڌاتن جي). گهاٽائي (ڪپڙي جي اُڻاوت جي).

• **پيٺِ تي پادر ڪائڻ:** چگيءَ طرح موچڙا ڪائڻ. دِل تي پادر ڪائڻ — چگي مارکَٽ ٿيڻ.

• **پيٺُ:** ذ. مُورُ — اصل رقم — موڙِي.

• **پيٺَلُ:** صفت. اَٽو ڪيل (انّ) ڏارو ڪيل (دال وغيره).

• **پيلو:** ذ. گِدري جهڙو هڪ ڦَلُ جو هڪ قسم (جو ٻاجيءَ ناهڻ جي ڪم اچي) — سوُرڻ.

• **پيلِي:** ث. ڪنوار کي وناهُ ۾ مالش ڪرڻ لاءِ چٽن جو اَٽو — اُبٽڻ.

• **پيپُ ج پيپ:** ذ. [پورچوگال Pipe] لوهه يا ڪاٺ مان ٺهيل وڏو گول دٻو (تيل. شراب. وغيره رکڻ لاءِ) — ڊرم — پيپو.

— **پيپَٽ چاڙهڻ:** زور رکڻ — دَٻاءُ وجهڻ. دڙڪا داٻ ڏيڻ.

• **پيپَرُ ج پيپَرَ:** ذ. [انگ. Paper] ڪاغذ — پنو. امتحاني سوالن جو ڪاغذ — پرچو.

• **پيپِنِي ج پيپِنِيُون:** ث. چولو. چولي يا اَنْگيءَ جو هڪ قسم "ٻڙا ۽ پيپنيُون. تاروا رنگ رَچَنِ" (پريو وساڻ).

• **پيجُ ج پيجَ:** ذ. [انگ. Page] صفحو ورق جو هڪ پاسو.

• **پيچَ:** ث. نالو — نانءُ. ساراهه. عزت — آبرو.

• **پيجارَ (ٿ):** [ف. بيزار] بيزار — جُتي.

• **پيچَ:** ث. [سن. پيڇَ = پيڻڻ جهڙو] پيڇِي — رَٻ. تمام پٽڙو پَٽُ. پڇَ.

• **پيچُ:** ذ. پاڻي پيارڻ جو ڪم (ٻنيءَ وغيره کي) — ريجُ — آڏ جي هڪ پاسي واريون ٻاريُون (ت).

— **پيچاتوُ، پيچاٽتُو:** ذ. صفت. پاڻي آيل — ريج آيل.

— **پيچو:** ذ. زمين کي پاڻي پيارڻ جو ڪم — ريجُ — آبپاشي. ٿورڙو پاڻي. جيڪو پوک جا صرف سَلا پُسائِي.

• **پيچاهو:** اسم خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پيچِي:** ث. [سن. پِڇْڇِ] چانورِنَ جي پڇَ. چانورن جي رَٻَ. پٽرو پَٽُ (جو پَيڻ يا ڪَلف طور ڪم اچي) — ڪانجي. آشَ. ڪنهن به انَّ جي پٽڙي رَٻَ (جا بيمار ماڻهن يا تازي ويايل مينهِنْ. ڳئون. ٻڪري وغيره کي پيارجي).

• **پيچارو ج پيچارا:** ذ. [سن. پنِج = ڪپهه صاف ڪرڻ + آرو] ڪپهه پڃَڻ وارو. پڃارو.

• **پيْجرا (لس):** ذ. ٻجا — ننڍا هيڙها.

— **پيچُ اَٽڪائِڻُ:** وراڪو وجهڻ. مائٽي ڳنڍڻ. نينهن جو ناتو رکڻ. تعلق رکڻ. لغڙ جو پاڻ ۾ مقابلو ڪرائڻ.

— **پيچ بازُ ج پيچ بازَ:** ذ. صفت. وَرِيلُ — ڏنگو. ڳالهين ۾ پيچ ۽ وَڪَڙَ وجهڻ وارو. ٺڳ — حرفتي — اٽڪلي. اجايا ور وڪڙ.

— **پيچ بازِي:** ث. اجا يا ورڪڙ (ڳالهين يا حساب ۾). ٺڳي — چالاڪي — حرفت بازي — فريب.

– **پيچ پٽڻ:** اٽڪل ڪرڻ – ٺڳي ڪرڻ.

– **پيچ ُ تابُ:** ذ. وٽ ُ سٽ. لوچ پوچ. بيقراري. ساڙ – غصو.

– **پيچ ُ پائڻ:** نينهن لائڻ – عشق ڪرڻ.

– **پيچ ُ پٽي:** ث. سونارن جو هڪ اوزار.

– **پيچ ُ پوڻ:** وَڪِڙ ُ اچڻ. ڳنڍ اچڻ (عشق جي). ڦاسڻ (عشق ۾). مروڙ پوڻ – وٽ ُ پوڻ (پيٽ ۾).

– **پيچدارُ ج پيچدارَ:** صفت. وروڪڙو وارو – پيچن وارو. سمجهه نہ اچڻ جهڙو.

– **پيچرُ ج پيچرَ:** ذ. صفت. اِنڪرُونڪڙ – وراڪيل. پيچ ڏيندڙ – پيچباز.

– **پيچڪشُ:** ذ. پيچدار ڪوڪن کي کولڻ يا پچائڻ جو اوزار.

– **پيچ ُ لڙائڻ:** ڳانڍاپو ڳنڍڻ. عشق لائڻ – نينهن لائڻ. لغڙ ويڙهائڻ.

– **پيچ ۾ آڻڻ:** ڦاسائڻ – وڪڙ ۾ آڻڻ. داءُ يا وَجهه ۾ قابو ڪرڻ.

– **پيچ و تابُ:** ذ. وَٽ سٽ. وِڙ وڪڙ. غم غصو. بي آرامي. بيزاري.

– **پيچ وخم:** ذ. وِرُ وَڪڙُ – ڏنگ ُ ونگ ُ. پيچيدگي.

– **پيچي ج پيچي:** ذ. صفت. وريل – ڏنگو – ڦيري وارو. وٽ ڏنل (پٽڪو). ذ. ريشمي ڪپڙي جو پٽڪو.

– **پيچي اڪرَ:** ذ. وَرُوڪڙَ وارا اکر – ڏنگا ڦڏا اکر – پيچدار اکرن واري تحرير.

– **پيچ ڪرڻ:** ٻنيءَ کي پاڻي ڏيڻ. ريج ُ ڏيڻ.

• **پيچ ُ ج پيچ:** ذ. صفت. مرجوٽ. بخيل. ڪنجوس.

– **پيچڙ ج پيچڙ:** ذ. صفت. پيچ ُ – ڪنجوس.

• **پيچائڻ:** مصدر. پيارڻ (ٻنيءَ کي). ادا ڪرڻ (رقم). لاهڻ (قرض). ڏيئي ڇڏڻ (رقم). پورو ڪرڻ. ختم ڪرڻ. چيپائڻ – چپڻ ُ. بلور (چڏي) کي ڪِلِ (ڪَڏ) ڏانهن اُڇلائڻ. (پيچائيو – پيچائيندو – پيچايل).

– **پيچائي ڇڏڻ:** نپوڙي ڇڏڻ – پيڙي ڇڏڻ. سوگهو ڪري زور ڏيڻ – پچائي ڇڏڻ.

• **پيچرُ ج پيچرَ:** ذ. [انگ. Picture] تصوير – ڪاغذ تي نڪتل رنگين شڪل (جا پاڻيءَ ۾ پسائي ڪاغذ تي هٽجي تہ تصوير ڪاغذ تي لڳي ويندي آهي).

• **پيچرو ج پيچرا:** ذ. ماڻهن ۽ جانورن جي هلڻ سبب پيرن جي نشانن سان ٺهيل سنهي واٽ. پير. واٽ – دڳ ُ – گس ُ – چارو – رَند.

• **پيچري لائڻ:** ذ. دڳ لائڻ – رستي لائڻ – گس لائڻ – واٽ ٻڌائڻ. هدايت ڪرڻ.

• **پيچش:** ث. [ف] پيٽ جي هڪ بيماري جنهن ۾ آندن ۾ وَٽ پون ۽ پائخاني ۾ پور نڪري – سُوري.

• **پيچڪُ:** ذ. ديسي شراب جو هڪ قسم (جو سادو ٿئي ۽ کي غريب نشئي پيئن).

• **پيچو ج پيچا (ث):** ذ. هي لفظ ٻار سنگت چنڻ وقت استعمال ڪن – اُوني – ڪٽي.

• **پيچُوها:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي واره ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پيچُوهو ج پيچُوهو:** ذ. ڪيچُوئو – سانپو.

• **پيچي ج پيچي:** ذ. سُوالي – فقير "ڳهوٽ چڙهيو گهوڙي، پيچن لاٿيا پيچرا" (شاهه).

• **پيچيدو پيچيدَه:** صفت. [ف. پيچيده] وڪڙ وارو – ويڙهيل. منجهيل. سمجهه ۾ نہ ايندڙ. مشڪل – ڏکيو.

• **پيچارو ج پيچارا (ڪ):** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم (صنا اچي، گول ۽ ويڪري، قد ۱ – ۴ انچ).

• **پيچاري ج پيچاريُون:** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم (بنا ڇلرن، پٺي هيڊي، پيٽ اڇو. گول. قد ۱ – ۴ انچ).

• **پيچو ج پيچا:** ذ. [سن. پشچات = پوءِ] پويون پاڳو – پٺ. قميص جو پٺيون پاسو – پٺي. پٺ – تعاقب. ڳولا – تلاش.

– **پيچو ڪرڻ:** پٺ وٺڻ – ڪڍ لڳڻ – پٺيان پوڻ. ڳولا ڪرڻ.

– **پيچو نہ ڇڏڻ:** پٺ نہ ڇڏڻ. جند نہ ڇڏڻ – پچر نہ ڇڏڻ.

• **پيچي (ڪ):** ث. ٻيڙيءَ ۾ پَرِماڻ جي پچڙيءَ وارو ڪاٺ جو ٽڪر.

• **پيڊ:** صفت. [ف] جايَل – جميل – پيدا ٿيل – لڌل. (ث) لَپ – پيدائش – ڄم ُ "پنهون تنهنجي پيڊ جون ٿو ستيون سٽائي". (صديق).

– **ناپيڊ:** ظرف. ڳجهه – مخفي – پوشيده. اڻ لڀ. "ناپيد ڳالهيون نينهن جون، تنهن مان ڇا ڄاڻن عامَ ميان".

• **پيڊ ج پيڊ:** ذ. ڏسو "پيڊَ".

• **پيدا:** صفت. [ف] خَلقيل – اُپايل. جميل – ڄايل. ظاهر. موجود.

– **پيدا ٿيڻ:** ڄمڻ – اُپجڻ – خلقجڻ. ظاهر ٿيڻ.

– **پيدا ڪرڻ:** اُپائڻ خلقڻ. جوڙڻ – بنائڻ – ناهڻ. حاصل ڪرڻ – ڪمائڻ "نہ هجڻ منجهان هجڻ" واري حالت ۾ آڻڻ "نيست" منجهان "هست" ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **پيدا گيرُ:** ذ. صفت. پيدا ڪندڙ – هٿڙي باز. پاٽـو ساٽـو – پٽ سٽ ڪندڙ. ڳنڍ ڀڇوڙ. ناجائز طريقي سان پئسا ڪمائيندڙ.

– **پيداوار:** ث. پيدائش. آمدني – اُپت. ڪمائي. حاصلات. پوک – فصل. فائدو – نتيجو – ثمرُ.

– **پيدائش، پيدايش ج پيدائِشُون:** ث. [ف] خلقت. حاصلات. آمدني. اُپت. ڪمائي. فائدو.

– **پيدائِشي، پيدايِشي:** صفت. جمڻ کان. ذاتي – بنيادي – اصلي. فطرتي، قدرتي.

• **پيدَلِ:** صفت. پيادو – پنڌ وڃڻ وارو. ڏسو "پيادل".

• **پِيڊِ:** ث. ابا ڏاڏا – جَدُ امجَدُ.

• **پيڊ ج پِيڊُون:** ث. ميڙ – ميڙاڪو. گوڙ – پيهه – پيڙ _ انبوهه.

• **پيڊلِي ج پيڊِليُونْ (ٿ):** ث. پِنْجرو – باوانْجرو (ل).

• **پيڊي ج پيڊِيُون:** ث. [سن. پيٺَ = جاءِ] ڪاٺ جي ننڍڙي صندوق جنهن ۾ لکڻ جو سامان رکجي (ان جو اڳيون تختو سَلاميءَ تي ٺئي جنهن تي ڪاغذ. بندي وغيره رکي لکجي، خاص طرح واپاري استعمال ڪن).

• **پيرُ ج پيرَ:** ذ. [سن. پَـڌْ = پير. ف. پاي. پرا. پا = پير]. پَگَ _ پَڳُ – پر – قدم. پير جو نشان – پيرو. ڦيٿو (بيل گاڏي جو). ميز ڪرسي وغيره جي ٽنگ. شادي غميءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جو تعلق يا رستو.

– **پير آهوڙَڻُ:** پير ڳولڻ – وڃايل پيرو ڳولڻ. (چور جو) پيرو کڻڻ.

– **پيرا پيٽ:** ث. پيرن جي سُڃاڻپ. شڪي ماڻهن جي ڏوهيءَ جي پير جي نشان سان ڀيٽ. پيرن جا نشان ڏسي سچي چور جي سڃاڻڻ جو طريقو.

– **پيراتو ج پيراتا:** صفت. ڏسو "پيرائتو" (ث) پيراتي ج پيراتيون.

– **پيرادُ ج پيرادُ:** ذ. صفت. پير سڃاڻندڙ (ماڻهن مال جو). پيري – پاڳي.

– **پيرَ اکيڙَڻُ:** بي دخل ٿيڻ. شڪست کائڻ. ڀڄڻ نه رهڻ. بنياد پٽجڻ.

– **پيراڪُون:** ذ. آڏاڻي ۾ تاڃيءَ جي تندن کي هيٺ مٿي ڪرڻ لاءِ ڪاٺيون – پيرڙيا.

– **پيراڳو ۽ پيراڳا (ل):** ذ. پيرن جي لتڙ سان نهيل واٽ _ ڏڳ – گسُ – پيچرو.

– **پيرانڊِي ج پيرانڊِيُون:** ٿ. کٽ جي پيرن وارو پاسو. "سيرانديءَ" جو ضدّ.

– **پيراٺو ج پيراٺا:** ذ. جُتي.

– **پيرائتو ج پيرائتا:** ذ. صفت. نُنهن کان چوٽيءَ تائين – سربستو – سمورو. تفصيلي. ذرو پرزو. (ث) پيرائتي ج پيرائتيون.

– **پيرُ ڀڃڻُ:** اچ وڃ جي رسم بند ڪرڻ. برادريءَ سان واسطو توڙڻ. لاڳاپو توڙڻ. سخت سزا ڏيڻ. لاچار ڪرڻ.

– **پيرَ پيٽَڻُ:** پيرا پيٽ ڪرڻ.

– **پير ترِڪڻ:** پير کِسڪڻ – پيرُ ٿڙڪڻ. غلطي ٿيڻ – چُوڪ ٿيڻ. اوچتو خطا ٿي وڃڻ. بنا ارادي ڪُڌو ڪم ٿي پوڻ.

– **پير تي:** ظرف. رستي تي – راهه تَي. هدايت تي – نصيحت تي. سڌي راهه تي.

– **پير تي اَچڻ:** گس تي اچڻ – سڌي رستي تي اچڻ. قاعدي ۾ اچڻ. غلطي يا خطا ڪرڻ کان پوءِ وري سڌري هلڻ.

– **پير تي پورو هئڻ:** سِڌي گس تي هئڻ. صحيح رستي تي هئڻ. قاعدي موجب هلڻ. چڱيءَ چال وارو هئڻ. سنئون سڌو هئڻ (چال چلت ۾). ٻجڙن ڪمن کان پاڻ بچائڻ.

– **پير تي ڪُهاڙو هڻڻ:** پنهنجو نقصان پاڻ ڪرڻ. پاڻهي پاڻ کي تڪليف ۾ وجهڻ.

– **پير تي هلڻ:** سِڌي رستي تي هلڻ. چڱي چال اختيار ڪرڻ. پيروي ڪرڻ.

– **پيرَ نهرائِڻ، وِجهائڻ:** بيل گاڏيءَ لاءِ ڦيٿا نهرائڻ. (ڏنڏي وغيره ۾).

– **پيرَ پاندُ:** ذ. حصو ڀاڱو. پائيواري. (ڏنڏي وغيره ۾). تعلق – لاڳاپو – واسطو.

– **پيرُ پَٽَ تي نه لڳَڻُ:** تمام تکو ڀڄڻ. گيڊي ٿي ڀڄڻ. فرصت نه هئڻ.

– **پير پٽڻ:** ڀڄائڻ – پيراکوڙڻ. پاڙ پٽڻ. ٻيڙ ڪٽائڻ.

– **پيرَ ڇنڊِي (ڪ):** ث. ڏِڙهي راند – ڪينهون راند.

– **پيرَ پُختا ڪرڻ:** ڄمي ويهڻ – ڪُپي ويهڻ.

– **پيرَ پڌارڻ:** پير گهمائڻ. گهمڻ – سير ڪرڻ. اچڻ.

– **پيرَ پکَارڻُ (ٿ):** گهوٽ کي پير ڌُئارڻ جو هڪ ساٿ ڪرڻ.

– **پيرُ پنڌُ هئڻ:** شادي غمي ۾ شريڪ ٿيڻ وارو تعلق يا رستو هئڻ.

– **پيرُ پوڻ:** داخل ٿيڻ. داخل ٿيڻ جو رستو.

– **پير پير تي رکڻ:** قدم بقدم هلڻ. تمام آهستي هلڻ. پيروي ڪرڻ.

– **پير پيرُ کڻڻ:** تمام آهستي هلڻ. ٻار جو پنڌ شروع ڪرڻ.

– **پير پير ۾:** ظرف. آهستي آهستي – هوريان هوريان.

– **پير پير ۾ ڏيئي اچڻ:** تمام آهستي آهستي اچڻ. قدم بقدم

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

بيٺل (ماڻهو).

— **پيرن پر ويهڻ:** اُٺي ويهڻ. پنهنجي زور تي ويهڻ — پاڻ پرو ٿيڻ. پاڻ تي ڀاڙڻ — پاڻ سنڀالڻ. پنهنجيءَ وارو ٿيڻ. چڱو ڀلو ٿيڻ.

— **پيرن پر ڪرڻ:** صفا پٽ پوڻ — ڏاڍي نقصان هيٺ اچڻ. شڪست کائڻ.

— **پيرن تي زورُ ڏيڻ، رکڻ:** تمام زور سان ڀڄڻ — تکو ڀڄڻ. تکڙو هلڻ. ڀڄي جان ڇڏائڻ.

— **پيرن تي ڪرڻ:** پيرين پوڻ. نهايت عاجزي ڪرڻ. سامُ پوڻ.

— **پيرن تي ڪري پوڻ:** آزي نيازي ڪرڻ — نيزاري ڪرڻ. دل وجان سان معافي گهرڻ.

— **پيرن جو هلڪو:** صفت. پنڌ جو چوهو — ڀڄڻ جو تکو — تيز رفتار.

— **پيرن ۾ ترڪڻُ (ڪ):** ٻه چتو ٿيڻ — مُنجهي پوڻ. آتو ٿيڻ. تکڙ ڪرڻ — اُبهرائي ڪرڻ.

— **پيرن هيٺان زمين نڪرڻ:** تاڪ لڳي وڃڻ — حواس گُم ٿيڻ — حيرت ۾ پوڻ. سخت صدمو رسڻ.

— **پيرن هيٺان گک رکڻ:** خيال سان ڪم ڪرڻ — بچاءُ ڳولهڻ.

— **پيرڻ (ڪ):** ث. جُتي.

— **پيرُ وِلڻ:** جُتي يا بوٽ جو پير کي تنگ ڪرڻ — نئين جتيءَ جو پير ۾ زخم ڪري وجهڻ.

— **پيرُ وجهڻ:** قدم رکڻ. اندر گهڙڻ. (جاءِ ۾) دَست اندازي ڪرڻ — دخل ڏيڻ. لاڳاپو ڳنڍڻ.

— **پيرُ وڏا ڪرڻ:** پير گهمائڻ. پسار ڪرڻ — چڪر هڻڻ. شفقت ڪري اچڻ. اچي ڪري شرف بخشڻ.

— **پيرو ڪَڍڻ، ڪَڍڻ:** هندن جي هڪ رسم موجب شاديءَ کان پوءِ ساڳئي ڏينهن گهوٽ ۽ ڪنوار جو ڪنواريتن جي گهر ڏانهن ڳڏجي وڃڻ — سَتاواڙو ڪرڻ. شاديءَ کان پوءِ ستين ڏينهن ڪنوار جو پيڪن ڏي اچڻ.

— **پيرو ڪڍڻُ:** جتيءَ وغيره جي ناهڻ لاءِ پير جي ماپ وٺڻ.

— **پيرو کڻڻ:** پيرن جي نشانن سان گڏ هلڻ (چور وغيره جي پوئتان). ڳولڻ — جاچ جوچ ڪرڻ.

— **پيرو لَهڻ:** پيرن جا نشان ملڻ. پتو پوڻ — خبر پوڻ. ثابتي هٿ ڪرڻ.

— **پيرَ وَهٽُ ڏارڻ (ت):** موچارو گهوڙو خريد ڪرڻ. ايري سيري سواري رکڻ.

— **پير هاڏوُ (ت):** ذ. صفت. پيراڏو — پيرن جي نشانن سڃاڻڻ جو ماهر.

— **پير هيٺان نڪري ڏيڻ:** ڪارڻ — بگيڙڻ — برغلائڻ. غلط صلاح مشورو ڏيڻ.

— **پيري ج پيري:** ذ. صفت. پيرو کڻندڙ — پيراڏو. پير سڃاڻڻ جو ماهر.

— **پيرين اگهاڙو ڪيڻ:** نَلهي هٿين گهر مان ڪيڻ (جُتي پائڻ به نه ڏيڻ). بي عزت ڪري ڪيڻ. تڙي ڪڍي ڪيڻ ڇڏڻ (گهر، نوڪري وغيره مان).

— **پيرين ڀاري ٿيڻ:** اُميدواري ٿيڻ — حامله ٿيڻ.

— **پيرين پوڏو:** ذ. صفت. پختو. پڪو — پنهنجن پيرن تي ويهڻ وارو — پاڻ تي ڀاڙڻ وارو.

— **پيرين پوڻ:** پيرن تي هٿ رکڻ. ادب سان جهڪي سلام ڪرڻ. عزت ڏيڻ — احترام ڪرڻ. منٿون ڪرڻ. "پيرين پوندي سان چوندي سان" (شاهه).

— **پيرين سيرين ٿيڻ:** هلي سگهڻ جهڙو ٿيڻ. پاڻ پرو ٿيڻ. پنهنجي مڙسيءَ وارو ٿيڻ. هوند وارو ٿيڻ. وياڻل زال جو مٿي تي پاڻي وجهڻ.

— **پيرين لڳڻ:** پيرين پوڻ. ٻار جو شروعاتي هلڻ (ڪ).

— **پيرياڏي:** ذ. صفت. پيراڏوُ.

— **پِيرُ:** صفت. [ف] پوڙهو — ڪُراڙو — ٻڍو.

— **پيرانہ سالي:** ث. پيريءَ جو وقت — ٻڍاپڻ — ڪُراڙپ.

— **پيرزال:** ث. پوڙهي — ڪُراڙي.

— **پيرسال:** صفت. پوڙهو — ڪراڙو — ٻڍو.

— **پيرسَن:** صفت. پوڙهو — ڪُراڙو — ٻڍو.

— **پير فرتُوت:** صفت. تمام پوڙهو — جهور. ڇُرڻ پُرڻ کان عاجز. ڪراڙو (جنهن جون جملي قوّتون ختم ٿي ويون هجن).

— **پير فَلَڪ:** ذ. جهونو. آسمان. زحل گره.

— **پيرِ مُغان:** ذ. آتش پرستن جو پيشوا. آتش خاني جو مُجاورُ. شرابخاني جو مالڪ — ساقي.

— **پير نابالغ:** بيوقوف پوڙهو. (جيڪو ٻارن واريون ڳالهيون ڪري).

— **پيري:** ث. پوڙهپڻُ — ڪُراڙپ — ٻڍاپڻ. ضعيفي.

— **پيرمَردُ:** ذ. پوڙهو ماڻهو — پيرسن ماڻهو.

• **پيرُ ج پيرَ:** ذ. [ف. پِير = پوڙهو] ڀهتلَ شخص. بزرگ. ولي الله. مرشد — هادي. درويش.

— **پيراڻو ج پيراڻا:** ذ. صفت. پيرَ جو. (ذ) مرشد جو ڏَنُ. پيرجي

موڪا. مرشد جو حصو "پيرائو تريو".

– **پيرائو پارُ:** ذ. پيرن جو مُلڪ – مرشد جو طرف. (اسم خاص) چاچري تعلقي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

– **پيرائي ج پيرائيون:** ث. صفت. پيرن جي. پيرن ڪان مليل (شئي، سوکڙي وغيره). (ث) خيرات – باسُ.

– **پيرَ ڀائي:** ذ. ساڳئي مرشد جا مريد. ساڳين عقيدن وارو.

– **پير پيڻ:** ڪنهن مطلب پوري ٿيڻ لاءِ پيرن فقيرن جي زيارت ڪرڻ ۽ دعائون پنڻ. روحاني وسيلا هلائڻ. ڏاڍيون ڪوششون ڪرڻ.

– **پيرَت:** ث. پيرجي جاءِ ڏانهن وڃڻ جي واٽَ.

– **پيرَ پُڇڻ:** پيرن تي وڃي دعائون گهرڻ. بزرگن جي تلاش ڪرڻ. مراد حاصل ڪرڻ لاءِ روحاني حيلا وسيلا اختيار ڪرڻ.

– **پيرَ پوٽو ج پيرَپوٽا:** ذ. پيرجو اولاد.

– **پيرزادو ج پيرزادا:** صفت. ذ. پيرجو اولاد پير پوٽو.

– **پيرزور ٿيڻ:** پيرن فقيرن جي دعا شامل حال هجڻ.

– **پيرَن پٽيو ج پيرَن پٽيا:** ذ. صفت. جنهن کي ڪنهن بزرگ جي بد دعا ٿيل هجي. نياڳو – چندو. لچو – حرڪتي.

– **پيرَن جي مهل:** ث. پرڀات – صبح.

– **پيرَن ڪان پنڻ:** پيرن فقيرن ڪان دعائون. گهرڻ. بزرگن کي وسيلو بنائڻ. حيلا هلائڻ.

– **پيري:** ث. پيرائو ڏنڌو. مرشدي. پيرجي ڪرامت. بزرگي. وَلايت. روحاني طاقت.

– **پيري مُريدي:** ث. پير بنجي مُريدَ رکڻ ۽ انهن کي هدايت ۽ تلقين جو عمل.

• **پيرا:** صفت. [ف. پيراستن = سينگارڻ] سينگاريل – آراستہ – سجايل. مرڪب لفظن جي آخر ۾ ڪم ايندڙ پڇاڙي.

– **پيراستہ:** صفت. سينگاريل – سجايل – سنواريل.

– **پيرايہ:** صفت. سينگار. زيب – زينت. لباس. ڍنگ – طرز – نمونو.

• **پيراڻي:** ث. [سن. پَادُ = پير] پيرن سان ڦيرائي پاڻي چڪڻ وارو ڍينڪو.

• **پيراڪُ ج پيراڪ:** ذ. صفت. پاڻيءَ ۾ ترندڙ – تارُو.

• **پيرانگي پيرانگو:** ذ. ڏاڪو – پوڙي. پيچرو (ل).

• **پيراني پيراني (ڪ):** ذ. ث. ٿوهرجي ٽاري.

• **پيراهن:** ذ. [ف] پهراڻُ – ڪُڙتو.

• **پيرائيتو ج پيرائيتا:** ذ. صفت. [سن. پاد = پير] مُنڍ ڪان – بنياد ڪان – شروع ڪان. سڄو سارو – سربستو – تفصيلي (احوال).

– **پيرائيتيون خبرون ڪرڻ:** سربستا احوال ڪرڻ. اول ڪان آخر تائين سيڪجهه ٻڌائڻ.

• **پيرَت:** ذ. پيچرو. رسم.

• **پيرچو (ڪ):** ذ. ٻيڙيءَ جو هڪ حصو.

• **پيرزادا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پيرڪاڻي:** اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو (رستمائين جي شاخ).

• **پيرمشائخ:** اسم خاص. تعلقي گنبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پيرَڻُ:** ڪُڙهيءَ جي چاريءَ جي هيٺين گهير يا نوڙي (جنهن ۾ چاري پيل هوندي آهي).

• **پيرُو:** صفت [ف] پيروي ڪندڙ – تقليد ڪندڙ – پوئلڳ. مريد.

– **پيرُوڪار:** صفت. پيروي ڪندڙ. ڪنهن جي طرفان ڪم ڪندڙ. پوئلڳ.

– **پيروي:** ث. تقليد. تابعداري – اطاعت. بجا آوري. تعميل.

– **پيروي ڪرڻ:** تقليد ڪرڻ – پٺيان لڳڻ. نقل ڪرڻ. بجا آوري ڪرڻ (حڪم يا هدايت جي).

• **پيروز:** صفت. [ف] فتحمند – سوڀارو – ڪامياب. (اسم خاص) مرد جو نالو.

• **پيروزاڻي:** اسم خاص. بُگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو.

– **پيروزي:** صفت. سائو يا نيرو (رنگ). چٽن جو هڪ قسم.

• **پيرولي ج پيروليُون:** ث. ڏسو "پرولي".

• **پيرُن ج پيرُن:** ذ. ڪپڙ يا چار جو ڦَرَ (جو ڏٽ طور ڪم اچي، ٻہ قسم ٿين، اڇا ۽ ڳاڙها). ڪٽ جي پيرانديءَ وارو. اوپرو. "سيرُون" جو ضد.

• **پيرِهيات ج پيرِهياتُون:** ث. صفت. "پهريات" (چوپائي)

• **پيرَهن:** ذ. [ف] پهراڻُ – ڪُڙتو.

• **پيڙ:** ث. پاڙَ – پيڙهِ. ٽَڪَ جو اُهو حصو جنهن تي پاٺيڙ وارو ڏاڪو ڦري.

• **پيڙو ج پيڙا:** ذ. ڏسو "پهيڙو". ذ. واڻهڙو. قاصد – پانڌي. "سڄ ٻڌاءِ پيڙا، آئين ڏونگر ڏيهه مٿان" (هارون).

• **پيڙا ج پيڙائُون:** ث. [سن. پِيڙَا = تڪليف] آزار – مصيبت – درد – سُوزُ. ڪشٽَ. بيماري – روڳ – اڳهائي. وِيَم جا سورُ.

– **پيڙاڪو:** ذ. پيڙا. رنج يا آزار جهڙيون حالتون.

• **پيڙڻ:** مصدر. [سن. پيڊَنَ < پڊْ = چيپاڻڻ] چپڻ – چيپاڻڻُ – رڳڙڻ – چِٿڻُ – ميڊو ڪرڻ – ڪن ٻن شين جي

وڃ ۾ ڏيئي زور ڏيڻ. نپوڙڻ. گهاڻي ۾ وجهڻ (تيل ڪڍڻ لاءِ) تيل ڪڍڻ (ڪنهن ٻج جو) سوڙهو گهٽڻ — اصطلاح. اُرهائڻ — عذاب ڏيڻ — تڪليف ڏيڻ — ستائڻ — آزارڻ — ظلم ڪرڻ.
— **پيڙ:** ث. پيڙڻ جي حالت. گهاڻي جي پيڙ. چپ. ڪشٽ. سوڙهه — گهٽ. درد — پيڙا. تڪليف — آزار.
— **پيڙائي، پيڙائِي:** ث. پيڙائڻ جو اُجورو.
— **پيڙائڻ:** مصدر. "پيڙڻ" مان فعل متعدي مغز يا ٻج منجهان روغن يا تيل ڪڍائڻ. (پيڙايو — پيڙائيندو — پيڙايل).
— **پيڙجڻ:** مصدر. "پيڙڻ" مان فعل مجهول. پيڙجي وڃڻ. تيل نڪرڻ. گهاڻي ۾ پوڻ. سخت تڪليفن ۾ اچي وڃڻ. نيست ۽ نابُود ٿي وڃڻ.
— **پيڙيل:** تيل نڪتل. مصيبت جو ماريل. آزاريل. جنهن ۾ ڪو سَتُ باقي نه هجي — نستو.
• **پيڙو ج پيڙا:** ذ. [پرا. پنڊاو. سن. پِنڊڪ] مٺائيءَ جو هڪ قسم. مائي جي ٽِڪي. برفيءَ جو ڳنڍو. مِٽي يا اٽي جو چاٽو.
— **پيڙي جوٽ (ت):** ث. شرط — ضد.
• **پيڙو ج پيڙا:** ذ. صفت. [سن. پاد = پير] پيدل — پيادو. واٺهڙو. قاصد — پانڌي. "پَيڙا پيش پرين. اکيُ عجيبن آري ڪري" (محمد علي شاهه). سهڻو. صحتمند جوان. معشوقڙو.
• **پيڙو ج پيڙا:** ذ. پلال يا سَرَن مان ٺهيل گول ننڍڙو مُوڙو (ڊلا رکڻ يا ويهڻ لاءِ) ڏسو "پيڙهو".
• **پيڙهه ج پيڙهون، پيڙهيون:** ث. [سن. پيٺڪا] بنياد — پاڙ.
• **پيڙهڻ:** مصدر. ڏسو "پيڙڻ".
• **پيڙهو ج پيڙها:** ذ. وڏي مٽي يا مَٽُ جنهن ۾ اَٽين جو کير ڏهجي. وڏا پاڻ. [سن. پيٺڪ] پلال يا ڍين وغيره مان ٺهيل مُوڙو (جو ويهڻ لاءِ صندلي جو ڪم ڏئي). ڳوڻ جي ڳوٽري ۾ ڏَٻ يا ڪو ٻيو گاهه ڀري ناهيل وهاٽو (جو ڏاند جي ڪلهي تي رکيو آهي، جيئن هر ڪاهڻ يا نار هلائڻ وقت ڏاند جو ڪُلهو گاٽ ڪان بچي). سَرَ جي ڪانن مان ٺهيل ٽيڪ وارو موڙو (ڪرسيءَ وانگر ڪم اچي).
• **پيڙهي ج پيڙهيون:** ث. بنياد — پاڙ. نسل — اولاد. نسب جو سلسلو. گادي — تخت.
— **پيڙهيات:** ذ. صفت. پيڙهيءَ وارو — پيڙهائتو — چڱي ٻُڙَ وارو — بنيادي.
— **پيڙهيارو:** ذ. صفت. گاديءَ وارو — گاديءَ جو ڌڻي.
— **پيڙهي به پيڙهي:** ظرف. پُشت بَه پُشت — موروثي — هڪڙي نسل کان ٻئي نسل تائين.
— **پيڙهيءَ ڌڻي:** صفت. گاديءَ ڌڻي — خاندان جو چڱو مڙس.
• **پيزاٽ، پيزٽ (ت):** ذ. دٻاءُ — زور.
• **پيزارُ ج پيزارُون:** ث. [ف] جُتي — پاپوش.
• **پيزَغ (ڪ):** ذ. فراسين ناهڻ جو هڪ اوزار.
• **پيس:** ث. جاٻلو ملڪن ۾ ٿيندڙ ٻوٽي جو هڪ قسم (جنهن جي پَنن مان تڏا ٺهن). ڦيش. ڪجيءَ جا سُڪل ڦڙها (جنهن مان تڏا، ٽوڪرا وغيره ٺهن).
• **پيسَ ج پيسُون:** ث. پَتن کي ناپي ڏيڻ ۽ ورهائڻ جو ڪم ("پيسڪوٽ" راند ۾)
— **پيسَ اُچڻ:** پيسڪوٽ راند ۾ پَتن کي ناپڻ ۽ ورهائڻ جو وارو اچڻ. (جيڪا چڻ ته هار جي سزا آهي).
— **پيسَ ڪاهڻ:** پتا ورهائڻ (پيسڪوٽ راند ۾).
— **پيسَ ڪوٽ:** ث. پَتن جي هڪ راند (جنهن ۾ 'پيسَ' ۽ 'ڪوٽ' جون بازيون ٿين).
• **پيسرو:** هڪ تاري جو نالو (جيڪو سانوڻ مهيني جي آخر ۾ ايري).
• **پيسڪ ج پيسڪون (ڪ):** ٿوري کير واري اُٺ (ڏاچي). ۽ هڪيل اُٺ
• **پيسڻ:** مصدر. [سن. پيشڻ] اٽو ٿيڻ.
— **پيسائڻ:** مصدر. "پيسڻ" مان فعل متعدي. پيهائڻ.
— **پيسائي:** ث. پيهڻ جي اُجرت — پيهائي.
— **پيسٽي:** ث. "پيسڻ" جو ڪم يا نمونو.
• **پيسو ج پيسا:** ذ. ڏسو "پئسو". ٽامي جو هڪ سڪو — ڏوڪڙ.
— **پيسا:** ذ. هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. ڌن — دولت — ملڪيت.
— **پيسائي پاڻيءَ ۾:** محاورو. رقم ٿي اجائي — هَڙَئي هلاڪ — سيڪجهه ناس ـ ڪئي ڪمائي ڪُٺ.
— **پيسا پوڻ:** گهورَ پوڻ. تماشي ۾ تماشبينن کان روپيا ملڻ. صدقي جي رقم ملڻ.
— **پيسا پيارڻ:** رقم جمع ڪرائڻ. (خزاني يا بينڪ ۾).
— **پيسا ڏوڪڙ:** ذ. مال ملڪيت — ڌن دولت.
— **پيسڪ:** صفت. پئسي جيترو (مقدار) پئسي جي قيمت وارو — خسيس. ڪميڻو.

• **پيشگِيرُ ج پيشگِيرَ:** ذ. [ف] زنانو پڙو.
• **پيشو ج پيشا:** ذ. [ف. پيشه = ڌنڌو] ڪسب – ڌنڌو – ڪاروبار – هنر – فن – ڪم – روزگار.
• **پيشوا ج پيشوا:** ذ. صفت. [ف] اڳواڻ – مهندار – قائدُ – رهبر. سردار. مرهٽن حاڪمن جو لقب.
– **پيشوائي:** ث. اڳواڻي. رهنمائي. استقبال – رهبري – قيادت.
• **پيشوازُ ج پيشوازَ:** ز. اهو پڙو جو ڪنجريون نچڻ وقت پائين –جامو.
• **پيشه:** ذ. [ف] ڏسو "پيشو".
– **پيشه ور:** ذ. صفت. ڌنڌي وارو – ڪاسبي – هنرمند – هنر وارو – ڪاريگر. تاجر – واپاري – دڪاندار.
• **پيشي، پيشين:** ث. شام – سانجهي – اڳينءِ جو وقت – عصر – ٽيهري – پوياڙي – پويون پهرُ.
• **پيشين:** صفت. [ف] اڳيون – اڳوڻو – قديم – پراڻو.
– **پينشن بردارُ:** ذ. صفت. پينشن کڻندڙ – پينشن وٺندڙ.
– **پينشن ملڻ:** نوڪريءَ جو ميعاد پورو ٿيڻ. ملازمت جو عهدو ختم ٿيڻ – نوڪري پوري ٿيڻ کان پوءِ گهر ويٺي پگهار ملڻ.
– **پينشن وٺڻ:** نوڪريءَ جو مدو ختم ٿيڻ – پينشن جي ماهياني رقم وصول ڪرڻ.
• **پيغامُ ج پيغامَ:** ذ. [ف] نياپو – سنيهو – پيام.
– **پيغامبرُ ج پيغامبرَ:** ذ. صفت. نياپو پهچائيندڙ – قاصد – پيغمبر – نبي رسول.
• **پيغمبرُ ج پيغمبرَ:** ذ. [ف] نبي. قاصد – نياپو آڻيندڙ.
• **پيڪا:** ذ. [پيڪو ج پيڪا] (سن. پِتُرڪَ) هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ – ماءُ پيءُ (زال جا) – ماءُ پيءُ (مڙس جا) – زال جي والدين جو گهر ۽ پاڙو – ميڪا.
– **پيڪا وسائڻ:** زال جو ساهرن کي ڇڏي پنهنجن پيڪن (مائٽن) ۾ وڃي ويهي رهڻ.
– **پيڪا ساهرا:** ذ. جملہ مٽ مائٽ. سڀ مٽي مائٽيءَ وارا.
– **پيڪاڻا:** صفت. مائٽاڻا.
• **پيڪارُ:** ث. [ف] لڙائي – جنگ – ويڙهه.
• **پيڪارهُ:** ذ. جنگي گهوڙو. "پانهه پيڪارهه تي، ٿيو سيد سوارا." (فقير محمد ماڇي).
• **پيڪانُ ج پيڪانَ:** ذ. [ف] ڀالي يا تير جي نوڪ. تيرُ – ڪانُ.
• **پيڪرُ:** ث. [ف] شڪل – صورت – چهرو – روپ.

• **پيڪڙو ج پيڪڙا:** ذ. [سن. پَدَ = پير + ڪَنَڪَ ڪڙي. اُها زنجير جا قيديءَ جي پيرن ۾ وجهجي. نيڳرُ – پيڙي.
• **پيڪڻُ ج پيڪڻُ (ڪ):** ذ. والي جو هڪ قسم – ننڍو ڏيڍو.
• **پيڪو ج پيڪا:** ذ. صفت. والدين جي طرف جو – پيءُ ماءُ جو گهر يا پاسو. مائٽاڻو – اباڻو. "ساهرو". جو ضد. ڏسو "پيڪا".
• **پيڪُ:** ذ. ديدار. ڏيٺ – واقفيت. چاهُ. محبت. سنگت. "ڪري پيڪُ پنهون سين. پاٽاريائين پاڻ." (شاهه).
• **پيڪرُ ج پيڪرَ:** ذ. پينڊ: مينهن جي اڳين ٽنگ ۾ ٻڌل رسو.
• **پيکڻُ:** مصدر. [سن. پرِيڪشڻ = امتحان – جاچ]. خواهش ڪرڻ – چاهڻ. ڏسڻ – نهارڻ. گهورڻ – جوهڻ.
• **پيکو ج پيکا (ل):** ذ. پيچو – پٽ – پچر – پويون حصو.
• **پيڳُ:** ذ. زمين کي پاڻيءَ جي پيچ – آبپاشي.
• **پيلَ:** پنڌ. ڪاهه. "دعوت ڏئينس دين جي، ڏيئي پيرن پيلَ" (مهدي شاهه).
• **پيلَ:** ث. پاڻيءَ جو زورُ. اُڇل. پاڻيءَ جو اوچتو چاڙهه.
• **پيلُ:** ذ. [ف] هاٿي – فيل. شطرنج راند جي هڪ ساري.
– **پيلبانُ ج پيلبانَ:** ذ. صفت. هاٿي هلائيندڙ – فيلبانُ – مهاوتُ – هاٿيءَ کي ڪاهڻ وارو.
– **پيلتن:** صفت. هاٿي جهڙو – جسيمُ. سگهارو. بهادر.
– **پيل دمان:** ذ. خوفناڪ هاٿي – طاقتور هاٿي – خوني هاٿي.
– **پيلسوزُ:** بتيءَ جو هڪ قسم – گهٽين وٽين واري – ڏياٽي.
– **پيلوان:** ذ. صفت. پيلبان – فيلبان – هاٿي جو ڪاهيندڙ.
• **پيلانگهو:** ذ. پراڻي جُتي – گـُـلتَرُ – ڪُلتر.
• **پيلاڻُ:** مصدر. [سن. پيتَ = پيلو] پيلي رنگ ڏانهن مائل هئڻ – هيداڻ – هلڪو پيلو رنگ ظاهر ڪرڻ.
• **پيلپائو ج پيلپاوا:** ذ. [ف. پيل + پايه] ٿنيو – پيلرُ.
• **پيلرُ ج پيلرَ:** ذ. [انگ. Pillar] ٿنيو – پيلپائو.
• **پيلڪُ ج پيلڪَ:** ذ. لغڙ جي هيٺين ڪنڊ ۾ لڳل رنگين ڪاغذ جو ٽڪر (جو عموماً ه جي شڪل تي هوندو آهي). ولايتي پکيءَ جو هڪ قسم (ڪاري ۽ زردي رنگ جو ٿئي).
• **پيلڪُ ج پيلڪون:** ث. دوڙ – اُڇل (پنڌ جي). پنڌ جي ڇڪي – منزل. ٽپو (ٽاپون راند ۾). ڪوڙڪي ۾ اُها سنهي ڪاٺي جنهن تي ويهڻ سان پکي ڦاسي پوي.
• **پيلڪ ڏيڻ:** ٽيڪ ڏيئي مٿي اُٿڻ – مٿي ڪرڻ. گهوڙي کي ٿوري وقت لاءِ ٽڪو ڪاهڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **پيلڻ:** ريلو – لتاڙڻ. "پوءِ رميا انهيءَ رخ سان، پاونگ پنڌ پيلي" (مولا بخش سومرو)

• **پيلو ج پيلا:** ذ. [سن. پيٽ = پيلو] هيڊو يا ڦڪو رنگ. هڪ سُر جو نالو. (اسم خاص). تعلقي ننگر پارڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو. بيمار (جنهن جو مُنهُن پيلو ٿي وڃي). شرمندو – لڄي. مُنهُن لٿل (ڊپ ۾). اصطلاح. بي رونق (شڪل). (ذ) ڪڪڙ جو هڪ قسم (جنهن جو رنگ ناسي يا ڪاراڻ مائل ڳاڙهو هجي). ٻاڻُ – تيرُ.

– **پيلانجهو:** صفت. پيلاڻ مائل – پيليرو – ٿورو پيلو.

– **پيلاڻ، پيلائي:** ث. هيڊاڻ – زردي – ڦڪاڻ – پيلي رنگ جو اثر.

– **پيلو ٿيڻ:** هيڊو ٿيڻ. بيماري سبب هيڊو ٿي وڃڻ. ڊپ يا شرم سبب منهن جو ٻنو لهي وڃڻ – شڪّي لڳڻ.

• **پيلُن پيلُونْ (ٿ):** ذ. پيرُون – ڪَبَڙ جي درخت جو ميوو.

• **پيلوڙي:** اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پيما:** صفت. [ف] ماپ، ڪندڙ. گهمندڙ. مرڪّبات جي پڇاڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ "فلڪ پيما، باديہ پيما".

• **پيمائش، پيمايش:** ث. [ف] ماپ – ڪَچ – ماپو – پڪيڙ – اراضي.

– **پيمايشي، پيمائشي:** صفت. ماپ جو – ماپ متعلق – ماپ بابت.

– **پيمائشي حساب:** ذ. جاين، زمين وغيره جي ماپ جو حساب – جاميٽريءَ جا حساب – پڪيڙ جا حساب – ڊيگهه، ويڪر ۽ اوچائيءَ جي ماپن جا حساب.

– **پيمائشي ڪاتو:** ذ. زمين جي ڪَچ ورچ وارو ڪاتو.

• **پيمالُ:** صفت. [ف. پائمال، پايمال] لتاڙيل. زبُون. "پئي ٿئي پيمال، سا منڌ مري نہ جئي." (شاهہ). نابود _ ناس.

– **پيمال ٿيڻ (پامال ٿيڻ):** لتاڙجڻ – نيست نابود ٿي وڃڻ.

– **پيمال ڪرڻ (پامال ڪرڻ):** لتاڙي ڇڏڻ – نيست نابود ڪري ڇڏڻ.

• **پيمانُ ج پيمانَ:** ذ. [ف] وعدو – انجام – ٻول – عهد. قسم. ڪـُڻ – ٻنڌاڻ.

– **پيمان شِڪن:** ث. صفت. وعدو ٽوڙيندڙ – انجام پڇيندڙ – وعدي تان ڦري وڃڻ وارو – وعدو پورو نہ ڪرڻ.

• **پيمانو ج پيمانا:** ذ. [ف. پيمانہ] ماپو – وزن. پيالو (شراب پيڻ جو) – جامُ. نِسْبتي ماپ (جنهن جي مقدار تي زمين جي ماپ جو نقشو بنائي سگهجي).

• **پيمبر:** ذ. صفت. [ف] پيغمبر – پيغام آڻيندڙ – قاصد – ايلچي – رسول.

• **پين ج پينون:** ث. [انگ. Pen] قلم جو هڪ قسم (جنهن ۾ مَس اندر پري ڇڏجي) – فائونٽن پين. سليٽ تي لکڻ جو قلم.

• **پينُ ج پينَ:** ذ. رَڇَ ۾ ڪم ايندڙ ٿلهي ڏورِ (جنهن ۾ لوهي ڪڙيون ٻوتل هونديون آهن. انهن ڪڙين ۾ بار ٻڌي، چار جي گهائيءَ سان ٻڌبو آهي) – تلاءُ – حوضُ – ڍُبو.

• **پينُ (ت):** کهاڙيءَ جي پاهي وارو پاسو.

• **پينارُ ج پينارَ:** ذ. صفت. پينو – گدا. منگتو – فقير. "لڳالاري آهيون، تنهنجي پلئہ پينارا" (مهدي شاهہ). پني پيٽ پاريندڙ.

• **پيناڪُ ج پيناڪَ:** ذ. صفت. پينو – فقير. بيڪار گهمندڙ – رولُ – رولُو.

• **پينامُ ج پينامَ:** ذ. منگتو – گدا – سوالي. "هيءَ بہ سوال سچا ڏٽي! پورو ڪر پينام". (الهہ بخش سومرو). پوشاڪ – لباس. "گند جن جي گوڏ ۾، پاٻوڙا پينام". (شاهہ).

• **پينانْگُ ج پينانْگَ:** ذ. صفت. پينُو – گداگر. رول – رولو. بيڪار گهمندڙ.

• **پينْتِل:** ث. وهڪري جي ڪپرءَ بندر جي وچواري زمين.

• **پينٽ:** ز. [انگ. Paint] رنگ – روغن. نقش. نگار.

• **پينْجارڻ (ت):** مصدر. مار ڏيڻ – ڪُٽڻ.

• **پينجِڙي پينجوڙو ج پينجِڙا، پينْجوڙا (ڪ):** ذ. هيڙهو پکي.

• **پينجَڻُ (ٿ):** مصدر. ڏاڍي مار ڏيڻ.

• **پينْجهُوڙي ج پينْجهُوڙِيُون:** ث. مينهن جي پير ۾ ٻڌڻ لاءِ ٻٽي رسِي.

• **پينچات ج پينْچاتُون:** ث. [سن. پَنچايَتَن پَنچَ = پنجن جو ميڙ] هندن جي جماعت (جيڪا پائيچاريءَ جا فيصلا ڪري). پينجن جي ڪميٽي يا ڪچهري – پـِنچات. صلاح مشورو ڏيندڙ جماعت.

– **پينچاتي:** صفت. پينچات جو مقرر ڪيل. سڄي برادري لاءِ عام (وقف). خيراتي (ادارو).

• **پينْڌُ پينڌَ:** ذ. پيڪـڙُ. تـِندو (ڪ) – پڪـُڙ. ٿلهو رَسو. (مينهن کي اڳين ٽنگ ۾ ٻڌڻ جو). "ٽَرَنـِيـَر ڏَهہ ڏاوَڻ. پنڌرهن پينڌ پياس" (شاهہ).

• **پيڻڊارو ج پيڻڊارا (ٿ):** ذ. سڪل ڇيڻن جو ڍِڳ (جو اوکي سوکيءَ لاءِ محفوظ رکيل هجي).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ج

ج: ذ. [سنڌي. ع. ف] سنڌي الف – ب جو ٻارهون اکر. فارسيءَ جو ڇهون ۽ عربيءَ جو پنجون اکر. اُچار جِيمُ. ابجد جي حساب موجب عدد ٣.

– جا: ضمير موصول واحد مؤنث جيڪا "جا تو مُلِ عيدَ، سا سوءِ وَرتيسون سومرا." (٢) "جو" حرف اضافت جو "جمع" (منهنجو – منهنجا).

– جا ج جايون: ٿ. [ف. جاءِ جو مخفف] جاءِ ـ جڳهه – هنڌ – ماڳ. مَجالُ – طاقت. "جيهي تيهي ذات جي جُنبش ناهي جا" (شاهه).

– جابجا: ظرف. هر هنڌ – جاءِ بجاءِ ـ جتي ڪٿي – هر جاءِ ـ هر جڳهه.

• جَابُ: ٿ. [انگ. Job] آسامي – نوڪريءَ جي جاءِ. ٻول جو ڪم – ٺيڪو. 'جواب' جو مخفف (هلڪو اُچار).

• جاب ورڪ: ذ. [انگ. Job work] ٺيڪي جو ڪم – ريزڪي ٻوليل ڪم جنهن جي اُجرت فوراً ڏني وڃي. ٻول جو ڪم.

• جَابَانُ: ذ. بريت – بيابان – ويرانو – رڻ. سُڃ – ويراني.

• جَابِرُ: ذ. صفت. [ع. جَبَر = مجبور ڪرڻ] ڏاڍائي ڪندڙ – زوراورُ ـ ظالم – ڏاڍو. (اسم خاص) هڪ اصحابي سڳوري جو نالو "جابر بن عبدالله".

– جابرانو جابرائتو: ذ. صفت. ظلم وارو – ظالمائتو – ڏاڍ مڙسي وارو.

• جابلائون: ذ. صفت. جابلو.

• جابلو ج جابلو: صفت. [ع. جَبَلُ] جبل جو – جبل وارو – پهاڙي – ڇاپرو. ٻڪريءَ جو هڪ قسم.

• جَابُو: ذ. جهنگلي جانور جو هڪ قسم "جَابُو مَرَ، سَلَهَ".

• جابولڻ، جابولڻ: مصدر. اجايو ڳالهائڻ – بَڪَڻ – وڦلڻ. بي تُڪي ڳالهه ڪرڻ. ڳولڻ – هٿوراڙيون ڏيڻ.

• جابولُ: ٿ. بَڪَ – وڦلَ. بي تُڪي ڳالهه. ڳولا – تلاش.

– جابول ڏيڻ: ڳولڻ – ڍونڍڻ – تلاش ڪرڻ. هٿوراڙيون ڏيڻ. "ڏيئي جابول جتوئي وڃي لُنڊيءَ ڪي ته لهي" (ڪامل).

• جاتِ ج جاتيون: ٿ. [سن. جاتِ. جَن = ڄمڻ] ذات – قوم – قبيلو – فرقو – نسل. "جات وڏائي، جَد. پيءَ ڏاڏي ڪان پانهنجي." برادري – نيات. "جات نه پائي جَتَّ هٿا؛ ڪٿي ڪهل نه ڪيچئيڙن" مُور – هرگز. "ويندي ڏانهن پرين. جُتي جات نه پائيان" (شاهه). قسم – نمونو.

– جات پائي: ساڳيءَ قوم وارو – ذات پائي – مائٽ مٽ – عزيز – ذات وارو.

– جات پات: ٿ. ذات پات – نسل – قوم – برادري – حسب نسب.

– جاتي ج جاتيون: ٿ. [سن. جاتييَہ] جات – قوم – فرقو.

– جاتيرو: ذ. صفت. خانداني – اشراف گهراڻي جو – شريف نسل وارو – بنيادي.

• جاترا (ٿ): ٿ. زيارت.

• جاترا ج جاترائون: ٿ. [سن. ياترا. يا = وڃڻ] سفر – مسافري. سيرُ – شَيْلُ – گهمڻ. مقدّس جاءِ جي زيارت. تيرٿ تي وڃڻ.

– جاتري ج جاتري: صفت. مسافر – سيلاني – گهمندڙ – زيارتي – جاتي ـ ياتري – تيرٿواسي.

• جاتروڙي ج جاتروڙيون (ٿ): ٿ. رات جي وقت مال جي جهنگ ۾ رهائش.

• جاتڪُ: ذ. [سن. جَنْ = ڄمڻ]. جنم جي حساب ڪتاب جو علم – جنم – پيدائش – وِيمُ. جنم پتري. فقير – ساڌو.

• جاتون، جاتون (ٿ): ظرف. [سن. يَتْرَ]. جتان – جنهن هنڌ ڪان.

• جاتي: ٿ. اسم خاص. جتن جو ملڪ ٺٽي ضلعي ۾ هڪ تعلقي ۾ شهر جو نالو. تعلقي تندي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• جاتا، جاتانهون، جاتون (ٿ): ظرف. [سن. يَتْرَ]. جتان – جنهن هنڌان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **جاٿو ج جاٿا:** صفت. مضبوط – پَڪو – پُختو.
• **جاٿي (ت):** ظرف. جِتي – جِتي – جنهن هنڌ.
• **جاٽ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **جاٽ ج جاٽُون:** ث. هَرَ جي پهرين اوڙَ. ارڙهن – ويهن اوڙن جو مجموعو. وارن جي چڳَ. هڪ ڀڄن يا گيت. جنهن ۾ خدا تعاليٰ جي ساراهه هجي.
– **جاٽ پٽ جاٽ!:** حرف ندا. هَرَ ڪاهڻ وقت هارين جي ڏڳن کي هڪلَ.
– **جاٽُون هڻڻ (ت):** خراب هَلت هلڻ. ڏکُ ڏيڻ – آزارڻ – اڏنگو هلڻ – اِيذاءُ پهچائڻ.
• **جاٽ. جاٽا ج جاٽُون. جاٽائُون:** ث. [سن. ياتْرا = مقدس مقامات جو سفر. زيارت]. زيارت – ياتِرا – تيرٿ.
– **جاٽ جو ميلو:** ذ. درويش محمّد طاهر عرف اُڏيري لعل جو ميلو. جو شهر اُڏيري لعل تعلقي منياري ۾ هر سال چيٽي چنڊ تي لڳي.
– **جاٽُون. جاٽائُون پيئڻ:** زيارتيون ڪرڻ – تيرٿ پيئڻ. سُکائون ڏيڻ – پيرَ پيئڻ – درويشن جي مزارن تي وڃڻ.
• **جاٽِي ج جاٽِي:** ذ. صفت. [سن. ياتْرِي. يا = وڃڻ] زيارتي – ياتري – تيرٿواسي.
• **جاٽڻ (جاٽَڻُ):** مصدر. جتاءُ ڪرڻ – ترسڻ – رهڻ – گهارڻ.
• **جاٺڙو ج جاٺڙا:** ذ. صفت. جا ٺولو – ڏَنار کان سواءِ ڇيڪ چرندڙ (چوپايو مال).
• **جاٺولو ج جاٺولا:** ذ. صفت. ڏنيءَ کان سواءِ (چوپايو مال) – رولو – ڏَڻ کان ٽَٽَلُ (چوپايو). ڇيڪ – ڇڙواڳ – ڇُڙيل – نڌَڻڪو.
• **جاٺي جاٺلو ج جاٺا. جاٺلا:** ذ. مَلُهه جو هڪ انگُ (ٽَنگَ جو ٻئي جي ٽَنگَ ۾ وڪڙُ) – انگوڙو – انگوڙي – جاٺلو – انگڙو. سٽَرَ وَٽَر.
– **جاٺو جوان. جاٺلو جوان:** هَڏَ ڪاٺ وارو جوان – پهلوان – سگهارو.
– **جاٺا هڻڻ. جاٺلا هڻڻ:** انگڙا هڻڻ – اڙيون هڻڻ. ڪوشش ڪرڻ – ڦَڏا وجهڻ – رنڊڪون وجهڻ.
– **جاٺو هڻڻ:** جاٺلو هڻڻ – ڦاسائڻ – وڪَڙُ وجهڻ – سوڙهو گهِٽڻ (ت).
• **جاپُ:** ذ. [سن. جَپْ]. پرارٿنا – بندگي – پُوڄا – وِرد – وظيفو – ذڪر. "ٻاهران جاپ ٻُوءِ. اندران ڪاپ ٻُوءِ."
– **جاپُ ڪرائڻ:** برهمڻ کان ڪجهه پڙهائڻ. پوڄا پاٺ ڪرائڻ.
• **جاپڻُ (ت):** مصدر. [سن. جَن = ڄَڻَڻُ]. ڄاپڻ – ڄمڻُ – پيدا ٿيڻ.
– **جاپو (ت):** ذ. [هہ. جاپا. سن. جَنْ = ڄمڻ] وِيمُ.
• **جاجا ٻُوڄا:** ظرف. هيٺ مٿي – برباد – ناس – ضايع.

• **جاجِڪُ ج جاجِڪَ:** ذ. صفت. راڳيندڙ – وڄائيندڙ – ڳائيندڙ – ڳائڻو. منگتو – پينو – گداگر. "جاجڪ تو جُهارَ. ڏهه پيرا ڏيا ڄ ڏٿي" (شاهه).
• **جاجڪائي:** ث. جاجڪن واري.
– **جاجِڪو:** ذ. صفت. جاجِڪن جو – جاجِڪن وارو – جاجِڪن سان واسطو رکندڙ.
• **جاجِمُ ج جاجِمَ:** ذ. [ف. جاجَم] وڏو گلم.
• **جاجهَ (ل):** ث. جَجهائي – گهڻائي. "جاجهَ جَر جي جهول ۾، ٻيو جِيءُ منهنجو ٿيو جڏو." (رمضان واڍو). ٻَڪ – ٻخي – جهڪِي – وِقل – ڊيگهه – پٽارُ (ڳالهه ۾). وڏو ٻاٿي. جهانجهه (سازُ).
• **جاجهٽجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **جاڃِڪُ ج جاڃِڪَ:** ذ. صفت. ڏسو "جاجِڪُ".
• **جاچڻ (جانچَڻُ):** مصدر. [سن. يا چت = معلوم ڪرڻ] ڏسڻ – نهارڻ – تڪڻ – تلاش ڪرڻ – نظر ڪرڻ – چڪاس – پرکڻ – امتحان وٺڻ – پڙهڻ – سارڻ (پيپر وغيره) خبر رکڻ – ڳولڻ – کوجنا ڪرڻ.
– **جاچَ ج جاچُون. جانچ ج جانچُون:** ث. تلاش – ڳولا – نظر – چَڪاسَ – پڙتال – تلاش – تحقيقات – پڇا – آزمائش – نظرداري – سنڀال.
– **جاچائي:** امتحاني پرچن جي سارڻ يا جاچڻ جي اُجرت.
– **جاچائڻ. جاچِرائڻ:** "جاچڻ" منجهان "فعل متعدي بِالواسطہ". چڪاسائڻ – سارائڻ.
– **جاچ پڙتال. جانچ پڙتال:** ث. نظرداري – چڪاس – مٿاڇري نظر يا سنڀال. زيردست جي ڪيل جاچ مٿان بالا آفيسر جي سرسري جاچ.
– **جاچَ جُوچَ. جانچ جونچ:** ث. پُڇا ڳاڇا – جاچَ پڙتال – نظرداري – خبر گيري – سنڀال – ڳولها ڦولها – تلاش.
– **جاچَ جُوچَ ڪرڻ:** نظرداري ڪرڻ – چڪاس ڪرڻ. ڳولا ڦولا ڪرڻ. تحقيقات ڪرڻ. تلاش ڪرڻ. جاچ پڙتال ڪرڻ.
– **جاچِڪُ ج جاچِڪَ:** ذ. صفت. پُڇا ڳاڇا ڪندڙ – جاچيندڙ – چڪاس ڪندڙ.
– **جاچِنا ج جاچِنائُون:** ث. دريافت – پُڇا – چَڪاس – جاچ – پرکا – آزمائش – ڳولا – تلاش – جُستجو.
– **جاچُوسُ ج جاچُوسَ:** ذ. صفت. (ع. جاسُوس). جاسُوس –

مخفي طرح جاچ ڪندڙ – ڳجهيءَ طرح خبرون هٿ ڪندڙ. خفيه سپاهي – لِڪي خبر پهچائيندڙ.

– **جاچُوسِي:** ذ. جاچوس. جاسوس.

– **جاچي چِڏڻ:** ڏسي ڇڏڻ. نظر مان ڪڍي ڇڏڻ. ڳولي ڇڏڻ. تاڙي ڇڏڻ – معلوم ڪري ڇڏڻ.

• **جادِ (لس):** ث. "ياد" جي بگڙيل سنڌي صورت.

• **جادَ:** ث. وارن جي چڳ (جا ڪنهن باسَ سبب رکائي ويئي هجي ۽ اصل نہ وئائجي، اڪثر هندو ۽ موالي فقير رکائين). چوٽي. لونڊڙي وٽان نڪتل وارن جي چڳ. چٽڙا – ميندا. ٽوپي يا پٽڪي مان ٻاهر نڪتل وار.

– **جادَ رکائڻ:** وارن جي چڳ رکائڻ – وِچ مٿي تي وارن جي چوٽي رکائڻ.

• **جاداري ج جاداريُون:** ث. ٻيڙي ۾ ڪم ايندڙ هڪ تختو.

• **جادشِير:** ث. پسارڪي وکر جو هڪ قسم (ڪؤنر جهڙو مادو ڳاڙهو پر ڪارائڻ تي مائل).

• **جادَمُ:** [پرا. جاٻَوَ. سن. يادَوُ] راجا جو اولاد.

• **جادَمُ جکرو:** اسم خاص. سمي خاندان مان هڪ مشهور سخي حاڪم جو نالو. "ٻيا دَرَ وِسريام، وٺي جادَمَ جکري). (شاھ).

• **جادَم ڪلهوڙو:** اسم خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **جادو:** اسم خاص. مرد ۽ عورت جو هڪ نالو تعلقي گمبٽ ۾ هڪ ديھ ۽ ڳوٺ جو نالو.

• **جادو ج جادا:** وارن جي چڳ – جادَ – چٽڙا – لونڊڙين وارا وار.

– **جادن ۾:** ظرف. چٽڙن ۾ – ميندن ۾ – ننڍڙي وَهي ۾ – ننڍي هوندي.

• **جادُو ج جادُو:** ذ. [ف]. ڇِيٽڪ – طِلسم – سِحْرُ – مَنڊُ – مَنتَر – ٽوڻو.

• **جادُو بيان:** ذ. صفت. اهو ماڻهو جنهن جي ڳالهائڻ ۾ جادو جهڙو اثر هجي.

– **جادُو خورُ:** جادوگر.

– **جادُو ڪرڻ:** سِحر ڪرڻ – ڇيٽڪ ڪرڻ – مَنڊُ هڻڻ – جادُو جو تماشو ڏيکارڻ اصطلاح – تابع بڻائڻ – اثر هيٺ ڪرڻ.

– **جادو گـَرُ ج جادوگـَرَ:** ذ. صفت. جادو ڪرڻ وارو – جادو ڄاڻندڙ – ساحر. ٻويو. (ث) جادوگرياڻي ج جادوگرياڻيون.

– **جادوگـَرِي:** ث. جادوءَ جو ڪم. جادو – ساحري.

– **جادوگري ڪرڻ:** جادو ڪرڻ. حيرت جهڙو تماشو يا ڪم ڪرڻ. هٿ ناٽ ڪرڻ. چالاڪي ڪرڻ – جادوءَ جي ذريعي مطيع بڻائڻ.

• **جادو پٽافي:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿلي ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **جادوجوڻو:** اسم خاص. تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **جادو لغاري:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديھ ۽ تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

• **جادُون ج جادُون (ڪ):** ذ. وڏا وار. ٽوپي يا پٽڪي مان ٻاهر نڪتل وار. جادا.

• **جادہ:** ث. [ع. جادّة] سنهي واٽ – پيچرو – گـَسُ. طريقو – دستور – ريت.

• **جاڏانهُنْ، جاڏنْهُن، جاڏاهُون، جاڏهُن (ت):** ظرف. جيڏانهن – جنهن طرف – جنهن پاسي.

• **جاڏو ج جاڏا (ت):** صفت. [سن. جَدَ] ٿلهو – مَتارو. پهلوان – جانٺو – همت ڀريو – سگهارو – مضبوط. ارڏو – ڏنگو. سخت ڏکيو. وڏو. "جاڏي هن جبل جو تانگهينديس ترو." (شاھ).

• **جاڏي (ت):** ظرف. جيڏانهن – جنهن طرف – جنهن پاسي.

– **جاڏي تاڏي:** ظرف. جيڏانهن تيڏانهن – هرطرف – هر پاسي.

• **جاڏيلو ج جاڏيلا (ل):** ذ. صفت. ڏسو "جاڏو".

• **جاذِبُ:** صفت. [ع. جذب = ڇُهڻ] ڇڪي وٺندڙ – ڪشش ڪندڙ. ڇُهي ويندڙ – مَسُ ڇِنو. ڇُهندڙ.

• **جاذِبہ:** ث. اُها قُوَت جيڪا مفيد ۽ مناسب ڪاڏي کي جذب ڪري يعني پاڻ ڏي ڇڪي وٺي – ڪشش واري قُوَت.

• **جارَ:** صفت. [سن. جالَ]. جالارو. گهڻو – زياده _ جال – جام – مَڻُو. (ث) عورت – زال – چوٽي (مٿي تي ڇڏيل وارن جي چڳ).

• **جارُ:** ذ. [سن. جْوالَ] ساڙُ – ٻَلُ – ڪامَ. ڏنجهہ – درد – ڏُک. فِڪر – خيال – اُلڪو – ڳڻتي. (ت) جوش – جذبو. (ذ. صفت) پاڙيسري. يارُ. گهڻو جام. "جوش کُهايس جار، لڳس نارڪ نينهن جي." (رمضان واڍو).

– **جارائتو (ت):** ذ. صفت. اُلڪي وارو – ڳڻتيءَ وارو – فڪرمند. همت وارو. محنتي – جفاڪش. (ظرف) جار مان – جوش مان.

– **جارِوَنْدُ (ت):** ذ. صفت – محنتي – جذباتي. چُست – داناءُ.

• **جار جَٽ:** ذ. [انگ. جارجيسٽ] ڪپڙي جو هڪ قسم (سنهون ريشمي ڪپڙو).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان پرڻ لاءِ هيٺ مٿي لوڏي پرڻ جي حالت يا اُچل. اُٺ جي پُڇ ۾ ٻڌي اُٺ جي مُهار ٻڌڻ جي حالت.

— **جاڪَ ڏيڻ (ٿ):** ڇڙب ڏيڻ. ڪوس کي لوڏا ڏيئي کوهه مان نِڪش ڪري پرڻ.

• **جاڪرُ:** ذ. ڏسو "جاڳر".

• **جاڪڻ، جاڪڻُ (ل) (ٿ):** مصدر. سنڀال ڪري رکڻ – قَريني سان رکڻ – مُحڪم ڪرڻ – سوگهو ڪري رکڻ.

• **جاڪائڻ:** مصدر. "جاڪڻ" مان متعدي بالواسط. مُحڪم ڪرائڻ.

— **جاڪجڻُ:** مصدر. "جاڪڻ" مان فعل مجهول. محڪم ٿيڻ – پڪ ٿيڻ – پختو ٿيڻ – سوگهو ٿيڻ.

— **جاڪٽي ج جاڪٽيون:** ٿ. سنڀال. مضبوطي. ٻڌٽي.

• **جاڪون:** ظرف. جنهن وقت کان – جڏهن کان.

— **جاڪون لاڪون:** ظرف. جنهن وقت کان وٺي – جڏهن کان وٺي.

• **جاڪيٽُ ج جاڪيٽَ:** ذ. [انگ. Jaeket] ننڍو ڪوٽُ.

• **جاڪَ ج جاڪون:** ٿ. گهُر – تقاضا – طلب – ڄڪَ – اڄائي ٻَڪ – جهَڳي. سون کي اُجارڻ جو مصالحو. اوجر – روشني.

• **جاڪتيا (ٿ):** اسم خاص. ڀيلن جي هڪ ذات جو نالو.

• **جاڪپاري:** اسم خاص. تعلقي دادوءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جاڪرا، جاڪَرا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.

• **جاڪري:** اسم خاص. بدين ۽ هالا تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **جاڪڻ:** مصدر. اُجارڻ (ڳهڻ کي) – جاڪَ سان صاف ڪرڻ. ڄڪي هڻڻ – ٻڌي هڻڻ – جهڳي هڻڻ.

• **جاڪوڙ:** ٿ. ڏسو "جاڪوڙو."

• **جاڪوڙڻ، جاڪوڙڻ:** مصدر. ڪوشش ڪرڻ – هَٻَڻُ – هَٻي پوڻ – مٿا مُونا ڏيڻ.

• **جاڪوڙو ج جاڪوڙا:** ذ. تڪليف – محنت – ڪشالو – درد سري – هَٻَ – جفاڪشي – ٿڪُ.

— **جاڪوڙا ڪيڻ:** ڪشالا ڪرڻ – تڪليفون وٺڻ – مشڪالتن کي مُنهن ڏيڻ – جفاڪشي ڪرڻ – سخت محنت ڪرڻ.

• **جاڪيجي:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جاڳا (ٿ):** اسم خاص. سودن جي هڪ ذات جو نالو.

• **جاڳرافي ج جاڳرافيون:** ٿ. [انگ. Geography ع. جُغرافيہ >] زمين جو علم – ڌرتي جو علم – علم الارض – ڀون وديا. زمين جي ماپن ۽ خاص ايراضين جي خاص ورهاست جو علم.

• **جاڳرت:** صفت. [سن. جاڳرت]. سُجاڳ – بيدار. هندو فقيرن جي هڪ منزل (١. سُپنَتَ، ٢. سُکَپتَ، ٣. جاڳرت ۽ ۴. تُريا).

— **جاگيرَ ج جاگيرُون:** ٿ. [ف. جاگير < جائگير. جاءِ + گير. گرفتن = وٺڻ] بادشاهه يا حڪومت طرفان انعام طور مليل زمين. هڪ ٻئنڪ کان ٻيءَ ٻئنڪ ڏانهن موڪليل رقم.

• **جاگيردارُ ج جاگيردارَ:** ذ. صفت. جاگيروارو – جاگير جو مالڪ.

• **جاگيرآباد:** اسم خاص. تعلقي ڪنڌڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جاگيراڻي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **جاگير جاني ديرو:** اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جاگيرداد پور:** اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جاگير رِند واهي:** اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جاگير نوازو:** اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جاڳَ:** ٿ. [سن. جاڳر = جاڳڻ] سُجاڳي – بيداري – اوجاڳو – سارَ – سنڀال – سُڌ – خَبَر.

• **جاڳارڻُ (لس):** مصدر. [سن. جاڳَرڻ] جاڳائڻ. "جتن جاڳاري ڪينڪي، جان ڪٽي ويا واتَ." (گنگو).

• **جاڳاهَ:** ذ. جڳهه – جاءِ. "ترمل تي نماز پڙهي، جوان انهيءَ جاڳاهَ." (مهدي شاهه).

• **جاڳتو ج جاڳِتا:** ذ. ٽانڊو – ٻرندڙ ڪوئلو.

• **جاڳَر، جاڳَرُ:** ٿ. جن پُوت ڪڍڻ وقت سادي يا راڳ واري مجلس (جنهن ۾ ڀوپو واس ڏوپ ڪري راڳ يا ساز وڄائيندو راڳ ٻُڌڻ سان جنهن مهل جنّ ڀيل ماڻهو جهولندو آهي، ان مهل ڀوپو منتر وغيره پڙهي جنّ کان خبرچار وٺندو آهي).

— **جاڳرو وجهڻ:** جنّ ڪڍڻ لاءِ راڳ ساز جي مجلس ڪرڻ.

• **جاڳرِتا:** ٿ. [سن. جاڳرت = بيداري] سُجاڳي – بيداري. اوجاڳو – شعور – ٻرکَ – رات جو سجاڳي.

• **جاڳَڻَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جاڳَڻُ:** مصدر. [پرا. جگّاءِ. سن. جاگرت جاڳر = جاڳڻ] سجاڳ ٿيڻ – بيدار ٿيڻ. سُجاڳ رهڻ. اوجاڳو ڪرڻ. اُٿڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ننڍ مان). خبردار رهڻ – پهرو ڏيڻ – چونڪي ڏيڻ. ٻرڻ (بتي).
(اسم خاص) مرد جو نالو.

– **جاڳائڻُ:** مصدر. "جاڳڻ" مان متعدي بالواسطہ. سُجاڳ ڪرڻ – بيدار ڪرڻ – ننڊ مان اُٿارڻ. هوشيار ڪرڻ – شعور پيدا ڪرڻ.

– **جاڳو ج جاڳا:** ذ. اوجاڳو – جاڳ – سُجاڳي. سنتري – پهريدار – چونڪيدار – چاري. رمضان شريف ۾ روزي تي اُٿاريندڙ – رمضان شريف ۾ روزي تي اُٿارڻ لاءِ ڳايل صنف (بيت). شاديءَ کان هڪ رات اڳ گهوٽيتن جو ڳائڻ وڄائڻ (ت).

– **جاڳيَڙ ج جاڳيَڙ:** ذ. صف. جاڳندڙ – اوجاڳو ڪندڙ.

– **جاڳيَلُ:** ذ. صف. بيدار ٿيل – اُٿيل (ننڊ مان) – هوشيار – سجاڳ – خبردار. ڏسو "جاڳو".

– **جاڳي وارا:** ذ. اهي ماڻهو جي رمضان شريف ۾ اسُر جو روزي رکندڙن کي رمضان جي فضائل جا بيت ڳائي سجاڳ ڪن.

• **جاڳوتو ج جاڳوتا:** ذ. اُها نوڙي، جا جوڳي فقير مٽي کي ويڙهي گهمندا آهن – سيلهو. "ڇڏيا جاڳوتا جوڳين، ڏنئون ڪين ڏڪاءِ."

• **جاڳهه ج جاڳهون، جاڳهيون:** ث. [ف. جَگهه] جڳهه – جاءِ – هنڌ – مقام.

• **جاڳيَر ج جاڳيرُون:** ث. جاگير. "جيءَ جُسو جاڳير هاٿي ملڪ مڙئي هوت جي" (شاهه).

• **جاڳها ج جاڳهائون (ت):** ث. جڳهه.

• **جال، جالُ:** صفت. [سن. جالَ]. جامَ – "جيم ٿون جال جُتن، ماريو معذورين کي" (شاهه). تمام گهڻو – بي شمار – جهجهو. "سيوا ڪر سمونڊ جي، جت جرڙهي ٿو جال" (شاهه).

• **جالارُ:** ذ. گهڻو پاڻي، درياءَ – سمنڊ – بَحرُ – جججهو.

• **جالارو:** ذ. صفت. تمام گهڻو – زياده (پاڻي). زياده وهندڙ – گهڻو وهندڙ (پاڻي). اٿاهه – گهڻائي ۾.

• **جالَرُ ج جالَرَ (ڪڇ):** ذ. گهنڊُ (مندر جو).

• **جالَر ج جُولَر:** ذ. گهنڊ گهڙيال – دُهل دماما.

• **جالنگُ ج جالنگ:** ذ. ڏاس جو وڏو ٻورو، سنگن جي ٻيري جا ٻني مان محصول طور ورتي ويجي (ت). چاريءَ جي ڳوٿري جا ڏابي وجهڻ کان مال جي ٿڻن تي چاڙهجي.

• **جالڻُ، جالڻ:** مصدر. گذارڻ – گهارڻ – نباهڻ. بسر ڪرڻ – رهڻ "پاڻي پيچ پنهل پرديس ويو مون کي جالڻ آيو جهنگ جبل". جتاءُ ڪرڻ. جيئڻ. ڪاٽڻ (حياتي).

• **جالي سگهڻ:** گهاري سگهڻ – گذاري سگهڻ – رهي سگهڻ. جتاءُ ڪرڻ – جهلو ڪرڻ. بيهي سگهڻ (مقابلي ۾).

• **جالو ج جالا (ل ٿ):** ذ. جارو.

• **جالوتُ:** اسم خاص. [عبراني] هڪ بادشاهه جو نالو (جو طالوت سان وڙهندي، حضرت دائود هٿان قتل ٿيو هو).

• **جالورُ ج جالورَ:** ذ. گهڻو.

• **جالوري ج جالوري:** ذ. اُٺ جو هڪ قسم (مارواڙ جي علائقي "جالور" جي اُٺن جي نسل وارو اُٺ. جنهن جو ڪاپار ۽ گردن وڏو ۽ موڪرو پيچ چوٽو. بدن سنهڙو هلڪو ۽ سهڻو پنڊ جو تکو).

• **جامُ، جامَ:** صفت. گهڻو – جهجهو – زياده ـ جال – دَلَ – وڏيڪ – اِلاهي.

• **جامُ ج جامَ:** ذ. [ف] پيئڻ جو ٿانءُ – پيالو "جُدائي جو جام، ڏنائون ڏکيءَ کي" (شاهه). ساغر – پيمانو – ڪٽورو – زيتون.

– **جامِ جَم:** ذ. اهو پيالو جو حڪيمن جمشيد بادشاهه لاءِ تيار ڪيو هو) جنهن ۾ آئنده جو حال معلوم ٿي سگهندو هو).

– **جامِ جهان نُما:** ذ. جهان جو حال ڏيکاريندڙ پيالو ـ جامِ جَم.

– **جامَ تي جامُ چاڙهڻ:** خوب شراب نوشي ڪرڻ.

– **جامِ صحت پيئڻ:** يورپ وغيره ۾ دستور آهي تہ پنهنجن دوستن، حاڪمن ۽ ٻين بزرگ شخصيتن جي صحت سلامتي ۽ ڪاميابيءَ لاءِ محفلن ۾ شراب جو پيالو پيئندا آهن. ننڍي ڪنڊ ۾ ان لاءِ شربت واپرائيندا آهن. (فرهنگ آصفيہ).

• **جامدُ:** ذ. [ع] ڄمڻ وانگر هڪ هنڌ بيل. علم جي اصطلاح ۾ اهو لفظ يا اسم جو نہ ڪنهن ٻئي لفظ مان نڪتل هجي ۽ نہ وري ان مان ڪو ٻيو لفظ جُدا جُدا معنيٰ وارو نڪري سگهي – اسم غير مُشتَق.

• **جامرُ:** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم.

• **جامري (ڪ):** ث. چمڙيءَ جي هڪ بيماري – جهامرو.

• **جامَردُ:** ذ. صفت. جُوان مَرد – سگهارو – پهلوان – وڏي همّت ۽ جرائت وارو – دلير.

• **جامعُ:** صفت. [ع] گڏ ڪندڙ – گڏيندڙ – ملائيندڙ. مُڪمَّل – ڪامل – سڄو – پورو – سارو. جنهن ۾ سارو تفصيل اچي وڃي.

– **جامع مَسْجِدُ:** ث. وڏي مسجد – اها مسجد جنهن ۾ جمعي جي نماز ٿيندڙ هجي – شهر يا محلي جي وڏي مسجد، جتي وڏي جماعت گڏ ٿيندي هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• جامعہ: ث. [ع] وڏي درسگاهہ. يونيورسٽي – دانشڪده.
• جامعہ آزهر: ث. مصر جي هڪ وڏي مسجد ۽ يونيورسٽيءَ جو نالو – ازهر يونيورسٽي. هيءَ يونيورسٽي فاطمي حڪومت جي زماني ۾ قاهره ۾ وجود ۾ آئي.
• جامڪي ج جامڪيون: ث. ف. جامڪي مير خانڻ – ميرن جي دؤر جي بندوق. ڏوردار بندوق. (گهوڙي ۾ رکڻ وارو پٽيلو يا ڏور).
– جامڪيدار بندوق: ث. بندوق جو هڪ قسم (جا ميرن جي وقت ۾ استعمال ڪئي ويندي هئي).
• جامڪي: ذ. پرت جو هڪ قسم.
• جامو ج جاما: ذ. [ف. جامہ] ڪپڙو. لباس – پوشاڪ. ڏگهو چولو. چولو – پهراڻ. اڳئين طرف کان کلندڙ وڏو چولو. ناچڻ جو چولو. ڦرغل – فقيرن جو ڏگهو چولو – ڪفني. اُت جو هڪ سنڄ – انسان جو بدن.
– جامو ڦرڻ (ل): سڄو بدن ٺري پوڻ – جسماني آرام حاصل ٿيڻ.
– جامو چلڻ: مري وڃڻ – وفات ڪرڻ – انتقال ڪرڻ.
– جامو مٽائڻ: وفات ڪرڻ – دنيا منجهان لاڏاڻو ڪرڻ – موت جو جامو پهرڻ.
– جامہ مان نڪري وڃڻ: خوشي يا غصي ۾ آپي کان نڪري وڃڻ – ٽلڻ – فخر ڪرڻ.
• جامہ: ذ. [ف] ڏسو "جامو" – هڪ قسم جو وڏو ويڪرو چوغي جهڙو لباس. جيڪو قديم زماني ۾ شريف ماڻهو ۽ دربار وارا پهريندا هئا.
• جامي: اسم خاص. [ف] خراسان جي 'جام' شهر جو وينل وڏو شاعر "مولانا نورالدين عبدالرحمان جامي" (عربي گرامر ۾ هن جو ڪتاب شرح ڪافيہ مُلا جامي مشهور).
• جاميٽري: ث. [يوناني. Geometry] اهو علم. جنهن ۾ ليڪن ۽ ڪُنڊن مان ٺهيل شڪلين وغيره بابت واقفيت هجي – اُقليدس.
• جامير: ذ. سجده گاهہ. پاڪ جاءِ. اجمير (شهر). صفت. جامو پائيندڙ. "جوڳي ويا جامير جان مڙهيان مُنهن پائيان."
• جانْ: حرف جملو يا – يان. وانگر – جيان – مثل. جنهن وقت – جنهن مهل.
– جانسين. جانڪي: ظرف. جيستائين – جنهن وقت تائين. جڏهن. اجان.
– جانڻون تانڻون: ظرف. جيئن تيئن ڪري – ڪنان بہ – ڪنهن بہ طرح – هر صورت ۾.
• جانْ (ث): ث. ڄڃ.
– جاني ج جاني (ث): ذ. ڄاڃي.
• جان ج جانيون: ث. [ف] روح. ساهہ – جيءُ – دَمُ – پران. زندگي – حياتي. زور – طاقت – همت – سگهہ. حوصلو – مجال. (صفت) پيارو – محبوب – جاني – جانب – دلبر.
– جان آفرين: ذ. جان پيدا ڪندڙ – خدا تعاليٰ.
– جانْ اچڻ: طاقت اچڻ. رونق اچڻ – خوشي اچڻ – تازگي حاصل ٿيڻ – ساهہ پوڻ. ڄڻ پُرڻ. جهڙو ٿيڻ.
– جانان: ذ. جاني – محبوب – پيارو – دلبر.
– جان آزاري: ڏک ڏيڻ – ستائڻ.
– جانباز ج جانبازَ: ذ. صفت. [ف. جان + باز. بافتن = کيڏڻ]. جان جي بازي کيڏندڙ – بهادر – دلير – پهلوان. سرتريءَ تي رکندڙ – فدائي – بيباڪ.
– جانبازي: ث. دليري – بهادري – حوصلو – همت – جان جي بازي کيڏڻ.
– جان بخشي: ث. موت کان معافي – جيئدان – قتل يا ڦاسي جي مستحق کي ڇڏي ڏيڻ.
– جان بر: صفت. سلامت – جيئرو.
– جان برلب: ظرف. مرڻينگ – مرڻ تي – مرڻ جي ويجهو.
– جان تن ۾ اچڻ: پيٽ ۾ ساهہ پوڻ. خطرو دُور ٿيڻ. بي اونو ٿيڻ.
– جان جوکي ۾ وجهڻ: سرتريءَ تي رکڻ – پاڻ کي خطري ۾ وجهڻ – نهايت مشڪل ڪم ۾ هٿ وجهڻ.
– جاندارُ ج جاندار: ذ. صفت. ساهہ وارو. سگهارو – حيوان.
– جان ڏيڻ: ساهہ ڏيڻ. مرڻ. قربان ٿيڻ – صدقي ٿيڻ.
– جان سپار: صفت. پنهنجي جان ٻئي کي حوالي ڪندڙ. عاشق – پاڻ سونپي ڇڏڻ وارو.
– جان سوز: صفت. جان جلائيندڙ. تڪليفون ڏيڻ وارو – معشوق.
– جان فشاني: ث. سخت تڪليف ڪرڻ جي حالت – ساهہ صدقي ڪرڻ واري حالت – ڪوشش – محنت. سرگرم – پاڻ کي قربان ڪرڻ واري حالت.
– جان ڪاهہ: صفت. ساهہ سُڪائيندڙ عمر کي گهٽ ڪندڙ. وڏي محنت ۽ جفاڪشي گهُرندڙ.
– جان ماري ڪرڻ: سخت تڪليف ڪرڻ – سخت پورهيو

کرڻ. جيءُ هلاڪ ڪرڻ – سخت پاڻ پتوڙڻ.

– **جان نِثار:** ذ. صفت. جان قربان ڪندڙ – عاشق – فدائي – وفادار – جانباز.

– **جان نِثاري:** ث. جان جي قرباني – وفاداري – سر صدقي ڪرڻ جي حالت.

– **جان وڃڻ:** ساهه وڃڻ – مارڻ. خون ڪرڻ.

– **جانورُ ج جانورَ:** ذ. جاندار – ساهه وارو.

– **جاني:** صفت. جان جو – جان وارو. "جان" سان واسطو رکندڙ. دل وارو – دل گهريو – دلي – معشوق – پيارو – محبوب – دلبر.

– **جاني دُشمن:** ذ. جان جو دشمن – ساهه جو ويري – وڏو دشمن – ڪٽر دشمن.

• **جانارَ ج جانارُون (ڪ):** ث. ڪاري جي ٻيڙيءَ جو هڪ پاڳو.

• **جانارُ ج جانارَ:** ذ. جانور. "دهشت دَمُ درياءَ ۾، جت جايون جانارن"

• **جانب:** ذ. [ع] طرف – پاسو.

– **جانبدارُ:** ذ. طرفدار – حمايتي – پاسو ڪندڙ – پاس خاطري ڪرڻ.

– **جانبداري:** ث. طرفداري – حمايت – مدد – پاس خاطري.

• **جانبُ، جانبَ ج جانبَ:** ذ. سڄڻ – پيارو – جاني – محبوب – دلدار. يار – دوست.

• **جانب آباد:** اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جانباز:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهه ۾).

• **جانپٽي (ڪ):** ث. وڏي لٺ – انگهن واري لٺ – جانگهه. ڍگهي ڪاني (جا لوڙهي وغيره ناهڻ يا ڍنگهرن کي سَٽي سِڌي ڪرڻ لاءِ ڪم اچي).

• **جانپڻ (ڪ):** مصدر. چنبڻ (اکيون). ساٽو ڪرڻ (ل).

• **جانپو ج جانپا:** ذ. تارو (ڪنڊن واري وڻ جو) – ڍِنگهَرُ – چانپو.

• **جانپُوٽو ج جانپُوٽا:** ذ. جهپو – جهٽ – اِنپوٽو – چنبو.

– **جانپُوٽا هڻڻ:** جهٽ هڻڻ – رانپوٽا هڻڻ – چنبا هڻڻ.

– **جانپوٽين پوڻ:** هٿين پوڻ – وڙهڻ – هڪٻئي کي رانپوٽا هڻڻ. هڪٻئي کي ننهن سان رهڙڻ – چنبن سان وڙهڻ.

• **جانپوڙجڻ:** فعل مجهول. ڳنڍجي وڃڻ – هٿين پوڻ – وڙهي پوڻ.

• **جانپُورو ج جانپورا (ت):** ذ. جانپوٽو.

• **جانٺائڻ (ل):** مصدر. اڙائڻ (تنگ). پچائڻ (عضوو). ڦاڙائڻ (مٿو).

• **جانٺو ج جانٺا:** ذ. 'مٺه" جو انگ يا داءُ. مٺه ۾ ٽنگ جو وَڪڙُ – جانٺو. (صفت) ٺلهو – متارو. پهلوان – مضبوط بدن وارو – هڏ

ڪاٺ وارو.

• **جانجڙو:** ذ. مينهن جو ڦڙو – بُوندَ (جا سپَ ۾ موتي پيدا ڪري).

– **جانجڙو مينهن:** ذ. وڏَ ڦڙو مينهن يا ننڍن ڦڙن وارو مينهن (جو مارچ ۽ اپريل ۾ وسي ۽ ڪڻڪ جي فصل کي نقصان پهچائي). وسڪارو جو مينهن. اوهيرن وارو مينهن.

• **جانجهه:** ث. ساز جو هڪ قسم (جنهن ۾ پتل جا سنهان گول چڪرا پيل هوندا آهن. جي 'جهڻ جهڻ' جو آواز ڪندا آهن).

• **جانجهرَ ج جانجهرُون:** ث. ڳهه جو هڪ قسم (جنهن ۾ گهنگهرا پون ۽ پيرن ۾ پائجي). ڏسو "جانجهه".

• **جانجهرو ج جانجهرا:** صفت. تکو – جلد باز (ڪم جو).

• **جهانجهولڻ (ت):** ذ. مصدر. ڏانڊولڻ.

• **جانجهولو ج جانجهولا (ت):** ذ. لوڏو – ڏوڏو.

• **جانجهن:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جانچڻُ:** مصدر. جاچڻ. ڏسڻ – چڪاسڻ – نهارڻ. پرکڻ. دريافت ڪرڻ – پڇا ڪرڻ. تڪڻ. سنڀال ڪرڻ. ڏسو "جاچڻ".

– **جانچ ج جانچون:** ث. جاچ. چڪاس. ڳولا. دريافت. تپاس – پڇا ڳاڇا – تلاش – کوجنا – امتحان – آزمائش – پرتال. ڏسو "جاچڻ".

– **جانچائڻُ:** مصدر. "جاچڻ" مان متعدي بالواسطه جاچائڻ – چڪاسائڻ – پرکائڻ. پڇائڻ. سنڀال ڪرائڻ. ڏسو "جاچڻ".

– **جانچجڻُ:** مصدر. "جاچڻ" مان فعل مجهول. جاچجڻ.

• **جانڊاهِ ج جانڊاهيون:** ث. [سن. يَنتر = جَندُ]. وڏو جَندُ – وڏي چڪي – جانڊهه.

• **جانڊاهي ج جانڊاهي:** ذ. صفت. جانڊهه جو مالڪ. جانڊهه هلائيندڙ. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

• **جانڊهِ ج جانڊهيون:** ث. جانڊاهه – اني پيهڻ جي وڏي چڪي (جا ڏاند يا ٻيو جانور ڳيڙي، ڦيرائي).

• **جانڊي ج جانڊي (ڪ):** ذ صفت. جنڊ آهرو – جنڊ آهوڙڻ وارو.

• **جانڙو جانڙرو ج جانڙا، جانڙا (ل):** ذ. جاڙو.

• **جانسري:** ث. جوئر جو هڪ قسم.

• **جانسين:** ظرف. جيسين – جيستائين. "جانسين اٿئي دم پساهه. تانسين چرخي لائج چاهه" (شاهه).

– **جانسين تائين:** ظرف. جيستائين – جيستائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• ڄانڻو ج ڄانڻا (ڪ): ذ. صفت. جانيوتو – جهَٽ – چنبو.

• ڄانڪائي: ث. سنڀال يا حفاظت سان رکڻ جي حالت.

• ڄانڪَشتو ڄانڪَشتو ج ڄانڪَشتا، ڄانڪَشتا: ذ. صفت. [ف. جان + ڪشت] همت ڀريو – مردانو – دلير – طاقتور – سگهارو – جانمرد – جان جي بازي رکڻ وارو.

• ڄانڪڻ: مصدر. سنڀالڻ – سنڀال ڪرڻ – تاتڻ – خبرداريءَ سان رکڻ – هٿيڪو ڪري رکڻ. "جيءَ جوڳين جانڪيو، منهنجو هنيون ناهي هٿ" (ڳلوميانڻو). مضبوط ڪرڻ. ٻڌڻ.

• ڄانڪوڻ (ٿ): ظرف. جڏهن ڪان وٺي.

• ڄانڪيتان: ظرف. جيستائين. "ٻاڙي ۾ ٻرين جي، جيون جانڪيتان"

• ڄانڪَس ڄانڪَوَ (ٿ): ث. مختصر ڪاڏو يا ناشتو (صبح يا شام جو) – هنڻين جهَل.

• ڄانڪو (ٿ): ذ. صفت. جهڪي نظر وارو – جهانپو. ڇنجهو.

• ڄانگستو: ذ. صفت. [ف. جهان + گشتہ] مُلڪان مُلڪ گهمڻ ڦرڻ وارو – جهانديده _ تجربيڪار – وڏي سمجهہ ۽ همت وارو.

• ڄانگيا: ذ. [سن. جانگهڪ] بدن ڍڪڻ جو ڪپڙو (جو صرف گوڏن تائين ڍڪي) – ڪڇو. ڪُشتي وڙهڻ ۾ ڪم ايندڙ لانگوٽ.

• جانمردُ ج جانمردَ: ذ. [ف. جوان + مرد] بهادر – پهلوان. باهمت.

• ڄانو ج ڄانا: ذ. پڇتاءُ ظاهر ڪرڻ يا معافي وٺڻ لاءِ نڪ تي آڱر ڪَهڻ جو عمل – توبہ – ٻاڻ – پڇتاءُ.

• ڄانو پرڻ: پڇتاءُ، معافي يا بيزاريءَ لاءِ نَڪَ تي آڱر ڪَهڻُ – توبہ ڪرڻ – نَڪ گِيسي ڪرڻ. زاري ڪرڻ – ٻاڻ ڪرڻ – پڇتائڻ – پشيمان ٿيڻ.

• جانوتري: ث. [سن. جات + پَتري] جاوتري – جائتري.

• جانورُ ج جانوَرَ: ذ. صفت. [ف] ساهوارو – حيوان – جاندار – چوپايو. ڍور. مرُوڻ. وَهڪ. وحشي. بيوقوف.

• جانوَرخانو: ذ. اُها جاءِ جتي جانور نمائش لاءِ بيهاريا وڃن.

• ڄانوري: اسم خاص. سنڌ جي بلوچن جو هڪ قبيلو – ڪلمتي (ڪرمتي) قبيلن مان هڪ قبيلو.

• جانهريو پٽ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• جانهولو (ٿ): ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (برسات ۾ ٿئي، ٻارهن ئي مهينا سائو رهي. لڙجهڙا سنگ ۽ سنهڙا گلابي گُل ڪڍي).

• جانهوليو: اسم خاص. گاهہ جو هڪ قسم (ننڍڙو هجي تہ سنگ سائو ۽ وڏو ٿئي تہ سنگ اڇو ٿئي).

• جاني بيگ: اسم خاص. ترخان گهراڻي جي هڪ بادشاهہ جو نالو – مرزا جاني بيگ.

• ڄاڻ: ث [فہ 1. جوان] ٻسارڪي وَکَر جو هڪ قسم (هڪ ٻوٽي جو ٻجُ آهي، جنهن جو ذائقو تيز ۽ رنگ ڳاڙهاڻ مائل ٿئي).

– ڄاڻ خُراساني: ث. ڄاڻ جو هڪ قسم.

• ڄاڻاٺ: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• ڄاڻُو ج ڄاڻا: ذ. صفت. جاڙو. ڏسو "جاڙو".

• جاني ماني (ٿ): هڪ ٻاراڻي راند جو نالو.

• جاوا: اسم خاص. برماجي ڏکڻ ۾ هڪ زرخيز ٻيٽ جو نالو (جتي گرم مصالحو ڪثرت سان ٿئي. سنڌ جا واپاري اڪثر ڪري اُتي ويندا هئا ۽ بي انداز ناڻو ڪمائي ايندا هئا). چوڻي آهي تہ: "جيڪو وڃي جاوي، سو وَل نہ آوي، جي آوي تہ ٻال ٻچي ڏاوي". مجازاً معنيٰ مزو – عيش – ڏؤ.

– جاوا ڪرڻ: مزا ماڻڻ – ڏؤ ڪرڻ – موجُون ڪرڻ. عيش ڪرڻ – ججهو مال هٿ ڪرڻ.

• جاوا: صفت. [ف. ياوه] اجا يا – بيهودا. "مُنہي ڪِٿا مرض ۾، جاوا سڀ جواب" (شاهہ).

• جاودان: ظرف. [ف] هميشہ _ سدائين – نت – بقادار.

– جاوداني: ث. هميشگي – بقاءُ – سدائين قائم رهڻ واري حالت.

• ڄاهہ: ذ. [ف] شان – مَرتبو – درجو. دبدبو – شوڪت – ٺَٺُ. عظمت – حشمت – احتشام.

– جاهہ وجلال: ذ. شان وشوڪت – ٺٺ ٺانگر – احتشام – دبدبو.

– جاهہ وحشم: ذ. جاهہ وجلال – شان شوڪت – رعب تاب.

• جاهلُ: ذ. صفت. [ع. جَهَل = اڻ ڄاڻ] اڻ پڙهيل – بي علم. اڻ ڄاڻ – ناواقف – بي خبر – اياڻو. اناڙي – مُورک – نادان.

– جاهليٽو: ذ. جهالت – جاهليّت – بي علمي – اڻ ڄاڻائي – اياڻپ – بي عقلي.

– جاهلي، جاهليّت: ث. بي علمي – جَهلُ. اياڻپ. ناداني – مورکتا – بيوقوفي.

• جاءِ (جو گُل): ذ. گُل جو هڪ قسم.

• جاءِ ج جايون: ث [ف] هنڌ – ماڳ – جوءِ _ وٿاڻ – ٿانُ – ٿاڪ – ٺڪاڻو. زمين. جڳهہ – بيٺڪ – گهَرُ – مَڪان – منزل.

– جاءِ اچڻ: ٺڪاڻي اچڻ – پوري هنڌ اچڻ. ٺانيڪو ٿيڻ – اصلي حالت ڏي موٽڻ.

– جاءِ بجاءِ: ظرف. مناسب نامناسب – موقعي بي موقعي –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضروري غير ضروري.
— **جاءِ پرڻ:** جاءِ والارڻ. مَٽ ٿيڻ. خال ٿيڻ. ڪمي پوري ڪرڻ — پورائو ڪرڻ. لياقت ۽ حيثيت ۾ برابر ٿيڻ.
— **جاءِ ضرور:** ذ. پائخانو — پٽي — ڪاڪوس — پَٽ (ت).
— **جاءِ ڪرڻ:** ذ. صنت. جاءِ پيدا ڪرڻ — گنجائش پيدا ڪرڻ. ٽانيڪو ٿيڻ — پڙدو ڪرڻ (ٿوري وقت لاءِ).
— **جاءِ نشين:** ذ. صنت. قائم مقام — عيوضي. مسند نشين — خليفو — نائب — گادي نشين.
— **جاءِ نشيني:** ٿ. قائم مقامي — گاديءَ تي ويهڻ جي حالت يا رسم.
— **جاءِ وٺڻ:** جڳهه وٺڻ — جاءِ هٿ ڪرڻ. ٻيهڪ اختيار ڪرڻ. هڪ هنڌ ٻيهڻ — ٽِڪڻ — قرار وٺڻ — پنهنجي ذاتي حد تي پهچڻ.
— **جاءِ هئڻ:** مجال هئڻ — طاقت هئڻ.
— **جاءِ نہ هئڻ:** مقابلو ڪري نہ سگهڻ.
— **جَايون جوڙڻ:** گهر ناهڻ — گهر اڏڻ. گهر ڪرڻ — سمائجي وڃڻ.
— **جَايون وسائڻ:** ماڳ وسائڻ — ڪو هنڌ وڃي آباد ڪرڻ — وڏن جا تاڪ آباد ڪندو رهڻ.
— **جائيتو:** ظرف. جاءِ تي — هنڌيڪو — هٿيڪو — محفوظ — پوري هنڌ تي.
• **جائتري:** ٿ. [سن. جَاتِ + پَتري] وڻ جو هڪ قسم (جنهن جو ڦل پسارڪي وڪر طور ڪم اچي) — جائڦل. جائتي. جائوتري.
• **جائتي ڪارڪون (ت):** ٿ. ڪارڪن جو هڪ قسم.
• **جائداد ج جائدادون:** ٿ. [ف] مال ملڪيت — دولت — املاڪ — ماليات — مالي. سامان. جاءِ ـ جڳهه — مڪان.
— **جائداد غَير منقُولہ:** ٿ. اها ملڪيت جيڪا هٽي هنڌ ڪجي نہ سگهي (جهڙوڪ. زمين. گهر وغيره).
— **جائداد منقُولہ:** ٿ. اها ملڪيت جيڪا هٽي هنڌ ڪجي سگهي (جهڙوڪ. ناڻو. سامان. چوپايو مال وغيره).
• **جَائز:** ظرف. [ع. جاز = لنگهڻ. ڪنهن جاءِ تان گذرڻ. قانون مطابق هئڻ] قانون مطابق (ڪم يا امر) "جائز ڪم. جائز ڳالهہ". باقاعدي. مباح — حلال — روا — رِهندو. درست — مناسب. اجازت ڏنل (شرعي حڪم موجب) قانوني. شرعي. حقي. (ذ) وعدو — انجام (محبوب سان ملڻ جو) — تِڪ. اقرار — زبان — ٻول. (ظرف) پڪ — يقيني — ضرور — خاطري سان. "لنگهائيندو لڪيون. جائز هو جاني" (حاجي خان بگهياڻ).
— **جَائز پڌڻ:** هڪٻئي سان ملاقات جو وقت ۽ هنڌ مقرر ڪرڻ. انجام ُ پڌڻ.
— **جائز ڏيڻ:** ملڻ جو انجام ڏيڻ — وعدو ڏيڻ.
— **جَائز وٺڻ:** ملاقات جو وقت وٺڻ — ملڻ جو پڪو انجام وٺڻ.
• **جَائزو:** ذ. [ع. جائزہ] پرک — امتحان — پڙتال. جاچ — اندازو.
• **جائزو وٺڻ:** پرکڻ — پرک وٺڻ — امتحان وٺڻ. جاچ ڪرڻ — اندازو لڳائڻ. سنڀالڻ.
• **جائڦل، جائڦل:** ذ. [سن. جاتِ + ڦَل] وڻ ۽ اُن جو ڦل هڪ قسم — جائتري.
• **جائو:** اسم خاص. گهوڙا ٻاري ۽ شاهہ بندر تعلقي ۾ ديهن جو نالو.
• **جائو ج جاوا:** جَوَن وارو — جَوَن جو — جَوَن مان ٺهيل. جَوَن گڏيل. ڪُڪڙ جو هڪ قسم (جَون جي رنگ جهڙو). ڏسو "جَوَ".
• **جَائو:** اسم خاص. ماڳ جو نالو — لڪ جائو. "وڏا وڻ وٽڪار جا، جت جائو جمر جر" (شاهہ).
• **جائو شير:** ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم (ڳاڙهو ۽ ڪاراڻ مائل ڪنوٽر).
• **جائو ڪُونجي:** اسم خاص. تعلقي گهوڙا ٻاري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **جائون:** ذ. چوپائي مال جي اوجهريءَ ۾ ٿينڊڙ ننڍڙا جيت (ڳاڙهي رنگ جون گـذرون). (ظرف) جڏهن ڪان — تڏهانڪر. "ڪي ڳڻ ڪيتائون جائون تي جار ٿيا".
• **جائي (ت):** ظرف. پڪ سان — سچ پچ — يقيناً "جيڻ جانب جيءُ جائي مصطفيٰ جو مرتضيٰ". (قائم فقير شر). ضرور — ڪنهن بہ صورت ۾.
— **جائي پائي:** سچ پچ — يقيني.
— **جائي جُواري:** جُوئر وغيره جي سادي غذا.
• **جائيڪي:** اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **جَبُ:** ظرف. [سن. ياوَتَ] جڏهن — جنهن وقت.
• **جِبَاب ُ ج جِبَاب:** ذ. "جواب" جي بگڙيل صورت.
• **جُبَات ُ ج جبات:** ذ. رنگين قيمتي ڪپڙو. گلن جي سهٽائي "گل جباب".
• **جَبّار:** ذ. [ع] تمام گهڻي طاقت وارو — سمورين طاقتن وارو. ڏٽي تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. اللہ. زور وارو — ڏاڍو — سگهارو — وَس وارو — زبردست.

باقي – گهٽو جهليندڙ – گهٽو وقت هلندڙ.
– **جَتائُو ۽ جَتائُو:** ذ. صفت. جتادار – پائدار – جهالو.
• **جَتاهانسي:** ذ. پسارڪي وڪرجو هڪ قسم – سُرهي مُر.
• **جتڙو(ٿ):** ذ. صفت. وارن وارو – جهَنڊ وارو.
• **جَتڪڻُ:** مصدر. ڪَرڪڻ – پوڻ(مٿان) – اوچتو مٿان اچي سهڙڻ.
• **جَتڻُ:** مصدر. جَتاءُ ڪرڻ – هَنڊڻ – جهلڻ. بقا ڪرڻ – گهٽو وقت هلڻ – قائم رهڻ. "چڏ سپرايون سومرا، ظلم ڪـيـرَ جَتي" (شاهه). ترسڻ – رهڻ – گذارڻ – گهارڻ.
• **جُتڻُ:** مصدر. جُنبَڻ – مشغول ٿيڻ – لڳي وڃڻ )(ڪم ۾) – جُنبي وڃڻ. جهيڙو ڪرڻ. وچڙڻ – ڳنڍجي وڃڻ.
• **جَتو ۽ جَتا:** ذ. صفت. ٿُلهو – متارو – مضبوط – سگهارو.
• **جَتي:** ٿ. پوتيءَ جو هڪ قسم.
• **جتيا:** اسم خاص. هندن جي هڪ گهٽ ذات جو نالو (جي اڪثر ڪلن رڱڻ جو ڪم ڪن).
• **جُٺ ۽ جُٺيون:** ٿ. تَعدي – خواري – عقوبت – لعنت – بي عزتي – تنبيهه – ملامت – ڦِٽڪار.
– **جُٺ جَنبِڙُ:** ٿ. جُٺ ڦِٽ _ لَعن طَعن – لعنت ملامت – ڦِٽڪار.
– **جُٺڙُ:** ذ. صفت. جُٺ ڪندڙ – تَعدّي ڪندڙ.
– **جُٺ ڦِٽ:** ٿ. لعنت ملامت – هاهاڪار – تنبيهه – ڦِٽ ڦِٽ – ڦِٽڪار – تعدّي لَعن طعن – ٽُڪ ٻُجو.
– **جُٺ ڦِٽ ڪرڻ:** ٽُڪ ٻُجو ڪرڻ – تَعدّي ڪرڻ – لعنت ملامت ڪرڻ – هاهاڪار ڪرڻ.
– **جُٺيرُ ۽ جُٺيَرُ:** ذ. صفت. اهو ماڻهو جنهن جُٺ جهلي هجي. جٺيون جهليندڙ – ملامتن جو پڪو – بي اثر.
– **جُٺيون ڪرڻ:** عقوبتون ڪرڻ. تعدّيون ڪرڻ. لعنتون ملامتون ڪرڻ. بڇڙيون حالتون ڪرڻ.
• **جَٺڙُ:** صفت. ڏکيو – سخت – ڏاڍو.
• **جُٺو ۽ جُٺا:** ذ. [ع. جُثّہ] بدن – جسم – تَن – سَرِيرُ (هه).
• **جَپُ، جَپ (ل ٿ):** ٿ. سُڪُ – آرامُ – فرحت – ماٺ – سانت.
– **جَپ ڪرڻ (ٿ):** ٿ. سُڪ ڪرڻ – آرام ڪرڻ. ماٺ ڪري ويهڻ.
• **جَپ، جَپ تار:** ٿ. پکواز (پخواز) جي هڪ وَڄت جو نمونو – جهَپ تال.
• **جَپُ:** ذ. [سن. جَپُ = جُپ جاپ ۾ دُهرائڻ] پوجا. پاٺ. گُـرونانڪ جي چيلن جو وِردُ – وظيفو.
– **جَپُ تَپُ:** پوجا پاٺ – ذڪر فڪر – ورد وظيفو.
– **جَپ صاحب:** ذ. گُـرونانڪ جي پاٺـيَن (وايُن) جو ڪتاب.
– **جَپ ڪرڻ:** پُوڄڻ – پوجا پاٺ ڪرڻ. ذڪر ڪرڻ. وِرد ڪرڻ – روزمره جو وظيفو ڪرڻ.
– **جَپ مالا:** ٿ. تسبيح – سُمرڻي.
• **جَپڻُ:** مصدر. [سن. جَلپَ (ت) وري وري نالو يا منتر پڙهڻ. ورد ڪرڻ. ذڪر ڪرڻ – بندگي ڪرڻ. تسبيح پڙهڻ – مالها ڦيرڻ. عبادت ڪرڻ – پوجا ڪرڻ. پرارٿنا ڪرڻ.
• **جَڄ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **جَڄُ ۽ جَڄَ:** ذ. [انگ. Judge] انصاف ڪندڙ – مُنصِفُ – فيصلو ڪندڙ – نياءُ ڪاري – قاضي.
– **جَجمنٽ:** ٿ. [انگ. Judgment] لکيل فتويٰ ۽ فيصلو.
• **جڄ:** ٿ. ڪـني يا اڻ وڻندڙ شيءِ جا زوريءَ چنبڙي پوي – مصيبت. (صفت) چنبڙي پوندڙ – نَہ ڇَڏو – پنيان پوندڙ – ڳـڪ. لالچي – حريص – تمام ننڍڙو (ت).
– **جڄ مان ڦاسڻ:** مصيبت ۾ ڦاسي وڃڻ – نَہ ڇڏ مان اڙجي وڃڻ.
• **ججا ۽ ججائُون:** صفت. مَہ ڇَڏو – چنبڙندڙ – جند نَہ ڇڏيندڙ – جڄ.
• **جَجارَ ۽ جَجارُون:** ٿ. [انگ. Girgal] بندوق جو هڪ قسم – وڏي بندوق – تُفنگ.
• **جَجان فَجان (ت):** ٿ. گارگند – بَدشَد – بيسود ڳالهاءُ – گهٽ وڌ ڳالهائڻ – واهيات گُـفتا.
– **جَجان فَجان ڪرڻ:** بدفضيلتو ڳالهائڻ – بَد شَد ڪرڻ – گارگند ڪرڻ. بيسود گُفتگو ڪرڻ.
• **جِجائُو ۽ جِجائُو:** ذ. صفت. لِلائُو – لَلو. جِجا – خيالي پوائتي شيءِ جنهن جي نالي وٺڻ ڪان دِپ ٿئي – ٻائُو – ٻلائُو.
• **جَجائِي جَجِئِي:** ذ. جانورن جو هڪ قسم.
• **جَجري:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۾).
• **جُجـڪي ۽ جُجـڪيُون:** ٿ. رِيجڪ – پُور. لَهرَ – موج.
• **جَجْمانُ ۽ جَجْمانَ:** ذ. [سن. يَجَمانہُ] اهو ماڻهو جيڪو يَگُ ڪرائي، برهمڻ کي سڏي ۽ خرچ پري. يَگـيَہ ڪندڙ. پُوجا ڪندڙ. اهو شخصي جنهن تي برهمڻ جو قانوني حق هجي.
– **جَجْماني:** ٿ. [سن. يَجَمان + اِڪا] برهمڻ جو ججمان تي قانوني حق – دانُ (جو برهمڻ کي ججمان وٽان ملي).
• **جَجونتِي:** ٿ. هڪ راڳڻيءَ جو نالو – جي جي وَنتي.

• **جِجَّٽِي:** اسم خاص. جانورن جو هڪ قسم.

• **جِجِڻِي ج جِجيُون (ت):** ث. ٻچي — نَڪَ ۾ جميل سِنگهہَ.

• **جَجهہِ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جَجهِڪو (ڪ):** ذ. ٻڪريءَ جو مُونجهہ ۾ ڏَٻ ٕ وقت آواز.

• **جِجهو ج جِجها:** ذ. صفت. گهڻو — ٺُو — اِلاهي — جامَ — ڪثير — وافر — زياده _ جهجهو.

• **جُڄُ ج جُڄَ:** ذ. ڪاڄ — شاديءَ جي مجلس. ڏڄُ (ڪاڏي جو). خوشي، ڳٺون، ٻڪري يا گهيتي جا آنڊا، جي اُٺ کي ڪاڙهي پيارحن — اُٺ واسطي آنڊن جو ڪاڙهو.

• **جَڄَڻُ (ٺ):** مصدر. پُورو اچڻ — وڻڻ — پسند اچڻ — ڪَپي وڃڻ — ٺهڪڻ

• **جَدّ ج اَجداد:** ذ. [ع. جَدّ = معزز ٿيڻ] ڏاڏو. پڙ ڏاڏو (ث. جَدّه) — بخت — چڱو نصيب — دولت — عزت — شانُ.

— **جَدّي:** صفت. اَباڻو — پيءُ ڏاڏي وارو — وڏن جو.

• **جِدّ:** ث. [ع] ڪوشش — سعيو. جتن — اُدم — اورچائي.

— **جَدّو جَهد:** ٺ. ڪوشش — ڏُڪ ڊوڙ — محنت — جَفاڪَشي — پاڻ پتوڙڻ.

• **جُدا:** ظرف. [ف] ڌار — الڳ — ڀري — علحده _ ڏُور — وڇڙيل — وِڪرو. وِٿيرڪو. اراڏو — نيارو. نرالو — عجيبہ ڌارون ڌار — مُتَفَرّقو — طرح طرح جو — پنهنجي ليکي — پنهنجي مُنهن سرِ. اڪيلو — تنها.

— **جُدا جُدا:** ظرف. ڌار ڌار — الڳ الڳ. ڀري ڀري — علحدو علحدو. ڇڙوڇڙ — مُنْتَشَرُ.

— **جُداگانہ:** ظرف. الڳ — ڌار — علحده. هڪ طرفو — نرالو — نراليءَ طرح — جدا نموني سان — الڳ طريقي سان.

— **جُدائِي ج جُدائِيُون:** ث.علحدگي. وِڪرائي. وڇوڙو — ڦوڙائو — فراق — ڏُوري.

• **جَدار:** جنگ — لڙائي. "وِڙهون هلي تنهن وِير سان، ڪيون جنگ جَدار" (مهدي شاهہ).

• **جَدال:** ذ. [ع. جِدال < جَدَلَ = وڙهڻ = مضبوط ڪرڻ] جنگ — لڙائي. جهيڙو — جهڳڙو. بحث — تڪرار — تَڪرو.

• **جِدّت:** ث. [ع] نئين ڳالهہ پيدا هئڻ جي حالت. انوکائي. تازگي.

— **جِدّت پسندي:** ث. نئين ڳالهہ کي پسند ڪرڻ واري ڪيفيت. جديد ۾ نين شين جو چاهُ — قدامت پسنديءَ جو ضد.

• **جَدرُواءِ:** اسم خاص. تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **جَڏگال، جَڏغال:** اسم خاص. ڪلاڇ، قلات، مڪران ۽ ايراني بلوچن جي ڪن علائقن ۾ رهندڙ هندي ڳالهائيندڙ قبيلا.

• **جَدَل:** ث. [ع. جَدَلْ = رسو پڪو ڪرڻ. جهڳڙو ڪرڻ] لڙائي — جنگ. جهڳڙو — جهيڙو. ڏسو "جدالْ". خصومت. بحث. هيءُ لفظ هميشہ جنگ سان گڏ استعمال ٿئي "جنگ وجدل".

• **جِدو:** اسم خاص. تعلقي گهوڙا باريءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو. سعودي عرب جو هڪ مشهور شهر جده.

• **جُدو:** ظرف. جُدا.

• **جَدْوار:** ث. [ع] ٻسارڪي وکر جو هڪ قسم (هڪ ٻوٽي جي پاڙ، رنگ ڪارو ۽ ناگر موٿ وانگر. وِچونءَ جي ڏِنگ جهڙي ڳَري).

• **جَدْوَل ج جَدوَلون:** ٺ. [ع. جَدوَل = حساب پچڻ جون پاڙون ٺاهڻ] ڪتابن ۾ حاشي جي جوڙاري ليڪن ڪڍڻ جو ڪم. صفحي جي چئني پاسي ڪڍيل ليڪون — نَهہ حسابن پچڻ لاءِ تيار ڪيل نقشو (جنهن جي آڌار تي حساب آسانيءَ سان پچي سگهجن). نجومين جو زائچو يا جنم پتري.

— **جَدولِي:** صفت. ليڪا پاتل (ڪتاب). جدول وارو (ڪوڙو حساب وغيره).

— **جَدولِي قلم:** لوهي چهنب وارو قلم (جنهن سان ڪتابن تي ليڪا وجهجن).

• **جِدّه، (جَدّه):** اسم خاص. [ع. جَدّة] سعودي عرب جي هڪ شهر ۽ بندر جو نالو.

• **جَديْ:** ث. بي عزتي — ايمان — هتڪ عزت.

• **جَدِي:** ذ. [ع] ڇيلو. آسمان جي هڪ برج جو نالو (جو ڇيلي جي شڪل جهڙو آهي) — مڪر. اتر قطب جي ويجهو هڪ تاري جو نالو.

— **جدِي گهيرو:** ذ. خط استوا کان ساڍا ٽيويهہ درجا ڏکڻ طرف هڪ خيالي گهيرو (جو ڌرتيءَ کي ڦري ٿو اچي سياري ۾ سج انهيءَ گهيري تائين لڙندو آهي) — مڪر گهيرو.

• **جُديارِ:** ظرف. ڌار ڌار — جُدا جُدا.

• **جَديْدُ:** صفت. [ع. جِدّةُ = نئون ٿيڻ] نئون — تازو — هاڻوڪو — موجوده وقت جو "قديم جوضد". علم عروض موجب هڪ بحر جو نالو (فعلاتن، فعلاتن، مفاعلن).

• **جُڏّ:** ث. [يَدّ. يَدّ = لڙائي ڪرڻ] لڙائي — جنگ — ويڙهہ — يُدّ.

• **جَڏ :** ظرف. جڏهن.

• **جَڏُ ج جَڏَ:** صفت. [پرا. جَڏَ. سن. جَڏَ] جڏو — معذور — بيڪار عضون وارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **جَرارڪيٽُ:** اسم خاص. تعلقي گهوڙا باريءَ جي هڪ ديهه جو نالو.

• **جَرارُ:** اسم خاص. [ع. جَرّار] هڪ عاشق مرد جو نالو – "ٻوٻنا" نالي محبوبہ جو عاشق.

• **جَـرَبُ جَـرَبَ (ڪ ل):** [ع] ٻڪرين يا رڍن جو اُهو ڌڻ، جو هٽي هنڌان ڪاهي يا خريد ڪري مارڪيٽ ۾ آڻجي. ڪوبہ هڪ ٻِهرو. (ٿ). اُها اُٺ جا ڦَرڪان سواءِ رڙندي وتي (ڪ).

• **جَـرَحُ (جِرَحُ) ج جَـرُحون:** ٿ. [ع] گهاءُ – زخم – چِير. ڦَٽُ. اعتراض. رَدَ. آڏي پڇا.

– **جَرَحَ ڪرڻ:** آڏي پڇا ڪرڻ – سوال جواب ڪرڻ – رَدَ جواب ڏيڻ.

• **جَـرجلو ج جَـرجلا:** ذ. [ع. زَلزَلَة] زلزلو – ڀُون ڪنب – ڪَنبٽي – ڌرتيءَ جو ڌُٻڻ. "ڌَڪيا اَپ زمين. پيو جَرجلو جَبلا" (عثمان ڪلهوڙو). ماتم – روڄ راڙو. واءِ ويلا. سخت تڪليف. هراس. فساد – گوڙ. عاشورا.

– **جَـرجلو مچڻ:** ماتم ٿيڻ – واويلا پوڻ – مانڌاڻ مچڻ. فساد ٿيڻ.

• **جَرسُ ج جَرَس:** ذ. [ع] گهنڊُ – گهڙيال. اهو گهنڊ جو قافلي سان گڏ هوندو آهي ۽ قافلي جي تياري وقت وڄائبو آهي.

• **جُـرعَة:** ذ. [ع. جُـرعَة] ڍُڪ – ڍُڪو – چُلو.

• **جَـرَقُلُ ج جَـرَقُلَ:** ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم. گلاب جي سڪل مُڪڙي – گلاب جي ڪَلِي. ڪوري مان اُڏامندڙ چڻنگ. آتشبازيءَ جو هڪ قسم (جنهن جي ٻارڻ سان چڻنگون نڪرن). ٻُهڻ جو گُل. "ٻاڻ ٻُهڻ. ٻاڙون ٻهہ. گل جرقل سدا" (رمضان واڍو).

– **جَرقُلائون:** ذ. صفت. گلاب جي مُڪڙِيُن يا ڪَلِيُن وارو گهڻيون چڻنگون ڇڏيندڙ (آتشبازي).

• **جَـرڪَ ج جَـرڪَ (ڪ):** ذ. چراخ (جانور).

• **جَـرڪپوتا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو. ولي جرڪس ڏ ناٿي جو اولاد.

• **جَرڪڻُ:** مصدر. [سن. جُوَلُ] چِمڪڻ – چِلڪڻ – تجلو ڪرڻ – چمڪاٽ ڪرڻ – جهرڪڻ.

– **جَرڪَ:** ٿ. چمڪو – چِلڪو – تجلو.

– **جرڪائڻ:** مصدر. "جرڪڻ" مان متعدي بالواسطه. چمڪائڻ – چلڪائڻ – اُجارڻ.

– **جَرڪو:** ذ. چمڪو – چلڪو – تَجَلو – جهرڪو.

• **جَرڪوهيارو:** اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جَـرَڪُ ج جَـرَڪَ (ٿ):** ذ. چراخ (جانور).

• **جرگو ج جرگا:** ذ. [ترڪي – جَرگہ = حلقو – گولائي يا قطار ۾ ويهڻ] جماعت – پنچات – فيصلو ڪندڙ جماعت يا قبيلن جا سردار جيڪي ويهي سنگين ڏوهن جو فيصلو ڪن. قومي يا راڄوٺو نياءُ.

– **جرگو ويهڻ:** نياءُ ڪندڙ جماعت جو گڏ ٿيڻ. نياءُ ٿيڻ – فيصلو ٿيڻ.

• **جرگو ج جرگا:** ذ. جرگو.

• **جِرمُ ج اَجرام:** ذ. [ع] جِسم (هي لفظ خاص ڪري آسماني شين سان استعمال ٿئي ٿو) بدن – ذَرّ – جُثو. نوراني يا لطيف جسم (گهڻو ڪري آسماني ۽ معدني شين سان تعلق رکندڙ).

– **اَجرام سماوي:** ذ. آسماني جسم (تارا – گرهہ وغيره).

• **جُرمُ ج جَرائم:** ذ. [ع. جَـرَمَ = تصور ڪرڻ] ڏوهہ – گناهہ – قصور – خطا – تقصير – پاپ – قانون جي خلاف ڪم – سزا جي لائق ڪم.

– **جرائم پيشہ:** ذ. صفت. ڏوهاري ماڻهو (جن جو ڌنڌو چوري وغيره هجي).

– **جُرم خفيف:** سزا جوڳو هلڪو ڪم جيڪو ڏنڊ وغيره سان معاف ٿي وڃي.

– **جُرم سنگين:** ڳرو ڏوهہ جو ڪم جنهن لاءِ موت وغيره جي سزا ڏني وڃي.

• **جُرمانو ج جُرمانا:** ذ. [ف] ڏوهہ جو عيوض – ڏنڊ – تاوڻ.

• **جَـرمَني:** ذ. ڪُڪڙ جو هڪ قسم (رنگ ڪارو). اسم خاص) جرمني – يورپ جي هڪ ملڪ جو نالو.

• **جَـرنا:** ٿ. ڏ يرڄ – تَحمل.

• **جَـرَڻُ:** مصدر. [سن. جُوَلُ] جَلڻ – سَڙڻ – ٻَچڻ – ڪامڻ – سَهڻ – برداشت ڪرڻ – هضم ٿيڻ (طعام).

• **جَرو ج جَرا:** صفت. ذرو – ٿورو (ذَرّة جي بگڙيل صورت).

• **جُرو ج جُرا:** ذ. [ف. جُـره] پکي (باز) جو هڪ قسم – "باز" جو نَر. زُرَ.

• **جَرواڙ:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ تپي ۽ ديهہ جو نالو.

• **جَروٽ ج جَروٽون:** ٿ. پوڙهي ڳئون، مينهن وغيره (ل). ٻاجي – اُٺ (ڪ).

• **جُرئت ج جُرئتون:** ٿ. ڏسو "جرائت".

• **جَري (جَريءَ):** صفت. [ع. جَـروءَ = بهادر ٿيڻ] پهلوان –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جرائت – بهادري – مردانگي – شجاعت – جوانمردي – حوصلو. همّت – دلاوري – بيباڪي – شيردلي.

• **جَسامَتَ:** ث. [ع. جَسامَة جَسَمَ = ٿلهو ٿيڻ] ٿلهائي – موٽائي – فربهي. بدن – ڊگهائي، ويڪرائي ۽ اونهائي جي ضرب ٿيل ماپ.

• **جَسْتَ:** ذ. [ف. جَسْتَن = ٽپو ڏيڻ] ٽپو – ٻُل – ڇلانگ – ٽپنگ – ڇال.

– **جَسْتہ جَسْتہ:** ظرف. ڪٿي ڪٿي – ٿورو ٿورو.

• **جِسْتُ ج جِسْتَ:** ذ. [پرا. جَسَد. سن. جَسَد] ڌاتو جو هڪ قسم (اڇي ۽ ميرانجهڙي رنگ جو هن مان ٿانو ٺهن).

• **جستي:** ز. صفت. جست جو – جست مان ٺهيل.

• **جُسْتُ (ڪ):** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (ڳاڙهن گلن سان).

• **جُستجُو:** ث. [ف. جُست + جو] ڳولا – تلاش – جاچا – پڇا ڳڇا.

• **جَسَدُ:** ذ. [ع. جَسَدَ = رت ڄمڻ] جسم – بدن – جان – تَنُ – پندو – ڏيل.

• **جِسْرَ:** ث. [ع. جَسَرَ = پل ٺاهڻ] پل.

• **جسڪاڻي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **جِسْمُ ج جِسمَ:** ذ. [ع. جَسَمَ = ٿلهو ٿيڻ] بدنُ – تَنُ – بُتُ – سَرِيرُ. اُها شيءِ جا جاءِ والاري ۽ وزن رکي – مادو – وجود.

– **جسماني:** ذ. صفت. جسم جو – بَدني – ديهي – سَريرڪ – مادي – بدني.

– **جسمدارُ:** ذ. صفت. جسم وارو – اُهو مادو يا جسم جنهن کي ڏسي، سنگهي، ٻڌي، چکي يا ڇهي سگهجي.

– **جِسمي:** ذ. صفت. بدني – جسم جو.

• **جَسَنُ ج جَسَنَ:** ذ. جَشَنُ. ڏسو "جشن".

• **جَسو (ٿ):** اسم خاص. هڪ ٽڙ جو نالو. "جَسو ٽڙ يارن، ڪٿي ڇني ڇڏيا" (شاهه).

• **جُسو ج جُسا:** ذ. جُثو – بَدن – تَنُ – جسم. ڏسو "جُثو".

– **جُسو وَڃڻُ (ٿ):** آرس پَچڻ – ڪَرَ موڙڻ. جُسيارو: ذ. صفت. جَسيم – ٿلهو – موٽو – مَتارو.

– **جَسوجا، جَسودا:** اسم خاص. [پرا. جَسودا. سن. يَسو + دا]. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **جَسولَ:** ذ. صفت. بهادر – پهلوان – جوڌو. خدمتگارُ (ٿ). جنُ (ٿ).

• **جَسي (ل):** ث. ڏَرِهي – چڙب. دڙڪو.

• **جَسيمُ ج جَسيمَ:** صت. [ع] ٿلهي بَدن وارو – ٿُلهو – مَتارو – موٽو – بَدن ۾ پَريلُ.

• **جَشْنُ، جَشَنُ ج جَشَنَ:** ذ. [ف] خوشي – سَرهائي – شادمانو – عيش. بهادري – موج – حرفت. خوشيءَ جو ڏينهن. خوشيءَ جي محفل.

– **جَشن ڪرڻ:** خوشيون ملهائڻ – موجون ڪرڻ. عيش ڪرڻ.

– **جَشن ملهائڻ:** خوشي ملهائڻ. خوشيءَ جو ڏينهن ملهائڻ. ڏڻ ملهائڻ.

– **جَشني:** ذ. صفت. جشن وارو – خوشيءَ وارو. جشن ملهائڻ وارو.

• **جُشَڻُ (لس):** مصدر. موٽڻ وَرَڻ – پوئتي هَٽَڻُ.

• **جَعْفَرُ:** ذ. پسارڪي وکرجو هڪ قسم (هيءُ هڪ وڻ جو ڦل آهي، ڳاڙهاڻ مائل عُناب جيڏو داڻو، رنگ پورو، ذائقو تڪو ۽ ڪوڙو ٿئي. گرم خشڪ تاثير رکي ٿو) – جافر – جائڦل. (اسم خاص) هڪ ماڻهوءَ جو نالو.

• **جَعْفرآباد:** اسم خاص. ڳڙهي خيري ۽ ڪنڌ ڪوٽ تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **جَعْفري:** هڪ قبيلي جو نالو. ڪاٺ جي پٽين مان ٺهيل جاريدار دروازو. گلن جو هڪ قسم (انگ. French Marigold

– **جَعْل ساز:** صفت. [ع. جَعل + ف. ساز] ڪوڙو بنائيندڙ. فريبي. ڪوڙا دستاويز لکندڙ. ڪوڙيون صحيحون ڪندڙ.

– **جَعْل سازي:** ث. ڪوڙن دستاويزن لکڻ يا ڪوڙين صحيحن پائڻ جو ڪم. ٺڳي – فريب – دَغا – هٿ جو ڪيڏ.

– **جَعلي ج جَعلي:** صفت. نقلي – بناوٽي – هٿ جوٺاهيل – هٿراڌو. ڪوڙو (دستاويز، سڪو وغيره).

• **جُغرافيَہ، جُغرافي:** ث. جاگرافي. زمين جي مٿاڇري جو علم. جيڪو زمين جي آبادي، ان جي وڻن ٻوٽن ۽ حيوانات وغيره جون حالتون بيان ڪري.

• **جُغْرافِيَہ دانُ:** ذ. جاگرافي جي علم ۾ مهارت رکندڙ.

• **جَغْرُ ج جَغْرَ:** ذ. ڪار اکيو (سياه چشم) ۽ ڊگهن پرن وارو شڪاري پکي لَغڙُ – جونرُ.

• **جَغْرَ ج جَغْرُوْنَ (ڪ):** ث. صفت. بلڪل اَپري (چوپائي).

• **جغولي ج جَغوليون (ٿ):** ث. اها ڏور جا باز کي ٽنگ ۾ ٻڌجي (جڏهن هٿ تي ڪٽبو آهي).

• **جَفا ج جَفائُون:** ث. [ف] ظلم – ستم – انڌيرُ – زيادتي – تَشَدُّد – ناانصافي – جور – جارُ – ڏاڍائي – زبردستي – سختي – مارَ ڪُٽَ – ڏُکُ – ڏنجهُه – درد. تڪليف – دقت. ڪشالو – مصيبت. بي وفائي – اُهي ڪرتب، جن سان ظلم، زوري ۽ بي انصافي ڪئي وڃي.
– **جَفاپيشه، جَفاجُو:** ذ. صفت. ظالم – ستمگر. معشوق – زيادتي ڪرڻ وارو – ستائيندڙ.
– **جَفاشعار جَفاڪار:** ذ. صفت. ظالم – ستمگر – بيرحم. معشوق – هردم ستائڻ وارو.
– **جَفاڪَش:** ذ. صفت. محنتي – سختي سهندڙ. عاشق – اڻ ٿڪ پورهيو ڪرڻ وارو – اَورچ – هردم پاڻ پتوڙڻ وارو.
• **جُفْتُ ج جُفْتَ:** ذ. [ف] جوڙو – جُٽ – ٻِٽُ. ٻَڏي – ٻِٽو – "طاق" جو ضد. (صفت). هڪجهڙو.
– **جُفتي:** صفت. جوڙو – ٻِٽو – ڳنڍيل – نَرَ ۽ ماديءَ جو پاڻ ۾ ملڻ.
• **جَفَرُ:** ذ. [ع] اهو علم جنهن جي وسيلي غيب جون خبرون معلوم ڪجن – آينده ٿيڻ وارن واقعن جو علم.
– **جَفري:** ذ. جفر جو علم ڄاڻندڙ.
• **جَڪَ:** ذ. خارون – ساڙَ – وَڏِ (اندر ۾). ٻُورَ – غصّي ۾ جوش جون حالتون.
– **جَڪَ اُجهڻ:** خارون اجهڻ – خار اجهڻ – ساڙ اجهڻ – جوش جاڳڻ.
– **جَڪَ ڪائڻ:** خارون ڪائڻ – ساڙ ڪائڻ. جوش ڪائڻ.
• **جَڪُ ج جَڪَ:** ذ. واهه جي تري ۾ ٻڌل بَندُ (جو لڪڙين ۽ تارن سان ٻڌو ويو هجي) – ٻَندو. ڪچي ڪوهيءَ جي تري ۾ ٻڌل ورڙو (ڪ). ڍِنگرُ. لَيُن ۽ جارين جا چينيا (جو ڪوري، ڄرو وغيره ۾ پارڻ جو ڪم ڏين). کوهه جو جَڪُ (ڪ) هيانءَ تي چڙهيل ڳرانهه.
• **جِڪَ ج جڪون:** ث. ٻڪريءَ جي ڳَلَ مان نهيل ڏٻي (جنهن ۾ تيل، گيهه وغيره وجهجي). "زڪ".
• **جُڪَارُ (ڪ):** ذ. صفت. آڏ ڏايو.
• **جَڪِرِ جَڻُ:** مصدر. ساٿو ٿيڻ (جيئن نانگ ڏنگ هڻڻ کان پوءِ ٿيندو آهي) – بي سَتو ٿيڻ.
• **جَڪِڙڻُ:** مصدر. [سن. يڪٽ + ڪَرڻ] ڪشي ٻڌڻ – جڪي ٻڌڻ – قابو ٻڌڻ. سوگهو جهلڻ. ڪَسَڻ. هٿڪڙي هڻڻ.
– **جَڪِڙائڻُ:** مصدر. "جڪڙڻ" مان متعدي بالواسطه. سوگهو ٻڌائڻ. قابو ڪرائڻ.
– **جَڪِڙجڻُ:** مصدر. "جڪڙڻ" مان فعل مجهول. سوگهو ٻڌجڻ – قابو ٿيڻ.
– **جڪڙي ڇڏڻ:** ٻڌي ڇڏڻ. سوگهو ڪرڻ. ڪڙي ڇڏڻ (زنجيرن سان). ٻڌي سوگهو ڪرڻ. وڪوڙي ڇڏڻ – قابو ڪري ڇڏڻ.
• **جِڪس:** ظرف. جيڪس – شايد. "جِڪس ياد ڪياس وَرِ وڃي وٺڪارَ ۾" (شاهه).
• **جَڪَڻُ:** مصدر. ڪائيڻ، تارن يا ٻانٺ وغيره سان ڪنهن واهه يا موري کي بند ٻڌڻ – ٻَندو ڏيڻ. وريو ٻڌڻ (ڪوهيءَ کي). ٻَڪڻ – ٻَڪ ڪرڻ – يخي هڻڻ.
• **جَڪو:** صفت. رَندو هٽي لَسو ڪيل – رَنديلُ.
• **جَڪَ:** ث. ٻَڪَ – يَخي – جهَڳي. جڏو ڪم. ڪوڙ – بڪواس – جَڪَ. خارَ.
– **جڪ جڪ لائڻ:** ٻڪ ٻڪ ڪرڻ – يخي هڻڻ – بڪواس ڪرڻ – اجايو متو ڪائڻ.
– **جَڪ مارڻ:** اجائي ٻَڪ ڪرڻ – متو هڻڻ. ڪوڙ ڳالهائڻ. خار ڪائڻ. ٻِتاڪون هڻڻ – بيسود ڳالهيون ڪرڻ.
– **جَڪي ج جَڪي:** صفت. ٻڪ ڪندڙ – يَخي هڻندڙ. اجايو ڳالهائيندڙ – بڪواسي.
• **جُڪَ:** ث. [سن. جُش = ايذاءِ رسائڻ]. ايذاءُ – ڏَرد – ڏنجهو. مصيبت – تڪليف – ڪُڌڪو – ڳَتي – فِڪر – جهوري – آنڌ مانڌ.
• **جُڪات (ل):** ث. جُتي.
• **جُڪائڻُ (ت):** مصدر. "جڪڻ" مان متعدي بالواسطه. ڏکوئڻ – تڪليف ڏيڻ. رنجائڻ. ڳَتيءَ ۾ وجهڻ.
– **جُڪ جُڪ هڻڻ:** ڳتي هڻڻ – اُلڪو هڻڻ – فڪر هڻڻ – اونو هڻڻ. آنڌ مانڌ هڻڻ – ڪُڌڪو لڳڻ.
• **جَڪَرَ (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **جَڪَرُ:** اسم خاص. تعلقي واره ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **جَڪرا:** اسم خاص. هڪ قبيلي جو نالو.
• **جَڪرادي:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽ محمد (جيمس آباد) ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **جَڪرالو:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **جَڪرائي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو (5 پاڙا. سابوائي يا ساواڻي، درگاڻي، موحاڻي، دوداڻي، سياه ڦاز). تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **جَڪراڻو:** اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ٽبي، ۽ ديهه جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **جَلاَنَ:** رنڊڪ – جهَل. ساڙ. "تہ ڪِٿو ويچاريءَ وسِ وڌو، پر جلان ڪي جبلن" (ميون عيسو).

• **جَلُ ۽ جَلَ (ڪ):** ذ. ڏاتِ مان ٺهيل عاليچو. فراسي، ڪيس وغيره جو اُٺ جي پاڪڙي تي وجهڻ يا هنڌ تي وڇائڻ لاءِ استعمال ٿئي). رَچُ جو هڪ قسم (ڪ).

• **جَلا:** ظرف. [ع. جَلاَ = نيڪالي ڏيڻ] ملڪ مان ڪڍي ڇڏڻ – لوڏي ڪيڏڻ. هي لفظ "وطن" سان گڏ استعمال ٿيندو "جلاوطن".

– **جَلاوَطَن:** صفت. وطن کان ٻاهر – ملڪ مان لوڏيل – وطن کان ٽڙيل.

– **جلاوطن ڪرڻ:** ملڪ نيڪالي ڏيڻ – ديس نيڪالي ڏيڻ.

– **جلاوطني:** ث. ملڪ نيڪالي – ديس نيڪالي.

• **جِلا:** ث. [ع. جَلاَ = چمڪائڻ] چمڪو – اوجر – صفائي. روشني. رونق.

– **جلا ڏيڻ:** چمڪائڻ – اُجارڻ – صيقل ڪرڻ.

• **جُلابُ ۽ جُلابَ:** [ف] دست آڻيندڙ دوا. دَستُ – پيٽُ – اِسهالَ.

– **جُلاب ڏيڻ:** دست آڻيندڙ دوا ڏيڻ. هَنگائڻ (تڪليف ڏيڻي).

• **جَلاجَل:** ذ. [ع. جَلجَل = وَڄڻ – گَجڻ] ساز جو هڪ قسم – جانجهہ.

• **جَلادُ، جَلادُ ۽ جَلادَ:** ذ. [ع. جَلَد = چهبڪ هڻڻ] چهبڪَ يا ڪوڙا هڻڻ وارو – ڪَلَ لاهڻ. قتل ڪندڙ يا ڦاسي ڏيندڙ. اهو ماڻهو جنهن تي قانون طرفان ماڻهوءَ کي ڦاسي ڏيڻ جو ڪم رکيو ويو هجي. ظالم بي رحم. جفاڪار – ڪٺور – وڏو پاپي – معشوق.

– **جلاد پڻو:** ذ. ظلم – بي رحمي – بي قياسي.

– **جلاد فلڪ:** ذ. مريخ – منگل (گره).

• **جَلادَت:** ث. [ع] بهادري – جوانمردي. چُستي – ڦُرتائي. زور – بَلُ – طاقت – سگهہَ.

• **جَلالُ:** ذ. [ع] بزرگي – وڏائي – عظمت. شانُ – دٻدٻو – شوڪت. غصو – ڪاوڙ – ڏمر – جوش. (اسم خاص) تعلق ميرو خان ۾ هڪ تپي ۽ ديهہ جو نالو.

– **جَلالَت:** ث. عظمت – شان شوڪت – وڏائي. جوش – غُصو – ڪاوڙ – ڏمر – قهر – غضب.

– **جَلالي ۽ جَلالي:** ذ. صفت. جلال وارو – غضبناڪ – جهيڙاڪ – سخت ڪاوڙ ڪندڙ.

• **جَلالاڻي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. ٽنڊي محمد خان، ڪوٽ ڏيجي ۽ فيض گنج تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **جَلال پُور:** اسم خاص. تعلقي ٺٽل ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **جَلالجي:** اسم خاص. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **جَلاَن:** صفت. ڇڏيل – ترڪ ڪيل. (اسم خاص) تعلقي ڪوٽ غلام محمد (جيمس آباد) ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **جَلاوَت:** ث. جَلڻ – ساڙ – حَسَدُ – تپسو – ڪارُ.

• **جَلائڻ:** مصدر. [سن. جُوَلَ] باهہ ڏيڻ – ساڙڻ – ٻارڻ. حسد ڏيارڻ – ساڙ ڏيڻ. ريس ڏيڻ.

– **جَلائو ۽ جَلائُو:** ذ. صفت. جلائڻ وارو – جَلائيندڙ – ساڙيندڙ. ٻارڻ لاءِ (ڪاٺي).

– **جَلائي ڇڏڻ:** ساڙي ڇڏڻ – ٻاري ڇڏڻ (جيءَ، اندر، جسم) طعنا تنڪا ڏيئي اندرُ ساڙڻ.

• **جَلبُ:** اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **جَلباڻي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو. واره، نوشهري، ڳڙهي خيري ۽ ميرواهہ تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **جَلبو ۽ جَلبا:** ذ. جلوو.

• **جَلترنگُ ۽ جَلترنگَ:** ذ. ساز جو هڪ قسم (پاڻيءَ سان ڀريل پيالا، جن کي ڪانين سان وڄائي مختلف آواز ڪيجن).

• **جَلتُو:** صفت. سڙندڙ – ٻرندڙ – جَلندڙ. جوش ۾.

• **جَلپُ** : روشني. سيڪُ. "جَلپ جَلندي نہ ڏٺي، ساندي سگهي نہ سورا" (ميون عيسو).

• **جَلجلو (ث):** ذ. ڪاوڙ – غصو. ڪنبڻي.

• **جَلدُ:** ظرف. [ف] تکو – تڪڙو – تيز – سگهو – جهٽ پٽ – تُرت – بنا دير. ٿوري دير ۾. يڪدم – فوراً.

– **جَلدائي ۽ جَلدائيون:** ث. سگهہ – تڪڙ – تِڪائي – تيزي – سختي. "جبل جلدائيون ڪري، تِڪ ڏيکاري تاءِ" (شاهہ).

– **جَلدباز:** ذ. صفت. تڪڙ ڪندڙ – بي موقعي جلدي ڪندڙ – هميشہ تڪڙو ڪم ڪندڙ – اُبهرائي ڪرڻ وارو – ڌيرج يا ويچار نہ ڪرڻ وارو.

– **جَلدبازي:** ث. تَڪڙِ _ شتابي – اُبهرائي – تيزي – تڪائي.

– **جَلدُ بجَلدُ:** ظرف. جهَٽ پَٽ – تڪڙو – تمام جلد – هاٿي جو هاٿي – هتي جو هتي.

– **جَلدي:** ظرف. سگهو – جهَٽ پَٽ – جلدي. (ث) سگهہَ.

• **جُلدُ، جِلدُ:** ذ. [ع] ڪَلَ – چمڙو. ڪتاب جو مٿيون پٺو – پوش (ڪتاب جو). ڪتاب جو هر هڪ وڏو حصو (جو جدا ڪتابي صورت ۾ هجي).

– **جُلدُ بَندُ:** ذ. ڪتابن کي جلد ٻڌندڙ – جُلدُ ساز.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **جُلهہ ڪرڻ:** حملو ڪرڻ – اُلر ڪرڻ. ڌڪائڻ.
● **جُلڪُ (ت):** ذ. جُلهہَ. ڪاوڙ.
— **جلڪ ڪرڻ:** جُلهہ ڪرڻ. ڪاوڙ ڪرڻ.
● **جَلي:** صفت. [ع] ظاهر – چٽو – پڌرو – ڪُـليل. ڏاڍيان – وڏي آواز ذڪر – ("خَفي" جو ضد). وڏا چٽا اکر.
● **جلي (ڪ):** ذ. ڳاهہ جو هڪ قسم (پن جهڙا ٿين).
● **جَليب ج جَليبَ:** ذ. غلام – ٻانهو – خريد ڪيل نوڪر.
● **جَليب:** صفت. مٺو – شيرين. جليبي.
● **جليبَـرُ (جليبا):** ذ. ٽُوٽ. ڏاس جو نهيل ڏڳهو ڪوٽ (ڪ).
● **جليبي ج جليبيُون:** ث. مٺائي جو هڪ قسم – بيسڻ ۾ کنڊ جي چاش مان وَرَ وَڪڙ تي تيار ڪيل مٺائي – گهَرُ.
● **جليبيُون (گھہ ل):** ذ. پرت جو هڪ قسم – گول گول تِـڪڙن وارو پرت.
● **جَليجي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● **جَليسُ:** ذ. صفت. [ع. جَلس = ويهڻ] پرسان ويهڻ وارو – گڏ ويهندڙ – ساٿي – صُحبتي – گڏ گذاريندڙ.
● **جَليل:** ذ. صفت. [ع. جَلّ = وڏو ٿيو – وڏو ٿيڻ] وڏائيءَ وارو – وڏو – بزرگ. شان وارو. جلال وارو. خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو. "الست ارواحن کي، جڏهن جاڳايو جليل" (شاهہ).
— **جَليل القَدر:** ذ. صفت. وڏي قدر ۾ منزل وارو. وڏي شان وارو – وڏي مرتبي وارو – عالي مرتبہ.
● **جَمُ:** [ع] انبوهہ – هجوم. ميڙ – جماعت.
— **جَم ڪرڻ:** جمع ڪرڻ – گڏ ڪرڻ. "ترُ نہ نيندين تنهن مان، جو جوڙي ڪيڙ ءِ جَمُ". (مراد فقير).
— **جَم غَفير:** ذ. وڏو مجموعو – وڏو هجوم – انبوهہ ـ ميڙ – ميلو.
● **جَم:** ظرف. هڪ جاءِ ـ استر – آرام. "هنيون جم نہ جاءِ، سدا اوڏ وڳ جيئن".
● **جَمُ:** ذ. [سن. يَمُ موت جو ديوتا] ڪال – موت. سخت سزا – سيڪت.
— **جم ڏيڻ، جَمُ ڏئي چلڻ:** سخت سزا ڏيڻ. مار ڏيڻ – ڏڪُ ڪيدي ڇڏڻ.
● **جِمَ:** ظرف. [جڻ + مر > جم] مِثان – شايد "جمَ جهلجي واءِ ڪين، منڌڙيون موٽن" (ميون عيسو).
● **جَم:** [ف] ذ. جمشيد بادشاهہ جي نالي جو مُخفف.
● **جَماتَ ج جَماتُون:** ث. "جماعت" جي بگڙيل صورت.

— **جَماتي ج جَماتي:** ذ. جَماعتي.
● **جَمادُ ج جَمادات:** ذ. [ع. جَمَد = جمڻ] اها شيءِ جا جنهن ۾ وڌڻ ۽ ويجهڻ جي قوت نہ هجي (جهڙوڪ پٿر، ڌاتو وغيره) بي جان شي.
● **جمادي الآخر جمادي الثاني:** ذ. [ع] هجري سال جي ڇهين مهيني جو نالو.
● **جمادي الاول:** ذ. [ع] هجري سال جي پنجين مهيني جو نالو.
● **جمارائي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (ت). تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
● **جَماري (ڪ):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● **جَمارڻُ (ٿ):** مصدر. جمائڻ (ڪير وغيره).
● **جَمّازُ ج جَمّازَ:** ذ. [ع. جَمزَ – تکو هلڻ] تکو هلندڙ اُٺ. (مهري) اُٺ سوارُ. ث. [بلوچي] اُٺ جي هڪ هلٽي، پنڌ يا رفتار جو نالو.
— **جَمّازي:** ذ. صفت. اوٺي. پانڌيڙو.
● **جِماع:** ذ. [ع. جَمعَ = گڏ ڪرڻ] مُباشَرت – مُجامعت. سَنجوگُ – همبِستري – مرد ۽ عورت جو ميلاپ.
● **جَماعَت ج جَماعَتون:** ث. [ع. جَمَعَ] گروهہ – ٽولو – ميڙ (ماڻهن جو). سڀا – مجلس. نماز ۾ گڏجي صفن ۾ بيهڻ وارو ٽولو. سنگت. فقيرن جو ٽولو. رمل جي سورهن شڪلين مان هڪ شڪل جو نالو.
— **جَماعتي ج جَماعتي:** ذ. صفت. جماعت جو – جماعت وارو. نمازي. سنگتي – ساٿي – همراهہ – ساڳئي ٽولي وارو.
● **جُماڪي ج جُماڪيُون:** ث. جمعي جي ڏينهن ٻارن کي پڙهائڻ جي عوض مليل خرچي. جمعي جي خرچي.
● **جَمالُ:** اسم خاص. گهوٽڪي، ڪنڌ ڪوٽ ۾ ڏگهڙي تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
● **جَمالُ ج جَمالَ:** ذ. [ع. جَمُل = سهڻو ٿيڻ] سُونهن – حُسن – سوڀيا – خُوبصُورتي – رُوپ. زينت – سُهڻائي. ديدار.
— **جَمالي:** ذ. صفت. جمال وارو. (اسم خاص) خُدا جو اهو نالو جنهن ۾ رحمت هجي.
● **جَمال آباد:** اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
● **جَمالائي:** اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
● **جَمالُ گهوٽو:** ذ. ٻج جو هڪ قسم (جو هڪ وڻ جو ڦل آهي).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داڻا پستن جهڙا ٿين. دوائن ۾ جُلاب طور ڪم اچي).
جمال گهوٽيو.

• **جمالو ج جمالا:** ذ. لوڪ گيت — شادي ۽ خوشيءَ جي موقعي تي ناچ جو گيت "هو جمالو". سنڌ جو هڪ لوڪ ناچ.

— **جمالو ڳائڻ:** خوشي ڪرڻ — جهمر هڻڻ.

• **جمالي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو. هالا ۽ شهدادڪوٽ تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جمان:** اسم خاص. شهدادپور ۽ ڪپري تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جمائو ج جمائا (ت):** ذ. [ع. جُمع] جمعي ڏينهن يا جمعرات ميّت کي ڏياريل ختمو.

• **جمائي (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جمبُور ج جمبُورَ (ت):** ذ. انبُور (هڪ اوزار جو نالو).

— **جمبُور وجهڻ:** انبور وجهڻ. قابو ڪرڻ — سوگهو ڪرڻ — ڦاسائي ڇڏڻ.

• **جمپُ ج جمپَ:** ذ. [انگ. Jump] ٽپو — ٽپُ — ٻڏ — ڇلانگ — چال — ٽپنگ — اُچانگ.

• **جمجما:** ث. [ع. جُمجُمَة = کوپري] (اسم خاص) قديم زماني جو هڪ بادشاه جمجما سلطان جنهن جو قصو (ان جي کوپري حضرت عيسيٰ سان ڳالهايو).

• **جمع:** ث. ڳجهہ (پکي) جو هڪ قسم (جا معمولي ڳجهہ کان وڏي ٿئي).

• **جمڌر** [س. جمدهر]: ذ. وڏو چاقو — خنجر. (صفت) ڏيرو — هيٺو (ت). بلڪل پراڻو (ت).

• **جمر:** ذ. جمر — جهڙ — ڪاراڻ. هڪ جبل جو نالو.

• **جمرة:** [ع] ڪنڪري — پٿري — حجّ جي ڏينهن ۾ شيطان کي ڪنڪريون هڻڻ جو رُڪن.

• **جمرُود (لس):** زمرُد. پشاور لڳ هڪ ماڳ جو نالو.

• **جمزدو ج جمزدا:** ذ. بيڙيءَ جي هڪ ڪاٺيءَ جو نالو.

• **جمشيد:** اسم خاص. [ف] ايران جي هڪ مشهور بادشاه جو نالو.

• **جمع:** ذ. [ع. جَمع = گڏ ڪيو] ميڙ — مجموعو. ڪُل — سڀ — جملي. جوڙ — ميلُ — موڙي "واحد" جو "جمع" گهڻا. اها رقم جا وصول ٿئي. وهيءَ ۾ آڳت وارو پاسو. آڳت.

— **جمع الجمع:** ذ. جمع جو جمع.

— **جمعبندي:** ث. زمين جي ڍل مان وصول ڪيل رقم جو سال جي آخر ۾ حساب. ڍل جو نقشو. حساب ڪتاب جي چُڪت يا صفائي.

— **جمعبندي ڪرڻ:** زمين جي ڍل جو آخر سال ۾ حساب ڪري ملڪ جي زرعي پيداوار جي ڪل رقم جمع ڪرڻ.

— **جمع خرچ:** ذ. آمدني ۽ روانگي (پئسن جي). جمع واصل.

— **جمع ڪرڻ:** گڏ ڪرڻ — ڪٺو ڪرڻ — ميڙڻ — ليکي جي ڪتاب ۾ آڳت ڪرڻ. حساب برابر ڪرڻ.

— **جمع واصل:** ذ. جمع خرچ. پئسي جي ڏيتي ليتي جو حساب.

• **جمعدارُ ج جمعدارَ:** ذ. [ف. جمع + دار] ڪمين يا مزورن جو مُک. مزورن کان ڪم وٺندڙ. پوليس کاتي جو هڪ عملدار.

• **جمعو جکرو:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جمعو جُمعہ:** ذ. هفتي جي ستن ڏينهن مان هڪ ڏينهن جو نالو. جمعي نماز وارو ڏينهن.

• **جمعگي:** ث. اها خرچي جا جمع ڏينهن شاگردن کان استاد کي ملي.

• **جمعي:** ذ. اُهو ماڻهو جنهن جي سُپرد وصولي ۽ حساب ڪتاب رکڻ جو ڪم هجي. ماڻهن جو ٽولو جو ڪنهن جي وڏيرپ هيٺ هجي.

• **جمعيّت:** ث. [ع] ميڙ — اجتماع — انجمن — تسلي — قرار — سُڪون — اطمينان — دلاسو — آٿتَ — آرام — دلداري.

• **جمل:** ذ. [ت] اٺ.

• **جُمَل:** صفت. [ع. جُملَة] ڪُل — سارو — سڀ — سمورو. (ذ) ابجد جو حساب.

— **جُملگي:** ث. مڙئي — سڀ — سارو — هڙئي — سمورو — جملي.

• **جُملو ج جُملا:** ذ. [ع. جمله] جوڙ — ميزانُ — جمله. علم نحو موجب لفظن جي سٽاءُ جنهن مان مطلب نڪري.

• **جُملي:** ظرف. سڀ ڪُلُ — سمُورو.

• **جمَنُ ج جمَنَ:** ذ. وڏو پيالو. ٺڪر جو پيالو.

• **جمَنُ:** ذ. ماڻهوءَ جو نالو.

• **جمنڌر:** ذ. خنجر — تلوار — وڏو چاقو — جمڌرُ. ڏسو "جمدر".

• **جمناسر:** اسم خاص. تعلقي گهوڙا ٻاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جمني ج جمنيُون:** ث. پيالي — ٺڪر جي پيالي. (جمَنُ جو مونث). ڪَلَ مان ٺهيل ٽوپيءَ جو هڪ قسم. عقيقُ يمني.

— **جمُود:** ذ. [ع. جمَد = جمي وڃڻ] جمي وڃڻ جي حالت (پاڻي وغيره). جمرُ — ٽڪ — ٺاهرُ — بيهڪ. جهالت — بي علمي.

مُنڍ کان.

• جِنُو: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• جُنُوبُ، جَنوبَ: ذ. [ع] ڏکڻ طرف – ڏکڻ.

– جُنوبِي: صفت. ڏاکڻيون – ڏکڻ وارو.

• جنوڻُ (ٿ): ذ. شاديءَ جي مانِي.

• جَنُوجِي: اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• جَنورِي: اسم خاص. [انگ. Junuary] عيسوِي سال جو پهريون مهينو.

• جَنوڪ، جَنوڪَ (ڪ): ٿ. تَنبُوري وڄائڻ جو ڇِلو – مضراب.

• جُنُونُ: ذ. [ع] چريائي – پاڳلپڻو – ديوانگي – خَبطُ – وِندَ. غُصو. ڪنهن شيءِ جو هردم خيال – سَودا.

– جُنونُ چَڙهڻ: چريائي وٺڻ – سوداءُ چڙهڻ – خَبطُ پيدا ٿيڻ.

– جُنُونِي ج جُنُونِي: ذ. صفت. پاڳل – چريو – سودائي. خَبطِي. چيڙاڪ – پنهنجي خيال وارو.

– جُنونِي اُڃ: چريائي اڃ. مستي ڪرڻ. ڏاڍو ڪاوڙجڻ – اوچتو جوش جاڳڻ.

• جَنُوهارُ ج جَنُوهارَ: ذ. جَواهَرُ _ جنهوار.

• جَنُوهر ج جَنُوهَرَ: ذ. [ف. جوهَر] جوهَرُ. جنهور – رُوح – عَرق – سَتُ. ترارجي ڦَرُ جو پاڻي.

– جَنُوهردارُ: صفت. جنهوردار. جوهردار – پاڻيءَ چڙهيل (هٿيار يا اوزارُ).

• جَنوئِي: ٿ. گهوڙي جي پنجن مکيه سَنڌَنِ مان هڪ سنڌ. ڇاتي بند.

• جَنهَرُ: ڏاڍو ضعيف – هيڻو – بيڪار.

• جَنهِن جِنهِن: سناءِ وارو تمعد ضميرءِ اضافي ضمير موصول.

• جَنهَڻ: اسم خاص. مِٺي ۽ ڏگهڙي تعلقن ۾ ديهن جو نالو. سومرن جي قديم بستين جو نالو.

• جَنهوار: ذ. جواهر. "هيرا لعل لکين ٿيا، جڙيو وڏا جنهوار" (الله بخش سومرو).

• جَنهَوَرُ ج جَنهَوَرَ: ذ. جوهَرُ – جنوهَر.

• جَنهُورِي: ذ. صفت. جوهَري.

• جُنِي: ٿ. جُونِءِ.

– جُنئِيرُ: ذ. صفت. جُونئِرُ – ماڻهو جنهن کي ڪپڙن ۾ وارنِ ۾ جُونئُون هجن.

• جُنئائِي (ٿ): ذ. نائِي – حجام – نياڻو – ڏيءَ جو مڙسُ.

• جِيئَن: ظرف. جيئن.

– جِيئن تِئن: ظرف. جيئن تيئن – هرصورت ۾ ڪيئَن به ڪري.

• جَڻِ: ذ. [سن. جن = ڄڻڻ. ع. جِنِين] ڪچو ٻار – پيٽ وارو ٻار.

– جَڻِ ٻچو: ذ. ٻار ٻچا – آل عيال – سارو ڪٽنب – سارو ڪُنبو يا قبيلو.

– جَڻِ ٻچو رُلڻُ: ٻار ٻچا رُلڻ – دربدر ٿيڻ – سڀ رُلي وڃڻ.

– جَڻِٻچي: ظرف. ٻارن ٻچين – آل عيال سوڌو.

– جَڻِ ٻچي گهاڻي ۾ پوڻ: ٻارن ٻچن سوڌو مصيبت ۾ پوڻ – ساري ڪٽنب يا قبيلي جو تڪليف ۾ اچي وڃڻ.

– جَڻي: ٿ. ڏوري – واڳ. "آهي هوتن هٿ ۾ سندي جيءَ جڻي" (شاهه).

• جَڻيو ج جَڻيا: ذ. [سن. يگيَہ + اُپوِيتَمْ =] اهو ڌاڳو جيڪو هندو ڌرم وارا ڳچيءَ ۾ پائين. زنار – جواهرن ۾ پيل وارُ يا ليڪ.

• جو: [ضمير] جيڪو. [حرف] تہ – ڇو تہ.

• جَوَ جَوَ: ذ. [سن – يَوَهْ = پرا: جَوو] اناجّ جو هڪ قسم. (صفت) ٿورڙو ذرو. ماپ جو هڪ اندازو – ننڍڙو داڻو.

– جَوَ ڪٽي وڃڻ: اصل لاءِ هليو وڃڻ – وري نہ موٽڻ.

– جَوَونڊڻ (ٿ): وِڙهڻ – جهيڙو ڪرڻ – ڪِرِ ڪِرِ ڪرڻ – ڪرِوڌ ڪرڻ.

– جَوَ وِهائڻ: هليو وڃڻ. ڪاوڙجي وڃڻ – رُسي وَڃڻ – پَڃي وڃڻ – دشمني رکڻ – ويرُ پرائڻ.

• جَوُ ج جَوَ: ذ. جَوَ. ماپ جو سڪ انداز هڪ جَوَ جيتري ڊيگهہ.

• جُوا ج جُوائُون: ٿ. پتن. پئسن يا ڍاري سان اُها راند جنهن جي هارَ کَٽَ تي پئسا بازي لڳايا وڃن. جُوئا.

– جُوابازُ ج جُوابازَ: ذ. صفت. جوا ڪٽيندڙ – جُوارِي.

– جُوابازِي: ٿ. جوا راند – فريب – ٺڳي – دغا.

– جوا جِي لِڪِرِيْ: ٿ. جُوا رَهڻ جي جاءِ _ جُوا جو اَڏو.

– جواخانو ج جواخانا: ذ. اها جاءِ جتي جوا کٽي وڃي.

– جُوارِي ج جوارِي: ذ. جوا رهندڙ – جُواباز.

– جُوا کيڏڻُ: جوا ڪرڻ – جوا کُڏڻ. بازي لڳائڻ.

• جَوابُ ج جَوابَ: ذ. سوال جو حَل. وَراڻي – وَرنڍِيْ – اُتَرُ. امتحاني سوال جو جواب. اِنڪار – ناڪارُ – بدلو – عِوض – مِثال – ثاني – هَمسَر – برابر – موقوفي – نيڪالي (نوڪريءَ مان) – معزولي – مُقابِلُ – جوڙُ – مَٽُ – طلاق.

— **جوابُ الجواب**: ذ. جوابَ جو جوابُ.
— **جواب باصَواب**: ذ. عمدو ۽ موزون جواب.
— **جوابدار ج جَوابدار**: ذ صفت. جواب ڏيندڙ. مُلزِمُ. ذميدار. تَلهي.
— **جَوابداري ج جوابداريُون**: ث. ذميداري — ذمو.
— **جوابدهي**: ث. جوابداري — ذمو. باز پرس.
— **جوابُ ڏيڻ**: ورندي ڏيڻ — ورائي ڏيڻ. ردّ ڏيڻ — اِنڪار ڪرڻ — نابري وارڻ — ناڪار ڪرڻ. موقوف ڪرڻ — نوڪري مان لاهي ڇڏڻ — نااميدي ڏيکارڻ.
— **جوابُ طلب**: صفت. پُڇا لائق — رسيد طلب — شڪ وارو.
— **جوابُ طلب ڪرڻ**: غلطيءَ جو سبب پڇڻ. صفائي پيش ڪرڻ جي گهُر ڪرڻ.
— **جوابُ ڪرڻ**: سامهون ٿيڻ — مقابلو ڪرڻ.
— **جواب ڏيڻ**: طلاق ڏيڻ — مڙس جو زال کي رخصت ڪرڻ.
— **جواب ملڻ**: نوڪريءَ کان موقوف ٿيڻ — طلاق ملڻ.
— **جواب وٺڻ**: طلاق وٺڻ — طلاق جي گهُر ڪرڻ.
— **جوابي ج جوابي**: صفت. جواب جو — جواب ۾ — موٽَ ۾ — موٽَ رسيد وارو. نَظير — مقابل.
• **جَوادُ**: صفت. [ع. جَوادُ. جَوَد = ڪشاده دل ٿيڻ] ڏاڍو سخي — داتا — فياضُ — ڏاتارُ — (اسم خاص) خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
• **جُوارِ ج جواريُون**: ث. اناجَ جو هڪ قسم — جُوئَر.
— **جُوارو اَٽو ٿيڻ**: نَ ڳنڍجڻ (جوئر جي اٽي وانگر). ٻَڌي ۾ نه اچڻ — هميشه الڳ رهڻ.
• **جَوارِش، جُوارِش**: ث. هڪ مرڪّب دوا جو نالو (هن جا ڪيترائي قسم آهن. جوارش جالينوس، جوارش ڪموني وغيره).
• **جَوارو (ڪ)**: ذ. ڦَتِرِ ڦَتِرِ (مينهن جي).
• **جَوارُ ياسَر**: اسم خاص. تعلقي ڪوٽ غلام محمد (جيمس آباد) ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **جَوازُ**: ذ. [ع. جَازَ — روا ٿيڻ] جائز هجڻ جي حالت. اجازت هجڻ. حلال هجڻ.
• **جَوالُ ج جُوالَ**: ذ. سٽيءَ مان ٺهيل بوري. ڳوڻ ـ ڳوڻين مان ٺهيل وڏو بورو — بوجهو. دغا — ڏوکو.
• **جوالا**: صفت. سن. جُوالاَ. ٻرندڙ — ٻڙڪندڙ — باهه جو شُعلو.
— **جُوالامُکي**: ذ ٻرندڙ جبل.
• **جَوالو ج جَوالا**: ذ. صفت. [سن. يَوَهُ] جَوَنِ ڳَڏيل — جنهن ۾ جَوَ پيل هجن.

• **جُوانُ ج جُوانَ**: صفت. [ف. جَوان] باراڻي وهيءَ کان مٿي چڙهيل — نوعمر — نوجوان. ڳڀرو — لاسيار — لاسڙات. بالغ — ساماڻل. مضبوط — نئون تازو — بهادر — دلير. سگهارو — پهلوان.
• **جُوانالو جُوانائتو**: صفت. جُوان ماڻهوءَ وارو. جوانيءَ جو.
— **جوانڪو**: صفت. جوان ماڻهو وارو — جوانيءَ جو.
— **جوانمَردُ**: صفت. جوان مُڙس. پهلوان — بهادر — شير دل — دليرُ — همت ڀريو — سخي — فراخدل. فَيّاضُ — حوصلي وارو — درياه دل.
— **جُوانمردي**: ث. جوانمڙسي. بهادري — همت — شيردلي — حوصلو — دليري. سخاوت — درياه دلي.
— **جوان مرگ**: صفت. ڦوهه جوانيءَ ۾ مري ويندڙ — جوانيءَ جو موت — بي وقتو ۽ اوچتو موتُ (هڪ بد دعا يا پِٽّ).
— **جُواني ج جوانيُون**: ث. بلوغت — ساماڻجڻ جو وقت — نوجواني. وهي. جوڀن. همت — مردانگي.
— **جواني ماڻڻ**: جوانيءَ ۾ خوشيون ڪرڻ. عيش ڪرڻ. وهي ماڻڻ — نفس جون خواهشون پوريون ڪرڻ.
— **جوانيءَ ۾ جَوَنُ پوڻ**: هڏ ويهي وڃڻ — جوانيءَ ۾ ئي ڪم ڪرڻ جي طاقت نه رهڻ. ڪوبه ڪم نه ڪرڻ — تونئي ٿيڻ — سَنڌ سُڪي وڃڻ. سستُ ۽ ڪاهل ٿيڻ.
— **جوانيءَ ويو**: ذ. صفت. پوڙهو. باراڻي جو لفظ (شَل جُواني وڃيس!).
• **جُوانائڻ**: مصدر. جوان بڻائڻ — جوان ٿيڻ. جوان ڏسجڻ ۾ اچڻ.
• **جُوانسو (لس)**: ذ. ڪانڊيرو. (بُوٽو).
• **جُواڻُ ج جُواڻَ**: ذ. جُوان. "ساندي وڏيءَ سڪ سين. ڪيائين جود جواڻ" (جمعو).
— **جُواڻ جَماڻُ**: ذ. جوان جَمانُ — سگهو مَتارو — نئون نندو — ٻورُ ٻِهاڻُ — ڦوهه جُوانُ.
— **جُوالِي ج جُوالِيُون**: ث. جواني — جوانيءَ واري عمر.
• **جَواهِرُ**: ذ. [ع. جوهر ج جواهر] هيرو — رَتَنُ — موتي — لعل.
• **جواهرات**: ث. جـواهر. گهڻا جوهر.
• **جواهر نِگارُ**: ذ. هيرن جي جڙاءَ ڪندڙ. سهڻو لکندڙ — خوش خط.
— **جواهِري (جوهري)**: ذ. جواهر وِڪڻندڙ — جواهرن جو ڪم

— **جوفيائي**: ذ. صفت. لالچي — لوڀي — طمعي — حريص — هَٻڇي.
— **جوفي جو جَهانُ**: ذ. لالچ جو جهان — طمع يا حرص جي دنيا.
— **جوفي جو جَهانُ ڇَڏڻ**: لالچ نہ رکڻ — حرص ڇڏي ڏيڻ.
• **جُولو ج جُولا**: ذ. "جوفو" جي بگڙيل صورت.
• **جَوقُ (جُوقُ)**: ث. [ع. جَوّق = انبوهہ ڪرڻ] جماعت. مجمع — انبوهہ — هجوم — گروهہ — ٽولو — ٻيڙَ — ميڙُ — پکين جو وَلَرُ.
— **جَوقُ دَرجَوقُ**: ظرف. ٽولي پٺيان ٽولي — ٽولين پٺيان ٽوليُون.
• **جوڪَرُ ج جوڪَرَ**: ذ. صفت. [انگ. Joker] ڀرڄائي — مسخرو — پتن جي تاس ۾ هڪ پتو (جو باونجاهہ پتن کان الڳ ٿئي).
• **جُوکَ**: ث. تورَ — وزنُ. بخشش — ڏاتَ — پرک — جاچ — انداز — ڪَسَوٽيءَ تي لڳائي ڏسڻ. ڏسو "جوکڻ".
• **جُوکُ ج جوکَ**: ذ. ٽن ڪاٺين جي ٽيڪ تي ٻڌل ڪانٽو ۽ ٻيو سامان. خيال (ٿ).
• **جوکار**: ث. پسارڪي وکر جو هڪ قسم.
• **جوکائڻُ (ل)**: مصدر. بخش ڪرڻ — بخشڻُ. ويرونڻ.
• **جوکَمُ**: ذ. [سن. يوگ + کُيشم] خطرو — ڏپُ — ڀؤ. انديشو. نقصان — مشڪل ڪم — ڇيهو — خسارو — گهاٽو — مصيبت — بلا — آفت.
• **جوکم جو مالُ**: ذ. قيمتي مال — مهانگيون شيون.
— **جوکِڻ (جوکَڻ)**: مصدر. [سن. جوش (ت). جُش = پرکڻ] تورڻ — وزن ڪرڻ.
• **جوکو ج جوکا**: ذ. انديشو — ڊپ ـ ڀؤ. نقصان — خوف — خطرو — جوکم.
— **جوکائِتو ج جوکائتا**: ذ. صفت. جوکي وارو — نقصان وارو — انديشي وارو — خطري وارو. (ث) جوکائِتي ج جوکائتيون.
— **جوکو رسڻ**: نقصان رسڻ. گهاٽو پوڻ.
• **جُوکو ج جُوکا**: ز. صفت. سَڪٽو — سُڃو — ٻينگيو — ڪَنُل — ڪنگال — مُفلس — هٿين خالي — نادار.
— **جُوکائِي ج جُوکائِيُون**: ث. سُڃائي — ٻينگيائي — ڪنلائي — مفلسي — ناداري.
• **جوکِيا**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **جوکو (ٿ)**: اسم خاص. مينگهوارن جي هڪ ذات جو نالو.
• **جوکِيرُ**: ذ. گهٽي ڪائڻ سبب بد هاضمو ۽ پيٽ تي بارُ — آڦري. جوڳِيرُ.
• **جوکِيرجڻُ**: فعل مجهول. گهٽي ڪائڻ سبب پيٽ تي بار ٿيڻ — آڦرڻ — جوڳرجڻ — بدهضمي ٿيڻ.
• **جوڳَ ج جوڳَنُ**: ث. [سن. يوگَ. يُجْ = ملڻ] نار يا هرلي ۾ وهندڙ جانور (ڍڳو اٺ). نار يا هرلي ۾ وهندڙ جانور جي وهڻ جو مدو (ڏيڍ پهر، ٻہ پهر، اڍائي پهر). نار يا هرلي ۾ جوڙو ڏاندن جو (ت) — "هيڪل" جو ضد. وارو سزا — سيکت.
— **جوڳَ ٻڌڻ**: نار يا هُرلي ۾ ڍڳن جو جوڙو ٻڌڻ.
— **جوڳَ ڏيڻ**: همراهي ڪرڻ — مدد ڪرڻ. جهڙي تهڙي مهل ڪرڻ — وقت ٽپائڻ. سخت تڪليف ڏيڻ. سزا ڏيڻ.
— **جوڳ مٽڻ**: نار ۾ ڏاندن جو هڪ جوڙو مٽائي ٻيو ٻڌڻ.
— **جوڳ وهڻ**: پنهنجو وارو يا حصو پورو ڪرڻ — مهل سر مدد ڪرڻ — مهل پوري ڪرڻ.
• **جوڳ**: ث. هڪ راڳڻي جو نالو.
• **جوڳُ ج جوڳَ**: ذ. [پرا. جوگو. سن. يوگ. يُجْ = ملڻ] ميلاپ — وصل (اُپائيندڙ سان). مراقبو — ڌيان — سماڌي. ڌيان ڄمائي روح سان ملي وڃڻ. ذڪر فڪر ذريعي معرفت حاصل ڪرڻ جي حالت. تارن جو ميلاپ (جنهن جي حساب سان نجومي اڳڪٿيون ڪندا آهن). جوڳي فقيرن جو زُهد، تپسيا وغيره. گرهڻ جي موقعي تي گرهڻ جي گردان جون ڪي جايون. نصيب جي گهڙي — سڌوري گهڙي — نيڪ ساعت. جسماني عمل (روحاني عمل جي برعڪس) مَنَ جي خواهش کي روڪ. پنگ جو ڦوڳُ — جوڳو. جڙي ٻوٽيءَ جو علم ۽ عمل. سزا — سيکت. ڪشٽ — ڪشالو — سختي — تڪليف. (صفت) ٺهڪندڙ — موزون — پورو — ٺيڪ (ظرف) ڏانهن — لاءِ واسطي. واپاري خطن يا هُنڊين ۾ سِري واري نشاني (جا ظاهر ڪري تہ اُها هُنڊي يا خط فلاڻي ماڻهوءَ ڏانهن موڪليو آهي). مناسب — واجبي. لائق — قابل. سَهائيندو — جُڳائيندو.
— **جوڳُ ٻچائڻ**: ڏاڪڙا ڪڍڻ — تڪليفون سهڻ — ڪشالا ڪڍڻ. چِلو ٻچائڻ. تپسيا ڪرڻ.
— **جوڳ وِجهڻ**: جوڳي ٿيڻ — فقيري اختيار ڪرڻ. ڪنهن ڪم تي سندرو ٻڌي هلڻ. "ڪڍيم ڪاڇوٽي، وڌم جوڳ جتن لاءِ" (شاهہ).
— **جوڳاڻُ (ل)**: ذ. گهوڙي جي خوراڪ — ڪاڌو — ڦُوٽُ "وڪيل گهوڙن کهڙا جوڳان".
• **جوڳِتا**: ث. لائقي — موزونيت — ٺاهوڪائي.

• **جوڳرا (ت):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **جوڳرجڻ:** فعل مجهول. جوڳيرجڻ پيٽ جو – آڦرجڻ – بدهضمي ٿيڻ.
• **جوڳڙيو جوڳڙيا:** ذ. اڪيلو ڏڳو (نارَ ۾ وهندڙ) هيڪل وهندڙ ڏڳو.
– **جوڳڙيا متائڻ:** جوڳَ پوري ڪيل ڏڳو. نار يا هرليءَ مان ڇوڙي ٻيو ڏڳو ٻڌڻ.
• **جوڳو ج جوڳا:** ذ. [سن. يوگيہ] ڦوڳ (پنگ جو). (صفت) مناسب – لائق – جڳائيندڙ – موزون – ٺهندڙ – واجب – ٺيڪ – پورو – واجبي. (ث) جوڳي ج جوڳيون.
– **جوڳي جُٽ ڪرڻ:** جڳي طرح سيکت ڏيڻ – مناسب سزا ڏيڻ. لائق ۽ موزون سيکت ڏيڻ.
• **جوڳي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي واره ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **جوڳي ج جوڳي:** ذ. [سن. يوگي. يُجُ = ملڻ. جيڪو پنهنجو ڌيان ڌڻيءَ سان ملائي) جوڳ پڄائيندڙ. هندو فقيرن جو گروهه (جن جو اصول زهد ۽ تپسيا ذريعي خدا سان ملڻ جو هوندو آهي). سنياسي. نانگ جهليندڙ فقير. سيلاني فقير. (ث) جوڳڻ. جوڳياڻي ج جوڳڻون. جوڳياڻيون.
– **جوڳيسر جوڳيسر:** ذ. [پرا. جوئيسر. سن. يوگيشور] جنهن جوڳ سادهيو هجي. ڪامل درويش – پهتل فقير – تپسي – تپشي – وڏو جوڳي.
• **جوڳير:** ذ. جوڳير.
• **جوڳيرو (ٿ):** ذ. گاهه جو هڪ قسم. ٻوٽي جو هڪ قسم (چارڻ جي ٻاڙ ۾ اُپري، ڦڪن گلن جي ڀڪي ڏاڍي ٿئيس. هرڻ ۽ ٻڪري کائيس).
• **جوڳيڙو:** اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم (ڦڪن گلن سان ڳتيل ڏانڊيون. ٻن ڪين ٿين. ڪِرڻ جي پاڙن ۾ ٿيندڙ. تمام سهڻو. جڻ ڪنوار ٻوٽي) پٽي ڪنوار.
• **جَولانَ ج جَولانَ:** ذ. [ع. جَولان. جَول = جوڏاري ڦرڻ] چڪر – چال – چلانگ – ڪُڏ – گهمرو – چڪرو – ڦيرو – چرُ چرُ – ورڻ – جوش – جوهُ – جذبو – ڪاوڙ – تپو – ڦيراٽي.
– **جولان اچڻ:** ڪاوڙ اچڻ – جوش اچي وڃڻ.
– **جولان چڙهڻ:** ڪاوڙ چڙهڻ – جوش چڙهي وڃڻ.
– **جولان گاهه:** ذ. گهوڙن جي ڊوڙائڻ جي جاءِ. لڙائي جو ميدان. گهوڙن کي ڦيراٽيون ڏيارڻ جي جاءِ.

– **جولاني:** ث. گهوڙي جي ڊوڙ – طبيعت جي رواني يا تيزفهمي – ڦرتي – چالاڪي – چستي.
• **جولاهه:** ذ. جولانُ – ڦرتي – چستي – رواني – جوش.
• **جولاهو (جُلاهو) ج جولاها:** ذ. ڪوري – ڪپڙي اُڻڻ جو پيشو ڪندڙ.
• **جُولاءِ ذ.** [انگ. July] عيسوي سال جي ستين مهيني جو نالو.
• **جُومر:** ذ. زُومر – تيزي – زور – طاقت – ڪاوڙ.
– **جُومڪ (ت)، جُوميلُ (ٿ):** صفت. ڪاوڙيل.
• **جُونءِ. جُونءِ ج جُونءِ. جُونئون. جُيُون. جُونئيون:** ث. جيت جو هڪ قسم (جو وارن يا ڪپڙي ۾ پيدا ٿئي). هي جيت رت چوسي جنهن مان خارش جي بيماري ٿئي. رنڍُ (ت) تولهر.
• **جون. جونءِ ٿيڻ لڳڻ وٺڻ (ت):** ڪجهءِ کي هڪ بيماري ٿيڻ.
– **جون پير هلڻ:** تمام آهستي هلڻ – ڌيري ڌيري هلڻ.
– **جونسرُ:** صفت. جون وانگي آهستي هلندڙ وهَٽ. ماڻهو وغيره.
– **جونءِ مان جوءِ ٿيڻ (ت):** خسيس شيءِ جو اهميت حاصل ڪرڻ. آڪڙ ڏيکارڻ – جيٽ منجهان وڏي وجي انسان ٿيڻ.
– **جون ننڊ ۾ هئڻ:** پوري سانت ۾ هئڻ – آرام سان يا سُکي هئڻ – ڪوبه خوف خطرو نه هئڻ.
– **جونئرُ ج جونئرَ:** ذ. صفت. اهو ماڻهو جنهن کي جيُون پُرڪنديون هجن.
• **جُون:** ذ. [انگ. June] عيسوي سال جي ڇهين مهيني جو نالو. اسم خاص تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **جُونلي (ٿ):** ذ. گاهه جو هڪ قسم.
• **جونجرُ (ٿ):** ذ. اهو ماڻهو جنهن جي بدن تي گهٽا ۽ گهاٽا وار هجن.
• **جونجهه (ل):** ث. نظر. وَس.
• **جُونجها (ت):** ذ. سنهيون ڪائيون – جِينيا – جهينيا.
• **جُونجهارو ج جُونجهار:** ذ. [سن. يُڌ = لڙائي + ڪار]. جوڌو. پهلوان – جهونجهار.
• **جُونرا:** ذ. جيرا – جگر. "جونرا انهيءَ جوءِ جا. ڪوري جڻن ڪاٽا."
• **جُونگ:** اسم خاص. اوباوڙي ۽ دادو تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **جونگَل:** اسم خاص. تعلقي ٺل ۾ هڪ ديهه جو نالو. هن نالي جو ان تعلقي ۾ ڳوٺ به آهي جتي ٻهوڻن جي آبادي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– **جَهازِي ج جَهَازِي:** ذ. جهاز وارو. جهاز هلائيندڙ – جهاز ران.

• **جهَالَتَ:** ٿ. [ع] بي علمي – اڻ ڄاڻائي – بي سمجهي – ناداني – جِٽپائي.

• **جَهانُ ج جَهَانَ:** ذ. [ف] دُنيا – سنسار – لوڪ – سرشتي – عالَمُ. ماڻهو – لوڪ زمين – پُوني.

– **جهَان آفرين:** ذ. صفت. جهان پيدا ڪندڙ – خدا تعاليٰ.

– **جهان باني:** ٿ. بادشاهي – رعيت جي حفاظت.

– **جهان پناهُ:** ذ. دنيا کي پناهه ڏيندڙ. بادشاهه.

– **جهان تاب:** ذ. صفت. دنيا کي روشن ڪندڙ – هڪ مهيني جو نالو.

– **جهان داري:** ٿ. حڪومت – بادشاهي. دنيا ۾ اَٿڻ ويهڻ ۽ هلڻ چلڻ جا طور طريقا.

– **جهان ديده:** ذ. صفت. اهو ماڻهو جنهن دنيا کي ڪافي ڏٺو هجي ۽ آزمودا پرايا هجن – تجربيڪار – آزمودگار.

– **جهان ڏسڻ:** دنيا کي ڄاچي ۽ پرکي ڏسڻ – آزموده حاصل ڪرڻ – تجربا پرائڻ.

– **جهانگيرُ:** ذ. جهان فتح ڪندڙ. (اسم خاص) اڪبر بادشاهه جي پُٽ نورالدين محمد جو لقب.

– **جهَانُ ڪلائڻ:** گهڻا ماڻهو پاڻ تي کلائڻ – بي وقوفي جو ڪم ڪري خلق کلائڻ.

– **جهاني:** ذ. صفت. جهان جو – دُنيا جو – سنساري – دُنيوي.

• **جهانَ:** ظرف. [سن. ياوَت + سٿاني] جتان.

– **جهان تهان:** ظرف. جتان تتان. ڪيئن به.

• **جهانپُور:** اسم خاص. گهوٽڪي ۽ ڳڙهي خيري تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **جَهان خان:** اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جَهان واهُ:** اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهِتَ ج جَهات:** [ع] طرف – پاسو – ڏس. لاڙو – لڳاوُ – رغبت. نينهُن – عشق. عزّت – مان – مرتبو.

• **جُهْد:** ذ. [ع] سخت ڪوشش – سٽيو – جَتَن. محنت – ڪشالو – تڪليف – ڏاڪڙو. پورهيو.

– **جُهدِ پِتَّڻ:** ڪوشش ڪرڻ. ڪشالا ڪڍڻ – ڏاڪڙا ڪڍڻ.

• **جهَر:** ظرف. جنهن وقت – جنهن مهل.

• **جَهَرُ ج جُهَرَ:** ذ. [يُگ = پاڃاري + هَر] پاڃاري (هرجي).

• **جَهڙو جيهڙو ج جهڙا:** ظرف. [سن. ياڌرس] وانگي – جيان – جيئن – وانگر. سمان – برابر. (ٿ) جهڙي ج جهڙيون.

– **جهڙائي ج جهڙائيون:** ٿ. مشابهت – مناسبت – ساڳيائي – هڪ جهڙائي – برابري – يڪسانيت.

– **جهڙو تهڙو ج جهڙا تهڙا:** ظرف. رواجي. معمولي – اڻ پورو – ٽڙتڪڙ ۾.

– **جهڙو تهڙو ڪرڻ:** اڌو گابرو ڪرڻ – اڌ ڳيڊو ڪرڻ. متاڃرو ڪرڻ.

• **جَهْلُ:** ذ. [ع. جَهْل] بي علمي – جهالت – جِٽپٽو. ناداني – اڻ ڄاڻائي. بي وقوفي. جوشُ – جذبو. ڪاوڙ – غُصو.

– **جَهْلُ مُرَڪّبُ:** ذ. اڻ ڄاڻائي ۽ بي علمي هوندي پاڻ کي علم وارو ڄاڻڻ – وڏي جهالت.

• **جَهِلنگُ ج جَهِلنگَ (ل):** ذ. جالنگُ. جهبلو (ڪپڙو).

• **جَهَنّمُ:** ذ. [ع] دوزخ – نَرڳُ.

– **جهنّمي ج جَهَنّمي:** ذ. صفت. دوزخي – نرڳي.

• **جَهو ج جَها:** ذ. صفت. گهاٽو (سخت).

• **جهو ج جها:** ظرف. جهڙو.

• **جُهو ج جُهَا:** ذ. جهوٽو (هوا جو) جُوهو (مينهَن جو). جهڳٽو (وڻن جو).

• **جَهوَر:** ٿ. وري وَري ڪرڻ يا ٿيڻ واري حالت.

– **جَهوَرِ پَڙّڻ:** گهٽو ڇاهُ رکڻ – وري وَري ڪرڻ.

• **جُهي ج جُهيُون:** ٿ. غار. کوپُ. ڏر (ڪنهن جانور جي). مهٽو _ طعنو.

• **جَهيجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جَهيزُ ج جَهيزَ:** ذ. [ع] ڏاجُ.

• **جَئہ، جئي:** ٿ. [سن. جَيَہ] فتح – جيت – سوڀ – ڪاميابي. دُشمن جو خاتمو. واهه واهه! شاباس.

• **جئہ جئہ (جئي جئي) ڪار:** ٿ. واهه واهه! خوشيءَ جا نعرا.

• **جُئالُ ج جُئالَ:** ذ. جوال – بوجهو – ڳوڻ.

• **جِئان:** ظرف. جتان. جيان – جنهن هنڌان – جنهن جاءِ کان. ڏسو "جهان".

• **جِئائين:** ظرف. وانگر – مثل. جتان.

• **جِئنڊُ ج جِئنڊَ (ل):** ذ. جيتُ. ساهوارو – ڪيڙو.

• **جِئن:** ظرف. جيئن – جهڙيءَ طرح.

– **جِئن تِئن:** ظرف. جيئن تيئن – ڪيئن به – هر صورت ۾.

• **جِئنڊرو ج جِئنڊرا:** ذ. ڳيهه جو هڪ قسم (جو ٻار جي تندرستي برقرار رکڻ لاءِ سُونڻ طور ڪنن ۾ پائجي).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زبردست عالم – وڏو قابل. اعليٰ قابليت وارو – نهايت عُمدو.

• **جيڏُ ج جيڏَ:** ذ. جيت.

• **جيڏانهَن، جيڏانهُون، جيڏانهِين:** ظرف. جنهن طرف ڏانهن – جنهن پاسي.

• **جيڏهان، جيڏهَن، جيڏهِين:** ظرف. جيڏانهن – جنهن پاسي.

• **جيڏِڙي ج جيڏِڙيُون:** ث. ساهيلي – سهيلي – ساهيڙي – جيتري – ننڍڙي.

• **جيڏلُ ج جيڏلَ:** صفت. جيڏو – يار – دوست – هم عمر – ساڳئي عمر وارو.

• **جيڏو ج جيڏا:** ذ. صفت. جيترو – مطابق – برابر. مَٽُ – تُل – ثاني – جهڙو، سَرتو – همعصر – يار –دوست. (ث) جيڏي ج جيڏيُون.

– **جيڏو سَرتو:** دوست يار – سنگتي ساٿي – هڪ جيڏو.

– **جيڏائي:** ث. جهڙائي – برابري – يڪسانيت. سُرتائي.

– **جيڏڙو ج جيڏڙا:** صفت. "جيڏو" جو اسم تصغير. ايترو ننڍو. (ث) جيڏڙي ج جيڏڙيُون.

– **جيڏو تيڏو ج جيڏا تيڏا:** ذ. صفت. ڪيڏو بہ. هرماپ وارو (ث) جيڏي تيڏي.

– **جيڏي ج جيڏيُون:** ظرف. "جيڏو" جو مونث. جيتري. (ث) سَرتي – ساهڙي.

– **جيڏي سَرتي:** ث. ساهيڙي.

– **جيڏي (ت):** ظرف. جيڏانهن – جنهن طرف – جنهن پاسي.

• **جيرانُ ج جيرانَ (ت):** ذ. مَزو – لطف – آرام. [ع] پاڙيسري "جار" جو جمع.

• **جيرانڊِي ج جيرانڊِيُون:** ث. جيرو – جگر – ڪليجو.

• **جيرانُ (ت):** ذ. مَسانُ. مُقام.

• **جيرائڻُ:** مصدر. جيورائڻ (ڪاڏو) – هضم ٿيڻ لاءِ دوا سُتي ڏيڻ.

• **جيرَت (ت):** ث. جتاءُ – هنداءُ – ڏيرجُ.

– **جيرَت ڪرڻ:** ترسڻ – بردبار ٿيڻ. لَڄ. رکڻ – ڏيرجُ ڪرڻ.

• **جيرَڻُ:** مصدر. جيورَڻُ (ڪاڏو) – هضم ٿيڻ – پاءِ پئجي وڃڻ.

• **جيرو ج جيرا:** ذ. پيٽ جي هڪ نازڪ عضوي جو نالو جتي ڪاڏي جي رس منجهان رت تيار ٿئي – زيرو – جيراندي – زيراندي – جگر – ڪليجو.

– **جيرو جلائڻ:** اندر ساڙڻ – جگر ساڙڻ – ساڙ ڏيارڻ – دل ڏکوئڻ – رنج پهچائڻ – ڏاڍو صدمو پهچائڻ.

– **جيري لاءِ ڀِڪري کُهڻ:** پنهنجي ٿوري فائدي لاءِ ٻئي کي وڏو نقصان پهچائڻ – خودمطلبي ٿيڻ – رڳو پنهنجي ڀَلي جو خيال رکڻ.

• **جيرو:** ذ. [ف. زيره] هڪ قسم جو خوشبودار ٻج.

• **جيرولي:** ث. زناني ڪپڙي جو هڪ قسم.

• **جيرولي ج جيروليُون (ٿ):** ث. ڪَرڙي (ڏاس مان نهيل).

• **جيري:** ث. [فَ. زيره] هڪ قسم جو خوشبودار ٻج (جيري جي ذات مان پر ان کان ننڍو ٿئي. قسم: ڪاري جيري، سُرهي جيري، پلا جيري، اڇي جيري).

• **جيسُ ج جيسَ:** ظرف. جيڏو – ميلُ – جوڙ – مٽ – برابر – هُم عُمر – ثاني – جهڙو – نهڪندڙ – مُقابلُ ـ شريڪُ – پيچي.

– **جيسي ج جيسي:** ظرف. جيسُ.

• **جيستائين (جيستائين)، جيستوڻي، جيستوڻين:** ظرف. جنهن وقت تائين. انهي دير تائين. ايتري پنڌ تائين.

• **جيسَرَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جَيسري:** ث. سري راڳ جي هڪ راڳڻي جو نالو.

• **جيسين:** ظرف. جنهن وقت تائين. جيتَر (هي لفظ تائين، توڻي، سوڌو جي اڳيان اچي وقت جي معنيٰ ڏيکاري ٿو ۽ مشروط آهي).

• **جيفو:** ذ. [ع. جيفہ] ڍونڍ – مُردار – جوفو.

• **جيڪب آباد:** اسم خاص. اُتر ۾ هڪ ضلعي، تعلقي، تپي، ديهہ ۽ شهر جو نالو. جيڪو جيڪب انگريز جي نالي تي اڏايل آهي.

• **جيڪڏهن:** حرف جملو. جي – اگر – جي ليڪي (شرط جو حرف).

• **جيڪر:** حرف جملو. جيڪڏهن – شال – شَلَ (تمنّا جو حرف).

• **جَيڪري:** اسم خاص. تعلقي جاتي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **جيڪس، جيڪس:** ظرف. شايد – مبادا – هوند. "جيڪس منهنجي ذات، ڪجو ٿي ڪيچين ڪي" (شاهہ).

• **جيڪو:** ضمير موصول. اهو جو – ڪوبہ – ڪهڙو بہ. (ث) جيڪا.

• **جيڪي:** ضمير. جو ڪجهہ – جملہ – سڀ.

– **جيڪي ڪي:** صفت. جو ڪجهہ.

– **جيڪي سو:** صفت. جو ڪجهہ.

– **جيلُ ج جيلَ:** ذ. [انگ. Jail] قيد – بنديخانو – تُرنگُ. قيد – سزا (قيد جي).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **جيل ڀوڳڻ، ڪاٽڻ:** قيد ڪاٽڻ — سزا ڪاٽڻ.

— **جيلخانو:** ذ. جيل — بنديخانو.

— **جيلر ج جيلرز:** ذ. جيل جو وڏو آفيسر.

• **جيل ج جيلون:** ث. لوهه جي بيڙي (جا پيرن کان وٺي ڳچيءَ تائين ڪنهن ماڻهوءَ کي ٻيل هجي).

• **جيلان، جيلانه، جيلانهين:** ظرف. جنهن صورت ۾ ـ جيئن ته — چو ته — جيئن — جنهن کان. جنهن مان.

• **جيلاني:** اسم خاص. سيّد عبدالقادر جو اولاد. سيّد عبدالقادر جو لقب (جو جيلان شهر جو ويٺل). (صفت) جيلان علائقي يا شهر جو نالو.

• **جيلاهه، جيلون:** ظرف. جنهن لاءِ ـ جيلانهن.

• **جيمڻ (ث):** مصدر. ڪائڻ. آهت ڏيڻ.

• **جين:** اسم خاص. هڪ ڌرم جو نالو (جنهن جو باني وڙڌ مان مهاوير عيسوي سن کان ۴۷۷ ورهيه اڳ ٿي گذريو آهي. جيني خدا جا قائل آهن).

• **جيني ج جيني:** صفت. جين ڌرم جو مڃيندڙ.

• **جينيا، جينتا (ل، ث):** ذ. منجهيل وار. ٻيوت وار. ڇينيا.

— **جينٽو جينٽي (ث):** ذ. صفت. مُنجهيل وارن وارو. ٻيوت وارن وارو.

• **جينجهر، جينجهري (ل):** ث. سنهي سُڪل ڍينگري.

• **جينڪا، جينهل (ث):** ث. سنهي بوند — ڦڙ ڦڙ.

• **جينگر:** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم (کڳي جهڙي مُنهن ۾ سينگاري جهڙي ٻچ سان).

• **جيڻ:** مصدر. جيئڻ.

• **جيٺو ج جيٺا:** ذ. ظرف. سڄو — ساڄو — ساڄي پاسي وارو.

• **جيو:** اسم خاص. تعلقي ڳوٺيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جيو ج جيو:** ذ. [سن. جيو] ساهه ـ روح — جيءُ — آتما — زندگي. ساهوارو — جانور — حيوان. هرهڪ ساهوارو.

— **جيو آتما:** ذ. [سن. جيواتما] (هندن جي عقيدي موجب اهو روح جو پرماتما مان نڪري دنيا ۾ جنم وٺي).

— **جيوانو:** ذ. اهو محصول يا اُها ڍوڙي جا هرهڪ ساهواري تي پوي.

— **جيوت:** ث. ظرف. [سن. جيوت] عمر ڀر. (صفت) زنده ـ جيئرو. (اسم) زندگي — حياتي — عمر.

— **جيودان:** ذ. جان بخشي — جيئدان — موت کان بچاءُ — موت جي سزا کان معافي.

• **جيورڻ:** مصدر. ڪاڏو هضم ٿيڻ — سولائي سان هضم ٿيڻ. ڳري طعام کي سهي وڃڻ (جيئن ٿيءَ جي صورت ۾ ٻاهر نه نڪري).

• **جيوڙو ج جيوڙا:** ذ. ننڍڙو ساهوارو — جيت — جيو — جُرُ ثوم — ڪيئون — ڪيڙو.

• **جيوڻ:** ذ. [سن. جيوَن] زندگي — حياتي — سهارو — ڏڍُ. اُمنگ — جذبو. اسم خاص. ماڻهو جو نالو.

— **جيوني:** ث. زندگي — حياتي.

• **جيوڻ:** مصدر. جيئڻ.

• **جيها:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جيهر:** ظرف. جنهن وقت — جنهن مهل. جڏهين. جيسين.

• **جيهل:** ث. مينهن جي بلڪل سنهي هلڪي بوند.

• **جيهو ج جيها:** ظرف. جهڙو. بيان — وانگر. (ث) جيهي ج جيهيون. "جيهي تيها تيهي ٻانهي ٻاروچل جي". (شاهه).

— **جيهو تيهو:** ظرف. جهڙو تهڙو — ڪهڙو به (ث) جيهي تيهي.

• **جيءُ:** ذ. [سن. جيو] روح — ساهُ — حياتي — زندگي — دم. جند — جان — بدن. دل — منُ — طبيعت. خواهش. نفس. اَن جو ڪجهو داڻو (جو اجا ڍڍي ۾ هجي). دليري — جرائت — همت. (صفت) ساهوارو جيءَ وارو. چڱو ڀلو — جوڙ — خوش. (ذ) سڏ جي جواب ۾ ڪم ايندڙ ادب وارو لفظ (ها).

— **جيءُ آئينا:** جملو. ڀلي آئين — نج آئين — سدا آئين.

— **جيءُ آزائڻ:** جان ڦاسائڻ — جند ڦاسائڻ. دل اٽڪائڻ — عشق ڪمائڻ — محبت ڪرڻ — پاڻ کي تڪليفن ۾ وجهڻ.

— **جيءُ پوڻ:** ساهه پوڻ — جان پوڻ. سنگڻ ۾ اَنَّ پيدا ٿيڻ — ٻار کي پيٽ اندر ساهه پوڻ.

— **جيءُ جلائڻ:** اندر ساڙڻ — ڪاوڙائڻ — چيڙائڻ — ساڙَ ڏيارڻ.

— **جيءُ جنجل ۾ وجهڻ:** پاڻ کي آزار ۾ وجهڻ — جند ڦاسائڻ. پاڻ کي مصيبت ۾ ڦاسائڻ.

— **جيءُ حضوري:** صفت. خوشامدڙيو — چاپلوس — ڪوڙي خوشامد ڪندڙ — هر ڳالهه جائز ناجائز جي پيروي ڪندڙ.

— **جيئدان:** ذ. جان بخشي — جان جي امان — ڦاسيءَ کان معافي — موت کان ڇوٽڪارو.

— **جيئدان ڏيڻ:** حياتي بخش ڪرڻ — جان بخشي ڪرڻ — ساهه بچائڻ — قتل جي سزا معاف ڪرڻ — ڦاسي معاف ڪري ڇڏڻ — موت کان مهلت ڏيڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڄ

ڄ: ٿ. سنڌي الف بي جو ٻارهون اکر — اُچار "ڄي". ابجد جي حساب موجب سنڌس عدد "ج" جي برابر (٣).

• **ڄاٻُورو ج ڄاٻُورا (ت):** ذ. ڳاهه جو نمونو. ڏيکُ — نظارو.

• **ڄاتلُ:** صفت. "ڄاڻڻ" مصدر جو اسم مفعول — معلوم — سمجهيل. جنهن جي ڄاڻ هجي.

• **ڄاتو ج ڄاتا:** مصدر. ڄاڻڻ مان "ماضي مطلق" معلوم ڪيو.

— **ڄاتو ڪرڻ:** اطلاع ڏيڻ — ڄاڻُ ڪرڻ — خبر ڏيڻ.

• **ڄاتِي ج ڄاتِيُون (ڪ):** ٺ. اَن يا ڏاس ڪترڻ جي ڪينچي — ڳتو.

• **ڄاتا ج ڄاتاٿُون:** ذ. ٿ. [س. ڄَتنا] ڄاتا — ڄَتنا — ڇَڳِّ. وٽيل وارَ — ڳُتَ.

• **ڄاتائڻُ (ت):** مصدر. "ڄاتڻ" مان مُتعدي بالواسطه. ساڙائڻ.

• **ڄاتِڪو ج ڄاتِڪا:** ذ. صفت. ڄَتڪو — دهقاني — ڳوٺاڻو.

• **ڄاتِڻُ (ت):** مصدر. ساڙڻ — ٻَچائڻ.

• **ڄاتو ج ڄاتا:** ذ. [سن. ڄاماتْر]. [ڄاماتا؛ ف. داماد] ناٺي — نِياڻو.

• **ڄاڻڻُ:** مصدر. [سن. ڄَنْ = ڄڻڻ] ڄمڻ (ماءُ جي پيٽ مان). جنم وٺڻ. "ٻِيهر ڄاٻي ڄاڻ. اِبرجي اوصاف ڪي" (شاهه). پيدا ٿيڻ. اُپڙڻ — نڪرڻ. ڄمڻ (ڪير).

— **ڄاهندي ڄام هڻڻ:** ڄمڻ سان ئي غير معمولي قوت جو صاحب هئڻ.

• **ڄاڃِي ج ڄاڃِيُ:** ذ. [سن. ڄَنْيَہ] ڄڃ وارا — ڄڃ ڪري ايندڙ — گهوٽيتا. "ماڃيءَ" جو ضد. دعوتي. ڪانڌِي — سَڏَ تي آيَلَ.

— **ڄاڃِي ماڃِي:** ذ. شاديءَ ۾ جملہ شريڪ.

• **ڄارِ:** اسم خاص. تعلقي سجاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڄارِ ج ڄارِيُونْ:** ٿ. وڻ جو هڪ قسم (ڪٻڙ جي قسم مان. جنهن جي پاڙن مان ڏندڻ ٺاهيا آهن).

• **ڄاريارو ج ڄاريارا:** ذ. صفت. ڄارن ۾ رهندڙ — ڪٻڙن ۾ رهندڙ — جهنگلي.

• **ڄارُ ج ڄارَ:** ذ. [سن. ڄالُ] ٽُلهي ڏور. نوڙي وغيره مان ٺهيل ڄاري — رَڄُ — ڦَنُ — (مڇين ڦاسائڻ لاءِ). ڦَنجوڙُ (ڄانورن ڦاسائڻ لاءِ). ڄاري (پکين ڦاسائڻ لاءِ). سوراخن واري شئي — ڪوريئڙي جو ٺاهيل گهر. ڦَندو — ڦاهِي. دامُ — ڏوڪو — فريب — سازش — منصوبو.

— **ڄار پکيڙڻ:** ڪنهن کي ڦاسائڻ لاءِ گهات گهڙڻ — منصوبو سِٽڻ — سازش ڪرڻ — اثر ڦهلائڻ — چالبازي ڪرڻ.

— **ڄار ۾ ڦاسائڻ:** ڦاسي پوڻ — ڇوڪنيو ڦاسڻ — ڦندي ۾ اچي وڃڻ.

— **ڄار وجهڻ:** ڄار پکيڙڻ — منصوبو سِٽڻ.

• **ڄاراهو ج ڄاراها (ت):** ذ. ڪير ڄمائڻ لاءِ ٺڪر جو ٿانءُ.

• **ڄارائِڻُ:** مصدر. ڄمائڻ (ڪير). ڄڻائڻ (ٻار).

• **ڄارڪي:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڄارو ج ڄارا:** ذ. [سن. ڄال] ڪوريئڙي جو ٺاهيل سنهين تَندُن وارو ڄارُ — آسماني تنبو. سينورُ (ٻاٽي، ڏڏ، ڪير، ٻوڙ وغيره شين تي). دونهين جي ڪاراڻ جو ڇَتُ. انب جي ڳَرُ جا تندورا — ريشو — (انب جو). جيت جو هڪ قسم (جو ڪک ڪان بہ سنهون ٿئي). سنهي مَک — مَهْلو (اُهي جيت بهار جي موسم ۾ وڻن ۾ عام طرح پيدا ٿيندا آهن). پکيءَ جو هڪ قسم — ڳِجهہَ (ڪ). بلغم.

— **ڄارو ٻڌڻ:** سينوارجڻ. آڏاڻي ۾ تاڃيءَ کي هڪ خاص نموني سان ٻڌڻ (جيئن تاڃيءَ کي سولائي سان هيٺ مٿي ڪري سگهجي).

— **ڄارو ٿيڻ، لڳڻ، وٺڻ (ت):** مَهلي جو جيت لڳڻ.

— **ڄارو لڳڻ:** سينور وٺڻ. مٿي چڙهڻ. ڪوريئڙي جون ڄاريون وڪوڙي وڃڻ.

• **ڄارُوڪو ج ڄاروڪا (ڪ):** ذ. ڄارِ جو ننڍڙو وڻ.

• **ڄارِيْ ج ڄاريون:** ٿ. [سن. ڄالِڪا] سوراخ دار ڪپڙي جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ڄانگهڻي (ل):** ث. ڪوهه مان مٽي ڪڍڻ واري بيل جي نوڙيءَ جو ٻُڇَڙُ.

• **ڄاڻ، ڄاڻ:** ظرف. اِجهو – هينئر – جلد – سُتت.

• **ڄاڻَ (ڄاڻ):** ذ. [پرا. ڄاڻ. سن. ڄجانَ] سَڌ ـ پَروڙَ – اطلاع – خبر – ڄاڻو – ٻڌاڻو. سَڌ. ڪانڊ – دعوت – هوش – عقل – شعور – واقفيت – علم – معرفت – سمجهه – خبرداري – آگاهي. سنباڻ (ڪ). "آلي منجهه علو جوي، ڪو ڄاڻي وڌو ڄاڻ".

– **ڄاڻ ٿيڻ:** اطلاع ٿيڻ – خبر ملڻ.

– **ڄاڻ ڪرڻ:** اطلاع ڪرڻ (قضئي جو) – ٻڌاڻو ڪرڻ. دعوت ڏيڻ.

– **ڄاڻو ج ڄاڻا:** ذ. ڄاڻ – اطلاع (قضئي جو) – خبر – آگاهي.

– **ڄاڻو ڪرڻ:** ڄاڻ ڪرڻ – قضئي جو اطلاع ڏيڻ.

• **ڄاڻڻُ:** مصدر. [پرا. ڄاڻٿ. سن. انيئِعز. اڻ امرُ] سمجهڻ – معلوم ڪرڻ – سهي ڪرڻ – خبر لهڻ. پروڙڻ. پاسڻ = ڏسڻ. ڏسڻ ۾ اچڻ. پسڻ. واقف ٿيڻ يا هُئڻ.

– **ڄاڻارو:** ذ. واقف – ڄاڻو – سُڃاڻو.

– **ڄاڻائي:** ث. ڄاڻ – اطلاع – فاتحه خوانيءَ جو اطلاع.

– **ڄاڻائڻُ:** مصدر. "ڄاڻڻ" مان متعدي بالواسطه. ٻڌائڻ – واقف ڪرڻ – اطلاع ڏيڻ. خبردار ڪرڻ. پنهنجي واقفيت ڪرائڻ.

– **ڄاڻائُو:** ذ. صفت. ڄاڻندڙ – واقف – ڄاڻُو. سمجهو. سُڃاڻُو – ڏ نل واڻنل. خابرُو.

– **ڄاڻ سُڃاڻ:** ذ. صفت. واقفيت وارو – سُڃاڻو. واقف ڪار – دوست يار – ڏ نل واڻنل.

– **ڄاڻندڙ:** ذ. ڄاڻو – واقف. سمجهندڙ. خبردار. ڄاڻُهارُ.

– **ڄاڻُهارُ:** صفت. ڄاڻندڙ – خبرداري رکندڙ – سيڪجهه ڄاڻندڙ. الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو – عَالِمُ الْغَيْبِ ـ دانا بينا – عَلِيمُ.

• **ڄاڻُو ج ڄاڻُو:** ذ. صفت. ڄاڻندڙ. خبردار – واقف. سمجهو. پارکُو. عالِمُ – هوشيار (ڪم جو).

– **ڄاڻُو سُڃاڻُو:** ذ. صفت. ڄاڻَ سُڃاڻَ وارو – واقف ڪار – گهر جو ڀيدي.

– **ڄاڻوئي:** ذ. صفت. واقف. گهائل مائل. حال محرم. "ابو امان مري، پر ڄاڻوئي نہ مري".

– **ڄاڻي ٻُجهي:** ظرف. ڏسي واسي – سٽي سمجهي – سمجهي پُرجهي – ڄاڻي واڻي – اِرادةً – عَمَداً.

– **ڄاڻي واڻي:** ظرف. ڏسي وائسي – سٽي سمجهي – ڄاڻي ٻجهي – ارادة – عَمَداً.

• **ڄاوَلُ:** صفت. ڄايل (ٻار) پيدا ٿيل (ٻوٽو وغيره). ڄميل (ڪير).

• **ڄاهو ج ڄاها:** ذ. [سن. شلِيَڪي. شَلِيَہ = ڪَنڊا] جانور جو هڪ قسم جنهن جي بدن مٿان ڪَنڊا ٿين. پکيءَ جو هڪ قسم پاڻيءَ جي ڀر تي گذاري. مڇي کائي. سوئر جو هڪ قسم (رنگ ڪارو وار گهنڊيدار ۽ نهايت بدبودار ٿئي).

• **ڄاءِ (ت):** ذ. ٻوڪ جو اوير.

• **ڄاٺو (ڪ):** ذ. ڏونرو – ڏهي.

• **ڄائو ج ڄاوا:** ذ. فعل ماضي ڄميو (گيهه وغيره). اُپريو (گاهه وغيره). اُڀريو (سج. چنڊ وغيره). پيدا ٿيو (اولاد).

• **ڄائي ج ڄايون:** ث. صفت. ڄاول (ڌيءَ) – پيٽ ڄائي: پنهنجي ڌيءَ "پرائي ڄائي" جو ضد.

• **ڄائيرو ج ڄائيرا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

• **ڄايو ج ڄايا:** ذ. صفت. ڄاول (پٽ) "پيٽ ڄايو" – "آ ڳ ڄايو".

• **ڄڀو ج ڄڀا (ڪ):** ذ. ڄاڙي.

– **ڄڀا ٻوڙ:** ڏنڊڻ ٻوڙ.

• **ڄڀ ج ڄڀون:** ث. [پرا. ڄيبا. سن. جهرا] زبان. ڏاند جي ڪونيٽ – ڪلهو – جيبي – شعلو.

– **ڄڀ ٻٽي وٺڻ:** زبان ٻٽي وٺڻ – سخت سزا ڏيڻ.

– **ڄڀرُ ج ڄڀرَ:** ذ. صفت. وڏيءَ ڄڀ وارو – ڊگهي زبان وارو. زبان دراز. وڏي ڪونيٽ وارو (ڍڳو).

– **ڄڀ ڪڍيُ ڪلهي تي رکڻ:** گهٽو ڳالهائڻ – بڪواس ڪرڻ. زبان درازي ڪرڻ – ڳالهائڻ ۾ ڄڳي مَني جو خيال نہ رکڻ.

– **ڄڀ هڻڻ:** گهٽو ڳالهائڻ – بڪ ڪرڻ – اجايو وات هڻڻ – زبان درازي ڪرڻ.

• **ڄڀي ج ڄڀيون:** ث. [سن. جهوا] لاٽَ (باهه جي) شُعلو – ڄَر.

– **ڄڀي ڪرڻ:** باهه جو لاٽَ سان ٻَرڻ.

• **ڄٽ:** ث. ماڻهوءَ جي بدن جا تمام سنها ۽ نرم وار – ٻَج. گهاٽا ۽ سنها وار. تمام گهاٽي ٻوڪ (ت). گهاٽو جهنگ (ت).

– **ڄٽرُ، ڄٽيارو (ت):** ذ. صفت. ڄٽ وارو. گهاٽن وارن وارو.

• **ڄٽَ ج ڄٽَ:** ذ. صفت. [سن. جَلَ = ڏَڏَ] ڪرمي –

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاشتڪاري – هاري – اڻ پڙهيل – نادان. ٻهراڙيءَ جو – دهقاني – ڳوٺاڻو. ٻالو ڀولو. ناتجربيڪار. سيکڙات – نَوَلُ.
ڄَنٽيُ، ڄَنتي ج ڄَنٽيون، ڄَنيون.
– **ڄَنڪو ج ڄَنڪا:** ذ. صفت. ڄٽ وارو – ڄٽن جو – ڄٽن جهڙو (ڪم). بي وقوفيءَ جو. – ڏسو "ڄَٽ".
– **ڄَنڪو ڏڪو:** غير قانوني فيصلو – بي وقوفيءَ جو فيصلو.
– **ڄَنٽيُ ڄَٽي:** ث. صفت. بي سمجهه زال "مٺن نماڻي هير ڄَٽي، تون صاحب تخت هزاري" (سچل).
• **ڄَتا ج ڄَتائون:** ث. [سن. ڄَتَا] ڄَتا – جوڳين جي مٿي جا وارَ.
• **ڄَتولُ، ڄَتولو ج ڄَتولَ ڄَتولا:** ذ. ڄَٽُ – دهقاني – ڳوٺاڻو.
• **ڄَتني ج ڄَتنيون:** ث. ڳِتَ – ڳتيل وارَ – چوٽي – ڪورڪي ڪم جو هڪ اوزار – آڱر جيڏي ڪاٺ جي هڪ ڳِلِي. ڪپهه جو ڦينجهو – پوٽي. مُٺ (ڳاهه جي).
• **ڄَتيا:** اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
• **ڄَلبي (ت):** ث. آڱر ويڙهو (هڪ ڦُرڙيءَ جو قسم).
• **ڄَپ (ڪ):** ث. ڄُپ – ماٺ – دَنُ.
• **ڄَپڙَڻُ:** مصدر. چنبڙڻ – لڳڻ – چهٽڻ.
• **ڄَپڻُ (ت):** مصدر. ڄَپڻُ – لڪڻُ. ڄُڪ هٽي ويهڻ – ڄَپ هٽي ويهڻ. تمام هيٺ نئڙي ويهڻ.
– **ڄَپي وڃڻ:** ڄُڪ هٽڻ. لڪي وڃڻ. هيٺ ٿي وڃڻ.
• **ڄَڄ ج ڄَڄون:** ث. [سن. ڄَنيَہ] شاديءَ ۾ گهوٽ جي طرف گڏ ٿيل ماڻهو. گهوٽيتا – ڄاڃي. شاديءَ جي موقعي تي گڏ ٿيل ماڻهو – براتِ.
– **ڄَڄ تي ٻيهي رهڻ:** ڪشاده دليءَ سان خرچ ڪرڻ.
– **ڄَڄ ٻرائي اَحمقُ نَچي:** ٻين جي ڪمن ۾ بيجا مُداخلت ڪرڻ.
• **ڄَجوها:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ڄَـرَ ج ڄَرون:** ث. [سن. ڄولَ = ڄلڻ] ڄيي – شعلو – لهس – تَؤ – سيڪُ – ڄَلُ – ڪامَ – ساڙو – بغض – حسد – ٻاٽيءَ جو هڪ جيت – ڄوڙ.
• **ڄَر، ڄَـرُ ج ڄَرون:** ث. [سن. ڄلاڪا] ٻار يا ڦرجمڻ ڪان پوءِ زال يا چوپائي جي پيٽ مان نڪتل ڇيڇڙا وغيره (جي ٻار جي ڏن سان ڳنڍيل هوندا آهن). اورَ – آنوَرَ (ت).
– **ڄَـرَ لاهڻ:** آوَرڪڍڻ.
• **ڄَرائڻ:** مصدر. لهسڻ – لُوهڻ – ساڙڻ – ڄلائڻ – لُوساٽڻ – سيڪڻ.

– **ڄَرات:** ث. ڄيي – لهس – ڄر – لُوهَ – لُوساتُ. گرمي – تابش.
– **ڄَراڄڻ:** مصدر. "ڄرائڻ" مان فعل مجهول. باهه ۾ سڙڻ – لُهسجڻ – ٻڄڻ.
– **ڄَراٽي:** ث. ڄَـرَ.
– **ڄَراٽو:** ذ.سيڪ – ڄَـرَ – تابش.
• **ڄَراري:** اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڄَرڪڻُ:** مصدر. ٻَڄَڻ – سَڙَڻُ – ڄَرڪڻ.
– **ڄَرڪ:** ث. ٻَڄ – ساڙُ.
– **ڄَرڪائڻ:** مصدر. "ڄرڪڻ" مان متعدي بالواسطه. ساڙڻ – پچائڻ – ڄَلائڻ.
– **ڄَرڪو:** ذ. تَؤ – لَهَسَ – سيڪُ – تاءُ – تابش.
– **ڄَرڪو لڳڻ:** پريشاني ٿيڻ – تڪليف محسوس ڪرڻ. خار لڳڻ.
– **ڄَرڪو لڳي وڃڻ:** باهه لڳي وڃڻ. جوش اچي وڃڻ. باهه وٺي وڃڻ.
– **ڄَرڪي وڃڻ:** سڙي وڃڻ – ڄَلي وڃڻ – ڪامي وڃڻ.
• **ڄَرڪو ج ڄَرڪا:** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم – پوئڪي مکي. (صفت) هٻڇي – لالچي – طمعي. پرايو مال هضم ڪري ويندڙ – ڦرٻلانوش – پيٽوڙي.
• **ڄَرڪِي ج ڄَرڪِيُون:** ث. ننڍو ڄرڪو.
• **ڄَرمُ ج ڄَرمَ:** ذ. [سن. ڄَنماتَرَ] ڄمار – حياتي "پنهنجو ڄام ڄاٽي ٻجهي ڄم ڄرم". شرم – حيا. ٻُڻ – پيڙهي – حسب نسب.
• **ڄَرڻُ:** مصدر. [سن. ڄوَلُ =ڄلڻ] ڄلڻ – سڙڻ – پچڻ – ڪامڻ.
– **ڄري ڄلڻ:** ساڙي ڇڏڻ – سخت ڏکوئڻ – تپائي ڏيڻ.
– **ڄَرو(ت):** ذ. ڄيت جو هڪ قسم.
• **ڄَڙهه:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ڄَاڙهَ:** ث. [سن. ڄَتا = پاڙ] پاڙ – بيخ – عمر – ڄمار. طاقت – زور – نسل – پيڙهي.
– **ڄڙهه رُلائڻ:** تمام هلاڪ ڪرڻ – ساري خاندان کي تڪليف ۾ وجهڻ – بيڪ ڪڍي ڇڏڻ.
– **ڄڙهه ڪيڻ:** هلاڪ ڪرڻ. بيک ڪڍڻ. پاڙ پٽڻ. ٽڪائڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاجز ڪرڻ — خاندان ختم ڪري ڇڏڻ.

— **ڄڙهہ نڪرڻ:** ٻيڪ نڪرڻ. طاقت نڪرڻ. سخت تڪليف پهچڻ.

• **ڄُڪَ ج ڄُڪون (ل):** ث. ٻَڙهہ — چَپُ ٻ دَت — ماٺِ ـ چانئهرِ ـ سُڪُوتُ — چُپ ـ خاموشي — سانت.

— **ڄُڪ مارڻ، هڻڻ:** ٻـڙهہ هڻڻ — دَتُ هڻڻ.

• **ڄُڪَڻُ:** مصدر. چُپ‌ڻ — چَپُ هڻڻ — دَتُ هڻڻ. جهُڪِي ويهڻ. نئڙي ويهڻ. ڪُـروندڙو. ٿي ويهڻ.

— **ڄُڪِيْ وڃڻ:** چَپِ هڻي ويهڻ — دَتُ هڻڻ.

• **ڄڪَـرُ، ڄـڪَـرُو:** ذ. جابلو وڻ جو هڪ قسم "ڄڪَـرُ ۽ چارِ اگهہُ مڙوئِي هيڪڙو".

• **ڄلُ:** ذ. گاهہ جو هڪ قسم.

• **ڄُلَـڻُ:** مصدر. [سرائڪي] هَلڻ. چُرڻُ — وڃڻ.

• **ڄَلَـهْ:** ث. سُستي — آرس.

• **ڄِلَهْ:** ث. پڪي زمين. گپڙانو — چِيڪي مِٽي.

• **ڄِلَـهْ (ت):** ذ. ڄَلهو — سست — آرسي — نوٽـِي.

• **ڄَلهائِيْ ج ڄَلهائيون:** ث. ڪَنجوُسائي — مَـرُجُوئائي. مرجوسائي (ت). بخيلي — سُستي — ڍِرَ.

• **ڄَلهو ج ڄَلها:** ذ. سُست — آرسي — نوٽـي. ڍِرو. ڪم ڪوس — ڪنجوس — بخيل — مرجوٽ — بي همّت.

• **ڄَمرُ ج ڄَمَرَ:** ذ. [سن. ڄَنْ = ڄمڻ] جنم — ولادت — پيدائش. عمر — ڄمار. اولاد — ٻاڙُ (ڇيڻا وغيره).

— **ڄَمر جو واقف:** ذ. طبيعت جو واقف — پيدائش جو واقف — ننڍي لاءِ جو واقف — بنياد جو واقف.

— **ڄَمُڄائو، ڄَمُڄَابو:** صفت. جنم کان وٺي — ڄمڻ کان — ڄمندي.

— **ڄم ڄرمِ:** ذ. لڄْ — حيا — شرم. "ڄَـم ڄَـرَمَ — مَـرَم سَٽـي، هاڙِهي هَلي هڪڙي ڄـڻِـي"

• **ڄمارَ ج ڄمارُوْنْ:** ث. [سن. ڄَنْمانْتَـرْ] عمر — وَهِي — حياتي — زندگي — آرجا — آوَسْٽا.

— **ڄمار وڃڻ:** عمر وڃڻ. ڏک رسڻ — تڪليف پهچڻ.

• **ڄمَانْدَرُ:** ث. ڄمار. ڏسو "ڄمار".

• **ڄمائِڻ:** مصدر. [پرا. ڄمـَّاوئي، ڄمّاويئي سن. ڄَنْمَ + آپ] ڪنهن پاڻيٺ کي رُوپِي تبديل ۾ آڻي سخت بنائڻ. ملائڻ — لڳائڻ — نهڪائڻ — چنبڙائڻ — ڪُـپائڻ — ويهارڻ (خيال ۾) — لڳائڻ (ڌيان). هيسائڻ — دٻائڻ — رُعب رکڻ. ڪيرَ ۾ ڪَنو وجهي رکڻ تـہ ڄمي.

— **ڄمائي ڇڏڻ:** هيسائي ڇڏڻ — دٻائي ڇڏڻ — پُوري قبضي ۾ آڻڻ.

• **ڄَمَتُ، ڄَمَتِ ج ڄمَتون، ڄمتيون:** ث. رُعب دابُ — دٻاءُ — ضابطو. اثر — زور.

— **ڄَمت ڪرڻ:** ڄمائڻ — رعب ويهارڻ — ضابطو رکڻ. اثر ويهارڻ — سِـڪّو ڄمائڻ.

• **ڄَمَڻُ:** مصدر. [سن. ڄَنْمَ] ٻارَ يا ڦَـرَ جو ماءُ جي پيٽان نڪرڻ — پيدا ٿيڻ — تَولَد (ٻار) جنم وٺڻ. اُپجڻ. اُپڙڻ (نباتات) پاڻياٺي شيءِ جو ٻَڌجڻ. سخت ٿيڻ (پٽڙيءَ شيءِ جو). پڪو ٿيڻ (پَٽُ). اُپڙڻ (سج، چنڊ وغيره). چنبڙڻ — چهٽڻ. لڳڻ — نهڪڻ.

— **ڄمندي ڄام هئڻ:** ننڍي هوندي کان ئي غير معمولي قُوّتُنِ جو مالڪ هئڻ.

• **ڄَمُوْنْ ج ڄَمُوْنْ:** [پرا. ڄَمّلو، ڄَمْبُلو سن. ڄَنْبُلَهْ] وڻ ۽ ميوي جو هڪ قسم. مٺائيءَ جو هڪ قسم. زناني ڪپڙي جو هڪ قسم (ڪاروتَـر، اڇي سنهي ليڪ، راڪي پيٽو، ڪَني ڳاڙهي)

• **ڄُنڊ:** ث. هڪڙن جا ڪائي ٻچايل ذرا ذرا — اوبر ٿيل پورا.

• **ڄُنْڊِ ج ڄُنْڊيُونُ (ل):** ث. ڏنڊِي — ڏَنڊِ ـ ڏانڊي.

• **ڄُنْڊا:** ذ [ڄُنڊو ج ڄُنْڊا] هميشه جمع ۾ هي لفظ ڪم اچي. (سن. ڄُهنڊَ) مٿي جا ننڍڙا وار — ڄَٽا — جهنڊا — پينڊا — ڄَـٽڙا.

• **ڄُنْڊا پٽڻ:** وار پٽڻ — سخت جهيڙو ڪرڻ.

• **ڄنْڊائڻ:** مصدر. ذرا ذرا ڪرڻ.

• **ڄَنْڊڙو ج ڄَنْڊڙا:** ذ. جنڊڙو — جانِ ـ جِنْڊِ ـ جِيءُ — وُجُود.

• **ڄُنْڊڙو ج ڄُنڊِڙا (ڪ):** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم (سِيْم، جهڙي، رنگ سائيرڙو قد ٢_۴ انچ).

• **ڄُنْڊو ج ڄُنْڊا:** ذ. وارُ. هيءُ لفظ هميشه جمع ۾ "ڄُنْڊا" ڪم اچي. ڏسو "ڄُنڊا".

• **ڄَنْڊُورو ج ڄَنْڊُورا (ل):** ذ. صفت. منجهيل وارن وارو.

• **ڄَنْگهہَ:** اسم خاص. تعلقي تعلقي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ڄَنْگهہَ ج ڄَنْگهُون:** ث. (پرا. ڄَنگها. سن. ڄَنگها) ٽَنْگ. رانَ — سَٿَـرَ — چيلهہ کان هيٺ پيرن تائين بدن جو حصّو.

— **ڄَنْگهہَ ٻڌارڻ، پڪيڙڻ:** گهٽن ڪمن ۾ هٿ وجهڻ — گهَڻ واسطو ٿيڻ.

— **ڄنگهہ ڍگهي ڪرڻ:** ڄنگهہ پڪيڙڻ. آرام ڪرڻ — ٿورو ليٽي آرام وٺڻ.

# جه

**جه:** حرف. [سنڌي] الف – بي جو تيرهون اکر. ابجد جي حساب موجب "ج" جي برابر (٣).

- **جهاپ ج جهاپون (ل):** ڇپي – ڇِڪَ (لغام کي) – سَٽَ ڇڙٻي.

– **جهاپ ڏيڻ:** ڇپي ڏيڻ – ڇِڪي ڏيڻ. اوچتو سَٽَ ڏيڻ – ڇڙٻي ڏيڻ.

- **جهاپڙ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **جهاپو ج جهاپا:** ذ. سُٽ يا پٽ جو رنگين ڦُندڻ (جو سونهن خاطر وَهَٽَ کي ٻڌجي) – ٽونڊُ – جهُوڙو. ڏاس جو ٽونڊُ (جنهن ۾ پئسا، ڪوڏ وغيره ٻڌجن ۽ خصوصاً اُٺ کي ٻڌو وڃي) اهو ٽونڊُ يا چاندي وغيره جي ننڍڙي ڪٽوري جا ٻانَهَنْ ۾ ٻڌجي. چوٽيءَ ڦُلُ. پاٽيءَ جو ننڍڙو ڏٻو (ت).
- **جهاپيرو:** اسم خاص. گوني ۾ پني عاقل تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
- **جهاپيري، جهاپيلي:** اسم خاص. شڪاري – مهاڻا – ميربحر.
- **جهاپيري:** اسم خاص. تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **جهات ج جهاتون:** ث. جهاتي. ڏسو "جهاتي" "پره پسندي موٽيو، جمل وجهي جهات" (خليفو نبي بخش).

– **جهاتُرُ ج جهاترَ:** ذ. صفت. جهاتيون پائيندڙ.

- **جهاتر:** ث. [ف. جهاتَ] وڻ جي لامُن جي گهاٽاڻِ. تازو ۽ گهاٽو چاول جهنگ. ننڍڙا گهاٽا وڻ.
- **جهاتي ج جهاتيون:** ث. [سن. آڌيڪشَ] لِيو – لياڪو. نظر – تاڪَ – چوري ڇُپي ڏسڻ واري حالت.

– **جهاتي (جهاتيون) پائڻ، وجهڻ:** لِيو (لِيا) پائي ڏسڻ. لڪي لڪي ڏسڻ – چوري ڇُپي نظر ڪرڻ.

– **جهاتِرُ جهاتيرُ:** ذ. صفت. لياڪا پائيندڙ – لِڪي لِڪي ڏسندڙ.

– **جهاتِڙي ج جهاتِڙيون:** ث. "جهاتي" جو اسم تصغير.

- **جهاتر:** ث. [سن. جهات] تازو اُپريل گهاٽو جهنگل – ننڍڙا ننڍڙا وڻ – ٻيرجون ڪچيون ٽاريون – وڻن جي گهاٽائي.
- **جهاٽ:** ث. جهَپُ – جهَپيو – جهَٽُ – لامارو. ڪَس – جهَٽَ – جهَڙپَ. ڪاهَ – سَٽَ. اُچانگ. جلدائي – تکڙ. چستي. ڏسو "جهٽ".

– **جهاٽ ڏيڻ:** جهَٽُ هڻڻ – جهپو هڻڻ – جلدائي ڪرڻ – ڦڙتي ڪرڻ.

– **جهاٽو ج جهاٽا:** ذ. صفت. جهٽ هڻندڙ – جهَپِيرِ – جهٽيندڙ. ڦورُو – ڪاٽُو – رشوتي.

– **جهاٽي:** ث. (صفت) جهٽ هڻندڙ. (ظرف) جهٽ پٽ – تيز – جلدي – سيگهڙيو.

– **جهاٽو (ت):** ث. جهانءِ. جهالَرِ.

- **جهاٽِڪو ج جهاٽِڪا:** ذ. ڪنهن جانور کي بنا تڪبير جي هڪ ئي ڌڪ هٽي سِسي لاهڻ يا ڪُهَڻ جي حالت (غير مُسْلِم خصوصاً سِکَ ڪنهن جانور کي ذَبح ڪرڻ لاءِ اهو طريقو اختيار ڪندا آهن). ڏسو "جهٽ".
- **جهاٽَڻُ:** مصدر. جهٽ هڻڻ – جهپو هڻڻ – جهٽڻ – لامارو ڏيڻ – ڳَڏ ڪرڻ. جلدي ڪرڻ – تکڙ ڪرڻ – سِگهو ٿيڻ. حملو ڪرڻ. ڏسو "جهٽ".
- **جهاپ ج جهاپون (ڪ):** ث. ڦُڙ ڦُڙُ – ٻُوند.
- **جهاپو ج جهاپا:** ذ. جهُوپڙِي – ننڍ آجهاپو – آرام.
- **جهاپي جهاپو ج جهاپا، جهاپو:** ذ. صفت. اُهو ماڻهو جنهن جي نظر گهٽ هجي يا هڪڙي شيءِ جون ٻه شيون ڏسي. جهانُورو – چُنْجهو – ٽيڏو.
- **جهاپولَ ج جهاپولُونْ (ڪ):** ث. تورو وسڪارو – ڦُڙِ ڦُڙِ – ٻُوندِ. سنهون مينْهن.
- **جهاجهُ:** ث. گهٽائي – جهجهائي – گهَڻ – ٻَڪَ – وڌل – پخِي – اونهو – عميق – اَجهاڳ پاڻي. "لنگهي جهاجهه جهاز وڃي پهتا پار کي" (خان زئي).
- **جهاجهائِڻُ:** مصدر. ڏِگهو ٿيڻ.
- **جهاجهائي:** ث. جهجهائي – گهٽائي – لنبائي – ڊگهائي.

• **جهاجهَر ج جهاجهرُون:** ث. گهاگهَر – جهَري – پاڻي پيري رکڻ لاءِ گهگهيءَ جهڙو هڪ ٿانءُ – پتل جو مٽڪو.

• **جهاجهَرُ ج جهاجهَرَ:** ذ. تنبوءَ جي پوش لاءِ ڪم ايندڙ هڪ قسم جو ڪُهرو غاليچو.

• **جاجهوڙڻُ (ڪ):** مصدر. ڏانڊولڻ – سختيءَ سان لوڏڻ.

• **جهانَ جهار:** ث. پکين جو ولر (جو پوک کي ڪاٽي جهڙوڪ. جهرڪيون، طوطا، پوڙي، وڏو وهيو وغيره).

– **جهار ڪاڏو:** ذ. صفت. پکين جو ڪاڏل (فصل). ٻُجي ڏاڙهيءَ وارو (ت)

– **جهارَ هڪلڻ:** پوک جي مٿان پکين کي هڪالي ڪيڻ – بچاءُ ڪرڻ – حفاظت ڪرڻ.

• **جهارِ جهنّو (ت):** ذ. جارجيت (ڪپڙو).

• **جهارڻُ (ٿ):** مصدر. قلعي ڪرڻ.

• **جهارو ج جهارا:** ذ. تمام چڊي لَسي (جنهن ۾ پاڻي گهڻو گڏيل هجي) چڊي پَنگ – پالَر. نيرن پاڻي (ٿ) – ناشتو. (ت) لوهَ (پکيءَ جي) – لامارو. "پکيءَ جهارو ڏنو".

– **جهارا جهت ڏيڻ:** لامارا ڏيڻ. هر هر مٿان چڪر ڏيڻ.

– **جهارا جهنگارا ڪرڻ:** نشا پتا ڪرڻ. فضول خرچ ڪرڻ. موجون ڪرڻ. رُشوَت وٺڻ.

• **جهاڙَج جهاڙون:** ث. ڦيٽو – منتَر – ٽوٽو. دُعا ڏاڳو – دَمُ – وڇون يا نانگ وغيره جي ڏنگ جي اثر لاهڻ لاءِ ڪجهه پڙهڻ. ڏسو "جهاڙڻ".

• **جهاڙ رکڻ وجهڻ:** ڪڪيل ماڻهو تي ڦيٽو رکي زهر جو اثر لاهڻ. منتر پڙهڻ – ڏنگَ يا ڏڪ ڦَٽَ مٿان آگرين سان ڳول چڪرا ڏئي منتر ڦُوڪڻ.

– **جهاڙي جهاڙي:** ذ. صفت. جهاڙ وجهندڙ.

• **جهاڙ ج جهاڙ:** ذ. [سن. جهات] وڻ – درخت.

– **جهاڙڪي جهاڙڪي جهاڙوڪيو (ٿ):** ذ. ننڍڙو وڻ يا ٻوٽو.

• **جهاڙڻُ:** مصدر. جهاڙَ وجهڻ. (سن. شاٿڻ) منتر پڙهڻ. تاڙ ۾ رکڻ – تاڙڻ – ٻهارڻ.

– **جهاڙي وجهڻ:** ٻهاري وجهڻ – سمورو ڪٽي وجهڻ.

• **جهاڙو ج جهاڙا:** ذ. (سن. جهات) پاخانو – ڪاڪوس – ڪرفتي – ٽورو.

– **جهاڙي وڃڻ:** ڪاڪوس ڏي وڃڻ – ٽوري تي وڃڻ – پائخاني ڏي وڃڻ.

• **جهاڙُو ج جهاڙُو:** ذ. (سن. شوڌَني) ٻهاري – ٻهارو. تلاشي. صفائي

– **جهاڙُ پائڻُ، ڏيڻ:** صفائي ڪرڻ – ٻهاري ڏيڻ – صفايو ڪرڻ.

– **جهاڙُو ڏيڻ:** ٻهاري ڏيڻ – صفائي ڪرڻ. گهرجي تلاشي وٺڻ يا ڏيڻ – صفايو ڪري ڇڏڻ.

– **جهاڙُو وٺڻ:** چوري يا ڪنهن شڪَ ۾ ڪنهن ماڻهو جو گهر يا سامان ڦولهي ڏسڻ – تلاشي وٺڻ.

• **جهاڙولو ج جهاڙُ ولا:** ذ. چمڙي جو ڍڳهو جوراب يا موزو جو گوڏن تائين پيرءَ تنگ ڍڪي ۽ گهوڙي سوان چڙهي وقت پائين يا ٻهراڙيءَ جا ماڻهو نانگ بلا وغيره جي بچاءُ ڪان ڍڪين.

• **جهاڙي (ٿ):** ث. وٽڪار – جهنگ – وڻن جو جهُڳٽو. ڏسو "جهاڙ".

• **جهاڪَ (ڪ):** ث. پونڪ – باهوڙ. بيقراري.

– **جهاڪ لنگهائڻ:** ڪنهن وڏي بيماريءَ مان چڙهڻ – ڪِسُني ڪاٽڻ. بيماريءَ جي سختي ڪاٽڻ.

• **جهاڪڻ:** مصدر. بي آرام ڪرڻ – بيقرار ڪرڻ.

• **جهاڪو ج جهاڪا:** ز. (سن. ڪُشُپَ) رستي ۾ وڏو ۽ اونهو کَڏو – گهانچو – لوڏو (گاڏي وغيره ۾).

• **جهاڳَ:** ث. (سن. شارڪ. شري = ڀَڃَڻ) گجي – ڪَف – جهڳ – جهڳي – گِف. ڏسو "جهڳ".

• **جهاڳڻُ:** مصدر. (سن. ڪُشُپُ = لوڏڻ) تانگهي پاڻي مان هلڻ – پار ڪرڻ (پاڻيءَ کي). وڏي مسافري ڪرڻ.

• **جهاڳ:** "جهاڳڻ" جو امر – پاڻيءَ مان هَلُ.

– **جهاڳ:** اسم. پاڻي وغيره جهاڳڻ جي حالت. پاڻي جو پَنڌُ.

– **جهاڳ لنگهائڻ:** بيماري ڪاٽي اٿڻ.

– **جهاڳي چڙهڻ:** پار ٿيڻ (پاڻيءَ مان). بيماري ڪاٽي چڙهڻ. جهنگ يا جبل جي ڏکي مسافري پوري ڪرڻ. تڪليفن جا ڏينهن پورا ڪرڻ.

• **جهاڳورا (ٿ):** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **جهاڳوڙڻ، جهاڳوڙڻُ:** مصدر. چاچولڻ – ڏانڊولڻ – آگهارڻ (ڪپڙو پاڻيءَ ۾) – ڏاڍي مار ڏيڻ. لتاڙڻ. لتن سان چيڀڻ – لتن ۽ مُڪن سان ڪُٽڻ. ڏسو "جهڳوڙڻ".

– **جهاڳور:** ث. چاچول. لتاڙ. چيڀ. ڏاڍي مار – جهڳور. لتن ۽ مُڪن جي مارَ.

– **جهاڳور ڪيڻ:** ڏاڍي مار ڪيڻ. لتن مکن سان سٽڻ.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

چاچولڻ.

— **جهاڳوري ڇڏڻ:** ماري ماري اڌ مئو ڪري ڇڏڻ – سَٽي ڇڏڻ. جهڳوري ڇڏڻ.

• **جهالَ (ل):** ث. ڪوه جي منهن تي ٺهيل دِڪي جنهن تي ٻوڪي وغيره مان پاڻي هارجي.

• **جهالَ (لس):** صفت. جال – جام.

• **جهالاَ (ت):** ث. جلوه ـ ديدار.

• **جهالاَ ج جهالائون:** ث. [سن. جهلري] جهالر (ڪنن ۾ پائڻ جو ڳهه). ڏسو ”جهالر“.

• **جهالار:** ذ. اوهيرو. (اسم خاص) هڪ جبل جو نالو. (مهيري).

• **جهالار:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهالارو ج جهالارا:** ذ. ٻڪين جي ڳڏجي ولر ڪري اُڌامڻ جي حالت. هڪ ٻڪيءَ جو نالو. صاف بيٺل (پاڻي) – جالارو.

• **جهالارو بيهڻ:** وچ ۾ بيهي جهيڙو ڇڏائڻ. وچ ۾ پئي جهيڙي ڪي ٽارڻ.

• **جهالاري ج جهالاريون (ت):** ث. وڏي ماٽي.

• **جهالُو:** ذ. صفت. جهالـو – پائدار – جٽادار – مضبوط – ديريا. ڏسو ”جهلڻ“.

• **جهالَرُ ج جهالَرون:** ث. (سن. جهلَري) ڪپڙي جي ڪنار. جنهن ۾ ننڍڙا ڦُندڻ هڪٻئي سان ڳَڏ پُوتل هجن. (هَنڌَ جي چادر، وهاڻي جي ڇَوَ يا تنبوءَ وغيره جي ڪنار) – ڳَهہَ جو هڪ قسم (جو ڪَنن ۾ پائجي) – ڪَنَ ۾ پائڻ جون جملہ واليون. ڪُنجهي جي ٿالهي، جا مَندَرَ ۾ وڄائجي (ٿ).

— **جهالَردارُ ج جهالَردارَ:** ذ. صفت. جهالر وارو – جهالر سان.

• **جهالڪو:** اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهالو:** اسم خاص. سجاول ۽ گهوڙا ٻاري تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **جهالو ج جهالا:** ذ. چمڪو – چمڪاٽ – تجلو – جَرڪو. ڏسو ”جهلڪڻ“.

— **جهالا ڏيڻ:** جهلڪا ڏيڻ. چمڪاٽ ڪرڻ – تجلا ڪرڻ. تجلا ڏيڻ. ”پرتوو پنهونءَ جو جهڙ جڻن جهالا ڏي“.

• **جهالُو ج جهالُو:** ذ. صفت. گهٽو وقت هلندڙ (ڪپڙو وغيره) جَٽاءُ ڪندڙ – بقاءُ وارو. مضبوط – پُختو – پَڪو. جهليندڙ. منع ڪندڙ. ٻن ڪي وڙهڻ کان روڪيندڙ. ٽيڪَ – ضامنُ يا سهارو – روڪڻ لاءِ آڙ ڏنل. ڏسو ”جهلڻ“.

• **جهالي ج جهاليُون:** ث. ڏنڊ جي ٻڪيءَ جو هڪ قسم.

• **جهاليُون:** اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهامَ (ت):** ث. اَلـَـر. جهاڪو – گهانجو. چِڪَ. سَٽَ.

— **جهامَ ڏيڻ:** اَلـَـر ڪرڻ. مار ڏيڻ. سَٽ ڏيڻ.

• **جهامَ جهرڪيُون (ٿ):** ث. ڀرت جو هڪ نمونو ”V“ سٽن جي انگ جي شڪل وانگر ٺهيل هڪ ڪاڻي (جيڪا هندو شادي وغيره جي موقعي تي دروازي جي اڳيان لڳائيندا آهن).

• **جهامِڪي ج جهامِڪيُون:** ث. زيور جو هڪ قسم. (ڪنن ۾ پائڻ جي والي جا پاڙي ۾ پائجي. جهانءِ ۾ ١٥ـ١٦ ڪن ننڍڙيون مڇليون ٿين) جهُمڪي – جهُمڪي.

• **جهامرو:** ذ. چمڙي جي هڪ بيماري (جا هٿن جي ڀُني، ٽَنگن ۽ پيرن تي ڏِڍِ وانگر ٿئي).

• **جهاموڙجڻ:** فعل مجهول. هٿين پوڻ – جانپوڙجڻ. جهانپوڙو.

• **جهانارُ:** ذ. صفت. جهانءِ وارو. گهنگهرَ جي آواز وارو پهلوان – طاقت وارو. عَميق – اُونهو.

• **جهانپو ج جهانپا:** ذ. چانپو. چينبو – سنهي تاري.

• **جهانپا ميڙڻ:** چينپا ميڙڻ. نڪمٽو گهمڻ – بيڪار رهڻ.

• **جهانت:** ذ. (سن. جهانٽا) ڪُچا – زيرناف – هيٺيان وارَ.

• **جهانبو ج جهانبا:** ذ. جهاپو – گهٽ نظر وارو – ٿورو ڏسندڙ – رُونجهو. لوڙهي جو دُور (ل). ڏاڪائون دروازو (ٿ).

• **جهانجهہَ. جهانجهہُ:** ذ. (سن. جهنجهٽا. جهَنُ = آواز ڏيڻ) ساز جو هڪ قسم – جهانجهہَ.

• **جهانجهرَ ج جهانجهرون:** ث. (هہ. جهرجهر – سن. جهَـرُ جهَـرُ) پيرن ۾ پائڻ جو هڪ ڳَهہُ – پازيب. نُورا. گهاگهرِ. گهنگهرو چير. جهالـر.

• **جهانجهرا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جهانجهرو ج جهانجهرا:** ذ. صفت. چالاڪ – ڦـڙت. تمار تـکو – تيز. پهلوان – جوان مرد. پيرن جو هڪ زيور.

• **جهانجهلي:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهانجهٽا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جهانڪڻ:** مصدر. جهوڪڻُ (ل). (سن. آڏيَکش) جهاتيون پائڻ (ڪ) – لـڪي لڪي ڏسڻ.

— **جهانڪ:** ث. جهوڪ.

— **جهانڪو:** ذ. صفت. جهاتَرُ – جهاتيون پائيندڙ.

• **جهانڪو ج جهانڪا:** ذ. (سن. ڪَشيَپ) گهانچو – ڪوبو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **جهڳڙُ ج جهڳڙَ:** ذ. باز پکيءَ جو هڪ قسم. (صفت) اجايو لـڙُ ڪندڙ– گهڻو ڳالهائيندڙ– بَڪواسي.

– **جهڳڙُ ٿيڻ:** گـهڻ ڳالهائو ٿيڻ– اجايو تڪرارُ ڪرڻ.

• **جهڳڙا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جهڳڙڻ:** مصدر. (سن. دَگـڌَ = ٻريل) جهيڙو ڪرڻ – جهڳڙو ڪرڻ– مانڌاڻ مَچائڻ.

• **جهڳڙو ج جهڳڙا:** ذ. جهيڙو – ٽنٽو – فساد – رڳڙو – بحث – تڪرار– مقابلو. ڏسو "جهڳڙڻ".

– **جهڳڙائي:** ذ. صفت. جهيڙو يا جهڳڙو ڪندڙ – جهيڙائي – فسادي – جهڳڙي وارو – جهڳڙي جو – جهڳڙيلو. ڏسو "جهڳڙڻ".

• **جهُڳڙي:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهُڳِلُ:** ذ. مجلس– دعوت– ڄُڃ– ڪانو– وَليمُو.

• **جهُڳِلي ج جهُڳِليُون:** ث. زيورَ جو هڪ قِسمُ.

• **جهَڳمِڳَ:** ث. (سن. ڄَڳَـمَ) چمڪو – چلڪو – تجلّو – جهرڪو– رونق– روشني– جهرمر. جنسار– سينگار. ٽمڪو.

• **جهڳمَڳيو:** ذ. صفت. روشن – چمڪندڙ – چلڪيدار. ڏسو "جهڳمڳ".

• **جهَڳِڻُ (ڪ):** مصدر. مار ڏيڻ– جهَڳورڻ– ڳـُجهي مار ڏيڻ.

• **جهڳِڻُ:** مصدر. سوال جواب ڪرڻ – گفتگو کي ڊگهو ڪرڻ – دليل ڏيڻ– بحث مباحثو ڪرڻ– بَڪ بَڪ ڪرڻ.

• **جهُڳڻُ:** مصدر. وِلوڙڻ. لَٻڻُ. چاچولڻ– پاڻي وغيره ۾ هٿ وجهي خراب ڪرڻ. جهوڳڻ. جهاڳوڙڻ (ڪ).

• **جهُڳو ج جهُڳا:** ذ. پُونگو – جهوپڙي – ڪکائون گهر. گهر– مڪان. رَڃُ جو هڪ قِسمِ (جو پيشڪير جيڏو ٿئي. مهاڻا ان کي ٽونٽين تي رکي پاڻيءَ ۾ اُڇلائيندا آهن).

– **جهڳو جهَڻِ ٿيڻ:** پونگو پينگ ٿيڻ. سڀڪجهه ناس ٿيڻ. اگر تگر جٽ ٿيڻ. نقصان پهچڻ– گهر برباد ٿيڻ.

• **جهَڳورڻُ، جهڳوڙڻ:** مصدر. (سن. جهـَ + ڪارَ) سودا يا ڪار جي پاڻيءَ ۾ ڪپڙو مهِـٽڻ– مَناڙِڻُ– چاچولڻ. وِلوڙڻ. لَٽُنِ سان مار ڏيڻ.

– **جهَڳورَ جهڳورَ:** ث. پاڻيءَ ۾ ڪپڙي کي چاچولَ – مَناڙَ. لَٽُنِ مُڪُنِ وغيره سان مارَ– ٻِجَ –چِٽَ. ڏسو "جهڳورڻ".

– **جهَڳور ڪيڻ:** ڏاڍي مار ڪيڻ – لَٽُن مُڪُنِ سان ٻجِ ڪَيڻ. ڏسو "جهڳورڻ".

– **جهَڳوري ڇڏڻ:** لَتُنِ سان لتاڙي ڇڏڻ– ڏاڍي مار ڏيئي بي حال ڪري ڇڏڻ.

• **جهَڳِي ج جهَڳِيُون (ل):** ث. بڪ – بڪواس – ٻخي. وِڦل. ٻَهُوڙَ. اجايو ڳالهائڻ.

• **جهُڳي ج جهُڳِيُون:** ث. جهُوپڙِي – پُونـِگِي. ننڍڙو گهر. مَنڍ پٽڙو.

• **جهَڳِيا (ڪ):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جهَلَ ج جهَلـُون:** ث. مصدر. "جهلڻ" مان اسم. روڪ – رنڊڪ پڪڙ. ٻَلَ– منع– ممانعت. بندش. آڏَ– آڊر. شڪار واسطي وڻ جي ڏارن تي ٻڌل پينکهي مثل جهولي. گنڊٽو. ٻاٻرو جهنگ. چوپائي مال جي روڪ لاءِ ٽاهيل واڙو. جنڊيءَ ۾ ڪتل لوهه جي سيخ. اُها ٻڪري جا لَڳُ يا ٻوڪُ نـ ڪري – اها ڪاٺي جيڪا ٽيڪَ لاءِ ڪم اچي.

– **جهل ٻجڻ:** ٻاڳين جي اصطلاح ۾ نـ ڦرڻ واري چوپائيءَ جي سار ۾ هٿ وجهي روڪ ڪندڙ ڀڙدو ڦاڙي ڇڏڻ.

– **جهَل ٻَل:** ث. منع– ممانعت– روڪ– بندش– رڪاوٽ.

• **جهَلُ ج جهَلَ (ٺ):** ذ. ڊگهي تاڃيءَ جو حصو.

• **جهِلَ، جهِلُ:** ث. (ٻرا. جهِلَ. من. جهِلِي) ٻُوٽي جو هڪ قسم. هن جا ڏندڻ سٺا ٿين.

• **جهُلَ ج جهُلون:** ث. [ع. جُل] غاشيو – بالاپوش – سينگار لاءِ اٺ جي پٺيءَ تي وجهڻ جو هڪ ڪپڙو (جو هيٺ تي لڙڪندو آهي). ٻَرتُ ٻريلُ رنگين ٽڪريُنِ سان ڪپڙو جو اُٺ. ڊڳي وغيره تي پٺي ڍڪڻ خاطر وجهجي. ڍَڪُ (ڪپڙي جو). [ڊاٽڪي] ٻٽراٽِي. وِهاٽي وغيره جي ڇَو (ٺ).

• **جهلائِڻُ:** مصدر. "جهلڻ" مان متعدي بالواسطه. منع ڪرائڻ. روڪائڻ– گرفتار ڪرائڻ– پڪڙائڻ– قابو ڪرائڻ.

• **جهِلائڻُ (ڪ):** مصدر. لوڏڻ.

• **جهَلِجَڻُ:** مصدر. "جهلڻ" جو فعل مجهول. قيد ٿيڻ– گرفتار ٿيڻ– پڪڙجڻ– قابو ٿيڻ. ونجڻ (بيماريءَ وغيره ۾).

• **جهَلِري (ٽ):** ث. رِليءَ جو مٿيون پڙُ– لِهـُ.

• **جهَلَڪَ:** ث. سُٽَ يا ڏاسَ وغيره ڪَتڻ جو اوزار (ڪاٺيءَ جي گُلي آهي جنهن کي ڦيرائڻ سان تَندَ تي وَٽُ چڙهي ٿو).

• **جهَلـڪارَ (ٽ):** ث. هوا جو جهوٽو.

• **جهَلـِڪڻُ:** مصدر. (ٻرا. جهَلَڪَ. سن. جهَلَ + ڪَر) جهَرَڪَڻُ – چِمڪڻ– چِلڪڻ– چمڪاٽ ڪرڻ تجلا ڪرڻ– جهرِمرِ ڪرڻ.

– **جهَلڪَ:** ث. چمڪو – چِلڪو – چمڪاٽ. تجلو. روشني. رونق.
– **جهَلڪِٽو ج جهَلِڪٽا:** ذ. صفت. چمڪو ڏيندڙ. چمڪٽو – تجلو ڪندڙ. جهَرڪٽو.
– **جهَلِڪو ج جهلِڪا:** ذ. چمڪو – تجلو. جلوو.
– **جهَلڪا ڏيڻ:** چمڪڻ – تجلي ڏيڻ – رونق ڏيکارڻ.
• **جهُلڪو ج جهُلڪا:** ذ. واءُ جو جهوٽو – لوڏو – جهٽڪو. وچٿي سان هوا جو لوڏو.
– **جهُلڪو ڏيڻ:** نڪ کي موڙو ڏيئي نخري جو اظهار ڪرڻ. نقل ڪرڻ – اهل ڪرڻ.
• **جهَلِڻُ ج جهَلَڻ:** ذ. نار ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺ (جو کوهاڏي جي مُنهَن تي رکيو آهي، نارجو سمورو بار هن ڪاٺ تي ٽيندو آهي).
• **جهِل:** ث. هڪ سائو ٻوڙو جنهن جي پنن جي بهترين ڀاڄي ٿئي.
• **جهِلَڻُ (ت):** مصدر. وِهنجڻ.
– **جهِلڻو (ت):** ذ. وِهنجَڻ خانو – غُسلخانو – تڙَ جي جاءِ.
• **جهُلَڻُ:** مصدر. (سن. دُلَن. دُلُ = لٽڏڻ) لٽڏڻ – جهولڻ (پينگهه ۾). لاڏ سان جهولي اچڻ. "سدا وسين تون ساگرا، تو مٿي محمد مير، ۾ جهلنديون جهالر ونديون مليو ميٺ ملير" (ميون شاهه عنايت).
• **جهَلو:** ذ. روڪَ – آڏَ – رنڊڪَ. ٽيڪَ – آڌَرِ ـ سهارو. بچاءُ. جتاءُ. واءُ جو هڪ قسم (جو صحت لاءِ نقصانڪار آهي). ڪُتو (مشين جي ڪنهن پرزي کي روڪڻ لاءِ) وٿن جو جهڳٽو – هڙي (ت). ڪانڊپو (ل). اوهَ جو کير سان پرجڻ جي حالت (ت). (اسم خاص) ڪنڊ ڪوٽ ۽ ڪونڙي تعلقن ۾ ديهن جو نالو. تعلقي دادو ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو. ڏسو "جهَلڻ".
– **جهلو جهلو نہ لڳڻ (ت):** ڪوسو واءُ نہ لڳڻ. ڪوبہ غم يا فڪر نہ ٿيڻ. ڪابہ تڪليف نہ رسڻ – سلامت رهڻ (هر تڪليف کان).
• **جهَلُو ج جهَلُو:** ذ. صفت. جهليندڙ. روڪيندڙ – رنڊيندڙ. وَلندڙ. پڪڙيندڙ. ڏسو "جهلڻ".
• **جهَلُوري:** اسم خاص. ٽنڊي باگي، ساماري ۽ ميرپور خاص تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **جهَلي ج جهَليُون:** ڪاٺ ۽ ڪپڙي مان ٺهيل وڏو پکو (جو ڇت ۾ ٻڌي ڇڏبو آهي ۽ نوڙين سان لوڏي هوا پيدا ڪبي آهي). جبل ۾ مينهن جي پاڻي روڪڻ لاءِ پٿرن جي آڏ يا بندُ.
• **جهِلي ج جهِليُون:** ث. (سن. ڪْشين = نازڪ. باريڪ) پيٽ جو اندريون باريڪ چمڙو – چمڙي جو سنهون پڙدو. گوشت جو سنهون تهہ.
– **جهَلُون پائڻ:** پردا چاڙهڻ – روڪ يا منع ڪرڻ. "اڪين کي آئون، جان کي جهَلُون پائيان" (شاهه).
• **جهَمَ (ت):** ث. (سن. جهَن) ڌَمَ – زور – دَٻ. لوڏو ڏ ڪو.
– **جهَم ڏيڻ:** زور ڏيڻ – دَٻ ڏيڻ. لوڏو ڏيڻ.
• **جهِمَ:** ث. هيٺاهين زمين. جهميل ايراضي – وڏي ترائي. (سنڌ ۾ هيٺاهين زمين وارين مختلف ايراضين جو نالو – ڪوٽڙي ۽ جنگشاهي جي وچ واري وڏي ترائي ۾ مدفون هڪ وَلي الله جو نالو "جهِم پير" – جاتيءَ کان ڇهہ ميل ڏکڻ "جهِمَ مَڪانُ"، وغيره). ڏاڍي مار.
• **جهِمُ:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **جهُمُ ج جهُمَ:** ذ. ريڙهہ ـ گهاٽي وِٿي – جهُنڊ. ميڙ.
– **جهُمُ ڪرڻ:** ميڙ ڪرڻ – گوڙ ڪرڻ. جهُمٽو ڪرڻ.
• **جهِمائِڻ (ل):** مصدر. ڏنگو ڪرڻ. جهُڪائڻ – نمائڻ. ٽمائڻ (پاڻيءَ مان). ڀُسائڻ – آلو ڪرڻ. گهڻَ ۾ تَر ڪرڻ – پڪوان ڪارائڻ – ڪانو ڪارائڻ. ڏسو "جهِمڻ".
• **جهُمَٽُ ج جهُمَٽَ:** ذ. وٿن جو جهُڳٽو – ريڙهہ – جهُنڊ. ڇڳو (ميوي جو). انبوهہ – ميڙ.
• **جهَمٽا (ت):** ذ. وارَ – ڇَتا – پيندا.
• **جهَمٽِري ج جهَمٽِريُون:** ث. تيز – چالاڪ – سُگهَڙ.
• **جهُمٽو ج جهُمٽا:** ذ. وٿن جو جهُڳٽو – جهُمَٽُ.
• **جهَمٽِي ج جهَمٽيُون:** ث. ٻيڙي جو هڪ قسم. ميرن جي دؤر ۾ اميرن لاءِ خاص ٺهيل ٻيڙي. ڪپڙي جو هڪ قسم. گِهڻَ جو هڪ قسم (جو ڪنن ۾ پاتو وڃي، واليءَ جهڙو سون يا چانديءَ مان ٺهي) – ننڍڙو پنڙو.
• **جهَمِ جهَمِ. جهِمِ جهِمِ:** ث. زيورن يا گهُنگهُرن جو چمڪو. مينهَنْ وَسَڻَ جو آواز.
• **جهَمَرُ ج جهَمَرَ:** ذ. وڻ جو هڪ قسم ـ
• **جَهمڪڻ:** نظر نظر سان ملائڻ وقت اکين جو وڏيڪ روشن ٿيڻ، چمڪڻ. "اکڙيون اڙائي، وِڌَوَ ڦاسائي، جهَمڪڻ لائي جهڪور" (دريا خان).
• **جهُمرِ جهُمرِيُون:** ث. (سن. جهَنپَ) لوڪ ناچ جو هڪ قسم. خوشيءَ جي موقعي تي هڪ قسم جو عوامي ناچ – ڦيري (هٿن ٻانهن جي چُرپُر چيلهہ ڏوڙي ڪرڻ ذريعي ٿيندڙ).
– **جهُمرِ وِجهڻ:** خوشيءَ مان نچڻ – ڦيريون پائڻ. جهيڙو پيدا ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڄ

ڄ: ٿ سنڌي 'الف – ب' جو ڇوڏهون اکر. ابجد جي حساب ۾ جيم (ج) جي برابر ۽ عدد ٽي (٣). هن اکر سان ڪوبه لفظ شروع ڪونه ٿو ٿئي. البت ڪٿي ڪٿي 'ڀ' جي اچار کي 'ڄ' ڪري اچارين. مائي نعمت جو نالو 'ڀيامت' يا 'ڄامت' ڪري اچارين.

---

# چ

چ: ٿ. [سنڌي. ف. سن] سنڌي "الف – بي" جو پنڌرهون ۽ فارسي 'الف بي' جو ستون اکر. ابجد موجب عدد جِيم جي برابر (٣) هِن کي "جيم عجمي يا فارسي" بہ چون. عربي حروف تهجيِ ۾ هيءُ اکر شامل نہ آهي.

- **چا:** [سرائڪي] "چائڻ ڪڻڻ" مان امر. ڪڻ.
- **چابُڪُ ج چابُڪَ:** ذ. [ف] چَهبُڪ. لَڪُڙُ – تَلَهڙ – چَهو – تازيانو – ڪوڙو. (صفت) چست – چالاڪ – ڦڙت – هوشيار. هنرَ – قَمچي.
- **چابڪ چيلهہ:** صفت. تمام سنهڙي چيلهہ وارو – نازڪ ڪمر وارو.
- **چابڪ دانِي:** گهوڙي گاڏيءَ ۾ چهبڪ رکڻ جي نَلِي.
- **چابُڪ دَسْتہ:** ذ. صفت. تکڙو – چالاڪ – ڪاريگر – تکو – ڪم ڪندڙ – ماهر – هٿ جي ڪم جو هوشيار.
- **چابُڪ دَسُتِيْ:** ٿ. چالاڪي – هوشياري. ڪاريگري – مهارت.
- **چابُڪ سُوارُ:** ذ. صفت. گهوڙن کي پنڌ سيکاريندڙ سُوارُ – گهوڙن ڦيرائڻ وارو سوار – شوقين ۽ ماهر سُوار.
- **چابُڪ عِنان:** ذ. ٿ. تکو هلندڙ گهوڙو – تکو ڪاهيندڙ سُوارُ.
- **چابَ (ٽ):** ٿ. ڪچي ٻاجهري جو گاهه.
- **چابَ ج چابـُون:** ٿ. چاٻو – چَبَ – چَبڪو – ڄاڙين جي چُرپُر. جهٽڪَ – چِينبَ – دَڙڪو – چِڙبَ (ل) – ڌمڪي – تَنبِيْهہَ. ڏسو "چَبڻ".

– **چاٻو ج چاٻا:** ذ. ڄاڙين جي چُرپُر (ڪاڌي ۾) – چبڪو. ڪائڻ جو آواز.

– **چاٻا ڏيڻ:** ڪاڌي جي شئي کان سواءِ وات کي ڪائڻ واري چر پُر ڏيڻ – وات هلائڻ (ڪاڌي وانگر). ٻي دِليو ڪائڻ.

– **چاٻي تي بندوق هڻڻ:** بنا سوچ ويچار جي ڪم ڪرڻ. ڌڪي تي ڪم ڪرڻ – ڌڪو هڻڻ.

- **چاٻولو ج چاٻولا:** ذ. چوٻول – چوٻولو – گهٽن ماڻهن جي وات جي ساڳي وائي. گهٽن ماڻهن ۾ ساڳيءَ ڳالهہ جو ذڪر يا بيان.
- **چاٻُوْ، چاٻـُوْ:** ذ. گهٽا چاٻا ڏياريندڙ ڪاڌو (خصوصاً دندان گير حلوو وغيره) – چِيڙهالو. حلوي جو هڪ قسم. ڏسو "چَبڻ".
- **چاٻي ج چاٻِيُوْ:** ٿ. (پورچوگالي) ڪُنجي (ڪلف يا تالي کولڻ جي) بيل گاڏيءَ جي ڦيٽي کي سرائي مان نڪرڻ کان روڪيندڙ لوهہ يا ڪاٺ جي ڪلي – ڪرٽ جي ڏندن کي موڙڻ جو اوزار – پيچڪش – اشتعال – جوش.

– **چاٻِي ڏيڻ:** ڪُنجي گهمائڻ (تالي يا رانديڪي ۾). اصطلاح. چُرچ ڪرڻ – شروع ڪرڻ (ڳالهائڻ وغيره ۾) – اُڀارڻ – جوش ڏيارڻ – تيار ڪري ويهارڻ – ڀڙڪائڻ – آماده ڪرڻ.

- **چاتَہ** ٿ. دشمني – خصومت – ڪِينو – بغض – چاتُتِ ـ چاوَتہ
- **چاتِرُ ج چاتِرَ:** ز. صفت. [سن. چَتُـرْ = هوشيار] چالاڪ – قابل – ڪاريگر – چترو (ڳالهائڻ ۾). خوش مزاج – رلٺو ملٺو – ڪلِمُڪُ. دانا – عقلمند – بهادر – دلير.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **چار ڊانگ:** ظرف. چار طرفَ — چوطرف — سڄي دنيا.

— **چار ديواري:** ث. چئن پتين جي اندر جاءِ. گهرُ. قلعو — شهر جي چوڌاري وڏي ديوار — عالَم پناهه. بچاءَ جو ڪوٽ (گهر يا شهر جي چوڌاري) — گهيرو — احاطو.

— **چار ڏِسيُون:** ث. چار طرف (الهندي اپرندو اُتر ۽ ڏکڻ).

— **چار ڏينهن:** ذ. ٿورو وقت — ڪجهه عرصو.

— **چار ڏينهن چاهه جا هُئڻ:** خوشي ۽ حڪومت جو هميشه مختصر عرصو هئڻ. "چار ڏينهن چاهه جا پوءِ گهُمر ڪنارا واهه جا."

— **چار شَنبه:** ذ. اربع (ارْبعا) جو ڏينهن — اڱاري ۽ خميس جي وچ وارو ڏينهن.

— **چار طرف:** ذ. چار ڏِسيُون (مشرق = ڏکڻ).

— **چار طُوفانَ:** ذ. دنيا جا مشهور چار طُوفانَ [طُوفان نُوح (پاڻيءَ سان). طُوفان هُود (هوا سان). طُوفان لُوط (باهه ۽ پٿرن سان) ۽ طُوفان صالح (خاڪ ۽ آنڌيءَ سان)].

— **چار عَناصِر چار عُنصُر:** ذ. مادي دنيا جا چار بنيادي جُزا جهڙوڪ: هوا. باهه. پاڻي ۽ مِٽي.

— **چار قدم اڳتي وڃڻ:** مقابلي ۾ اڳتي وڌي وڃڻ — سبقت حاصل ڪرڻ — پيشقدمي ڪرڻ.

— **چار قُل پڙهڻ:** سورة الْڪافِرُونَ. سورة الاخْلاص. سورة الْفَلَقِ ۽ سورة النّاس پڙهي مَيت کي ختمو ڏيڻ. (هنن سورتن جي شروع ۾ جڏهن ته لفظ "قُل" آيو آهي، ان ڪري انهن کي چار قُل سڏيو ويندو آهي).

— **چار ڪتاب:** ذ. مشهور الهامي چار ڪتاب (تورات، زبورُ، انجيلُ ۽ قرآن).

— **چار ڪنُو:** ذ. صفت. پَرِت جو هڪ قسم.

— **چار مَذهَب:** اهل سُنت جا چار مکيه فرقا: حَنفي، مالڪي، شافعي ۽ حَنبلي.

— **چار مغز:** گدري، ڪَدُو، هنداڻي ۽ وَنگي جي ٻجن جو گهوٽو.

— **چار منزلُون:** شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت.

— **چار ئي پلئو چڪ ۾ هئڻ:** بلڪل گنهگار هئڻ — گناهن ۾ ڇور هئڻ.

— **چار ئي واهُون ڇڪڻ:** سڀ وسيلا ڪُٽي وڃڻ — ڪنهن به طرف کان مدد ملڻ جي اُميد نه هئڻ.

— **چار يار:** اسم خاص. حضور پاڪ جن جا چار دوست ۽ خليفا (حضرت ابوبڪر صديق رضہ. حضرت عمر رضہ. حضرت عثمان رضہ ۽ حضرت علي ڪرم الله وجههٗ).

• **چار:** ذ. "چارو" جو مخفف ـ [ف] وات — واهه — حيلو — وسيلو. علاج — تدبير. گهڻو ڪري ٻين لفظن سان مرڪب ٿي ڪم ايندڙ جهڙوڪ: لاچار. بيچار. خبرچار. سماچار وغيره.

• **چارا (ٿ):** ذ. چارا (ٿ).

— **چارا ڪِيڻ:** ويچارا ڪيڻ — چيرا ڏيڻ.

• **چاراپو:** ذ. جاچوسي — چاريو — چوڪسي — نگهباني — چارڻ جو ڪم.

• **چارا لَڻ:** مصدر. مال چارڻ — چارڻ جو پيشو اختيار ڪرڻ. چاريو ڪرڻ — جاسوسي ڪرڻ — ڳُجهي نموني جاچ ڪرڻ. ڏسو "چَرَڻُ".

— **چارالَ:** ث. جاسُوسي — چارپ.

— **چارالو:** ذ. چاراپو — جاسُوسي.

• **چارالَ:** ث. چارڙو — ننڍڙو چارو يا ڏِڪُ.

• **چاراٽِي ج چاراٽِيُون:** ث. مالَ چارڻ جو اُجورو — ڌراڙ جو محنتاڻو.

• **چارٽُ ج چارٽَ:** ذ. [انگ. Chart] نقشو. تصوير جو نقشو.

• **چارپ:** ث. جاسوسي. جاسوسي جو عيوضو. مال جي چراڻي.

• **چارپُ، چارپو:** ذ. جاسُوسي يا چاريءَ جو ڪم. چوڪسي.

• **چار پَهار:** ث. چورپَچور. ڳالهه ٻولهه — ڳالهه مُهاڙ.

• **چارجَ ج چارجُون:** ث. [انگ. Charge] سُپردگي — سُونپ. ذمہ واريءَ جو ڪم. تهمت — اِلزام.

— **چارج ڏيڻ:** ڪم حوالي ڪرڻ.

— **چارج رکڻ:** تهمت مڙهڻ.

— **چارج شيٽ:** ث. تهمت جي تفصيل جو لکيل ڪاغذ.

— **چارج وٺڻ:** ٻئي کان ڪم يا سامان سنڀالي وٺڻ.

• **چارڻ (ٿ):** اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

• **چارڙو:** اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.

• **چارڻُ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **چارڻُ ج چارڻ:** ذ. [سن. چَرَڻ] چوپائي مال کي گاهه وغيره کارائڻ — چرائڻ — چاري يا ڪنهن ٻوڪ وغيره ڏانهن وٺي وڃڻ.

• **چارو:** ذ. [پرا. چَري آوَ اَمر سن. چَرتوُيڪَمر] چوپائي مال جي کاڌي جو گاهه. ڏارو وغيره. چوپائي جو کاڌو. گاهُ [ف. چارَه]

علاج – حيلو – وسيلو – واهہ. (اسم خاص) تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **چارو ج چارا:** ذ. [سن. چَـرِيَہ] پيچرو – سنهڙو رستو – گَسُ – واٽ. رستي ۾ پاڻيءَ وارو ٽُڪر (ل).

• **چارُو:** اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **چارِوڙ ج چارِوڙا (ڪ):** ذ. چِبري جو آواز.

• **چارو ناچار:** ظرف. [ف] خوشيءَ سان يا رنج سان. هر صورت ۾. مجبوري ڪري. لاچار. بي وَس ٿِي.

• **چاره:** ذ. [ف] علاج – تدبير – تدارڪ – اُپاءُ – حيلو – وَسيلو – بِلو – رستو – واٽ – ڏَگ.

– **چاره جوئي:** ث. دوا دارون جي تلاش. حيلو وسيلو ڳولهڻ – بِلو پيٽي ڪرڻ. دانهن ڪوڪ ڪرڻ.

– **چاره سازُ:** ذ. صفت. اُپاءُ پيدا ڪرڻ وارو. تدارڪ ڪندڙ. ڪم بنائيندڙ. علاج ڪندڙ. معاونت يا مدد ڪرڻ.

– **چاره سازي:** ث. علاج – اُپاءُ – تدبير – حيلو وسيلو – تدارڪ

– **چاره گَرُ:** ذ. صفت. چاره سازُ. ڏگ يا واٽ مهيا ڪندڙ. ڪاميابي يا ڇوٽڪاري جي واٽ ٻڌائڻ وارو.

• **چاري ج چاري (ل):** ذ. صفت. پهريدارُ. محافظ.. مالُ چاريندڙُ. نگهبانُ. راڪو. جاسوس. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

– **چارَپو:** ذ. چارَپَ – جاجُوسَي – مالَ چارڻ جو پيشو.

• **چاڙ (ل):** ث. زناني چولي جي پُٺن ڪان ڏنل ڪپڙي جي پٽي.

• **چاڙَ ج چاڙَ (ل):** ذ. چاڙهه.

• **چاڙاهو (ڪ):** ذ. رڏٿو – رنڌٿو – بورچي خانو.

• **چاڙپ:** ث. اُڇلَ – وارو.

• **چاڙوڪو ج چاڙوڪا (ڪ):** ذ. چاڙهيڪو – جبل جي چاڙهي.

• **چاڙوڪو ج چاڙوڪا (ڪ):** ذ. چانگيل وڻ (جنهن تي چڙهي مال جي نظر ڪبي آهي).

• **چاڙهُ:** ث. رودي مان نهيل ڏور يا زهُ.

• **چاڙهُ ج چاڙهَ:** ذ. چاڙهي – مٿانهين – مٿانهين زمين. اوچائي – اُتانهين – افراط (پاڻيءَ جي) – درياءَ جو چاڙهه – وڌاءُ (ڳالهه جو). ٽيڪو – پُنيرائي – هُشي – ترغيب – چِڪَ – ٽَنڪَ (زهه، ڏور وغيره کي). ڏنو – رمارَڪُ (ل). ڪپڙي جو ٽُڪر جو تاڪـِيَي وڌڻ بعد تُرتي ويڙهي ڇڏجي (ت).

– **چاڙهُ ڏيڻ:** هُشي ڏيڻ. ڏنا ڏيڻ. زهه يا ڏور کي ٽَنڪَ ڏيڻ.

• **چاڙهاڪو ج چاڙهاڪا (ت):** ذ. چاڙهيڪو. جبل جي چاڙهي.

• **چاڙهڻ، چاڙهڻُ:** مصدر. مٿي کڻڻ. اُتانهين جاءِ تي نيَڻ. مٿي ڪرڻ. هڪ شيءِ تي ٻي شيءِ رکڻ (ڪنو ڇُلهه تي. بندوق جو گهوڙو مَڪوءَ تي وغيره). سُوار ڪرڻ. ڏيڻ (ٻَلُ). رنگ ڏيڻ (ڪپڙي کي).

– **چاڙهه** ذ. مٿانهين. اوچائي. اوبر. وڌاءُ.

– **چاڙهائي:** ث. ڪنهن شيءِ کي چاڙهڻ جو معاوضو. ڪنهن سُواري جو ڀاڙو.

– **چاڙهائڻُ:** مصدر. چاڙهڻ مان متعدي بالواسطه. مٿي رکائڻ. کڻائڻ.

– **چاڙهي چاڙهُو:** ذ. صفت. وڻ وغيره تي چڙهڻ جو ٽڪو يا هوشيار. ڏکئي جبل تي چڙهي ويندڙ.

• **چاڙهو ج چاڙها:** ذ. بلندي. ترقي – واڌارو. اضافو. سڌارو. فائدو. مُرسي – همت. جبل تي چڙهڻ جو پيچرو.

• **چاڙهي ج چاڙهيُون:** ث. چاڙهه. اُتاهين – مٿانهين – بلندي. مٿانهين ڏي ويندڙ واٽ يا گَسُ – "لاهي" جو ضدّ. چڙهڻ جي ڏاڪڻ.

– **چاڙهي چڙهڻ:** مٿانهين تي چڙهڻ. ڏکيو ڪم ڪرڻ. مشڪل ڪم کي منهن ڏيڻ.

• **چاڙهيار:** هُشي ڏيڻ – اُڀارڻ – برغلائڻ.

• **چاڙهيار:** اسم خاص. تعلقي چاچري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **چاڙهي منگلاڻي:** اسم خاص. تعلقي کپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **چاڙهيڪو ج چاڙهيڪا:** ذ. جبل جي ڏکي چاڙهي. اُپو لَڪُ. ڏاڪو (جبل جو). هُرلن چاڙهڻ جو وقت (آبڪلائي جي موسم). شام جو وقت (جنهن مهل پکي پنهنجن آکيرن ۾ يا واهيرن تي ويهن) – چاڙيڪو.

– **چاڙهيڪي جو شڪار:** رات جي وقت وڻ تي ويٺل تِترن جو شڪار.

• **چاڙيڪو ج چاڙيڪا (ڪ):** ذ. چاڙهيڪو – جبل جي چاڙهي.

• **چاسَ ج چاسُون:** ث. چاش. چَسَ – چشڪو – لَذّت – مزو.

– **چاسُون لَهڻُ:** ڪيتو لوڙڻ – نتيجو پوڻ.

• **چاسينڪَرُ ج چاسينڪَرَ:** ذ. هڪ ڪارو جيت جنهن جي پرن منجهان روشني چمڪات ڪري. ٽانڊاٽو – ڪرُ ڪُپيتو. "ٽُڪِيءَ ۾ تجلو ڪري، جيئن چمڪي چاسينڪَرُ".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **چاشِ ج چاشُون:** ث. ڳُڙ يا کنڊ جو قوام – پت. مزو – لذت.
• **چاشتُ:** ث. [ف] ڏينهن جو هڪ پهر گذرڻ. صبح جو ڪاڏو – نيرن.
• **چاشني ج چاشنيُون:** ث. مٺاڻ. مزو – لذت – سواد – ذائقو. کنڊ ۾ رَڌل چانور – زردو.
• **چاق:** صفت. [ترڪي] چڱو ڀلو – تندرست. طاقتور – سگهارو.
– **چاقائي ج چاقائيُون:** ث. تندرستي – چڱڀلائي – صحّت.
– **چاقائي وٺڻ:** چڱو ڀلو ٿيڻ. ڪڙائي وٺڻ.
• **چاقُو چاقُونُ:** ذ. [ترڪي. ف] ڪَپُ – چاڪُون.
• **چاقولُوڙُ (ڪ):** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم.
• **چاڪُ:** اسم خاص. رانجهو جو لقب – ميهار "ساڳيو ئي رانجهو آهيان. ظاهر ليکي چاڪ" (سچل).
• **چاڪُ:** صفت. چاق – چڱو ڀلو – تندرست.
– **چاڪائي:** ث. چاقائي – تندرستي – چڱڀلائي.
• **چاڪُ ج چاڪَ:** ذ. چيرُ – چيڪ – چهڪُ – ڦاڙُ – ڦَرُ. زخم – گهاءُ (سرائڪي). "چاڪ دي چاڪ بي چاق ٿيوان چاق تڏان جڏهان چاڪ ملي (حمل). پراڻو زخم. وڏو ڦٽُ. قميص وغيره جي اُها جاءِ جتي ڦَرُ پاڻ ۾ ملن – تاڪُ – ڦَرُ
– **چاڪَ چڪڻ:** ڦَٽَ اُٿلڻ – زخم تازا ٿيڻ. سُور وري ياد پوڻ. "فتح جوي فراق ۾ چاڪ چڪيا چوڏار." (فتح).
– **چاڪَ چورڻ:** زخم تازا ڪرڻ – سُتا سُورَ جاڳائڻ.
• **چاڪاسڻُ:** مصدر. چڪاسڻ – تپاسڻ – پرکڻ.
• **چاڪاسي (ل):** ذ. صفت. چڪاس ڪندڙ – شهر خبرو – خابرُو – مُخبر.
• **چاڪرُ ج چاڪرَ:** [ف] نوڪر – خادم – ٻانهو – غلام – ٻيلي. "مارجي ته ميرُ. نه ته چاڪر چا چڪائجي" (ڀهاڪو). (ث. چاڪرياڻي ج چاڪرياڻيُون). اسم خاص. ماڻهو جو نالو.
– **چاڪرُچوڪرُ:** ذ. نوڪر چاڪر – اتالو – عملو – اُڙد (ت).
– **چاڪري ج چاڪريُون:** ث. نوڪري – شخصي حاضري – ٻيلپ – ٻانهپ. خدمت – مُلازمت.
– **چاڪريءَ چُورُ ٿيڻ:** ڪم ڪوس ٿيڻ – پوريءَ طرح نوڪري ادا نه ڪرڻ – ڪم چور ٿيڻ – ڪم کان ڪَسائيندو رهڻ.
• **چاڪرسُلطانُ:** اسم خاص. تعلقي ميروخان ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **چاڪرعَلي:** اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **چاڪرُ ڪوٽ:** اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **چاڪرواهُ:** اسم خاص. نوشهري ۽ ماتلي تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **چاڪري:** اسم خاص. ٽنڊي محمد خان ۽ شاهه بندر تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **چاڪليٽُ ج چاڪليٽَ:** ذ. [انگ. Chocolate] مٺائي جو هڪ قسم (ولائتي ڪنمٽڙا).
– **چاڪليٽي:** ذ. چاڪليٽ جي رنگ جهڙو. زناني سُٿڻ جي ڪپڙي جو هڪ قسم (ڪارو ڀيٽو، اڇي لِيڪَ ۽ ڪنيون زرديون).
• **چاڪُو ج چاڪُو (ڪ):** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم (چلڙن سان ٻيٽ سنهون. چاقُوءَ جي ڦَر وانگر. پُٺ ويڪري ۽ ڏيگهه هڪ ڪان چار انچ).
• **چاڪي ج چاڪيِ (ل):** ذ. اهو ماڻهو جو گهاڻو واهي ۽ تيل پيڙي – تيلي. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو. "چاڪي ڏاند وڃايا، ڦر ڦر گهاٽي آيا" (ڀهاڪو).
• **چاڪوڙي ج چاڪوڙيُون:** ث. ڪاٺ جي جُتي – کڙاڻُون – ڏنوڻ جي مُنهن تي گهڙيل ڪاٺ جون ٻه پٽيون (ٿ).
• **چاڪُو ج چاڪُو:** ذ. صفت. چڪندڙُ – چَشڪائي. چَشڪي تي هريل – رڳو چَشڪا وٺڻ وارو.
• **چاڪي ج چاڪيُون:** ث. چڪائڻ لاءِ شيءِ جو ٿورو ذرو.
– **چاڪي ڏيکارڻ:** بُلبُل کي ٿوري پيتي (ڪا مِٺي شيءِ) چکائڻ ۽ ويڙهه لاءِ تيار ڪرڻ.
– **چاڪي ڏيڻ:** بُلبُلين کي ويڙهه مهل پيتي چکائي لڪائي ڇڏڻ.
• **چاڳُ ج چاڳَ:** ذ. نخرو – ناز – انگل – ماٺو – لاڏ – هيجُ – حُب. اٽڪل – حرفت (ڪ). ڏاٿيءَ جو گهنگهرو (ل). "چنيسر سين چاڳُ. متان ڪا منڊ ڪري" (شاهه).
– **چاڳلائي:** ث. نخري بازي – ناز نخرو – چَتر زباني. اٽڪل بازي.
– **چاڳلو ج چاڳلا:** ذ. صفت. چاڳ وارو – انگلي – نخريلو – لاڏلو. چلولو. (ث) چاڳلي ج چاڳليون.
• **چالُ ج چالُون:** ث. مينهن جو هڪ قسم (جنهن جا چارئي پير اڇا ۽ مُنهن تي اڇو ٽڪو)
• **چال ج چاليُون:** ث. (سن. چَرَ = چُرڻ) هلڻ جو نمونو – هَلٽي – ٽورَ. رفتار. هلت. عادت – روش – نمونو – ڍنگ – طريقو – رواج – هلت چلت – اٽڪل – تجويز. راند جو چالو. پيسڪوٽ راند ۾ پتي جي لَهَپ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **چانس هُجڻ:** ڀاڳُ هجڻ — ٻَختُ هجڻ.
- **چانيسَري:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **چانڪَ ج چانڪون:** ث. طعنو — مهڻو — اوپالو — ٽُنڪو — ڏوراپو.
- **چانڪو:** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (جوٽڪرين ۾ اُپرندو آهي).
- **چانگَ:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو. تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهہ جو نالو.
- **چانگُ ج چانگَ:** اسم خاص. بلوچن جو هڪ قبيلو. چانگ قبيلي جو هڪ فرد. تاريخي طور هڪ بهادر قبيلو. ۽ انهيءَ مناسبت سان نهايت بهادر، وڏو دلير، سر قربان ڪندڙ. صفت. چڱو ڀلو — تازو توانو — تندرست. بهادر — جوڌو — سورهيہ. "سُوريءَ سُپرين جي، چڙهہ تہ ٿئين چانگُ" (شاهہ).
- **چانڪارَ ج چانڪارون:** ث. ٽنوارَ (پکين، خصوصاً چِٽُونءَ جي). جهُونگارَ — لات. چِڙن جي وجھڻ جو آواز. خيال — شوق (ت).
- **چانڪارَڻُ:** مصدر. جُونگارڻ — ٽَنوارڻ — ٽنوار ڪرڻ. لات ڪرڻ. آواز ڪرڻ. وَجھڻُ (چِڙن جو).
- **چانگو:** اسم خاص. تعلقي ميرو خان ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **چانگو ج چانگا (ل):** ذ. اُٺُ — چانگهو.
- — **چانگي جو ٽُونڪَ:** اسم خاص. ٿر ۾ ٻورلي جي ڀرسان هڪ ڀِٽ جو نالو.
- **چانگهہَ:** ث. چانگهار — جهونگارَ — ٽنوارَ.
- **چانگهارَ:** ث. چانگار — ٽنوارَ.
- **چانگهارڻُ:** مصدر. چانگارڻ — جهونگارڻ — ٽنوارڻ.
- **چانگهارو ج چانگهارا (ڪ):** ذ. چانگارَ — لات _ آلاپ.
- **چانگهو ج چانگها:** ذ. چانگو — اُٺُ.
- **چانوَرُ ج چانوَرَ:** ذ. [سن. تَنْدُلَرْ] اناج جو هڪ قسم. جواهري (صراف) جو هڪ وَٽُ يا وَزنُ (اَٺ چانورَ = هڪ رتي).
- — **چانور مُچ تي رکڻ:** بي پرواهيءَ سان گهمڻ. لاغرضيائي ڏيکارڻ.
- — **چانوري:** ث. (اسم خاص) تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **چانوَريو ج چانوريا (ل):** ذ. اڇي پيچ وارو (جانور).
- **چانهِہ ج چانهِيُون:** ث. ٻوٽي جو هڪ قسم. چانهہ ٻوٽي جي پَتين. ڪاڙهڻ. کير ۽ کنڊ مان ٺهيل هڪ مشروب. سليماني چانهہ جيڪا بنا کير کنڊ جي. پکيءَ جو هڪ قسم (رنگ نيرو ۽ آسماني. سهڻو پکي سائي رنگ جا آنا لاهي). مهتن جو ڪانگ.
- — **چانهہ داني:** ث. چانهہ جي پاڻي وجهي رکڻ يا چانهہ ڪاڙهڻ جو ٿانءُ.
- **چانهُونْ ج چانهَانْ (ت):** ذ. ٻچو (وارن جو). سُوئر جو هڪ قسم (جنهن جو رنگ اڇو ڪارو ٿئي).
- **چانهِينْ ج چانهِيُونْ:** ث. صفت. ٻڪريءَ جو هڪ قسم (چانهہ پکيءَ جي کنين جي رنگ جهڙو رنگ، قَدَ ۾ ڊگهي، سڱ ڊگها ۽ ڪُنڊا، ٿڻ ڊگها لامن جهڙا، کير جي ڀلي، ڪَنَ ڊگها ۽ ٻُت تي ڏاس گهٽي؛ هن کي اڇي چانهين بہ چون).
- **چانٺَ ج چانٺون (ل):** ث. دروازي جي چوکَٽَ جي هيٺين ڪاٺي.
- — **چانٺَ چُمڻُ:** دروازي تي پيشاني گَسائڻ. نياز نئڙت ۽ احترام جو اظهار ڪرڻ. سجدو ڪرڻ.
- **چانٺلي:** ث. وارن کي ڦٽي ڏيڻ جو هڪ نمونو (جنهن ۾ پيشانيءَ وٽ وارن جو چڳو ٺجي پوي ۽ ميندا ورٽ ۾ ڇڏجن).
- **چانٺرُ (ڪ):** ذ. وڻ جو هڪ قسم.
- **چانٺَرُ ج چانٺَرَ:** ذ. چانورُ. رتيءَ جو اٺون حصو.
- — **چانٺُرو:** ذ. چانورن جو يا چانورن وارو (ث. چانٺُري). اٽي رکڻ لاءِ ٺڪر جو ٿانءُ.
- **چانيسَري:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **چانيِهَا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **چانيِهو ج چانيِها:** ذ. معدنيات جو هڪ قسم (جو ٻسارڪي وڪر طور ڪم اچي).
- **چاڻَڪ ج چاڻَڪون:** نوڪَ — چِٽَرِ _ ٺَٺولَ. طعنو — مهڻو.
- **چاڻُو ج چاڻَا:** ذ. ڪنهن بہ ڳوهيل شيءِ جو ڳنڍيو. اٽي، مکڻ يا مٽيءَ جو پِنوڙو. ڳوڙهو.
- **چاڻِي ج چاڻِيُون (ت):** ث. چاڻو.
- **چاڙِت:** ث. ويرُ — حَسَدُ — بغض — عَداوت — دُشمني — خصومت — ڪَوُنس. چغلي. گلا.
- — **چاڙتي ج چاڙِتِي:** صفت. عداوتي — دشمن — ويري — بدخواهہ — ڪنٻو — حاسد — چغل. "تنهنجا مُدَّعِي ويا مُڙي، شل چاڙتِي مرندا اُچڙي." (حمل).
- **چاوِڙا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **چاوَلُ:** ذ. گاهہ جو هڪ قسم. چانورُ.
- **چاوَڻُ:** مصدر. [سرائڪي] ڪڻڻ — چائڻ.
- **چاهُ:** ذ. [ف] کُوهُ.
- — **چاهِہ بابِل:** ذ. بابِل شهر جو کوهُ (جنهن ۾ هارُوت ۽ مارُوت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي سزا ملي هئي).

– **چاهِ ذقن، زنخدان:** ذ. ڪاڏيءَ جو ڳهپ.

– **چاهِ نَخشَب:** ذ. نخشب شهر جو اهو کوهُ (جنهن مان عطا بن مقنع جو ناهيل چنڊُ نڪرندو هو).

– **چاهِي:** صفت. کوهه واري (پوک).

– **چاهِي پوک:** ث. اها پوک، جنهن کي کوهه مان پاڻي ملي.

• **چاهَہ:** ث. (سن. چايہ) خواهش. اُڪِيرَ – سڪَ. آرزو – سڌ.

• **چاهِ ج چاهِيون:** ث. باهِ _ چاهي. "چڙهيو ڇڪاسن چاهِ، آڳ برنديءَ آئيا" (شاهہ). "چورِ تہ لڳي چاهَہ، ڪامندن خبر پوي" (شاهہ).

• **چاهہ:** ث. چانهہ. مڇيءَ جو هڪ قسم (ڪ).

• **چاهُہ ج چاهَہ:** ذ. [ف. چاهہ] وڏي ڪَڏَ يا ٻُلهي جنهن ۾ گهٽيون ڪانيون وجهِي مَڇُ ٻارجي. مَڇُ – آڙاهُ. "سا ڪيئن آڳ اُجهامي آتش، جا چاهہ اندر تو چوري وي" (منٺار). خواهش – تمنا – سَڌَ – اِڇا. پيار – محبت – مرضي – ارادو. دلچسپي – شوق. سِڪَ. خوشي، پيار.

• **چاهہ پوڻ:** (چاهہ ۾ پوڻ) ڪنهن ڪم ڪرڻ جو شوق ٿيڻ.

• **چاهڙُ ج چاهڙَ:** ث. رَسيءَ جو وَڪڙ (جو چوپائي جي پيرن ۾ وجهجي).

• **چاهڪُ ج چاهڪَ:** ذ. گاهہ جو هڪ قسم (جنهن کي پيجي تہ ڪير نڪري). سائي گاهَ واري جُوءِ _ چَراگاهہ – تازو قَنل گاهُ. "چاهڪ چري تار تري، آيون مٿي ٻيٽ" (شاهہ).

• **چاهہ ڪَبِيرُ:** اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهہ جو نالو. ڪبير سيال جو کوهہ (جتي جهوڪ جي بزرگ فضل الله شاهہ قلندر چلا ڪڍيا).

• **چاهَڻُ:** مصدر. [پرا. اُڇّاهُ ٿي، سن اُتساهُ. پرا. اڇچاءِ ٿي يا اِڇَايُئي، سن. اِڇَا = خواهش ڪرڻ] ارادو ڪرڻ. پيار ڪرڻ.

• **چاهِي ج چاهِيُون:** ث. ننڍڙو مَڇُ. ٿوري باهہ.

– **چاهِيُون چورڻُ:** باهيون ٻارڻ. ڏنهان دوکائڻ (عشق جا).

• **چاءِ:** ث. چانهہ.

• **چاءِ ج چايُون:** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم (چلرن سان، پيٽ ويڪرو، گرميءَ جي موسم ۾ لذتي ٿئي).

• **چاءُ ج چاءَ:** ذ. چاهُ. پيارُ. عشق. "ڇڪيءَ توسين چاءُ، پاسي پر پيئي رڙهي" (شاهہ).

• **چائِٺ:** ث. چاوِتِ _ ويرُ – دُشمني – عداوت – ٻيائِي. حسد – ڪينو – بُغض. دَغا – ڪُپت "چائٺ رکي چت ۾، سنهو ڪَتيو جن" (شاهہ).

• **چائِٺو ج چائِٺا:** ذ. وفات جو چوٿون ڏينهن.

• **چائُرَ:** ذ. گاهہ جو هڪ قسم. لنب گاهہ جو ٻج.

• **چائُڙِي ج چائُڙِيُونْ:** ث. پوليس ٿاڻو – پوليس گهاٽ.

• **چائِڻُ:** مصدر. ڪڍڻ (مٿي) چاڙهڻ.

• **چائُورِي ج چائُورِيُونْ (ٿ):** ث. اها ٻڪري، جنهن جي مُنهن تي ڳاڙها ليڪا هجن.

• **چائُونْ (ت):** ذ. چوُنڊون (سنگن جون).

• **چائُونٺ:** ث. چانٺِ _ دروازي جي چوکٺ جي هيٺين ڪاٺي.

• **چائِيْن (ڪ):** ث. چانهہ (پکي) – چانهہ جي رنگ واري.

• **چَٻَ، چِٻَ:** ث. چَٻِي. ڪُپت. ڦَڏو. اجائي دعويٰ – لالچ.

• **ڇَبرائِي:** ث. ريڙهہ پيڙهہ – ڏانڊلِ.

• **ڇَبڻُ:** مصدر. پاڻ ۾ وڙهڻ – ڏندَ ڏيڻ.

• **ڇَبُوتِرو، ڇَبُوتِڙو:** ذ. ويهڻ لاءِ اوچي جاءِ _ ٿلهو. محصول ڏيڻ جي جاءِ _ ناڪو. ٿاڻو.

– **ڇَبُوتِرائي، ڇَبُوتِڙائِي:** ذ. صفت. چبوتري تي ويهندڙ – چوڪيدار.

• **ڇِبِي ج ڇِبيُونْ (ل):** ث. چَبَ – ڪُپت – گِدي – چَبِي – لاَلچ.

• **ڇبيڙڻُ:** مصدر. چيپاٽڻ – چِٿڻ – چپڻ.

• **ڇَپَ ج ڇَپُونْ:** ث. ڇِپَ – پِيڙَ (ٻن شين جي وچ ۾) – داٻُ – پِڪوڙَ. ڏندن جي چَپَ. پيڙو – زورُ – چاپَ. ڇَپڪو – چاٻو (وات جو). چِڙٻَ. ڏَندِي. تڪليف – سختي. الزام. ڪوڙي دعويٰ – اڙتي – چَبِي. لالچ (ت).

– **ڇَپَ پوڻ:** ڏندَ ڏيڻ. هَٺَ ڇُراند ڪرڻ. چيڙائڻ – ويرُ وجهڻ – دُشمن ٿيڻ.

– **ڇَپَ ڇِٽَ ڪرڻ:** حساب ڪتاب يا ليکي ۾ تنگ ڪرڻ – ليکي ۾ سختي ڪرڻ – ذرو پرزو ليکي ۾ آڻڻ.

– **ڇَپَ ڇَٽَ ڪرڻ:** خوشامد ڪرڻ – ٽَڏيُون مِنيُون ڳالهيون ٻڌائڻ – رِيجهائڻ – پرِيائڻ.

– **ڇَپَ چوجو:** ذ. بُهتان تَراشي – ڪوڙو الزام رکڻ جي حالت.

– **ڇَپَ ڏيڻ:** چِپَ ڏيڻ. تڪليف ڏيڻ. ڏڙڪو ڏيڻ – گهٽو خرچ ڪرائڻ.

– **ڇَبُون ڏيڻ:** ارمان ڪرڻ – حسرت ڪائڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **ڇُروٽ، ڇُروٽ:** ذ. ٻيڙيءَ جو هڪ قسم — سگار — وڏو سگريٽ.
• **ڇَرُوڙِي ج ڇَرُوڙِيُون (ل):** ث. ڏسو "ڇونري".
• **ڇُرُوْنُ ج ڇُرُون:** ذ. [ع. جُرْعَةٌ = ڍُڪُ پاڻيءَ جو] لَپ — هڪڙي هٿ جي ڪُٻڙي ترِيءَ ۾ آيل شيءِ. اڌ ٻُڪ. ڍُڪُ. ڇُنڪَلُ. "لَپَ ڇُرون" — ٿورو — ٿوري.
— **ڇُرُون ڀرڻ:** پاڻيءَ مان لَپ ڀرڻ. ڍُڪُ پاڻيءَ جو وات ۾ وجهڻ.
• **ڇَرُونجِي:** ث. (سن. چارَ + بِيجَ + اِڪا) وڻ جو هڪ قسم. ڇُرونجيءَ جي وڻ جي سوپاري.
• **ڇَرَهاتَ:** ث. چرڻ واري جُوءِ ـ چاهڪُ — سيم. "مَيو مَتارو ٿيو چري سا ڇَرَهات" (خان زئي).
• **ڇَرَهاڻِ:** ث. ڇهراڻِ ـ مصالحي (مسالي) جو سوادُ.
• **ڇَرَهو ج ڇَرَها:** ذ. (سن. چَرْ = چرڻ) چارو. چراگاهه. (صفت) اهو چوپايو جو گاهه چَرڻ شروع ڪري. چرڻ جهڙو. تندرست. خوش — سَرَهو. ڇهرو. خوشنما — خوشيءَ وارو — همت وارو.
— **ڇَرَهو ٿيڻ:** قَرَ جو ڪاڻ جهڙو ٿيڻ. خوش ٿيڻ. ڪجهه همت وارو ٿيڻ.
• **ڇَرِي ج ڇَرِيُونْ:** ث. ڍڳهي ۽ ننڍي ڪَڏ — ڪَسِي. ٻيڙهه جي ڪوٽيل زمين. ڪَڏو. ڇُلهي وغيره لاءِ ڪوٽيل ڪَڏو — ڇَرَ. ڪوٽيل ڪَڏ. (صفت) "ڇريو" جو مونث. پاڳَلِ ـ ديوانِي (عورت).
— **ڇَرِيْ خرچ (ث):** ذ. مهت جو ڪجهه حصو (جو ڪُنواريتا غريب هئڻ جي حالت ۾ واپس نہ ڏيندا آهن).
• **ڇَرِيا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **ڇَرِياتو:** ذ. (سن. چِرَتِڪْتَ) پَسارڪِي وکر جو هڪ قسم — ڇَراتو — ڇَراتو (ت).
• **ڇَرِياڻُ ج ڇَرِياڻَ:** ذ. صفت. ڇَريو — بيوقوف. زوردار. بي پرواهه — مَسْتُ — مَتي قِريَلُ. ڏسو "ڇريو".
• **ڇَرِيتُ ج ڇَرِيتَ:** ذ. صفت. ڇَـرْيو — ڇرياڻُ — ٻَلوان — موڳو.
• **ڇَرِيو ج ڇَرِيا:** ذ. صفت. (سن. ڇَـرْيا). دماغ ڦِريل — هيڏانهن هوڏانهن اجايو ڦرندڙ — آواره گهمندڙ. اڌ مغزي — سودائي. پاڳل — ديوانو — مَست. بيوقوف — ڇَـرْيَتُ.
— **ڇَرِيائِي:** ث. مغز جي خرابي — سوداءُ. مستي — پاڳلپڻو. بيوقوفي — اياڻپ.
— **ڇَرِيو ڌاتورو:** ذ. ٻوٽي جو هڪ قسم (جنهن جو ڦَرُ نَشو پيدا ڪري: هيءَ ٻوٽو دوائن ۾ ڪم اچي).
— **ڇَرِيو ڪَرِيو:** ذ. صفت بي عقل — بي سمجهه. ڄَڏو — جهَڙو ٿهڙو.

• **ڇِڙَ:** ث. ڪاوڙ — ڏَمَرُ — غُصَو — مَنيان. جوشُ — طيشُ. خفڪي. خارَ. غَضَبُ. بيزاري. نفرت — حقارت. ڏسو "ڇِڙڻ".
• **ڇَڙَابَ ج ڇَڙَابُون (ت):** ث. ڄاڙي. ڪاڏِي.
— **ڇَڙَابَ ڍِڳهو:** ذ. صفت. وڏي ڪاڏيءَ وارو.
— **ڇَڙَابِي ج ڇَڙَابِيُون:** ث. ڄاڙي. ڪاڏِي.
— **ڇَڙَابِي هڻڻ:** ڄاڙي هڻڻ — بڪواس ڪرڻ. گاريون ڏيڻ — اجايو وات هڻڻ — گهٽي بڪواس ڪرڻ.
• **ڇِڙَاڪُ ج ڇِڙَاڪَ:** ذ. صفت. چيڙاڪ — جلدي ڇڙڻ وارو — خَفَتي — ٿورِي گهٽيءَ تي خفي ٿيندڙ. ڏسو "ڇِڙڻ".
• **ڇِڙَائِڻُ:** مصدر. چيڙائڻ — ڪاوڙائڻ. پوڳ ڪرائڻ — آپي مان ڪڍڻ. ڏسو "ڇِڙڻ".
• **ڇِڙ ڪِلِي ج ڇِڙڪِلِيُون (ث):** (ڇَنَڪ + "لي") ث. جهرڪِي.
• **ڇِڙَڻُ:** مصدر. (سن. چَندَ. چَڊْ = ڪاوڙ ڪرڻ) ڪاوڙجڻ — ڏمرجڻ — غصي ٿيڻ. خارڪائڻ.
— **ڇِڙِٽـو ج ڇِڙِٽا:** ذ. صفت. ڇِڙَندَڙُ — چيڙاڪُ — ڇِڙاڪُ — ڪاوڙيل — تاپشي — جلد ۾ ڇِڙي وڃڻ وارو.
• **ڇُڙَڻُ:** مصدر. (سن. چِلْ) هلڻ — ڇَناءُ ڪرڻ (ڪپڙو وغيره). واپرجڻ — استعمال ۾ اچڻ. ڳَهَڻُ (بيماريءَ ۾) — مسلسل بيماري رهڻ. گهڻي وقت تائين بيمار رهڻ ۽ چاق نہ ٿيڻ. ڳَرَڻُ.
— **ڇُڙِتِي:** ث. هَنْدِتِي — جهَلٽي. ڇَناءُ (ڪپڙي جو) — چوڙَ.
— **ڇُڙِي ڇُڙِي اُٿڻ:** گهڻو وقت بيماري ڪاٽي چاق ٿيڻ.
• **ڇَڙو ج ڇَڙا:** ذ. وڏي گهنڊڻي جيڪا اٺ، مينهن يا ڳئون جي ڳِچيءَ ۾ ٻڌجي. سنيارُ — سانٻَرُ. "چوڏاري ڇَڙا، ٻرن ٻيلائين جا." سيرائي جو ڪاٺ جو مُنيو يا ڳَنَ. سَڳِيَ (چوٽي يا ڳت ۾ ٻڌڻ جي).
• **ڇِڙو ج ڇِڙا:** ذ. (پرا. ڇَدَئو. سن. ڇَنَڪَ) جهِرڪُ. (ث) ڇِڙِي ج ڇِڙِيُون.
• **ڇِڙواءُ (ڪ):** ذ. ڇَڙَن جو آواز.
• **ڇَڙَهْ:** ث. ڇَڙهي.
— **ڇَڙهه سُواري:** تمام تڪڙو — بيٺي پير — ويندي ويندي.
— **ڇَڙهه سُواري اچڻ:** تمام تڪڙو اچڻ. تڪڙ ڪرڻ. تيزي ڏيکارڻ — بيٺي پير ٿي وڃڻ.
• **ڇَڙُ هُ ج ڇَڙَهْ:** ذ. چاڙهه. واڌارو — ترقي. واڌ — اضافو. ڍؤ. هُشِي — چاڙهو. سيرائيءَ جو مُنيو. ڇَم جو ٻوڪر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **چَڙهه ڪرڻ:** ڍڱ ڪرڻ — چڱيءَ طرح پيٽ ڀرڻ — ڪا هڪڙي شيءِ گهڻي انداز ۾ واپرائڻ — خوب پيٽ ڀري کائڻ.

• **چَڙهڻُ:** مصدر. (پرا. چَڍڻَ. سن. اُچَلَن) مٿي هلڻ — مٿي ٿيڻ. سُواري ٿيڻ (ڪنهن وهٽ تي). اُڀرڻ (سج چنڊ وغيره). ترقي ڪرڻ. اُٿڻ (بيماري وغيره مان) — بچي پوڻ. اُڏامڻ (جهاز. لَغڙ) — پرجڻ — تار ٿيڻ — چاڙهه اچڻ (درياءَ ۾). چوٽ رسڻ (واپار وغيره ۾). مهانگو ٿيڻ — گِران ٿيڻ. تاءُ اچڻ (ڏَهل. ڪمان وغيره کي). ٿيڻ (قربان. بَلُ). حملو ڪرڻ — ڪاهڻ. لکجڻ (بندي يا حساب ڪتاب ۾).

— **چَڙهه:** مصدر. "چڙهڻ" مان امر. (ذ) چاڙهه — ترقي — واڌارو.

— **چَڙهاڳَتَ (ت):** ث. اضافو. واڌارو. چَڙهت.

— **چَڙها:** ذ. چاڙهه.

— **چَڙهائڻ:** مصدر. "چڙهڻ" مان متعدي بالواسطه. چاڙهڻ.

— **چَڙهائي ج چَڙهائِيُون:** ث. ڪاهَ — حملو. اُچائي — چاڙهي.

— **چَڙهائي ڪرڻ:** ڪاهَ ڪرڻ — حملو ڪرڻ.

— **چَڙهت:** ث. ٻَئي جي واڪ تي وڌو واڪُ. اِڳرائي. چڙهائي.

— **چَڙهت ڪَرڻ:** مقابلو ڪرڻ — ڪُلهو هڻڻ. سَرسي ڪرڻ. وڌائي واڪ ڏيڻ.

— **چَڙهتي:** ث. واڌِ. اوُجُ — ترقي.

— **چَڙهه چَڙهان ڪرڻ:** وري وري چڙهڻ. چڙهڻ تي جلدي ڪرڻ. هڪٻئي جي مٿان واڪ ڏيڻ — هلان ڪرڻ.

— **چَڙهڪَ (ت):** ث. گهڻي سواري ڪان وِهڪ جي جاءِ تي ٿيل ڦَٽُ.

— **چَڙهڪُ:** ذ. صفت. چڙهي لائق (وَهٽُ).

— **چَڙهندي:** ث. ترقي — اوجُ.

— **چَڙهندي ٻانهِينَ:** غالب پاسو — ڪٽندڙ ٽولي — اڪثريت وارو پاسو.

— **چَڙهِڻي:** ث. چڙهڻ جو نمونو. چاڙهِي — ڏاڪڻِ ـ سيڙهِي.

— **چَڙهي پوڻ:** ڪنهن بيماريءَ وغيره مان بَچِي وڃڻ. ڪِريل حالت مان وڏي درجي کي رسڻ.

— **چَڙهي چيله ڀَڃَڻ:** راند ۾ شڪست ڏيڻ — غلبو حاصل ڪرڻ. ڪيٺن بہ ڪري غالب ٿيڻ.

— **چَڙهي وڃڻ:** مٿي ٿيڻ. مهانگو ٿيڻ. ڪاهي وڃڻ.

• **چَڙهو ج چَڙها:** ذ واڌارو — ترقي. چاڙهو — هُشي. اُها گول ڪائي. جا ٻہ فوٽ ڪن ڊگهي هجي. جنهن جي وچ ۾ سِراڻ ڦاٽل هجي (ل).

— **چَڙهو ڏيڻ:** هُشي ڏيڻ — چاڙهو ڏيڻ — وڏو دم دلاسو ڏيڻ. سبز باغ ڏيکارڻ. ڏسو "چڙهڻ".

• **چَڙهِي ج چَڙهِيُون:** ث. سُواري (وهٽ تي). حملو — ڪاهه — جُلهه. چر جو ٻوڪو (کُوهه مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ).

— **چَڙهِي ڪرڻ:** سُواري ڪرڻ — حملو ڪرڻ.

• **چَڙي ج چَڙِيُون:** ث. ننڍو چَڙو — ٽَلِي — ڪَرڪي.

• **چِڙِي ج چِڙِيُونْ:** ث. (هه. چِڙِيا) اڳٽ وجهڻ لاءِ سلوار جي اُبدائي جو سوراخ — چيلنگُ. ٽَٽَ جو هڪ حصو. ٽِڙڪو — اُس (ڪ). جهِرڪِي — "چِڙو" جو مونث.

— **چِڙِي مارُ:** ذ. صفت. ماري — پکي ڦاسائيندڙ.

• **چِڙِيا. چِڙيا:** ث. تاس جو هڪ رنگ — ڦُلُو.

• **چِڙِيان رو ڪيتَرُ (ت):** ذ. گاهه جو هڪ قسم.

• **چَسَ ج چَسُون:** ث. (ف. چَشيدن = چکڻ. سن. چَشْ = کائڻ) سَوادُ — ذائقو — مَزو — لَذت. چَسڪو. عادت — هيڙ.

— **چَسَ وارو (ت):** ذ. صفت. دوست — سجڻ. جنهن سان پيار محبت جو رستو هجي.

— **چَسَ وٺڻ:** مزو وٺڻ — سواد وٺڻ — چسڪو وٺڻ.

• **چَسائِڻُ:** مصدر. (سن. چَشْ = کائڻ) مزو وٺڻ — سواد وٺڻ. ڏسو "چَسَ".

— **چَسائِتو ج چَسائِتا:** ذ. صفت. چَسَ وارو — لَذت وارو — مزيدار — سوادي — لذيذ.

• **چِسْتَ. چَسْتَ:** ث. شِست — نشاني بازي — ٻُجَٽَ.

— **چِسْتَ ٻَڌڻ ڪرڻ:** نشاني جو نيڪ اندازو وٺڻ.

— **چُسْتَ ج چُسْتُون:** [ث]. وينجهرن يا سونارن جو هڪ اوزار — ننڍڙو چِمٽو.

• **چُسْتُ ج چُسْتَ:** ذ. صفت. [ف] چالاڪ — ڦڙت — هوشيار — تکو.

— **چُسْتِي:** ث. چالاڪِي — ڦُڙتي — تِکائِي.

• **چُسْتو ج چُسْتا (ڪ):** ذ. (ف. چُسْتَہ) جانور جو هڪ عضوو — شيردان.

• **چَسْپان:** صفت. [ف] چِنبڙيل — چُهْٽِيَلُ — لَڳَلُ ـ ٺَڦِيَلُ.

• **چَسْڪارو (ت):** ذ. چِسڪو — چَسَ. ڏسو "چس".

• **چَسِڪائِڻُ:** مصدر. "چسڪڻ" مان متعدي بالواسطه.

— **چَسِڪَڻُ:** مصدر. (سن. چَشْ = کائڻ) ڪنهن ڪاڏي جي شيءِ لاءِ خواهش ٿيڻ. ڪنهن چُوسي جي شيءِ لاءِ پاڻ ۾ عادت وجهڻ — هيراڪ ٿيڻ. چَشڪو ڪرڻ. ڏسو "چس".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **چُسڪڻُ (ل)**: مصدر. (سن. چوشَ) ذائڻ – هوريان هوريان ڏڪ ڏڪ ڪري پيئڻ.
– **چُسڪو**: کير يا پاڻياٺي شيءِ کي وات سان چِڪڻ جي حالت – چُوس.
• **چَسِڪو ج چَسِڪا**: ذ. (سن. چَشْ) چَشڪو – مزو – لذت – سواد. چُوسَ – هيرَ. ميناجُ.
– **چَسڪائِي**: ذ. صفت. چَسڪو وٺندڙ. لذيذ ڪاڌن جو هيراڪ. چَٽرُ.
– **چَسڪو وٺڻ**: سواد وٺڻ. مزو وٺڻ.
• **چُسِڪِي ج چُسِڪِيُون**: ث. ڏُڪُ – سُرڪي. ٻَڪريءَ جو هڪ قسم (ث). ڏسو "چُسڪڻ".
• **چَسو ج چَسا**: ذ. چَسَ – لذت – سواد.
– **چَسڪو ڪرڻ**: بازاري شين تي چاهُ رکڻ – چَٽو ڪرڻ.
• **چَسِي ج چَسِيُونْ**: ث. چَس – لذت – مزو. هڪ ٻئي جي هٿ تي هنيل تاڙي – ڪِيڪارَ. چُمِي. ڏسو "چَس". محبت وارو هٿ. صُلح وارو هٿ.
– **چَسِي ڏيڻ**: خوشيءَ مان هٿ ڏيڻ. ڪيڪارڻ. چُمي ڏيڻ. هڪ ٻئي سان محبت وارو هٿ ملائڻ.
– **چَسِي مِلائڻ**: هٿ ڏيڻ – ڪيڪارڻ. ڪُوڙ ڳالهائڻ. لَندِي خوشامد ڪرڻ.
• **چُسِي**: ث. ڪوڏين راند ۾ ڇئن مان ٽن داڻن جي سنئين پوڻ جي حالت. هڪ داڻي جو اونڌو پوڻ.
• **چَشْ ج چَشُون**: ث. (سن. چَشْ = کائڻ. ف. چش) چَسَ – مزو – سواد – لذّت – چَسڪو. چُوسَ – ذائقو.
– **چَشائتو**: ذ. صفت. لذت وارو – لذيذ – مزيدار – سوادي.
• **چَشِڪو ج چَشِڪا**: ذ. چَسڪو. مزو – سواد. چُوسَ. ڏسو "چَش".
• **چَشْمُ، چِشْمُ**: ذ. [ف] اک – نيڻ.
– **چَشْمُ بَندِي**: ث. هٿ جي چالاڪي – هٿ نانُ. ڪين ڪين حرفت يا چالاڪيءَ جو پتو نہ پوڻ جي حالت.
– **چَشْمُ بندي ڪرڻ**: جادو وغيره جي زور تي نظربندي ڪرڻ.
– **چَشْمُ پوشِي**: ث. اکپُوتَ. نظراندازي – پرده داري. درگذري.
– **چَشْم پوشِي ڪرڻ**: اکين سان ڏسي بہ ظاهر نہ ڪرڻ. ڪنهن جي خراب ڪم تي ڄاڻي واڻي پردو وجهڻ – درگذر ڪرڻ.
– **چَشْمڪُ**: ث. [ف] اکين جو اشارو. رَمْزَ. رَنجش – شڪَرْرَنْجِي.
– **چَشْم و چَراغُ**: ذ. اکين جو نُورُ – گهڻو پيارو پُٽ – سِڪيلَڏو ٻارُ.

• **چَشْمُو چِشْما ج چَشْما**: ذ. [ف. چَشْمَ] پاڻي، جيڪو قدرتي طرح زمين مان ڦاٽي نڪري – جهيرٽو. عَينڪ. هڪڙي وڻ جو قلم ٻئي وڻ ۾ هڻڻ. پيوَنْدُ.
– **چَشْما هڻڻ**: اکين جا اشارا ڪرڻ.
• **چَشْو (ڪ)**: مُئَل ماڻهوءَ کي غُسل ڏيڻ واري جاءِ.
• **چَشِي ج چَشِيُونْ**: ث. (سن. چَشْ = کائڻ) چَسِي. مَزو – سَواد.
• **چُغْدُ**: ذ. [ف] چِبَ – چِبِرو.
• **چُغَلُ ج چُغَلَ**: صفت. [ف] اهو ماڻهو جو هڪڙي هنڌ جي ڳالهہ ٻئي هنڌ ڪري يا هڪڙي جي ڳالهہ ٻئي کي ٻڌائي – گِلاخور – لائي چائي ڪندڙ – چيٽاپور – چُغل خور. ٻڪَنو – ٻلڙگوبو. جُوٽت. (ذ) اگر يا نِڪريءَ جو گول ٽُڪر جو حُقي جي ٽوپيءَ ۾ تماڪ وجهڻ واري سوراخ ۾ وڌو وڃي. پوک جو ڦهريون ۽ سُڪو سَنگُ نِسريل.
• **چِغُلپائِي**: ث. ٻِڪَنائِي – ڏوُتِپائِي. چُغْلِي.
– **چُغُلخورُ**: ذ. صفت. چُغليون. چُغليون هڻندڙ – چيٽاپور.
– **چُغْلِي ج چُغْلِيُون**: ث. جُوٽِي. ٻہ ڪَنائي – لائِي چائِي – گلا – غِيبَتَ.
– **چُغْلِي هڻڻ**: لائِي چائِي ڪرڻ – ٻرائِي پَچَر ڪرڻ – غَمازي ڪرڻ. غِيبت ڪرڻ.
• **چُغو ج چُغا**: (ت. چوغه) چوغو – ڊگهو ڪوٽُ.
• **چَقْمَقُ ج چَقْمَقَ**: ذ. [ترڪي] پٿر جو هڪ قسم (جنهن مان باهہ نڪرندي آهي لوهہ کي بہ ڪشش ڪندو آهي). ڪَشش – چِڪَ.
– **چَقمَقِي**: ث. چُقَنْدَرَ: ذ [ف. چُقَنْدَر] اوبڙ (ٻاجيءَ) جو هڪ قسم (گوگڙوءَ جهڙو، ٻاجيءَ طور ڪم اچي، هن مان کنڊ ٻڻ ٺهي).
• **چَڪُ**: اسم خاص. ضلعي شڪارپور ۾ هڪ ديهہ ۽ شهر جو نالو.
• **چَڪُ ج چَڪَ**: ذ. ڏندن جو زور – ڏندن سان چِبَ – ڏندن جو زخم. چَٻاڙو. جهَٽُ. وجهُ – پيچُ. ڪُنيارن وٽ ٿانوَن ٺاهڻ لاءِ گول چڪرو. ڪُوهہ جي تِري ۾ اوساري رکڻ لاءِ ڪاٺ جو گول چڪرو – وَنگُ – تِلوَنگُ – شهَونگ. زرعي زمين جو هڪ وڏو حصو.
– **چَڪ بَنْدِي**: ث. زمين جي حدن جي جوڙجڪ جو ڪم – سروي – پيمائش.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **ڇڪُ پائڻ**: ڪنهن جانور، جيت يا ماڻهوءَ وغيره جو ڇڪ وجهڻ. ڄهٽ وجهڻ. ڏاڙهڻ.
— **ڇڪ پوڻ**: سُور جون سُوٽون اُبرڻ. ٻڪ جا مَروڙا پوڻ (پيٽ ۾).
— **ڇڪرُ ۽ ڇڪڙ**: ذ. صفت. ڇڪُ پائيندڙ — ڏاڙهيندڙ. ڇِترو. ڄهٽرُ.
— **ڇڪُ وجهڻ**: ڄهٽُ وجهڻ — ڏندن سان زخم پهچائڻ. فائدي لاءِ ناجائز سوال ڪرڻ — ڪُوڙي دعويٰ ڪرڻ.
— **ڇڪين ماسُ ڇنڻ يا ڇِنڻ**: دشمني رکڻ. وڙهڻ. جاني دشمن ٿي پوڻ — خون جو پياسي ٿيڻ.
• **ڇڪ ۽ ڇڪوڻ**: ث. (سن. ڇِڪلِ) ڪَپ — ڇِڪڙ — ڇِڪڻ. تِرڪڻ. گارو. پوسل ـ چِلهڻ.
— **ڇڪارو**: ذ. صفت. ڪَپ وارو — ڇڪ وارو. ڏٻڻ وارو. ذليل.
— **ڇڪ ڪرڻ**: ڪَپ ڪرڻ — گارو ڪرڻ — خرابي ڪرڻ.
• **ڇُڪ، ڇُڪ**: ث. (سن. ڇِڪا) بيماريءَ جو هڪ قسم (ڇيله ۾ سُور جي هڪ بيماري).
• **ڇُڪ پوڻ**: ڇيلهه جي ڪنهن رڳ جو چڙهي پوڻ سبب سور پوڻ.
• **ڇُڪ ۽ ڇُڪوڻ**: ذ. (پرا. ڇُڪ. سن. ڇُيُت) غلطي — ڀُل — خطا — سَهو — ڏوهه — گناهه.
• **ڇُڪُ ۽ ڇُڪ**: ذ. سُرمي پيهڻ جي روهي — هيڙي — روهيڙو — مصالح وغيره پيهڻ جو پٿر.
• **ڇڪُ آباد**: اسم خاص. تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڇڪاپيٽي (ل)**: ث. ڇناپيٽي — مقابلو.
• **ڇڪارُ ۽ ڇڪارُ**: ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم (جا عموماً گهوڙن کي ڏِي وانگر ٿئي). (صفت) ڇڪر ڏيندڙ — جاسوسي ڪندڙ (چوريءَ لاءِ) — چورن جو همراهه. هيءُ لفظ اڪثر چور سان گڏ استعمال ٿئي "چور ڇڪار". پير ۾ بدبختيءَ جي نشاني ظاهر ڪندڙ ليڪو.
— **ڇڪاري**: ث. چوريءَ سان گڏ ڪم ايندڙ لفظ "چوري ڇڪاري".
• **ڇڪارُ**: ذ. صفت. پرپُور — پرپل — ٽمٽار — تار. (ذ) واسطو — ڪم (ڪ). "مون سان تنهنجي ڳالهائڻ جو ڇڪار ڪونهي".
• **ڇڪاسُ**: ث. بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ پيشاب جا قطرا هر وقت ڇڪندا رهن).
• **ڇڪاسڻُ**: مصدر. جاچڻ — تپاسڻ — ڇڳيءَ طرح ڏسڻ — پرکڻ — امتحان وٺڻ — آزمائڻ — ڇتائڻ — پڌرو ڪرڻ.
— **ڇڪاسُ**: ث. جاچ — تپاسُ — امتحان — پرک.
— **ڇڪاسي ۽ ڇڪاسي**: ڇڪاس ڪندڙ — جاچ ڪندڙ.
• **ڇڪان**: صفت. [ف ڇَڪيدن = ٽمڻ — وهڻ. ڇڪاندن = ٽمائڻ — وهائڻ — ٽيپو ٽيپو ڪري ڪيرائڻ] ڳاڙيندڙ — وهائيندڙ "خون ڇڪان".
• **ڇڪائڻُ**: مصدر. ڪنهن به شيءِ کي قرنقل جي ذريعي پاڻيءَ ۾ ٽهڪائي نڪرندڙ ٻاڦ کي گڏ ڪري پاڻيءَ جي صورت ۾ آڻڻ. عرق ڪڍڻ. اوباري رَسُ ڪڍڻ. جوهر ڪڍڻ. روح ڪڍڻ.
• **ڇُڪائڻُ**: مصدر. ختم ڪرڻ. پورو ڪرڻ. بس ڪرڻ. حدَ ڪرڻ. فيصل ڪرڻ. ڇُڪ ڪرائڻ. پلائڻ. قيمت پُڇڻ. اگهه ڪرائڻ. گهٽو ٺڪائڻ. هُجائڻ. ڏسو "ڇُڪڻ". هلاڪ ڪرڻ. "ڇاڙهيڪن ڇُڪايو وات وراڪا وَرَ" (خان زئي).
• **ڇڪُ بشارت**: اسم خاص. تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ڇُڪت**: ث. ڪنهن به شيءِ جي قيمت متعلق فيصلو. ڏسو "ڇُڪڻُ".
• **ڇُڪتُو**: صفت. ڇُڪايل — قيمت ڪٽيل — مُلهه ڪيل — (ظرف). سمورو — سڀ — پُورو — پهچايل — ادا ڪيل — بي باق.
— **ڇُڪتو ڪرڻ**: وهنوار ڪرڻ (ليکو). حساب ڪتاب صاف ڪرڻ. آخرين قيمت يا رقم مقرر ڪرڻ.
• **ڇڪڻي ۽ ڇڪڻيُون**: ث. (سن. ڇَڪر + پَترِڪا) هُرلي جي ڪاٺڻ ۾ هٽڻ لاءِ ڪاٺيءَ جو ٽُڪر. هيڙيءَ جي مُني کي ڍڪڻ واري ڪاٺي. ڇيچڙي جو هڪ حصو.
• **ڇڪُ جاگير**: اسم خاص. بدين ۽ ٽنڊو محمد خان تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
• **ڇُڪجڻُ**: مصدر. "ڇُڪڻ" مان فعل مجهول. بس ٿيڻ — ختم ٿيڻ — ٺڪجڻُ — ڪُهجڻ — ڪَٽ ٿيڻ — پُورو ٿيڻ.
• **ڇڪ ڇڪ ڪرڻ**: ڳِتڪا ڪرڻ — افسوس ڪرڻ.
• **ڇڪڇڪو ۽ ڇڪڇڪا**: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.
• **ڇڪڇُورُ ۽ ڇڪڇُور**: ذ. صفت. ڇڪناچُور. ناس — زخمي. گهايلُ — وَڍيلُ. بي آرام. سخت ٿَڪل.
— **ڇڪچُور ٿيڻ**: ڇڪناچور ٿيڻ. پڇي پورا ٿيڻ. زخمي ٿيڻ. چاڪَن ڪان چُورُ ٿيڻ. تمام ٿڪجي پوڻ.
• **ڇڪرِ**: ث. نار جو هڪ ڇڪرو (جو لَٺ کي ڦيرائي) — ڇَڪل.
• **ڇڪرُ ۽ ڇڪرُ**: ذ. [سن. ڇڪرم] گول — گهيرو — دائرو —

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گولائي – وارو – ور – ڦيري – پنواٽي – باب (ڪتاب جو) – فصل – شيل – سير – گشت – هشيار جو هڪ قسم – ڪناري – ترار ڦيرائڻ جي مشق – مصيبت – گردش – چڪرو – ڦيٽو – چڪ.

– **چڪر اچڻ:** ڦيرو اچڻ. گهمرو اچڻ. ڦيري ٿيڻ. پنواٽي ٿيڻ. پور پوڻ. خيالن ۾ تبديلي اچڻ.

– **چڪراٽون:** ذ. صفت. چڪر وارو – گولائي وارو – ڦيري وارو.

– **چڪر چلائي ڇڏڻ:** مٿو ڦيرائي ڇڏڻ. وائڙو ڪري ڇڏڻ. حيران ڪري ڇڏڻ.

– **چڪردار:** ذ. صفت. ڦيري يا وٽ وارو. گول گول.

– **چڪر ڏيڻ:** گهمڻ – سير ڪرڻ – گهمرو ڪرڻ ڦيرو ڏيڻ – وڪڙ ڏيڻ.

– **چڪر کائڻ:** ڦرڻ – گردش ڪرڻ – چڪر ڏيڻ – ٿورو گهمي ڦري اچڻ.

– **چڪر لڳائڻ. هڻڻ:** گهمڻ – سير ڪرڻ – هرهر اچڻ – ڦري ڦري اچڻ – وري وري اچڻ.

– **چڪر منڊڻ (ڪ):** گهيرا گهمرا ڪرڻ.

– **چڪرورتي:** ذ. صفت. اهو راجا جنهن جو رٿ سجي دنيا تي بنا روڪ گهمي سگهي. روءِ زمين جو حاڪم.

• **چڪر:** وار.

• **چڪرائو:** ذ. چڪ – گپ – راڦو. (صفت) گپ وارو.

• **چڪرائون:** ذ. پرت جو هڪ قسم.

• **چڪرو:** ڪبوتر جو هڪ قسم. پرت جو هڪ قسم. (اسم خاص) تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **چڪرو ج چڪرا:** ذ. [سن. چڪرم = گهيرو] گول – گهيرو – چڪر – ڪابه گول شيءِ. ڦيٽو – چاڪ. ماني ٽڻڻ جو ڪاٺ جو گول ٽڪر.

– **چڪرائون:** ذ. صفت. چڪري وارو – گول.

– **چڪريدار:** ذ. صفت. گول – گولائيءَ وارو. ڦيريدار – گولائيءَ سان.

• **چڪري ج چڪريون:** ث. ڪابه گول شيءِ. گهيرو. ننڍو چڪرو. پارن جي هڪ راند جو نالو. نار يا هرلي ۾ ڪم ايندڙ هڪ گول ڪاٺي. ڦيري – ويڙهه – لڙائي – بحث – مقابلو.

– **چڪري (چڪريون) ڏيڻ. کائڻ:** مقابلو ڪرڻ. ويڙهه ڪرڻ. خوب بحث ڪرڻ.

• **چڪڙ:** ث. چڪ.

• **چڪڙ ج چڪڙ:** صفت. چڪ ۾ پيريل. چڪ جهڙو. ميرو – ڪنو – سٽپ ۾ جهبيل. سٽپ ۽ مٽيءَ ۾ لٿڙيل.

• **چڪڙو ج چڪڙا:** ذ. "چڪو" جو اسم تصغير. ٿورڙو چڪو – ڏڪڙو.

– **چڪڙو پيئڻ:** ڏڪڙو پيئڻ. ڀنگ ڦڙي پيئڻ. شراب جو ڍڪ پرڻ. نشيدار شيءِ پيئڻ.

• **چڪ فريدآباد:** اسم خاص. تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **چڪلو ج چڪلا:** ذ. [سن. چڪرُ لڪُهه = گول تختو] چڪرو. گول تختو. ماني ناهڻ لاءِ ڪاٺ جو گول چڪرو. فاحش مائهن جو اڏو. لال بازار.

– **چڪلائي:** ذ. صفت. چڪلي وارو. چڪلي ۾ ويندڙ. حرامڪار – بدڪار – زاني – زنا ڪندڙ.

• **چڪلي ج چڪليون:** ث. ڇوڪرين جي هڪ راند (ڇوڪريون هٿ هٿن سان ملائي گول چڪرو ناهي ڦرنديون آهن ۽ چونديون آهن: "چڪلي پايان، پير گسايان، پيرَ ۾ ڪنڊو، سهرو تنهنجو منڊو").

• **چڪم:** ذ. [ف. چڪن] سنهي ڪپڙي تي پرت جو ڪم – چڪمدوزي. پڪهڪ جي مٽ. پرت جو هڪ قسم.

– **چڪمدوز:** ذ. صفت. پرت جو ڪم ڪندڙ – زريءَ جو ڪم ڪندڙ. سيم يا زريءَ جو پرت پريل ڪپڙو.

– **چڪمدوزي:** ث. زريءَ جو ڪم. پرت جو ڪم.

– **چڪمي:** ذ. صفت. پرت پريل ڪپڙو.

• **چڪمو ج چڪما:** ذ. دلبو – دم دلاسو – فريب – دوکو.

– **چڪمو ڏيڻ:** دلبو ڏيڻ – فريب ڏيڻ – ڪوڙو دلاسو ڏيڻ.

• **چڪن (ٿ):** ذ. رت جو هڪ قسم.

– **چڪندوز:** ذ. صفت. چڪمدوز.

– **چڪندوزي:** ث. چڪمدوزي.

• **چڪناچور، چڪناچور:** صفت. پڪل – ٽنل – پرزا پرزا – ٽڪر ٽڪر. پرزل. هڏ گڏ جهريل. ٿڪل – هجيل. ناس – چٽ.

– **چڪناچور ٿيڻ:** پرزا پرزا ٿي وڃڻ – ٽڪر ٽڪر ٿيڻ. هڏ گڏ پچي پورا ٿيڻ. ٿڪجي پوڻ.

• **چڪنو ج چڪنا:** ذ. صفت. سٽيو – روغني. لسو – ترڪٽو. چلڪٽو (ڪاغذ وغيره). (ث. چڪني ج چڪنيون). ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— **چِڪْنائِي**: ث. سٽپ. چَربِي. لَسائِي.

— **چِڪْنو گهَرِو:**

• **چِڳَنِي ج چِڳَنِيُون**: ث. سوپاريءَ جو هڪ قسم — چالِي.

• **چِڪَڻِ**: ث. چِڪَ. چِيڪِي گَپَ. تِرڪِڻِي زمين — تِرڪَڻِ. مُصيبت.

— **چِڪَڻِ بوٽُ**: درياءَ مان مِٽِي ڪڍڻ جي مَشين.

— **چِڪَڻِ مان ڇُٽڻُ**: گَپَ مان نڪرڻ. مُصيبت مان آزاد ٿيڻ — آزمايش مان ڪامياب ٿي نڪرڻ.

• **چِڪَڻُ**: مصدر. [ف. چڪيدن] عرق نڪرڻ. ٽِمَڻ — ٽِيپو ٽِيپو ٿي وَهڻ — اُبرڻ — ٽِهڪڻ (پاڻي وغيره) — ڳَرَڻ. سِمَڻُ. ڦَٽَ جو پُونءِ وغيره ڇڏڻ. زخم جو سُتت نہ ڇُٽڻ — مرض ۾ گهڻو وقت مبتلا رهڻ — ڦَٽُ اُٿلي پوڻ. "چِڪي پيا آهن چاڪَ. پنهل ڪارڻ پنڌ ۾" (شاهہ).

• **ڇُڪَڻُ**: مصدر. ختم ٿيڻ — پورو ٿيڻ. ٽَڪِجَڻُ — هلاڪ ٿيڻ. ماندو ٿيڻ — بيزار ٿيڻ. فيصل ٿيڻ. غلطي ڪرڻ — ڇُڪَ ڪرڻ.

— **ڇُڪِي پوڻ. وڃڻ**: ٽڪجي پوڻ. پورو ٿيڻ. فيصل ٿيڻ. ضعيف ٿيڻ.

• **ڇَڪو ج ڇَڪا**: ذ. گول شيءِ. ڪنهن شيءِ جو گول ٽُڪر — ڳِنڍو (ڪَونر وغيره جو). مٺائي وغيره جو ٽڪر. جميل ڪيرجي ٽِڪي.

• **ڇَڪُن ڇَڪُون**: ذ. ميوي جو هڪ قسم.

• **ڇُڪو ج ڇُڪا**: ذ. ڏُڪُ — سُرڪَ — لَپَ ڪن.

• **ڇَڪورَ(ت)**: ث. ڳِٽِتي — اُڻ تُڻ — فِڪر.

• **ڇَڪورُ ج ڇَڪورَ**: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (جنهن لاءِ چيو ٿو وڃي تہ چنڊ تي عاشق آهي، خصوصاً چوڏهينءَ جي رات چنڊ ڏانهن اُڏامندو آهي ۽ آخر ٿڪجي ڪِري پوندو آهي) — تِتِرَ جي قسم جهڙو جابلو پکي (رنگ اڇو ۽ خاڪي، ڪارن پَٽن سان).

• **ڇَڪُو ج ڇَڪُوا**: ذ. ڇَڪُئُو — هڪ پکيءَ جو قسم.

• **ڇَڪِئا**: ث. (سن. چِڪِتسَڪَهُ) مرض جو علاج — بيماريءَ جو دارُو دَرمَلُ.

— **چِڪِئا ڪرڻ**: علاج ڪرڻ — دوا درمل ڪرڻ. "پاڻ ئي ٻَڌَن پَٽِيُون، پاڻئي چِڪِيا ڪن" (شاهہ).

• **ڇَڪُئُو ج ڇَڪُوا**: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (ڇُهنب ۽ پيرن جون آڱريون ٻَدَڪ جهڙيون ٿين. پاڻيءَ ۾ بہ تري سگهي. هَنجهہ جهڙو ٿئي، تنهنڪري ڳاڙهو هَنجهہ بہ چَوَنس).

• **ڇَڪِي ج ڇَڪِيُون**: ث. گول شيءِ. جنڊ — جانداهہ. صابڻ جي ٽِڪي. ٽَڏار يَل نَنڍڙو پوٽو — ٽَڏو.

— **ڇَڪِي پٽڻ**: بنياد ڪڍي ڇڏڻ. پارون پٽي ڇڏڻ.

— **ڇَڪِي هٿڻ**: پوٽو هڪ هنڌان ڪڍي ٻئي هنڌ هٿڻ.

• **ڇُڪِي**: ث. سُرڪي ٿورڙو ڏُڪ — ڇُڪڙو. ڇُڪِي ريل — سخت ٽَڪل.

— **ڇُڪِي پيئڻ**: ڏُڪڙو پيئڻ (ڀنگ وغيره جو).

• **ڇَڪِيْڪو**: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

• **چِڪيں چِڪيهُ (ڪ ڪ)**: ذ. وَنْواهَ ۾ ڪُنوارِ کي اُبٽڻ هڻڻ. اُبٽڻ.

• **ڇَڪُ(ت)**: ذ. ٻاهريون ڏيکاءُ. عيب.

• **چِڪَ ج چِڪَون**: ث. [ترڪي. چِق] دروازي تي لٽڪائڻ جو پڙدو (جو ٻانْس، تيلِيُن يا ڪانن وغيره مان ٺهيل هجي).

• **ڇُڪَ ج ڇُڪَون**: ث. ٽَڪَرُ. ٽَڪرِيْ يا جبل جي ڪُنڊ جا ٻاهر تي نڪتل هجي. ڇُڪي — چوٽي (جبل يا ٽَڪر جي) — ڇُونْهَنْ (ڪ). اها جاءِ جتان درياهہ موڙ کائي. نوڪ — ڇهنب — ذرو — لِڇَ — لَغارَ (عشق جي). رنج — درد — پِيڙا — آزارُ (عشق جو).

• **ڇڪاڇوڪي ڪرڻ**: سواد چکڻ. ذائقو وٺڻ.

• **ڇَڪائِڻُ**: مصدر. "چَکَڻُ" مان متعدي بالواسطہ. سواد وٺائڻ — ذائقو وٺائڻ — هيرائڻ.

— **ڇَڪائِڻ، ڇُڪائِڻ (ت)**: رشوت تي هيرائڻ. رشوت ڏيڻ. ناجائز فائدو ڏيڻ.

• **ڇُڪ ڇُڪِ**: ث. سُورَ جو ڇِيڪار. آنڌ مانڌ — بيقراري — بي آرَامي.

• **ڇَڪَرُ، ڇَڪَرُ (ت)**: ذ. ڀَرَڻِ ـ ڇَرخي — ڦيري — چڪرو — گهُمرو.

• **ڇَڪْرو ج ڇَڪْرا**: ذ. پاڪڙو. "ڇڙهي چوڪين چکرين. وڃ ۾ چلي چارڻ چوءِ" (خٽنگ پٽ).

• **ڇَڪُرو ج ڇَڪُرا (ڪ)**: ذ. ڪاري پاڻيءَ جو چشمو. ڪراچي شهر لڳ گبولن بلوچن جو ڳوٺ.

• **ڇُڪَرُ ج ڇُڪَرَ (ل)**: ذ. ڇِتَرُ. ڪنهن شيءِ جي مٿئين حصي جو ٽُڪر.

• **ڇَڪَرِينْ (ث)**: پرت جو هڪ قسم.

• **ڇَڪَسَ ج ڇَڪَسون**: ث. [سن. چَڪْشُ = اَکِ] اَک.

• **ڇَڪُ مَڪُ**: ذ. سينگار (جو پنهنجو پاڻ تي ڪيو وڃي).

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

• چَنڊ (چنڊَن): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. حيدرآباد شهر ۾ "چنڊرن جو ڳوٺ". پرت جو هڪ قسم.
• چَنڊ ج چَنڊَ: ذ. (سن. چَنڊرَ) قمر – ماهتاب – چَنڊرُ – چَنڊرُ مانُ.
– چَنڊران چَنڊُ: هر مهيني جي پهرين تاريخ. مَهيني سِر – مهيني مهيني – ماهواري.
– چَنڊرالو: ذ. صفت. چنڊ وارو – قَمَري.
– چَنڊُ بيهَڻُ: مهيني جي پهرين تاريخ ٿيڻ. مهنو پورو ٿيڻ.
– چَنڊُ جو ٽُڪرو: ذ. صفت. ماه پاره. نهايت خوبصورت.
– چَنڊ جو پِڙُ: ذ. چنڊَ جو هالو – دائرو.
– چنڊ جو ڏِيهن: ذ. قَمَري مَهيني جي پهرين تاريخ.
– چَنڊ جهلجَڻ: چنڊ گرَهَڻُ ٿيڻ.
– چَنڊرات: ث. قمري مهيني جي پهرين رات.
– چنڊَ گـرَهڻُ: ذ. چنڊ جو ونجي ڪاري ٿيڻ جي حالت – خُسُوفُ.
– چنڊ وَنجَڻ: چنڊ گـرَهڻ ٿيڻ.
– چنڊُولُو: ذ. صفت. نئين چنڊ جو.
• چَنڊالُ ج چَنڊالَ: ذ. صفت. چنڊالُ – چَنڊو – نِياڳو – مَنحُوس. ڏسو "چنڊو".
• چَنڊالُ ج چَنڊالَ: ذ. صفت. (سن. چَنڊال) جنهن جو پيءُ شُودَرُ ۽ ماءُ برهمڻِ هجي. گهٽ ذات وارو. نِيچُ. ڪميڻو. مُڙدا ساڙيندڙ. مَسانِي. چَنڊو – نياڳو – مَنحوس – بخيل – شُوم.
– چَنڊالنِ جي چَونڪِڙي (چَوڪِڙي): ث. شرير ۽ فسادي ماڻهن جي جماعت. بدڪار ماڻهن جي جماعت. بدمعاشن جو ٽولو.
• چُنڊَڻُ: مصدر. (سن. چَيَنُ) چُوندِڻُ. لِڙي ڪرڻ (ڪ).
• چَنڊو ج چَنڊا: ذ. صفت. (سن. چَنڊَ = ڪَهري. چَڊَ = ڪِروڌ ڪرڻ) نِياڳو – مَنحوس – بدبخت – ڪم بخت – بد نصيب – نِيچُ. چنڊالُ (ث). چَنڊِي ج چَنڊِيُون.
– چَنڊائو ج چنڊائا: ذ. صفت. چنڊي جو – نِياڳي جو.
– چنڊائي ج چنڊائِيُون: ث. نياڳائي – بدبختي – نَحُوست.
• چَنڊُو ج چَنڊُو: ذ. (سن. چَڊَ + اَڪ) نشي استعمال ڪرڻ جو هڪ طريقو (موالي ڪَنڌَ ڪوٺي ان ۾ آفيم وجهي ڪَنڌ جي هڪ پاسي ڪان نڙو وجهي پوءِ آفيم کي باه ڏيئي حُقي وانگر ڇِڪيندا آهن).
– چَنڊُوباز: ذ. صفت. چنڊو ڇِڪيندڙ.
• چَنڊوڪُ (ڪ): ث. تَنبُوري کي وَڄائڻ جي ننڍڙي ڪاني – چَنوڪ.
• چَنڊوَلُ ج چَنڊوَلَ: ذ. (سن. چَرَڻَ + ڏولِ) پکيءَ جو هڪ قسم (سهڻن رنگن وارو پکي، مٿي تي تاج يا چوٽي ٿئيس). چنڊُو.
– چَنڊُلُ بيٺَڻ: چنڊو واپرائڻ – چنڊُو ڇِڪڻ.
– چَنڊولِي ج چَنڊُولِي: ذ. صفت. چنڊُوباز – چَنڊُو واپرائيندڙ.
• چَنڊَ هَلَ: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• چَنڊارَ (ث): ذ. صفت. سربند.
• چَنرِ: ث. ڪوڏِيَنِ راند جو هڪ قسم. چئن ڪوڏِيَن جي راند ۾ چئني ڪوڏِيَنِ جي سُبتِي بيهَڪ – چَلَهرِ.
• چَنَر پسي، لِڏي: ث. راند جو هڪ قسم – چَلَهر راند جو هڪ قسم.
• چَنرِاٽ: اسم خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• چَنرِيجي: اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• چَنَڙ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• چَنِڙا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• چُنَڙِي ج چُنَڙِيُون: ث. چُنِي. پوتي.
• چنـڪارُ ج چنـڪارَ: ذ. هَرَڻَ جو هڪ قسم.
• چَنَڪو ج چَنَڪَا: ذ. صفت. ننڍڙي ۽ سُهڻي ڪوڏِي.
• چنڪَ (ت): ث. بِنَپِي ڳالهه. اِشارو. مِهڻو – طعنو – ٽوڪَ.
– چَنڪ ڏِيڻ: جوشُ ڏيارڻ – چِڙَ ڏيارڻ.
• چَنگُ ج چَنگَ: ذ. [چَنگَلُ = چنبو] چَنبو – مُٺِ – چُنگَلُ. پنجن آڱرين جي بُڪَ ۾ ايندڙ شيءِ. [ف] سازجو هڪ قسم. وات سان وڄائڻ جو هڪ ساز. ڏِگهن وغيره کي ساج لاءِ بِڏل هڪ قسم جو پتل جو چَڙهو يا ساز.
– چَنگِ چاڙهڻ: سوليءَ تي چاڙهڻ. مصيبت ۾ عذاب ۾ وجهڻ. مشهور ڪرڻ. بدنام ڪرڻ.
– چَنگُ چـڙهڻ: سوريءَ تي چڙهڻ – مصيبت ۾ عذاب ۾ پوڻ. پڌرائي ٿيڻ – مشهوري ٿيڻ – ڏنو ٿيڻ. "نہ ڪين هٽ نہ ساٽ، تِهان پوءِ چنگ چڙهان" (رسالو). بدنام ٿيڻ. خراب ڪمن ۾ مشهور ٿيڻ.
• چُنگَ ج چُنگُون (ل): ث. چُونگَ – چوڪَ – ٽورو – ذرو.
• چَنگارُ ج چَنگارَ: ذ. (سن. چَنگورِڪَ) [ف. چَنگير] ٽوڪري – چَبو.
• چَنگالي ج چَنگالِيُون: ث. چانورن جي ٿالهي. چُورِي –

اچڻ – وڏي نقصان ۾ پوڻ – ڏاڍو پڇتائڻ.

– **چوٽيءَ تارو ج چوٽيءَ تارا:** پڇڙ تارو.

– **چوٽيءَ تان ڪرڻ:** مٿاهين درجي تان گهٽ درجي تي پهچڻ. امير مان غريب ٿيڻ.

– **چوٽيءَ ڄنڊو ج چوٽيءَ ڄنڊا:** ذ. صفت. تمام نياڳو – بلڪل منحوس. نامراد. وڏو بدبخت.

– **چوٽيءَ ڄنڊو هئڻ:** تمام نياڳو هئڻ. بيڪار هئڻ.

– **چوٽيرُ ج چوٽيرا:** ذ. صفت. چوٽيءَ رکايل – اهو ماڻهو. جنهن کي چوٽي رکيل هجي. واڻيو. مهتو – چوٽرُ.

– **چوٽيءَ ڦُلُ:** ذ. ڳَهه جو هڪ قسم (چانديءَ جو ڦُل. جيڪو وارن ۾ انهيءَ هنڌ هڻبو آهي. جنهن هنڌان چوٽي شروع ٿيندي آهي).

– **چوٽي ڪرڻ:** ڳُتَ ناهڻ – وارن کي ڦٽي ڏيئي ڳُتُون ناهڻ. حد ڪرڻ – انتها ڪرڻ. ترقي ڪرڻ – چوٽ رسڻ. ڪنهن ڪم ۾ ڪمال کي رَسڻ. آخرين حد تي پهچڻ.

• **چوٽياريُون:** اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **چوٽيرُ ج چوٽيرا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم (جنهن جي مٿي تي اُيا ڪُني ٿين). ڏسو "چوٽي".

• **چوٽيهه:** صفت. (پرا. چُئِيسا. چَتُس – ترِنشَتْ) هڪ عدد جو نالو. (۳۴) – ٽيهه ۽ چار.

• **چُوٽُ ج چُوٽَ:** صفت. ڪنجوس – مرچوٽ – بَخيل.

– **چُوٽاٺو ج چُوٽاٺا:** ذ. صفت. ڪَنجُوس جو – ڪَنجُوس وارو.

– **چُوٽائي:** ٿ. ڪَنجُوسي – بَخل.

– **چُوٽي ج چُوٽيون:** ٿ. صفت. بخيل (عورت).

• **چوپَ:** ٿ. سنڌي گَجَر جو مٿيون حصو. اک ۾ ڏک لڳڻ سبب اک جي ڳاڙهاڻ (ٿ).

• **چوپُ:** صفت. گهٽو – تمام. گهاٽو (رنگ) – ڳُوڙهو. تار – تمتار.

• **چوپُ ج چوپَ:** ذ. پاڻيءَ ۾ بيل ڪجي ڪُوٽي. بصر وغيره جو پوکڻ وارو ٻِجُ.

• **چوپارُ (ڪ):** ذ. گاهه جو هڪ قسم.

• **چُوپاڪَرُ (ت):** ذ. گاهه جا ڏانا يا ڪانن جا سخت ٽڪر (جي جانور چٻاڙي نه سگهي ۽ وات مان ڪڍي ڇڏي).

• **چُوپاڪر (ت):** ذ. نئون ڦٽل گاهه.

• **چُوپائڻ:** مصدر. "چُوپڻ" مان متعدي بالواسطه چُوسائڻ. ڏسو "چوپڻ".

• **چوپائي ج چوپائيُون:** ٿ. چئن پيرن واري (ڍڳي. مينهن وغيره) کَٽَ – چارپائي – مَنجي.

• **چوپايو ج چوپايا:** ذ. صفت. [ف. چهار + پايہ] چئن پيرن وارو – چوپير. جانور – ڍورُ. (هيءُ لفظ اڪثر مينهن. ڍڳي. ٻڪري وغيره لاءِ ڪم اچي). (ٿ). چوپائي ج چوپايون.

• **چَوپٽُ:** صفت. (پرا. چوپٽو. سن. چَتُرپَٽ. چَتُر = چار + پَٽ = ميدان. چئني طرفن کان کُليل ميدان) چَٽُ – برباد – ناس.

• **چوپٽُ (ل):** ذ. پهرئين برسات تي ڦٽل سنهو گاهه.

• **چوپُ جانورَ (ت):** ذ. اٺ پرندڙ جانور – ڍگها جانورَ.

• **چَوپچو:** ٿ. ڳالهه ٻولهه – خبرچار – چوپولُ. عام ذِڪر – ننڍي وڏي جي وات جي وائي. سُٽُس. پڇا ڳاڇا.

• **چَوپڙ ج چَوپڙون. چوپڙيون:** ٿ. (سن. چَتُر = چار + پَٽ = پٽو) هڪ قسم جي مشهور راند – چوسَرِ _ نردبازي – چوپڙ. پرت جو هڪ قسم.

• **چَوپڙ. چوپڙ:** ٿ. [سن. چَتُش + پَٽِڪا] هڪ مشهور راند جا سارِن ڪوڏِين يا ڏارن سان ڪئي ويندي آهي ۽ فقط چار ماڻهو کري سگهندا آهن. پرت جو هڪ قسم (ڪ).

• **چُوپڙڻ (ٿ):** مصدر. مَهْٽِڻ – مَکَڻُ.

• **چَوپڙو ج چوپڙا:** ذ. ننڍڙو ڪتاب – ڪتابڙو. ڏسو "چوپڙي".

• **چَوپڙي ج چَوپڙيُون:** ٿ. (سن. چَتُرپَٽَ. چَتُر = چار + پَٽَ = ڪپڙي جو ٽڪر. تَهُ) ننڍڙو ڪتاب – ڪتابڙي – بَنْدِ ي.

• **چَوپڙُ:** ٿ. چوپڙِ.

• **چُوپڻُ:** مصدر. [پرا. چُوسڻ. سن. چُوش] چوسِڻُ – چُوسي رَسُ ڪڍڻ – چُوس ڏيڻ.

– **چُوپڻي ج چُوپڻيُون:** ٿ. چوپڻ جي حالت.

– **چُوپڻي ج چوپڻيُون:** ٿ. چُوپڻَ جي شيءِ. تيلي يا ڪاٺيءَ ۾ لڳل ڪٽمنڙو (جو اڪثر) ٻار کائيندا آهن).

• **چوپو:** ذ. پوچو – ليپو – راڳو

– **چوپو ڏيڻ:** پوچو ڏيڻ – راڳو ڏيڻ – ليپو ڏيڻ.

• **چوپو:** ذ. گاهه جو هڪ قسم. ول جو هڪ قسم (جنهن جو ساڳُ رڌي کائجي).

• **چُوپو ج چُوپا:** ذ. (سن. چوش = چُوشڻ) چُوپڻ جي حالت. چُوس. چُوپڻ جي شيءِ _ چُوسو. ڏائي – چڪڙ. ڪمند يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **چوڏهن چارو:** ذ. صفت. چوڏهن چارن وارو. "چوڏهن چارو ڪَچڙو" گهٽين واٽن وارو — گهَٽِ واسطو — گهٽِن ڏنڏن وارو.
— **چوڏهَنْ خانوادا:** ذ. چئن پيرن جي سلسلي مان نڪرندڙ بزرگ ۽ انهن جا طريقا (عياضي، ادهمي، هبيري، حبيبي، عجمي، طيفوري، عرضي، سقطي، جنيدي، گاذروني، طوسي، سهروردي، فردوسي).
— **چوڏهن طَبَقَ:** چوڏهن — چوڏهن دنيائون — ست زمينون، ست آسمان.
— **چوڏهَن طَبَقَ ڏسڻ:** پورو گيِاني ٿيڻ — ڪامل ٿيڻ.
— **چوڏهَن طَبَقَ روشن هئڻ:** سڀ ڪجهه ڄاڻڻ.
— **چوڏهين طَبَقَ روشن ڪرڻ:** ڪامل بنائڻ — سڀ منزلون طئي ڪرائڻ.
— **چوڏهُون:** صفت. سلسلي ۾ تيرهن کان پوءِ 14 جو عدد قطاري (چوڏهون نمبر).
— **چوڏهين ج چوڏهيُون:** چَنڊَ جي چوڏهين تاريخ — پُورَن ماسي.
— **چوڏهيَن جو چَنڊُ:** ذ. ماه ڪامل. بدر. (صفت). تمام سهڻو.
— **چوڏهيو ج چوڏهيا:** ذ. صفت. چوڏهن هنر ڄاڻندڙ — حرفتي — چالاڪُ — بدمعاش.
• **چوڏيل ج چوڏيلُون (ت):** ث. چوڏولَ — چئن پينگهَنِ واري ڦرڻي. ڏسو "چوڏول".
— **چوڏيل تي چاڙهڻ:** متي گهمائڻ — گهڻو ڦيرائڻ ـ عزت وڌائڻ — شُهرت وڌائڻ — مشهوري ڪرڻ.
• **چوڙا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **چوڙو ج چوڙا (ڪ):** ذ. نڍو ڪڏو — چڍو — ڏٻو.
• **چوڙ:** ث. [پرا. چُورْ. سن. چُورْڻ + ڪَهُ] چورڻ جي حالت. چُرَ — چُورَتِ (چُرتِ). هُشي — چُرچَ. تَحْرِيڪ — حَرْڪَت — اشارو.
— **چوڙ پچوڙ:** ث. چُر پُر — حرڪت — ڳالهه ٻولهه. يادگيري — ياد ڏيارڻ جو سلسلو.
— **چوڙچَڪور:** ث. چورَتَ — هُشي — چُرچَ.
• **چورُ ج چوڙ:** ذ. صفت. (پرا. چورو. سن. چور) چوري ڪندڙ — پرائي شيءِ لِڪِي ڇُپِي کڻي وڃڻ وارو. دُزْد. چوراٽيو. ڪاٽڪو — ڳَجهَ ڳوهَ ۾ پرائي شيءِ کڻي وڃڻ وارو.
— **چوراٽو، چوراٽيو ج چوراٽا، چوراٽيا:** ذ. صفت. چورُ — چوريءَ جي ڪم کان واقف — چورٽو. ڏسو "چور".
— **چوراڪاري ج چوراڪاريُون:** ث. چوري — چوري چڪاري. چوريُن جي ڏمَ. عام جام چوريون ٿيڻ جي حالت.
— **چوراٽو ج چوراٽا:** ذ. صفت. چورَنَ جو — چوريءَ جو. چورِي ڪيل — چورايَلُ (مال سامان وغيره).
— **چوراٽي باهِ:** ث. ٿوري باهه — جهڪي باهه — ٽِمڪندڙ باهه (جيڪا چورَ جهنگل ۾ لِڪِي ڇُپِي ٻارين).
— **چورُ تپُ:** ذ. رات جو ايندڙ تَپُ.
— **چورِٽو ج چورِٽا:** ذ. صفت. چور — وڏو چور — بدمعاش — چوري ڪرڻ جو ماهر.
— **چورُ چَڪارُ ج چورَ چَڪارَ:** ذ. صفت. چوري ڪندڙ — چوراٽو.
— **چورُ خانو ج چورخانا:** ذ. چورن جي لڪڻ لاءِ ڳجهي جاءِ. ڳَجهو خانو (ميز يا پيتي وغيره جو).
— **چورُ دروازو ج چور دروازا:** ذ. ڳجهو دروازو. لِڪَلُ دروازو. قلعي وغيره جو ننڍڙو دروازو. ڳجهي جاءِ.
— **چورُ ڏنڊُ:** اهو ڏند جيڪو آڏو ڦڏو يا ٻئي ڏند جي پاڙ مان ڦٽي نڪري.
— **چورُ ڏڍي:** گهوڙي سوار چور. چورن جو ٽولو (جو گهوڙن تي چڙهي چوريُون ڪري).
— **چورِڪو ج چورِڪا:** ذ. صفت. چورِجو. چورَ وارو. چوريءَ جو.
— **چور گَپَ:** ث. ڏِٻَڻِ.
— **چورلَڪُ:** ذ. سنهڙو دَرو يا لَڪُ — جبلن جي وچ ۾ تنگ ۽ مُنجهيَل پيچرو.
— **چورنِ مَٽان مورُ:** اصطلاح. چورن جي به چوري ڪندڙ. وڏو چور. ٺڳن سان به ٺڳي ڪندڙ. وڏو بدمعاش. تمام سياڻو چور.
— **چورُ لُنگُ، لَڱُ:** ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم (جا چوپائي مال کي ٿئي، جنهن ۾ چوپايو مالُ چُري پري نه سگهندو آهي).
— **چوري ج چوريُون:** ث. بنا موڪل شيءِ کڻڻ جي حالت. لِڪِي ڇُپِي ٻئي جي شيءِ کڻي وڃڻ جي حالت. سرقو. چورائڻ جي حالت. چوراڪاري.
— **چوريلو ج چوريلا:** ذ. صفت. چورجو — چوراٽو.
— **چوري چَڪاري:** ث. چوري. چورين جي ڏُم چوري وغيره.
• **چُورُ:** صفت. (پرا. چُورُ. سن. چُورْڻُ) پِيٺل — چورو ٿيل. ذرا ذرا ٿيل — پِڳَل — ٽُٽَل — چِڪْنا چُور — ٿَڪل — ڪُٺْيَل — هَڃيَل — هيْسيَل — مدهوش — مَتوالو — ورتَلُ (نشي ۾). غرق — بِدَّل (خيالن ۾).

— **چُورِ ٿيڻ:** ڀيسجي وڃڻ – چُورو ٿيڻ – اتو ٿيڻ. ٿڪجي پوڻ. نشي ۾ الوٽ ٿيڻ.
— **چُورُ چُورُ:** ذ. ڀڳا ڀڳا – ذرا ذرا – پُرزا پُرزا – پور پور.
— **چُور ڪري ڇڏڻ:** ناس ڪرڻ – چَٽ ڪرڻ نشي ۾ غرق ڪري ڇڏڻ.
• **چوراسُ ج چوراسَ:** ذ. ڪمر پٽي ۾ پيل ڇلو (جنهن ۾ تلوار جو مياڻ مٿڙهيل هوندو آهي). (صفت). چَورَسُ – چوپاسو – چئن پاسن واري شڪل جنهن جا چارئي پاسا هڪ جيترا هجن.
— **چوراسي:** ث. چوڪندي – چوپاسي (شڪل). (ظرف). چوطرف. (ث). ڳڻتي.
• **چوراسي (چورياسي):** صفت. (پرا. چَئُراسي. سن. چَترشيت) هڪ عدد جو نالو (٨۴) – اسي ۽ چار – چار ايڪا اٺ ڏهاڪا.
— **چوراسي پِنڊَ:** ذ. هندن جي عقيدي موجب چوراسي جوٽيون.
• **چورا ڪورا:** ث. ڳڻتي – بيقراري – فڪر – آنڌ مانڌ. انتظار – هُر ڪُر.
— **چورا ڪورا ٿيڻ:** خيال ٿيڻ – ڳڻتي ٿيڻ – فڪر ٿيڻ. هُر ڪُر ٿيڻ – انتظار ٿيڻ.
• **چورانوي:** صفت. هڪ عدد جو نالو. (٩۴) نوي ۽ چار – چار ايڪا نوَ ڏهاڪا.
• **چورائڻُ:** مصدر. (پرا. چوراوي. سن. چور + آپَي) چوري ڪرڻ. چوري ڪري کڻي وڃڻ. لِڪائڻ – تِڳائڻ – گُم ڪرڻ. جُهڻ (پاڻي).
— **چورائُنو:** ذ. صفت. چورائِلُ – چوريءَ جو.
• **چورپُتِي:** ث. پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم.
• **چورَٽ ج چورَٽون:** ث. چَرچَ – چورَ – حرڪت. هُشي. بَرغلاءُ. ڏسو "چورڻ".
• **چورَٽ ج چورٽُون:** ث. چانٺَ.
• **چَورَسِ ج چَورَسيُون:** ث. (پرا چَئُرسو. سن. چَترَسَر) چوڪُندو (جنهن جا چارئي پاسا ۽ چارئي ڪُندون هڪ جيتريون هجن).
• **چَوْرَسُ ج چَوَرَسَ:** ذ. اها شڪل جنهن جا چارئي پاسا هڪ جيڏا هجن ۽ ڪُندون ڪُونيون هجن – چوراسي شڪل – چوڪُندو. ڏسو "چَورس".
• **چورسو ج چورسا:** ذ. مُترڪي جو هڪ قسم (جو سونارا ڪم آڻين). بيل گاڏيءَ ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺيءَ جو نالو.
• **چَورِسي ج چورسيُون:** ث. واڍن جو هڪ اوزار – ڪاٺ تي چِٽ ڪڍڻ يا سَلَ ڪڍڻ جو هڪ اوزار. گُندي (ٿ).
• **چورمو ج چورما:** ذ. (پرا. چُورِئُو. سن چُورْڻُ) ڪُٽِي (گيهه ۽ کنڊ ۾ گُوهيل ماني) – چُوري – مليدو. لذيذ کاڌو. سٺيو طعام.
• **چُورَنُ ج چُورَنَ:** ذ. (پرا. چُورْئُو. سن چُورْڻُ) چُورو – سُفوف – ڀورو – پائوڊر.
• **چَورَنگُ ج چَورَنگَ:** ذ. صفت. چئن رنگن وارو. پهلوان – جوانمرد. "چنيسر چورنگ، ٻـ رنگو لوڪ هيو".
• **چَورَنگِي ج چَورَنگيُون:** ث. ٻيڙيءَ کي هلائڻ ۽ ڦيرائڻ لاءِ هڪ ڪاٺي – اولو – ڳَنُ. ٻيڙيءَ مان پاڻيءَ ڪڍڻ جو ڪستو.
— **چورنگي واتيو:** ذ. صفت. وڏي وات وارو.
• **چُورَنْوالو:** اسم خاص. تعلقي اُٻاوڙي ۾ ديهه جو نالو.
• **چورڻُ:** مصدر. (پرا. چُورْئُو. سن. چورڻ) سيرڻ – سورڻ – ريڙهڻ. ٻري ڪرڻ – ڌڪڻ – هَٽائڻ. گُهلڻ. چُرپُر ۾ آڻڻ – حرڪت ۾ آڻڻ – تَحرڪَ ڏيڻ. چيڙڻ – چيڙائڻ. چرچ ڏيڻ. ڀڙڪائڻ – برغلائڻ. آهستي آهستي هلائڻ. وڄائڻ (ساز).
• **چُورَڻُ ج چُورَڻَ:** ذ. (پرا. چُورْئُو. سن. چورْڻُ) چُورو – ٻُورو. سُفوف. پيڻل شيءِ. ڪُٽيَل دوا. ڦڪي.
• **چورو ج چورا (ل):** ذ. چولو.
• **چُورو ج چُورا:** (پرا. چُورْئُو. سن چُورْڻُ) ٻوريل يا ڪُٽيل شيءِ. ڪُٽو – ٻورَ – ٻُورو. ڪُتِر (سوپاريءَ جي). چورمو – ڪُٽِي – چُوري. ٽوئارين جي اصطلاح ۾ سنهون لُوڻ. ڪُڪُڙ جو ٻچو – چُوزو. ماڻيءَ جو چوٿون يا اٺون حصو (ڪ).
• **چوري ج چوريُون:** ث. ننڍڙي ٻار جو چولو يا چولِڙي. ڪَنجرو.
• **چُوري:** ث. هڪ قسم جي ٻوٽي جو نالو.
• **چُوري ج چُوريُون:** ث. (سن. چورْٽڪا) ڪُٽيل گيهه. کنڊ ۽ ماني – ڪُٽِي. چوڏي.
• **چوڙُ (ل):** ذ. ڪنو پاڻي (جو مينهَن جي ويهڻ ڪري خراب ٿي ويو هجي ۽ مال وغيره جي پيئڻ لائق نه هجي).
• **چَوڙُ، چَوڙُ ج چَوڙَ چَوڙَ:** ذ. دوا طور ڪم ايندڙ ٻج جو هڪ قسم (جو خاص ڪري اکين ۾ دٻ طور ڪم اچي) – چَوڻ.
— **چوڙُ چَپَٽ:** ذ. صفت. چَٽ – ناس – نابود – برباد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديکي ڇمڇو.

• **ڇهَڪُ، ڇهَڪُ ج ڇهڪَ:** ذ. [ف. چاڪ] چير – ڦاڙ – زخم – گهاءُ – وڍُ – چيرو.

– **ڇهَڪو ج ڇَهڪا:** ذ. ڇهڪُ. ايذاءُ – سُور. ساڙُ.

– **ڇَهڪو ڏيڻ:** چير ڏيڻ. ايذاءُ ڏيڻ.

• **ڇهڪڻُ (ت):** مصدر. شڪاري ڪُتي جو سوئر تي ڀونڪڻ. ڀونڪڻ – ٻهڻ – ٻاهڻ.

• **ڇهَل:** صفت. [ف] چاليهه.

– **ڇهَل قدمي:** ث. سَير – چڪر – هواخوري.

– **ڇهَل قدمي ڪرڻ:** هوا خوري ڪرڻ – سَير ڪرڻ – ٽهلڻ.

• **ڇهلڙو ج ڇهلڙا (ل):** ذ. مسخري – چرچو.

– **ڇهلڙا ڪرڻ:** مسخريون ڪرڻ. ناز نخرا ڪرڻ.

• **ڇهلُم:** ذ. [ف] چاليهو. شهادت حضرت امام حسين جو چاليهن ڏينهن تي ختمو.

• **ڇهلو ج ڇهلا (ت):** ذ. صفت. لاڏلو – دادلو – سڪيلڏو.

• **ڇهَڻ:** ذ. (پرا. ڇڻهَرُ. سن. ڇنهُ) سُونهن جو نشان. سُونهن – حُسن – خوبصورتي.

• **ڇهنب، ڇهنبُ ج ڇهنبون:** ث. (سن. ڇنج) پکيءَ جي وات جو نوڪدار حصو – منقار. ڪنهن به شيءِ جي نوڪ. موچين جي اصطلاح ۾ وچ تي ٿورو ڏنل ڇمڙو – نُڪو.

– **ڇهنبدار، ڇهنبرُ:** ذ. ڇهنبيارو.

• **ڇهنجُ (ذات)، ڇهنجُ (ت) ج ڇهنجون:** ث. ڇهنب.

• **ڇهنبدار ج ڇهنبدارون (ل):** ث. ٿورو زخم – ڇهڪُ – وڍُ.

• **ڇهنڊڙي، ڇهنڊڙي ج ڇهنڊڙيون:** ث. آڱوٺي ۾ آڱر جي چپ – چپٽيءَ جو مهتو – ڇهنڊي. ايذاءُ ڏک.

– **ڇهنڊڙي پوڻ:** ايذاءُ ٿيڻ. مائٽ کي ڇڪ اچڻ (رت جي).

• **ڇهنڊي ج ڇهنڊيون:** ث. ڇهنڊڙي.

– **ڇهنڊي پائڻ:** ايذاءُ رسائڻ. خبردار ڪرڻ – متوجهه ڪرڻ.

• **ڇهنگُ ج ڇهنگون:** ث. (سن. ڇنج) نونگو. پيڙ (بدن کي).

• **ڇهنگارڻُ (ت):** مصدر. نونگارڻ. ٿورو ڪائڻ. مڇيءَ جو ڪنڍيءَ جي ڪاڏي کي آهستي آهستي پٽڻ.

• **ڇهنگر (ت):** رهڙ – ٿورڙو زخم – چوڪ – اِشارو.

– **ڇهنگر ڏيڻ:** ٿوري رهڙ ڏيڻ – معمولي زخم ڪرڻ – اشارو ڏئي ڇڏڻ.

• **ڇهڻُ:** مصدر. (سن. ڇش = چوسڻ) ڪنهن پاڻيٺ کي جذب ڪرڻ – پيئڻ – پي وڃڻ – جذب ڪرڻ.

• **ڇهو ج ڇها:** ذ. لئي جي وڻ جو سنهو ۽ ڊگهو ڇهبڪُ. ڇڙي – ڇڙهي – لام. ننڍو ۽ ڪچو وڻ (ل). جيت جو هڪ قسم (ڪ).

– **ڇهن مان ڪيڻ:** لڪڻ سان مار ڏيڻ. سٽڻ – ڪٽڻ. سيڪت ڏئي ڀڪو پختو يا نرجو ڪري ڇڏڻ.

• **ڇهو:** ظرف. ختم – ڇٽُ – گُم. هضم. "ڇهوُ تتر گنديءَ ۾" (ٻاراڻو ٻول).

• **ڇهو ڪرڻ:** ڪائي ڇڏڻ – چٽ ڪرڻ – ڦهائڻ – گم ڪري ڇڏڻ.

• **ڇهواڻ:** اسم خاص. (سن. ڇتر + واهُ) هڪ ذات جو نالو.

• **ڇهوڙڻ (ث):** مصدر. چنبڙائڻ.

• **ڇهوڪري، ڇهوڪي ج ڇهوڪريون، ڇهوڪيون (ل):** ث. صفت. اَنگلڻ _ ناز نخري واري. لُچي – چالاڪ – ناتر – تاڪَ.

• **ڇهي ج ڇهيون:** ث. ڪنهن واهه وغيره کي ٻنڌ ڏيڻ ۾ ڪم ايندڙ سنهين آلين ڪاٺين مان ٺاهيل ڳنڍي – ڊڪُ – جَڪُ. ڇڪو – سنهو ڪرهه. ساوڪ (گاهه ۽ وڻن جي).

• **ڇهي ج ڇهيون (ت):** ث. ننڍي ڇڪر جي ڦرڻ واري ڪنڏ – چوهي.

• **ڇٽاڪو ج ڇٽاڪا:** ذ. (سن. ڇڇيد = ٽمڻ) ٽيپو – ڦڙو – قطرو. ٻوند – ڇندو. وڻ يا ڇت مان ٽمندڙ پاڻي (خاص ڪري برسات) جو ڦڙو. ڊڪ. "هوءَ جا پڪ ڀنهون جي. ڇٽان ڇٽاڪو" (شاهه).

– **ڇٽاڪا ڇٽڻ (ت):** ڪنجوسائي ڏيکارڻ – مکي چوس ٿيڻ.

• **ڇٽانئي ج ڇٽانئيون (ل):** ث. ٻرندڙ سنهي ڪاٺي – چوچڙي.

• **ڇٽانڪڻ (ل):** مصدر. برسات جي پاڻيءَ جو ڇت يا وڻ مان ٽمڻ.

• **ڇٽانڪو ج ڇٽانڪا:** ذ. ڦڙو – قطرو – ڇٽاڪو.

• **ڇٽُ ج ڇٽون:** ث. ڪپڙي جو ٽڪر – ريڙ – ليڙ – اڳڙي.

• **ڇئلينج:** ذ. [انگ. Challenge] مقابلي لاءِ سڏُ – للڪار – هوڪار – پڪار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **چٺن:** صفت. "چار" جي عام صورت.
– **چٺن چگن کان پڇڻ:** ڪنِ سُنن ماڻهن سان صَلاح ڪرڻ.
– **چٺن ڏينهن جو چٽڪو:** محاوره. ٿوري وقت جو جٽاءُ – عارضي بقاءُ. ٿورن ڏينهن جي رونق.
– **چٺن ۾ اُٿڻ ويهڻ جهڙو ٿيڻ:** مانائتو يا آبرو وارو ڏسڻ ۾ اچڻ – پاڻ پرو ٿيڻ – عزت، آبرو حاصل ڪرڻ – مانَوارو ٿيڻ.
• **چٺنچَلُ ج چٺنچَلَ:** ذ. [سن. چَنْچَلُ] صفت. هڪ هنڌ نہ بيهندڙ. دادِلو – چَنچَلُ.
• **چٺڻُ:** مصدر. وَهَڻ – تمڻ – ٽيپو ٽيپو ٿي ڳِرڻ. چَوَڻ – آکَڻ.
• **چَوپايو ج چوپايا:** ذ. [پرا. چَئُپاءِ. سن. چَتُشْ + پادَهْ] چٺن پيرن وارو. جانور.
• **چوُ چاءُ چَوُ چواءُ:** ذ. چوڻ چائڻ – چَوڻ آکڻ. سفارش. منٿ ڪرڻ – پارَتَ.
– **چَوُ چاءُ ڪرڻ.** چَوُ چَواءُ ڪرڻ: سفارش ڪرڻ – چَوَڻ چائڻ – چوڻ آکڻ – چَوَڻ چوائڻَ.
• **چَوُدائي:** ث. پسارڪي وکر جو هڪ قسم.
• **چَوُڏَسِ:** ث. [پرا. چئُدَسِي يا چوڏَسي. سن. چَتُرْ + دَشِيْ] چوڏهين تِٿِ جو نالو. چاندوڪِي – پُورن ماسِيْ. (ظرف). چوطرف – چوڌاري – چٺني طرفن کان.
• **چَوُڏيلَ ج چَوُڏيلُون:** ث. [سن. چَتر = چار + دولي = ڏولي] هيٺ مٿي ڦرندڙ پينگهون.
• **چَٺوماسو ج چَٺوماسا:** ذ. [سن. چَتر = چار + ماس (ماه)] چٺن مهينن واري سانده برساتي موسم. (صفت). چٺن مهينن جو – چوماهو.
• **چَٺُوڻ:** ث. [سن. چَتُرْ = چار] ڪنهن تعداد جي چار دفعا هئڻ جي حالت.
• **چَٺُوٽائڻُ:** مصدر. چَٺُوٽو ڪرڻ.
• **چَٺُوٽو ج چَٺُوٽا:** ذ. صفت. [سن. چَتُرْ – چار] هڪ عدد جا چار پيرا. (ث). چَٺُوٽِي ج چَٺُوٽِيون.
– **چَٺوٽائِي:** ث. ٽي پيرا وڌيڪ هُئڻ واري حالت.
• **چَٺيوانُ ج چَٺيوانَ:** ذ. صفت. [چيوَ = ڳالهائڻ + وان = وارو] چيو وٺندڙ – چيو مڃيندڙ – فرمانبردار. حليم. ڏسو "چوڻ".
• **چي:** فعل. چيائين جو مخفف – چيائين – هن چيو.
• **چَياڪرُ ج چَياڪر:** ذ. صفت. چَئيوانْ – چيو مڃيندڙ.
• **چِيْپانڻُ:** مصدر. چِپَڻ – پِيچَڻ – پِيچائڻ. زور ڏيئي پِيڙِڻ. اِشڪَنْجي ۾ دَٻِڻ.
– **چيپات:** ث. چِپَ – دَٻَ – زور – پِيڙَ.
– **چيپائجڻ:** مصدر. "چيپائڻ" مان فعل مجهول.
– **چِيپائو ج چيپائا:** ذ. پيچ – چِپَ – پِيڙَ.
• **چيتِ:** ث. [سن. چيت. چِتْ = خيال ڪرڻ] ڌيان – خيال. هوشياري. ڳِڻتي – چِنْتا. خُودي. پنهنجي هستيءَ جو سُماءُ.
– **چيتا:** ث. چيتِ – خبرداري – هوشياري. ڏسو "چيت".
– **چتائتو:** صفت. سمجهہ سان – عقلمنديءَ سان. چِتَ وارو.
– **چيتِ ڪرڻ:** هوش ڪرڻ – ڌيان ڏيڻ. چِتُ لائڻ – دل لائڻ.
– **چيتَ:** ث. اُها ڪوڏي جنهن جو مٿيون پاسو پَڪِل هجي – گوڏ ڪوڏِي.
• **چيتارڻُ:** مصدر. جاچڻ – چڪاسڻ. چتائڻ – چڱيءَ طرح ڏسڻ. چيتِ ڪرڻ – ڌيان ڌرڻ. ياد ڪرڻ – چِتاءُ ڏيڻ.
• **چيتَنُ:** ذ. [سن. چيتَنُ] مَنُ – چِتِ – روح – ضمير – هوش – سمجهہ – خبردار – هوشياري. آتما. ڀڳوان جو هڪ نالو. (صفت). خبردار – هوشيار – سُجاڳ.
• **چيتَنُ چمتڪار:** پَرماتِما جا عجائب – قدرت جو کيلُ يا جوتِ.
– **چيتَنُ ۽ ڄَڙُ:** ذ. ذي روح ۽ غير ذي روح. (ساهَ واري ۽ بيساهي) ڪل ڪائنات. سموري مخلوق.
• **چيتَنْگُ ج چيتَنْگَ:** ذ. صفت. چالاڪ – سياڻو.
• **چيتَنُ:** صفت. (سن. چيتَنْ) چُرندڙ – جيئرو – محسوس ڪندڙ. آتما – روح – ضمير. عقلمند – سَمجهُو. سُچيتُ – هوشيار.
• **چيتَڻُ:** مصدر. (سن. چيتَنْ. چِتْ = خيال ڪرڻ) سوچڻ – سمجهڻ – ويچارڻ – خيال ڪرڻ. ڌيان ڏيڻ. خبردار رهڻ. سُڌارڻ – درست ڪرڻ. سنوارڻ – هوش ۾ اچڻ.
• **چيتو ج چيتا:** ذ. (سن. چِتَ. چِتْ = خيال ڪرڻ) يادگيري – حافظو. عقل – سَمجهہ – ڄاڻ – ٻُڌي. هوش – خيال – ڌيان. دل – مَنُ.
– **چيتو جاءِ ڪرڻ:** هڪ خيال ٿيڻ – هڪ مَنو ٿيڻ. هوش ۾ اچڻ. حواس درست ڪرڻ.
• **چيتو ج چِيتا:** ذ. (پرا. چِتئُو. سن چِتْرَڪَ) جانور جو هڪ قسم (جو شينهن جي قسم مان، ٻَتَ تي ڪارا چِٽَ ٿينس) – پَلَنگُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گاھ – چاتو.

• **چيچ ج چيچون:** ث. هٿن پيرن جي آڱرين مان ننڍي ۾ ننڍي آڱر.

– **چيچ پائڻ:** پنهنجي چيچ آڱر ڪنهن ٻئي جي چيچ آڱر سان موڙي ملائڻ. محبت جو انجام ڪرڻ – محبت جو اظهار ڪرڻ.

– **چيچ پائي چورڻ:** ريجهائڻ – برغلائڻ "محبت منا يار ڪنهن چيچ پائي چوريا".

– **چيچ چوپاڙو (ث):** ذ. لالچ – رشوت.

– **چيچ لڏڻ:** گهٽي اچ وڃ ۽ ڳُھرا تعلقات هئڻ – گهاٽي دوستي هئڻ.

• **چيچاٽ، چيچٽ ج چيچاٽ، چيچٽ:** ذ. چين چين جو آواز – چيڪٽ – رينڪٽ. گاڏيءَ جي هلڻ وقت ڦيٿن جو آواز. جُتيءَ مان نڪتل آواز.

• **چيچائڻ:** آزارڻ. ظلم ڪرڻ.

• **چيچبائي (ث) ج چيچبايون:** ذ. گلا – غيبت – چغلي – لائي چائي – مُنافقي. لُچائي – شرارت – ڪيتو – جهڳڙو.

• **چيچڙو ج چيچڙا:** ذ. ڪماند وغيره مان رس ڪيندڙ گهاٽي جو هڪ قسم – ڪمند پيڙڻ جو گهاڻو – ڪولهو. پکيءَ جو هڪ قسم – ڪارڪٽچي. (اسم خاص) هڪ ذات ۽ ڳوٺ جو نالو. تعلقي ٺٽي عاقل ۾ هڪ ديھ جو نالو.

• **چيچڙي وارو:** اسم خاص. مول جي اپرندي طرف هڪ جبل جو نالو.

• **چيچڪو ج چيچڪا:** ذ. (سن. چترڪ) گدامڙيءَ جو ٻج – ٻبر جي ڦلڙي جو اندريون تُخم. ٻير جي ڪڪڙي جي ٻجي. پوک جو سلو. ماتا جي ڦوڦيندن تي ٻڌل ڪرنڊ – ڪري. ڏوبين جي اصطلاح ۾ ڳنڍي مان بچيل صابڻ جو ذرو.

– **چيچڪا ڇڏڻ:** مال جو پوک جا ننڍڙا سلا کائي وڃڻ.

• **چيچلا ٿيڻ:** مصدر. بيماريءَ ۾ ڳهڻ – درد ۾ هڇڻ. ڦٿڪڻ – لڇڻ.

– **چيچلا ٿي اٿڻ:** بيماريءَ مان سخت تڪليف ڪاٽيءَ تندرست ٿيڻ. تڪليفون ڪاٽي اٿڻ.

• **چيڇو ج چيڇا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم – هيڙهو.

• **چيخ ج چيخون:** ث. [ف] سنهي آواز سان دانهن – ڪيڪ – ڪوڪ – چيٽ – چيڪ.

• **چيدو ج چيدا:** ذ. صفت. [ف چيده] چونڊيل – نج – ڏٺيل – انتخاب ڪيل عمدو – سُٺو. نيارو. قيمتي. (ث) چيدي ج چيديون.

– **چيدہ:** ذ. صفت. [ف] چيدو – چونڊيل.

• **چيدي ج چيديون:** ث. تزي – تابو.

• **چير ج چيرون:** ث. [سن. پرا. چير. سن. چيرڪ] ڪپڙو. ڪپڙي جي ليرَ – ڪني – وٽ s (ڪپڙي جي).

• **چير ج چير:** ذ. اُٺ جو پيشاب (ث). جيت جو هڪ قسم – چچڙ.

• **چيرانو:** ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وکر (هن جا پن ۽ ڪاٺيون ڦوڏني جهڙا ٿين. سواد ۾ ڪوڙو ٿئي).

• **چيراڙو ج چيراڙا (ث):** ذ. ساهميءَ جو پُڙ – تارازيءَ جو پُڙ.

• **چيراٿو ج چيراٿا (ل):** ذ. ڪنيرن وٽ پاڻيءَ رکڻ جو هڪ ٿانءُ.

• **چيرڻ:** مصدر. [پرا. چير ٿي يا چيريئي سن. چيرُ = چيريت] وڍڻ – ڦاڙڻ (ڪپڙو) – ڏارڻ (ڪاٺي). شڪاف ڪرڻ. ٽڪر ڪرڻ – ياڱا ڪرڻ.

– **چير ج چيرون:** ث. سيرَ – ڦوٽ – شڪاف – ڏار. چيرڻ جو ڪم – وَڍ. ڏسو "چيرڻ".

– **چير ج چير:** ذ. ڦوٽ – ڏار – شگاف. گهاءُ – چهڪ – وڍُ. ڏرز – وٿي.

– **چيرائي چيرائي:** ث. ڪاٺ وغيره چيرائڻ جو معاوضو.

– **چيرائڻ:** مصدر. "چيرڻ" مان متعدي بالواسطه. ڏارائڻ. وڍائڻ. ڦاڙائڻ. ٽڪر ڪرائڻ.

– **چيرجڻ:** مصدر. "چيرڻ" مان "فعل مجهول". وڍجڻ (ڪاٺي).

– **چيرجي رڃي:** ث. جنڊيءَ جي ڪم ۾ ڪاٺ چيرڻ جو هڪ اوزار.

– **چيرُ چير:** ذ. ڦوٽون ڦوٽون. ڦارون. چهڪ چهڪ. ڏارون ڏارون.

– **چيرڦاڙ:** ث. چيرڻ ڦاڙڻ جو ڪم. وڍ ٽڪ.

– **چيرڦاڙ ڪرڻ:** وڍٽڪ ڪرڻ. ياڱا ڪرڻ. آپريشن ڪرڻ.

– **چيرڻ ڦاڙڻ:** وڍي ڦاڙي ڇڏڻ. ڀڃي پورا ڪرڻ. ٽڪر ٽڪر ڪرڻ (ڪپڙو).

– **چيرو ج چيرا:** ذ. صفت. چيرَ جو ڪم ڪندڙ – واڍو – ڊکڻ.

– **چيرُون:** صفت. چيريل.

• **چيرو ج چيرا:** ذ. [سن. چيرَ] ڪپڙي جو هڪ قسم. رنگين پٽڪو. ننڍو ڪپڙو (ڪ). ڦاٽل ڪپڙو – ليڙ – ريڙ (لس).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چندو – قوڙي. وڇور – تفصيل (ت). نوڪر. پوک جو ٿورڙو
حصو. سارين جو هڪ قسم – سڳداسي (ت).
• **چيرولي:** ث. پٿر جو هڪ قسم (جاين ۾ ڪم ايندڙ ٽن قسمن جو
ٿئي: اڇو، ڳاڙهو ۽ ميرانجهڙو).
• **چيره:** صفت. [ف] طاقت وارو – زبردست – دلير. مٿي – اوچو.
– **چيره دَسَت:** ذ. صفت. زور وارو – بهادر. غالب. مغرور.
– **چيره دستي:** ث. زبردستي. غلبو. برتري. طاقت.
• **چيري ج چيريون:** ث. [سن. چيئر] ڳاڙهي يا گلابي رنگ جو
ڪپڙو (جو مڱڻي وقت ڪنوار کي گهوٽ طرفان ملي) رات جو
مٿان وجهڻ لاءِ ڪپڙو يا سوڙ وغيره "چيري آهر پير
ڏگهارجي." ڪفن. ڪپڙي جو ٽاڪيو.
• **چيري ڇپو:** ذ. ڇنر راند جي اها حالت جنهن ۾ ڪوڏين بدران
چيرٽل ڪاٺي جا ٽڪرا استعمال ٿين.
– **چيري ميري، چيرون ميرون:** ث. فضول خرچ – اجايو خرچ –
خرچي ڪاپاڙي. رشوت – بيسود شين تي خرچ.
• **چيري ميري ڪرڻ، چيرون ميرون ڪرڻ:** ڪائي ڪپائي ڇڏڻ –
فضول خرچ ڪرڻ. رشوت طور وٺي ڪائڻ. عيش ڪرڻ – اجاين
شين تي خرچ ڪرڻ.
• **چيڙ ج چيڙون:** ث. چِڙر – ٽوڪ – عِلّ. ٺٺول – مذاق. مذاحيه
نالو. چيڙائڻ جهڙو نالو. چڙ – غصو. ڪاڙ – ڪَج – پوسَر.
• **چيڙ:** ث. [سن. ڪيٽ] ڪيڙ – ڪيئلي. ڪينئون – جيئٽ.
چچڙ. "جهڙي آهي چيڙ، ڪارايي جن ڪن ۾" (شاهه).
• **چيڙ:** ذ. لِڳ لِڳ – لو – ليس. جنبڙندڙ مادو. چيڙهه.
– **چيڙارو چيڙالو:** ذ. چيڙهارو – چيڙهالو – ليس دار – لِڳ لِڳ
وارو.
– **چيڙالائي:** ث. چيڙهالائي – ليس. لِڳ لِڳ واري حالت.
• **چيڙاڪ ج چيڙاڪ:** ذ. ڪاوڙيل – تکو – تيز مزاج – چڙٽو
يڪدم ڪاوڙجي پوندڙ – زود رنج. سوندَ منهون. ٽانڊيءَ تپٽو –
ٿوريءَ ڳهٽيءَ تي چڙندڙ. بدمزاج.
• **چيڙائڻ:** مصدر. ڪاوڙائڻ – غصو ڏيارڻ. رنج ڪرڻ – خفي ڪرڻ
– تپائڻ – تيز ڪرڻ.
• **چيڙلو چيڙهٽو:** صفت. تيسو ڪندڙ – ضدي.
• **چيڙڻ:** مصدر. چيڙائڻ.
• **چيڙهه:** ث. شيشي مان نهيل هڪ قسم جو موتي (جو ڪيترن
ئي رنگن جو ٿئي. سڳين ۾ بين پوڄ جي ڳهڻن ۾ ڪم اچي).

سنهڙو مٽيو. تمام ٿوري – لڪ – ذري. خسيس شيءِ.
• **چيڙهه:** ذ. لو – ليس – لڳ لڳ. چڳڙ (تيل ۾). مٽي ۾
وارن جو ميل. اٺ جو پيشاب.
– **چيڙهارو چيڙهالو:** ذ. صفت. چيڙهه وارو – لڳ لڳ دار
– ڇهندڙ – چنبڙندڙ. اوڙچ – نه ڇڏ – هر وقت ۾ لڳو
رهڻ وارو.
– **چيڙهو ج چيڙها:** ذ. صفت. چيڙهه وارو – چيڙهالو. نه ڇڏ.
اوڙچ.
– **چيڙهو ج چيڙها (ڪ):** ذ. ٻيڙي ٻڌڻ جو واڄهه.
• **چيز ج چيزون:** ث. [ف] شيءِ – وٿ – ٽول – سوڪڙي.
جنس.
• **چيس، چيسار (ت):** ث. چيخ – رڙ – ڪوڪ – دانهن.
• **چيستان:** ث. [ف. چيستان، چيست + آن. چه + است + آن]
ڳجهارت – پرولي – معما – پيچيده معاملو –
منجهيل ڳالهه.
• **چيغ (ڪ):** ث. ٻيڙيءَ جي اڏيرءَ ۾ چونڪ جي وچ وارو حصو.
• **چيف:** صفت. [انگ. Chief] خاص – مکيه. وڏو.
سردار – نواب.
– **چيف آفيسر:** لوڪلبورڊ يا ميونسپالٽيءَ جو انتظام
هلائيندڙ آفيسر (Chief Officer).
– **چيف انجنير:** ذ. وڏو انجنير (Chief Engineer).
– **چيف جج:** ذ. وڏو جج (Chief Judge).
– **چيف جسٽس:** ذ. وڏي ۾ وڏو جج – قاضي القضاه.
(Chief justice).
– **چيف ڪورٽ:** وڏي ڪورٽ – هاءِ ڪورٽ. (Chief Court).
• **چيڪ ج چيڪ:** ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم – رنگين ليڪن
وارو ڪپڙو. [انگ. Chaque] بئنڪ مان پئسن وٺڻ لاءِ
اختيار نامو – ناٽي جي چٺي. [انگ. Check] تپاس –
دوباره جاچ.
– **چيڪ ڪرڻ:** دوباره جاچڻ – تپاس ڪرڻ. خاطري ڪرڻ.
• **چيڪ ج چيڪون (ت):** ث. چيخ – ڪيڪ. هاٿيءَ جي
دانهن.
– **چيڪ ڪرڻ (ت):** پوريءَ کي ڦاسائڻ لاءِ. پوريءَ جهڙو
مصنوعي آواز ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **چيڪاٽُ، چيڪَٽُ ج چيڪاٽ، چيڪَٽ:** (پرا. چڪارَ. سن چيتڪار) ذ. چيچاٽُ – چيچٽُ – ٻن شين جو زور سان گسڻ ۾ نڪتل آوازُ (خاص ڪري گاڏين جي ڦيٿن مان).

• **چيڪائڻ (ت):** مصدر. چيرڻ – ڦاڙڻ (ڪپڙو).

• **چيڪَڙُ:** صفت. تيل ۽ مٽيءَ هاڻو – جهَبُ سٽيو.

• **چيڪَڙُ ج چيڪڙاٽ:** ذ. چيڪاٽُ چيچاٽُ.

• **چيڪڙو، چيڪڙُو:** ذ. ڪنهن ڦرٽيءَ يا ڦيٿي وغيره. خصوصاً جَنڊ جي زور سان ڦرڻ جو آواز.

• **چيڪُلَ ج چيڪُليُون (ت):** ث. پينگهہ جو هڪ قسم – چيڪلو.

• **چيڪلو ج چيڪلا:** ذ. ٻاراڻي پينگهہَ جو هڪ قسم (زمين ۾ ڪُتَلَ هڪ اڀي ڪاٺيءَ جي مٿان ٻي وچ ۾ سوراخ ٿيل ڪمان وانگر وريل ڪاٺي رکي، انهيءَ ڪاٺيءَ جي ٻنهي پُڇڙين ۾ نوڙيُن جون لوڏون ٻڌي ٻارَ انهن ۾ ويهي ڦرندا آهن). ڏانڊي ٻَڪيءَ جوهڪ قسم (ڳيري جيڏو رنگ ميٽائون، ڪارا چٽَ، پيٽُ اڇو ڳِچي ڳاڙهي ۽ سائي رنگ تي).

• **چيڪلي ج چيڪليُون:** ث. ٻاراڻي راند جو هڪ قسم (ٻہ ڇوڪريون آمهون سامهون بيهي هڪ ٻئي جا هَٿ جهلي، ڦيري ڪائيندين ۽ ڦرڻ ۾ "چيڪلي پايان، پيرَ گسايان. پيرَ ۾ ڪَنڊو سَسُٽهين ڪي ڏَنڊو" چونديون رهنديون آهن). ٻاراڻي راند جو ڦيٿو (ت).

• **چيڪَڻُ:** مصدر. (پرا. چڪارَ. سن. چيتڪارَ) سَنهو آواز ڪرڻ – چيڪَٽَ ڪرڻ – چِين چِين ڪرڻ. پکين جو آواز ڪرڻ. رَڙيون ڪرڻ – رَڙڻُ.

• **چيڪٽو ج چيڪٽا (ڪ):** ذ. صفت. (سن. چِڪَڻ) چيڙهو. هَڏَ جون پينون – مضبوط هَڏَ وارو. (ث). چيڪٽي ج چيڪٽيُون.

• **چيڪو ج چيڪا:** ذ. صفت. (سن. چِڪَڻ) لَسو – ترڪٽو. مُلايمُ – نَرْم. (ث) چيڪي ج چيڪيُون.

– **چيڪي مٽي:** ث. لَسي مٽي – اها مٽي جنهن ۾ ڪِرڪَر نہ هجي ۽ پاڻي پوڻ سان ترڪٽي ٿي پوي.

• **چيڪُون:** ذ. [سرائڪي] شاديءَ جي وقت ۾ گهوٽ ۽ ڪُنوار کي هٿڻ لاءِ تيل ملايل اٽو – ٻاٽڻ – اُبٽڻ – پيٺي.

– **چيڪُون لائڻ:** شاديءَ جي وقت گهوٽ ۽ ڪُنوار کي ٻاٽڻُ هٿڻ – اُبٽڻُ هٿڻ.

• **چيلَ (ڪ):** ث. وڻن جو ڪَچو ڦَرُ.

• **چيل ج چيلُون:** ث. (پرا. چِلو. سن. چِلّ) ڪَرُن جي ٻِٽَ – چيرُ. سِرڻ – هِل.

• **چيلُ ج چيلَ:** ذ. وڻ جو هڪ قسم (جنهن جو ڪاٺ جاين جي ڪم اچي). (اسم خاص). ڪنڌ ڪوٽ ۽ بدين تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **چيلاٽو ج چيلاٽا:** ذ. (سن. تَئِلاٽِي) ڏينئو جو هڪ قسم – ڏوگري ڏينئو – قنذاري ڏينئو.

• **چيلاڙي:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **چيلٽُ ج چيلٽ:** ذ. چيلاٽو.

• **چيلغُ (ل)، چيلڪُ (ڪ)، چيلڪَ:** ذ. مُڃ مان ٺهيل نوڙي جا ٻَڪي ٺاهڻ ۾ ڪم اچي اُن نوڙي مان ڪانا سلسلي وار ٻڌبا ويندا آهن. گهٽو ڪري ٻَڪن ۾ اهڙا چار يا پنج چيلغ هوندا آهن.

• **چيلڪَ ج چيلڪُون (ت):** ث. ننڍي والي (ڪنن ۾ پائڻ جي).

• **چيلنگُ ج چيلنگَ:** ذ. نَٿ جو هڪ حصو – چڙي.

• **چيلو ج چيلا:** ذ. صفت. (سن. چيٽَڪَ) ٻالڪو – مُريدُ. طالب – شاگرد – پيرو – مُقَلِدُ. نوڪر – ٻانهو – چاڙتو. (ث). چيلي ج چيليُون.

• **چيلو:** اسم خاص. تعلقي ميروخان ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **چيلو ج چيلا:** ذ. چوپڙ يا چلهر راند جي تختيءَ تي ٺهيل خانن مان اهو خانو، جتي رانديگر ساريُون رکي ۽ انهي خاني ۾ ساري (ڳوٽ) ماري نہ سگهبي آهي. بيل گاڏيءَ جي ڦيٿن جو ٺهيل رستو – چارو – پيچرو. رستو – طريقو. "حيلا ٻيا وسيلا، چِٽ تان ويام چيلا" (آسرداس).

• **چيلهہ، چيلهہ ج چيلهُون، چيلهيُون:** ث. بدن جو هڪ حصو – ڪَمَر ـ ٻيٺ.

– **چيلهہ ڀڃڻ:** هيٺو ڪرڻ – شڪست ڏيڻ. سزا ڏيڻ – ڌڪ ڏيڻ.

– **چيلهہ ڀرجي وڃڻ (ت):** چيلهہ ۾ سُور پوڻ. عورت کي وِيَمَ جا سُور ٿيڻ.

– **چيلهہ جهلي ويهي رَهڻ:** بي همت ٿي ويهي رهڻ. ڪنهن سخت صدمي سبب دل شڪستو ٿي، ويهي رهڻ.

– **چيلهہ سڌي سَنْئين ڪرڻ:** سُمهڻ – اهلڻ – آرامِ ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• **چيهاٽ ع چيهاٽون (ٽ):** ٺ. ڦاڙ (ڳدري. انب وغيره جي).
• **چيهاڙ ع چيهاڙيون:** ٺ. ريڙ. پُرزو – ذرو – ٽُڪر. رڙ ـ ڪيهہ.
– **چيهاڙيون ڪرڻ:** ذريون ذريون ڪرڻ. "ڪٺي انهن ڪاڻ مون هت چيهاڙيون جولي" (بجل). پُرزا پُرزا ڪرڻ – ٽڪر ٽڪر ڪرڻ.
• **چيهالي (ٽ):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **چيهَلُ ع چيهَل (لس):** ذ. هَـرَڻُ.
• **چيهو:** اسم خاص. ضلعي نوشهري ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهہ جو نالو. 'چيهو ۽ پڊ'.
• **چيهو ع چيها** ذ گاهہ جو هڪ قسم – (جو مينهن جي اوائلي وسڪاري ۾ اُڀري – اُن جي رَس ۾ ڳاڙهو رنگ ٿئي – جڏهين ننڍو ۽ ڪچو هجي تڏهين انکي "چيهو" چئجي – مال ڪائيندو تہ ڇپ ڳاڙها ٿي پوندن – ماٺهو پير اگهاڙا ڪري هلندا تہ ڳاڙهيرا ٿي پوندا) – ڪلورو. "لاڙ لٺيندي وچڙا. چيٺهي پير رتاس" (جام مراد علي). پکيءَ جو هڪ قسم. ڪاري رنگ وارو ڏانڊُ (ٽ).
• **چيڻُ:** ٺ. ڏاگهہَ – چڪيا. سُوري. آزار. داغ.
– **چيڻُ چاڙهڻ:** سوريءَ چاڙهڻ. آزار ۾ وجهڻ. سورن ۾ وجهڻ. "مون کي چاڙهي چيڻ. ويو وڻجارو اوهري" (شاهہ).

*(All Rights reserved with the Sindhi Adabi Board)*

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| Ist | Edition | 1981 | 4000 | Copies |
| 2nd | Edition | 2007 | 1000 | Copies |

**[Price: Rs. 350-00]**

***To be had from***
**SINDHI ADABI BOARD KITAB GHAR**
Tilak Incline, Hyderabad
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
**E-mail Address: sindhiab@yahoo.com**
**Website: www.sindhiab.com**

Printed by Sindhica Acadmy & Published by Aijaz Ahmed Mangi Secretary Sindhi Adabi Board, Jamshoro Sindh Pakistan

**www.sindhsalamat.com** **books.sindhsalamat.com**

A COMPREHENSIVE

# SINDHI DICTIONARY

OF CLASSICAL & CURRENT SINDHI

Vol. II (ڀ - ڇ)

COMPILED
UNDER THE SINDHI ADABI BOARD'S DICTIONARY PROJECT
DIRECTED BY
**DR. N. A. BALOCH**

EDITED BY
**DR. N. A. BALOCH**

**SINDHI ADABI BOARD**
**Jamshoro Sindh**
**2007**

**www.sindhsalamat.com** **books.sindhsalamat.com**